# اهي ڏينهن، اهي شينهن

(جلد ٽيون)



پير علي محمد راشدي

سنڌي ادبي بورڊ



علی محمد راشدی

قانونِ باغبانيءُ صحرا نوشته ايم

جلد ٽيون

# اُهي ڏينهن، اُهي شينهن

[ٽن جلدن ۾]

"جنهن جي رات، تنهن جو ڏينهن ،
جنهن جو مدن، تنهن جو شينهن."
_مدن فقير.


## پير علي محمد راشدي



## سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2009ع

(سمورا حق واسطا بحق سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو محفوظ آهن)

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | جون 1981ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2006ع | تعداد هڪ هزار |
| ڇاپو ٽيون | سال 2009ع | تعداد هڪ هزار |

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ.
اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي.
استعمال نٿو ڪري سگهجي

قيمت: ٻه سؤ ويهه رپيا
**[ Price Rs. 220 -00 ]**

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ انچارج مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سوانح نگاري ادب جي هڪ اهم صنف آهي. سنڌ ۾ سوانح نگاري مغل دور ۾ شروع ٿي ۽ پهريون سوانح نگار ميرمحمد معصوم بکري هو، ان کان پوءِ وڏو نالو مير علي شير قانع ٺٽوي آهي. جديد دور ۾ مولانا دين محمد وفائي ڪتاب 'مشاهير سنڌ' (ٽن جلدن ۾) لکي جديد سوانح نگاريءَ جو بنياد وڌو. ان کان پوءِ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، سائين جي.ايم.سيد، پير علي محمد راشدي، سيد حسام الدين راشدي، مخدوم طالب المولىٰ، ڪريم بخش نظاماڻي، محمد اسماعيل عرساڻي، شيخ اياز، جمال ابڙو، نجم عباسي، آپا شمس عباسي، محمد صادق ميمڻ، هري موٽواڻيءَ ۽ ٻين ان ڏس ۾ عاليشان ڪم ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب 'اُهي ڏينهن اُهي شينهن' نه رڳو سوانح نگاري آهي، پر سنڌ جي هڪ صديءَ کان ٻه مٿي جي چشم ديد مستند تاريخ جو پڻ اهم ماخذ آهي. پير علي محمد راشدي سنڌ جو هڪ انتهائي غيرمعمولي ذهين ۽ بي مثل اهلِ قلم هو، جنهن جي علمي، ادبي ۽ تاريخي ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هو هڪ ئي وقت سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسي ٻولين تي درڪ رکندو هو. وٽس هڪ عاليشان لائبريري هئي ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جي شروعات صحافت کان شروع ڪئي ۽ پوءِ سياست ۾ ڀرپور ونندي خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان جُدائيءَ ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيائين. قيامِ پاڪستان واري جدوجهد سان گڏ، بعد واري زندگيءَ ۾ به هن جو سياسي ڪردار نشانبر نظر اچي ٿو. هن ننڍي کنڊ جي ادبي، صحافتي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن کي تمام ويجهي کان ڏٺو ۽ انهن ڪردارن تي جيڪو ڪجهه لکيو، اهو تاريخ جو حصو آهي. هيءُ ڪتاب 'اُهي ڏينهن اُهي شينهن' پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ سوانح نگاريءَ جي صنف ۾ هڪ وڏو اضافو آهي. سنڌي ادبي بورڊ هن جو ٽيون ڇاپو پڌرو ڪرڻ پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهي ٿو.

اميد آهي ته هن اهم ڪتاب کي وڏي چاهه سان پڙهيو ويندو، جنهن ۾ اسان جي ويجهڙ واري ماضيءَ جا سماجي ۽ تاريخي ڪردار شايانِ شان متحرڪ نظر اچن ٿا.

ڄام شورو، سنڌ
اڱارو 5 ربيع الاول 1430هه
بمطابق 3- مارچ 2009ع

**پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي**
سيڪريٽري

# نذرِ عقيدت

## بنام شهيد بي نام

حيدرآباد جي علائقي جا هي قصا حيدرآبادي لشڪر جي ان بي نام سپاهي (UNKNOWN SOLDIER) جي ياد سان منسوب ڪريان ٿو، جنهن مياڻيءَ جي ميدان ۾، انگريزن سان وڙهندي، سنڌ مٿان سر صدقي ڪيو- اهڙي شان ۽ آن سان جو گولين وگهي گهائجي پٽ تي پوڻ کان پوءِ به ترار وهائيندي، وطن جي ڪيترن ويرين کي پاڻ کان پهريان موت جي مُنهن ۾ موڪليندو ويو.

سندس اهڙيءَ بهادريءَ جو داد دشمن کي به ڏيڻو پيو. جنرل نيپئر لاش کڻائي فوجي اعزازن سان آڻي حيدرآباد جي وچ قلعي ۾ دفن ڪرايو، جيئن اهو مرقد منور قيامت تائين سنڌ جي سرويچ سورمن جي دلين ۽ دماغن کي روشن ڪندو رهي. احتراماً پاسي ۾ سڀني کي، هن پنهنجن ٻن انگريز سپاهين جا لاش به پورائي ڇڏيا.

اِن شهيد جي ياد کان وڌيڪ پياري ٻي ڪهڙي شيءِ اسان جي عقيدت ۽ سلام جي حقدار ٿي سگهي ٿي؟

چو اهل دل ز عشق افسانه گويند،
حديث بلبل و پروانه گويند!

# عرض حال

هن سر گذشت جو تعلق عيسوي ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ سان آهي، جنهن ۾ آءُ پاڻ ڇاٽس، نپنس، دنيا ڏٺم، ماڻهن سان مليس، ماڻهپي جي تڪ تور ڪيم.

اهو زمانو هڪ اهڙي انقلاب جو حامل ثابت ٿيو، جنهن جهڙو انقلاب، انسان جي سڄي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن ڪونہ آيو هو. روءِ زمين ان جي دوران ۾ ڪامل مڪمل بدلجي بلڪ سجاٽپ ڪان ٻاهر ٿي ويئي.

* قدرت ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ان سمي ۾ پيدا ڪيا؟ ايڏي تعداد ۾، ۽ هڪ ئي وقت؟

* انساني دماغ، سائنس جي ذريعہ فطرت جا راز پروڙي، ڪيڏا ڪلور ڪري ڇڏيا؟

* زندگيءَ جو ڪهڙو شعبو رهجي ويو، جنهن تي اهي ماڻهو ۽ اهي ايجادات اثر انداز نہ ٿيا؟— اهو سڀ ڪجهہ منهنجين اکين اڳيان ٿيندو رهيو.

* * *

پهريان ان دؤر جي ماڻهن تي غور ڪبو. بـَـ يڪ وقت هي - هي تاريخ ساز شخصيتون دنيا جي اسٽيج تي آيل هيون، يا ٿورو اڳي پوءِ اينديون رهيون [1].

**چين ۾:** سن يات سين، ماؤزي تونگ، چو اين لاءِ، چوتي، چين يسي، چانگ ڪائي شيڪ.

**روس ۾:** لينن، ٽالسٽائي، ٽراٽسڪي، اسٽالين، موسيٰ جارالله.

**آمريڪا ۾:** روز ويلٽ (ٻہ)، ولسن، ٽرومن، ميڪ آرٿر، مارشل، آئزن هاور، ڊليس، اسٽيونسن ۽ پيٽن.

**جرمنيءَ ۾:** قيصر ولہم، هٽلر، هنڊ نبرگ، لڊنڊارف.

**فرانس ۾:** ڪليمنشو، فاش، ڊيگال.

**انگلينڊ ۾:** لائڊ جارج، چرچل، ڪرزن، اسڪوئٽ، مارلي، بونرلا، برنارڊشا، ڪچنر.

---

[1] اينڊز نالا قلم برداشتہ پيش ڪري رهيو آهيان. اها فهرست جامع نہ هوندي. انهن کان سواءِ ٻيا بہ وڏا ماڻهو هئا.

**اٽليءَ ۾:** مسوليني ۽ اينزيو.
**يوگو سلاويہ ۾:** ٽيٽو.
**آئرلنڊ ۾:** ڊي وليرا، ميڪسوني، راجر ڪيسمنٽ.
**چيڪو سلواڪيا ۾:** مساريڪ ۽ ڊاڪٽر بينس.
**ترڪيءَ ۾:** ڪمال اتاترڪ، انور پاشا، سلطان عبدالحميد ثاني.
**مصر ۾:** سعد زغلول، مصطفيٰ نحاس، طہ حسين، ناصر.
**افغانستان ۾:** امان الله خان، نادر شاھ.
**فلسطين ۾:** مفتي امين الحسيني.
**جاپان ۾:** ميجي، هروهٽو، ٽوجو.
**انڊونيشيا ۾:** احمد سڪارنو.
**ويٽ نام ۾:** هوچي منھ ۽ ڊيئم.
**ڪوريا ۾:** سنگمن ري، ڪم ال سونگ.
**برما ۾:** آنگ سين.
**برصغير پاڪ و هند ۾:**[1] قائداعظم محمد علي جناح، علامہ اقبال، مولانا محمد علي جوهر، سر فضل حسين، سر آغا خان، سر سڪندر حيات خان، حڪيم اجمل خان، محسن الملڪ، ڊاڪٽر انصاري، شيخ الهند مولانا محمود الحسن، مولانا ڪفايت الله، مولانا احمد سعيد، مولانا عبدالباري، مولوي فضل الحق، سهروردي، سريندر ناٿ بانرجي، بپن چندر پال، ٽئگور، فيروز شاھ مهتا، بدرالدين طيب جي، مدن موهن مالويا، لاجپت راءِ، بال گنگاڌر تلڪ، گوکلي، مهاتما گانڌي، موتي لال نهرو، جواهر لال نهرو، راجا گوپال آچاريہ، مسز نيڊو، سي آرداس، سڀاش چندر بوس، راجندرا پرشاد، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا ظفر علي خان، علامہ مشرقي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا حسرت موهاني، تيج بهادر ساپرو، نواب بهادر يار جنگ، غلام محمد پرڳڙي، شيخ عبدالمجيد، حاجي عبدالله هارون، مولانا عبيدالله سنڌي، وٺل ڀائي پٽيل، مولانا تاج محمود امروٽي.

سنڌ ۾ بہ ان دؤر ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو آيا جن جهڙا وري سنڌ پيدا ڪري ڏيکاري تہ واھ واھ — پر انديشو اهو آهي تہ شايد ائين ٿي نہ سگهي.

* * *

[1] نالن جو هت اڳي پوءِ اچڻ سندن باهمي تقابلي اهميت جو دليل نہ سمجهڻ گهرجي.

اندازو ڪيو تہ جنهن دؤر ۾ اهي سڀ ماڻهو بہ يڪ وقت دنيا جي اسٽيج تي پنهنجي عمل سان تاريخ سازي ڪري رهيا هوندا، ان دؤر جو ڇا شان هوندو ۽ ڇا اهميت هوندي؟

بيشڪ تباهيون بہ آيون، نقشا بہ بدليا، انسان ويچاري بہ ايترو سٺو جنهن جيترو اڳ ڪڏهن ڪو نہ سٺو هو. پر ان هوندي بہ تاريخ جي انهن ڪاريگرن، فطرت جي انهن ڪارندن، جي پنهنجي شخصي ۽ ذاتي عظمت ڪان انڪار لاءِ گنجائش ڪانہ هئي. عام طرح هي انساني عمل جا بہ پهلو تين تا: انڪار ۽ اقرار، تعريف ۽ تنقيص، اتفاق ۽ اختلاف لاءِ گنجائش هر عمل جي سلسلي ۾ موجود رهي ٿي، دنيا تضاد ۽ تڪرار جو گهر آهي، هڪ ڏر ڪٿي ٿي، ٻي هارائي ٿي. وقتي طور کٽندڙ جي تعريف ٿئي ٿي ۽ هارائيندڙ تي ڦٽ جُٺ پوي ٿي، پر اهو فيصلو تاريخ جو آخري فيصلو ڪونہ ٿو ٿئي، گهڻو ڪجهہ اجا اڳتي پيو آهي، آخري ۽ حتمي فيصلا مستقبل جا معاملا ۽ پري جون ڳالهيون آهن. ٿي سگهي ٿو تہ اُن لاءِ خود آخرت جو انتظار ڪرڻو پوي، جڏهن الله ذوالجلال پاڻ فيصلو فرمائيندو تہ سندس ٻانهن مان ڪهڙا نيڪو ڪار ثابت ٿيا ۽ ڪهڙا بدڪار.

في الحال عرض ڪرڻ جو مطلب صرف هيءُ آهي تہ انساني تاريخ جي ان دؤر ۾ پنهنجي مٿي ڪنهن ڪو نہ گهٽايو، ۽ ان صورتحال جي پيش نظر هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ ۾ تامل تي نٿو سگهي تہ اهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي نموني غير معمولي انسان هئا.

*　　*　　*

منهنجن اکين اهو سارو تماشو ڏٺو. انهن ماڻهن مان ڪن کي ويجهڙائي مان بہ ڏسڻ، بلڪ ساڻن ڳالهائڻ جو بہ موقعو مليو. گهٽ ۾ گهٽ انهن جي ڪارنامن، تحريرن ۽ تقريرن جو نہ فقط غور ڪندو رهيس پر اخباري ڪالمن خواه ميٽنگن ۽ پارليامينٽ سان مطالع ۽ اسيمبلين ۾ مٿن اظهار خيال جا موقعا بہ ملندا رهيا.

هينئر اهي مور تقريباً سڀ مري ويل آهن. هنن ڪنن تي نہ انهن جو آواز پوي ٿو ۽ نہ اکيون انهن کي اسٽيج تي ڏسن ٿيون، پوءِ ٻڌايو تہ ايڏي وڏي ڦيري بعد ڪنهن جي دل تي ڇا گذرندو هوندو؟ ڪيڏي نہ خلا محسوس ٿيندي

هوندي؟ سچ پڇيو ته اڄوڪي انسان جون گهاتيون ۽ غمزا سمجهڻ به مشڪل معاملو ٿي پيو آهي،

قافلو نڪري ويل آهي، هڪ بدقسمت ساهدار رفيقن، همعصرن ۽ همسفرن جي يادين سان دل وندرائڻ ۽ وقت ڪاٽڻ لاءِ رستي تي رهجي ويل آهي، نه هو ڪنهن جي ٻولي سمجهي سگهي، نه هن جي ٻولي ڪو سمجهي سگهي!

* * *

ان اڌ صديءَ ۾ ڇيو ڇا ٿي گذريو؟

(1) ٻه عالمي لڙايون لڳيون، جن ۾ ڪروڙين ماڻهو قتل ۽ بي شمار وستيون ويران ٿي ويون.

(2) عوامي طاقت ۽ عوامي راءِ هڪ زبردست سياسي قوت طور اڀري، جنگين جا فيصلا هٿيارن يا فوجين جي آڌار تي نه پر ملڪي عوام جي تعاون ۽ عملي شرڪت ۽ همدردي جي ذريعي ٿيڻ لڳا. يعني عوام جي قوت ۽ پاور پهريون دفعو انسان جي تاريخ ۾ بطور هڪ فيصلہ ڪن قوت جي اڀريو. (The Age of Peoples Wars had Come)

(3) ڪميونزم آئي ۽ پهرين سٽ اڌ دنيا کي وڪوڙي ويئي.

(4) ايٽمي راز انسان کي معلوم ٿي ويو، ايٽمي بم استعمال ٿيا، انهن کان به وڌيڪ تباهه ڪن نيوڪليئر بم ۽ مهلڪ شعاع تيار ٿيڻ لڳا، ساريءَ دنيا کي دونهون ڪري فضا ۾ مضمحل ڪري ڇڏڻ جي طاقت محض ٻن انسانن جي هٿن ۾ اچي ويئي- هڪ آمريڪا جو صدر، ٻيو روس جو سربراهه. هو جڏهن به گهُرن ٻنڻ دٻائي دنيا کي ڀسم ڪري سگهن ٿا. شال نه منجهان ڪنهن جي ڪَل ٽڙي يا ڪيس قبضيءَ جي شڪايت ٿئي!

(5) سواريءَ ۽ هلڻ چلڻ جي سهولتن، فاصلا ۽ دوريون مٽائي دنيا کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو. اُنن ۽ گهوڙن جي زماني ۾ اهي انديشا ڪو نه هوندا هئا، جيڪي هينئر پيا محسوس ٿين.

(6) معلومات کي عام ڪرڻ جا عجيب غريب ذريعا ايجاد ٿيا. هينئر جهنگن ۽ ويرانن ۾ ٻڪرار به پيا لنڊن، آمريڪا ۽ روس جا ٻول ٻڌن. ٽي. وي، ٽيليفون، سٽلائٽ، فضائي ٻيڙا، ردار، ڪمپيوٽر ۽ ٻيا معلوم ۽ اڃا تائين نامعلوم اختراعات ان اپرانڌ.

(7) انسان چنڊ تائين پهچي ات پنهنجا قدم گهمائي ۽ جهنڊا جهولائي موٽي اچي گهر پهتو.

(8) انساني حقوق جي باري ۾ نوان نظريا نهيا. قومن لاءِ حق خود ارادي (SELF DETERMINATION) ۽ فرد لاءِ بنيادي شهري حقوق جي تصور بين الاقوامي قانون جي حيثيت حاصل ڪئي.

(9) جن سلطنتن تان ڪڏهن سج ڪو نه لهندو هو سي ختم ٿي ويون. چين، برصغير پاڪ و هند، آفريقا ۽ ڏکڻ - اوير ايشيا جا ملڪ آزاد ٿيا.

(10) عوامي طاقت ۽ عوام جي راءِ جي بنياد تي دنيا مان شاهن ۽ شهنشاهي جي پاڙ پٽجڻ لڳي، خالي تيل جاين مان ڪن تي ملڪي ملنگ ۽ موالي لٺيون لهرائيندا اچي پهتا.

(11) ايئر ڪنڊيشنر آيو. مالدارن لاءِ موسم جو مسئلو ڪونه رهيو.

(12) نيون دوائون ۽ انجيڪشن نڪتا. پليگ، ڪالرا، ماتا ۽ مليريا ڪنٽرول هيٺ آيا. انساني آبادي کي گهٽائي متوازن بنائڻ جو جيڪو ڪم اڳ اهي بيماريون ڪنديون هيون سو هينئر انسان پاڻ ڪري رهيو آهي.

اهي سڀ شيون ان ويهين صديءَ جي ان پهرئين اڌ جون سوغاتون آهن. انهن جي طفيل انسان پاڻ کي هڪ نئين راهه تي بيٺل ڏسي رهيو آهي. سندس اهو سفر ڪيس بالآخر ڪيڏانهن وٺي ويندو يا ڪٿ وڃي ختم ٿيندو، تنهن لاءِ اڳڪٿي ڪرڻ مشڪل آهي. ممڪن آهي ته "سفر بخير" ثابت نه ٿئي. هڪ ڳالهه البته هن وقت به محسوس پئي ٿئي. انسان پنهنجي صحيح مقام جي تلاش ۾ سرگردان آهي، اڃا تائين اهو مقام ميسر ڪونه ٿيو اٿس. ڪيڏي رت ڇاڻ کان پوءِ حاصل ٿيندس سو هن وقت چئي نٿو سگهجي. ڪروڙين ماڻهو اڳ ۾ ئي مارجي چڪا آهن.

* * *

منهنجي نظر ۾ ان دؤر جو هڪ بيو واقعو جيڪو جذباتي ۽ نفسياتي نوع جو هو، سو پڻ قابل ذڪر آهي. انساني تاريخ اندر پهريون دفعو دنيا جي سڀ کان وڏيءَ مملڪت جي بادشاهه هڪ عورت جي عشق ۾ تخت تياڳ ڪري جلاوطني جي زندگي اختيار ڪئي. ايڊورڊ انون ان زماني ۾ برطانيه جو بادشاهه ٿيو. جڏهن برٽش ايمپائر جو انتهائي اوج هو. 1936ع جو عالمي نقشو دوباره نظر مان ڪيو ته اندازو ٿيندو ته انگريزي ايمپائر جي پکيڙ

ڪيتري هئي ۽ ان جي مقابلي ۾ چنگيز، تيمور يا خود سڪندر اعظم جي مفتوحات جي حيثيت ڪهڙي رهجي وئي ٿي. خود عالمي ماحول بہ انهن ڏينهن انگريز لاءِ قطعاً پرامن ۽ سازگار هو- نہ جنگ جو خطرو، نہ اقتصادي تڪليف، نہ هنر ۽ واپار جي وسعتن ۾ ڪا خاص رنڊڪ.

ايڊورڊ (اٺون) اهڙي اطمينان جي زماني ۾ تخت تي ويٺو هو. اڌ عمر ڪنوارپ ۾ ڪاٽي چڪو هو ۽ اوستائين ڪا حسينا سندس اکين ڪي ڪا نہ آئڙي هئي، ڪوششون گهڻيون ٿينديون رهيون هيون پر هو ڪنهن جي دام ۾ ڪو نہ آيو هو. آخر مسز سمپسن نالي هڪ آمريڪي مطلوقہ ميدان ۾ آئي. سندس پهرينءَ نظر ئي ان ٺاهوڪڙ گهوٽ کي گهائي وڌو. اهڙي معاشقي ۾ البتہ بدناميءَ جو پهلو پوشيده هو. تنهنڪري انگريز عوام ان کي منظور ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جواب ۾ ايڊورڊ سندن ڏنل تخت ۽ تاج اڇلائي ڦٽو ڪري ڇڏيو.

مسئلو هيءُ رهجي ويو تہ عشاق جي فهرست ۾ ايڊورڊ کي ڪهڙو مقام ڏجي؟ مجنون ۽ فرهاد کان مٿي يا هيٺ؟ مجنون ۽ فرهاد کي عرب ۽ ايران جا شاعر ملي ويا، جن ڪين مٿي ڪٽي امر بڻائي ڇڏيو. ايڊورڊ غريب کي اهڙو مداح ملي ڪو نہ سگهيو. حالانڪ عشق خاطر جيڏي قرباني هـُـن ڪئي، نہ فرهاد نہ مجنون کان پڄي سگهي هئي.

ممڪن آهي تہ هن کان پوءِ ڪنهن زماني ۾ انصاف ٿئي ۽ ايڊورڊ کي اقليم عشق ۾ اهو مقام ملي، جنهن جو هو مستحق آهي.

* * *

آخر ۾ پنهنجي گهر جي ڳالهہ بہ ڪرڻي پوي ٿي. سوال پيدا ٿئي ٿو تہ جڏهن دنيا ايڏي انقلاب مان گذري رهي هئي تہ سنڌ اندر ڇا ٿي رهيو هو؟ ان سوال جو جواب مون ڪنهن طرح هن ڪتاب ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪيتريون ڳالهيون بر وقت سمجهہ ۾ نہ اچي سگهن، پر ڪو وقت ايندو جڏهن اهلِ نظر انهن کي سمجهي سگهندا بلڪ شرح بہ لکندا[1].

سرِ دست مون کان فقط ايترو پڄي سگهيو آهي تہ مون پاڻ جيڪي ڪجهہ ڏٺو تنهن جو ٿورو حصو هت قلمبند ڪري ڇڏيو اٿم.

* * *

---

[1] جرمني ۽ انگلينڊ ۾ اڳ ۾ ئي ترجما ۽ ريويو ڇپيا آهن. آمريڪا جي هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو وڃي ٿو.

رهيو، ان عالمي انقلاب جي اسان جي پنهنجي ذهني ۽ سماجي زندگيءَ تي اثر جو مسئلو.

ان جي باري ۾ ڏسڻو هيءُ آهي تہ سنڌ جي سماجي شيرازه بندي بنيادي طور ڪهڙين روايتن، خوبين يا اقدارن تي مبني هئي ۽ انهن روايتن يا اقدارن ۾ بعد ۾ ڪو ڦيرو آيل ڏسجي ٿو يا نہ؟

آءُ انهن روايتن ۽ اقدارن ڪي اهميت ان ڪري ڏيان ٿو جو ڪنهن انساني سوسائٽيءَ جي بچڻ يا مرڻ جو مدار هن ڳالهہ تي رهي ٿو تہ اها سوسائٽي ڪيتري قدر انهن روايتن تي ثابت قدم آهي (يا نہ آهي) جيڪي روايتون، نسلاً بعد نسلاً، صدين جي امتحانن ۽ تجربن کان پوءِ هڪ خاص نظام حيات جي صورت اختيار ڪري، اجتماعي زندگيءَ کي قائم رکڻ ۽ ان کي استحڪام ۽ دواميت بخشڻ جو باعث بڻيون رهيون آهن. جيڪا سوسائٽي پنهنجن روايتن جي محور کان هٽي وڃي ٿي، تنهن جو حشر اُن ٻيڙيءَ جي مثال ٿئي ٿو، جيڪا وچ سمنڊ ۾ سُکان ۽ سڙهہ کان محروم ٿي، ملاح جي ڪنٽرول مان نڪري، هوا ۽ وِيرين جي رحم تي رهجي ويل هجي، ڪڏهن اوڀاري ڪڏهن لاهواري پئي لُڙهڪي، جيستائين ڪو وڏو طوفان اچي ڪيس ٻوڙي ختم ڪري ڇڏي. ڪناري تائين سلامتيءَ سان پهچڻ بهر نوع ان جي مقدر ۾ لکيل ڪو نہ ٿو ٿئي. اوهان هر انساني سوسائٽيءَ جي قيام ۽ بقا جي اسباب جو مطالع ڪريو. هن ئي نتيجي تي پهچندا' تہ هر سوسائٽيءَ جي زنده ۽ قائم رهڻ جو وڏو سبب ان جون مخصوص اجتماعي روايتون رهيون آهن، جن سوسائٽين پنهنجون روايتون ڇڏيون سي ختم ٿي ويون. ڪيتريون سوسائٽيون دنيا جي تاريخ ۾ وقتاً بوقتاً اڀرنديون رهيون آهن ۽ وري اهڙيءَ طرح ختم ٿينديون ويون آهن جو سندن نانءُ نشان بہ صرف ڪتابن ۾ ئي ملي ٿو. سبب اهو پئي ٿيو آهي تہ هنن پنهنجون روايتون ڇڏي پنهنجي اصليت تان هٽنديون پئي رهيون آهن ۽ ان ڪري فنا تي پئي ويون آهن. انگريز ڪيئن اڄ تائين بچندو آيو آهي؟ پنهنجين روايتن ۽ قومي اقدارن تي سختيءَ سان قائم رهڻ ڪري، انگريز ٻين قومن کي متاثر ڪندو رهيو، پاڻ ڪنهن کان متاثر ڪو نہ ٿيو. هن ملڪ مان موڪلائي ڪيس 33 سال ٿي ويا آهن، پر هتان جي صورتحال اڄ بہ هيءَ آهي تہ اسان جا ماڻهو اِڳ کان بہ وڌيڪ سندس ثقافت کي چنبڙي پيا آهن — شهرن ۾ جنهن کي ڏسو پتلون ۾، ۽ انگريزي طرز جي هوٽلن ۾! ايترا ماڻهو پتلونن ۾ مون انگريز جي پنهنجي دؤر حڪومت ۾ بہ ڪو نہ ڏٺا. ساڳيءَ طرح دڪانن جا نالا ۽ مٿن لڳل بورڊ بہ نظر مان ڪڍو.

هتان جي ماڻهن جو هينئر لنڊن ڏانهن ڊوڙ رکي آهي؟ ڇا اهي علامتون نہ آهن انگريزي روايتن جي توانائي جون جيڪي غيرن کي بہ اجا تائين پاڻ ڏانهن ڇڪين؟

*        *        *

سنڌ جون روايتون ڪهڙيون هيون؟ جيتريقدر مون ڏٺو، اسان جو اباڻو ورثو هي روايتون ۽ نشانيون هيون:

* خدا ترسي ۽ حق پرستي.
* ڪشاده دلي ۽ سير نفسي.
* نمڪ حلالي ۽ وفاداري.
* محبت ۽ دوستي.
* حياءُ، لڄ، غيرت ۽ مروت.
* بهادري ۽ بي غرضي.
* مهمان نوازي ۽ مسافرنوازي.
* وڏ - ننڍائي جو لحاظ ۽ ادب.
* اوطاقون ۽ ڪچهريون.
* پاڙي جو ننگ ۽ سامر جهلڻ جو انگ.
* احسان ڪرڻ جي همت ۽ احسان ياد رکڻ جي صلاحيت.
* قول جي سچائي ۽ فعل جي پاڪيزگي.
* ياريءَ ۾ سرويچي.
* علم ۾ اونهائي، روح ۾ بيداري ۽ زندگيءَ ۾ مقصديت.

اڳوڻي سنڌ اسان ڏٺي، هاڻوڪي يا مستقبل جي سوسائٽي اوهان جي اکين اڳيان آهي. اوهان پاڻ فيصلو ڪريو تہ انهن ڳڻن ۾ گهٽتائي ٿي آهي يا واڌارو؟

*        *        *

پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي طرفان صرف هيتري قدر اميد جو اظهار ڪري سگهان ٿو:

آ غشتہ ايمر بر سر خار بہ خون دل
قانون باغبانئي صحرا نوشتہ ايمر

والسلام

علي محمد راشدي -        1979-80ع

# فهرست



| | | |
|---|---|---|
| 1- | امام عبيدالله سنڌي عليه رحمة | 23 |
| 2- | سڪندر مرزا | 84 |
| 3- | نٽو ننگر | 106 |
| 4- | شاهنواز شاھ مرحوم | 109 |
| 5- | مسٽر نهچلداس وزيراڻي | 109 |
| 6- | محمد عثمان سومرو مرحوم | 114 |
| 7- | محمد جعفر خوجو | 116 |
| 8- | حاجي عبدالرحيم شاھ مرحوم | 117 |
| 9- | خانبهادرن جو جوڙو | 119 |
| 10- | نٽي جا عقيلي | 120 |
| 11- | جهوڪ | 122 |
| 12- | سائين جمن علي شاھ ساڪري وارو | 131 |
| 13- | حيدرآباد | 133 |
| 14- | شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ | 156 |
| 15- | ديوان ڏيارام گدومل شاهاڻي | 157 |
| 16- | انقلاب (1743ع کان 1930ع تائين) | 165 |
| 17- | سر غلام حسين هدايت الله | 169 |
| 18- | سيٺ ڪريم بنده علي | 170 |
| 19- | قاضي فخرالدين مرحوم | 170 |
| 20- | رئيس غلام محمد خان پرڳڙي مرحوم | 174 |
| 21- | دادا جيرام داس دولترام | 174 |
| 22- | ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي | 177 |
| 23- | پروفيسر گهنشيام | 179 |
| 24- | ڀائي پرتاب ڏيالداس | 180 |
| 25- | مسٽر نور محمد مرحوم وڪيل | 181 |
| 26- | حيدر بخش جتوئي مرحوم | 183 |

| | | |
|---|---|---|
| 27- | پير غلام مجدد سرهندي رحمت الله عليه | 188 |
| 28- | ادبي چوياري | 191 |
| 29- | ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل' | 193 |
| 30- | محمد خان 'غني' مرحوم | 194 |
| 31- | ميان محمد حنيف صديقي مرحوم | 195 |
| 32- | مولوي عبدالعزيز صاحب مرحوم ۽ مولوي فيض الڪريم مرحوم | 197 |
| 33- | ساڌو واسواڻي | 208 |
| 34- | حڪيم شمس الدين مرحوم | 209 |
| 35- | ديوان جڳت سنگهه آئل مل | 209 |
| 36- | ديوان منگهارام آئل مل | 210 |
| 37- | پير سائين رشد الله شاهه جهنڊي وارو | 211 |
| 38- | سيد ميران محمد شاهه مرحوم | 213 |
| 39- | سنتداس منگهارام وڪيل | 239 |
| 40- | ديوان ڏيئل مل لالواڻي | 240 |
| 41- | مسٽر عبدالجبار مرحوم | 241 |
| 42- | ميان امين الدين منشي مرحوم | 242 |
| 43- | حڪيم قاضي عبدالقيوم مرحوم | 242 |
| 44- | مولوي حڪيم محڪم الدين مرحوم | 243 |
| 45- | رئيس احسان علي خان لغاري مرحوم | 245 |
| 46- | رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي | 246 |
| 47- | ميان محمد هاشم 'مخلص' مرحوم | 247 |
| 48- | ميان محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم | 250 |
| 49- | مير شير محمد خان مرحوم | 251 |
| 50- | مور حجام | 255 |
| 51- | سنڌ جي اندر جو آواز | 256 |
| 52- | گـوَيا | 260 |
| 53- | مولوي عبدالله لغاري مرحوم | 263 |

| | | |
|---|---|---|
| -54 | پير محمد مهدي شاھ مرحوم | 265 |
| -55 | خانبهادر محمد ڪامل شاھ مرحوم | 266 |
| -56 | خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر مرحوم | 267 |
| -57 | خانصاحب محمد سومار ٻچاڻي مرحوم | 269 |
| -58 | خانصاحب چٽل خان مرحوم | 269 |
| -59 | سائين الهيار شاھ مرحوم | 270 |
| -60 | حافظ مبارڪ علي شاھ مرحوم | 270 |
| -61 | ميان غلام نبي ميمڻ | 272 |
| -62 | شاھ محمد (نابين) مرحوم | 273 |
| -63 | مصري خان جمالي | 276 |
| -64 | خانبهادر محمد ايوب کهڙو مرحوم | 276 |
| -65 | مٺا خان | 356 |
| -66 | ميرپور خاص | 357 |
| -67 | وڏيرو سگهو پلي مرحوم | 362 |
| -68 | حاجي پرچو پلي | 362 |
| -69 | بلاول هاليپوٽو مرحوم | 363 |
| -70 | مهاشيہ گرو ڏنو مل | 364 |
| -71 | سيٺ پرتاب راءِ ڪي سڪداس | 364 |
| -72 | خانبهادر غلام نبي شاھ مرحوم | 365 |
| -73 | سائين وڏل شاھ مرحوم | 365 |
| -74 | وڏيرو عبدالحليم پلي مرحوم | 366 |
| -75 | وڏيرو فقير محمد مگريو | 366 |
| -76 | خانبهادر غلام محمد خان وساڻ مرحوم | 367 |
| -77 | ديوان رگهو مل | 368 |
| -78 | سيٺ پريم چند | 371 |
| -79 | صوفي ميان قلندر بخش مرحوم | 372 |
| -80 | هندرسن ڪليڪٽر | 372 |

# اُهي ڏينهن، اُهي شينهن

(ٽن جُلدن ۾ - جُلد ٽيون)



امام عبیداللہ سندي عليه الرحمة

# امام عبيدالله سنڌي رح[1]

چو فُقر اندر قبائي شاهي آمد
بہ تدبير عبيدالله هي آمد - جامي

از طرف: حکومت موقتہ هند
وزارت داخلہ
بنام: هندستان جا بهادرو، ۽ باهمت هموطنو!

"هندستان جي عارضي حڪومت جي قائم ٿيڻ جي خبر اوهان پڙهي چڪا هوندا. هيءَ حڪومت ان مقصد سان ناهي ويئي آهي تہ هندستان جي موجوده غاصب، غدار ۽ ظالم حڪومت جي جاءِ تي هڪ بهترين حڪومت (هندستان) ۾ ڪڙي ڪئي وڃي. اوهان جي هيءَ عارضي حڪومت ڇئن سالن کان ڪوشش ڪندي رهي آهي. هن وقت جڏهن اوهان فيصلو ڪيو آهي تہ اوهان ظلمي قانون کو نہ مڃيندؤ عين اُن وقت هيءَ عارضي حڪومت بہ (ٻاهرين) امداد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي آهي. هِن حملي ڪندڙ فوجن سان عارضي حڪومت معاهدو ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري اوهان حملي ڪندڙ فوج سان مقابلو ڪري پنهنجا فائدا نہ وڃايو، بلڪ هر ممڪن طريقي سان

---

[1] مولانا صاحب جي تفصيلي حالات ڏيڻ لاءِ آءٌ هن ڪري مجبور آهيان جو هيستائين جن مورخن هندستان جي تحريڪ آزادي تي ڪتاب پي لکيا آهن، تن مولانا جي باري ۾ انتهائي بخل کان ڪم پي ورتو آهي، انهن جي ڪتابن ڏٺي ائين پيو محسوس ٿئي تہ ڄڻ برصغير کي آزاد ڪرائڻ واريءَ جدوجهد ۾ مولانا کو حصو ئي کو نہ ورتو هو. حالانڪ آءٌ اُن دؤر جي دفترن کي ڇڪاسيندي هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ آزاديءَ جي تحريڪ جي پاڙن پختي ڪرڻ ۽ بين الاقوامي دنيا ۾ ان کي روشناس ڪرائڻ لاءِ جيترو ڪم مولانا مرحوم ڪيو، اُن جي دوران ۾ جيتريون مصيبتون مشقتون سنيائين، تن جو مثال ٻئي ڪنهن بہ هندستاني ليڊر جي لائف ۾ ڪو نہ ٿو ملي. وڏي ڳالهہ تہ ايها هئي تہ مولانا اِن مَيچ ۾ ان وقت ٽپو ڏنو هو، جڏهن تحريڪ جي ڪامياب ٿيڻ، هندستان جي آزاد ٿيڻ، آزاديءَ بعد عُهدن، انعامن ۽ اڪرامن جي ورهاست جي ڪا بہ اميد ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي آئي (ايهي ڏيکيون گهٽون پوءِ چڙهيون) . هُن مسڪين سنڌي مولوي اهڙي زماني ۾ "الله تو آهر" ڪئي هئي جڏهن صرف بہ نتيجا يا "انعام" سندس اکين اڳيان پي ٻــڪيا. يعني ساريءَ عمر جي جلا وطني، دربدري، بُک ۽ ڏک، گرفتار ٿي انگريز جي چنبي ۾ اچڻ واريءَ حالت ۾ اڻ پڄيو ڦاهي!
اهڙي سياسي سرمد کي وسارڻ، سندس قربانين کي انڪري لڪائڻ تہ هو نڌڻڪيءَ سنڌ جو هڪ مسلمان سپوت هو، وڏي بدديانتي هئي جنهن جا مرتڪب گهڻا مورخ ٿيا- انگريز مورخن کي وري بہ شاباش آهي جو هنن هر تحرير مولانا جو روئڻو پي رنو آهي.

انگريزن کي قتل ڪيو. اُنهن (يعني انگريزن) کي نہ ماڻهو ڏيو نہ انهن جي مالي مدد ڪيو، انهن جون ريلون ۽ تارون خراب ڪندا وتو. حملي ڪندڙ فوج کان امن حاصل ڪري ان کي رسد ۽ سامان پهچائي ڪانئس اعزازي سندون حاصل ڪيون.

حملي ڪندڙ فوج هر هندستانيءَ کي بلا تفريق نسل يا مذهب امن ڏئي ٿي، هر هندستانيءَ جي جان مال ۽ عزت محفوظ آهي. فقط اهو ئي ماريو ويندو يا بي عزت ٿيندو جيڪو سندس مقابلي لاءِ ڪڙو ٿيندو.

الله تعاليٰ اسانجن ڀائرن کي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق ڏئي.

صحيح عبيدالله (سنڌي)

وزير موقتہ هند"

انگريز "فيل مست" خلاف اها للڪار ڪنهن جي هئي؟ ڪير اهڙي للڪار ڪري سگهيو ٿي؟

صرف مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه!

ڄاڻو سيالڪوٽ پرسان هڪ[1] ڳوٺڙي ۾، والد سک هئس، سندس ڄمڻ کان چار مهينا اڳ والد گذاري ويس.

ٿورڙو ڏيرانجو ٿيو تہ يتيم ٻڄجي اچي پهتو سنڌ ۾، نپنو، پڙهيو، ڪڙهيو ۽ مولانا عبيدالله سنڌي بڻجي چمڪيو، هت.

تربيت ورتائين حضرت مولانا تاج محمود[2] امروٽي عليہ الرحمة جهڙي انگريز دشمن انقلابيءَ وٽ.

---

[1] ڳوٺڙي جو نالو هو "چيان والي"- تاريخ ولادت 10 مارچ 1872ع.

[2] مولانا تاج محمود جي اسلامي جنبي جي باري ۾ هيءُ قصو مون ڏانهن پير علي انور شاهہ راشدي مرحوم لکي موڪليو: "جن ڏينهن ۾ خلافت تحريڪ هلي رهي هئي، سنڌ جي ڪن مسلمان ڪامورن انگريز کي خوش ڪرڻ لاءِ تحريڪ جي ورڪرن لاءِ رڻ ٻاري ڏنو هو. هڪ وفد تحريڪ جي ليڊرن جو، بمبئي جي گورنر سان شڪايت ڪرڻ لاءِ سنڌ مان روانو ٿيو. وفد جو اڳواڻ غلام محمد ڀرڳڙي مرحوم هو. ٻيا ميمبر هي هُوا: مولانا تاج محمود امروٽي، پير تراب علي شاهہ راشدي مرحوم، پير علي انور شاهہ راشدي ۽ ٻہ چار ٻيا- حيدرآباد مان ريل ۾ سوار ٿي مارواڙ ۽ آبوءَ جي رستي بمبئي وڃي رهيا هئا. جڏهن آبو روڊ اسٽيشن ڏانهن ريل وڌي رهي هئي تہ کين خبر پئي تہ ان گاڏيءَ ۾ آبو اسٽيشن کان ترڪيءَ جي جنگي قيدين کي سوار ڪري بمبئي ڏانهن وٺي ويندا. مولانا امروٽي هڪدم فتوا ڏني تہ مسلمان قيدين کي انگريز جي حراست مان نہ ڇڏائڻ ڪفر ٿيندو، تنهنڪري جهاد فرض ٿي ويو آهي. مولانا سڀني رفيقن کي وضو ڪرائي، شهادت لاءِ تيار ڪيو ڇو تہ ظاهر هو تہ خالي هٿين پوليس سان مقابلي جي معنيٰ هئي موت. سڀ وضو ڪري وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا ۽ جڏهن آبو پهتا تہ ترڪيءَ جا جنگي قيدي ڪو نہ آندا هوائون. انگريزن کي جاسوسن ذريعي مولانا وارن جي عزمِ جهاد جي خبر اڳواٽ پئجي وئي جنهنڪري هنن قيدي ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ ڪو نہ چاڙهيا.

بيعت ڪيائين طريقہ قادري راشدي ۾، حضرت حافظ محمد صديق صاحب رحمة الله عليه پرچونديءَ واري جي هٿ مبارڪ تي.

ڪڙهيو حضرت پير سائين رشدالله شاه[1] رحمة الله عليه جهنڊي وارن جي صحبت ۾، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن فرنگيءَ جو منهن ڏسڻ بہ گوارا ڪو نہ ڪيو هو.

علم ۽ دانش جي ان ساز سامان سان آراستہ ۽ پيراستہ ٿي ۽ سنڌي وطنيت اختيار ڪري، بلڪ سنڌ کي پنهنجي نالي جو اڻوٽ حصو بڻائي، وڃي پهتو ديوبند ۾- شيخ الهند حضرت مولانا محمود الحسن رحمة الله عليه وٽ.

مولانا محمود الحسن ڪيس هڪ سچو انقلابي، انگريز دشمن، آزاديءَ جو ڪوڏيو، سنڌ جو سرويچ، سياست ۾ سالم دماغ ۽ ڏک سُک برداشت ڪرڻ جهڙو نوجوان سمجهي هِن ملڪي خدمت لاءِ منتخب ڪيو تہ جنهن صورت ۾ انگريز (1914ع واري) عالمي جنگ ۾ مبتلا ٿي پيو آهي[2] ، تنهن صورت ۾ هو (يعني عبيدالله) ڪابل پهچي، ڪنهن طرح پناڻن کي آماده ڪري تہ هو ان موقعي جو فائدو وٺي، انگريزن خلاف هندستان تي چڙهائي ڪن، جيئن انگريز جي عذاب ڪان پاڻ بہ آزاد ٿين ۽ پاڙيچي هندستان کي بہ آزاد ڪرائين.

مولانا عبيدالله، الله تي آسرو رکي، روانگيءَ جي تياري ڪئي. سندس ساٿي ۽ شاگرد، مولوي عبدالله لغاري مرحوم کان اهو قصو ٻڌو:

"هڪ سال کن اسان کي ضروري تياريءَ ۽ تدبير سوچڻ تي لڳو تہ انگريزي حڪومت جي سخت چوڪسيءَ هوندي بہ ڪيئن ڪابل پڄون. غالباً

---

[1] حضرت پير صاحب تحريڪ خلافت جو وڏي ۾ وڏو اڳواڻ هو. سنڌ ۾ جيڪا پهرين خلافت ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ٿي، ان جي صدارت پير صاحب ڪئي ۽ اهڙي تند ۽ تيز تقرير ڪيائين جو سڄيءَ سنڌ ۾ انگريزن خلاف باهہ ٻري وئي.

[2] آگسٽ 1914ع ۾ جرمن ۽ انگريز جي وچ ۾ جنگ ڇڙي چڪي هئي جيڪا وڌندي وڌندي روءِ زمين کي وڪوڙيندي ٿي ويئي.

هندستان بہ اڪ پٺي چڪو هو. ڪانگريس اڳ ۾ ئي، انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ درجہ بدرجہ قدم وڌائيندي رهي هئي. هينئر جو انگريز سان جنگ لڳي ۽ ان ۾ ترڪيءَ جو سلطان بہ (جيڪو خليفة المسلمين سمجهيو ويندو هو) انگريزن جي خلاف جرمنيءَ سان شامل ٿي پيو، تنهن ڳالهہ هندستان جي مسلمانن کي اٿاري کڙو ڪيو تہ هو بہ سلطان ترڪيءَ جي مدد ڪرڻ سان گڏو گڏ هندستان مان بہ انگريز جي پاڙ پٽي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي مٽي ڪجهہ ڪوشش ڪن.

انهن جو اڳواڻ شيخ الهند حضرت مولانا محمودالحسن ديوبند وارو بڻيو. ساٿس ان ڪم ۾ پيا بہ گهڻا مسلمان ليڊر پانهن ٻيلي ٿي بيٺا. مڙني صلاح ڪئي تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ رح کي ڪابل موڪلجي. اسان جي مولانا صاحب جو ڪابل وڃڻ ان منصوبي هيٺ ٿيو.

آگسٽ 1915ع جي شروعات هئي. مولانا عبيدالله ڳوٺ پير جهنڊي (ضلع حيدرآباد مان) خانپور (رياست بهاولپور) طرف روانو ٿيو. مون کي چيائين ته پاڻ اتي بزرگن (عارف غلام محمد صاحب دينپوري) کان اُٺ هٿ ڪري مون کي تار ڪندو جڏهن تار پهتي ته آءٌ به وڃي اُتي پهتس. مولانا عبيدالله چيو ته "اُٺ گهرايا سون سي آيا، پر بزرگن ڪين ڏنا. باقي ڪٽڪ جو هيءُ سَتون ڏنائون، پئسو به ڪونهي، هاڻي ڪهڙي تدبير ڪجي؟" اُتي مون وڃي بزرگن جي نائيءَ مولانا عبدالقادر کان ٽي ڪينيون ورتيون، جن مان به مولانا صاحب کي ڏنم ۽ هڪ پاڻ وٽ رکيم. ان بعد، اها صلاح بيٺي ته مولانا صاحب سنڌ جي سرحد کان سبيءَ تائين خُشڪي ذريعي پهچي، ڇاڪاڻ ته ريل ۾ سندس پڪڙجڻ جو امڪان آهي. باقي آءٌ اڳواٽ انتظار خاطر ريل ذريعي روانو ٿيس. مولوي احمد علي صاحب لاهوري جو ڀاءُ محمد علي (جو ان وقت ننڍو هو) به مون سان گڏ هليو ۽ اسين اچي سبيءَ ۾ پهتاسين. مولانا عبيدالله صاحب، امروٽ شريف مان ٿيندو، جيڪب آباد کان پيدل روانو ٿي، جهٽ پٽ اسٽيشن تان اچي گاڏيءَ تي چڙهيو ۽ سڌو وڃي ڪوئٽيا پهتو، اُتان جڏهن سندس پيغام اسان کي پهتو، تڏهن اسين به وڃي ڪوئٽيا پهتاسون. اجا اهو مهينو آگسٽ سن 1915ع هو اسان وٽ سفر خرچ خيرڪو هو. سبيءَ ۾ مون چندو ڪيو، جنهن مان اَسي (80) روپيا ٿيا، جي ساڻ ڪري ڪوئٽيا پهتو هئس. ڪوئٽا کان اڳتي پيدل وڃڻو هو. اختر نالي هڪ پٺاڻ نوجوان کي هڪ ڪيني ڏنيسون، ۽ هن اسان کي، عام رستن جي بدران مخفي رستن ذريعي سرحد تي پهچائڻ جو وعدو ڪيو. جنهن ڏينهن اسين روانا ٿياسين، انهيءَ ڏينهن[1] شيخ عبدالرحيم صاحب حيدرآبادي به اچي پهتو، جو پنهنجي ڀارڻ جا ڳهه ڳنا وڪڻي ست سؤ روپيا ڪٺي آيو هو. جي اسان کي ڏيئي پاڻ فوراً واپس هليو ويو. اسين پوءِ خشڪي رستن سان شوراوڪ، ڪَدني (چمن، افغانستان) ۽ قنڌار مان ٿيندا ڪابل پهتاسين".

(ڏسو مولانا عبيدالله مضمون رسالي مهراڻ
حيدرآباد، نمبر 3-4 سال 1957ع ۾)

---

[1] شيخ عبدالرحيم صاحب، ڪرپالاڻي گهراڻي جو هڪ هندو نوجوان هو جيڪو مسلمان ٿيو هو. سندس احوال انشاءالله حيدرآباد جي باب ۾ ڏنو ويندو.

اها تاريخ هئي 15 آڪٽوبر ۽ سال 1915ع. عالمي جنگ شروع ٿئي هڪ سال گذري چڪو هو.

* * *

مولانا جي قصي کي اڳتي وڌائڻ کان پهريان ضروري آهي تہ ڪابل جي حالتن ۽ حڪومت جو مختصر حال ٻڌائجي.

ڪابل جو حڪمران، ان زماني ۾ امير حبيب الله خان مرحوم هو جنهن "سراج الملت و الدين" جو لقب اختيار ڪيو هو.

سندس والد، عبدالرحمان خان مرحوم، افغانستان ۾ خانہ جنگيءَ جي هڪ طويل دور کان پوءِ جلا وطني ختم ڪري، 1880ع ۾، انگريزن جي مدد سان ۽ سندن سرپرستيءَ هيٺ، اچي ڪابل جي تخت تي ويٺو هو.

هيڏانهن هندستان تي انگريز جو قبضو مڪمل ٿي چڪو هو، انگريز لاءِ سرحدي ملڪ افغانستان، وڏيءَ اهميت تي رکي جنهن کي فوج جي ذريعي، ٻن چڙهائن کان پوءِ بہ هو سڌيءَ طرح پنهنجي قبضي هيٺ رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪو نہ سگهيو هو، تنهنڪري هن آئينده لاءِ هيءَ پاليسي ٺاهي هئي تہ افغانستان جو هڪ مڪاني حاڪم پل هڪ افغان سردار ئي رهڻ ڏئي، پر اُن کي ڪنهن حد تائين زبردستيءَ جي پوزيشن ۾ رکي جيئن هو ڪنهن بہ ٻئي ملڪ سان واسطو رکي نہ سگهي، خارجہ پاليسي انگريزن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏي، روس کي نہ پنهنجي ويجهو اچڻ ڏئي، نہ ان کي هندستان طرف حريصانہ اک کڻڻ ڏئي[1]

انگريزن امير عبدالرحمان کان اِهي شرط هڪ عهدنامي جي وسيلي، قبول ڪرائي ڪيس 1880ع ۾ افغانستان جو امير تسليم ڪيو هو ۽ ارڙهن لک وظيفو ڏيڻ بہ قبول ڪيو هو. شروع ۾ ئي انگريزن عبدالرحمان کي چتائي ڇڏيو هو تہ ڪيس ڪنهن بہ ڌارئي ملڪ سان سڌي طرح تعلق ۽ رابطو ڪو نہ رکڻو آهي.

[1] ان زماني ۾ روس ۽ انگريز جي وچ ۾ وڏي ڇتاڇيٽي لڳل هئي، روش گهريو تہ هو افغانستان جي رستي هڪ طرف تہ خليج جي گرم پاڻيءَ تائين پهچي ۽ ٻي طرف هندستان ڏانهن وڌي انگريزن جي اثر ۽ حڪومت کي اتان زائل ڪري ڇڏي. ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ افغانستان جو روس جي ضابطي هيٺ رهڻ ضروري سمجهيو ٿي ويو. مقابلتاً انگريز لاءِ بہ ضروري ٿي پيو هو تہ هو روس کي روڪڻ خاطر افغانستان کي پنهنجي زيردستيءَ هيٺ آڻي.

امير عبدالرحمان خان جي وفات جا،1901ع ۾ واقع ٿي، ان کان پوءِ جڏهن سندس فرزند امير حبيب الله خان تخت تي ويٺو تہ اُن بہ سال 1905ع ۾ ساڳي عهدنامي جي تجديد ڪري ڏني ۽ هندستان جي انگريزي حڪومت جي زير سايہ عملي طور بطور هڪ رياستي راجا يا نواب جي رهڻ لڳو. دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ حڪومت سان سندس ملڪ جو رابطو ڪو نہ هو. انگريز ڪان ارڙهن (18) لک روپيہ سالانہ وظيفو بدستور، وصول ڪندو رهيو. تان جو 1914ع واري عالمي جنگ جا نغارا وڳا. شروعات جنگ جي 28 جولاءِ (1914ع) جو ٿي، پر انگريز ان ۾ 4- آگسٽ جو داخل ٿيو. 8- آگسٽ جو هندستان جي وائسراءِ [1] امير حبيب الله خان کي هڪ خط ذريعي اطلاع ڏنو تہ يورپ ۾ جنگ لڳي آهي، ڪيس پنهنجن عهدنامن مطابق، جيڪي سندس والد ۽ سندس پنهنجا انگريز سان ڪيل آهن، ان جنگ ۾ غير جانبدار (نيوٽرل) رهڻو آهي.

امير حبيب الله خان هڪدم وائسراءِ ڏانهن تحرير ۾، تسلي موڪلي ڏني تہ هو حڪم موجب جنگ ۾ غير جانبدار رهندو.

اها آگسٽ مهيني جي ڳالهہ هئي.

پر ٻہ مهينا پوءِ، آڪٽوبر ۾، ترڪي بہ انگريز جي خلاف ۽ جرمنيءَ جي حمايت ۾ جنگ ۾ گهڙي پئي. ترڪيءَ جو سلطان خليفتہ المسلمين بہ هو، جنهنڪري ساريءَ دنيا جي مسلمانن جو قائد سمجهيو ٿي ويو. انگريز کي خوف لڳو تہ ترڪيءَ جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ ڪري هينئر افغانستان جي مسلمانن ۾ سندس (يعني انگريز جي) خلاف ضرور تاءُ پيدا ٿيندو ۽ ان جو اثر هندستان جي مسلمانن تي بہ پوندو جيڪي اڳ ۾ ئي طرابلس ۽ بلقان جي جنگين سببان ترڪيءَ جا همدرد ۽ انگريز کان نالان هئا.

اِن امڪان جي پيش نظر، وائسراءِ وري امير صاحب ڏانهن [2] خط موڪليو جنهن ۾ چتاءُ ڪيائينس: "ترڪيءَ جي جنگ ۾ ٽپي پوڻ ڪري امڪان آهي تہ افغانستان جا ملا انگريز خلاف اٿي ڪڙا ٿين ۽ افغانستان ۽ سرحد جي قبائلين ۾ بي اطميناني پيدا ڪن، تنهڪري اوهان هنن نين حالتن هيٺ پنهنجن ماڻهن تي ضابطو رکجو ۽ ڪين انگريز سرڪار خلاف ڪا بہ گڙٻڙ ڪرڻ نہ ڏجو."

---

[1] انگريز طرفان افغانستان سان لکپڙهہ هند سرڪار جو وائسراءِ ڪندو رهندو هو. امير صاحب کي اهو اعزاز حاصل ڪو نہ ٿي سگهيو هو تہ هو براهِ راست لندن حڪومت سان نوشت خواند ڪري سگهي.

[2] اهو خط 5- نومبر 1914ع جو لکيو ويو هو.

امير صاحب خبر نہ آهي ڇو 5- نومبر (1914ع) جي خط جو جواب 23 مارچ 1915ع جو موڪليو جنهن ۾ وائسراءِ ڪي يقين ڏياريائون تہ هو پنهنجي ملڪ ڪي مُلن هٿان "مذهبي جنون ۾" مبتلا ٿيڻ ڪو نہ ڏيندو.

امير صاحب طرفان اهڙي خاطريءَ ۾ اظهار وفاداريءَ ڪان متاثر ٿي، انگريزن جي بادشاهہ جارج پنجين، 24- سيپٽمبر 1915ع جو، امير صاحب نالي پنهنجي قلم سان هڪ ذاتي خط [1] شڪريي جو لکي موڪليو، جنهن ۾ ڪيس هيءَ خوشخبري بہ ڏنائين تہ ڪيس ملندڙ امداد ۾ ٻن لکن روپين جو اضافو منظور ڪيو ويو آهي.

امير صاحب ڪي في الحقيقت ٻن لکن ڪان وڌيڪ اضافن ۽ انعامن ملڻ جي اميد هئي، پر اُها پوري ڪا نہ ٿي هئس. تنهنڪري ڏکوئجي، وائسراءِ ڏانهن شڪايت لکي موڪليائين تہ "ٻن لکن جي اضافي ڪي افغان پنهنجي بيعزتي سمجهن ٿا." وائسراءِ خط جي رسيد موڪليندي، رقم جي ڳالهہ تہ گول ڪري ويو، پاڻ هيءَ ڊڪيل دڙڪو ڏنائينس تہ "هينئر روس بہ انگريز سان، جرمن جي خلاف شامل ٿي ويو آهي." جنهن جي معنيٰ هيءَ ٿي نڪتي تہ جيڪڏهن افغانستان طرفان ڪا هيٺ مٿاهين ٿي تہ مٿس سرحدن جي ٻنهي پاسن ڪان دٻاءُ پئجي سگهندو.

سيپٽمبر (1915ع) خير سان گذريو.

12- آڪٽوبر (1915ع) جو جرمنيءَ، آسٽريا ۽ ترڪي جو گڏيل سفارتي وفد ڪهي اچي ڪابل ۾ سهڙيو. ان وفد ۾ بہ هندستاني انقلابي بہ شامل هئا: (1) راجا مهندر پرتاب جيڪو هندستان جو هڪ جاگيردار هو، پر انگريز ڪي هندستان مان ڪڍڻ لاءِ جلاوطني اختيار ڪري وڃي يورپ ۾ رهيو هو ۽ جنگ لڳڻ ڪان پوءِ جرمنيءَ سان شامل ٿي ويو هو. (2) ٻيو انقلابي ڀوپال جو مولانا برڪت الله هو، جيڪو گهڻي عرصي ڪان هندستان ڪان ٻاهر هليو ويو هو، پوءِ آمريڪا ۾ وڃي هندستان جي تاريخي "غدر پارٽي" ۾ شامل ٿيو هو،

---

[1] امير صاحب ڪي جڏهن اهو اطلاع مليو تہ جارج پنجين جو خط سندس نالي تي اچي رهيو آهي تہ هن خط جي استقبال لاءِ هڪ فوجي دستو پنهنجن وڏن اهلڪارن جي سرڪردگيءَ هيٺ سرحد ڏانهن موڪليو تہ هو خط ڪي سلامي ڏين ۽ قاصد ڪي فوجي اعزاز سان ڪابل تائين وٺي اچن. ڪابل ۾ پاڻ هڪ وڏي دربار ڪيائين جنهن ۾ سرورقد بيهي قاصد ڪان شاهي خط وصول ڪيائين.

يورپ ۾ جنگ جو ٻڌي جرمنيءَ ويو هو ۽ ات انگريز جي خلاف ڪم ڪندو رهيو هو.

راجا مهندر پرتاب هڪ عارضي حڪومت هندستان جي نالي ۾ ناهي هئي جنهن کي ”حڪومت موقته هند“ هندستان جي عارضي حڪومت سڏيو پئي ويو. پاڻ کي ان حڪومت جو پڪو صدر ۽ مولانا برڪت الله کي وزيراعظم بڻائي ويٺو هو.

اُهي ڏينهن هئا جڏهن مولانا عبيدالله به اچي ڪابل رسيو هو. جرمني وارن جو گڏيل وفد 2 آڪٽوبر (1915ع جو پهتو هو. مولانا جو ورود 15- آڪٽوبر (1915ع) جو ٿيو.

سندس اچڻ کان اڳ جي روئداد جو خلاصو هيءُ ٿيو:

(1) افغانستان انگريزن سان معاهدن ۾ جڪڙيل هو.

(2) امير صاحب انگريزن کان پئسا وصول ڪندو رهندو.

(3) خارجه پاليسي انگريزن جي حوالي هئس.

(4) جنگ ڇڙندي انگريزن سان نوان وعدا ڪري چڪو هو ته هو غير جانبدار ۽ انگريزن سان وفادار رهندو. ترڪيءَ جي فائدي ۾ مُلن کي ڪو به شر پيدا ڪرڻ ڪونه ڏيندو. انگريز سرحدي قبائلي علائقن ۾ به ”مذهبي جنون“ ڦهلجڻ ڪونه ڏيندو.

(5) بادشاهه جارج پنجين. امير صاحب ڏانهن براه راست خط لکي سندس پُٺي ٺپي ۽ سندس امداد ۾ ٻن لکن جو اضافو ڪري چڪو هو.

(6) امير صاحب ٻن لکن جي اضافي تي مطمئن ڪو نه هو. وائسراءِ ڏانهن دبيل زبان ۾ شڪايت به لکي موڪلي هوائين. پر وائسراءِ اُن تي ڪو ڌيان ڪو نه ڏنو هو. امير صاحب پوءِ به ”راضي به رضا“ رهيو.

(7) ٻئي طرف انگريزن جي مخالف ڌر يعني جرمني، آسٽريا ۽ ترڪي جو وفد ڪابل پهچي چڪو هو جنهن سان گڏ به هندستاني انقلابي (جن ”حڪومت موقته هند“ ناهي هئي) به آيل هئا.

(8) امير صاحب عجيب غريب پاليسيءَ تي هلڻ شروع ڪيو هو: هڪ طرف انگريز سان وفاداري جا وعدا پئي ڪيائين. ٻئي طرف انگريز جي دشمنن جرمن، آسٽريا ۽ ترڪيءَ جو وفد گهرائي پاڻ وٽ ويهاريو هئائين ۽ انهن سان

منيون منيون ڳالهيون ڪندو پئي رهيو [1] ۽ ٽئين طرف هندستاني انقلابين، ازقسم راجا مهندر پرتاب، مولانا برڪت الله (۽ هندستان مان پڄي ويل شاگرد) کي بہ گوڏي لايون ويٺو هو.

هينئر ان ٽئين قسم جي گروپ ۾ مولانا عبيدالله جو اضافو بہ ٿي چڪو هو.

* * *

هندستان مان جن بزرگن مولانا صاحب کي ڪابل موڪليو هو، تن ڪيس ڪو بہ تفصيلي پروگرام ڪو نہ ڏنو هو، صرف هيترو چيو هوائونس تہ ڪنهن طرح افغانستان کان هندستان تي حملو ڪرائي انگريزن کي هتان ڪڍرائي.

ان ارشاد کان سواءِ مولانا جي هٿ تي فقط بہ معمولي تعارفي خط رکيا هئائون: هڪ [2] نادر خان جي نالي، ٻيو[3] محمود طرزي ڏانهن.

پيسو پائي، حتاڪ سفر خرچ بہ مولانا کي ڪونہ ڏنو هوائون. هو اهڙيءَ زبون حالت ۾ ڪابل پهتو هو جو ڪجهہ ڏينهن تائين پنهنجي جان جا

---

[1] حتاڪ آخر ۾ ان وفد سان ٻن ٽن مهينن جي گفتگو کان پوءِ 24- جنوري (1916ع) جو هڪ معاهدو بہ ڪري ڇڏيائين. شرط هي وڌائين: (1) جرمنيءَ وارا کيس هڪ ڪروڙ پائونڊ نقد پيشگي ادا ڪندا، (2) هڪ لک ترڪي فوج افغانستان جي مدد لاءِ ايندي، (3) جڏهن اهي بہ شرط پورا ٿيندا تہ ان کان پوءِ امير صاحب انگريز سان جنگ جوٽيندو! هڪ طرف امير صاحب جرمن وفد سان اهو معاهدو ڪيو، ٻي طرف ڪابل ۾ رهندڙ انگريزن جي ايجنٽ، حافظ سيف الله کي بند ڪمري ۾ ويهاري کيس ٻڌايائين تہ هو پنهنجي سرڪار کي تسلي ڏئي تہ هن جرمن وارن سان معاهدو صرف وقت ٽپائڻ لاءِ، نمونہ بازيءَ کان ڪم وٺي ڪيو آهي، جنهن جو ڪين ڪو فڪرڪرڻ نہ گهرجي، افغانستان ساڻن پنهنجن ڪيل وعدن تي ثابت قدم آهي ۽ رهندو. فقط سرڪار والا تبار خود کي هي خيال ڪرڻ گهرجي تہ کيس ملندڙ امداد ۾ جيڪو ٻن لکن جو اضافو ڪيو ويو آهي، تنهن کي افغان پنهنجي لاءِ بي عزتي جو باعث سمجهن ٿا (يعني اضافو وڌيڪ ٿيڻ کپندو هو)، ان کان سواءِ اڳي ملندڙ سالانہ امداد جي رقم 48 لک بہ اڃا ادا ڪا نہ ڪئي وئي آهي، جيڪا هينئر فوراً پهچڻ گهرجي.
قدرت جو تماشو هيءُ ٿيو تہ ان بقايا رقم وصول ڪرڻ لاءِ امير صاحب خچر، گهوڙا ۽ گڏهہ پشاور موڪليا، پر ان وچ ۾ پاڻ قتل ٿي ويو ۽ ان رقم مان مستفيد ٿي نہ سگهيو. فرق صرف ڪفني ڪن جو ٿيو.)

[2] نادر خان (جيڪو پوءِ افغانستان جو بادشاهہ بڻيو) اُن وقت افغانستان جي فوج جو اعليٰ آفيسر ۽ شاهي دربار جو امير هو، شاهي خاندان ۾ سڱ بہ ڏنل هوس.

[3] محمود طرزي، امير حبيب الله خان جي ٻن پٽن عنايت الله ۽ امان الله جو سهرو هو، سراج الاخبار جي ايڊيٽري ڪندو هو ۽ انگريزن تي ٽوڪ ٽڙي ڪندو رهندو هو.
اهي ٻئي صاحب ڪنهن وقت هندستان ۾ بہ رهي چڪا هئا. في الحقيقت نادر خان تہ ڄائو ... ديرادون ۾ هو جت سندس والد جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيو هو.

ڪپڙا وڪڻي، پنهنجو ۽ پنهنجن ٻن - ٽن رفيقن جو قوت گذران ڪندو رهيو. مولانا جي ان وقت جي هڪ رفيق لکيو آهي تہ:"مولانا ساري عمر خدا جي ڀروسي تي ڪم ڪندو رهيو هو ۽ خداوند ڪريم هميشه سنڌس لاءِ اسباب پيدا ڪندو رهندو هو."

عارضي طرح ڪابل ۾ اجهو بہ اڳ جي ويل هڪ هندستاني مهاجر شيخ ابراهيم ڏنو هوس.

هڪ مغربي محقق لکيو آهي:"امير حبيب الله خان جي حڪومت، ڀهريان پندرهن ڏينهن مولانا کي "باقاعده" جيل ۾ بہ رکيو هو.[1] "

انگريزن کي مولانا جي ڪابل وڃڻ جي خبر پئجي ويئي هئي، تن "هاءِ گهوڙا" جو خط هڪدم امير حبيب الله خان ڏانهن روانو ڪيو. جواب ۾

---

[1] مولانا ڪل ست سال ڪابل ۾ گذاريا. اهو سارو عرصو ساڻس ڪابل سرڪار جو سلوڪ سخت هتڪ آميز بلڪ سنگدلانہ رهيو. هڪ طرف ڪيس پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪندي رهي ۽ ٻئي طرف انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪيس وقت بوقت نظربند ڪري سنڌس توهين بہ ڪندي رهي.

هنن ٻن واقعن مان مسلمانن مهاجرن ۽ پناهہ گزينن جي باري ۾ امير حبيب الله خان جي، حڪومت جي مجموعي ذهنيت تي روشني پوي ٿي:

(1) الهہ نواز (ملتاني؛ نالي مولانا جي هڪ رفيق، مولانا جي نظربنديءَ واري زماني ۾ هڪ پٺاڻ پهريدار سپاهي کي چماٽ هڻي ڪڍي، جنهنڪري سپاهيءَ جي اک کي زَڪ اچي ويئي. مقدمو امير جي وڏي پٽ عنايت الله وٽ پيش ٿيو جنهن مولانا خود کي ۽ سنڌس ٻين رفيقن کي بطور مجرم طلب ڪيو. سارو ڏينهن مولانا کي ڪورٽ جي ٻاهران اُس ۾ اُڃ، بُک تي ويهاري ڇڏيو هئائون. شام جو امير جي وڏي پٽ عنايت الله فيصلو ٻڌايو. الهہ نواز کي عمرقيد جي سزا ڏني ويئي. مهاجرن ۽ پناهگيرن سان سلوڪ جي باري ۾ عنايت الله هي اصولي نڪتو، مولانا کي ڪليءَ عدالت ۾ ذهن نشين ڪرايو. چيائين تہ "اسان جي ملڪ (افغانستان) ۾ مهمان، جنهن ميزبان جي گهر ۾ رهندو آهي، ان گهر جو گَڏهہ سمجهيو ويندو آهي، ميزبان جيئن بہ گهري اُن کي رهائي سگهي ٿو."

(2) افغانستان ۾ دستور هوندو هو تہ ڪن سرڪاري قيدين کي اميرن ۽ وزيرن جي حوالي ڪيو ويندو هو تہ هو انهن کي پاڻ وٽ حوالات ۾ رکن. مولانا کي هڪ دفعو وزير ماليات مستفي الممالڪ مرزا محمد حسين جي حوالات ۾ ڏنو ويو. اهو وزير انگريزن جو طرفدار هو، جنهن کي امير حبيب الله جي مرڻ کان پوءِ امير امان الله موت جي سزا ڏني. ان بدخو وزير امير حبيب الله کي درخواست ڪئي تہ عبيدالله ۽ سنڌس ٻن ساٿين کي مفت جي ماني کارائڻ عيوض ڪانئن ڪا محنت بہ ڪرائي وڃي. امير صاحب جواب ۾ مولانا جي باري ۾ جيڪو فرمان پنهنجي وزير ڏانهن جاري فرمايو، ان ۾ لکيائين تہ:

"معلوم ڪيو تہ اهي ماڻهو ڪنهن ڪم ڪار ڪرڻ
جي بہ اهليت رکن ٿا يا اُهي گهڙيل ڪاٺ آهن؟"
سبحان الله! مولانا عبيدالله ۽ "اُهي گهڙيل ڪاٺ!"

پر مولانا صاحب، پنهنجن اعليٰ مقصدن جي پيش نظر، هڪ خود فراموش انقلابيءَ وانگر اهي سموريون بي عزتيون (۽ ٻيون جن جو ذڪر اڳتي ايندو) صبر ۽ استقلال سان برداشت ڪندو رهيو.

امير صاحب کين تسلي ڏني تہ "سرڪار خاطر جمع رکي. عبيدالله ۽ هندستان مان پيچي آيل ٻين ماڻهن جو جوڳو بندوبستو ڪيو ويندو."

انگريز سرڪار طرفان انهن ڏينهن ۾ هڪ هندستاني مسلمان بطور ريزيڊنٽ ايجنٽ جي ڪابل ۾ رهايل هو. اُهو بزرگ سفارتي ڪم هلائڻ سان گڏ جاسوسيءَ جو شغل بہ فرمائيندو رهندو هو. نالو هوس سيف الله (الله جي تلوار) الحمدلله! هندستاني هجڻ سان گڏ حاجي بہ هو ۽ حافظ بہ. انگريز محققن (مثلاً استو ورسٽ) لکيو آهي تہ "هر ڳالهہ ۾ قرآن پاڪ جون بيشمار آيتون پيش ڪندو رهندو هو. سندس پيش ڪيل آيتن جي سيلاب اڳيان ڪو بہ افغان بيهي ڪونہ سگهندو هو چو تہ افغانستان ۾ سارو ڪاروبار قرآن مجيد جي آيتن جي آڌار تي هلندو تي رهيو."

قصو ڪوتاه – حاجي حافظ سيف الله صاحب قبلو خود انگريزن پاران ڪابل اندر مولانا تي ڪرڙي نظر رکڻ شروع ڪري ڏني هئي ۽ افغانن کي معلوم هو تہ انگريز جون اهي اکيون ڪابل ۾ تيندڙ ساريون ڪارروايون ڏسي رهيون آهن.

*　　*　　*

متي ٻڌائي چڪو آهيان تہ مولانا صاحب 15- آڪٽوبر (1915ع) جو ڪابل پهتو هو.

ڪابل پهچڻ بعد پاڻ سردار عنايت الله[1] ۽ سردار نصرالله خان[2] جي ذريعي پنهنجي اچڻ جو مقصد امير حبيب الله جي ڪنن تائين پهچايائين.

ان وچ ۾ مولانا هيءُ بہ محسوس ڪري ورتو تہ امير صاحب ايتري قدر خودغرضيءَ ۾ مبتلا تي چڪو آهي جو هو ذاتي فائدن وٺڻ خاطر ساڳئي وقت هر پاسي پيو هٿوراڙيون ڏئي، تنهنڪري اهڙي ماڻهوءَ کي هندستان جي مقصدن ڏانهن پرمائڻ لاءِ جيستائين ڪنهن وڏيءَ لالچ جو سبزباغ نہ ڏيکاريو ويندو ۽ سندس پنهنجو وات مِٺو نہ ڪرايو ويندو، تيستائين هو محض نلهين ڳالهين تي لڳي يا مسلمانيءَ جي ننگ ۽ ترڪيءَ جي خليفة المسلمين کي بچائڻ خاطر انگريز خلاف هندستان تي چڙهائي ڪري انگريز کان غير

---

[1] امير حبيب الله جو فرزند.

[2] امير صاحب جو ڀاءُ.

جانبداريءَ عيوض هن وقت ملندڙ مستقل امداد جي نقدي وجائي ڪون ويهندو، (جيڪا شروع ۾ ارڙنهن لک سالانه هئي ۽ تازو جنگ لڳڻ کان پوءِ امير صاحب جي حسن خدمتي ڏسي، اُن ۾ وڌيڪ ٻن لکن جو اضافو ڪيو ويو هو.)

امير صاحب کي البته هيءَ انتظار دامنگير رهيو ته هو معلوم ڪري ته اهو سنڌي مولانا سندس کهڙي سوغات کڻي آيو آهي. هڪ ڏينهن مولانا کي "شرف باريابي" بخشيائين. مولانا سندس اڳيان هيءُ سٽيو لقمو لَڙڪايو، ڇي:

"افغانستان هندستان تي حملو ڪري اتان انگريز کي ڀڄائي ڪڍي، ان کان پوءِ امير صاحب جو پنهنجو هڪ فرزند هندستان جو آئيني بادشاه[1] (Constitutional Monarch) بڻجي دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪري، سندس زير سايه ۽ تابعداري هيٺ مقامي ماڻهو وزارت قائم ڪري ملڪي ڪاروبار هلائيندا رهندا."

اهو لقمو، جنهن مان بنهه سَٽيِ ڳڙي رهيو هو، امير صاحب کي ڏاڍو وڻيو. مولانا کي چيائين ته "اوهان ان باري ۾ جيڪو ڪم هلايو، تنهن ۾ هندستان جي هندن جي رضامندي ۽ شرڪت جو خاص خيال رکجو."

مولانا به ساهه پٽيو، دلاسو ملي ويس، ڪجهه ڇُرڻ پُرڻ جهڙو ٿيو. "دوستن جو اهو دلاسو" "سيءَ سڪائي ڪل" واريءَ منزل تائين پهچي، تنهن ۾ اڃا ڪجهه وقت لڳڻو هو.

* * *

---

[1] هن سنڌي مولانا جي حوصلي جو داد ڏيڻو پوي ٿو. هڪ جلاوطن درويش جيڪو ڪابل پهچڻ بعد ڪڏهن نظربند ڪڏهن آزاد، سندس مسڪيني جو هيءُ عالم جو بدن جا ڪپڙا وڪڻي گذران ڪري ڇڪو هو، سو هندستان جي تاج ۽ تخت جا سودا ڪري رهيو هو!

— مولانا جي ان اسڪيم جو هڪ حصو هيءُ به هو ته "جڏهن افغانستان جي مدد سان هندستان آزاد ٿي ويندو ته آزاد حڪومت جي ٻي شاخ به قائم ڪئي ويندي، جنهن جي هٿ هيٺ صوبه سرحد، سنڌ، بلوچستان ۽ آزاد علائقو (هندوڪش جبل تائين) هوندو." يعني درياه سنڌ جي سڄي ڪناري وارو سارو علائقو هڪ علحده انتظام هيٺ رهندو.

-- برصغير کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائڻ جي باري ۾ اهو اوائلي تصور هو جيڪو سال 1915ع ۾ مولانا صاحب پيش ڪيو. (ڏسو ظفر حسين ايبڪ جو ڪتاب "آپ بيتي"، جلد پهريون، صفحو 116).

-- مولانا جي ان اسڪيم جي خبر امير صاحب جي ٻئي نمبر پٽ امان الله خان کي پهچي ويل هئي، جنهن سمجهو ٿي ته اسڪيم هيٺ هندستان جو بادشاهه پاڻ ٿيندو. امير جو وڏو پٽ عنايت الله خان اڳ ۾ ئي امير جو ولي عهد هو ۽ ڪيس افغانستان جي بادشاهي ملڻي هئي، تنهنڪري هندستان جي بادشاهي امير جي ٻئي نمبر پٽ کي ئي ملي سگهي ٿي، جيڪو امان الله خان هو.

مٿي هڪ جاءِ تي ڇاڻايو ويو آهي تہ مولانا جي ڪابل پهچڻ کان تيرهن ڏينهن پوءِ يعني 2 - آڪٽوبر (1915ع) جو جرمني، آسٽريا ۽ ترڪيءَ جو هڪ گڏيل وفد ڪابل پهتو هو، جنهن ۾ بہ هندستاني انقلابي راجا مهندر پرتاب ۽ برڪت الله بہ شامل هئا.

مهندر پرتاب وارا اڳ ۾ ئي "حڪومت موقتہ هند" ناهي چڪا هئا. تن ڪابل پهچڻ کان پوءِ افغانن جي صلاح مشوره سان مجبوراً مولانا عبيدالله کي بہ ان "حڪومت موقتہ" ۾ شامل ڪري "وزارت داخلہ" جو قلمدان ڏنو. "موقتہ" يا مولانا وارو "قلمدان" اجا تہ چڙو خيال پُلاوَ هئا، پر ان صورتحال کي هن خيال سان قبول ڪيو جو جرمن وفد سان ڳالهين ڪندي معلوم ٿيو هوس تہ مهندر پرتاب کين خواهہ ٻاهرين ملڪن کي هن حقيقت کان بلڪل بيخبر رکيو هو تہ هندستان اندر مسلمان قوم بہ ڪا هستي رکي ٿي يا هندستان جي مسئلن ۾ هوءَ بہ ڀاڱي ڀائيوار آهي.

انِ سان گڏ مولانا کي مهندر پرتاب جي نيت ۾ بہ شڪ نظر آيو هو. مهندر، هندستان کي انگريزن جي ڪڙڻ کان پوءِ مهاراجا نيپال جي حوالي ڪرڻ ٿي چاهيو، جيئن مٿس هندو راڄ مسلط ٿئي.

مولانا مهندر جي "موقتہ" ۾ شامل ٿي انهن ارادن ۽ منصوبن جو سدباب ڪرڻ ٿي گهريو. ان کان سواءِ مولانا هندستان جو تخت ۽ تاج اڳ ۾ ئي امير حبيب الله خان جي فرزند لاءِ ريزرو ڪري چڪو هو.

بهرحال، انهن اندروني اختلافن جي باوجود حڪومت موقتہ ڪابل ۾ ويٺي فيصلو ڪيو تہ ڪن ٻاهرين ملڪن سان تعلقات پيدا ڪرڻ ۽ کين "موقتہ" جي وجود کان واقف ڪرڻ لاءِ وفد موڪلجن.

پهريون وفد روس لاءِ تيار ٿيو جنهن لاءِ مهندر پرتاب پنهنجي هڪ سک ساٿيءَ مٿرا سنگهہ کي تيار ڪيو. مولانا جي سخت احتجاج تي هڪ مسلمان کي بہ وفد ۾ شامل ڪرڻ بادل ناخواستہ منظور ڪيو ويو، پر مهندر ان جي خرچ پرڻ کان نابري واري ويهي رهيو. مجبور ٿي مولانا هڪ سؤ پائونڊ پنهنجي هڪ مهاجر دوست مولوي محمد علي قصوريءَ وٽان قرض طور وٺي وفد جي ان مسلمان رڪن جي سفر خرچ جو بندوبست ڪيو. وفد کي روس جي بادشاهہ (زار) جي نالي هڪ عريضو، سون جي ٿالهيءَ تي اُڪرائي ڏنو ويو.

تاشقند پهچندي ئي اتان جي روسي گورنر سوني ٽالهي کانئن ڪسي زار ڏانهن رواني ڪري ڇڏي ۽ وفد وارن کي زار جي جواب لاءِ ڪجهه ڏينهن پاڻ وٽ ترسائي آخر واپس ڪري ڇڏيو ۽ اڳتي وڃڻ ڪونه ڏنو. زار اها ٽالهي جنسي انگرزين ڏانهن موڪلي ڏني. ان ٽالهيءَ تي اُڪريل عريضي ۾ هيءَ لکيل هو ته جيڪڏهن روس هندستان کي آزاد ڪرائڻ ۾ افغانستان سان تعاون ڪندو ته هندستان ۾ ڪيس سياسي ۽ تجارتي فائدا ڏنا ويندا.

انگريز، روس وٽان ٽالهي پهچندي، ان خبر کي ڏاڍو مشهور ڪيو، جيئن هندستان اندر ڪيس آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندڙن کي وڏيڪ نپوڙڻ واسطي جواز ملي. اڳتي هلي جن ثبوتن جي بنياد تي رولٽ [1] ايڪٽ پاس ڪيو ويو تن ۾ ان ٽالهيءَ جو قصو به شامل هو.

روس ڏانهن موڪليل وفد جي ناڪاميءَ کان پوءِ به مولانا جي "موقته" همت ڪانه ڪاري. ٻه ٻيا وفد تيار ڪيائين. هڪ جاپان لاءِ ٻيو ترڪيءَ لاءِ. مولانا جي زور ڀرڻ تي ٻنهي وفدن ۾ مسلمانن کي به نمائندگي ملي. سفر خرچ لاءِ جرمنيءَ کان آيل وفد وارن ٽي سؤ پائونڊ مولانا جي هٿ تي رکيا. ان رقم مان هڪ سؤ پائونڊ ته مهندر پرتاب ۽ برڪت الله وارا، وچ مان ئي مولانا وٽان تڳائي ويا. چي: اسان کي پنهنجي لٽا نهرائڻا آهن. باقي ٻه سؤ پائونڊ مولانا گهر آڻي پنهنجن ساٿين وٽ امانتي رکيا پر اتان چوري ٿي ويا. وڏيءَ مشڪل سان مولانا نئون قرض وٺي رقم پوري ڪري ڏني. خير سان وفد ڪابل مان ته روانا ٿيا پر منزل مقصود تائين پهچي ڪونه سگهيا.

جاپان ڏانهن ويندڙ وفد کي روسين رستي مان جهلي انگريزن جي حوالي ڪري ڇڏيو. انگريزن وفد جي اڳواڻ مترا سنگهه کي هندستان آڻي ڦاهيءَ تي چاڙهيو.

ترڪيءَ جي ارادي سان نڪتل وفد به واٽ ويندي ايران ۾، مشهد وٽ گرفتار ٿيو. انگريز کين هندستان جي جيلن ۾ بند رکي سخت اذيتون ڏيندا رهيا.

---

[1] رولٽ ايڪٽ جي معنيٰ هئي ته مقامي عملدار شڪ جي بنياد تي ڪنهن به شهريءَ کي جيل ۾ بند ڪري سگهن. سيد نور احمد لاهوريءَ پنهنجي ڪتاب "مارشل لا سي مارشل لا تڪ" ۾ لکيو آهي ته رولٽ ايڪٽ اهڙو ئي شو جهڙا ايڪٽ. سيفٽي ايڪٽ جي نالي سان آزاديءَ کان پوءِ جون حڪومتون گهڙيءَ گهڙيءَ پاس ڪنديون رهيون آهن. پر جڏهن انگريز جي زماني ۾ پهريون دفعو رولٽ ايڪٽ پاس ٿيو ته هندستان جي پبلڪ ۾ ڏاڍو ڏمر ۽ جوش پيدا ٿيو، جنهن جو نتيجو 13 - اپريل 1919ع واري جليان والا باغ جي قتل عام جي صورت ۾ نمودار ٿيو ۽ انگري هندستان جي تاريخ نئين موڙ تي پهچي وئي.

وفدن جي اهڙيءَ ناڪاميءَ کان پوءِ 'موقتہ' جا بہ ميمبر مهندر پرتاب ۽ برڪت الله تہ همت هاري ڪابل مان کسڪي واپس جرمنيءَ هليا ويا. اڪيلو مولانا رهجي ويو جنهن جي حوصلي ۾ البتہ ڪو فرق ڪونہ آيو.

* * *

پاڻ هڪ نئين اسڪيم جوڙيائين ۽ جنهن تي نالو رکيائين "جنود الله". مقصد هيءُ هوس تہ ڪرسچن سالويشن آرمي جهڙو هڪ نيم فوجي نظام ٺاهجي جنهن جي ذريعي عالم اسلام جي بهبود لاءِ، بنا پگهار والنٽيئر پرتي ڪري، ڪو وڏو ڪم ڪجي. ان نظام هيٺ جيڪي عهديدار بڻجڻا هئا تن کي جرنيل، ليفٽيننٽ جرنيل، ميجر جرنيل، برگيڊيئر، ڪرنل سڏيو ويڻو هو، هر هڪ والنٽيئر کي ڪم ڪرڻ لاءِ، ايتري قدر مخفي طرح هدايتون ڏيڻون هيون، جو انهن جي خبر ڪنهن بہ ٻئي والنٽيئر کي پئجي ڪانہ سگهي.

پروگرام جي شرعات حجاز مقدس کان ٿيڻي هئي. مدنظر هيءُ مقصد رهڻو هو تہ حجاز، ايران ۽ ترڪيءَ جي اقتصاديات کي مضبوط ڪجي.

طريقو هيءُ تجويز ٿيو تہ مولانا جا بہ ساٿي ڪابل مان نڪري لِڪي ڇپي وڃي مڪہ معظمہ پهچن. اُتي حج جي موقعي تي ٿيندڙ قربانيءَ جون کلون گڏ ڪن، انهن کلن کي رنگي مَنجهان اعليٰ درجي جو چمڙيءَ جو سامان تيار ڪري، ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلين، ان صنعت ۽ واپار کي زور وٺائڻ لاءِ پنهنجي هڪ اسلامي بينڪ ۽ هڪ جهازن جي ڪمپني بہ کولين.

منصوبو تہ اعليٰ ۽ عالمگير هو پر افغان حڪومت مولانا جي نمائندن کي موڙهو مڪہ شريف وڃڻ جي اجازت ئي ڪا نہ ڏني، جنهنڪري "جنود الله" جنم وٺي ڪو نہ سگهيو.

* * *

مولانا عبيدالله کي ڪابل موڪلڻ کان پوءِ، سترت ئي، مولانا محمود الحسن پاڻ بہ (18- سپٽمبر 1915ع جو) ديوبند مان هجرت ڪري وڃي حجاز ۾ ويٺو هو.

اسان جي مولانا گهريو تہ مولانا محمود الحسن کي پنهنجي سرگذشت ۽ ڪابل جي حالتن کان واقف ڪري. تنهنڪري هُن، 6- جولائي 1916ع جو، هڪ مخفي، پر مفصل، خط ڦِڪي رنگ جي ريشمي رومال تي لکي هڪ

ملتاني مهاجر (شيخ عبدالحق نالي) کي ڏنو تہ هو حيدرآباد سنڌ جي ناميا ري نو مسلم شيخ عبدالرحيم [1] کي وڃي پهچائي. عبدالرحيم کي هيءُ حڪم موڪليو ويو تہ هو اهو رومالي خط پنهنجي سر مڪي شريف کڻي وڃي، مولانا محمود الحسن جي خدمت ۾ پيش ڪري.

پر شيخ عبدالحق ملتاني، حيدرآباد ويندي، رستي ۾ پنهنجي ڳوٺ ملتان لهي پيو. اُتي امانت ۾ خيانت ڪندي، "رومالي خط" رب نواز نالي هڪ موقعي پرست کي ڏيئي ڇڏيائين جنهن هڪدم اهو قيمتي ۽ موقعي جو تحفو انگريز حڪومت کي پهچائي پنهنجي لاءِ، انعام طور، زمين ٽڪر ۽ عبدالحق لاءِ پوليس ۾ نوڪريءَ جي جاءِ هٿ ڪئي. خان بهادر پاڻ اڳ ۾ ئي هو!

خط جو انگريز تائين پهچڻ ڇا هو، هڪ قيامت بپا ٿي ويئي، افغان حڪومت کي حڪم ڪيائين تہ مولانا ۽ سندس ساٿين کي جيل ۾ وڌو وڃي، خود هندستان اندر جن مشڪوڪ ماڻهن کي اڃا تائين گرفتار نہ ڪيو هئائين تن کي هڪدم گرفتار ڪري مختلف جيلن ۾ رکيائين. خود خط کي "ريشمي خط واريءَ سازش" (Silken Letter Conspiracy) جو نالو ڏيئي رولٽ ايڪٽ ناهڻ لاءِ فضا تيار ڪيائين.

* * *

انگريز سرڪار وٽان حڪمن پهچندي ئي افغانستان جي حڪومت، مولانا جي خلاف سخت قدم کنيا ۽ ايندڙ ٻہ سال صورتحال هيءَ بني رهي:

(1) مولانا کي شهر جي هڪ سوڙهي ۽ گندي علائقي جي هڪ اڌ ڀڳل بدبودار گهرڙي ۾ بند ڪري مٿس پهريدار بيهاري ڇڏيا ويا.

(2) جن هندستاني مهاجرن سان مولانا جو تعلق پيدا ٿي چڪو هو تن کي نوڪرين ۽ مڪتبن مان ڪڍيو ويو.

(3) نظربنديءَ ۽ نياڳ جي ان دور ۾ مولانا جا ڪي مهاجر ساٿي، مٿس انگريز طرفان جاسوسي ڪرڻ کان علاوه بہ اهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳا هئا جن جي

---

[1] شيخ عبدالرحيم مرحوم حيدرآباد جي هڪ معزز هندو خاندان جو فرد هو. آچاريا جيوت ڪرپالاڻي جو وڏو ڀاءُ هو. جيوت ڪرپالاڻي آل انديا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ بڻيو ۽ سندس پريزيڊنٽي جي زماني ۾ هندستان آزاد ٿيو.

شيخ عبدالرحيم اسلام قبول ڪري حيدرآباد جي هندو گهراڻن کي مسلمان ڪرڻ لاءِ زبردست تحريڪ هلائي. وڏو طوفان ڪري ٿيو، مقدما هلندا رهيا، فساد ٿيندا رهيا. پر شيخ صاحب پنهنجن نو مسلم عزيزن سميت ثابت قدم رهيو ۽ سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم باب جو عنوان بڻيو.

ڪري مولانا جي بروقت بيعزتي ٿيندي رهي. هڪ دفعي سنڌس ئي هڪ ساٿي درخواست ڪئي تہ مولانا جو هڪ پاڻيٽيو (محمد علي نالي) امير حبيب الله کي قتل ڪرڻ لاءِ سٽون سٽي رهيو آهي، شڪر آهي جو مقدمو نادر خان اڳيان پيش ٿيو. جيڪو اندران اندر مولانا جو همدرد ۽ ڪنهن حد تائين حال پائي هو. مولانا کي ٻن چئن حاضرين تي رلائڻ کان پوءِ مقدمي مان آزاد ڪري ڇڏيائين.

(4) افغان حڪومت جي، مجموعي طرح، غير همدردانہ بلڪ سخت پاليسيءَ ڪري مولانا جي ڪيترن مهاجر [1] ساٿين جي همت جواب ڏئي بيهي رهي. منجهان ڪي نظربنديءَ مان نڪري پٺي وڃڻ لڳا. محمد علي قصوري ۽ شيخ ابراهيم ياغستان هليا ويا، جتان جي سخت زندگي برداشت ڪرڻ سندن لاءِ ناممڪن ٿي پئي. محمد علي واپس لاهور هليو آيو ۽ انگريزن سان سندس صلح ٿي ويو. شيخ ابراهيم روس وڃڻ جي ارادي سان روانو ٿيو، پر رستي ۾ انگريزن جي ايجنٽن هٿان مارجي ويو. بہ ٻيا مهاجر، عبدالرشيد ۽ محمد حسن يعقوب، سيد احمد شهيد بريلوي رحہ جي باقيمانده جماعت جي مرڪز [2] ڏانهن، پناهہ وٺڻ ۽ ڪابل جي سختين کان ڇٽڻ لاءِ روانا ٿيا. جماعت جو ان وقت جو امير نعمت الله صاحب هو. عبدالرشيد کي ڪنهن طرح سان معلوم ٿيو تہ جناب نعمت الله صاحب في الحقيقت انگريزن جو جاسوس آهي تنهنڪري ڪيس، يعني نعمت الله صاحب کي ماري وڌائين. نعمت الله جي چوڪيدارن عبدالرشيد کي پهريان ڏڪ هڻي اڌ مئو ڪيو ۽ پوءِ جيئري کي تنور ۾ وجهي پچائي ڇڏيائون!

(5) جيڪي هندستاني مهاجر ڪابل مان پٺڻ جي قابل ڪو نہ رهيا سي هڪٻئي تي چغليون هڻندا ۽ هڪٻئي کي تڪليف ۾ آڻائڻ جون ڪوششون ڪندا وتيا. بہ ٽي دفعا چورين جا واقعا بہ ٿيا. خود مولانا جا چار ڏوڪڙ بہ چورائي ٿي ويا.

---

[1] اهي مهاجر وقتاً فوقتاً هندستان مان پٺي وڃي ڪابل ۾ رهڻ لڳا هئا. ڪي مولانا جي ڪابل پهچڻ کان اڳ ويل هئا ۽ ڪي پوءِ آيا. پر ڪابل رسڻ کان پوءِ اهي سڀ مولانا صاحب جي حلقي ۾ داخل ٿي، سندس واسطي باعث تڪليف جو بڻيا رهيا هئا (سواءِ هڪ ٻن جي). خود مولانا سان فقط ٻہ پاڻيٽيا محمد علي ۽ عزيز احمد گڏجي ويل هئا.

مهاجرن جي لباس ۾ انگريز پنهنجا بہ ڪي جاسوس مولانا سان گڏجي ڇڏيا هئا. جيڪي وقت بوقت سندس باري ۾ رپورٽون موڪليندا رهيا. انهن مان بہ تہ افغانستان وارن وٽ ظاهر ٿي پيا ۽ ڦاهي تي چاڙهيا ويا.

[2] اهو مرڪز آزاد علائقي ۾ افغانستان ۽ هندستان جي سرحد تي هو.

(6) سياري جي موسم ۾ مولانا کي شهر واري گندي گهرڙي ۾ بند رکندا هئا. ساوڻ ايندي شهر مان ڪڍي "چڙيا گهر ۾" رهائي ڇڏيندا هوس، جتي سندس رهائش واسطي تنبوءَ جو انتظام ڪيو هئائون.

(7) امير حبيب الله جي پوئين زماني ۾ مولانا کي وزير ماليات (مستفي الممالک محمد حسين) جي ذاتي حوالات ۾ ڏنو ويو. 1918ع جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن امير صاحب جلال آباد ۾ منزل انداز ٿي سرديون گذارڻ لڳو تـه دستور موجب ٻين وزيرن سان گڏ وزير ماليات بـه شاهي ڪيمپ ۾ وڃي رهيو. هو پنهنجي قيديءَ مولانا عبيدالله کي بـه پاڻ سان ڪنيو ڪنيو ويو. ۽ جلال آباد ۾ وڃي نظر بند ڪري رکيائينس. جهڙي طرح مٿي حاشيءَ ۾ هڪ جاءِ تي بيان ڪيل آهي، اهو نامراد وزير درپرده انگريز جو ايجنٽ ۽ مسلمانن جو دشمن هو. 1918ع جي آخر ۾ ترڪيءَ کي شڪست آئي تـه مولانا کي ذهني اذيت پهچائڻ خاطر، پاڻ وٽ سڏائي سندس اڳيان ترڪيءَ تي چٽرون ڪرڻ لڳو. چي: " اينـه ترڪي تمام شد"، يعني "اها ترڪي ختم ٿي وئي."

(8) اهڙي قيد ۽ ايترن ذهني ۽ جسماني اذيتن سهندي بـه مولانا جي دماغ مان هندستان جي مستقبل جو خيال ڪو نـه ويو. ۽ نـه سندس سوچ ۾ افغانن خلاف ئي ڪا تلخي آئي (سياسي تحمل جو اهو ٻي مثال ثبوت هو). پاڻ نظربنديءَ جي دوران، دنيا جي آئينن جو مطالع ڪندو رهيو، ۽ انهن ئي ڏينهن ۾، آخر هن نتيجي تي پهتو هو تـه سندس پنهنجي وطن لاءِ برطانيا جو پارلياماني آئين ئي موزون ٿيندو.

(9) ترڪيءَ کي شڪست آڪٽوبر 1918ع ۾ آئي. اها خبر امير حبيب الله خان کي ملي تـه هُـن جمعي جي خطبن ۾ پاڻ کي "امير المومنين، خليفة المسلمين" ڪوٺائڻ شروع ڪري ڏنو. سندس اهڙي هُبڄ تي مولانا کي ڏاڍو ڏک محسوس ٿيو پر ڪري ڇا ٿي سگهيو؟

* * *

امير حبيب الله خان جنگ ۾ نيوٽرل رهي انگريز کي هندستان جي فڪر کان آزاد ڪري ڇڏيو هو. امير صاحب جي اهڙيءَ مهربانيءَ ڪري ئي انگريز لاءِ ممڪن ٿي پيو هو تـه هو پنهنجون فوجون هندستان مان ڪڍي وڃي ٻاهرين محاذن تي استعمال ڪري. في الحقيقت ڏهـ لک [1] فوج هندستان مان

[1] ان زماني جي جنگين لاءِ ڏهـ لک فوج وڏي ڳالهـ هوندي هئي. لڙائي دست بدست هلندي هئي بندوق، نيزي ۽ ترار جي- هاٿي وارا موتمارا هٿيار اجان ڪو نـه نڪتا هئا.

ٿي، جيڪا انگريز طرفان، زياده تر مسلمان ملڪن، عراق، فلسطين ۽ ترڪي ۾ وڙهي مسلمانن جو رت وهائيندي رهي. جيڪڏهن اها فوج انگريز کي نہ ملي ها تہ هو اهي اسلامي ملڪ فتح ڪري ڪو نہ سگهي ها ۽ ساري عالمي جنگ جو نقشو بدلجي وڃي ها.

جيڪا فوج هندستان مان وئي تنهن جي تفصيل، ترڪيب ۽ ڪارڪردگي جي باري ۾ اوهان کي ڪيترن تاريخي ڪتابن ۾ اشارا ملن ٿا. مثلاً:

(1) ڏسو ڪتاب "انڊين خلافت موومنٽ"، تاليف جناب ڪي - ڪي عزيز ۾: رائٽ آنريبل فشر (نائب سيڪريٽري هند) جي تقرير (صفحو 92)، رائٽ آنريبل ايڊون مانٽيگو (سيڪريٽري هند) جي پارليامينٽ ۾ تقرير (صفحو 218)، گورنمنٽ برطانيہ ڏانهن گورنمنٽ هند جي تار مورخہ 20- فيبروري 1922ع (صفحو 206).

(2) ڏسو ڪتاب "فائر اِن افغانستان" مولفہ آر - ٽي - اسٽيورٽ صفحو 20 ۽ 21.

(3) ظفر حسن ايبڪ جي "آپ بيتي" جلد پهريون.

* * *

عالمي جنگ متعلق سڄي لٽريچر پڙهڻ کان پوءِ ثابت پيو ٿئي تہ جيڪڏهن امير حبيب الله خان، مولانا عبيدالله جي صلاح موجب، جنگ هلندي هندستان، جي محاذ تي انگريزن خلاف ڪجهہ خرخسو پيدا ڪري ها تہ انگريز هندستان ۾ رُجهي پوي ها ۽ هو اها ڏهہ لک فوج هندستان مان ڪڍي وڃي ٻاهرين مسلمان ملڪن ۾ ويڙهائي انهن کي شڪست ڏئي ڪو نہ سگهي ها. بلڪ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ موريو انگريز ساري جنگ هارائي ويهي ها. ۽ جنگ هارائڻ کان پوءِ هندستان مان خودبخود ڀڄي وڃي ها.

تنهنڪري اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ مولانا عبيدالله جي سوچ بلڪل صحيح هئي. پر اها مسلمانن ۽ هندستانين جي وڏي بدبختي ۽ انگريزن جي وڏي خوش نصيبي هئي، جو امير حبيب الله خان مولانا جي مشوري تي ڪو نہ هليو. ۽ انگريزن وٽان ملندڙ مالي امداد خاطر، نيوٽرل رهي انگريز کي ڪٽايو ۽ ترڪيءَ ۽ خلافت اسلاميہ کي تباهہ ڪرائي ڇڏيو. آخر ۾ خود کي تہ "خليفت المسلمين" بہ نصيب ڪا نہ ٿيس. نہ ڪي انگريز وٽان امداد واري رقم ئي پهچي سگهيس جنهن

جي پشاور مان ڪٽائي آٽڻ لاءِ گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن جو قافلو روانو ڪيو هئائين. (ان قافلي جي واپس اچڻ کان اڳ ئي پاڻ وڃي ٻي جهان پهتو هو.)

* * *

امير حبيب الله خان، جلال آباد جي ڀر ۾ (لغمان ۾)، 19-1918ع جي سياري جي موسم شيل شڪار ۽ سير تفريح ۾ صرف ڪري رهيو هو. اوچتو رات وڳڙي ۾ ڪو شاهينگ سندس تنبوءَ ۾ گهڙي، ڪيس متي ۾ گولي هڻي، ننڊ ۾ ننڊ ڏيئي ويو.[1] اهو واقعو 19 ۽ 20- فيبروري (1919ع) جي وچ واري رات ۾ ٿي گذريو.

سندس ڀاءُ نصرالله خان (جيڪو ساڻس گڏ جلال آباد آيل هو) سندس جاءِ تي پنهنجي بادشاهيءَ جو اعلان ڪيو. پنيان ڪابل مان وري امير جي ٻئي نمبر پٽ، امان الله خان، پنهنجي بادشاهي جو ڍنڍورو ڦيرايو ۽ پڳ ٻڌي ويهي رهيو.

نصرالله خان فوج جي پگهارن ۾ فقط ٻن روپين جو اضافو ڏنو، امان الله خان پنج روپيه اضافو ڪري، فوجين کي پاڻ سان ملائي، نصرالله خان کي گرفتار ڪرائي ڪابل ۾ آڻائي بند ڪيو. جلال آباد کان سندس هٿن ۽ پيرن ۾ زنجير وجهي ڪابل آندو هئائونس.[2]

مولانا عبيدالله به وزير ماليات (مستقفي الممالڪ) جي قيديءَ طور جلال آباد ۾ بند هو. تنهن کي به امان الله پاڻ وٽ گهرائي ساڻس آئينده لاءِ پروگرام طئي

---

[1] حبيب الله جو قاتل ڪير هو ۽ ان جي سازش ۾ ڀين ڪهڙن ماڻهن جو هٿ هو تنهن جي ثابتي ملي ڪا نه سگهي. شڪ ۾ ڪيترن ماڻهن کي جهليائون ۽ هڪ کي ته موت جي سزا به ڏيئي ڇڏيائون، پر اصل منصوبي تان پردو ڪجي ڪو نه سگهيو. سبب اهو هو جو امير حبيب الله خان مان گهڻو ڪري سيئي ماڻهو تنگ هئا: ڪو به ماتم وغيره ڪو نه ٿيو. سندس لاش چپ چپات ۾ جلال آباد (اندر ڪيل جي هڪ ميدان جي ڪنڊ ۾) پوري ڇڏيائون.

مولانا کي ان سازش جو پتو هو يا نه، سو به يقين سان چئي نٿو سگهجي، پر متعلقه تحريري مواد تي ڳوڙهي نظر وجهڻ سان غالب گمان پيدا ٿئي ٿو ته مولانا کي ان سازش جي لازماً ڪُٽڪ هئي، ڇاڪاڻ ته جيڪو گروپ حبيب الله جي انگريز نواز پاليسين ڪري، اندران اندر سندس مخالف هو، تنهن سان مولانا جو سنئو رابطو رهيو، ٻيو ته مولانا جي اصلي مقصد کي ناڪامياب بڻائڻ، کيس تڪليف ڏيڻ ۽ انگريز کي ڪٽائڻ وارو حبيب الله خان ئي هو، جنهنڪري قرين قياس لڳي ٿو ته مولانا جون دعائون حبيب الله جي دشمنن کي حاصل رهيون هجن، ٽيون ته مولانا خود ان موقعي تي جلال آباد ۾ موجود هو ۽ چوٿون ته حبيب الله جي مرڻ سان مولانا جون پنهنجون اسڪيمون اڳتي وڌڻيون هيون.

بهرحال حبيب الله ختم ٿي ويو ۽ مولانا جي اميدن جو ڏيو عارضي طور ئي، پر هڪ ڀيرو وري روشن ٿيو.

[2] ويچارو نصرالله خان مري به جيل ۾ ويو، امان الله خان پنهنجي مربي چاچي تي ڪو رحم ڪو نه ڪيو. آخر تخت تي جهيڙو هو!

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مولانا ڪي اشارتاً تسلي ڏنائين تہ آءٌ اهو ساڳيو آهيان.“ يعني جنهن جي لاءِ توهان هندستان جو تخت تجويز ڪيو هو، تخت تي ويهندي امان الله اهو اعلان ڪري ڇڏيو تہ هو پنهنجي ملڪ کي انگريز جي تسلط کان بہ آجو ڪرائيندو. اڳتي جو پروگرام هن طرح ٺهيو تہ [1]:

(1) مولانا صاحب وزير داخلہ حڪومت موقتہ هند جي حيثيت ۾، هندستانين جي نالي هيءُ عام اعلان موڪليندو تہ ”عنقريب هندستان تي چڙهائي ٿي رهي آهي، هندستان جي ماڻهن کي چڙهائي ڪندڙ فوجن جو مقابلو ڪرڻ نہ گهرجي، پاڻ انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي، انگريزي نظام مواصلات کي درهم برهم ڪيو وڃي، انگريزن کي قتل ڪيو وڃي وغيره، وغيره. (مولانا رات جي پيٽ ۾، ڪابل جي سرڪاري پريس ۾ ويهي اهڙو اعلان اردو ۽ انگريزي ۾، هيندڙ بلن جي صورت ۾ ڇپارائي تيار ڪرائي ورتو- اهو اُهوُ ئي اعلان آهي جيڪو هن مضمون جي مُهڙ ۾ ڏنو ويو آهي.

(2) افغانستان جون فوجون، هندستان جي سرحدن ڏانهن وڌي ٿن محاذن تي مورچا هڻي ويهنديون، ۽ حملي ڪرڻ لاءِ آخري حڪم جو انتظار ڪنديون.

(3) مولانا پنهنجا ڪيل اشتهار، پنهنجن مهاجر رفيقن هٿان هندستان موڪلي اُت تقسيم ڪرائيندو. اهو ڪم حملي ٿيڻ کان پهرين پورو ڪيو ويندو.

(4) هر محاذ تي فوجي ڪمانڊرن کي صلاح مشوره ڏيڻ لاءِ مولانا طرفان هڪ ماڻهو موجود رهندو.

(5) خيبر - تورخم واري محاذ جي اهميت جي پيش نظر مولانا پاڻ اُن محاذ تي فوجي ڪمانڊرن سان گڏ رهندو.

(6) اهي سموريون ڪارروايون شروع ۾ مخفي طور ڪيون وينديون، جيئن انگريز کي بيخبريءَ جي عالم ۾ اوچتو وڪوڙي وڃي.

* * *

---

[1] مولانا پنهنجي دل ۾ خوش هو تہ هو جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو هو، تنهن مان هندستان کي فائدو رسندو ۽ امان الله جي مدد سان هندستان آزاد ٿيندو- امان الله شروع ۾ تقريرون بہ اهڙي قسم جون ڪيون.

پوءِ جي واقعات جو سلسلو هن ريت رهيو:

* فيبروري (1919ع) ۾ حبيب الله خان قتل ٿيو.
* مارچ ۽ اپريل (1919ع) ۾ امان الله ۽ مولانا جي رٿيل پروگرام تي عمل شروع ٿيو.
* ساڳي اپريل جي 13 تاريخ هندستان ۾ جليان والا باغ [1] وارو ڪوس ٿيو، جنهنڪري هندستان ۾ انگريز خلاف ڪانگريس تحريڪ جو طوفان ڪڙو تي ويو. امان الله خان ۽ مولانا وارن ان موقعي کي هندستان تي چڙهائي لاءِ تمام موزون سمجهيو.
* اپريل جو سارو مهينو افغان فوجون سرحد طرف، مورچہ بنديءَ لاءِ مخفي طرح ٿَن محاذن ڏانهن وڌنديون رهيون. خيبر تورخم واري محاذ ڏانهن جيڪا فوج وڌي تنهن کي مشورن ڏيڻ لاءِ مولانا صاحب خود کي موڪليو ويو.
* ساڳي مهيني ۾ مولانا جا ٻہ رفيق، سندس ڇپايل اعلان جا هينڊ بل، لکي ڇپي وجي هندستان ۾ ورهائي آيا [2].
* افغان فوجن کي اهو حڪم ڏنل هو تہ هو محاذن تي پهچڻ کان پوءِ صرف مورچہ بند ٿي ويهي رهن ۽ اوستائين نہ ڪا ٺُوڪي ڪن، نہ پاڻ کي ظاهر ڪن، جيستائين ڪابل مان ڪين ٻيو حڪم نہ مليو آهي.
* پر تورخم واري محاذ ڏانهن ويل فوج وقت کان اڳ راز کولي وڌو- يعني مولانا کان ڪنهن بہ صلاح وٺڻ کان سواءِ هنن تاريخ 20- مئي جو تورخم وٽ درهٔ خيبر جي پير ۾ هڪ تڪراري چشمي جي قبضي تي انگريزي سپاهين تي فائرنگ ڪري انگريز کي خبردار ڪري ڇڏيو، نہ تہ اوستائين

---

[1] اهو ڪوس امرتسر ۾ ٿيو. انگريزن رولٽ ايڪٽ پاس ڪيو هو جنهن هيٺ عملدار ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي بنا مقدمو هلائي جيل ۾ رکي سگهيا ٿي، اعتراضاً ڪانگريس پاران مهاتما گانڌيءَ هڙتال جي اپيل ڪئي، پنجاب سرڪار امرتسر جي ڪانگريسي ليڊرن ڊاڪٽر ڪچلو ۽ ڊاڪٽر ستيال پال کي 10 اپريل جو گرفتار ڪيو جنهن تي امرتسر جي عوام هنگامو ڪيو. حڪومت 12- اپريل جو امرتسر جو انتظام فوج جي حوالي ڪيو، جنرل ڊائر ان فوج جو ڪماندر بڻيو. ٻئي ڏينهن يعني 13- اپريل، جليان والا باغ جي چوديواري اندر جلسي لاءِ ماڻهو گڏ ٿيا. جنرل ڊائر جليان والا باغ جي دروازي تي فوجي بيهاري، ماڻهن تي بي تحاشا گوليون هلايون. ماڻهن لاءِ ڀڄڻ جو رستو ڪو نہ رهيو هو، ڇو تہ جيڪو هڪ دروازو هو، تنهن کي فوج جهليو بيٺي هئي، 400 کان مٿي مئا ۽ 1200 زخمي ٿيا.

[2] ويچارن وڏو جوکم جو ڪم ڪيو، جيڪڏهن هندستان اندر پڪڙجي پون ها تہ انگريز کين لازماً ڦاسيءَ تي چاڙهي ها، جيئن ٻين "باغين" جي حالت ڪندو رهيو هو.

انگريز کي افغان فوجن جي سرحد تي ڪنهي تيڻ جي خبر ڪا نہ پئجي سگهي هئي. هينئر جو انگريز اک پٽي تہ افغانن جي ساري ڪارگذاري سند سامهون هئي.

* عالمي جنگ مان، اجا چند مهينا اڳ (1)، فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ انگريز گهٽو ٿڪل هو ۽ سندس فوجون چار سال مسلسل وڙهڻ ڪان پوءِ هينئر آرام ڪرڻ لاءِ آئيون هيون، پر ان هوندي بہ منجهس ايتري طاقت ضرور هئي تہ هو افغان فوجن جو مقابلو ڪري سگهي. افغانن وٽ نہ ڪافي هٿيار هئا، نہ جيڪي هٿيار هون سي جديد قسم جا هئا. فوجين جو هيءَ حال هو جو سندن پگهارون بقايا ۾ حڪومت جي ذمي رهجي ويل هيون. سرحد جي جن "قبائلي لشڪرن" جي همدردي ۽ جنگ ۾ شرڪت تي ياڙيون هوائون، تن جي هيءَ هلت هئي تہ جت بہ موقعو ٿي ملين تہ اُت ماڻهن جا گهر ۽ دڪان ڦُري لُٽي، مڏي مٿي تي ڪٽي، راتو واهہ محاذ ڇڏيو پنهنجي گهرن ڏانهن پڄيو ٿي ويا. عالمي جنگ ۾ هوائي جهاز نهي ۽ استعمال ٿي چڪا هئا، پر افغانن اجان هوائي جهاز اکين سان بہ ڪو نہ ڏٺو هو.

* 8- تاريخ مئي جو انگريزن هوائي جهاز موڪلي تورخم واري محاذ تي افغان فوجن مٿان بم ڪيرايا. بم جو هڪ ٽڪرو افغان ڪمانڊر صالح محمد خان جي پير ۾ بہ لڳو. هُو "پائي ما شهيد شد" (منهنجو پير شهيد ٿي ويو) چون دانهون ڪندو. پنهنجي فوجي دستي کي پاڻ سان گڏ پڄايو وڃي پوئتي ڊڪي جي ڇانوڻيءَ ۾ ڇپي ويهي رهيو. محاذ ٽٽي ٽتر بتر ٿي ويو.

* وچان اسان جو مولانا روهہ ۾ رُلي ويو. ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي ڪُـڙي ڪٽي وڃي چمرڪند (ياغستان) ۾ دم پٽيائين. نہ وطن وري سگهيو ٿي، نہ ڪابل ۾ ڪنڌ ڪٽي سگهڻ جهڙو رهيو هو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ امان الله خود ضرورت محسوس ڪئي تہ مولانا سان مزيد مشورو ٿيڻ گهرجي، چمرڪند مان ڪابل گهرائي ورتائين.

* انگريزن جي هڪ هوائي جهاز 24- تاريخ مئي جو پشاور مان کهي اچي ڪابل مٿان هڪ اڌ گولو ڪيرايو. افغانن آسمان مان ڪرنڌڙ بمن جي بهاري پهريون پيرو ڏٺي، هراس ۾ پئجي ويا.

(1) عالمي جنگ 11- نومبر 1918ع جو بند ٿي هئي. هيءُ قصو ان ڪان صرف پنج مهينا پوءِ يعني اپريل 1919ع ۾ ڇڙي رهيو هو.

* امان الله خان بنهه دل هاري ويهي رهيو. هندستان طرف وڌڻ ۽ مولانا صاحب جي خوابن ۽ اميدن کي پورو ڪرڻ تہ درڪنار، نہ ڪيائين هـَـم نہ تـم- هڪدم جنگبندي جو اعلان ڪري، 27- مئي جو محاذن جي ڪمانڊرن ڏانهن حڪم موڪلي ڏنائون تہ هو پنهنجون فوجون سرحد کان ويهہ ميل پوئتي هٽائي ڇڏين. ويچاري مولانا کان پڇيائين بہ ڪو نہ!

* 8- آگسٽ (1919ع) جو امان الله خان جي نمائندن، راولپنڊي پهچي انگريزن سان (عارضي وقتي) صلح نامو ڪيو. انگريزن سالانہ امداد واري رقم تان هٿ ڪڍائي افغانستان کي في الحال خط ذريعي هڪ آزاد رياست تسليم ڪرڻ جو دلاسو ڏنو.

* راولپنڊي ۾ انهن ڳالهين هلندي افغان نمائندن هڪ اکر بہ هندستان جي باري ۾ انگريزن کي ڪونہ چيو [1].

* ان عارضي صلح نامي جي تصديق ۽ مستقبل جي تعلقات جي نوعيت متعين ٿيڻ اڃا باقي هئي.

* ورندڙ سال، يعني 1920ع پنهين طرفن حالتن چڪاسڻ ۾ صرف ڪيو. انگريزن خلاف جليان والا باغ ڪري هندستان اندر ڪانگريس هلچل زور سان اُپرندي ٿي ويئي، ترڪيءَ جي مسئلي تي مسلمانن ۾ بہ شديد اشتعال پيدا ٿي چڪو هو. انگريز انهن حالتن کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ لاءِ بندوبست ڪندو رهيو. ٻئي طرف امان الله خان وارا روس جي نئين [2]

---

[1] مولانا جي هڪ مهاجر رفيق، شاگرد ۽ همراز (جيڪو سارو وقت سندس خدمت ۾ رهيو هو) نوجوان ڪئپٽن ظفر حسن ايبڪ پنهنجيءَ "آپ بيتيءَ" (جلد پهريون صفحو 189) ۾ هيئيون تبصرو ڪيو آهي، ته:

> "توڙي جو افغانن قبلہ مولانا صاحب (مرحوم) جي تجويزن تي عمل ڪو نہ ڪيو، تنهن هوندي بہ مولانا صاحب جي تدبر ۽ ڏکڻ هندستان جي موپلن جي جان نثارين ۽ اتر ۾ پنجاب جي ماڻهن جي قربانين سببان افغانستان آزاد ٿي ويو. افسوس اهو آهي تہ هندستان ان کان پوءِ بہ پهرئين وانگر غلام رهجي ويو. افغانستان پنهنجي جنگي سائيءَ، يعني هندستان جي مسلمانن کي پنهنجي قديم روايتي عادت مطابق سندس قسمت تي ڇڏي ڏنو. ان کان پوءِ انگريزن جيڪي ظلم هندستانين تي ڪيا، سي ڪنهن کان ڳجها ڪو نہ آهن. پر وچ مان امان الله مستقل بادشاهہ بڻجي ويو ۽ ان ڪاميابيءَ جو سهرو پنهنجي سر تي ئي ٻڌي ويهي رهيو.

[2] عالمي جنگ هلندي، شروع 1917ع ۾ روس ۾ انقلاب اچي ويو هو ۽ ڪميونسٽن روس جي بادشاهہ زار جي حڪومت جو تختو ڪڏي ڪيس قيد ۾ رکي ڇڏيو هو. زار روس انگريزن جو طرفدار رهيو هو (جنگ ۾). انگريز ڪميونسٽ انقلابين خلاف روس جي شاهہ پرستن جي مدد ڪندا رهيا هئا. تنهنڪري ڪميونسٽ انگريز جا دشمن ٿي پيا هئا. سندن سفير ڪابل ۾ پهچي چڪو هو.

ڪميونسٽ حڪومت جا ٽيڙ جاچيندا رهيا تہ انگريزن سان دوباره جهيڙي واريءَ حالت ۾ ڪين روس وٽان ڪهڙي ۽ ڪيتري مدد ملي سگهندي. ساڳي وقت امان الله خان پنهنجا سفير ٻاهرين ملڪن ڏانهن بہ روانو ڪندو رهيو تہ هو دنيا جي حڪومتن ڪي وجهي هيءَ خوشخبري ٻڌائن تہ افغانستان هينئر انگريزن جي چنبي مان نڪري آزاد خود مختيار رياست بنجي چڪو آهي، جنهن سان سڌيءَ طرح سفارتي رشتا قائم ڪرڻ سندن لاءِ مناسب قدم ٿيندو.

* ٻئي سال، يعني 1921ع جي جنوري مهيني ۾ انگريزن سر هنري ڊابس جي سرڪردگيءَ هيٺ، امان الله سان پڪي عهدنامي بابت ڳالهين هلائڻ لاءِ، پنهنجو وفد ڪابل موڪليو. ڳالهيون ست - اٺ مهينا هلنديون رهيون ۽ گهٽو ڪري پوزيشن صاف ٿي ويئي.

* ساڳي سال (1921ع) جي آخر ۾، امان الله خان پنهنجن نمائندن جو وفد، پنهنجي سهري محمود طرزي [1] جي سربراهي هيٺ، انگريزن سان آخري عهدنامي طئي ڪرڻ لاءِ هندستان موڪليو. مسوديءَ ۾ شرطن تي گهٽو وقت ڪشمڪش هلندي رهي. نيٺ 22 نومبر جو پڪي صلح نامي ۽ عهد نامي تي صحيحون پئجي ويون ۽ امان الله ۽ انگريز جو جهيڙو ختم ٿيو. ٻيئي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي ويا. انگريزن کيس آزاد بادشاهہ قبول ڪيو ۽ "هزميجسٽي" ڪوٺڻ قبول ڪيو.

* محمود طرزي، جڏهن هندستان ڏانهن روانو ٿيڻ لڳو هو تہ هن مولانا عبيدالله کي ڏٽو ڏئي، ڪانئس ڪيترن هندستاني ليڊرن ۽ انقلابي ورڪرن نالي خط ورتا هئا. خطن وٺڻ جو مقصد، مولانا کي هيءَ ٻڌايو هئائين تہ انگريز سان صلح ٿيڻ جو امڪان ڪو نہ آهي، تنهنڪري جنهن وقت انگريزن سان ڳالهيون ٽٽيون تہ هو اهي خط هندستان وارن کي پهچائي ڪانئن بغاوت ڪرائيندو. ۽ پاڻ واپس ڪابل پهچي هڪدم سندن مدد لاءِ افغان لشڪر روانو ڪرائيندو. اهو سڄو ٺلهو چٽمو هو. پاڻ ڪيائين ڇا، جو مسوديءَ ۾ انگريزن سان عهدنامي تي صحيحن ڪرڻ کان پوءِ اهي

[1] محمود طرزي امان الله جو وزير خارجہ بہ هو.

سمورا خط، ساڻن پنهنجيءَ خير خواهيءَ ڏيکارڻ لاءِ سندن (يعني انگريزن جي) حوالي ڪري ڇڏيائين!

انگريزن جي سائين ڪٺي سُئي، ڪين معلوم ٿي ويو ته هندستان اندر ڪهڙا ڪهڙا لڪل انقلابي آهن.

اُنهن کي ٻڌڻ لاءِ هڪدم وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏنائون. جيڪي غريب اڄ تائين سي - آءِ - ڊي جي نظرن کان ٿَريل هئا سي به هينئر نگهوسار ٿي ويا.

انگريزن انهن خطن ڏسڻ کان پوءِ، اهڙو تشدد ڪيو جنهن جو مثال اڳ نظر ڪو نه آيو هو.

اها هئي محمود طرزيءَ جي ڪارستاني، يا مولانا سان افغانن جي روش!

* جنرل نادر خان مرحوم ته محمود طرزيءَ کان به وڌيڪ سٺ سٺيو وينو هو. سندس ڪوشش هئي ته امان الله خان مسوريءَ واري وفد جي اڳواڻي سندس سپرد ڪري، جيئن هو ان موقعي جو فائدو وٺي، انگريزن کي ڊيڇاري ڌمڪائي ۽ ساڻن ڊپلوميسي هلائي ڪانئن سرحد جو سڄو علائقو، درياهه جي سڄي ڪناري وارو اٽڪ جي پل تائين ڇڏائي افغانستان ۾ شامل ڪرائي ڇڏي. پر امان الله خان ڪيس مسوري ڪو نه موڪليو، جنهنڪري اهو منصوبو اُبڙي ڪو نه سگهيو... ولي بخير گذشت!

*　　*　　*

1921ع ۾ جڏهن افغانن ۽ انگريزن جي وچ ۾ پڪي عهدنامي جي شرطن تي ڇڪتاڻ هلي رهي هئي، ته انگريزن تي وڌيڪ دٻاءُ وجهي ڪانئن پنهنجي آزادي وٺڻ لاءِ امان الله خان هڪ ٻيو حيلو به هلايو.

هندستان ۾ هجرت جي ڇٺو پچوءِ هلڻ لڳي هئي. فرنگي محل (لکنو) جي مولانا عبدالباري صاحب رحمة الله عليه فتويٰ جاري ڪئي هئي ته انگريزن جي حڪومت هجڻ ڪري مسلمانن لاءِ "دارالحرب" [1] بڻجي چڪو آهي، جتان هجرت ڪري ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ وڃي پناهه وٺڻ هينئر مسلمانن جو مذهبي فرض آهي.

---

[1] هڪ اهڙو ملڪ، جيڪو مسلمانن سان جنگ ڪري رهيو هجي.

امان الله اها خبر ٻڌي اعلان ڪيو تہ: "افغانستان جو سارو ملڪ هندستان جي مهاجرن کي پناهہ ڏيڻ لاءِ تيار آهي." ان اعلان جا رڪارڊ پرائي هندستان موڪلي مسلمانن کي ٻُڌارايا ويا.

ان آسري تي لڳي، شروع 1921ع ۾ مهاجرن جا [1] قافلا افغانستان ڏانهن وڃڻ شروع ٿيا. ٿورن ڏينهن اندر پنجاهہ هزار مهاجر افغانستان پهچي ويا. پنيان قافلن کي رواني ڪرڻ کان اڳ ڪنهن بہ جاچ ڪا نہ لڌي هئي تہ افغانستان ايترن ماڻهن کي رهائي ۽ پالي بہ سگهندو يا نہ؟ انگريز کي البتہ حالتن جو صحيح اندازو هو. هن سمجهيو هو تہ افغانستان ايترن مهاجرن لاءِ گنجائش پيدا ڪري ڪو نہ سگهندو ۽ مهاجرن کي دربدر خاڪ بسر تي موٽي پنهنجي وطن اچڻو پوندو ۽ ان ڳالهہ تان هندستان جي مسلمانن ۾ افغانن خلاف خاصي نفرت پيدا ٿيندي. ان يقين جي مد نظر انگريز سرحدون کولي ڇڏيون تہ جيئن گهٽي ۾ گهٽا مسلمان افغانستان وڃي پنهنجو مُنهن پِٽ سان هٽي موٽي اچن.

[1] سنڌ جي ماڻهن هجرت جي تحريڪ ۾ ڪافي مصيبتون سٺيون. سنڌ اندر ان تحريڪ جا باني مباني مولانا تاج محمد امروٽي رحمة الله عليه ۽ سندس ساٿي پير تراب علي شاهہ راشدي (مرحوم) ۽ پير علي انور شاهہ راشدي (مرحوم) ۽ رئيس جان محمد خان جوڻيجو (مرحوم) هئا. انهن بزرگن امان الله جي اعلان تي اعتبار ڪري هزارن سنڌين کي هجرت ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. پهريون قافلو سنڌ مان ويو، جنهن جي اڳواڻي رئيس جان محمد خان خود ڪئي. ڪابل پهچڻ کان پوءِ امان الله وارن رئيس صاحب کي چيو تہ وٽن ايترن مهاجرن کي پالڻ جيترو پيسو ڪو نہ آهي. تنهنڪري هو واپس هندستان وڃي، اتان چندو گڏ ڪري، ڪا رقم ڪٺي اچي. رئيس واپس اچي هندستان مان چندو گڏ ڪرڻ لڳو ۽ ان ڪوشش جي دوران ۾ بيمار ٿي پيو ۽ اجمير ۾ انتقال ڪري ويو.
افسوس آهي تہ جن ٻاهرين مورخن هجرت جي تحريڪ جي تاريخ لکي آهي تن نہ رئيس جان محمد جو نالو ڪيو آهي ۽ نہ تحريڪ دوران سنڌين جي قربانين جو ڪو ذڪر ڪيو آهي. شڪر آهي تہ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جي ڪاغذن ۾ هڪ ٺهراءَ ملي ٿو جنهن ۾ رئيس صاحب جي وفات تي اظهار افسوس ڪندي هي حقيقت صاف اکرن ۾ تسليم ڪئي وئي آهي "هجرت تحريڪ جو قائد" رئيس جان محمد مرحوم هو. اها ڪانفرنس 8- جولاءِ 1921ع جو ڪراچيءَ ۾ مولانا محمد علي جوهر جي صدارت هيٺ منعقد ٿي هئي (ڏسو انڊين اينيل رجسٽر، سال 1922ع. پارٽ پهريون. صفحو 238 کان 240 تائين). انهيءَ اجلاس ۾ پاس ڪيل هڪ ٺهراءَ جي بنياد تي مولانا محمد علي مرحوم ۽ ٻين تي ڪراچي وارو تاريخي مقدمو بہ هليو هو. مولانا محمد علي سان گڏ هڪ سنڌيءَ، پير غلام مجدد مرحوم بہ جيل جي سزا ڪاڏي!
سنڌين، هجرت جي عشق ۾ پنهنجا گهر ٻار، زمينون ۽ مال ڍڳا نيلام ڪري ڪروڙين روپين جا نقصان سٺا هئا، پر ڪوڙن تاريخ نويسن صرف اِن ڳالهہ ٻڌائڻ کان بہ ڪيٻايو آهي تہ سنڌ بہ هجرت ۾ ڪو حصو ورتو هو!
ڪنهن ڏينهن شايد ڪو خدا جو بندو هجرت جي سچي تاريخ لکي ۽ ان ۾ سنڌ جي قربانين جو تفصيل ڏئي.
هجرت جي سلسلي ۾ ساري هندستان اندر سڀ کان پهرين بغاوت جو مقدمو بہ سنڌ ۾ داخل ٿيو هو، رتيديري، ضلع لاڙڪاڻي جي مرحوم علي حسن خان گهانگهري تي!

آخر ٿيو بہ ائين. افغانستان ايترن مهمانن لاءِ بندوبست ڪري ڪو نہ سگهيو. مهاجر ويچارا سڀ ڪجهہ لٽائي، ملڪيتون وڪڻي، جيڪو پيسو ٽڪو ساڻ کڻي ويا هئا، سو سڀ اُت ڦرائي، (ڪن حالتن ۾ زالون ۽ ٻار بہ ڪسائي)، ڪنگال ۽ اڌ مُئا ٿي واپس اچي ڳوٺ پهتا. ڪين ڪابل مان جلد پچائڻ جي نيت سان، هڪ مهاجر ڪيمپ ڏانهن، رات جي وقت پاڻي ڇڏي ٻوڙ ٻوڙا ڪرائي ڇڏيائون. ڪابل جي ٿڌ ۽ اڌ رات جو ٻوڏ! سائين ڏئي بندو سهي!!

مولانا ڪابل ۾ ويٺي ان حال تي ارمان ڪندو رهيو. قافلن کي موڪلڻ کان [1] اڳ ڪانئس ڪنهن ڪو نہ پڇرايو هو تہ امان الله وارن جي نيت ڪهڙي آهي، ورنہ مولانا ڪابل جي حالتن کان کين اڳواٽ خبردار ڪري ڇڏي ها.

* * *

ڪابل ۾ مولانا جي رهائش جا پويان بہ ادائي سال ڏاڍا ڏکيا گذريا. حبيب الله خان خواه امان الله خان وارن جون ڪار گذاريون ڏسي سندس اميدون مايوسيءَ ۾ تبديل ٿي چڪيون هيون، ان هوندي بہ هو واندو ڪو نہ ويهي رهيو.

پهرين تہ روس جي نئين ڪميونسٽ حڪومت جي ڪابل ۾ رهندڙ سفير سان تعلقات پيدا ڪري ورتائين، جيڪي اڳتي هلي سندس ڪم آيا.

ٻيو وڏو ڪم اهو ڪيائين جو هن پنهنجا ٻہ -چار ساٿي ڪٺا ڪري آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي جي ڪابل شاخ ناهي ورتي، جنهن جو پاڻ صدر بڻيو ۽ حيدرآباد سنڌ مان ويل نوجوان مهاجر، ڊاڪٽر شيخ [2] نور محمد کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيائين. آل انڊيا ڪانگريس جي گيا واري سالانہ اجلاس ان شاخ کي تسليم ڪري ان جو پاڻ سان الحاق منظور ڪري ڇڏيو.

ان مان فائدو اهو رسيو جو ٻاهرين دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ مولانا کي سياسي حيثيت حاصل ٿي ويئي. ڪانگريس اڳ ۾ ئي بين الاقوامي دنيا ۾

[1] سنڌ ۾ هي ڪوڙا افواه هلايا ويا هئا تہ مولانا خود هجرت لاءِ ڪوٺ موڪلي آهي ۽ هو افغانستان ۾ سندن استقبال لاءِ سڀ انتظام رکيو ويٺو آهي.

[2] ڊاڪٽر شيخ نورمحمد حيدرآباد جو نومسلم، شيخ عبدالرحيم جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي) جو اڳ ڄائو، چند عامل خاندان جو فرد هو. 1953ع ۾ افغانستان کان واپس سنڌ آيو هو. مون ڪيس سرڪاري نوڪري ۾ رکي سنڌ جي سول اسپتال ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو هو. آءٌ ان زماني ۾ سنڌ جو وزير صحت هوس.

- (مصنف)

مشهور ٿي چڪي هئي. مولانا کي هينئر هي حق حاصل ٿيو ته هو ڪانگريس جي نمائندي طور، هندستان جي آزادي ۽ سياست جي باري ۾، ٻاهرين سان ڳالهيون ڪري سگهي. ڪانگريس جي اها پهرين شاخ هئي جيڪا باقاعده ڪنهن ٻاهرين ملڪ ۾ قائم ٿي. اُن کان اڳ ڪانگريس پاران صرف پروپيگنڊا ٿيندي رهي هئي.

اُنهن ڏينهن ۾ يعني 1921ع ۾، مهاتما گانڌي عدم تعاون جي تحريڪ هلائڻ واسطي هڪ ڪروڙ چندي لاءِ اپيل ڪئي هئي جنهن جي وصولي لاءِ آخري عرصو ڊسمبر 1921ع مقرر ڪيو هئائين. مولانا کي خبر پئي ته رقم ۾ اجاڪجهه ڪمي رهجي ويئي آهي ۽ اُن جي وقت اندر وصوليءَ ۾ گانڌي جيءَ کي ڏکيائي محسوس ٿي رهي آ هي.

مولانا هڪدم روس جي سفير سان رابطو قائم ڪري، سندس اڳيان هندستان جي آزاديءَ جو مسئلو اهڙي ڊپلوميٽڪ انداز ۾ پيش ڪيو، جو روسي حڪومت هِرڪجي هڪ لک رپيا گانڌي جيءَ جي فنڊ ۾ ڏيڻو ڪيو. مولانا اهڙو اطلاع هندستان موڪليو، پر ان کان اڳ ۾ ئي ڪروڙ رپيو ڪَٺو ٿي ويو هو، جنهنڪري مولانا روسين کي ٻڌائي ڇڏيو ته هاڻي سندن مالي مدد جي ضرورت ڪا نه رهي آهي.

مولانا جي ان ڪوشش جو البته هيءُ نتيجو نڪتو ته روسين ۾ هندستان جي مسئلي جي باري ۾ دلچسپي پيدا ٿي ويئي ۽ هنن مسئلي جي سمجهڻ ۽ هندستان سان مدد ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني.

ٻيون ڪم مولانا هيءُ ڪيو ته هن ڪابل ۾ "بين الاسلامي اردو يونيورسٽي" قائم ڪرڻ لاءِ امان الله جي حڪومت کي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان منصوبي کي اڳتي وڌائڻ جي مقصد سان مولانا سردست هڪ اردو اسڪول به کولي ڇڏيو. سندس خيال هو ته جيڪڏهن افغانن ۾ اردو زبان جو چرچو هليو ته ممڪن آهي ته هندستان سان سندن ڳوڙهو ۽ سڌو رابطو پيدا ٿي پوي.

امان الله خان، مولانا کي اردو يونيورسٽي کولڻ لاءِ به اجازت جي چارٽر ڏيڻ کان گهڻي عرصي تائين رلائڻ کان پوءِ، انڪار ڪري ڇڏيو، نه صرف ايترو پر پٺاڻن گوڙ ڪري مولانا وارو اڳ کليل اردو اسڪول به بند ڪرائي ورتو. نعرو هيءُ هنيائون ته:

"مار را آمان، هندستاني را بڪُش"

(يعني نانگ کي پناهه ڏيو، هندستانيءَ کي ڪُهو!)

امان الله خان، انگريز کان پنهنجي آزاديءَ جي ڇني وٺڻ کان پوءِ، موج ۾ اچي ويو هو، اتا ترڪ مصطفيٰ ڪمال انهن ڏينهن ۾ اُڀري رهيو هو، امان الله خان سپنا لهڻ لڳو تہ هو بہ اتاترڪ جي جُتيءَ ۾ پير وجهندو. اها ڳالهہ بہ ياد ڪا نہ رهيس تہ ڪيس انهن موجن واريءَ منزل تائين پهچائڻ، ۽ سندس ملڪ کي انگريز کان آزاد ڪرائڻ ۾ مولانا عبيدالله جو ڪيترو هٿ هو؟ يا هُن قلندر مڙس، پناڻن کي ان مقام معليٰ تائين پهچائڻ خاطر پاڻ ڪيترا سور سٺا هئا؟

مولانا جي ڪابل پهچڻ کان اڳ افغانستان جو ڇا حال هو ۽ پوءِ ڪهڙو حال ٿيو؟ مولانا جي ڪابل پهچڻ تائين تہ افغانستان وارا سُتل رهيا هئا يا خانہ جنگيءَ ۾ مصروف. سندن امير پشت بد پشت انگريز جا وظيفہ خوار هوندا هئا. سالانہ وظيفا وٺندا هئا ۽ انگريز سان وفاداريءَ جا دم ڀيا ڀريندا هئا. سندن ملڪ جي حيثيت هندستان جي هڪ معمولي رياست جهڙي هوندي هئي، امير صاحب جي پهچ سڌيءَ طرح انگريزن جي بادشاهہ [1] تائين بہ ڪا نہ هوندي هئي، هو هندستان جي وائسراءِ ڏانهن واجهائيندو رهندو هو، جنهن جي هدايتن تي ئي ڪيس عمل ڪرڻو پوندو هو. خارجہ پاليسي ۾ سندن پنهنجو ڪو دَرڪ ڪو نہ هوندو هو، ڪنهن بہ ڌارئين ملڪ سان تعلقات رکي ڪو نہ سگهندا هئا. سفارتي نمائندن مقرر ڪرڻ يا ٻاهر موڪلڻ جي آزادي ڪو نہ هوندي هُوَن. محتاجيءَ، بيوسيءَ ۽ اندروني سالميت جي هيءَ ڪيفيت هئي جو امير صاحب کي پنهنجن عزيزن ۽ رقيبن کان بچائڻ خاطر انگريز کي اهو بندوبست ڪرڻو پيو تہ هو اهڙن ماڻهن کي مورڳو ملڪ مان ڪڍي هندستان ۾ آڻي پنهنجي نظر هيٺ رهائي ۽ سندن قوت گذران جو خرچ خود برداشت ڪري، جيئن امير صاحب پنهنجي آرام سان ڪابل ۾ رهي انگريز پاران هندو ڪُش دره جي چوڪيداري ڪندو رهي! ان خدمت عيوض ڪيس ارڙهن لک رپيا سالانہ پگهار ملندو رهندو هو.

* پر مولانا جي ڪابل پهچڻ کان پوءِ ڪايا ڪيئن پلٽي؟

---

[1] انگريز بادشاهہ يا لنڊن جي حڪومت سان سڌيءَ طرح لکپڙهہ ڪرڻ جو بہ اختيار ڪو نہ هوس.

* اهو نفسياتي ڦيرو ڪيئن آيو ۽ ڪنهن آندو؟
* صدين کان سُتلن کي ڪنهن جاڳايو؟
* آزاديءَ جو شعور ڪٿان آيو ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جا روشن امڪانات ڪنهن کين ڏيکاريا؟
* کين اهو نُڪتو ڪنهن ذهن نشين ڪرايو تہ عالمي جنگ جو زمانو (جنهن ۾ انگريز ٻين هنڌن تي ڦاٿا پيا آهن) انگريز کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ موزون ترين زمانو آهي؟
* امير حبيب الله مرحوم جي پنهنجي بخت ڪو نہ پڙايو، پر ڪيس ڪنهن هـِر ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ جيڪڏهن هو اتي ڪڙو ٿيندو تہ سندس هڪ پٽ (امان لله) کي هندستان جي آئيني بادشاهت ملي سگهي ٿي؟
* ان امڪان جي ڳالهہ امان لله خان جي ڪنن تائين ڪنهن پهچرائي؟
* امير حبيب الله مان نااميد ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن "زير زمين" رهي ۽ سختيون ۽ بي عزتيون سهي، افغان سردارن، نادر خان، نصرالله خان ۽ ٻين سان تعلقات پيدا ڪري منجهن هيءُ احساس پيدا ڪيو تہ حبيب الله خان جون انگريز نواز پاليسيون درست نہ آهن ۽۔آخر ۾ حبيب الله خان مارجي ويو؟
* خود امان الله خان کي ڪنهن مشورو ڏنو ۽ اٿاريو تہ عالمي جنگ پوري ٿي وڃڻ جي باوجود اڃان بہ وقت نہ ويو آهي ۽ انگريز خلاف چڙهائي ڪجي؟
* انگريز کي ڊيڄارڻ ۽ افغانستان جي اهميت کي وڌائڻ لاءِ ڪنهن پنهنجي ڪابل ۾ موجودگي ۽ سياسي ڪارگذارين جي ذريعي هيءُ تاثر پيدا ڪرايو تہ هندستان جي آزادي جي تحريڪ ۽ افغانن جي آزاديءَ جي تحريڪ جي وچ ۾ سـڌو ۽ پختو ڳانڊاپو قائم ٿي چڪو آهي، جنهنڪري ٻئي تحريڪون گڏجي هڪ ٿي ويون آهن ۽ هينئر افغانستان طرفان حملي شروع ٿيندي ئي هندستان جا عوام بہ انگريز جي خلاف اٿي کڙا ٿيندا ۽ هو (يعني انگريز) ان دوطرفيءَ باهہ جو مقابلو ڪري ڪو نہ سگهندو؟
* ڪنهن جي "ريشمي رومال" واريءَ چال انگريزن جي دل تي ايڏي هيبت ويهاري ڇڏي، ۽ کين ايتريقدر بدحواس بنائي وڌو، جو هو رولٽ بل ڪميٽيءَ اڳيان روئڻ لڳا، ۽ بالاخر رولٽ ايڪٽ پاس ڪري، ۽ حواس باختگيءَ جي حالت ۾ جليان والا ۾ ماڻهو ڪُهي، هندستان مان پنهنجين

پاڙن پٽائڻ جي شروعات ڪري ويٺا.

* ڇا مولانا صاحب وارن جيڪو مراسلو، سون جي پليٽ تي اُڪرائي روس جي بادشاهه (زار) ڏانهن روانو ڪيو، ۽ زار انگريزن کي ڏيکاريو، تنهن انگريزن جون وايون بتال نه ڪري ڇڏيون؟

* ڇا، ڪابل ۾ رهندي، مولانا جي "حڪومت موقته هند"، جيڪي وفد روس، جاپان ۽ ترڪي ڏانهن روانا ڪيا، تن جو انگريز تي اهو اثر نه پيو ته هندستان جا انقلابي، سندن خلاف ڪابل ۾ رهندي، ڪا موتمار بين الاقوامي سازش سٽي رهيا آهن؟

* ڇا مولانا جي ڪابل ۾ رهندي هندستان جي عارضي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ يا ڪانگريس جي شاخ ڪابل ۾ کولڻ، انگريز جي ذهني پريشانين ۾ ڪو اضافو ڪو نه ڪيو هوندو؟

* ڇا انگريز ان ڳالهه کان بي خبر هو ته امان الله جي فوجن جي سرحد ڏانهن وڌڻ شرط، مولانا هندستان وارن ڏانهن هيءَ اعلان، اشتهار جي صورت ۾ موڪليو هو ته هو حملي ڪندڙ فوجن جي مدد ڪن، انگريزن کي خفا خون ڪن، ۽ سندن مواصلاتي نظام کي درهم برهم ڪري ڇڏين؟

* ڇا مولانا ۽ سندس نمائندا بسر خود، افغان فوجن سان گڏ محاذن ڏانهن نه ويل هئا (سندن رهنمائي لاءِ)؟ ڇا انگريز کي اهو پتو پئجي ڪو نه سگهيو هوندو؟

* ڇا افغان فوج سان گڏ مولانا ۽ سندس نمائندن جي موجودگيءَ مان انگريز اهو نه سمجهيو ته مڪمل حملي ٿيڻ واريءَ حالت ۾، مولانا جي ساٿن گڏ اچڻ ڪري هندستان وارا به افغان جملي آورن سان شامل ٿي ويندا، ۽ سندس تڪل ۽ عالمي جنگ جون پينجاڙيل فوجون اندرئين انتشار ۽ ٻاهران جي حملن جو، به يڪ وقت، مقابلو ڪري ڪو نه سگهنديون؟

* ڇا انگريز جي جاسوسن کين اها خبر ڪانه پهچائي هوندي ته مولانا، ان وچ ۾ روس جي نئين ڪميونسٽ حڪومت سان به رابطو پيدا ڪري ورتو آهي، ۽ اهو رابطو ايتريقدر وڌي چڪو آهي جو روس جي هندستان جي معاملن ۾ دلچسپي پيدا ٿي چڪي آهي ۽ هن، مولانا جي چوڻ تي، مهاتما گانڌيءَ جي چندي ۾ هڪ لک جي رقم ڏيڻي ڪئي آهي؟

* ڇـا ان زبردسـت ۽ مسلسـل نفسـياتي [1] جنـگ Psychological Warfare جو، جيڪا مولانـا صاحب ڪابل ۾ رهي انگريز خلاف لڙندو رهيو هو، مجموعي نتيجو اهو نڪتو تـ:

(1) انـگريزن جـو مـورال Moral يـا حوصلـو هـارجي ويـو ۽ هـو گهبرائجي ويا؟

(2) ان گهبراهٽ ۾ هنن فيصلو ڪيو تـ هندستان ڪي ان سازش جي چڪر مان ڪڍڻ لاءِ اهو بهتر آهي تـ افغانستان جهڙي ننڍڙي ملڪ کي آزاديءَ جو لـوپ ڏئـي پاڻ سـان ملائـي ونجـي جيئـن هـو ان وڏيءَ سازش مـان پـاڻ کي علحده ڪري، هندسـتان جي انقلابيـن جـو تـڏو ڪڍي وني ۽ هندستان تان ڏو طرفو خطرو ٽري وڃي (جت جليان والا ڪان پوءِ اڳ ۾ ئي گهٽو اندروني انتشار ڦهلجي چڪو هو).

(3) تنهنڪري انگريزن تورخم جي چشمي تي معمولي نَـڪا نڪـي بـُڌڻ ۽ جواب ۾ نمايشـي ٻـن ٽـن گولـن اڇلائـڻ ڪان پـوءِ ڪَـن ڇـبا ڪري، امان الله خان کي آزاد بادشاهه تسليم ڪرڻ قبول ڪري ڇڏيو.

غـور طلب نڪتـو هيءُ آهـي تـ انـگريزن سـاڳي شئي ڇـو نـ امـان الله خان جي ڏاڏي مرحوم امير عبدالرحمـن خان يا امان الله خان جي والد امير حبيب الله خان کي ڏيڻ قبولي هئي حالانڪ امير عبدالرحمـن تـ نسبتاً زياده طاقتور ۽ بهادر امير هو.

هٿيارن خواهه لڙائي جي سامان ۾ بـ امان الله خان ڪائن وڌ ڪو نـ هو، امان الله خان وٽ بـ اُهي ئي پراڻيـون بندوقـون ۽ بـ - چـار گهـلِ گهـلان تـائـپ جون توبون هيون جيڪي عبدالرحمـن خان ۽ حبيب الله خان ڇڏي ويا هئا.

پوءِ هُنن جي ناڪامي ۽ امان الله خان جي ڪاميابيءَ جو ڇا سبب هو؟

سبب هيءُ هو تـ انهن مان هڪ جي زماني ۾ مولانا عبيدالله اجا ڪـو نـ هو، ٻئي جي زماني ۾ عبيدالله پهچي چڪـو هـو، پـر هـن سـندس مشـورن تـي عمل نـ ڪيو.

امان الله جي خوش قسمتي هئي جو هـن وٽ عبيـدالله بـ موجـود هـو ۽ ڪجهه وقت تائين هو سندس مشورن تي بـ هلندو رهيو.

---

[1] جنگ جي فن جي ماهرن کي معلوم آهي تـ جنگين ۽ مقابلن جي دوران ۾، نفسياتي جنگ گولي بارود واريءَ جنگ ڪان وڌيڪ اهميت رکي ٿي.

تنهن کان سواءِ اُن زبردست نفسياتي جنگ جو فائدو بہ مليو جيڪا مولانا عبيدالله خود انگريزن خلاف جوڙي رکي هئي ۽ جنهن انگريزن جا حوصلا پست ڪري رکيا هئا.

بين اکرن ۾ ڪري هيئن چئجي تہ مولانا عبيدالله افغانستان کي آزاد ۽ امان الله خان کي بادشاهي وٺي ڏني ۽ ان لحاظ سان گهٽ ۾ گهٽ، هو افغانستان جي آزاديءَ جو، ذهني طرح معمار هو.

ظاهر آهي تہ امان الله وٽان، هندستان لاءِ ڪيس ڪا بہ هڙ حاصل ٿي ڪا نہ سگهي هئي، پر هو تنهن هوندي بہ دل ۾ خوش هو تہ هُن، گهٽ ۾ گهٽ مسلمانن جي هڪ ملڪ کي تہ انگريزن جي چنبي مان آزاد ڪرائي ورتو.

پاڻ پڇاڙيءَ تائين افغانن جي شڪايت ڪا نہ ڪيائين، هڪ حرف بہ سندن خلاف زبان تي يا تحرير ۾ ڪو نہ آندائين - حساب دوستان در دل؟ يا تصوير جو ڪو بيو رخ بہ هو؟

* * *

مون هن معلوم ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڇند ڇاڻ ڪئي آهي تہ امان الله خان پنهنجي ڪم ڪرڻ کان پوءِ، هندستان جي مسئلي مان ڇو هٿ ڪڍي ويهي رهيو؟ ڪجهہ سبب سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿا- مثلاً:

(1) هن پاڻ ۾، ۽ پنهنجي فوج ۾، اهو پُوتو نہ پايون تہ هو هندستان جيڏي وڏي ملڪ کي، جيڪو هزارن ميلن ۾ مدراس ۽ بنگال تائين ڦهليل هو، فتح ڪري سگهندا. انگريز کي ديچارڻ لاءِ ڏيکاءُ ڪرڻ بي ڳالهہ هئي،

(2)انگريز بيشڪ جنگ ڪري ٿڪل هو پر هو جنگ ۾ نمايان ڪاميابي بہ حاصل ڪري چڪو هو ۽ سندس ذرايع، افغانستان جي ڀيٽ ۾، اجان بہ، گهڻو زيادهہ هئا. سندس ايمپائر دنيا جي وڏي حصي ۾ پکڙيل هئي، ۽ هو پنهنجن سيني دشمنن کي اڳ ۾ ئي شڪست ڏئي نيست ونابود ڪري چڪو هو. هينئر ڪو بہ ٻاهريون ملڪ ڪو نہ بچيو هو، جيڪو انگريز خلاف افغانستان جي مدد ۾ ميدان ۾ نڪري اچڻ جي قابل رهيو هجي، ترڪي، ايران، جرمن، آسٽريا ختم ٿي چڪا هئا. روس جي نئين ڪميونسٽ حڪومت اجان

پنهنجن اندروني جهيڙن ۾ مبتلا هئي. ڪيس قائم ٿئي مشڪل سان
ٻه سال ٿيا هئا. پوءِ امان الله خان ڪنهن جي آسري تي انگريزن سان
ڇيهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها؟ مجبوريءَ جي حالت ۾ افغانستان
جهڙي ننڍڙي، غير ترقي يافته، ۽ جديد اسلحه جنگ کان محروم،
ملڪ سان وڙهڻ جي اجا ٻه منجهس (انگريز ۾) طاقت هئي. مُهري
پراڻي ته ٻه پاڻدن پيچڻ جي قابل رهي ٿي.
(3) امان الله خان هندستان جي هندو قوم جي همدرديءَ تي پاڙي
ڪو نه ٿي سگهيو. هن محسوس ڪيو هوندو ته جنهن وقت ٻه هُن
هندستان ۾ قدم رکيو ته هندن جي اکين اڳيان محمود غزنوي،
غوري، ابدالي ۽ افغانستان جي رستي سان آيل ٻين مسلمانن فاتحن
جي تصوير ڦرڻ لڳندي ۽ هو انگريز کي مقابلتاً، پٺاڻن کان بهتر
سمجهي ساڻس شريڪ ٿي ويهندا ۽ پنهنجا ڏک سک وساري ڇڏيندا.
هندستان جي پنڊت مالويه، اڳ ۾ ئي، مولانا محمد علي مرحوم ۽
ٻين مسلمان انقلابي ليڊرن جي نيت تي ڪليءَ طرح حملا ڪرڻ شروع
ڪيا هئا ته هو هندستان جي مستقبل جو سودو پنهنجن مسلمان پاڙن
افغانن سان ڪرڻ گهرن ٿا. راجا مهندر پرتاب جا ارادا هئا ته
هندستان، نيپال جي هندو راجا جي حوالي ٿئي. لاله لاجپت رائي
پنهنجي مٿي، مُنهن مٿو پٽيندو ٿي وتيو ته ڪنهن طرح هندستان ۾
مسلمانن جو زور قائم نه ٿئي، گانڌي جيءَ خود تي جڏهن هندن ٽوٽرا
تي ڪئي ته هن "سوراج" جي معنيٰ "رام راڄ" پئي ڪئي، اهي
حالتون افغانن کان ڳجهيون ڪو نه هيون. غالباً امير حبيب الله خان
کي ٻه اهو خدشو نظر ٿي آيو، جڏهن هُن مولانا عبيدالله سان ملاقات
جي وقت کيس چتايو هو ته "هو جيڪو ٻه ڪم ڪن ان ۾ هندستان
جي هندن جي شموليت جو خيال رکن."
مولانا عبيدالله جي پنهنجي گهر جا اهي تپڙ ڏسي، امان الله غالباً پاڻ
کي حق بجانب ٿي سمجهيو ته هو سَوَڙ ڏسي ان مطابق ٿي پنهنجا
پير ڊگها ڪري؟
(4) موقعي جو سوال، انهن سڀني ڳالهين کان اجا ٻه وڌيڪ اهم هو.
جنهن زماني ۾ مولانا امير حبيب الله کي چڙهائي ڪرڻ لاءِ چيو هو ان

زماني ۾ انگريز عالمي جنگ ۾ قاتل هو. جنگ جي اجا هاڻ شروعات ٿي هئي جنهن ۾ ان وقت انگريز جي ڪامياب ٿيڻ جو گهٽ امڪان هو. جيڪڏهن امير حبيب الله خان مولانا جي مشوري تي عمل ڪري ها تہ اُن وقت انگريز جي ساري مستقبل جو نقشو ڦري سگهيو ٿي. مقابلتاً امان الله خان اهڙي وقت آيو جڏهن اُهي حالتون ختم ٿي چڪيون هيون ۽ انگريز جي سر تان بَلا ٽري چڪي هئي.

(5) مولانا جي اعلانن ۽ اشتهارن وراهڻ ڪان پوءِ بہ هندستان اندر انگريزن جي خلاف ۽ افغانستان جي حملي جي حمايت ۾، ڪا هلچل پيدا ڪا نہ ٿي سگهي هئي.

(6) اهڙين حالتن هيٺ امان الله خان، هڪ مدبر وطن پرست وانگر پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ تي اڪتفا ڪرڻ تي مجبور هو.

(7) انگريزن ڪي هُـو، ان ڪان پوءِ بہ، هندستان جي محرومين جي باري ۾ ٽوڪيندو رهيو.

(8) انگريز اُهي گستاخيون ڪيس معاف ڪو نہ ڪيون ۽ 1929ع ۾ سندس خلاف بغاوت ڪرائي ڪيس ملڪ بدر ڪرايو.

البتہ هيٺيون ڳالهيون پوءِ بہ امان الله خان جي خلاف وڃن ٿيون:

(1) مولانا سان پڇاڙي جي زماني ۾ بي مروتي جو سلوڪ ڇو ڪيائين؟

(2) ڪيس اردو يونيورسٽي کولڻ ڇو نہ ڏنائين؟

(3) روس وڃڻ لاءِ اهڙو رستو ڇو مقرر ڪيائين جتان گذرندي مولانا جي لڏي جو لٽجي وڃڻ ۽ سندس مارجڻ يقيني سمجهيو ٿي ويو؟

(4) سندس وزير خارجہ محمود طرزي مولانا سان خطن جي معاملي ۾ ڇو نہ ڪئي ۽ اُهي خط انگريز کي ڏئي مولانا جي هندستاني ساٿين کي ڇو زير بار ڪرايائين؟

* * *

افغانستان سان انگريزن جو پڪو معاهدو مسوريءَ ۾ نومبر 1921ع ۾ ٿي چڪو. مولانا سال کن پوءِ بہ ڪابل ۾ رهي امان الله جو در کڙڪائيندو رهيو. پر هندستان جي معاملي ۾ منجهانئس پڇاڙي تائين ڪو ڪڙ تيل نہ نڪرندو ڏسي، هو نااميد ٿي ٻئي ڪنهن طرف ڏانهن واجهائڻ لڳو، ڇو تہ سندس اصلي مقصد هندستان جي آزاديءَ وارو اجان پورو ڪو نہ ٿي سگهيو هو.

ارادو ڪيائين تہ پهريائين روس ۽ پوءِ ترڪيءَ ڪي وڃي نڪري.

پنهي ملڪن ۾ تازو انقلاب اچي چڪا هئا ۽ انهن جي نئين سر تعمير ٿي رهي هئي. مولانا کي وهم هو تہ انهن جي ذريعي شايد هندستان جي آزاديءَ لاءِ بہ ڪو جتن ڪري سگهجي - افغانستان مان تہ ستن سالن جي ڪوشش جي باوجود ڪتا ساڙائي وينو هو.

امان الله خان کان روس وڃڻ لاءِ راهداري گهريائين. راهداري تہ ڏنائينس، پر وڃڻ لاءِ شاهراهہ بدران رستو اهڙو مقرر ڪري ڏنائينس جنهن تي مولانا جو مڙهہ بہ رلي وڃڻو هو. جيڪي مسافر اڳ ۾ اتان گذريا هئا، تن جا لاش برف ۾ ڄمي پنڊ پاهڻ ٿي ويل ملندا هئا.

سفر؟ ڪابل کان [1] ماسڪو!

پنڌ پري منزل ڏور- آڏا ڏونگر، سوڙها لڪ، اونهيون واديون، واٽ سڃي ويران، واهڻ وستي ڪا نہ. هينان برف مٿان پارو، هلڻ لاءِ ڇڙو "پير چارو"، وهٽ يا ماٺهو ترڪيو تہ وڃڻ لاءِ ويو، هر گهٽ گهير تي قزاقن جي آڏو اچڻ جو انديشو، رات هجي يا ڏينهن هَل هلان، چل چلان - پيچ پيچان!

سواري؟

ڪابل جا ٽڪل، پُچ پَيل، باربرداري جا ماريل، ٻاڙي جا ٽٽون. جبل جي چاڙهيءَ تي اڳيان ڇڪيندا ۽ پويان تَدَ ڏيندا هَلونِ، لاهيءَ ۾ پيچ سان ڇنبڙي پوئتي ڇڪيندا رَهونِ، نہ تہ ترڪي پاڻ بہ گهات سواري بہ مات! انهن احتياطن جي باوجود بہ هڪ ڪري ختم ٿي ويو، مٿس لڏيل بار اڳتي لاءِ ماڻهن جي مٿن تي هليو!! خيال ۾ سواري هئي، حقيقت ۾ خالي خواري هئي!!!

سفر جا ساٿي؟

ڏهہ هندستاني مهاجر، گهڻا ڪابل مان ڪَڪ تي، مولانا سان سُر جهلائي، ساٿس ڇنبڙي پيا هئا. اڪثر اُتي تي ڇڻي، اڌ مٿي جو سور! فقط بہ - ٽي مخلص ۽ سرويچ، انهن ۾ هڪ شيخ نور محمد حيدرآبادي بہ. هڪ اڌ روس جو جاسوسڙو، هڪ اڌ انگريز جو چانجوسڙو بہ قافلي ۾ شامل ٿي ويل هو.

[1] سفر خرچ لاءِ مولانا وٽ ڪا موڙي ڪا نہ هئي، سواءِ سندس توڪل جي، رستي ۾ سندس اهو حال ڏسي سندس هڪ شاگرد ايبڪ پنهنجي پونجي 52 سونا پائونڊ سندس حوالي ڪيا.

اهو قافلو ستين ڏينهن مزار شريف پهتو. ٻئي ڏينهن افغانستان جي سرحد ٽپي روس جي علائقي ۾ داخل ٿي ترمذ رسيو. نقشي تي ڏنو هوائون تہ ترمذ کان تاشقند تائين ريل وڃي ٿي، پر ات پهچڻ کان پوءِ معلوم ٿين تہ ريل جون پٽڙيون ڪي شاهينگ پٽي پاڻ سان ڪٽي ويا آهن. تنهنڪري ٻيڙيءَ تي چڙهي آمو درياهہ Oxus مان ڪَرشيءَ [1] ڏانهن هليا جتان اڳتي لاءِ ريل گاڏي ملڻي هُون. ٻيڙيءَ جو سفر ست ڏينهن هلين. رستي ۾ ساڻ ڪنيل ٽن ڏينهن جي خوراڪ ختم ٿيڻ تي آين، ڇو تہ ٻيڙيءَ ۾ چار ڏينهن وڌيڪ لڳي ويا هُون. پاروٿي ماني راشن ڪري هلايائون ۽ پاڻيءَ ۾ پسائي اڳرندا رهيا. درياهي سفر بہ خطري کان خالي ڪو نہ هو. هيٺان واڳون، ڪنارن سان گهاٽو ٻيلو جنهن ۾ گوريلن ڦُورن ۽ ڌاڙيلن جا ٿر. روس جي نئين انقلابي حڪومت اڃان انهن علائقن ۾ امن امان آڻي ڪو نہ سگهي هئي. رات جو ٻيڙي ٻيهارڻي پوندي هُوَن تہ بہ وچ سير ۾!

ستين ڏينهن ڪَرشيءَ پهچي ريل ۾ ويٺا. ٻن راتين ۽ هڪ ڏينهن جي سفر کان پوءِ بخارا پهتا. بخارا مان تاشقند ويا. وري ريل وٺي ماسڪو روانا ٿيا. جت ٽوٽل ستاويهن ڏينهن جي مٽا ڪَٽ کان پوءِ رسيا. لڪس Lux هوٽل ۾ روس جي سرڪار سندن رهائش لاءِ انتظام رکيو هو. تاريخ هئي 10 نومبر 1922ع.

روس جي سرڪار کي خبر پيل هئي تہ ڪابل ۾ مولانا سان بدسلوڪي ٿي هئي، تنهنڪري هنن ڪيس ڏيکارڻ گهريو تہ ڪميونسٽ سندس ديني پائن کان بہ وڌيڪ مهمان نواز ٿين ٿا. جنهن گهڙيءَ مولانا جي قافلي روس جي سر زمين تي قدم رکيو، ان گهڙيءَ کان روسي سرڪار جي مهمانداري شروع ٿي ويئي. ٽڪٽون، ڪاڏا، رستي جون آسائشون، ماسڪو جو خرچ، سڀ بار حڪومت تي - توڪل جا ٻيڙا پار!

* * *

پويان ڪابل ۾ امان الله کي غالباً يقين هو تہ مولانا ماسڪو پڄي ڪو نہ سگهندو. رستي ۾ ئي مري يا مارجي ويندو. هندستان موٽي سورن سَلڻ جو موقعو ڪو نہ ملندس. سڀ ڳالهيون "شب" ۾ رهجي وينديون. چڻ اهو باب ئي ختم ٿي ويو.

---

[1] ڪرشي ريلوي جنڪشن هئي، جتان ريل بخارا لاءِ ملڻيَ هئي.

پيو مقصد امان الله خان جو هيءُ به هو ته مولانا، ماسڪو ويندي رستي ۾ نادر خان سان ملي نه سگهي، نادر خان جي باري ۾ شڪ جاڳي پيا هوس، ان ڪري ٿي ڪيس ڪابل ڪان پري بدخشان جي صوبي ۾ هڪ معمولي عهدي تي ڦٽو ڪري ڇڏيو هئائين، جيڪڏهن مولانا روس ڏانهن عام شاهراهه سان وڃي ها، ته واٽ تي لازماً نادر خان [1] سان ملاقات ٿئيس ها ۽ هو ساڻس نين حالتن هيٺ ڪجهه حال به ضرور اوري ها، جيڪا ڳالهه امان الله خان ڪانه ٿي گهري.

بهرحال امان الله جي نيت جيڪا به هئي سا ڪيس ڦبي، مولانا خير سان وڃي ماسڪو پهتو.

* * *

ماسڪو ۾ پاڻ نومبر 1922ع کان جولاءِ 1923ع تائين رهيو. اِن دوران ۾ مولانا بين الاقوامي ڊپلوميسي جا اهڙا جوهر ڏيکاريا جيڪي پيشه ور سفارت ڪارن لاءِ به عبرت ۽ سبق جو باعث هئا.

پهريان ته هن ڪميونسٽ حڪمرانن جو اُهو تعصب ۽ بغض ٽوڙيو جيڪو ڪين مسلمان مذهبي رهنمائي مولوين ۽ مُلن ڏانهن هو ۽ ڪين تيار ڪيائين ته هو ساڻس گفتگو ڪن. ڪميونسٽ فلسفي جو لوازمو هو ته مذهب جي حوصله شڪني ڪجي ۽ مذهبي ماڻهن کي سياسي ڳالهين ۾ بنهه پير ڪوڙڻ نه ڏجي. روس جي ڪميونسٽ انقلاب کي پنج سال گذري چڪا هئا ۽ ان عرصي ۾ روسي هاءِ ڪمانڊ ڪنهن به مولانا کي پنهنجي قريب اچڻ ڪو نه ڏنو هو، هو مولانائن جي پاڇي کان به پري ڀڄندا هئا.

پر مولانا سنڌيءَ جي معاملي ۾ ڪين اهو اصول ڇڏي ساڻس سياسي معاملات طئي ڪرڻا پيا ۽ عين مولانا جي مذهبي نظريه ۽ خواهشن جي مطابق.

مولانا جي ٻي ڪاميابيءَ هئي ته هن روسي حڪمرانن کي مجبور ڪيو ته هو هندستان جي معاملي ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جي نظرين کي وچ ۾ نه آڻن، منجهن جيڪڏهن ڪو سمجهوتو ٿئي ته اُهو روس جي حڪومت ۽ هندستان جي سياسي قيادت جي وچ ۾ هجي، نه ڪميونسٽ پارٽي ۽ هندستان جي قيادت جي مابين.

ان تدبير جي اهميت جو اندازو هن مان ٿيندو ته ان وقت تائين روس جن به ٻاهرين ملڪن يا پارٽين جي مدد ڪئي هئي ته اها روس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان ۽ ان جي نالي ۾ ڪئي ويندي هئي، جيئن ان طريقي سان مدد

[1] نادر خان مولانا جي ڪِرَ هڪ قاصد به موڪليو پر هو رستو لهي مولانا تائين پهچي ڪو نه سگهيو.

ونندڙ ملڪن ۾ ڪميونسٽ نظرين جي مروج ٿيڻ جو موقعو ملي. انهن مقصدن جي حصول لاءِ هنن هڪ خاص تنظيم "ڪميونسٽ انٽرنيشنل" نالي سان قائم ڪري رکي هئي، جنهن جي معرفت ٻاهرين ملڪن جي پارٽين ۾ تحريڪن سان لاڳاپو پيدا ڪيو ويندو هو ۽ انهن جي امداد ڪئي ويندي هئي.

مولانا، ان چار ۾ ڦاسڻ لاءِ تيار ڪو نه هو ڇو ته ان مان ڪيس اسلامي نظرين تي ضرب پوڻ جا امڪان صاف نظر اچڻ لڳا هئا.

تعجب روس وارن تي ٿئي ٿو جن مولانا جي اها پوزيشن به قبول ڪئي.

چار دفعا مولانا روس جي مشهور زمانه وزير خارجه، چيچرن سان ملاقاتون ڪيون ۽ بحث مباحثا ڪيا. آخر ۾ روسين ڪي پنهنجين ڳالهين جو قائل بنائي ساڻن معاهدو ڪيائين جنهن جو نچوڙ هيءُ هو:

(1) روس جي حڪومت (نه ڪميونسٽ پارٽي يا ڪميونسٽ انٽرنيشنل) هندستان جي ڪانگريس پارٽيءَ جي امداد ڪندي (نه هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي).

(2) امداد غير مشروط هوندي ۽ ان جو مقصد صرف اهو هوندو ته ڪانگريس پارٽيءَ کي انگريز جي راڄ کي هندستان مان ڪڍڻ ۽ ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جي قابل بنائجي.

(3) روس جي حڪومت پهرينءَ سٽ هڪ ڪروڙ روپيه جي امداد هندستان جي ڪانگريس پارٽيءَ ڏانهن موڪليندي. هندستان جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ، نئين حڪومت امداد جون رقمون واپس ادا ڪندي.

(4) هندستان ڏانهن اها رقم افغانستان [1] جي معرفت موڪلي ويندي، جيئن آئيندا هندستان سان روس جي لهه وچڙ افغانستان جي رستي قائم ٿي.

[1] افغانستان کي وچ ۾ آڻڻ جو مقصد هي هو ته ان طريقي سان "آزاد هندستان" اندر افغانستان جو اثر ۽ رسوخ قائم رهندو ۽ هندستان جي آزاديءَ ۾ افغانستان به ڀاڱي ڀائيوار ٿي پوندو ۽ اهو جواب ٿيندو هندن جي ان تحت الشعور اميد جو ته انگريز کي ڪڍڻ کان پوءِ هندستان ۾ "رام راڄ" قائم ڪيو ويندو يا به حالت مجبوري، راجا مهندر پرتاب جي اسڪيم موجب، نيپال جي هندو راجا کي اڳ ۾ ڪيو ويندو.

انهن امڪانن ۽ خطرن جي سند باب لاءِ مولانا، امان الله خان ۽ حبيب الله خان وارن جون ڪارستانيون وساري به ، افغانستان کي هندستان جي مستقبل واريءَ تصوير ۾ موجود رکڻ ٿي گهريو.

البت سندس اها خواهش ضرور هئي ته سندس خوابن واري افغانستان جو اڳواڻ جرنل نادر خان هجي.

مولانا جي سوچ جي انهيءَ انداز مان شڪ جاڳي ٿو ته، وچ جي سمورين دل شڪنن جي باوجود نادر خان ۽ سندس وچ ۾ مستقبل جي باري ۾ اجا به ڪا فڪري هم آهنگي هئي جنهن ڪري مولانا افغانستان ۽ نادر خان کي هندستان جي معاملن ۾ وچ ۾ آڻڻ کان باز نه ٿي آيو.

(5) افغانستان ۾ ان ڪم لاءِ جنرل نادر خان کي ذريعي طور استعمال ڪيو ويندو ۽ کيس افغانستان لاءِ علحده هڪ ڪروڙ رپين جي امداد ڏني ويندي جيئن هو اُن جي مدد سان افغانستان جي حڪومت اندر پنهنجي پوزيشن بہ مضبوط ڪري سگهي ۽ هندستان ۽ روس جي ڪم اچڻ جي قابل بہ ٿئي.

(6) في الحال هندستان لاءِ هٿيارن جي مدد نہ گهرجي ڇو تہ ڪانگريس تحريڪ، گانڌي جيءَ جي عدم تشدد واري اصول تي عمل پيرا آهي.

(7) مولانا ان عهدنامي جي باري ۾ هندستان جي ڪانگريس ۽ افغانستان جي نادر خان سان رابطا [1] قائم ڪرڻ لاءِ ترڪيءَ ويندو، جتان افغانستان خواه هندستان جا ماڻهو لنگهندا رهن ٿا.

اِهو عهدنامو هر لحاظ سان اهم هو: اُن جي وسيلي روس جي هندستان جي آزادي واري تحريڪ سان وابستگي پيدا ٿي، ان ڪم ۾ افغانستان جي مسلماني ملڪ کي Middleman طور وچ ۾ آندو ويو. روس طرفان هندستان تي براه راست نظرياتي حملي جا امڪان گهٽجي ويا. مولانا جي پنهنجي اسلامي نظريات لاءِ بہ ڪو خطرو پيدا ڪو نہ ٿيو. روس ۽ هندستان يا روس ۽ ڪانگريس جي باهمي تعلقات ۾ مولانا خود کي ڪليدي حيثيت حاصل ٿي ويئي.

مولانا ست - اٺ مهينا روس ۾ رهيو. اهو سارو وقت هو روس جي نئين سوشلسٽ انقلاب ۽ ڪميونزم جي معنيٰ، مطلب ۽ مستقبل جي امڪانات جو مطالعو بہ ڪندو رهيو. هو بي انتها ذهين سياستدان هو. هن شروع ۾ ئي محسوس ڪري ورتو تہ هو روس جو انقلاب، جنهن جو بنياد نظرياتي آهي، انساني تاريخ جي عظيم ترين واقعن مان هڪ آهي، جنهن جو اثر ساري دنيا صدين تائين محسوس ڪندي رهندي، تنهنڪري کيس اهو ڏسڻو

[1] مولانا هِن خواهش جو اظهار ڪيو تہ هو ماسڪو مان هڪدم موٽي وڃي ڪابل ۾ رهي ۽ اُتان اهي رابطا قائم ڪري. پر روس جي وزير خارجہ کيس چيو تہ "ڪابل وارن اڳ ۾ جيڪو سلوڪ اوهان سان ڪيو آهي تنهن جو اسان کي پتو آهي. اوهان وري موٽي وڃي امان الله جي ڪوڙڪيءَ ۾ نہ ڦاسو. ترڪيءَ مان وڃي اهو ڪم ڪيو. سفر وغيره جي سهوليتن مهيا ڪرڻ لاءِ اسان تيار آهيون." تنهن تي فيصلو ٿيو تہ مولانا ڪابل موٽڻ بدران ترڪيءَ وڃي.

۽ سوچڻو پيو تہ ان نظرياتي زلزلي مان اسلام کي ڪيترو خطرو ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن ڪو خطرو ٿي سگهي ٿو تہ ان کان بچڻ يا ان مان رسندڙ نقصان کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون پيش بنديءَ طور ٿي سگهن ٿيون؟

مولانا کي پورو پورو احساس ٿي چڪو هو تہ ويهين صديءَ جو انسان، پراڻي زماني جي انسانن کان مختلف ثابت ٿيندو. سائنس ۽ جديد تعليم ماڻهوءَ جي مزاج ۾ وڏو ڦيرو آڻي رهيون آهن، هُن جو شعور تيز ٿيندو پيو وڃي، اڳي پوءِ لازماً هو خود محسوس ڪندو يا ڪيس ٻڌايو ويندو تہ ساڻس ماضيءَ ۾ انصاف ڪو نہ ٿيندو رهيو آهي ۽ قديمي ۽ روايتي اقتصادي ۽ معاشي عدم توازن ۽ بي انصافين کي محفوظ رکڻ لاءِ انهن جي چوڌاري وَهمي، جنوني، خفقاني، دقيانوسي، غير فطري، غير عقلي، ڏند ڪٿائن، من گهڙت، مستقبل جي نقشن، سزائن جزائن جي پلڪارن ۽ انعامن اڪرامن جي دم دلاسن جا حفاظتي لوها ڪوٽ ڪڍيا ويا آهن، جيئن پريا پيٽ، بدستور پريا رهن ۽ سکڻا پيٽ، هميشه وانگر خالي سِڪندا ۽ سُڪندا رهن.

مولانا جي دوربين نگاهہ تاڙي ورتي هئي تہ اهڙي انداز فڪر کي خاص طرح سان نئين زماني ۾ جڏهن سائنس جي نون انڪشافات [1] مشنري ۽ اليڪٽرانڪ دؤر جي تعجب انگيز ايجادات، معلومات جي وسعتن ۽ نشر و اشاعت جي عالمگير غير مرئي ۽ لاسلڪي ذريعن جي پنيرائي حاصل ٿيندي تہ هڪ ورِ، بُک ۽ محرومين جو ڏڪويل انسان انتهائي نفسياتي ڪشمڪش ۽ ذهني مونجهاري ۾ مبتلا ٿي پوندو ۽ ممڪن آهي تہ ان اضطراري ڪيفيت ۾ هو ڪو اهڙو غلط رستو اختيار ڪري وجهي جنهن جو رخ هر قديمي مفڪوري ۽ مفروضي خلاف بغاوت بلڪ نپٽ لاديني طرف هجي.

مولانا کي غور ڪرڻو پيو تہ اهڙيءَ نئين دنيا ۽ اهڙين نين انقلابي حالتن اندر، اسلامي نظرين جي ابدي فعاليت کي ڪهڙيءَ طرح مسلم سينٽرل ايشيا وانگر اِن ليٽ ۾ لڙهي وڃڻ کان محفوظ رکبو. هو ڄڻو پيو تہ پراڻا طريقا ۽ سوچ جا پراڻا انداز شايد ان متصد لاءِ ڪارگر ثابت ٿي نہ سگهن. هو گهڻو ڪجهہ ان ڏس ۾ ڏسي چڪو هو.

هندستان جون مکيہ خانقاهون ۽ تعليمگاهون سندس اکين اڳيان رهيون هيون. افغانستان جي ديدار مان اجان هاڻ ڍائجي هليو هو. واٽ تي

[1] ان وقت تائين تہ نہ اڃا ايٽم بم ڦٽيو هو، نہ پنسلين نڪتي هئي، نہ انسان چنڊ تي پير گهمائي آيو هو.

مسلمانن جي قديمي علمي، تهذيبي، مذهبي ۽ سياسي مرڪزن: ترمذ، بخارا، سمرقند، خوا، خوقند، تاشقند، (بلڪ ترڪستان جي ساري مسلم سوسائٽي) جو به معائنو ڪندو آيو هو. جتان جا مسلمان اڳ ۾ ئي ان چڪر ۾ ڦاسي چڪا هئا ۽ نظرياتي اعتبار سان سندن پراڻو معاشرو سڪرات جي حالت ۾ هو.

ڪهڙي ڳالهه هينئر مولانا کان ڳجهي رهي هئي؟ پنهنجن جا حال (مستثنيات کان قطع نظر) بخوبي ڏٺل هوس. سندن تعليم جي سطح، علمي مبلغ ۽ معلومات جي وسعتن جا، جديد علوم ۽ سائنٽيفڪ موضوعات تي سندن عبور جا، سندن دماغي صلاحيت ۽ فڪر جي رسائي جا، سندن اشاعت ۽ تبليغ جي دل نشين جا، سندن توضيحن، توجيهن ۽ استدلال جي دلپذيرين جا، انهن هيولائي هيئتن ۽ ڪرپ ايندڙ عملي نمونن جا جيڪي هو ويهين صديءَ جي مُشوش انسان اڳيان آڻيندا رهيا هئا، اُنهن فروعي مسئلن جي سوقيت جو جن جي خاطر پاڻ ۾ ڪفر الحاد ۽ زنديقيت جي مڙدن جي ڏي وٺ ڪندا ٿي رهيا هئا، اُنهن نيچ غرضن ۽ لالچن جا جن جي خاطر بلند ترين انساني اقدار ۽ بنيادي انساني حقوق کي به وقت پئي خاطر ۾ ڪو نه آندو ٿي ويو. معاشيات ۾ سندن داڦوڙن ۽ سياست ۾ سندن مسخراپڻ جا، بحث جي دوران ۾ منطق، دليل، برهان ۽ حجت بدران هيءَ راهه فرار ته "شعر عرض ڪيان ٿو، مطلع آهي، ملاحظه فرمايو"[1]

ٿي سگهٽو هو، انهن لڇڻن سان، سندس ملڪ ۽ ملت جو ڪو چاڙهو؟

به معاملا سندس اڳيان هئا: (1) هندستان آزاد ٿئي ۽ ان ۾ مسلمانن جي هستي قائم رهي ۽ (2) تازيءَ ختم ٿيل جنگ بعد جيڪي نيون انقلابي طاقتون، نظرياتي ۽ سياسي اُڀريون هيون انهن جي يورش کان اسلام ۽ مسلماني ملڪن کي ڪيئن بچائجي؟

عمل کان اول سوچڻو پيس.

ماسڪو ۾ رهڻ واري موقعي جو مولانا خوب فائدو ورتو. نه صرف ڪميونسٽ لٽريچر جو مطالعو ڪيائين، پر پنهنجن ٻن شاگردن کي ڪميونسٽ

---

[1] مولانا واپس ڪراچيءَ پهتو ته هڪ مجلس ۾ "حالات حاضره" تي تقرير ڪرڻ لاءِ ڪيس مدعو ڪيائون. سندس مرحبائي انهن اکرن سان ڪئي ويئي هئي: "شعر عرض ڪرتا هون، مطلع هي، ملاحظه فرمائي:

مسلم هو تو مسلم ليگ ۾ آ."

مولانا ان ذهنيت کي برداشت ڪري نه سگهيو ۽ اُٿي هليو ويو.

يونيورسٽي ۾ داخل ڪرائي انهن جي واتان ٻڌندو رهيو تہ ڪميونسٽ مفڪر ڇا پيا سوچين ۽ باقي دنيا لاءِ سندن ڪهڙا منصوبا آهن. ساڳئي وقت پاڻ مدافعتي پروگرام جي باري ۾ پنهنجو فڪر ڊوڙائيندو رهيو. پاڻ لکي ٿو تہ:

> ”مان ست مهينا ماسڪو ۾ رهيس. پنهنجي نوجوان رفيقن جي مدد سان سوشلزم جو مطالعو ڪندو رهيس.... منهنجي انهيءَ مطالعي جو نتيجو هيءُ آهي جو آءٌ پنهنجي مذهبي تحريڪ کي، جيڪا امام ولي الله جي فلسفي جي هڪ شاخ آهي، لاديني‌ءَ جي حملن کان بچائڻ لاءِ تدبير سوچي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيس...“

(خطبات مولانا عبيدالله سنڌي صفحو 69)

اتفاق سان لينن گراڊ ويو پر اُتي جي عجائبات ڏسڻ بدران ريل تان لهي سڌو وڃي علامہ موسيٰ جارالله [1] وٽ رهيو ۽ ساڻس انهن مسئلن تي خيالات جي ڏي وٺ ڪندو رهيو. ٻي ڪا شيءِ ڪا نہ ڏٺائين. سندس نظرن ۾ ڄڻ لينن گراڊ ڪا شئي ئي ڪا نہ هئي.

* * *

جولاءِ 1923ع جي وچ ڌاري، مولانا ماسڪو مان مڏي پٽي، وڃي ترڪيءَ پهتو. سندس استقبال لاءِ اُتي بہ انقلاب موجود هو.

انقلاب جي مولانا سان ڪا خاص ياراني هئي، جيڏانهن ويو ٿي تہ انقلاب سندس اڳ ۾ هوندو هو يا پُٺ ۾:

مثلاً افغانستان ويو تہ اُتي انقلاب آيو، روس رسيو تہ انقلاب جو چڪر چالو ٿي چڪو هو، هينئر ترڪي ۾ قدم رکيائين تہ اُتي بہ انقلاب جو آثار متل ڏٺائين [2].

غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا پراڻي ۽ جنگ مان تباهہ حال ٿي نڪتل، ترڪي کي دوباره پيرن تي کَڙي ڪرڻ ۽ دشمنن جي نرغي کان ڪڍڻ لاءِ مختلف محاذن تي لڙائيون لَڙي رهيو هو.

---

[1] وقت جو وڏو عالم دين، ان وقت تائين اجا روسين کيس هٿ ڪو نہ لاتو هو.

[2] 1926ع ۾ حجاز ويندو تہ اُتي بہ انقلاب اچي چڪو هوندو، جنهن شريف ۾ مڪو ختم ٿي ويل هوندو ۽ سندس جاءِ تي نجدي اچي ويل هوندا.

اجا هاڻ استنبول مان انگريزي فوجن کي ڪڍيو هئائين. ترڪيءَ جي سلطان وحيد الدين، جيڪو خليفة المسلمين به هو، پڇي وڃي انگريزن جي جنگي جهاز ۾ پناهه ورتي هئي، جنهنڪري مصطفيٰ ڪمال کي نئون نظام حڪومت ناهڻو پيو. ترڪي جي ايمپائر ٽٽي ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي هئي. ترڪيءَ وٽ باقي اهو ٽُڪرو ملڪ جو وڃي بچيو هو جنهن ۾ زياده تر تُرڪ آبادي وينل هئي. خلافت جي ترڪيءَ وٽ رهڻ ڪري به، امتحان وقت، ترڪيءَ کي عالم اسلام وٽان ڪا اثرائتي مدد ڪا نه پهچي سگهي هئي. پاڻ جن ملڪن ان موقعي جو فائدو وٺي ترڪيءَ جي خلاف بغاوت ڪئي هئي، ۽ سندس دشمنن جي مدد ڪئي هئي، سي سڀ مسلمان هئا. مثلاً حجاز، شام، لبنان، مصر، عراق، فلسطين. افغانستان جو امير صاحب به نفس نفيس ان انتظار ۾ رهيو هو ته ترڪي ختم ٿئي ته پاڻ خليفة المسلمين بنجي. هندستان جي مسلمانن البته تحريڪ هلائي هئي پر هو پاڻ انگريزن جا غلام هئا ۽ سواءِ نهرائن پاس ڪرڻ يا انگريز کي منٿن ڪرڻ لاءِ وفدن وٺي وڃڻ جي بيو ڪجهه نه ڪري سگهيا ٿي ۽ نه ڪري سگهيا هئا. علاوه ان جي، ترڪيءَ ۾ خلافت جي هجڻ ڪري ترڪيءَ تي اهڙو بار پيو ٿي جنهن جي ڪٽڻ جي نين حالتن هيٺ، ۽ ذڪر ڪيل تجربن بعد، ترڪيءَ ۾ طاقت ڪا نه رهي هئي (يعني فائدو ڪجهه ڪو نه. اٿلندو دشمني ساريءَ غير مسلم دنيا جي، ترڪيءَ جو سلطان، بحيثيت خليفة المسلمين، ڄڻ باقي دنيا جي ڪُک ۾ ڪانُ وانگر رهيو هو).

مصطفيٰ ڪمال تنهنڪري نئين ترڪيءَ جي تعمير، نون اصولن تي ڪرڻ شروع ڪئي هئي.

سلطانيءَ کي ختم ڪري جمهوريت قائم ڪئي هئائين جنهن جو پاڻ صدر بنيو هو ۽ عصمت پاشا، وزيراعظم. دارالحڪومت استنبول بدران انگورا (انقره) منتقل ڪري ڇڏيو هئائين.

وحيدالدين جي پڇي وڃڻ کان پوءِ، 6 – آڪٽوبر 1923ع کان 3- مارچ 1924ع تائين، عبدالمجيد خان نالهو خليفو رهڻ ڏنو هئائين. پر ان کان پوءِ ان کي به جلا وطن ڪري خلافت جو ادارو ئي ترڪيءَ مان تمام ڪري ڇڏيائين.

پر انهن معاملن هلندي مولانا عبيدالله ترڪيءَ ۾ پهچي ويو هو. لازم هو ته هاڻي سندس دماغ ۾ ترڪي جا معاملا به اضافي پريشانيءَ جو باعث

ٻڄن: مثلاً (1) خلافت جي اداري جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ ڇا مسلمانان عالم جي ڪا مرڪزي شخصيت يا قيادت ڪا نہ رهندي؟ (2) نئين ترڪيءَ جو اسلام سان ڪيتريقدر رشتو رهندو؟ ۽ (3) ڇالو انقلابي نئين تعمير جي سانحي مان خود ترڪي ڪهڙي صورت اختيار ڪري نڪرندي؟

جهاز مان لهي سڌو انقره پهتو. مصطفيٰ ڪمال سان ملڻ ذرا مشڪل هو. وزيراعظم عصمت پاشا سان ملاقات ڪيائين. بدقسمتيءَ سان ع - زبان - يارمن ترڪي و من ترڪي نميدانم. ٻئي هڪٻئي جون ڳالهيون سمجهي نہ سگهيا. اشارن وسيلي منجهن صرف ايترو طئي ٿي سگهيو تہ مولانا استنبول ۾ رهي سگهندو ۽ هندستان جي آزاديءَ لاءِ محدود ڪم هلائڻ جي اجازت هوندس.

مولانا جي استنبول ۾ منزل تقريباً ٽي سال رهي، هڪ طرف تہ هو هندستان جي مسئلي جي باري ۾ ميدان ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، ۽ ٻي طرف خود ترڪيءَ اندر ٿيندڙ اصلاحات جو مطلع ڪندو رهيو. ترڪي بہ ساڳي مونجهاري مان نڪرڻ لاءِ ڪوشان هئي جنهن مونجهاري ۾ مولانا پاڻ بہ مبتلا رهيو ٿي، يعني نون عالمي انقلابي رجحانن کي مسلمان سوسائٽي لاءِ ڪيئن متوازن بڻائجي ۽ انهن جي تباهہ ڪن پهلوئن کان ڪيس محفوظ رکجي، جيئن نون دبائن هيٺ بنهہ پرلئي ٿي نہ وڃي.

مصطفيٰ ڪمال پاشا، پاڻ وچ جي رستي ڳولڻ ۾ مشغول هو. هو جيڪي اصلاحات نافذ ڪندو ٿي ويو، تن کي مولانا همدرديءَ جي نظر سان ڇڪاسيندو رهيو. مختصراً اصلاحات هي هئا:

(1) جمهوريت،

(2) انتظاميا مغربي خطوط تي استوار ٿئي جيئن ويهين صديءَ جون انساني ۽ سوشل تقاضائون پوريون ڪري سگهي،

(3) مذهب فرد جو ذاتي معاملو رهي. حڪومت محض سياسي جمهوريہ هجي. مذهب کي سياست جي جهيڙن کان بالا رکجي، ساڳئي وقت ڪميونسٽ پارٽي بہ قانوناً ممنوع هوندي،

(4) عورتن کي پردي ۽ برقعي مان ڪڍي ڪاروباري زندگيءَ ۾ مردن سان همسريءَ جو مقام ڏجي، جيئن ملڪ جي اڌ آبادي عضو معطل رهي ٻئي اڌ آباديءَ تي بار بڻجي نہ پوي ۽ مجموعي طرح ملڪ ان پسمانده اڌ آباديءَ جي تخليقي قوتن جي فائدي وٺڻ کان محروم نہ رهي.

(5) رومن صورتخطي رائج ڪجي،

(6) تعليم عام ڪجي، جيئن هڪ مقرر عرصي کان پوءِ ڪو به ماڻهو جاهل نہ رهي،

(7) پراڻا قسما قسم جا لباس ڇڏائي، هڪ مغربي لباس عام ڪجي جيئن جديد زندگيءَ جي ضرورتن جي پورائي ۾ سهولت رهي (فوجي زندگيءَ ۾ مغربي لباس تہ روزمره جي زندگيءَ ۾ ڇو نہ؟)،

(8) صدين کان هلندڙ پراڻي نظام جون نشانيون، لقب، خطاب، جاگيرون، منصب، وغيره منسوخ،

(9) ڪجھ عائلي قانون.

مولانا ان پروگرام جي ڪا مخالفت ڪا نہ ڪئي. جيڪڏهن مخالف هجي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ ترڪي تہ ڇڏي وڃي ها، پر هو اُت ويٺو رهيو. پاڻ هندستان موٽي اچڻ کان پوءِ جيڪي پروگرام ملڪ اڳيان پيش ڪندو رهيو، تنهن مان پتو پيو ٿي تہ هو ترڪيءَ جي اصلاحاتي سوچ جي مخالف ڪو نہ هو.

ان هوندي بہ مولانا هڪ پيرو هيءَ ڪوشش ضرور ڪئي تہ ترڪيءَ جي اصلاحات کي اهڙين حدن اندر رکجي جيئن هو غير متوازن ٿي ترڪ قوم کي اسلامي نظريات کان هميشہ لاءِ بيگانو بڻائي نہ ڇڏين. ان نيت سان هن اسڪيم پيش ڪئي تہ استنبول ۾ هڪ بين الاقوامي مسلم يونيورسٽي International Moslem University قائم ڪئي وڃي، پر ترڪيءَ جي ڪنهن بہ پارٽي ان جي پنيرائي ڪا نہ ڪئي.

ان سلسلي ۾ هن روف بڪ سان بہ ملاقات ڪئي،جيڪو صاحب اپوزيشن (جمهوريت ترقي پرور پارٽيءَ) جو اڳواڻ هو. روف بڪ کيس صاف چيو تہ جيڪڏهن سندس پارٽيءَ اهڙي ڪا ڳالھ ڪندي تہ مٿس الزام ايندو تہ هوءَ وري اسلامي روايتن کي زنده ڪرڻ گهري ٿي، جيڪا ڳالھ وقت جي حالتن سارو مناسب نہ ٿيندي.

مولانا پوءِ ترڪيءَ جي معاملات کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري پنهنجو سارو توجھ هندستان جي تحريڪ آزاديءَ تي ڏيڻ شروع ڪيو.

* * *

هندستان مان يورپ ويندي ڪي ماڻهو ترڪي ڏسڻ لاءِ استنبول مان بہ ٿيندا ويندا هئا. مولانا ڪوشش ڪئي تہ اهڙن ڪن خاص ماڻهن سان ملي سندن

ذريعي هندستان جي سياسي قيادت سان رابطو قائم ڪري، پر نتيجو هميشه الٽو نڪرندو رهيو.

لالا لاجپت راءِ هندستان جي مشهور ڪانگريسي ليڊر سان ملاقات ٿيس. ساڻس روس سان ڪيل عهدنامي جي خبر ڪيائين ۽ مٿس بار رکيائين ته هو هندستان واپس پهچي ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ کي پيغام پهچائي ته هو ان عهدنامي تي عمل ڪندي، افغانستان جي رستي سان روسي امداد حاصل ڪرڻ جو بندوبست ڪري.

لاجپت راءِ ڪانگريس سان گڏ هندو آريا سماج جو به اڳواڻ هو. آريا سماج جو اصول هيءُ هو ته هندستان مان مسلمانن جو نانءُ نشاني مٽائي ڇڏجي. مولانا اهڙي ماڻهو تي ڪيئن اعتماد ڪيو، سا ڳالهه سمجھ ۾ ڪا نه ٿي اچي. شايد ڪيس انهيءَ ڦيري ۽ تغير جي خبر ڪا نه هئي جيڪو هندستان جي اندروني حالتن ۾ 1915ع کان 1924ع تائين سندس غير حاضريءَ ۾ اچي ويو هو. هن سمجھيو پي ته 1924ع ۾ به ڪانگريس جا هندو ليڊر انهن ئي نيشنلسٽ ۽ غير فرقيوارانه اصولن تي قائم هوندا جن تي هو 1915ع ۾ بيٺل هئا، پر مولانا جو اهو خيال صحيح نه هو.

لاجپت راءِ هندستان پهچي، پاڻ جهڙي ذهنيت رکندڙ اڳواڻ پنڊت مدن موهن مالويه کي خبردار ڪيو ته عبيدالله هندستان تي دوباره مسلمانن جي قبضي ڪرائڻ افغانستان کي روس جي پٺڀرائي سان هندستان جي معاملن ۾ دخل ڏيارڻ جو بندوبست ڪيو آهي، جيڪا صورتحال مستقبل جي باري ۾ هندن جي خيالن ۽ منصوبن لاءِ گھاتڪ ثابت ٿيڻي آهي.

مالويه تنهن تي بلڪل اُتي ڪڙو ٿيو. نه فقط ڪانگريس کي روس مان عبيدالله جي ڪيل عهدنامي مطابق فائدو وٺڻ ڪو نه ڏنائين، ابتلندو هندستان اندر هندن کي مسلمانن سان ويڙهائڻ لاءِ آريه سماج ۽ هندو مهاسڀا جي پُٺي ٺپي ڪليو ڪلايو خوني طوفان ڪڙو ڪرائي ڇڏيائين. اڄ به تاريخ کولي ڏسو، سال 1924ع فرقيوارانه ڪشمڪش ۽ خوني فسادن ۽ واقعن جو سال نظر ايندو. انهن ڏينهن جون جدا ٿيل قومون وري ڪڏهن پاڻ ۾ گڏجي ڪو نه سگھيون.

اهو نتيجو نڪتو لاجپت راءِ سان مولانا جي راز ونڊڻ جو. ٻي ڪوشش سندس طرفان هيءَ ٿي ته هو ڪنهن طرح سان عهدنامي جي خبر

هندستان ۾ ڪانگريس جي مسلمان اڳواڻ ڊاڪٽر انصاري تائين پهچرائي. ان ڪم لاءِ سندن نظر هڪ ڏني وائني هندستاني مسلمان قومي ڪارڪن تي پئي، جيڪو يورپ مان موٽندي استنبول مان گذري رهيو هو. مولانا ڪيس (هندستان پهچڻ ڪان پوءِ سفر خرچ لاءِ) هڪ سؤ پائونڊ ڏئي مٿس اهو بار رکيو تہ هو ڊاڪٽر انصاريءَ سان ملي ساڻس روسي عهدنامي جي ڳالهہ ڪري. سال ڪان پوءِ ڊاڪٽر انصاري خود استنبول آيو. مولانا کي ٻڌايائين تہ اُن قاصد نہ ساڻس ملاقات ڪئي هئي ۽ نہ اهو پيغام ڪيس پهچايو هو.

وچان مولانا غريب جا سؤ پائونڊ ئي حرام ٿي ويا!

* * *

مولانا انهن ڪوشش سان گڏو گڏ آزاد هندستان لاءِ هڪ آئين جو مسودو بہ جوڙيو ۽ ان آئين جي پنپرائي ڪرڻ لاءِ هڪ پارٽي جي تنظيم جو خاڪو بہ ناهيائين.

ان وقت تائين آزاديءَ جي تحريڪن جو سارو زور آزاديءَ حاصل ڪرڻ تي هوندو هو. پر آزادي ملڻ ڪان پوءِ هندستان جو چرخو ڪيئن هلندو، تنهن جي تفصيل تائين اجان ڪنهن جو خيال ڪو نہ پهتو هو.

مولانا ان گهٽتائي کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن مستقبل جي باري ۾ ڪو مونجهارو نہ رهي ۽ پوءِ جهيڙا پيدا نہ ٿين. هُن جو خيال هو تہ جيڪڏهن اوچتو آزادي ملي ويئي ۽ مستقبل جي باري ۾ ماڻهن جا ذهن اڳواٽ صاف نہ هوندا تہ لازماً خانہ جنگي لڳندي جيڪا آزاديءَ خود کي عام ماڻهن لاءِ سخت نقصانڪار ثابت ڪندي.

مولانا جي تجويز ڪيل اِن آئيني مسودي جو تفصيل پيش ڪجي ان ڪان پهريان ضروري آهي تہ ان سان واسطو رکندڙ بہ ٽي ڳالهيون قلمبند ڪري ڇڏجن. مثلاً:

(1) مولانا رٿيل پارٽيءَ جو نالو "سروراجيہ پارٽي [1]" رکيو. "سرو" جي معنيٰ هنديءَ ۾ "سڀ جي" آهي يعني اها پارٽي سڀ جي راڄ قائم ڪرڻ لاءِ

---

[1] جيڪڏهن هندستان وارا اهو نالو ٻر وقت قبول ڪن ها تہ نہ سوراج پارٽي وارو جهيڙو لڳي ها، نہ سوراج اکر جي معنيٰ تي غلط فهميون پيدا ٿين ها، نہ گانڌي جي کي اها ضرورت پيش اچي ها تہ هو سوراج اکر جي معنيٰ بار بار ڦيرائيندي مسلمانن جي دل ۾ شڪ پيدا ڪرائي ها. پر مولانا واري دور انديشي ڪنان اچي ها.

جدوجهد ڪندي: ان پارٽي جي ٺاهيندڙ انڊين نيشنل ڪانگريس جي ڪابل شاخ بڻي، پر پارٽي، عملاً انڊين نيشنل ڪانگريس جي مرڪزي نظام جي ذيلي تنظيم تي رهڻي هئي.

(2) آئين جي مسودي جون ڪاپيون استنبول ۾ ڇپارائي هندستان موڪلڻ لاءِ تيار رکيون ويون، اردو هُون تہ ڪو خاص قاصد اهي ڪاپيون هندستان کڻي وڃي دستي وراهيندو. قاصد جي خرچ لاءِ هڪ سؤ پائونڊ جو بندوبست بہ ڪيو ويو. پر جڏهن اهي پيسا موصول ٿيا تہ ڪو گهر جو چور مولانا جي هڪ رفيق جي پيٽيءَ جو ڪُنڊو ڀڃي رقم اُڏائي ويو. مجبوراً ڪاپيون ٽپال رستي موڪلڻيون پيون. هندستان پهچندي ئي ڪسٽم وارن انهن جي تقسيم روڪي ڇڏي ۽ حڪومت هند 15- مئي 1925ع جو گزيٽ ڪڍي انهن کي ضبط ڪيو ۽ هندستان اندر ان جي تقسيم ممنوع ڪري ڇڏي. ان هوندي بہ ڪجهہ ڪاپيون صحيح ماڻهن تائين پهچي ويون. پر انهن مٿن غور ڪو نہ ڪيو ڇو تہ الله تعاليٰ ڪانگريس قيادت کي مولانا جيتري ڊگهي نظر عطا ڪا نہ ڪئي هئي. منجهائن هر ڪو " آزادي""آزادي" پڪارڻ ۾ تہ مصروف هو، پر ڪنهن اهو خيال ڪو نہ ٿي ڪيو تہ: "آزاديءَ ڪان پوءِ ڇا؟" — نتيجو اهو نڪتو جو مستقبل جي آئين جي باري ۾ مونجهاري باقي رهڻ ڪري آزادي ملندي شرط طوفان ڪَڙا ٿي ويا، لکين بي گناهہ انسان مارجي ويا، ۽ ڪن علائقن ۾ بي اطميناني پوءِ بہ رهجي ويئي جنهن ڪري زير لب پُڻ پُڻ ۽ زير زمين جدائيءَ جون تحريڪون وري بہ جاري رهيون (مثلاً ميزو، ناگا، مرهٽا، سِکُ وغيره.)

* * *

مولانا جي سوچيل آئيني اسڪيم هن لحاظ کان بہ تاريخي اهميت ٿي رکي تہ اها پهرين آئيني اسڪيم هئي جيڪا ڇپجي شايع ٿي هئي. ان کان پهريان [1] آزاد هندستان جي آئيني مسئلن جي باري ۾ اهڙي تعميري انداز ۾، ۽ ايتري تفصيل سان ڪنهن بہ سياسي مفڪر ڪو نہ سوچيو هو.

---

[1] مولانا جي اسڪيم 1924ع ۾ ٺهي، سائمن ڪميشن 1928ع ۾ آئي، نهرو رپورٽ 1929ع ۾ مرتب ٿي، آل انڊيا مسلم ڪانفرنس 1929ع ۾ منعقد ٿي، رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس 1930ع ۾ شروع ٿي، اصلاحات 1935ع ۾ آيا، مسلم ليگ جو پاڪستان ٺهراءُ 1940ع ۾ پاس ٿيو.

آءُ ان اهم تاريخي دستاويز کي ناپيد ٿي وڃڻ کان بچائڻ ۽ مستقبل جي مورخن کي ان کان باخبر رکڻ خاطر، حاشيءَ [1] ۾ نقل ڪري ڇڏيان ٿو.

---

[1] مولانا عبيدالله جي مرتب ڪيل آئيني اسڪيم.

رهنما اصول

(1) هندستان لاءِ ڪامل آزادي حاصل ڪرڻ ۽ آزاد هندستان ۾ هڪ وفاقي (Federal) نظام حڪومت قائم ڪرڻ.

(2) هندستان ۾ مسلمانن ۽ ٻين اقليتن ۽ اسلام کي محفوظ رکڻ.

(3) هندستان ۾ محنت ڪندڙ طبقي (يعني هاري، مزدور ۽ دماغي ڪم ڪندڙ) جي اڪثريت رکندڙ حڪومتون قائم ڪرڻ. (زمينداري، ۽ سرمايہ داري کي ملڪ مان ختم ڪرڻ جيئن عوام ڪميونزم جي سبز باغن جو ٻڌي پُلجي نہ وڃن. هن طريقي سان ڪميونسٽن جي پروگرام جو شروع ۾ ئي خاتمو ٿي ويندو جو تہ ڪميونسٽ فقط مزدورن (Proletariat) جي حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا جنهن ۾ زمیندارن، واپارين، ۽ ڪارخانہ دارن کي نمائندگيءَ جو ڪو حق ڪو نہ هوندو.

(4) "سرواجيہ" پارٽي انهن مقصدن جي حصول جو ذريعو بڻبي. اها پارٽي سڀ جو گڏيل راڄ قائم ڪندي جنهن ۾ رنگ، مذهب، مال وغيره ۾ ڪو فرق ڪو نہ رکيو ويندو. پارٽي جي ميمبرن لاءِ هيءَ شرط هوندو تہ هو پنهنجي زندگي هارين جي زندگي جي ليول کان مٿاهين نہ ڪندا يعني اوترِي ئي آمدني تي گذارو ڪندا جيتري آمدني وچولي درجي جي ڪنهن هاريءَ جي هوندي. ان کان مٿي جيڪا بہ سندن آمدني ٿيندي يا وٽن ملڪيت هوندي سا پارٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندا.

نظام توافق (ڳانڍاپي جو طريقو)

پارٽي هندستان کي هڪ ملڪ نہ سمجهندي ۽ نہ هندستان جي آزاديءَ جو بنياد "واحد قوميت" جي تصور تي رکندي. ملڪ جو نظام فيبرل هوندو جنهن کي قائم ڪرڻ لاءِ هيٺيان اصول هوندا.

(الف) جغرافيائي حيثيت سان هندوستان قدرتي طرح ٽن حصن تي مشتمل آهي، يعني هندستان جا ٽي حصا آهن هڪ شمال مغربي، ٻيو مشرقي، ۽ ٽيون جنوبي - انهن مان هر هڪ حصي کي مختلف صوبن ۾ تقسيم ڪيو ويندو. هر صوبي جي حد بندي هن اصول تي ڪئي ويندي تہ اتان جي آبادي هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندي ۽ هڪڙي قسم جا رسم رواج ۽ تمدن رکندي هجي.

(ب) ان اصول تي قائم ڪيل هر صوبي کي "جمهوري رياست (يا ملڪ)" جو درجو حاصل هوندو ۽ سواءِ خارجي معاملات، جنگ ۽ پرڏيهي واپار جي باقي ٻين سڀني معاملات ۾ هر جمهوري رياست کي مڪمل اختيار حاصل هوندو. مثال طور ان اصول هيٺ شمال مغربي حصي ۾ هي جمهوري رياستون (يا ملڪ) ٺهنديون: (1) مشرقي پنجاب (2) مغربي پنجاب (3) صوبہ سرحد (4) سنڌ (5) بلوچستان ۽ (6) گجرات - ساڳي طرح هندستان جي ٻين ٻن حصن کي بہ جمهوري ملڪن (يا رياستن)" ۾ تقسيم ڪيو ويندو.

(ج) اهي "جمهوري رياستون (يا مُلڪ)"، جيڪڏهن گهرن تہ، مرڪزي فيبرل حڪومت ۾ شامل ٿيڻ کان پهريان، پنهنجي علائقن جي تمدن ۽ رسم و رواج جي يڪرنگي جي پيش نظر پنهنجي مٿي پاڻ ۾ ملي پنهنجو جدا فيبريشن يا وفاق ٺاهي پوءِ اُن جي ذريعي مرڪزي فيبريشن ۾ داخل ٿين، مثلاً مغربي پنجاب، صوبہ سرحد، ڪشمير، سنڌ، ۽ بلوچستان پنهنجو جدا فيبريشن ٺاهي ان جي وسيلي مرڪزي فيبريشن (يا ڪانفيبريشن) ۾ داخلا وٺن.

ساڳيو اصول هندستان جي ٻين ٻن حصن سان بہ لاڳو هوندو.

مجلس قانون ساز

انهن جمهوريتن ۾ هر عاقل بالغ مرد ۽ عورت کي ووٽ جو حق ڏنو ويندو. پر هر طبقو (Social Class) مثلاً هاري، مزدور، دماغي ڪم ڪندڙ، واپاري ڪارخانہ دار،

پنهنجي پنهنجي آباديءَ جي تناسب سان پنهنجا نمائندا موڪليندو ۽ اُهي نمائندا پنهنجي طبقي منجهان ئي چونڊيندو (يعني هاري پاڻ جهڙي هاريءَ مزدور پاڻ جهڙي مزدور کي ئي ووٽ ڏئي پنهنجو نمائندو چونڊي سگهندا. (هلندڙ)

۾ آئين جي باري ۾ مولانا صاحب جي سوچ ۽ هندستان جي ليڊرن جي سوچ ۾ وڏو فرق هو.

مولانا جي سوچ هڪ ڏکهي نظر رکندڙ فلاسفر جي سوچ هئي جنهن کي آئين جي اهميت، مستقبل ۾ پيش اندر امڪاني ضرورتن ۽ هندستان جي خاص حالتن جو صحيح انداز هو. هن جو خيال هو ته آئين هڪ مقدس دستاويز

---

سمجهاڻي

ان طريقي سان جمهوريتن جي پارليامينٽن ۾ هارين، مزدورن ۽ دماغي ڪم ڪندڙن، يعني محنت ڪندڙن جي اڪثريت قائم ٿي ويندي جيڪا محنت ڪشن جي حقن ۽ مفادن جي حفاظت ڪري سگهندي.

اقتصادي ۽ سماجي بنيادي اصول

(1) عام فائدي جا سڀ ذريعا قومي ملڪيت ۾ ڏنا ويندا.

(2) ذاتي ملڪيت (منقول ۽ غير منقول) جي حد مقرر هوندي ان کان مٿي قومي ملڪيت ۾ ورتي ويندي.

(3) مال دارن تي وڌيڪ ٽيڪس وڌي ويندي جنهن جي آخري حد پنجاهه سيڪڙو هوندي.

(4) ذرعي زمينان قومي ملڪيت ۾ ورتيون وينديون ۽ زميندار سرشتو منسوخ ڪيو ويندو (جن جمهوريتن ۾ مسلمانن جي گهڻائي هوندي اُت حضرت فاروق اعظم جي فيصلي موجب زميندارن کي زمين جي ملڪيت ڇڏڻ ۽ حضرت امام ابو حنيفه جي فيصلي موجب مزارعت ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويندو.

(5) هر هاريءَ خاندان کي ايتري زمين ضرور ڏني ويندي جيڪا هو پاڻ ڪاشت ڪري سگهندو هجي.

(6) وياج جي ڏي وٺ بند ڪئي ويندي ۽ پراڻا قرض رد ڪيا ويندا.

(7) قومي ملڪيت ۾ ورتل ڪارخانن کي مزدورن جي انجمن ذريعي هلايو ويندو ۽ نفع مان مزدورن کي حصو ڏنو ويندو.

(8) محنت ڪش طبقي کي مفت طبي امداد ڏني ويندي ۽ رهڻ لاءِ صاف سُٿرا گهر مهيا ڪري ڏنا ويندا.

(9) ابتدائي ۽ مدل اسڪولن ۾ زوري ۽ مفت تعليم هوندي.

(10) اندرون ملڪ واپار ڪو آپريٽو سوسائٽين جي هٿ ۾ هوندو جن جا ميمبر واپاري پاڻ به ٿي سگهندا.

(11) پرڏيهي واپار مرڪزي حڪومت جي هٿن ۾ هوندو.

(12) هر جمهوريت پنهنجي اڪثريت جي مذهب کي سرڪاري مذهب قرار ڏئي سگهندي. بشرطيڪ ان مذهب ۾ مٿين اقتصادي ۽ اجتماعي اصولن جي ابتڙ ڪا ڳالهه نه هوندي.

مرڪزي حڪومت وفاقي جمهوريت

(1) مرڪزي حڪومت هند جو مذهب سان ڪو تعلق ڪو نه رهندو.

(2) مرڪزي حڪومت خارجي ۽ جنگي معاملات، ۽ بيروني تجارت پنهنجن هٿن ۾ رکندي.

(3) مرڪزي حڪومت ۾ جمهوريتن کي، منجهان هر هڪ جي آبادي ۽ تناسب، ۽ اقتصادي، تمدني، فوجي اهميت، جي مطابق نمائندگي حاصل هوندي.

بين المال تعلقات

امپريلزم کي ختم ڪرڻ ۽ مٿين اصولن تي حڪومتن قائم ڪرائڻ لاءِ، ايشيائڪ فيڊريشن ٺاهيو ويندو جنهن ۾ روس کي به شامل ڪيو ويندو.

ٿئي ٿو جنهن جو تقدس وري وري تنسيخ يا ترميمن سان پامال نہ ٿيو آهي، تنهنڪري پهريان ئي اهڙي شئي ناهي ڇڏجي جيڪا آئينده جي مڙني ڦرندڙ حالتن ۾ پيدا ٿيندڙ ضرورتن جي ڪفالت بغير ڪنهن ڪاٽ ڪوٽ يا خوني انقلاب جي ڪندي رهي. بيو هيءُ اصول مدنظر هوس تہ هندستان اندر مذهبن کي تحفظ ڏجي جيئن دنيا اندر پکڙندڙ لاديني رجحان سنٽرل ايشيا وانگر، هن برصغير مان بہ مورڳو مذهبن کي نيڪالي نہ ڏئي ڇڏي، ساڳيو وقت مذهبن کي بہ اهڙيءَ متوازن ۽ Rational پوزيشن ۾ رکجي جو هو جاهلن ۽ متعصب سياسي، سماجي طالع آزما ماڻهن جي قبضي ۾ اچي نہ پاڻ ۾ هڪبئي لاءِ باعث افساد ۽ خانہ جنگي بنجڻ، ۽ نہ جنوني حد تائين پهچي عوام يا خود پنهنجن پيرون لاءِ سبب آزار ۽ Nuisance ٿي پون - يا وري وڃي، مروڙجي، مسخ ٿي، اهڙي بگڙيل صورت اختيار ڪن جيڪا ايندڙ نئين زماني جي انقلابي ۽ منطقي تمدني تصورات ۾ کپي نہ سگهي ۽ ايتريقدر رجاعيت ۽ وحشي پڻي تي دلالت ڪرڻ لڳي جو اُن کي مٽائي ڇڏڻ عالمي انساني برادري، پنهنجي تهذيبي ۽ ترقي پسنديءَ جي، تقاضئن جي عين مطابق سمجهي (جيئن غلاميءَ Slavery "يا سَتيءَ جي رسم) خلاف انساني بنيادن تي عالمي تحريڪ هلي ان کي بنهہ ختم ڪرائي ڇڏيو حالنڪ غلامي ڪن مذهبن ۾ بہ جائز هئي.)

ٽيون اصول هيءُ سامهون رکيو هوس تہ پراڻو دقيانوسي اقتصادي ۽ معاشي نظام، هن ڪان پوءِ، گهڻي وقت تائين، قائم رهي ڪو نہ سگهندو آهي، روس اڳ ۾ ئي دنيا کي نئون رستو ڏيکاري ڇڏيو آهي، نئين دنيا جو عوام جيڪو پنهنجي عظيم تعدادي قوت ڪري بي پناهہ طاقت، بلڪ ساريءَ سياسي طاقت جو سرچشمو، بنجي چڪو آهي (۽ جنهن ۾ پهرينءَ عالمي جنگ ڪان پوءِ پنهنجي طاقت جو احساس پيدا ٿيڻ شروع ٿي چڪو آهي). گهڻي وقت تائين روايتي پراڻو سرمايہ داري ۽ لُٽ ڦر سان انفرادي تونگري ۽ باقي خلق خدا جي اجتماعي محرومي جو محرڪ، نظام [1] برداشت ڪري ڪو نہ سگهندو ۽ جيڪڏهن وقت سر اُن جي اصلاح نہ ڪئي ويئي تہ ممڪن آهي تہ جلد يا بہ دير، اهڙو شديد خوني تصادم ٿي پوي جيڪو، نُهن ڪان چوٽيءَ تائين، جملي روايتي، مذهبي ۽ نيم مذهبي معاشرتي نظامن کي ڪاملاً ساڙي

[1] صريحاً غير اسلامي، غير انساني.

ٻاري خاڪ ڪري ڇڏي. (مولانا جيڪي روس ۾ ڏسي آيو هو تنهن مان ايندڙ زماني جي تصوير جا ڪجهه گوشا سندس اڳيان روشن ٿي چڪا هئا- مثلاً ساريءَ سينٽرل ايشيا جي مسلماني ملڪن مان روايتي نظام جون پاڙون پٽجي ويون هيون ۽ ان جو اثر مذهبي نظام تي به پيو هو. سينٽرل ايشيا جي مسلمان خواتين اجتماعي پيماني تي محض پردي جي پابنديءَ مان پاڻ ڇڏائڻ ۽ زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ مردن سان همسري حاصل ڪرڻ خاطر. ڪميونزم ۾ ٽپي اِن نئين غير شرعي نظام جي پڪيڙڻ لاءِ Surrogate Proletariat [1] مزدور برادري جو نعم البدل طور ڪم ڪرڻ لڳيون. سفيد رشيا ۾ زميندارن ڪي موروثي زمينن تان بي دخل ڪرائيندي ڪيترن لکن ڪُلڪن (روسي وڏيرن) کي قتلام ڪيو ويو هو ۽ باقي بچيلن ڪيترن لکن کي سائبيريا ڏانهن جلا وطن ڪري ڪين ٿڌ ۽ بُک وگهي بي موت مرڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. ان انقلابي نظرياتي نظام جي روس جي ملڪ تائين محدود رهڻ جو به امڪان ڪو نه هو ڇو ته ان کي ساريءَ دنيا اندر ڦهلائڻ لاءِ روس پنهنجي هر قسم جي ذريعن استعمال ڪرڻ جو پروگرام ناهي چڪو هو [2]. (هاڻ ته سندس "ذريعن" ۾ نيوڪليئر هٿيار به شامل ٿي چڪا آهن).

اصل ۾ مولانا صاحب ايندڙ زماني ۾ صدين تائين جيڪي ڪجهه اڳواٽ ڏيٺو هو تنهن تي اڳواٽ نظر رکي علاج جو نسخو تيار پئي ڪيو. ۽ هندستان وارن صرف زمانه حال جي حالتن کي ڏسي سُتين پُڙين ۽ سائن سَنوٽن جو پئي سوچيو.

* * *

[1] ڏسو ڪتاب Surrogate Proletariat مصنف Gregory J. Massel مطبوعه پرنسٽن يونيورسٽي پريس، پرنسٽن، نيو جرسي، (آمريڪا).

[2] پهرينءَ عالمي لڙائي جي زماني کان پوءِ جو دنيا جو نقشو سامهون رکي ڪميونزم ۽ سوشلزم جي پکيڙ جو ملاحظو ڪيو ۽ جنهن تيزيءَ سان اها پکيڙ ٿي آهي تنهن کي ذهن ۾ رکو. دنيا جي تاريخ ۾ ڪو بيو معاشي، معاشرتي يا سياسي نظريو به ايتري تيزيءَ سان ڪرهٔ ارض جي ايتري حصي تي ڇانئجي ويو؟ جن ملڪن عقل کان ڪم وٺي ڪو متوازن پروگرام عمل ۾ آڻي اڳ ۾ ئي بندوبست ڪيو سي ته بچي سگهيا آهن باقي بيا سمورا گهٽو ڪري غرق ٿي چڪا آهن يا غرق ٿيندا پيا وڃن.

ان مان ظاهر آهي ته مولانا صاحب کي اِن انقلابي رؤ جي اسپيڊ جو صحيح ترين انداز هو. تنهنڪري ئي هن اڳواٽ ڪجهه ٻانڌا ٻڌڻ پئي گهريا.

ياد رهي ته مولانا پنهنجو پروگرام ان زماني ۾ مرتب پئي ڪيو. جڏهن اڃا اها پهرين عالمي لڙائي هلي رهي هئي!

مولانا کي استنبول ۾ رهئي ٽي سال پورا ٿي چڪا هئا. سندس لاءِ وڏيڪ ڪم ڪرڻ جي اُتي گنجائش بہ ڪا نہ رهي هئي. مولانا پاڻ لکيو آهي تہ: "[1] مان ٽي سال ترڪيءَ ۾ رهيو آهيان. مان تحريڪ اتحاد اسلام جو تاريخي مطالعو ڪيو آهي. مستقبل قريب ۾ ان لاءِ ڪو مرڪز نظر ڪو نہ آيو. تنهنڪري مون ترڪن وانگر پنهنجي اسلامي مذهبي تحريڪ کي انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ داخل ڪرڻ ضروري سمجهيو."

1926ع جي شروع ۾ اخباري خبر پڙهيائين تہ ايندڙ حج جي موقعي تي، مڪ معظمہ ۾ "موتمر عالم اسلام" جو اجلاس ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هندستان جا مسلمان ليڊر بہ اچڻا آهن.

ان موقعي کي پنهنجن پراڻن ساٿين سان ملڻ ۽ ساڻن رازن ونڊڻ لاءِ غنيمت سمجهي، مولانا اوڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو. پر استنبول مان ڪوبہ جهاز حجاز ڏانهن ڪو نہ ويندو هو. تنهنڪري مولانا پهريان اٽليءَ ويو [2] ۽ اتان جهاز ۾ سوار ٿي ارٽريا جي مساوا بندر تي وڃي لٿو. پندرهن ڏينهن کان پوءِ اتان جده لاءِ جهاز جو ڪنڪشن مليس. جده پهتو تہ موتمر اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويئي هئي ۽ ڊيليگيٽ سڀ موٽي ويل هئا.

پوءِ تہ مولانا لاءِ نہ اڳتي وڃڻ جو نہ پوئتي ورڻ جو ڪو رستو رهيو. گوڏا ڪوڙي اُتڙي ئي ويهي رهيو ۽ تعليم ڏيندي ۽ مختلف معاملن تي غور ڪندي پنهنجي زندگي جا پورا ٻارهن سال گذاري ڇڏيائين. هر سال حج تي ويندڙن سان ملاقاتون ڪندو رهيو ۽ ديار حبيب صلي الله عليہ وسلم جي لطيف ۽ جانفزا هوائن مان مستفيد ٿيندو رهيو. هونءَ بہ مڪو مڪرمہ اسلامي دنيا جو مرڪز هو: اُتي ويٺي سندس آڱر ساري عالم اسلام جي نبض تي رهي ٿي سگهي. حجاز جي حڪومت البتہ ڪانئس هي وعدو ورتو تہ هو اتان ويهي ڪابہ سياسي پروپيگنڊا ڪا نہ ڪندو.

پاڻ پنهنجي خطبات (صفحو 72) ۾ لکي ٿو تہ "مان 14-13 سال قرآن عظيم ۽ (امام ولي الله جي) حجة الله البالغہ جو گهريءَ نظر سان مطالعو

---

[1] خطبات مولانا عبيدالله سنڌي صفحو 70

[2] روانگي 5- جون 1926ع جو ٿيس. اٽليءَ ۾ جواهر لعل نهروءَ سان ملاقات ٿيس. پر مولانا جي سوچ تائين نهرو صاحب جي ذهن جي بہ رسائي ڪا نہ ٿي سگهي. هن بہ ٻين وانگر حال جو پٺي سوچيو ۽ مستقبل کان بي نياز هو.

ڪندو رهيس. تفسير قرآن ۾ جيڪي مقام مشڪل هئا تن جي باري ۾ (مڪي واري زماني ۾) امام ولي الله دهلوي جي اصولن جي روشنيءَ ۾ اطمينان حاصل ڪري سگهيس."

مولانا امام موصوف جي ٻين ڪتابن سان گڏ مولانا اسمعيل شهيد ۽ مولانا محمد قاسم جي تصنيفات جو بہ مطالعو ڪندو رهيو هو. پاڻ دعويٰ ڪيائين تہ: جيڪڏهن مون کي موقعو ڏنو وڃي تہ آءٌ امام ولي الله کي حڪمت جو مجتهد مستقل ڪري مڃان، امام عبدالعزيز دهلوي ۽ مولانا رفيع الدين دهلويءَ کي ان حڪمت جو منتسب ۽ مولانا اسماعيل شهيد ۽ مولانا محمد قاسم کي مجتهد في المذهب جي رتبي تي تسليم ڪريان تہ مان ان حڪمت جو اهڙو اسڪول قائم ڪري سگهان ٿو. جنهن ۾ (الف) قرآن عظيم (ب) سنت رسول ﷺ ۽ سنت خلفاء الراشدين ۽ (ج) تاريخ اسلام جي پوري عقلي تشريح تي سگهندي. ان ڪان پوءِ دنيا جي سيني مذهبن ۽ انهن جي مقدس ڪتابن جي تحقيق ۽ تطبيق آسان ٿي پوندي" (خطبات ص 73).

جيتريقدر آءٌ ان جملي ۾ ڏنل اشارن جي معنيٰ سمجهي سگهيو آهيان، مولانا کي سمورن مذهبن ۾ ڪي هڪجهڙيون ڳالهيون، حقيقتون ۽ حڪمتون نظر اچي رهيون هيون جن جي هن تطبيق [1] ڪرڻ تي گهري.

ان سلسلي ۾ هيءُ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ اسان مٿي سندس تحرير جو هيءُ جملو بہ نقل ڪري چڪا آهيون تہ: "مان ٽي سال ترڪيءَ ۾ رهيو آهيان. مون تحريڪ اتحاد اسلام جو تاريخي مطالع ڪيو آهي. تنهنڪري مون ترڪن وانگر پنهنجي اسلامي مذهبي تحريڪ کي انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ داخل ڪرڻ ضروري سمجهيو."

ٻنهي جملن کي گڏي پڙهڻ سان پڙهندڙ هن اثر قبول ڪرڻ تي آماده ٿئي ٿو تہ مولانا کي مختلف مذهبن ۾ ڪي شيون غير نزاعي ۽ مشترڪ نظر تي آيون ۽ انڪري ڪيس "پنهنجي اسلامي مذهبي تحريڪ" کي نيشنل ڪانگريس ۾ (جنهن ۾ هندن جي اڪثريت هئي) داخل ڪندي پنهنجي ان "اسلامي مذهبي تحريڪ" لاءِ ڪو خطرو ڪو نہ ٿي محسوس ٿيو.

---

[1] نسيم اللغات اردو موجب تطبيق جي معنيٰ آهي: "مطابقت، موافقت، برابري (هن جي اصلاحي معنيٰ آهي ظاهر ۾ ٻن مختلف قولن ۽ ڳالهين جي اهڙي تشريح ڪجي جو انهن جو اختلاف هليو وڃي).
"تطابق" جي معنيٰ آهي: "مطابقت، مشابهت". صفحو 270

اهو هڪ اهم اصولي نُڪتو هو. (ممڪن آهي تہ مون غلط سمجهيو هجي. پڙهندڙ پاڻ غور ڪن.)

* * *

مولانا جي جلاوطني ٽيويهہ سال هلي چڪي هئي. 1937ع ۾ هندستان ۾ نوان آئيني سڌارا آيا هئا جن هيٺ هندستان جي اڪثر صوبن ۾ ڪانگريسي وزارتون قائم ٿيون هيون. سنڌ ۾ خانبهادر الله بخش مرحوم وزارت ٺاهي ويٺو هو، جنهن ڪان جي . ايم. سيد صاحب ۽ ڪانگريس اسيمبلي ميمبرن پيشڪي هي شرط قبول ڪرايو هو تہ هو مولانا کي وطن موٽائيندو ۽ سندس خلاف انگريز جون ڪيل ڪارروايون ختم ڪرائيندو.

هوڏانهن مولانا پنهنجي مٿي بہ گهٽيءَ دنيا جو حال ڏسي چڪو هو. مسلمان ملڪن جي منورتي ۽ عالمي اسلامي اتحاد جي تصور جي حقيقت بہ خود انهن ملڪن ۾ رهي معلوم ڪري ورتي هوائين. ڪجهہ وطن جي اُڪير ۽ ڪجهہ مسلمان ملڪن جي سرد مهري پنهنجو اثر ڏيکاريو. هن مڪي مان سفارتي ذريعي استعمال ڪري حڪومت هن کي مطمئن [1] ڪيو تہ سندس سياست ۽ سوچ جو اصلوڪو دور ختم ٿي چڪو آهي ۽ حالتون ڦري ويل آهن، تنهنڪري هن ڪان پوءِ هو انگريز لاءِ هندستان اندر ڪنهن غير معمولي خطري جو باعث ڪو نہ بڻيو.

مولانا تان بندش ختم ٿي.

شروع 1939ع ۾ موٽي اچي ڪراچي بندر تي لٿو. سندس استقبال ۾ سنڌ جو وزير اعليٰ خانبهادر الله بخش مرحوم گلن جا هار ڪنيو موجود هو.

23 ورهين جو وڇوڙو ختم ٿيو. مولانا ۽ سنڌ وري هم آغوش ٿيا. مارئي موٽي ملير آئي. خود فرمايائين:

ع - يہ جهاڙيان چمن کي يہ ميرا آشيانہ!

مولانا ذاتي تجربن، علم ۽ معلومات جا وڏا خزانا ساڻ کڻي موٽيو هو. اميد هوس تہ ملڪي ياٿر انهن مان فائدو وٺندا، پر ڪنهن جي بخت ڪو نہ پڙايو. سيني کي چنڊائي ڪنيو ويٺي هئي. جنس موجود هئي، خريدار ڪو نہ پيدا ٿيو.

* * *

[1] انگريز اڪثر پنهنجن سياسي مخالفن جي معاملي ۾ اهڙي ڪشاده دلي ڏيکاريندو رهندو هو.

ملڪ جون حالتون ۽ سياسي جماعتن جون پاليسيون بـ ڦري ويـل هيون. 1924ع ۾ جنهن هندو مسلم نفاق جي شروعات ٿي هئي، سو هينئر 1939ع ۾ وڏي ساري ملڪ کي وبا وانگر وڪڙي ويو هو. مولانا جي ڪراچيءَ پهچڻ کان چار پنج مهينا اڳ ساڳيءَ ڪراچي ۾ سندس پراڻي سنگتي شيخ عبدالمجيد مرحوم جي تحريڪ تي مسلم ليگ نهراءُ پاس ڪري چڪي هئي، جنهن جي معنيٰ هيءَ هئي تہ هندستان اندر هندو ۽ مسلمان هڪ گڏيل نظام حڪومت هيٺ رهي ڪو نہ ٿا سگهن. تنهنڪري ملڪ کي ٽوڙي بہ وفاق (فيڊريشن) بڻايا وڃن هڪ مسلمانن جو، بيو هندن جو. خود سنڌ اندر اسيمبلي سياست تي هندن ۽ مسلمانن ۾ شديد وڳوڙ هلي رهيو هو حالانڪ سنڌ کي بمبئي کان جدا ٿئي اجان مس ٻہ اڍائي سال گذريا هئا. هندستان جي بين صوبن ۾ جت تازو صوبائي ڪانگريس وزارتون قائم ٿيون هيون، مسلمان شديد شڪايتون ڪرڻ لڳا هئا. مولانا کي سمجهڻ ۽ ساٿ ڏيڻ وارا گهڻو ڪري سڀ پراڻا رفيق فوت ٿي ويل هئا- مثلاً حضرت مولانا محمودالحسن عليہ الرحمة، حضرت مولانا عبدالباري عليہ الرحمة، مولانا محمد علي مرحوم، مولانا شوڪت علي مرحوم، حڪيم اجمل خان مرحوم، ڊاڪٽر انصاري مرحوم، سرڳواسي سي - آر - داس ۽ ٻيا ڪيترا هندستان مان، ۽ سنڌ مان مولانا تاج محمد امروٽي رح، حضرت پير سائين رشدالله شاه رح جهنڊي وارو، پير محبوب شاه رح، پير سائين تراب علي شاه رح، رئيس ميان جان محمد جوڻيجو مرحوم.

هندستان جي قيادت ڪوتاه نظر هندن ۽ سنڌ جي قيادت وڏيرن جي ور چڙهي ويل هئي. مولانا جي ڳالهہ ٻڌي نہ ڪير، سمجهي تہ ڪير؟

- گهورون ٿا گهورين پر پلو جهلينڊڙ ڪو نہ آ.

مولانا کي هت آئي اجان مشڪل سان پنج مهينا گذريا هئا تہ ٻي عالمگير جنگ شروع ٿي ويئي هئي، جنهن ڦرڪو ئي ڦيرائي ڇڏيو.

پوءِ تہ سياست ۾ هوش جي جاءِ جوش ورتي، ماٺهن دماغ جو ڪم زبان کان ونڻ شروع ڪيو. اسان جي مولانا وٽ نہ جوش هو، نہ اهڙي زبان هئي. اِن جنوني ماحول ۾ مولانا سياسي معاملات جو رُخ موڙي ها سو ڪهڙيءَ طرح؟

محسوس ڪيائين تہ "حال" تہ هنگامہ آرائي جي حوالي ٿي چڪو آهي، ڪوشش ڪجي جيڪڏهن "مستقبل" لاءِ ڪجهہ ڪري وڃجي.

سندس روءِ سخن ان ڪان پوءِ نوجوانن ۾ ايندڙ نسلن طرف رهيو.

پنهنجي پهرئين ٿي بيان جي شروعات هن فارسي شعر سان ڪيائين، جنهن مان سندس ارشادات جو رخ معلوم پيو ٿيو.

نصيحت گوش ڪن جانان ڪہ از جان دوست تر دارند
جوانانِ سعادت مند پند - پير دانا را.

* * *

ٻي عالمي لڙائي سيپٽمبر 1939ع ۾ شروع ٿي. مولانا تاڙي ويو تہ (1) لڙائي هلندي هر هند تعطل رهندو (2) لڙائي ۾ ڪاميابي انگريز کي حاصل ٿيندي (3) لڙائي ختم ٿيندي هندستان جي مستقبل جو نقشو صاف ٿيڻ شروع ٿيندو.

هينئر سڀ ڳالهہ ختم ٿي چڪي آهي. صرف ان زماني جا ڪاغذ اسان جي سامهون رهجي ويا آهن. انهن کي چڪاسڻ مان پتو پوي ٿو تہ ان دور جي مختلف سياسي ماڻهن جي فڪر ۾ ڪيتري قدر اُونهائي هئي. انگريز جي ناڪامي جو تقريباً سيڪنهن کي يقين هو. ڪن سمجهيو ٿي تہ ان جي جاءِ تي جاپان ايندو، ڪن جو خيال هو تہ هٽلر هٿ پهچندو. انگريز جي بچڻ جو ڪنهن کي آسرو ڪو نہ هو.

مولانا عبيدالله ٿي هڪ اهڙو بالغ نظر سياسي مفڪر هو جنهن جي تصور ۾ ٿي اها ڳالهہ ڪانہ آئي تہ لڙائي ۾ انگريز ايتري قدر هارائيندو جو هندستان سان سندس ڪو واسطو ڪو نہ رهندو. مثلاً جنگ لڳي اجا چند هفتا مس گذريا هئا تہ مولانا ٺٽي ضلع ڪانگريس ڪميٽي جي ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو تہ:

"توڙي جو يورپ جي جنگ لڳي اجا هفتا گذريا آهن، پر مان ٻاهرين ملڪن ۾ رهندي ان جي (پس منظر جي) باري ۾ گهڻو ڪجهہ ٻڌندو ۽ معلوم ڪندو رهيو آهيان. منهنجي مستحڪم راءِ آهي تہ اسان کي هن وقت بغير ڪنهن بہ شرط وڏي انگريز جي مدد ڪرڻ گهرجي. جيڪي طاقتون هن وقت انگريز سان وڙهي رهيون آهن مان انهن سان (اڳ ۾) شريڪ رهي چڪو آهيان، جو ان وقت ائين ڪرڻ مون پنهنجو مذهبي فرض پي سمجهيو.

"پر اڄ حالتون مختلف آهن. انگريز جي هينئر مسلمانن سان مذهبي جنگ ڪا نہ آهي. آءُ پنهنجي سياسي مطالعي ڪي مد نظر رکندي پنهنجي ملڪ لاءِ غلط سمجهان ٿو تہ هو انگريز سان پرخاش رکي.
"اسان ڪي ترقيءَ جو جيڪو موقعو برٽش ڪامن ويلٿ ۾ رهڻ سان ملڻو آهي، سو ٻي صورت ۾ نظر ڪو نہ ٿو اچي." (خطبات صفحو 118)
ان يقين جي بنا تي انگريز جنگ ڪٽندو. مولانا جيڪو پروگرام (40-1939ع ۾) ملڪ ۾ پيش ڪندو ٿي رهيو ان ۾ صريحاً صلاح ٿي ڏنائين تہ "برطانيا ڪان ڊومينين اسٽيٽس Dominion status حاصل ڪجي ۽ ڪافي عرصي تائين برٽش ڪامن ويلٿ سان وابستا رهجي. حتاڪ دفاع ڪي منظم ڪرڻ لاءِ عاريتاً برطانيہ ڪان آفيسر بہ ونجن ۽ يورپ جي مختلف قومن جا جيڪي نيڪ انسان اسان جي ملڪ ڪي ترقي ونائڻ لاءِ اسان وٽ اچڻ گهرن تن ڪي بہ اچڻ ڏجي."

(خطبات صفحا 139- 140- 141)

اها هئي سوچ هڪ اهڙي بزرگ سياستدان ۽ عالم دين جي جيڪو 23 سال انگريزن سان وڙهندو رهيو هو ۽ هندستان جي گهڻن ليڊرن ڪان وڌيڪ دنيا جي انقلابن ۾ يا تہ پنهنجي سر شريڪ رهي چڪو هو يا موقعي تي رهي انهن جو مطالعو ڪندو رهيو هو.

آخر ۾ سندس سوچ ئي صحيح ثابت ٿي. انگريز جنگ ۾ شڪست ڪا نہ کاڌي. هندستان جي جن ليڊرن "ڪئٽ انڊيا" تحريڪ هلائي يا نيشنل آرمي ناهي ڪين پڄائڻ تي گهريو سي ڪتاب ڪو نہ تيا. پڇاڙيءَ ۾ (مولانا جي اندازي موجب) جنگ ۾ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ انگريز پاڻ راضي خوشي برصغير کي آزادي ڏني، راند متل ڇڏي هليو ويو.

رهيو سوال تہ مولانا برصغير جي پنهنجي مفاد ۾ ائين ٿي سمجهيو تہ اهي ملڪ "ڊومينين" جو درجو حاصل ڪري ڪامن ويلٿ ۾ رهن سا ڳالهہ ٿي ڪا نہ سگهي. مولانا جي ٻولي ڪنهن ڪا نہ سمجهي.

* * *

مولانا جي نظر سازيءَ دنيا جي حالتن تي هئي، پر مستقبل جي امڪانات ۽ واقعات جي باري ۾ هو اڪثر اشارن ڪان ڪم وٺندي ٿي رهيو ڇو

تہ هڪ داناءُ فلاسفر کي هڪ ناسازگار ماحول ۾ ڳالهائڻو پي پيو. غالباً سندس خيال هو تہ جيئن جيئن وقت هنان حالتن تان پردا کڄندا ويندا تيئن تيئن ماڻهو خودبخود سندس اشارن جو مطلب سمجهندا ويندا. وقت کان اڳ ڳالهائڻ جو نتيجو سقراط ڏسي چڪو هو.

* * *

مثال طور، اوهان پاڻ سندس خطاب [1] جا صفحا 132 کان 135 تائين پڙهي ڏسندا، اُت اوهان کي ڪن پاڙيجن ملڪن جي باري ۾ ڪي اهڙا اشارا نظر ايندا جيڪي هينئر 79-1978ع ۾ اوهان کي آساني سان سمجهہ ۾ اچي سگهندا.

* * *

جهڙي طرح مٿي عرض ڪري چڪو آهيان، بنيادي طور مولانا جي نظر حال کان زياده مستقبل تي پاڻ جهڙن پوڙهن کان زياده ايندڙ نسلن تي رهي ٿي. ساڳي خطبي ۾ هڪ جاءِ تي اوهان کي هيءَ وارننگ نظر ايندي:

"اوهان جو نوجوان انقلابي يورپ سان آشنا ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي نوجوان کي پنهنجو اڳواڻ تسليم ڪري ان ايندڙ انقلاب کان بچڻ جو خيال نٿا ڪريو تہ اوهان جو حشر بہ اهڙو ئي ٿيندو جيڪو بخارا جي مسلمانن جو ٿي چڪو آهي. اُن ڏانهن ڏسو تہ ان کي (يعني بخارا جي مسلمان کي) لُٽڻ ۾ خود پنهنجن مسلمانن ڪيترو نہ حصو ورتو آهي. انقلاب جڏهن ظاهر ٿيندو آهي تہ هڪ مفلس عيسائي مالدار عيسائي تي، يا مفلس مسلمان مالدار مسلمان تي رحم ڪو نہ ڪندو آهي." (خطبات صفحو 133)

مولانا سنڌ ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ پنج سال کن زنده رهيو. اهو عرصو ساري هندستان جا چڪر ڪاٽيندو ۽ ماڻهن کي سمجهائيندو رهيو. پڙي سندس ڪنهن ڪا نہ ٻڌي نہ سندس مشورن جو بر صغير جي حالات تي ڪو خاص اثر پيو. پر پڙائي ڪافي ويو. هينئر صدين تائين ماڻهو پيا سندس چيل ڳالهين تي سوچڻ لاءِ مجبور ٿيندا.

---

[1] مولانا جي خطبات جو اهو مجموعو پروفيسر محمد سرور لاهوري، لاهور مان ڇپائي 1945ع ڌاري شايع ڪيو لو ڏسجي.

طوالت جي خوف کان آءٌ سندس وڌيڪ ارشادات کي هت پيش ڪرڻ کان قاصر آهيان. وقت آئي ماڻهو پاڻ انهن جو مطالعو شروع ڪندا. سندس مفلوظات گڏ ٿيندا. سيمينار ٿيندا. بحث مباحثہ هلندا. اڪيڊميون کلنديون. ڏينهن ملهايا ويندا. گفتن جا شرح لکيا ويندا. غرض جيڪا گهٽتائي اسان سندس هم وطنين کان سرزد ٿي آهي، تنهن جي پورائي وقت پنهنجي فولادي هٿن سان ڪرائيندو رهندو. اڄ نہ تہ سڀاڻ، سڀاڻ نہ تہ پرينءَ، پرينءَ نہ تہ تهن پرينءَ. پر ائين ٿيندو ضرور. فلاسفر مري ويندا آهن، پر سندن فلسفو ڪو نہ مرندو آهي. وقت سندن فرمانبردار غلام ٿئي ٿو. انسان کان ڪوتاهي ٿئي ٿي، وقت ڪوتاهي ڪا نہ ڪري!

سوال آهي تہ ڪو وقت کي غلام بڻائي سگهي، اهو معجزو صرف فيلسوف ئي ڪري سگهي ٿو.

۽ مولانا نہ صرف امام انقلاب هو. مجاهد هو. مجتهد هو. محنت ڪش ۽ مشقت ڪيش هو، عالم هو، عالم باعمل هو، مورخ هو، مفسر قرآن مجيد هو، شيخ الحديث هو- پر فيلسوف هو.

## سڪندر مرزا[1]

سنڌ جو واهيپو صرف هڪ سڪندر اعظم سان ڪو نہ پيو هو. هڪبئي سڪندر سان بہ سندن پلاند اٽڪيو هو. اُن جو نالو هو سڪندر مرزا. پهرين سڪندر تہ وري بہ رت ڏيئي سنڌ هٿ ڪئي هئي، هن ٻئي جنرل سڪندر صرف اٽڪل بازيءَ سان ساڳيو مقصد حاصل ڪري ورتو! بنگال جي مير جعفر جي اولاد مان هو. "سَلو اهو جو انگوروئن پلو".

سڪندر مرزا ڪڏهن کان پاڪستان بڻيو، ڪڏهن تحريڪ ۾ حصو ورتائين، مسلمان قوم جي ڪهڙي خدمت ڪئي هئائين، ڪنهن ڪين چونديو

[1] هن ڪتاب ۾ صرف سنڌي سڄڻن جا چهرا چِٽيا هئا. پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪي نوان ماڻهو بہ سنڌ جي تاريخ جو حصو بنجي پيا هئا. تنهنڪَري انهن مان بہ ڪن جي باري ۾ لکڻ ضروري نظر آيو. مرزا صاحب جو ڪجهہ احوال ڪهڙي صاحب جي ذڪر اندر آندو ويو آهي. باقي رهنڌڙ ڳالهيون هتي لکي رهيو آهيان. جيئن مرزا صاحب جي سڄي تصوير سامهون اچي وڃي.

هو، ڪنهن جو نمائندو هو، اهي سڀ خبرون خالق ڪي! اسان ته ورهين جا ورهيه دهليءَ ۾ ويٺي پاڪستان لاءِ رتان رتيون، پر اها خبر پئجي ڪا نه سگهي هئي ته پاڪستان جي معمارن ۾ سڪندر مرزا جي نالي سان به ڪو ڪاريگر شامل هو. انهن ڏينهن ۾ جيتريقدر ڏنوسين يا پڙوسين پئي سو ته هيءُ هو ته مسلمان سرڪاري آفيسر پاڪستان جي نالي ڪان ائين ڀيا ڊڄن ۽ ڀڄن، جيئن ڪانءُ ڪمان ڪان. بعد ۾ معلوم ٿيو ته جيڪي مسلمان ڪامورا دهليءَ ۾ نوڪريون ڪري رهيا هئا، تن ڪي ڪنهن طرح ڪجهه اڳواٽ معلوم ٿي ويو هو ته پاڪستان اچي رهيو آهي، جنهنڪري هو ڦڙتي ڪائي راتو رات "پاڪستاني" ۽ "مسلم ليگي" بڻجي ڀيا هئا، ۽ هنڌائتا سلام پري، اينڌڙ پاڪستان اندر پنهنجو مستقبل محفوظ ڪرائي ويٺا هئا. صحيح موقعه شناسيءَ لاءِ انهن صاحبن بيشڪ ڪيرون لهڻيون. دهليءَ مان آيل انگريز جي زمانه جي افسر شاهي جا اڳواڻ ئي صاحب هئا. انهن مان غلام محمد مرحوم، هت آئي ڪان پوءِ، پهريان وزير خارجه ۽ بعد ۾ گورنر جنرل بڻيو. چوڌري محمد علي صاحب پهريان وزير خزانه ۽ بعد ۾ پرائم منسٽر. جنرل اسڪندر مرزا، پهريان وزير داخله ۽ بعد ۾ گورنر جنرل ۽ صدر.

جيستائين انگريز هو ته افسر شاهي جي ماڻهن ان جي ملازمت ۾ وڏا وڏا عهدا ماڻيا. وچ ۾ جواهر لعل جو (حڪومت هند ۾) وارو آيو ته به نوڪرين سان چُهٽيا رهيا. هينئر پاڪستان ٺهيو ته به وچ ۾ اچي ويٺا هئا.

چڱا جن لڳيا، منڌا سي نه پس،
توڙي رُڄ رهن، ته به ڪندون پيئن ڪير سان!

ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن واعظ هڪ ڏينهن اعلان ڪيو ته "الله تعاليٰ وٽ انصاف آهي. هن جهان ۾ مرد عورتن تي حڪم هلائين ٿا ته اڳئين جهان ۾ وري عورتون مردن تي حڪم هلائينديون." ڪنهن عورت به ويٺي اها ڳالهه ٻڌي. تنهن وراڻي ڏني ته: "اڙي ادا مُلان! تون به لک لهين، چڱيون واڌايون پيو ڏين، پر جيڪي نياڳا هن جهان ۾ هري ويل آهن، سي اڳئين جهان ۾ به اسان کي آزاد ڪو نه ڇڏيندا."

* * *

1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو ۽ سنڌ جي ليڊرن جي دعوت تي پاڪستان جو مرڪز ڪراچيءَ ۾ رکيو ويو. ان زماني ۾ دهلي مان نوڪر شاهيءَ جي لاڏڻ

اڇي هٿ پهتي. انهيءَ لاڏڻ ۾ سڪندر مرزا مرحوم به شامل هو. ايندي شرط محڪمه دفاع جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. قداور مڙس، پورو، ڳٽا پريل، اکيون وڏيون، صبح سايون - شام ڳاڙهيون، منهن تي هردم مُرڪ، جذبات تي قابو، هر ڪنهن سان ڏند شيڪ ۾ به ٺهڪ. هر ڪو ائين پيو ڀانئين ته يار ٿي منهنجو. اسان جن علائقن جا ماڻهو سادا، اهڙن واسينگن سان واسطو پيل ڪو نه هون. جنهن ڏسٽي وائسٽي ڪان پڇبو ته "ميان، ڪيڏانهن پيو تڪڙو تڪڙو وڃين؟" فخر سان چوندو: "مرزا صاحب تائين." مرزا صاحب جي بنگلي تي هر شام محفل هوندي، سرڪاري خرچ تي اسڪاچ وسڪي، مفت جي چُسڪي، جيڪي پيئن سي جيئن. هر ڪنهن سان عين سندس مطلب جي ڳالهه پئي ٿيندي. پنهنجو منجهه مرزا صاحب ڪنهن کي ڪونه ڏيندو. ڏاڍو قيافه شناس انسان هو. ماڻهن ڏسندي ئي سندس منهن مان سندس قدر ۽ قيمت تاڙي وٺندو هو ۽ ان موجب ساڻس هلندو هو. طبعاً مغرور ڪو نه هو. مزاجاً ڪنڌ ۾ ڪاموڪي ڪِلي ڪانه هوس، آدم بوئي ڪان ڪونه پڇندو هو. نوڪر شاهي جو نالو پر "ٽيڳرشاهي" ڪا نه ڏيکاريندو. جنهنڪري آسانيءَ سان ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن ڇِڪائي ۽ ويساهي وٺندو هو. شروع نوڪري فوج ۾ ڪئي هئائين، سول انتظاميه ۾ رهڻ جي باوجود سندس فوجي رينڪ به بحال رهي هئي، ڪراچي ۾ آيو هو ته ڪرنل هو. هت آئي ميجر جنرل! ان وچ ۾ هڪ ايراني خاتون سان شادي به ڪري ورتائين. مائي صاحبه پهرين مڙس سان گڏجي ڪراچي آيل هئي، مڙس ايراني سفارتخاني ۾ ملازم هوس، هت پهتي اهو نئون بندوبست ٿي ويو. لکڻي جو ڪم هو، لکيو منجهه نراڙ قلم ڪياڙيءَ نه وهي. سٽت ئي بيگم صاحبه به ڪراچي جي سوشل حلقن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري ورتي. پهريان اڪيلي مرزا صاحب جو معاملو هو، هاڻي "خانم" به تشريف آور ٿي. جيڪو ماڻهو مرزا صاحب سان ملڻ وڃي سو "خانم" جو به ضرور سلام پري. مرزا صاحب صدر بڻيو ته "خانم" بنهه پاڪستان جي "خاتون اول" بڻجي پئي. ان اعزاز، ڪانئس اڳ خواه پوءِ گهٽين ماين جا مٿا وڃايا، پر هِت اجان اهڙو موقعو ڪو نه آيو هو. "خانم" جي اقبال جي ابتدا هئي.

1953ع تائين مون سان مرزا صاحب جي واقفيت ڪانه هئي. سنڌ جي وزارت ۾ داخل ٿيس ته مرڪزي جوءِ جي سيني ساهدارن سان سڃاڻپ ضروري

تي پئي. منهنجي باري ۾ ٻڌو هئائين ته آءٌ به سنڌس وانگر شڪار جو شوقين آهيان. ملنديءَ شرط حڪم ڪيائين ته ڪرچات (ٽاٽو بولا خان) ۾ سنڌس لاءِ سَرَهن جي شڪار جو بندوبست ڪريان. حڪم جي تعميل ٿي. ڪرچات جي ٻَرَ ۾ بازار لڳي ويئي. مرزا صاحب ته سگهرو آيو، پر پاڻ سان ڪي ايراني مهمان جوڙا به وٺي آيو.

مرزا صاحب سان پهريون دفعو ويجهي اچڻ، ۽ ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪان پوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهچي ويس ته توڙي جو هو اجا تائين فقط مرڪز جي هڪ کاتي جو سيڪريٽري آهي، پر اهو مڙس ان عهدي تي روڪجي بيهڻ وارو نه آهي، اڳتي هلي گهڻا تاريخ ساز تماشا رچائيندو. مقامي پراڻيون قيادتون اڳ ۾ ئي پوين پساهن تي هيون. نين حالتن جو ڪنهن به سياستدان کي صحيح اندازو ڪونه ٿي رهيو. سارو وقت ڪُتن ۽ ٻلن وانگر هڪٻئي کي چڪن پائڻ ۾ مشغول ٿي رهيا. ٿوري عرصي اندر ساريءَ سياست جو خانو خراب ٿي ويٺو هو. ان صورتحال جو فائدو لازماً افسر شاهي جي انهن چَلتن پُرزن کي پهچڻو هو، جيڪي هتي اچڻ کان پوءِ افسري تي قانع نه رهيا هئا. پر سياستدانن کي ويڙهائي يا ذليل ڪري سڌيءَ طرح پاڻ سياست تي حاوي پوڻ لاءِ ڳنڍ ٽوپي ۾ جنبي ويا هئا. منهنجي نظر ۾، اهڙيءَ ڏماچوڪڙيءَ جي دوران ۾، سڀ کان وڌيڪ روشن‌مستقبل مرزا صاحب جو ٿي سگهيو ٿي.

ڪرچات واريءَ ڪيمپ جي حفاظت لاءِ پوليس جو بندوبست رکيل هو. منهنجو دوست خان صاحب محمد صالح ڏهراج (نواب شاهه وارو) انهن ڏينهن ۾ ڪوٽڙي ڊويزن جو پوليس انسپيڪٽر هو. پوليس دستي جي اڳواٽي پاڻ پئي ڪيائين.

شام ويلي ڪُلي مجلس شاميانيءَ ۾ ٿيندي هئي. شاميانيءَ جي دروازي تي محمد صالح بيٺل هو. آءٌ مجلس مان اُٿي وڃي ساڻس ڳالهائڻ لڳس. ڪيس چيم ته: هيءَ مهمان هڪ ڏينهن پاڪستان جو صدر بڻجڻو آهي، تنهنڪري سنڌس جان قيمتي آهي ۽ ان جي هر طرح سان حفاظت ڪرڻي آهي."

اسان کي پاڻ ۾ ڳالهائيندو ڏسي مرزا صاحب به ڪرسي تان اٿي اچي اسان تائين پهتو. ايندي شرط پڇيائين: "ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو پاڻ ۾؟" مون کيس ٻڌايو ته محمد صالح کي ڪهڙيون هدايتون پيو ڏيان. ڪِلي محمد

صالح ڏانهن منهن ڪيائين. محمد صالح چيس:"منهنجو هڪ عرض آهي. اوهان جڏهن پاڪستان جا صدر بڻجو تہ مون سان وعدو ڪريو تہ مون کي گهرائي سڀ ڪان پهريان منهنجو هار قبول ڪندا." سڪندر وعدو ڪيس تہ "پهرين توکي گهرايو ويندو ۽ تنهنجي هٿان هار پاتو ويندو." اها 1953ع جي ڳالهہ آهي.

1956ع ۾ مرزا صاحب واقعي پاڪستان جو صدر بڻيو[1] . پهرئين ڏينهن ئي مون کي حڪم ڪيائين تہ "موٽر موڪلي، ڪوٽڙيءَ جي پوليس واري کي گهراءِ. ان سان وعدو ڪيل هو تہ پهريون هار هُو پارائيندو. سو اهو وعدو پاڙٺون آهي. آءٌ صدارتي محل ۾ اوستائين داخل نہ ٿيندس، جيستائين اهو وعدو پورو نہ ٿيو آهي."

محمد صالح خان کي مون راتورات گهرائي ورتو. علي الصباح ڪيس مرزا صاحب جي بنگلي تي وٺي ويس. محمد صالح هار وٺي هليو ويو هو. مرزا صاجب کي اطلاع ڏنو ويو. مٿان لهي آيو. محمد صالح سان ڀاڪر پائي مليو. محمد صالح هار پارايس. ان ڪان پوءِ مرزا صاحب صدر جي محل ڏانهن روانو ٿيو. دل نوازي جا نشان ننڍين ڳالهين مان ملندا آهن.

1955-56ع ۾ نئون آئين جڙڻ شروع ٿيو. مرزا صاحب کي معلوم ٿيو تہ آئين جي نئين مسوده موجب صدر کي فقط "آئيني صدر" ٿي رهڻو پوندو. اندران اندر مرزا صاحب چوڄوائت ڪرائي تہ صدر کي بي اختيار نہ بڻايو وڃي. پر سندس ڳالهہ تي ڪنهن خيال ڪونہ ڏنو. مرزا صاحب وزارت پارٽيءَ مان نااميد ٿي، پنهنجي اندر ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو تہ:

(1) پارٽي هن وقت جيڪو بہ آئين ناهي، ان کي ناڪامياب بڻائڻو آهي ۽ اڳتي هلي پنهنجي مرضيءَ مطابق نئون آئين بڻائڻو آهي.

(2) اهڙي نئين آئين ۾ گهٽي ۾ گهٽا اختيار صدر کي ڏنا ويندا، جيئن پارليماني نظام بدران عملي طرح صدارتي نظام قائم ٿي وڃي.

(3) ان مقصد کي حال ڪرڻ لاءِ جنرل ايوب خان سان پنهنجي تعلقات کي اڳ ڪان بہ وڌيڪ مضبوط بڻائڻو آهي.

[1] صدر چونبجڻ ڪان پهريان ڪجهہ عرصي لاءِ گورنر جنرل بہ ٿي رهيو.

(4) آئين ساز اسيمبليءَ جا جيڪي ميمبر هن وقت وزارتي پارٽيءَ ۾ شامل نہ آهن ۽ مخالف بينچن تي ويٺا آهن، تن ڪي ذاتي دوست ٻڌائڻو آهي جيئن اڪثي هلي هو بہ ڪم اچي سگهن.

سياڻو ماڻهو هو، هن ڏسي ورتو تہ سڌيءَ طرح وڙهي پهرينءَ ملهہ ۾ معاملي جي رخ بدلائڻ جو هن وقت موقعو ڪونہ آهي، تنهنڪري في الحال هيٺ پئي، هي وقت ٽپائي، ٻيءَ ۽ پوئين ملهہ وڙهڻ لاءِ تياريون ڪرڻ گهرجن! اجان تائين تہ پاڻ بہ عارضي گورنر جنرل هو، ڪيس اجا پڪو صدر چونڊجڻو هو. اها چونڊ نئين آئين هيٺ ئي ٿيڻي هئي، تنهنڪري سندس لاءِ مصلحت ان ۾ هئي تہ في الحال ان نئين آئين کي پاس ٿيڻ ڏئي ۽ خود صدر چونڊجي وڃي.

نئون آئين مارچ 1956ع جي پهرين هفتي ۾ پاس ٿيو. افواهہ اٿيا تہ سڪندر مرزا بحيثيت گورنر جنرل[1] ، آئين جي بحالي تي صحيح وجهڻ کان انڪار ڪندو. وزارت پارٽيءَ، يوسف هارون ۽ ٻين مسلم ليگي ورڪرن معرفت انتظام ڪيو تہ نئين آئين جو مسودو جلوس ۾ گورنر جنرل جي محل تائين ڪڍي وڃجي، جيئن جلوس ۽ عام ماڻهن جي هجوم کان متاثر ٿي مرزا صاحب صحيح وجهڻ کان انڪار نہ ڪري سگهي. هڪ ٽرڪ ڪي سينگاري ان ۾ اسيمبليءَ جي اسپيڪر مولوي عبدالوهاب (مشرقي پاڪستان جو نمائندو هو) کي آئين جو مسودو هٿ ۾ ڏئي ۽ قرآن مجيد ڳچيءَ ۾ وجهي اڳيان ويهاريو ويو، سندس پٺيان وزيراعظم محمد علي صاحب ۽ ٻيا وزير ۽ ميمبر ويٺا. مسلم ليگ جي سارين ڪوشش جي باوجود چاليهہ - پنجاهہ ماڻهو مشڪل سان جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪٺا ٿي سگهيا هئا. عوام ۾ سجاڳي ڪانہ آيل هئي. هر ڪو ماڻهو پيٽ پالڻ ۽ پنهنجن پيرن ڄمائڻ جي چڪر ۾ هو.

پر مرزا صاحب پنهنجو پروگرام (جهڙي طرح هيٺئر عرض ڪري چڪو آهيان) اڳواٽ ٺاهيو ويٺو هو. ان پروگرام موجب هن کي في الحال آئين تي تصديقي صحيح وجهڻ ساڳي آئين هيٺ پاڻ کي صدر چونڊرائڻو هو، جيڪي ڪجهہ ڪين ڪرڻو هو تنهن جو واسطو مستقبل سان هو، تنهنڪري هن صاحب ان ڏينهن خوشيءَ سان آئين تي صحيح وجهي سيني کي سنبوسا ڪارائي ۽ چانهہ پياري گهر روانو ڪري ڇڏيو.

---

[1] گورنر جنرل جي تصديقي صحيح کان سواءِ، قانوني طرح آئين نافذ ٿي نہ ٿي سگهيو.

(2) سندس منصوبو اهو آهي تہ جمهوري سياست کي بدنام ڪري ۽ سياستدانن کي احمق بنائي مورڳو جمهوريت جو خاتمو ڪري.

(3) جمهوري سياست بدران پنهنجي ڊڪٽيٽري قائم ڪري.

(4) سياستدان پاڻ ۾ اندا ٿي سندس هٿن ۾ پُتلين وارو ناچ نچي رهيا آهن.

هوا جو اهڙو رخ ڏسي، مون ۽ چندريگر صاحب وزارت مان استعيفا ڏئي اچي اپوزيشن ۾ ويهي رهياسين ۽ مرزا صاحب جي دام ۾ ڦاٿل سياسي مرغن کي وري وري سمجهائيندا رهياسين تہ هو عقل ۽ دورانديشيءَ کان ڪم وٺن ۽ پنهنجي جمهوري جي ڳچي مرزا صاحب هٿان نہ ڪپائين. پر اسان جي ڪنهن ڪانہ ٻڌي. عهدن جي لالچ ۽ اميدن سندن عقل تي پردا چاڙهي ڇڏيا هئا.

* * *

1956ع کان شروع 1958ع تائين ٽن سالن اندر مرزا صاحب هٿان [1] وزارتن جي هيءَ حالت بڻي.

مرڪز ۾ محمد علي وزارت جي جاءِ تي سهرودي وزارت ٺهي، جنهن کي چند مهينن بعد ڪڍي چندريگر کان پوءِ پنجاهہ ڏينهن لاءِ وزارت ناهڻ ڏنائين، چندريگر کان پوءِ فيروز خان نون جي وزارت آئي، جنهن کي چند مهينن بعد مارشل لا وسيلي ختم ڪيائين. يعني پاڪستان جي مرڪز ۾ ٽن سالن اندر چار وزارتون آيون ۽ ويون.

مغربي پاڪستان جي صوبائي وزارت ۾ پهرين ڊاڪٽر خان صاحب، وچ ۾ پشاور جو مسٽر عبدالرشيد، ۽ آخر ۾ نواب مظفر علي قزلباش وزير اعليٰ جي ڪرسيءَ تي ويٺا. ڊاڪٽر صاحب ويچارو عهدي تان لهڻ کان پوءِ لاهور ۾ قتل بہ ٿي ويو. ٽوٽل هيءُ رهيو تہ ٽن سالن اندر ٽي وزارتون ٺهيون ۽ ڊٺيون، وچ ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ وزارتن کي ڪڍي مورڳو گورنري راڄ ڪيو ويو.

سڀ کان ابتر حال مشرقي پاڪستان جو ٿيو. اُت وزارتن جي هر هر ڊهڻ ۽ ٺهڻ ڪري ميمبرن جي دماغ جي ڪل ٽڙڪي ويئي هئي. اسيمبلي اجلاس هلندي ميمبر صاحب هڪٻئي تي ڪرسين، ٽيبلن، مس ڪپڙين ۽

[1] 1956ع واري نئين آئين ۾ صدر کي نقط اهو اختيار ڏنل هو تہ هو پنهنجي سمجهہ مطابق اسيمبلي جي جنهن بہ ميمبر جي باري ۾ سمجهي تہ ان کي ميمبرن جي. ڪثريت جي حمايت حاصل آهي يا حاصل ٿيندي تہ ان کي وزارت ناهڻ جي دعوت ڏئي. مرزا صاحب ان اختيار جو پورو پورو فائدو ورتو.

موچڙن جا وسڪارا ڪري پنهنجا مٿا ڦاڙي ۽ ڦاڙائي ويهي رهيا. اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر، جنهن وقتي طور اجلاس جي صدارت پي ڪئي، تنهن جي ڪوپري تہ بنھہ ڦاٽي ڦاڪان ٿي پئي ۽ هو چند ڏينهن جيچلائي هن جهان فانيءَ مان چالاڻو ڪري ويو. سياسي مٿا ڦاڙ جي ان دوران ۾ مرڪزي سرڪار، جنهن جو صدر مرزا صاحب هو، مولوي فضل الحق مرحوم جي پائي جي گورنر ڪي ڊسمس ڪري سندس جاءِ تي عارضي طرح نوڪر شاهي جي هڪ ماڻهوءَ ڪي ويهاري ڇڏيو. ان آخري بيعزتيءَ ڪان پوءِ مولوي صاحب جي صحت ڪا نہ سڌري. سٺ سال مسلمانن جي خدمت ڪري چڪو هو. مسلم هندستان جي علحده شخصيت ڪي اجاڳر وارن مان هڪ هو. بنگال جي غير تعليم يافتہ ۽ پنتي پيل مسلم عوام ڪي تعليم ڏياري ترقي وٺائي پاڪستان ۾ آندو هوائين. لاهور واري مسلم ليگ اجلاس ۾ 1940ع وارو پاڪستان نهراءُ سندس پيش ڪيل هو. پر عمر جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجن هٿان اهو انعام وٺي دل جهلي نہ سگهيو ۽ راهي ملڪ عدم ٿي ويو. هونءَ تہ ان ڪان اڳ بہ ساڻس جٺيون ڪري چڪا هئا، مثلاً 1953ع ۾ مشرقي پاڪستان ۾ صوبائي چونڊون ٿيون هيون جن ۾ مولوي صاحب وڏي اڪثريت سان پنهنجا ميمبر چونڊرائي آيو هو ۽ ان آڌار تي صوبي جو وزير اعليٰ بڻجي چڪو هو. شروع ۾ ڪيس ريهي ريبي تابع فرمان بڻائڻ جي ڪوشش ٿي. پر جڏهن ان ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿين تہ مولوي صاحب تي "پاڪستان جي غدار ۽ هندستان جي خيرخواه" جو ليبل هڻي ڪيس ڊسمس ڪري [1]؛ صوبي سان 93 قلم لائي سڪندر مرزا ڪي گورنر ڪري موڪليائون جنهن ڍاڪا پهچڻ شرط مولوي صاحب ڪي نظر بند ڪري ڇڏيو. تعجب جي ڳالهہ هيءَ ٿي تہ ساڳي مولوي صاحب ڪي سال ڪان پوءِ خود مرڪز جو وزير مقرر ڪري Interior داخلا جهڙو نازڪ ڪاتو سندس حوالي ڪيائون ۽ ورندي سال ساڳي صوبي مشرقي پاڪستان جو گورنر مقرر ڪري موڪليائونس. غرض ڪوڙو لڳائي ان زماني جي سياست جو حساب ڪتاب چڪاسيو: 54-1953ع ۾ غدار، 1955ع ۾ مرڪز جو وزير داخلہ، 1956ع ۾ ساڳي صوبي جو گورنر!

[1] اهو ڊيڪو ڪم محمد علي بوگره مرحوم ڪي ڪرٽو پيو. هو صاحب خود بنگال جو ماڻهو هو. پر ڪيس گورنر جنرل غلام محمد مرحوم آمريڪا جي سفارتخاني مان گهرائي (خواجہ ناظم الدين ڪي ڊسمس ڪري) وزيراعظم پاڪستان بنايو هو.

مصنف جي "شير- بنگال" مولوي فضل الحق سان هڪ يادگار تصوير



مولوي فضل الحق ڍاڪا جي هوائي اڏي تي پير علي محمد راشدي
وزير اطلاعات ۽ نشريات حڪومت پاڪستان
جو استقبال ڪري رهيو آهي.

جنهن وقت مولوي صاحب آخري پيرو گورنري تان ڊسمس ٿيو تہ ان وقت سندس عمر وڏي ٿي چڪي هئي. ڊرينتن هٿان لڳل هيءَ آخري ڌڪ سهي ڪو نہ سگهيو. اهڙي سياست جي "هستيءَ" تي "نيستي" کي ترجيح ڏئي اوڏانهن هليو ويو، جيڏانهن ويل ڪو پانڊيٽرو وري ڪو نہ موٽيو!

مولوي صاحب هڪ لحاظ سان سڪندر مرزا جو محسن رهيو هو، پهريائين کيس صدر بڻجڻ لاءِ رستو صاف ڪري ڏنو هوائين. جيڪڏهن 1956ع ۾ مولوي صاحب پاڻ صدارت لاءِ اميدوار بيهي ها تہ مرزا صاحب جي صدر پاڪستان چونڊجڻ جو سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿئي ها. ان ڪان پوءِ جڏهن ملڪ اندر چوئپولو شروع ٿيو تہ سڪندر مرزا کهڙي صوبي جو نمائندو آهي جو ان کي صدر بڻايو پيو وڃي تہ مولوي صاحب هڪدم بيان جاري ڪيو تہ: "مرزا صاحب بنگال ۽ بنگالين جو نمائندو آهي".

پر مقابلتاً مرزا صاحب هٿان مولوي صاحب کي جيڪو انعام مليو تنهن جو ذڪر ٿي چڪو آهي. يورپ جي هڪ مفڪر جو قول آهي تہ "پاور جي سياست ۾ احسان مڃڻ لاءِ ڪا گنجائش ڪا نہ ٿي رهي[1]." مرزا صاحب ان فلسفي جو قائل هو ۽ مولوي صاحب، مرزا صاحب جي ان فلسفي جو گهايل!

هلندي هلندي صوبي سرحد جو حالڙو بہ بڌي ونو. جن ڏينهن ۾ آءٌ موڪل تي منيلا ڪان ڪراچيءَ آيل هوس، مرزا صاحب سان سندس حڪم موجب، روزانہ يا هڪ نہ ٻئي ڏينهن ملندو رهندو هوس. هڪ صبح جي ملاقات ۾ مون ڪان پڇيائين تہ "ملڪ جو ڇا حال ڏنو اٿئي؟" مون چيس "اوهان جي حڪومت جي پاليسين ماڻهن کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. حالتون بلڪل غير يقيني ٿي ويون آهن. اوهان هر مهيني وزارتون پيا بدلرايو، جنهنڪري ڪو بہ وزير ماڻهن جو ڪم ڪري ڪو نہ ٿو سگهي. هڪ خطرناڪ ذهني بحران ۾ خلق خدا قاتل نظر پئي اچي. مون هڪ پراڻو مثال ٻڌايس جيڪو هن طرح هو. چون ٿا تہ سنڌ جي پراڻي دور ۾ ڪنهن مقامي حڪمران هر گهڙيءَ پنهنجن ڪاردار جون بدليون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. اجا هڪ ڪاردار مس موقعي تي پهچي چارج وٺندو هو تہ پويان سندس بدليءَ جو نئون حڪم

---

[1] There is no place for gratitude in the dynamics of power politics"
اهو مغربي تصور هو، مشرقي تصور ان ڪان مختلف ٿيو ٿي، سنڌي تصور خاص طرح سان.

ڪنيو ڪو نئون ڪاردار سندس ڪرسيءَ واارڻ لاءِ اچي پهچندو هو. هڪ هندو ڪاردار کي حڪم مليو تہ فلاڻي تعلقي جي چارج وٺ. هو گڏھ تي چڙهي روانو ٿيو. گڏھ جي منهن ڏانهن پنهنجي پُٺ ڪيائين ۽ گڏھ جي پُٺ ڏانهن پنهنجو منهن. ڪن درٻارين ڊوڙي حاڪم کي خبر ڪئي تہ هندو ڪاردار سرڪار جي ڏاڍي بدنامي ڪري رهيو آهي. پنهنجي تعلقي ڏانهن ويندي گڏھ جي پُٺ ڏانهن منهن ۽ منهن ڏانهن پُٺ ڪئي اٿائين. حاڪم حڪم ڪيو تہ اهڙي نالائق ڪاردار کي جيڪو سرڪاري انتظام جو رعب خراب ڪري رهيو آهي، رستي مان ئي پڪڙي موٽائي آڻي ڏاڙهيءَ مان جهلي سرڪار جي سامهون ڪريو. چوبدار ڊوڙي وڃي پهتس ۽ وٺي آڻي دربار ۾ پيش ڪيائونس ۽ اهڙي شان سان جو چوبدار جو هٿ ڪاردار صاحب جي ڏاڙهيءَ [1] ۾ هو.

سرڪار پڇيس "اي فلاڻا! نالائق مل! توکي سرڪار ڪاردار ڪري موڪليو تہ تو پنهنجي سواريءَ جو اهڙو طريقو ڪڍيو جيئن ماڻهو سرڪار ۽ ان جي انتظام کي کِلون ۽ مسخريون ڪن؟" "نالائق مل" هٿ ادب جا ٻڌي وراڻي ڏني: "سرڪار اهڙو طريقو ڪڍيو آهي تہ هڪڙو ڪاردار اچا پهچي ئي نہ ٿو تہ ٻيو سندس بدلي جو حڪم کڻي اچي ٿو پهچيس. مون سرڪار جي قاصد کي تڪليف کان بچائڻ خاطر گڏھ جي پُٺ ڏانهن منهن ڪري پوءِ ڏانهن واجهائيندو ٿي ويس تہ جيڪڏهن پري کان ڪو سرڪاري قاصد ايندو ڏسان تہ اڳتي نہ وڃان، بلڪ انهن ئي پيرن تان موٽي اچي حاضر ٿيان. هينئر سرڪار عادل آهي، خود انصاف ڪري تہ ڏاڙهي منهنجي پَٽڻ گهرجي يا اهڙيءَ سرڪار جي جيڪا ڪنهن بہ ڪاردار کي ڪنهن هڪ جاءِ تي ٽڪڻ ڪونہ ٿي ڏئي؟"

مرزا صاحب اها ڪهاڻي ٻڌي خانم کي وٺي آيو ۽ فرمايش ڪيائين تہ اها ڪهاڻي خانم کي بہ ٻڌايان. ڪهاڻي ٻڌي ٻئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. خانم اُتي هلي ويئي ان وچ ۾ سرحد جو هڪ مرڪزي وزير، جيڪو پراڻو قومي ڪارڪن تہ هو پر طبيعت جو هلڪڙو هو ۽ مرڪزي وزير بنجڻ کان پوءِ پيرن تي نہ پر پٻن تي هلڻ لڳو هو. ڪمري ۾ گهڙي آيو. ڏاڍي جوش ۾ هو. ڳالهائيندي گف تي هنيائين، وات مان ٽُڪن جون پچڪاريون نِڪتس.

[1] مسلمانن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جا هندو بہ ڏاڙهيون رکندا هئا.

ڪرسيءَ تي ويهڻ ڪان اڳ ۾ ئي مرزا صاحب کي خوشخبري ٻڌائڻ لڳو. ڇي: "اوهان جي حڪم جي تعميل ٿي. مسلم ليگ جو فلاڻو ليڊر جلوس وٺي اچا اٽڪ جي پل تائين مشڪل سان پهتو هو تہ اسان جي ماڻهن مقابلو شروع ڪري ڏنس، لٺيون وسائي ۽ هوائي فائر ڪري جلوس کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيائونس. هن ڀڄي وڃي پوئتي پشاور ۾ پناهہ ورتي."

مرزا صاحب ڪيس ان واڌائي تي مبارڪون ڏنيون، ان ڪان اڳ آءُ اٿي ڪڙو ٿيس ۽ مرزا صاحب ڪان، تڙ تڪڙ ۾ بنا هٿ ملائي، موڪلائي گهر روانو ٿي ويس. مون کي پڪ ٿيو تہ مبادا مرزا صاحب پنهنجيءَ عادت موجب هن وزير کي منهنجون ڳالهيون ۽ ڪيل ڪهاڻيون ٻڌائي ۽ هي وزير وزيراعظم وٽ وڃي چُغلي هڻي، مون خيال ڪيو تہ نہ آءُ موجود هوندس نہ مرزا صاحب کي منهنجي ڪيل ڪهاڻي ياد ايندي.

مرزا صاحب جي اها وڏي حڪمت عملي هوندي هئي تہ هو هڪ جي ڳالهہ ٻئي کي ٻڌائي ٻنهين کي هڪٻئي ڏانهن بددل ڪري ڇڏيندو هو.

* * *

مٿي ڏنل حقيقتن ۽ واقعن مان پڙهندڙن کي محسوس ٿي ويو هوندو تہ اُن زماني ۾ نوڪر شاهي جي مکيہ ماڻهن ۽ سياستدانن جي وچ ۾ هڪ قسم جي سرد جنگ هلي رهي هئي. نوڪر شاهيءَ وارن گهريو پئي تہ سياستدانن کي ذليل ۽ خوار ڪري ميدان مان ڪڍي سندن سياسي عهدن تي بہ پاڻ قبضو ڪري ويهن.

ان سرد جنگ جي دوران ۾ سڪندر مرزا مرحوم پنهنجي نوڪر شاهي گروپ جي ياران نمايان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو هو. ٻہ - ٽي مثال عرض ڪريان ٿو:

(1) پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ سنت ئي صوبي پنجاب سان قادياني سوال تي مارشل لا لڳو هو. مرڪزي حڪومت کي ضرورت پيش آئي تہ ان وقت جي چونڊيل صوبائي وزيراعليٰ کي ڪڍي سندس جاءِ تي ٻيو ماڻهو رکن. پر ان وزيراعليٰ کي ڪڍي ڪير ۽ ڪهڙي طريقي سان؟ چون ٿا تہ اها جوابداري مرزا صاحب، جو ان وقت مرڪز ۾ سيڪريٽري هو، پاڻ تي هموار فرمائي، لاهور پهچي هَم نہ تَم معتوب وزيراعليٰ جي گهر ۾ گهڙي وڃي ڪيس اهڙا ڪـَڙا

چاڙهيائين ۽ دڙڪا ڏنائين جو هن غريب پنهنجي هٿ سان اسعتفا لکي سندس حوالي ڪري ڏني. پاڻ ٺهڪ ڏيندو اچي ساڻين سان مليو ۽ ڪين بشارت ڏنائين ته پاڪستان جي سياستدانن سان "ڊيل" ڪرڻ جو اهو ئي آسان طريقو آهي.
هڪ دڙڪو ۽ استعفا ٻاهر! نوريئڙي جي مهماني ٻه پير!!

مشرقي پاڪستان ۾ 1953ع ۾ مولوي فضل الحق مرحوم جي صوبائي وزارت کي مرڪزي سرڪار ڊسمس ڪيو ۽ سارو اختيار گورنر کي سونپي ڇڏيو. (93 قلم هيٺ). پر گورنر ڪير ٿئي جيڪو وڃي انهن حالتن ۾ بنگالين کي ۽ سندن مهندار مولوي کي ٺيڪ ڪري؟ انتخاب جي نظر مرزا صاحب تي پئي، ڪيس گورنر بڻائي موڪليائون. مرزا صاحب ڍاڪا پهچندي ئي مولوي صاحب کي نظربند ڪري رکيو ۽ جنهن به ميمبر يا اڳوڻي وزير سرڪشي ڏيکاري ان جي لاڪ لاهي ڇڏي. مرزا صاحب جي ڪاميابيءَ تي ڪراچي جي واسطيدار حلقن ۾ واهه واهه ٿي ويئي. پر بنگالين اهو ڌڪ پچائي آئين ساز اسيمبليءَ جي ايندڙ چونڊن ۾ محمد علي بوگري مرحوم (جنهن کي اڳ ۾ ڪري ڪانئس اهو ڪم ڪرايو ويو هو) جي اميدوارن کي نگهوسار ڪري ڇڏيو ۽ بوگري صاحب جا پير پوءِ ڪراچيءَ ۾ به ٽڪي ڪونه سگهيا. پر سڪندر مرزا صاحب جي حوالي جيڪا ڊيوٽي ٿي هئي، سا هن پوري ڪري ڏيکاري.

1954ع ۾ گورنر جنرل غلام محمد مرحوم مرڪزي اسيمبليءَ کي ٽوڙي، اسيمبلي هال تي ڪلف ڪڙا چاڙهائي ڇڏيا هئا. مولوي تميزالدين خان مرحوم اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ محمد هاشم گزدر مرحوم ڊپٽي اسپيڪر هو. گزدر مرحوم ڊپٽي اسپيڪر جي آفيس ۾ قدم رکڻ جي ڪوشش ڪئي ته ات اڳواٽ بيهاريل پوليس وارن ڪيس ڌڪا ڌوما ڏيئي موٽائي ڇڏيو.

مولوي تميزالدين خان مرحوم بحيثيت اسپيڪر، سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳيان رٽ جي درخواست پيش ڪئي. جنهن بينچ رٽ ٻڌي، تنهن تي هڪ سنڌي جج به هو جيڪو پنهنجي بي ريائي ۽ بيخوفي لاءِ ملڪ ۾ مشهور هو. هونءَ ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جا ٻيا جج به انصاف پسند ۽ بي رياءُ هئا، پر خبر نه آهي ته سرڪاري حلقن ۾ ڇو محسوس ڪيائون ته هن سنڌي جج کي ڊيڄارڻ جي ضرورت آهي. ٻڌل ڳالهه آهي، پر چون ٿا ته ان مقصد سان مرزا صاحب جج جي گهر گهڙي ويو ۽ ڪيس گورنر جنرل جي نالي ۾ هيسائڻ لڳو. جج صاحب

غصي ۾ اچي ڏنبو هٿ ۾ ڪٽي ڪاهي ڪيڏ پيس ۽ ڌڪا ڏئي گهر مان تڙي ٻاهر ڪيائينس. هُوڪرن ۽ هڪلن جو موضوع ڏنبو ئي رهيو. رديف، قافيه ۽ ڏنبي جي جاءِ استعمال جا ڏس پتا بدلبا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن تہ گورنر جنرل صاحب جي سلسلي ۾ بہ ڏنبي جو ذڪر اچي ٿي ويو.

عرض مرزا صاحب ويچارو ڏڪندو، سهڪندو ٻاهر نڪتو. هيلتائين تہ سيني مُهمن ۽ منصوبن ۾ ڪامياب ٿيندو رهيو. فقط هن ئي هڪ مهم مان سر بچائي نڪتو.

ان زنده جاويد جج جو نالو هو جناب محمد بخش ميمڻ مرحوم. الله تعاليٰ جون لک لک رحمتون سندس روح تي هجن. شال سندس مرقد تي نور نچاور ٿيندو رهي. نَرن ۽ ناهرن جون ڳالهيون ورهين تائين وڃنديون رهن ٿيون.

* * *

جڏهن آءٌ منيلا مان، سيپٽمبر 1958ع ۾ موڪل تي ڪراچي آيل هوس تہ مرزا صاحب سان روزانہ نہ تہ بہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ملندو رهندو هوس. اهو ڪشٽ سندس حڪم موجب ڪاٽڻو پوندو هو.

7 - آڪٽوبر صبح جو آءٌ وٽس حاضر ٿيس. پاڻ وٽ سڏي، ميز جي شيشي هيٺان رکيل ڪاغذ جو هڪ پرزو ڏيکاريائين، جنهن تي هي اکر لکيل هئا:

"حضور صلي الله عليه وسلم جي هڪ
اصحابي جو فرموده آهي تہ مسلمانن
تي ڏنبي سان ئي حڪومت ڪري
سگهجي ٿي."

اکر مون سڃاڻي ورتا. سنڌ جي هڪ "علامہ" صاحب جا هئا. بعد ۾ مرزا صاحب مارشل لا لڳايو تہ ان جي اعلان ٿيندي ئي علامہ صاحب تي دل جو دورو پيو ۽ ان جي وڳهي انتقال ڪري ويو.

مرزا صاحب ان وقت ڪجهہ لکڻ شروع ڪيو هو. وچ ۾ قلم رکي مون کي چيائين تہ "هڪ نهايت ئي نازڪ ڪم ۾ تنهنجي مدد جي ضرورت آهي."

مون کي شڪ گذريو تہ مرزا صاحب اڄ ڪو خُلم ٻاري رهيو آهي، جنهن جي ٻاري ۾ مون کان ڪجهہ لکرائڻ گهري ٿو. هو (از راه ڪرم منهنجي قلم جو قائل هوندو هو). ڪيس ٽارڻ جي نيت سان مون عرض ڪيس: "آءٌ تہ

حاضر آهيان. پر اها ڳالهه ذهن ۾ رکو تہ هن وقت آءٌ سرڪاري نوڪر (سفير) آهيان ۽ منهنجي وفاداري پهرئين نمبر ۾ وزير خارجہ (سر فيروز خان نون مرحوم) سان آهي، جيڪو وزيراعظم بہ آهي.

اهي لفظ ٻڌي خودبخود ڇرڪي ويو. لڪيل ڪاغذ اونڌو ڪري شيشي هيٺان سرڪائي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مون کان پڇيائين تہ "تون ڪڏهن منيلا موٽي رهيو آهين؟" مون چيس تہ "سياٽي شام لاءِ جهاز ۾ جاءِ بوڪ ڪرائي اٿم." فرمايائين "سياٽي نہ وڃ."

* * *

8 - تاريخ صبح جو ڇئين بجي ڏاري محمد عمر ڊرائيور مون کي ننڊ مان اٿاري ٻڌايو تہ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿي ويو آهي.

9 بجي پريزيڊنٽ هائوس مان ٽيليفون آيو تہ 6 بجي شام آءٌ پريزيڊنٽ وٽ حاضر ٿيان. گهڙيءَ کان پوءِ ٽيليفون تي ايوب خان جو حڪم بہ پهتو تہ 4 بجي شام جو وٽس حاضر ٿيان. 3 بجي شام دوباره ايوب خان جي دفتر مان اطلاع آيو تہ صاحب ممدوح پريزيڊنٽ هائوس وڃي رهيو آهي، تنهنڪري آءٌ ساڻس 6 بجي شام اُتي ملاقات ڪريان.

6 بجي شام آءٌ پريزيڊنٽ هائوس پهتس. روزانہ جي دستور موجب اڳُر ۾ ڪرسيون پيل هيون. منهنجو اطلاع ٿيو تہ مرزا صاحب، ايوب خان ۽ ساڻن گڏ مسٽر عزيز احمد (جنهن کي ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيو هئائون) اندران دفتر واري ڪمري مان نڪري اچي مون سان گڏ ويٺا. ويهندي شرط هيءُ ڊائلاگ شروع ٿيو:

مرزا صاحب: راشدي! مارشل لا لاڳو ڪيو اٿم. تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟"

راشدي" اهو ٿي ٿيڻو هو. مون اڳواٽ ويني ڏنو. تڏهن تہ مان سياست ۽ وزارت ڇڏي جلاوطني اختيار ڪئي هئي."

مرزا صاحب: "هاڻي توکي اسان جي مدد ڪرڻ گهرجي، جيئن اسان جو ڪنيل قدم ڪامياب ثابت ٿئي."

راشدي:"آءٌ تہ اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪر آهيان، هر مناسب خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

ايوب خان: "پر هاڻي توکي ملڪ ۾ رهي اسان سان تعاون ڪرڻو پوندو."

مرزا صاحب: "آءُ جلد وزارت ڇڏڻ ٺاهي رهيو آهيان. سنڌ ۾ بيو ڪو صاف سياستدان ڪونہ رهيو آهي، تنهنڪري توکي ئي سنڌ جي پاران وزير ڪري ڪٺڻ گهرون ٿا."

ايوب خان: "هان، ضرور. ملڪ جي گهٽيءَ خدمت ڪرڻ جو پروگرام آهي."

راشدي"آءُ بزدل ماڻهو آهيان. سول جي ٺهيل تڪيل مرڪزي وزارت بہ پڇڻي ملڪ کان ٻاهر پڇي ويل آهيان. هاڻوڪين حالتن هيٺ وزارت جي معنيٰ آهي شينهن تي سواري ڪرڻ. ان لاءِ وڏي بهادر ۽ پهلوان انسان جي ضرورت آهي. اهڙي ٿوم مون ۾ ڪانہ آهي. وري بہ اوهان جي حڪم جو پابند آهيان."

ايوب خان: "نہ نہ، توکي ضرور ائين ڪرڻو پوندو، نہ تہ توکي عربي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏينداسين."

مرزا صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي اچي منهنجي پٺيان بيٺو ۽ منهنجن ٻنهين ڪُلهن تي هٿ رکي زور ڏيڻ ۽ چوڻ لڳو: "توکي اسان سان گڏ جيئڻ ۽ مرڻ گهرجي، توکي وزير ٿيڻو پوندو."

آءُ سخت ذهني پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي پيس ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس تہ پاڻ کي هن مصيبت مان ڪيئن ڇڏايان. مارشل لا جي وزير ٿيڻ ۽ سفارت ڇڏي ملڪ ۾ موٽي اچڻ لاءِ آءُ بنهہ تيار ڪونہ هوس. پر هن وقت سوال هو تہ اهڙن طاقت ور ماڻهن کان جند ڪيئن ڇڏايان؟

خوش قسمتيءَ سان شام جو وقت هو. سندن هٿن ۾ گلاس هئا جيڪي آهستي آهستي سندن موڊ کي خوشگوار بنائيندا ٿي ويا.

مرزا صاحب منهنجن ڪلهن تان هٿ کڻي پُٺ واري پنهنجي اي-ڊي-سي کي واڪو ڪري چيو تہ "فلانہ صاحب[1] کي بہ مٿان وٺي آءُ."

اي - ڊي - سي ڊوڙندو مٿي ويو ۽ موٽي اچي چيائين:

"فلانو صاحب پي رهيو آهي. سمهڻ جي ڪپڙن ۾ آهي. هيٺ لهن نہ ٿو گهري."

مرزا صاحب ناراضگيءَ جي موڊ ۾ اي.ڊي.سي کي حڪم ڪيو تہ:

"پاجامہ جي پاچي مان وٺي گهليندو هيٺ کڻي اچينس."

[1] "فلانہ" صاحب جي نالي ۽ عهدي ٻڌائڻ کان معذور آهيان.

پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ اي.ڊي.سي آيو. ساڻس گڏ "فلاڻو صاحب" به هو. پر هن حالت ۾ ته هٿ ۾ گلاس، جسم تي سليپنگ سوٽ. سڌو ڳهُمي به نه ٿي سگهيو. ڄنگهان ۾ جسم ڌڪي رهيو هوس. اي.ڊي.سي تي ٽيڪ ڏيندو آيو.

ويهندي شرط (غالباً نشي جي حالت ۾ ٻول ٻولڻ لڳو:چي، "هن ملڪ ۾ اسان جي حيثيت ئي ڪانه آهي."

مرزا صاحب: "سو وري ڪيئن؟"

فلاڻو صاحب: "شڪار لاءِ آءٌ ڊيوٽي فري (يعني ڪسٽم ڊيوٽي کان آجا) ڪارتوس به ٻاهران گهرائي ڪونه ٿو سگهان."

سڪندر مرزا ايوب خان ڏانهن نهاريو. ايوب خان چيو:

"ٽيون ڏينهن لاهور مان لنگهندي پنج هزار ڪارتوس اوهان جي گهر ڇڏي آيو آهيان."

فلاڻو صاحب: "ها، پر اها ته خيرات ٿي، منهنجو حق ته نه ٿيو."

مرزا صاحب، ايوب خان ڏانهن ڏٺو.

ايوب خان: "هاڻي اوهان کي به ٻاهران سامان گهرائڻ لاءِ ڊيوٽي فري لسٽ تي رکون ٿا."

فلاڻو صاحب: "مو کي ڪم ڪرڻ تي دل ئي نه ٿي ٿئي."

مرزا صاحب: "خير. سو وري ڇو؟"

فلاڻو صاحب: "منهنجي عهدي جو ميعاد ئي جلد پورو ٿي رهيو آهي."

ايوب خان: "مسٽر پريزيڊنٽ، هن صاحب کي وڌيڪ ڏهن سالن لاءِ نوڪريءَ جو ميعاد وڌائي ڏجي."

مرزا صاحب: "ضرور - ضرور - ڏهه سال ميعاد ۾ توسيع ڪئي وڃي ٿي."

فلاڻو صاحب: "اهو ته خير، پر مون کي ڪي نالائق ماڻهو به ساٿي ڪري ڏنا ويا آهن، جن سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي دل ڪانه ٿي ٿئيم."

مرزا صاحب (ايوب خان سان مخاطب) :"ايوب خانصاحب! جن ماڻهن جي نالي .فلاڻو صاحب چوي، انهن کي هڪدم هٽائي ڇڏيو."

ايوب خان: "بلڪل صحيح ٿا فرمايو،پريزيڊنٽ صاحب! اهڙن ماڻهن کي هڪدم نيڪالي ڏني ويندي."

فلاڻو صاحب: "ها، پر انهن جي جاين تي وري به ڪي نالائق رکجي ويندا."

ايوب خان: "مسٽر پريزيڊنٽ! خالي ٿيندڙ جاين تي فقط اُهي ماڻهو رکجن، جيڪي فلاڻو صاحب خود چونڊي."

مرزا صاحب: "بلڪل سٺي تجويز آهي، ائين ئي ٿيڻ گهرجي."

انهيءَ طرح "فلاڻو صاحب" پاڻ کي "فري ڊيوٽي لسٽ" تي رکائڻ، پنهنجي عهدي جي ميعاد وڌارائڻ، ڪن ساٿين کي ڊسمس ۽ انهن جي جاين تي چونڊيل ماڻهن کي مقرر ڪرائڻ جي شرطن قبول ڪرائڻ بعد، گلاس مان وڏي ڍُڪ پرڻ بعد صوفي تي ڍرڪي چوڻ لڳو:

"ها، پر انهن کي تہ هڪدم ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيو."

ايوب خان: "ڪنهن کي؟"

مرزا صاحب: "اوهان نالا ٻڌايو، انهن کي ڦاهيءَ تي ضرور چاڙهيو ويندو."

فلاڻو صاحب: "جي.ايم.سيد، غفار خان ۽ اُهي ماڻهو، جن ائنٽي ون يونٽ فرنٽ ٺاهيو آهي يا جيڪي ون يونٽ جي مخالفت پيا ڪن."

مرزا صاحب: "صحيح ڳالهہ پيا ڪريو. اوهان جي حڪم جي ضرور تعميل ڪنداسين ۽ اهڙن ماڻهن کي ضرور ڦاهيءَ تي چاڙهينداسين."

* * *

انهيءَ گفتگو ٻڌندي ئي مون پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ جنهن ملڪ ۾ ايڏا وڏا ماڻهو، جن جي هٿن ۾ ڪروڙين ماڻهن جون جانيون، ملڪي انتظام، عدل ۽ انصاف جون واڳون آهن، ائين پيا هڪٻئي سان ڏي وٺ ڪن ۽ ڦاهين[1] ڏيارڻ ۽ ڏيڻ جون ڳالهيون ڪن، تنهن ملڪ ۾ وزارت تہ ڪانہ قبول ڪندس، پر ات رهندس بہ ڪونہ – پوءِ جيڪي بہ ٿئي.

پر سوال هو تہ آءُ ڪهڙيءَ حڪمت عملي سان في الحال انهن کان پاڻ بچائي ملڪ مان نڪري وڃان؟ منهنجا ٻار ٻچا پنج هزار ميل پري منيلا ۾ پيا هئا، آءُ پاڻ هت هنن جي قبضي ۾ هوس، ٿي سگهيو ٿي تہ هو منهنجي اڄ جي انڪار تي ناراض ٿي مون کي هڪدم سفارت جي نوڪري مان ڪڍي ملڪ اندر نظربند ڪري رکن.

[1] خوش قسمتيءَ سان اهڙو ڪو بہ حادثو ڪونہ ٿيو

الله تعاليٰ منهنجي مدد ڪئي ۽ سلامتيءَ جو رستو ڏيکاريائين.

ڏهين بجي جو وقت ٿي ويو هو. گلاس جو بہ اثر ٿي چڪو هو، جن ۾ هرويرو شربت گلاب ڪونہ هو. سندن ڳالهائڻ ۽ سوچڻ جي انداز مان اهو اثر ظاهر پي ٿيو. عين ان وقت مون کين هنن لفظن ۾ عرض ڪيو:

"حضور والا - اوهان جو حڪم هاڻي منهنجي اکين تي آهي. آءٌ هت رهي اوهان جي ڪابيني ۾ شريڪ ٿي اوهان سان تعاون ڪرڻ لاءِ تهدل سان تيار آهيان. البتہ اوهان ۽ اسان کي هيءُ ڏسڻو پوندو تہ منهنجي هت رهي وزير بڻجڻ ڪري اوهان جي قائم ڪيل نئين نظام کي فائدو پهچندو يا ان جي دشمنن ۽ بدخواهن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو. آءٌ سياستدان ٿي رهيو آهيان ۽ هتان جا سڀ وڏا ماڻهو گهڻو ڪري منهنجا رقيب ۽ مخالف رهيا آهن. ممڪن آهي تہ اوهان جي مهرباني سان مون کي وزير ٿيندو ڏسي هينئر هو سڀ مورڳو اوهان جا بہ دشمن ٿي پون ۽ فائدي بدران ابتلندو اصل مقصد کي نقصان رسي. ان امڪاني خطري کان بچڻ لاءِ هينئر بہ ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ نموني خاطر اوهان جو سفير ٿيو ٻاهر وينو هجان ۽ جيڪا صلاح مصلحت اوهان جي نئين حڪومت کي مون سان ڪرڻي پوي تہ ان لاءِ عارضي طرح هت اچي اوهان جي خدمت ڪري هليو وڃان. ان طريقي سان اصل مقصد بہ پيو حاصل ٿيندو ۽ ساڳي وقت اوهان جي مخالفن جو تعداد بہ ڪونہ وڌندو."

آخر ۾ عرض ڪيم تہ:

"ڳالهہ جي انهن ٻنهي پهلوئن کي تڪڻ تورڻ جو ڪم سيڪريٽري جنرل صاحب تي ڇڏڻ گهرجي. آءٌ صبح جو وٽس حاضر ٿيندس ۽ سندس اڳيان تصوير جا ٻئي رُخ رکندس. ان کان پوءِ جيڪو بہ فيصلو هُن صاحب ڪيو تہ آءٌ ان جي تعميل ڪندس."

مرزا صاحب وارا اڳ ۾ ئي ٿڪجي چڪا هوا. کين ماني بہ شايد ڪاٽي هئي. منهنجيءَ ڳالهہ ۾ اچي ويا. فيصلو ٿيو تہ اهو فيصلو صبح جو سيڪريٽري جنرل عزيز احمد صاحب ڪندو. آءٌ اتي ڪڙو ٿيس. منهنجي اُٿندي مرزا صاحب مسٽر عزيز احمد کي چيو: "پر هن کي ڇڏجانءِ نہ."

رات ٿتڪندي ۽ الله تعاليٰ کي عرض ڪندي گذري. صبح جو آءٌ عزيز احمد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ اڳ ۾ مون کي سڃاڻندو هو.

چوڌري محمد علي صاحب جي ڪابيني جو سيڪريٽري رهي چڪو هو. ان ڪابينه ۾ آءٌ به وزير هوس. هونءَ به مون ڪي خبر هئي ته هو بلڪل ضمير وارو ۽ مضبوط دل انسان آهي. گذريل رات جي محفل ۾ به مون وانگر گلاس جي گردش کان دور رهيو هو.

مون هٿ ٻڌي وڏيءَ لَجاجت سان ڪيس عرض ڪيو ته خدا جي واسطي مون کي هن مصيبت کان بچائي ۽ جوابداري پاڻ تي کڻي مون کي ملڪ مان نڪري وڃڻ جي اجازت ڏي."

پاڻ پڇيائين: "ته تون ايتريقدر ڇو بيزار آهين؟"

مون چيس: "مون کي رت جي بُوءِ اچڻ لڳي آهي."

ٻه گهڙيون سوچڻ بعد مون تي رحم اچي ويس. چيائين:

"هنن ماڻهن کي خيال آهي ته تو وٽ ڏاڍو عقل آهي. هاڻي تون پنهنجي عقل کان ڪم وٺي مون کي ٻه ٽي تجويزون لکي ڏئي وڃ، مان ڪين ڏيکاريندس، پر ساڳي وقت تون هتان سڌو ايئرپورٽ هليو وڃ. جيڏانهن جو جهاز تيار ملئي ته ان ۾ چڙهي نڪري وڃ."

سندس اسٽينو گرافر کي نوٽ ڊڪٽيٽ ڪيم. پهرين ڳالهه هيءَ لکرايم ته "اڪثر انقلاب پهريان پنهنجن ئي ڪاريگرن کي ختم ڪندا آهن، ان ڳالهه جو خيال رهي." ٻيون به ڪجهه ڳالهيون لکيم.

عزيز احمد صاحب کي ڪاغذ ڏئي، وٽانئس موڪلائي، بيگ کڻي، تڪڙو تڪڙو سڌو ايئرپورٽ آيس. بنگڪاڪ لاءِ جهاز تيار بيٺو هو. منجهس چڙهي روانو ٿي ويس. بنگڪاڪ ۾ پنج ڏينهن پيو رهيس. جڏهن منيلا لاءِ جهاز مليو ته ان ۾ جاءِ وٺي اڳتي ويس.

اڃا ڊسمبر مهينو پورو ئي ڪونه ٿيو هو ته مرزا صاحب کي ڪڍي ڇڏيائون، سندس جاءِ تي ايوب خان پاڻ صدر بڻيو. ڪراچيءَ کان حڪم اچڻ تي اسان سفارت خاني مان مرزا صاحب جو فوٽو لاهي ايوب خان جو ٽنگي ڇڏيوسين.

مرزا صاحب کي ڪهڙي طريقي سان اڌ رات جو صدارت تان سبڪدوش ڪري هوائي جهاز ۾ ويهاري پهريائين ڪوئٽا ۾ وڃي رکيائون ۽ ان کان پنجين ڏينهن لنڊن ڏانهن ڪڍي ڇڏيائون تنهن جي تفصيل ڏيڻ جي ضرورت نه آهي: هر هڪ ماڻهوءَ کي اڳ ۾ ئي معلوم آهي.

جيڪي ماڻهو انهن ڏينهن ۾ لنڊن ويندا هئا، سي موٽي اچي ٻڌائيندا هئا ته ات مرزا صاحب جي حياتي ڏاڍي ڏکي پئي گذري. پيسو ڪونه اٿس، ڪنهن هوٽل ۾ نوڪري ڪئي اٿس. پاڪستان مان سؤ پائونڊ مهينو پينشن ملي رهي هئس جيڪا لنڊن جهڙي شهر ۾ تيل تماڪوءَ لاءِ به ڪافي ڪانه ٿي ٿيس.

ڪجهه سال ڪشٽ ڪاٽڻ کان پوءِ گذاري ويو. سندس لاش ايران جي شهنشاهه لنڊن مان گهرائي تهران جي پر واري قبرستان ۾ دفن ڪرائي ڇڏيو.

الله جي ذات بي نياز آهي. جنهن شخص پاڪستان ۾ پنهنجي راڄ ڪي دواميت بخشڻ پئي گهري، تنهن کي پاڪستان ۾ قبر جيتري جاءِ به ملي ڪانه سگهي. سندس پاور جي زماني ۾ جن ساٿين ساڻس ابدي دوستيءَ جا دم پئي ڀريا تن آخر ۾ ڏانهنس اک کڻي به ڪونه نهاريو. پاڻ لنڊن مان موٽڻ تي مرزا صاحب جي تنگدستي ۽ "بدحالي" جا قصا ۽ ڪهاڻيون مزي مزي سان پيا بيان ڪندا هئا. ڪنهن سوچيندڙ سچ چيو آهي ته "سياست چيٽي جي ٻار ٿئي ٿي."

* * *

پاڪستان مان نيڪالي ملڻ کان به - ٿي ڏينهن پهريان مرزا صاحب وزارت به ناهي هئي جنهن جو وزيراعظم ايوب خان مرحوم کي بڻايو هئائين. سنڌ واري جاءِ جيڪا مون کي آڇي هئائين سا ذوالفقار علي خان ڀٽي کي ڏنائين. اها وزارت ايوب خان مرزا صاحب کي ڪڍڻ کان پوءِ به بحال رکي. جن وزيرن کي مرزا صاحب پاڻ سان وفادار ۽ قابل اعتبار سمجهي وزارت ۾ ڪنيو هو سي سڀ سندس وڃڻ شرط وڃي ايوب خان جا سلامي ٿيا. لهندي جو ڪو ڪونه ٿو ٿئي، ايرندي جا سڀ سلامي.

# ٺٽو ننگر

هاڻوڪي ٺٽي ڪي پراڻا ماڻهو "ٺٽو ننگر" بہ سڏيندا هئا. سمن ڄامن جي زماني کان ڪلهوڙن تائين لوور سنڌ جو دارالحڪومت هو، ڪلهوڙن پنهنجو مرڪز دادوءَ جي خداآباد ۾ ان ڪان پوءِ حيدرآباد ڪي بڻايو هو.

ان ٺٽي ننگر ڏاڍا انقلاب ڏٺا. ڪنهن زماني ۾ ايڏو شهر هو جو جهڙس ساري هندستان ۾ شايد ڪو شهر ڪو نہ هو، ۽ مٿس آفتون بہ اوڏيون ئي نازل ٿينديون رهيون. بادشاهگرديون، قتل عام، لشڪري ڦر لٽ، حملا، محاصرا، ڏڪار- ۽ ان ڪان پوءِ باهہ ڏئي هڪ مٿي کان ٻئي مٿي تائين شهر کي ساڙي ڇڏڻ جون وارداتون.

سائين ڏئي، بندو سهي.

انسانن کي ايذاءَ ڏئي، ڇيڪائي ڇيڪائي مارڻ جا جيڪي طريقا ٺٽي جي غير ملڪي [1] ارغونن ۽ ترخان حاڪمن ايجاد ڪيا، اُهي اهڙا هئا جو جيڪڏهن انساني فطرت جي ساخت ۾ شرم ۽ رحم جو بہ ڪو جزو شامل هجي ها تہ انسان ذات صدين.گذرڻ بعد بہ اڪيون ڪٽي اوڇي ڳاٽ گهمي ڦري ڪو نہ سگهي ها. مثلاً عورتن جي شلوار اندر ٻليون وجهڻ يا حامل عورتن جي پيٽن ۾ ڇير ڪري ٻار ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ ۽ عورتن جو پاڻ ڇڙيون هٽي هٽي مرڻ!

پيو انڌيرو ٻڌو، جيڪي ٺٽي سان ٿي گذريو.

ارغونن جي مري ختم ٿيڻ کان پوءِ ترخانن تخت والارڻ جا سانباها ڪيا، سندن مقابلو بکر جي حاڪم محمود سان ٿيو، جيڪو پڻ ترخانن وانگر ارغونن جو نوڪر رهي چڪو هو.

ترخانن جي اڳواڻ عيسيٰ، مدد لاءِ پرتگالين ڏانهن پيغام موڪليو، جيڪي اڳ ۾ ئي يورپ مان هلي اچي عربي سمنڊ جي ساحلي شهرن کي ڦرڻ، لُٽڻ لاءِ فوجي ٻيڙا پريو تاٻا ڪائيندا ٿي وتيا.

پرتگالي عيسي جي دعوت تي اچي ٺٽي ۾ لنگر انداز ٿيا، عيسو کين خرچ پکي ڏيڻ کان ڪنگڻ ڪدي ويهي رهيو، پرتگالي ڪاوڙجي اچي

---

[1] ٺنذار طرفان آيا، دولهہ دريا خان کي شهيد ڪري سنڌ جي سر تي چڙهي وينا ۽ ٺٽي مان راڄ ڪرڻ لڳا هئا.

شهر تي ڪڙڪيا. گهر ۽ بازاريون لُـٽيائون، مسجدن ۾ گهـڙي جمع نماز لاءِ مڙيل مسلمانن کي ڪُٺائون، عورتن جي بيحرمتي ڪيائون، هوا جو رخ ڏسي باهه جي اهڙي چوچڙي ڏنائون جو سڄو شهر سڙي خاڪ جو ڍڙو بڻجي ويو. ان کان پوءِ لٽ ڦر ۾ هٿ آيل مال پنهنجن پيڙن ۾ وجهي رمندا رهيا.

ٺٽو تباهه ٿي ويو. عيسيٰ جو پنهنجو پنجهر نه پريو، مرڻ کان پوءِ به مڪليءَ تي محلات نما مقبري ۾ ليٽي پيو. ٺٽي جي عوام کي سيڪت ملي ويئي [1]. ڪنهن فيلسوف جو فرمودو صحيح ثابت ٿيو:

دارالحڪومت ۾ نه ويهجي
حاڪم سان گڏجي سفر نه ڪجي
حڪمران جو درباري نه بڻججي،
چو ته: قرب سلطان آتش - سوزان بود.

* * *

مون پنهنجي سانيڀر ۾ جڏهن ٺٽو ڏٺو ته هڪ مختصر اُجڙيل وَستيءَ وانگر هو، حالانڪه ڪنهن زماني ۾ اُن جي پکيڙ ميلن ۾ هوندي هئي ۽ سندس اقبال جي آکاڻين سان تاريخ جا ڪتاب خصوصاً سياحن جا سفر ناما پربور هئا. پڇاڙيءَ ۾ 1953ع ۾ بوڏيون آيون، شهر گهڻو ڪري پاڻيءَ هيٺ اچي ويو، محلن جا محلا زمين بوس ٿي ويا. پيرزاده عبدالستار مرحوم سنڌ جو وزير اعليٰ هو ۽ آءٌ روينيو وزير. مون وجي ٺٽو ڏٺو. سندس تباهي ڏسي ڏاڍي ڪهل آئي. فيصلو ڪير ته مڪليءَ تي سرڪاري دفتر، اسپتالون ۽ بيون عمارتون ناهي، ٺٽي کي مستقل طرح مينهن وڄڻ کان بچائي ونجي ۽ سم سيلاب کان محفوظ متاهين علائقي تي نئين شهر بڏجڻ لاءِ هڪ قسم جي تحريص جو سامان مهيا ڪجي. ان اسڪيم کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا قدم کڻڻ لڳا. آءٌ وزارت ڇڏي سنڌ کان ٻاهر هليو ويس، پر اسڪيم تي عمل ٿيندو رهيو. اڄ ٺٽي جي جسم ۾ ڪجهه جان نظر پئي اچي.

هنرن ۽ مصنوعات جي معاملي ۾ به ٺٽو ڪنهن زماني ۾ يگانو سمجهيو ويندو هو. خاص طرح اتان جون لونگيون، سوسيون ۽ گربيون

---

[1] سنڌ وارن جڏهن به ٻاهر وارن کي مدد لاءِ سڏيو آهي ته نقصان پرايو اٿن. چنيسر، فيروز سمي، ميان عبدالنبي ۽ هيءَ عيسيٰ ترخان جي حرڪت سبق آموز آهي.

مشهور هونديون هيون، سوين آڏاٽا، ڪارخانہ ۽ دڪان هوندا هئا، جت فقط اهو مال تيار ٿي مارڪيٽ ۾ ايندو هو. پر جڏهن آءٌ انهن شين جي ڳولها ۾ ويس تہ مون کي لونگين جو فقط هڪ ننڍڙو دڪان نظر آيو. لونگيون بہ ردي، صرف لاشن ڍڪڻ لاءِ ڪتب اچڻ جهڙيون آٽي رکيون هوائون. البتہ درس حڪيم جي شربتن جي خاصي شهرت هئي، آءٌ پاڻ انهن شربتن کي چکي ڪو نہ سگهيس ڇو تہ نئي جي پاڻيءَ تي مون کي ويساهہ ڪو نہ هو. شهر جي ڇوڏاري بيٺل پاڻيءَ جا متعفن دٻا هوندا هئا، جن کي ڏسي منهنجو روح شربت تان ڪڇي ويندو هو.

علم ۽ فضل، شعر ۽ سخن لاءِ دارالحڪومت هجڻ واري دور ۾ نئو ساريءَ اسلامي مشرق ۾ مشهور رهيو هو. سمرقند، بخارا، خراسان ۽ ايران ۾ جلد جلد بادشاهہ گرديون ٿيڻ لڳيون هيون. اهي علائقا اڳ علم جا مرڪز هوندا هئا، پر جڏهن انهن ۾ بدامني ۽ بي اطميناني پيدا ٿي تہ ڪيترن علمي گهراڻن اُتان لڏي نئي ۽ بکر جو رخ ڪيو، جت نسبتاً اطمينان ۽ امن جو حال ايتريقدر اَبتر نہ هو، ان ڪان سواءِ سنڌين جي مهمان نوازي ۽ اشرافت، ننگ نباهڻ ۽ سامَ جهلڻ جي روايتن جي شهرت بہ ڏاڍي هوندي هئي. انهن جو واردن سنڌ ۾ اچڻ ڪان پوءِ پنهنجي لاءِ ٽي مرڪز بنايا- بکر، سيوهڻ ۽ نئو. هونءَ بہ اهي ٽئي شهر سنڌ جا مکيہ شهر هوندا هئا.

ڪيترين ڳالهين ۾ ان نئين عنصر، وڏا وڏا ڪم سر انجام ڏنا. فارسيءَ ۽ عربي زبانن کي ڏاڍو فروغ بخشيائون، ديني علوم پکيڙيائون، فقهي فرقن کي چمڪايائون، فارسي شعر ناهيائون ۽ عام ڪيائون، پنهنجي طرز تي قلمبند ڪري "تاريخ" جو جامو پهرايائون [1]، هنڌ هنڌ مسجديون تعمير ڪرايائون ۽ انهن جي حجرن ۾ مڪتب ۽ مدرسا کوليائون، جاگيرون ورتائون ۽ آباد ڪيائون، وڏا وڏا سرڪاري عهدا ۽ منصب ماڻيائون.

مغلن وٽي ۽ ڪلهوڙن آئي، نئي جا ورق ويڙهجي ويا هئا. اُهو حال بٽيس، جيڪو مون ڏٺو ۽ مٿي ٻڌائي آيو آهيان.

---

[1] گهڻي ڳولها کان پوءِ بہ مون کي سنڌي زبان ۾ انهن جي ڪا تصنيف هٿ ڪا نہ آئي ۽ نہ. ڪي سنڌي شعر جو ڪو بياض.

## شاهنواز شاهہ مرحوم

پوئين زماني ۾ ٺٽي ضلعي اندر قحط الرجال نظر پئي آيو. شاهنواز شاهہ شڪر الاهي (شيرازي) مرحوم، ٻہ ٽي سال سياست ۾ ڪَر پڳا، سنڌ جدا ٿيڻ کان اڳ جي زماني ۾ ضلعي اسڪول بورڊ جو چيرمن بنيو ۽ جناب جي - ايم - سيد جي سنگت ۾ هلڻ چلڻ لڳو، پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ دنياداري جي معاملن تان دل ڪٽي روحاني رياضت جو رستو اختيار ڪيائين، حتاڪ پراڻن رفيقن سان ملڻ بہ وقت جو ضياع سمجهندو رهيو.

شڪل شباهت ۾ واقعي ايراني ٿي ڏٺو، سنڌين سان سندس صورت ڪا نہ ٿي ملي. ڏاڍو سهڻو جوان هو، انگريزي ڇاٽندو هو. جيڪڏهن سياست ۾ سندس دلچسپي جاري رهي ها تہ گهڻن کان چڱو ثابت ٿئي ها. پر غالباً ڪنهن اهل نظر فقير جي مٿس مهرباني ٿي ويئي. هن بي حقيقت حياتيءَ جي حقيقت ۽ سنڌ اندر سياست جي مستقبل جي تاريڪ تصوير، وقت سر سندس اکين اڳيان اچي ويئي، تنهنڪري سڀ قسم جي لالچ تي لعنت ڇڏي، وڃي انهن سان شامل ٿيو جيڪي مرڻان اڳي مرڻ وارا هئا.

علي شير قانع جي ڪتاب تحفة الڪرام جو اُهو نسخو، جيڪو مصنف مرحوم جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل هو، مون وٽس ڏٺو. پڇاڙيءَ تہ بعد ۾ لاهور جو ڪو شوقين خريد ڪري سنڌ مان ڪڍي ويو. ان دستخطي نسخي ۾ ڇپيل نسخي جي مقابلي ۾ ڪجهہ اضافا ۽ ڪجهہ ڦير گهير نظر ٿي آئي.

## مسٽر نهچلداس وزيراڻي

ٺٽي جو وڪيل هو، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ رهڻ لڳو، قد، بت ۽ چهري جي گولائي ۾ پاڻ کي نيپولين جو نقل سمجهندو هو، 1938ع ۾، ۽ ان کان پوءِ وقتاً فوقتاً وزير بنبو رهيو، ڪانگريس ۾ شامل ڪو نہ ٿيو. پر ڪانگريسي ۽ غير ڪانگريسي هندو ميمبرن جي مابين، وچ جي مُني هوندو هو. ٻنهين ڌرين کي پنهنجي پويان گهليندو هليو ٿي.

وزارت ۽ سياسي پاور جي ڇُڪيءَ ڇڪڻ کان پوءِ هڪ طرح سان پاور جو "علتي" ٿي پيو هو، پاور جو هجڻ نہ هجڻ سندس چهره جي رنگ مان پيو ظاهر ٿيندو هو. سياسي موسم سارو رنگ ۽ رونق ۾ گهاٽي واڌي ٿيندي رهندي هوس.

بدقسمتيءَ سان سندس ماتا ۽ ڌرم پتني، جيڪي پراڻي زماني جون خواتين هيون ۽ آئيني اصلاحات جي مفهوم کي سمجهي نہ سگهيون هيون، ديوان جي سياسي ڪايا ڪلپ، پاور، وزارت وغيره جون قائل ڪونہ هيون. اهي ڳالهيون سندن فهم ۽ ادراڪ ۾ ئي ڪونہ ٿي آيون.

سندن خيال ۽ تجربو هيءَ هو تہ وڪيل ماڻهوءَ کي بخت لڳي تہ وڏ ۾ وڏ جج يا مختياڪار تہ بڻجي سگهي ٿو، پر خود "سرڪار" جو روپ ڪيئن ڌارن ڪري سگهي ٿو؟ سندن دليل بہ قدري وزن دار هو: يعني، سنڌ ۾ بادشاهہ ٿي ڪونہ ٿئي تہ وزير ڇا جو؟ تنهنڪري فيصلو ڪيو هئائون تہ "اها سڀ نهلچداس جي چالاڪي آهي جيڪو اجايون هامان هڻي گهر جي ياتين تي رعب ڄمائڻ جي ڪوشش پيو ڪري، جن کي گهر ڇڏائي هتي ڪراچي ۾ آڻي رُلايو اٿائين."

انڌير تہ اهو هو تہ وڏيءَ مائيءَ کي پنهنجي فرزند جي چال چلت تي بہ شڪ پيدا ٿيڻ لڳا هئا. مائي واقعي بيدار مغز ۽ حقيقت شناس هئي. سندس خيال هو تہ نهچلداس جڏهن نٿي ۾ وڪالت ڪندو هو تہ روزانہ ڪمائي تيندي هئس ۽ هر روز روپين جي ٿيلهي يا نوٽن جي ٿهي پيو گهرائيندو هو. پر هينئر ڪو بہ پيسو گهر ڪونہ ٿو آڻي، فقط مهيني جي شروع ۾ ايترو پيو آڻي جنهن مان مهيني جو خرچ بہ پورو ڪونہ پيو ٿئي. ان مان ظاهر آهي تہ نهچل ڪن بدچال ماڻهن جي سنگت ۾ ڦاسي ويو آهي ۽ جُوا يا ڪنهن ٻئي بُڇڙيءَ عادت تي پيسو ضايع ڪري، گهر وارن کي بُکون پيو ڪاٽرائي." اسيمبليءَ جا ميمبر يا وزير جيڪي نهچلداس سان سندس گهر تي ملڻ لاءِ ويندا هئا تن سيني کي مائي وڏو لوفر، جواري، ۽ بدچال ڀائيندي هئي، مٿان هر هر ٻار ٻئي موڪليندي هئي تہ هيٺ وڃي ڏسن تہ نهچل انهيءَ ٽوليءَ سان گڏ جوا تہ نہ پيو ڪيڏي؟

اهڙي گنڀير گهُرو ماحول کي درست ڪرڻ، پنهنجن ياتين کي پنهنجي "سرڪاريت" جي قائل ڪرڻ جو نهچلداس هيءَ طريقو ڪڍيو تہ پنهنجي دروازي تي چوڪيءَ ڏيڻ لاءِ پوليس جو گارڊ گهرائي بيهاري ڇڏيائين (جنهن جو، بہ حيثيت وزير جي، ڪيس حق هو) پر ان جو اثر ياڻ الٽو نڪتو.

گهر جو مائيون پنهنجي در تي هٿيارنبد پوليس ڏسي پاڻ وڌيڪ گهبرائجي ويون، ڪين يقين ٿي ويو تہ نهچلداس جي چال بابت سندن "ٿيوري"

صحيح آهي، پوليس کي خبر پئجي وئي آهي تہ نهچل بدچال آهي ۽ جوا جو اڏو پيو هلائي، تنهنڪري گهر تي چوڪسي لاءِ پهرو رکيو اٿئونس ۽ رام رام، مارين جي هٿن ۾ بندوقون ۽ برڇيون بہ آهن!

نهچل گهر ايندو تہ گرفتار بہ ڪندس! ان وچ ۾ پاڙي پنبي وارا، اسان جي در تي پوليس بيٺل ڏسي ڇا چوندا هوندا؟ پيڻ ڪشن جي ماءُ ڇا چوندي هوندي پار پتي ڇا سمجهندي هوندي؟

مائي صاحبن جو دليل زوردار هو: "اشرافن جي درن تي پوليس ڪانہ بيهندي آهي، چڙو چوڙن (چورن) تي چونڪيون ويهنديون آهن."

جنهن وقت پوليس آئي هئي ۽ نهچلداس جي گهر ۾ ايڏو مانداڻ متل هو، ان وقت ديوان صاحب پاڻ پنهنجي آفيس ۾ هو ۽ دستور موجب ملاقاتين تي دهمان ہڏيو وينو هو. مڙس واقعي خنڪي سان هوندو هو. ڪڙمي ڪارائو هو، ڪامورا سندس اڳيان ڪنبا هئا، ملاقاتين سان ڳالهائيندي ضرورت مطابق پنهنجي آواز کي هيناهون مٿانهون ڪندو هو، خاص موقعن تي، رعب وجهڻ لاءِ، اکيون بہ ڦوٽاريندو هو. موٽر مان لهي دفتر ۾ داخل ٿيڻ تائين پنهنجي چال سان پنهنجي "پاور" جو مظاهرو ڪندو ويندو هو. منهن ۾ گهُنڊ، ڇاتي تڏيل، پتلون جي بريسز ۾ هٿ اٽڪيل، واٽ تي ورانڊي ۾ وينل سَلامي باز وڏيرن ۽ عملدارن ڏانهن اک کڻي نہ نِهارڻ ۽ دفتر ۾ قدم رکندي خواه مخواه پٽيوالن کي تڙيون ڏيڻ ۽ لُڙ هڻڻ، جيئن اندرين ٻاهرين کي پتو پئجي وڃي تہ شينهن هينئر پنهنجي تاڪ تي اچي ويو آهي. سندس هندو پوئلڳ سندس اهو شان ۽ رعب تاب ڏسي گدوگد ٿيندا هئا. سمجهندا هئا تہ سندن نمايندي ۾ وڏو "جور" (زور) آهي ۽ ان جو متبل (مطلب) تہ سنڌ جي هندو جاتي هينئر جور آهي!

پر اهڙي "جور" هوندي بہ پنهنجي گهر اندر، ديوان جي دال ڪانہ ٿي ڳري.

جنهن وقت پوليس گارڊ سندس گهر تي اچي بيٺو هو ان وقت پاڻ آفيس ۾ ويل هو. ان ڏينهن آفيس مان نڪتو تہ آءٌ بہ ساڻس موٽر ۾ چڙهي وينس. جيئن موٽر کين گهر لاهي پوءِ اڳتي هلي مون کي بہ منهنجي جاءِ تي ڇڏي اچي.

نهچلداس جي گهر پهتاسين، پوليس گارڊ تہ کيس سلامي ڏني، پر مٿان گهر جي گيلرين ۽ درين مان، گهر جا ڀاتي خوف ۽ انتظار ڀريل نظرن سان

هيٺ واجھائيندا رهيا تہ نهچلداس کي پوليس وارا گرفتار ڪري وٺي وڃن ٿا يا ساڙس ہي ڪا ويڏن ڪن ٿا.

آءٌ ڪين گھر سامهون لاهي اڳتي هليو ويس. پُٺيان ديوان سان ڇا وهيو واپريو، تنهن جي ڪل ڪانہ هيم. البتہ ہئي ڏينهن ساڙس ملڻ آيس تہ در تي پوليس گارڊ بيٺل ڪونہ ڏٺم. ڪانئس پڇا تي معلوم ٿيو تہ: "پاڻ عوامي نمائندو آهي، پبلڪ جو خادم آهي، سندس در تي پوليس گارڊ جو هجڻ ڪونہ ٿو جڳائي، " تنهنڪري بقول پنهنجي، "هـُن پوليس جي ايس - پيءَ کي دپ ڪڍي گارڊ اٿارائي ڇڏيو!"

اِن احساس جي جاڳي اٿڻ جو اصلي سبب شايد مون کي ٻڌائڻ مناسب نہ سمجھيائين.

هڪ ڀيرو ديوان صاحب سنڌ جي گشت جو پروگرام ٺاهيو. پنهنجي ڌرم پتني کي بہ ساڻ وٺي هليو. اميد هئس تہ مائي صاحبہ گشت جي دوران ۾ سنڌ جي وڏيرن ۽ ڪامورن جون خوشامديون ۽ پارٽيون، سنڌ جي غريب عرضدارن جون آهون ۽ لولڙائيون، ڏسي ٻڌي، سندس (يعني مڙس جي)، "سرڪار" هجڻ جي قائل ٿي پوندي.

پر اها ڪوشش بہ اڪار ٿي وئي.

زال مڙس گڏجي هڪ قيدين جي ڪيمپ ڏسڻ ويا. قيدي ويچارا، دستور موجب، هٿ ٻڌي وزير صاحب کي وينتيون ڪرڻ لڳا:

"سرڪار اسان کي هيءَ ڏکيائي آهي."

"سرڪار اسان سان هيءَ سهولت ٿيڻ گھرجي."

ديوان صاحب پر ۾ بيٺل پنهنجي ڌرم پتنيءَ ڏانهن فخريہ انداز ۾، نهاري ڪانئس پڇيو:

"پيئي هاڻي ڪا ڪل".

مائي صاحب "ڇا جي؟"

ديوان صاحب: "ڪنهن کي پيا سرڪار سڏين؟"

مائي صاحب: "سرڪار انگريز کي پيا ڪوٺين، ہي ڪير آهي سرڪار؟"

ديون صاحب: "مورک آهين، بنهہ ڳھيلي، سرڪار آءٌ آهيان، سرڪار آءٌ آهيان، سرڪار آءٌ آهيان، سرڪار مون کي پيا چون." (ديوان ائين چوندي،

سِينو تاڻي، پيٽ کي اڳتي تڏ ڏئي، سيني ۽ پيٽ تي مُڪان بہ پئي هنيون."

مائي صاحبا: "هل، هل، اجايو پيو ڏاڙون هڻين. اهي تنهنجا ٽيپ ۾ آيل اصيل آهن، في بہ ڪاڏئي، ۽ نِپڻن کي ٽِيپ بہ ڪارايئي. هاڻي ڏانهون ڪري پيا چون تہ سرڪار ڪان هي ڪرائي ڏي ۽ هو ڪرائي ڏي. هينئر نڪر تہ نِڪروُن نہ تہ اهي ٽالهيون ۽ جَمنيون اسان کي هڻندا. ماريَن جون اکيون هوريان هوريان لال ٿينديون پيون وڃن."

مائي صاحبہ جي ان تجزيہ ڪان پوءِ وڌيڪ گفتگو جي گنجايش ڪانہ رهي، هيٺي پوئين پير موٽي پيا.

* * *

1942ع جي شروع ۾ سنڌ ۾ شديد بدامني پيدا ٿي. مرحوم خانبهادر الهہ بخش شهيد سنڌ جو وزيراعليٰ هو ۽ ديوان نهچلداس وزير. خانبهادر شهيد ۽ ديوان نهچلداس سکر جي دوري تي، لاهور ميل ۾ ڪراچيءَ ڪان سوار ٿي هليا. حيدرآباد ۾ شهيد جا دوست ڪيس اُتي لاهي ويا. نهچلداس اڳتي روانو ٿيو. ٽنڊي آدم وٽ ريل جون پَٽڙيون نڪتل هيون، جنهنڪري ريل ڪِري پئي، ڪجهہ گاڏا اونڌا ڪجهہ پاسيرا ٿي پيا. ان ڪان پوءِ ڦورو مسافرن کي بندوقن ۽ ڪهاڙين سان مارڻ لڳا. سر غلام حسين هدايت الله مرحوم، سنڌ جي ان وقت جي هوم منسٽر جو فرزند بہ ان گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هو، تنهن کي ماري وڌائون. نهچلداس کي ڦورو ڳوليندا ڦريا. هو ايئرڪنڊيشنڊ گاڏي ۾ هو ۽ عين حادثي جي وقت گاڏي جي غسلخاني ۾ ويل هو. گاڏيءَ ڪِري تہ خوشقسمتيءَ سان غسلخاني جو دروازو جام ٿي ويو. ڦورو ديوان صاحب جي ڳولها ۾ ناڪامياب ٿي ويا، گهڻي وقت ڪان پوءِ واهرُن اچي ٻاهر ڪڍيس، ٻاڪ هوس. ڦورن ڪان بہ بچي ويو ۽ ڪِريل ايئرڪنڊيشن گاڏي ۾ اندر ٻوساٽجي مرڻ ڪان بہ. جيترو وقت غسلخاني ۾ بند رهيو، ڪموڊ جي ٽُنگ ۾ منهن وجهي هوا جهَٽي ڦڦڙن کي چالو رکندو رهيو هو.

ان ڪان پوءِ بدامني جو سارو عرصو ماٺ ميٺ ۾ رهيو، ڪراچيءَ ڪان ٻاهر ڪونہ نڪتو. بيان بازي ۽ زباني ڪڙڪا ڪُڙڪيءَ کي بہ بند رکيائين.

* * *

1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو، هندن جي لڏپلاڻ ٿي، نهچلداس وزارت مان تہ اڳ ئي نڪري چڪو هو، پر ملڪ ڇڏڻ جو ارادو ظاهر ڪونہ ٿي ڪيائين.

هڪ ڏينهن صبح جو جي. ايم. سيد صاحب جي بنگلي تي ساڻس ملاقات ٿي، بدليل حالتن جون لڪيرون سندس چهري تي چٽيءَ طرح نروار ٿيل نظر آيون. رات جو خبر پئي تہ ساڳئي شام، پاڻ چپاوت ۾ ہار ٻچا وٺي جهاز ۾ چڙهي بمبئي روانو ٿي ويو هو.

ڏهہ سال سندس ڇهڇٽو چالو رهيو هو. پنهنجيءَ قوم جي شيوا ۾ ڪا ڪوتاهي ڪانہ ڪئي هئائين، البتہ بيجا طرح ڪنهن مسلمان ڪي بہ ڇيئو ڪونہ ٿي رسايائين. قاعدي قانون جو ڄاڻو ۽ انتظام هلائڻ ۾ برڪ هو. پنهنجي نئين ضلعي کي ناهي ويو، سکيو ستابو ڪري ويو. اڳ پاڻي چُڪي لاءِ پيا آبادگار سڪندا هئا. هن صاحب ڪوٽڙي براج جو تصور سامهون آندو. ضلعي اندر واهن جا چار پکيڙايا ۽ مامُئي جي اڳڪٿيءَ:

بهہ، ميچي ۽ لوڙهہ سَمي ويندا سوڪڙي

ڪي غلط ثابت ڪري ڇڏيو.

## محمد عثمان سومرو مرحوم

جنهن زماني جا آءٌ قصا ڪري رهيو آهيان، ان زماني ۾ نئون ضلعو اقتصادي طرح پوئتي پيل هوندو هو. ڪوٽڙي براج اڃا ڪانہ نهي هئي، زراعت پيشي ماڻهن جي حالت ڏُتڙيل ٿي رهي.

پر ان هوندي بہ همت وارا وڏيرا سِينا ساهِيو ٿي وَتيا، مَنجهن ڪيريڪٽر جون ڪي وٿون هيون، جيڪي باقي سنڌ جي گهڻن دولتمند وڏيرن ۾ ورلي ٿي نظر آيون.

اهڙو هڪ وڏيرو مرحوم محمد عثمان سومرو هو. خوددار هو، ڪاموري شاهيءَ جي پرواهہ ڪانہ ڪندو هو، پوءِ گوري هجي يا ٻولاهي. اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊبو رهيو. خانبهادر اللهہ بخش شهيد جي پارٽي سان وابستہ ٿيو تہ پڇاڙيءَ تائين پختو رهيو. هڪ ڀيرو ڪجهہ لغزش کاڌائين پر وري بہ پاڻ سنڀالي ويو.

لغزش جو قصو هن ريت هو: 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ ڪانفرنس ٿي (جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿيندو رهيو آهي)، اُن موقعي تي سنڌ اسيمبلي ۾ مسلم ليگ پارٽي کڙي ڪرڻ لاءِ ڪوشش هلي، اللهہ بخش مرحوم

پاڻ تہ مسلم ليگ کان ڪوهين دور ٿي رهيو، پر محمد عثمان مرحوم وقتي "مسلماني" جذبي جي حملي کان محفوظ ٿي ڪانفرنس ۾ بہ شامل ٿيو ۽ پاڻنا وچي آل انڊيا ليگ جي سالانہ اجلاس ۾ بہ شرڪت ڪيائين، جت سندس وڏو آڌر ڀاءُ ٿيو. ڪيس گلن جا هار وڌائون. اسٽيج تي ويهاريائونس، نعرا هنيائونس، فوٽا ڇپاريائونس ۽ چار اکر تقرير جا بہ ڪرايائونس.

پر جڏهن واپس ڪراچيءَ آيو تہ پراڻا تعلقات وڌيڪ وزني لڳس ۽ موٽي وچي الله بخش مرحوم سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي ويهي رهيو. مون جهڙن مسلم ليگ جي مشتاقن، گهڻو ئي مُنهن مٿو پٽيو، پر محمد عثمان سان هڪ ئي ڪانہ هلي.

* * *

هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ مرحوم واحد بخش خان پٽي جي ذڪر ۾ خانزاديءَ جي ڪيس جو حوالو ڏنل آهي. اهو ڪيس عورت کي زوريءَ ڪڍي وچي خون ڪرڻ جي ڏوهہ هيٺ داخل ٿيو هو، جنهن جي سزا موت هئي.

ان ڪيس ۾ پوليس واحد بخش خان سان گڏ محمد عثمان مرحوم کي بہ ڦاسايو هو. واحد بخش خان سان محمد عثمان جي دوستي هئي. پوليس ڪوشش ڪئي تہ محمد عثمان کي تڪليفون ۽ اذيتون ڏئي واحد بخش خان تي سرڪاري شاهد ڪري ويهاري. پر ان ارادي ۾ پڇاڙي تائين ڪاميابي ڪانہ ٿي سگهي. محمد عثمان اذيتون ۽ آزار برداشت ڪيا. قيد جا ڪشٽ ۽ مقدمي جون سختيون سٺيون، پر جنهن شخص سان دوستيءَ جو ٻيچ ٻيل هوس تنهن تان پن ڪونہ ڪنيائين.

ساڳي طرح دوستيءَ وانگر هو دشمنيءَ ۾ بہ ٻيرن جو پختو هوندو هو.

خانبهادر کهڙي سان ڪانہ پوندي هوس، کهڙو وزير ٿيو يا وزيراعليٰ محمد عثمان ڪڏهن ويجهو ڪونہ آيس. پاڻ جيتري قدر پڇي سگهندو هوس، سندس مخالفت ڪندو رهندو هو. کهڙي صاحب تي ايبڊو جو ڪيس هليو تہ محمد عثمان مٿس شاهد ٿي بيٺو. ڪورٽ ۾، کهڙي طرفان ڪائنس آڏي پڇا مون[1] ڪئي. اهڙا سوال ٿيا جنهن ڪري محمد عثمان مرحوم ذاتي طرح مون تي رنج ٿي پيو ۽ ڪيترن سالن تائين هن جي سلام عليڪم جو متحمل بہ ڪونہ ٿي سگهندو هو.

---

[1] کهڙي صاحب جو وڪيل سر اقبال احمد، سنڌي ڪانہ ڄاڻندو هو، تنهن ڪري محمد عثمان کان آڏي پڇا جي اجازت ڪورٽ مون کي ڏني.

ڪجهه سالن کان پوءِ وقت ڦريو. کهڙو صاحب چيف منسٽر بڻيو ۽ آءٌ روينيو وزير. محمد عثمان جو هڪ معاملو منهنجي اڳيان آيو. اڍائي[1] هزار ايڪڙ زمين تي سندس مخاديمي حقن جو سوال هو. تڪرار هڪ اهڙي جاگيردار سان هوس جنهن جي سياست ۾ ڏاڍي هلندي هئي. عام طرح وڏيرن جي زمين، يعني سندن پيٽ تي لت اچڻ جا معاملا ڦاسندا هئا ته وزيرن جي درن تي ڦيرين پائيندي ۽ منت ميڙ ڪندي ڪونه ٿڪبا هئا.

آخر ته اڍائي هزار ايڪڙ زمين جو معاملو معمولي ڪونه هو. رڪارڊ آف رائٽس جي ڪيسن ۾ آءٌ بحيثيت روينيو وزير، آخري[2] ڪورٽ هوس. محمد عثمان کي ان پوزيشن جو پورو پتو هو، پر هن اڍائي هزار ايڪڙ زمين گنوائڻ گوارا ڪئي، پر مون تائين اچڻ برداشت ڪونه ڪيو.

مون حقيقتن جي پيش نظر فيصلو محمد عثمان جي فائدي ۾ ڏنو ۽ مڙسا مڙسي ڪيس قبضو ڏياريم.

ڪجهه عرصي گذرڻ بعد ساڻس اوچتو ملاقات ٿي ويئي. مون کلي چيس ته "تنهنجو هيڏو معاملو مون وٽ هو، تنهن هوندي به تو مون ڏانهن کنگهيو به ڪونه؟"

جواب ڏنائين: "حق منهنجي طرف هو، ناحق ڪرين ها ته منهنجي ڇڙي زمين وڃي ها، تنهنجي ساري آخرت ڇٽ هجي ها."

اهو هو مرحوم محمد عثمان سومرو، ننڍي جو مرد خوددار!

## محمد جعفر خوجو

مرحوم محمد عثمان سومري جهڙو هڪ بيو خوددار ۽ وفادار انسان به مون ننڍي ضلع ۾ ڏٺو. اُهو هو مرحوم محمد جعفر خواجه، جنهن کي علائقي جا اڻ پڙهيل ماڻهو پيار وچان "جاڦر محمد ڪوجو" سڏيندا هئا. ميرپور بٺوري ۾ رهندو هو. بنيادي زميندار هو. ڪو زمانو پنهنجي ضلع لوڪل بورڊ جو هاڪارو ميمبر به ٿي رهيو. اصول، وعدي ۽ دوستي جو اهڙو پڪو ماڻهو ورلي نظر ايندو هو. انگريزن جو راڄ هو. ضلع آفيسر گهڻو ڪري گورا هوندا هئا. (ننڍو، انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ضلع جو حصو هوندو هو) پر محمد جعفر ڪڏهن به ڪانئن مرعوب ڪونه ٿيو. هميشه حڪومت جي

[1] گهڻي وقت جي ڳالهه آهي، جيتري قدر مون کي ياد اچي ٿو، ايراضي ايتري هئي.
[2] هينئر اهو اختيار بورڊ آف روينيو کي ڏنو اٿن.

زيادتين جي خلاف تحريڪ هلائيندو رهيو. نئي جا ديوان زورائتا هئا ۽ سرڪار جي چانو هيٺ ساري ضلع تي هڪ طرح سان حڪم هلائيندا تي رهيا، پر محمد جعفر انهن سان به مقابلا ڪندو رهيو. ساڳي طرح پاڙي جي خطاب يافته پروچ وڏيرن سان به ڪانه تي پيس، وقت آئي انهن کي به ٽوٽا چپايائين. مطلب ته سيني طرفين هڪ ئي وقت وڙهندو رهيو، هيٺين ڪڏهن ڪانه ٻوليائين.

سندس طبيعت ايتري قدر انقلابي ۽ باغيانه هئي جو پنهنجي آغا خان جماعت سان به وڙهي پيو ۽ ان کان جدا ٿي اثنا عشري فرقي جي تنظيم ڪندو رهيو. جهڙو تهڙو ٻاهراريءَ جو ماڻهو هجي ها ته انهن جهيڙن ۾ هنياءُ ڦاٽي پويس ها . پر هن جي دل شير جي دل هئي، جيڏو جهيڙو اوڏو سندس حوصلو.

۽ جهيڙا چا ته ڪندو هو؟ ڪنهن به ذاتي ڳالهه تي نه. زر يا زمين، دنگ يا دڙيءَ تي نه. محض عوامي مفاد جي مسئلن تي، پبلڪ جي ڀلي خاطر، جنهن به طاقت عوام سان اهنج ايذاءُ ڪيو، جعفر اُن جي جان جو ويري بڻجي ويو. هاڻوڪين اصطلاحن ۾ هو پنهنجي ليول تي ۽ پنهنجي دؤر جو "پروگريسو" قومي ڪارڪن ۽ سوشل رفارمر هو.

مون کي محمد جعفر جي دوستي جي سعادت حاصل هئي، ساڻس وقتاً فوقتاً ڳالهين ڪندي مون کي سندس مزاج ۽ اصولن ۾ جهاتي پائڻ جو موقع مليو: اِن تجسس جو عرق هيءُ هو: "ذاتي لالچ ڇڏيو، وڏ وڏيري کي آڱوٺو ڏيکاريو".

چوڻ سٺائو، ڪرڻ ڏکيو.

پر جعفر جيڪي چيو سو ڪيو!

مهمير مڙس وجيو مزارن ۾ سُمهن، تراريون وجيو مياڻن ۾ پون، سندن ڳڻ ڳائجڻ لاءِ رهجيو وڃن.

عمر منهنجا ادا پائو

تنهن جا ڳڻ ڳوٺ ڳائيندس!

## حاجي عبدالرحيم شاهه مرحوم

سجاول جو وڏو زميندار هو، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت، نرينه اولاد ڪانه تيس، دنيا تان دل کڄي ويس، هتان جي وستي ويران ٿيندي ڏسي، اڳيئن جهان ۾ آڏاڻي اڏڻ جي فڪر ۾ رهيو. ڏهه حج ڪيائين، مذهبي ڪمن لاءِ ملڪيت جو هڪ حصو وقت ڪيائين، مدرسه کوليائين، مُلن مولوين کي ڪارائي متارو ڪيائين، مسجديون نهرايائين، خير جي ڪمن تي دل کولي خرچ ڪيائين، مماتيءَ وارن بزرگن جون حاضريون ڀريائين، وقت جي فرنگي

حڪمرانن جو ساٿ ڪونہ ڏنائين، زميننداري جو ڳــٽُ ڳچيءَ ۾ هوندي، ڪامورن جي ڪاڻ ڪانہ ڪديائين، ۽ انسان ذات ڪي ڪونہ آزاريائين، اليڪشن ۾ چڱن نوجوانن جي مدد ڪيائين پر پاڻ سياست تي پري ڪان ڦٽڪار موڪليائين، حياتيءَ ۾ ئي مڪليءَ تي پنهنجي مزار نهراياائين، جڏهن اُها نهي راس تي تہ پَساهہ پورا ڪري وڃي ان ڪي وساياائين.

1940ع ڌاري مون ڪي ساڻس ملڻ جو موقعو مليو. اسان ٻئي هاٽوڪي پاڪستاني چوڪ جي پسگردائي ۾ رهندا هئاسين. هر صبح، برنس باغ ۾ گڏجي گهمندا هئاسين. وچولو قد، بدن موزون، ننڍي ڏاڙهي جنهن تي مينديءَ جو رنگ چڙهيل، چهرو گول، لباس قميص سلوار، مٿي تي تکر ٽوپي، پير ۾ سليپر.

سندس آخري اياَمن جو درد انگيز داستان جناب جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڏنو آهي. لاولد هو. پويان سندس مڏي سيد مهر علي شاهہ مرحوم جي حوالي ٿي جنهن جي شاهہ صاحب جي ٻي ٻيءَ سان مائٽي هئي.

*　　*　　*

مهر علي شاهہ مرحوم انگريزي تعليم يافتو، نئين دؤر ۽ ئين تهذيب جو ماڻهو هو. اسيمبلي جو ميمبر بہ چونڊيو هو. وڏن آفيسرن جي مهماني جهليندي مزو ايندو هوس. سڪندر مرزا مرحوم، مير غلام علي خان مرحوم، [1]خانبهادر کهڙو، [2] خواجہ ناظم الدين مرحوم ۽ ڪراچيءَ مان حڪم هلائيندڙ ٻيا وزير ۽ سيڪريٽري سڀ سندس دستر خوان جي وسعتن جا قائل هوندا هئا. هو صاحب، سجاول ۽ ميرپور بٺوري جي ڍنڍن ڏانهن، بدڪن جي شڪار لاءِ ويندي، واٽ تي نيرن مهر علي شاهہ مرحوم وٽان ڪندا ويندا هئا. نيرن ڇا هوندي هئي؟ شِڪر ۾ شگاف وجهي ڇڏيندي هئي. بدڪون پُڳل، تَريل، پلاءُ ۾ پيل، تترن ۽ ٻاٽيرن جا ڪباب، ڇيلي ويچاري جي هر عضوي مان ڪانہ ڪا "نعمت" نهيل يعني پاون ڪان وٺي ميڄالي تائين، جيرن ٻُڪين، پاسرين ۽ اُوجهري سميت، بہ صورت ڪباب يا قورمو ڪتب آندل. پلي جا ڪيئي قسم سنڌي طرز تي پڪل. قسما قسم حلوا ۽ مٺايون، جن ۾ سنڌ جا "ستون" بہ شامل، سُڪو ۽ آلو ميوو ان کان علاوه.

---

(1) ۽

(2) جڏهن جڏهن سنڌ جا وزير هوندا هوا.

خواجہ[1] ناظر الدين مرحوم ڪاڏي جو شوقين هوندو هو. مهر علي شاهہ جي نيرن ڪائيندي وچ ڪاڏي مان اُٿي زبردستي اوڪارا ڏئي قئي سان پيٽ خالي ڪري، وري اچي ڪائڻ ۾ مصروف ٿيندو هو. جڏهن شڪار لاءِ دُٻي تي پهچي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندو هو تہ چرڻ پرڻ ڪان عاجز هوندو هو، پڪي مٽان لنگهي ويندا هوس، بندوق اُپي ڪرڻ واڪ ڪانہ ٿيندي هئس.

مهر علي شاهہ جهڙو مهمان نواز مرد جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو. جيڪڏهن مهلت مليس ها تہ ڏاڍي ترقي ڪري ها. حالانڪ طبعيت ۾ حجاب ۽ اکين ۾ شرم هوندو هئس. ٻين ڪي ٺوٺيون هٽي انهن جي جاءِ تي پاڻ ويهڻ پسند ڪونہ هئس.

## خان بهادرن جو جوڙو

ٺٽي ضلع ۾ ٻہ خان بهادر بہ هوندا هئا. معياري، مثالي، روايتي، خان بهادر.

خانبهادر خير محمد خان چانڊيو مرحوم ۽ خانبهادر فضل محمد خان لغاري مرحوم. خير محمد خان هڪ ڍنڍ جو مالڪ هوندو هو جت بدڪن جي شڪار لاءِ هر سال گورنر ۽ وزير ويندا هئا. مزاج جو سادو، هلت ۾ اشراف. ڪامورن ڪي ڪارائي پر پاڻ ڪنهن جو نہ ڪائي. حڪومت ڪان ٻاهر ڪنهن ڪي ڪونہ سڃاڻي. گويا ارڙهين صدي جو وفا شعار وڏيرو هو. عزت ۽ آبرو سان وقت گذاري وڃي پڇاڙيءَ تي پهتو.

خان بهادر فضل محمد خان، هميشہ اسيمبلي[2] جو ميمبر چونڊبو رهيو. پر رهندو ٻيلن ۽ ٻاهرارين ۾ هو، شهرن سان ڪانہ پوندي هئس. سندس قبضي ۾ گهٽيون ڍنڍون هونديون هيون، جت بدڪن جي شڪار لاءِ وقت جا وڏا ماٺهو سندس دعوتن لاءِ واجهائيندا وتيا ٿي، شڪار بہ ڪرائيندو هون ۽ ڪارائيندو پياريون بہ هون.

---

[1] پاڪستان جو گورنر جنرل ۽ پوءِ وزيراعظم.

[2] سڄي عرصي ۾ نہ ڪڏهن اسيمبلي ۾ سوال پڇيائين نہ ڳالهايائين، جيڪا بہ وزارت ٺهندي هئي ان جي حمايت ۾ ووٽ ڪندو رهندو هو.

عام اثر هو تہ خان بهادر مرحوم وعدي جو پختو هوندو هو، ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندو هو.

ويهين صديءَ جي واءُ ڪانئس پاسو ڪيو وئي هئي.

## نثي جا عقيلي

گهٽي خبر ڪانہ اٿم، جيتري قدر مون پاڻ ڏٺو، نثي جي عقيلي خاندان جا ڪيترا ماڻهو انگريزن جي زماني ۾ سرڪاري انتظام سان وابستہ رهيا. ڏاڍا هوشيار ۽ برجستہ ڪامورا سمجهيا ويندا هوا. منجهان ڪن جي ايمانداري جي بہ واڪاڻ هوندي هئي. ٻن - ٽن سان، واٽ ويندي منهنجي واقفيت بہ رهي.

ميان الله بخش عقيلي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. فقير طبعيت انسان هو. شعر شاعري سان دل وندرائيندو رهندو هو. افواه هو تہ مستيءَ چڙهي گيڙو پيرهن پائي رقص بہ فرمائيندو هو.

هڪ دفعہ شوق ٿيس تہ ڪراچي شهر جي سٽي ڊپٽي ڪليڪٽري ماڻي. نئون زمانون هو. اڳوڻا ڇاٽو سڃاڻو قدرشناس رخصت ٿي چڪا هئا. نيون حالتون، نئون ماحول، نيون ڳالهيون هيون. مون سمجهايس تہ ڪراچي جي هير تي هرويرو هنيون نہ هيراءِ، پنهنجن ترن برن، پِٽن ۽ پاٽن جي هوا ئي وڏيڪ ياڻءِ پوندئي. تنهن ڪري اوڏاهين ئي ٿَريو رهہ.

پر تقدير جي ڳالهہ هئي، ميان صاحب سٽي ڊپٽي ڪليڪٽر بڻجي اچي ڪراچيءَ پهتو. پاڻ وٺائڻ لاءِ گهٽو ئي پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيائين. مارڪن ڪي تنهن هوندي بہ ڪونہ وٽيو.

آءُ سنڌ جو روينيو وزير ٿيس تہ مون وٽ لکپڙهہ آئي تہ ميان صاحب کي ڪراچي مان ڪڍي مٿس مقدمي جي منظوري ڏيان. مان حيران ٿيس تہ هن فقير ماڻهوءَ ڪنهن جي ٻلي ماري هوندي جو سندس خلاف اهڙي چڙهائي ٿي آهي. خبر پيس تہ پاڻ بہ مٿو پٽيندو اچي مون وٽ پهتو. مون کي سندس لاءِ احترام هو، يقين هوم تہ هو اهڙو ماڻهو ئي نہ آهي جنهن جي خلاف ڪنهن شڪايت جو جائز جواز پيدا ٿي سگهندو هجي، خواه مخواه ڪراچيءَ جو قصد ڪري هُن پنهنجو جيءُ جنجال ۾ وڌو ٿو ڏسجي. پڇيومانس، مِيان صاحب ڪر خبر توسان هيءَ ڪيئنءَ بڻي؟"

شاعر مڙس هو، وراڻي ڏنائين:

رتيءَ جي رهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين.

مون فائل تي حڪم لکيو تہ:"سرڪار عالي جو حڪم اکين تي پر آءٌ الله بخش عقيليءَ تي مقدمي جي منظوري ڏيڻ کان بنه انڪار ڪريان ٿو، بلڪ آءٌ ڪيس موٽائي پاڻ وٽ گهرايان ٿو، ڪيس هڪدم هيڏانهن موڪليو وڃي".

موٽي مون وٽ آيو تہ مون ڪيس سنڌ اندر حيدرآباد پاسي پوسٽنگ ڏني، ساڳي وقت ڪيس پروموشن ڏئي ڪليڪٽريءَ جي گريڊ ۾ آڻڻ جو بہ انتظام ڪيم.

ويندي موڪلائيندو ويو، صلاح ڏني مانس تہ وري ڦاهڻ ڦڪڻ جي ڪوشش نہ ڪري، درويش آهي درويشن جي ديس ۾ رهي پنهنجي نوڪريءَ جا ڏينهن پورا ڪري وڃي.

پايان ٿو تہ ان صلاح تي عمل ڪيائين، وري هيڏانهن جو رخ ڪونہ رکيائين. ٻڌندو رهيس تہ حيدرآباد پاسي نوڪريءَ سان گڏ شعر شاعريءَ جو شوق ٻہ ڪندو رهيو. سرشار تخلص سان گڏ سروي ٻہ سڏائيندو هو، ڪجهہ ڪلام ڇڏيائين. ڪليڪٽر ٿيو تہ ڪيترن ماڻهن، شعر ۾، سندس شاگردي ٻہ اختيار ڪئي.

نيڪ انسان هو، ڪنهن جو روح ڪونہ رنجايائين. ماڙيون محل ڪونہ اڏايائين، زريون زر بفت ڪونہ ڍڪيائين، پنيان اهڙي پُونگ ٻہ ڪانہ ڇڏي ويو جيڪا ماڻهن کي آزاريندي رهي. چوندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن مٿس مستي ٻہ طاري ٿيندي هئي، پر اهڙي عالم ۾ ڪين ڏسڻ جو مون کي موقعو ڪونہ مليو.

پيو هڪ عقيلي ڪمشنر جي آفيس ۾ ٻہ هوندو هو. پايان ٿو تہ سندس نالو عبدالعليم هو . فائيلن تي سندس نوٽنگ ڏسي سنڌ جو انگريز ڪمشنر سر سڊني رڊلي مٿس موهت هو، مون کي ٻہ سندس اهليت جو اعتراف ڪرڻو پيو ٿي خدا نئو پَـلاٽي تہ مون ڪيس ڪمشنر جي دفتر مان ڪڍي، اضافو ڏئي سنڌ ۾ موڪليو تہ اُت وڃي پنهنجي ذهانت جو فائدو پنهنجن ڏتڙيل ڀائرن کي پهچائي - وري ڪَـل پئجي ڪانہ سگهي. اُميد اٿم تہ منهنجين اُميدن کي پورو ڪيائين.

مطلب مختصر تہ، نئي جي عـُقيلين سنڌ کي گهڻا چڱا ڪامورا مـُهيا ڪري ڏنا. مال مست گهٽ، حال مست زياده.

# جهوڪ

سنڌ ڏکوين جو ڏيهه آهي. خاص طرح سان نئي ضلع جو علائقو، جتان جي ماڻهن ڏاڍا ڏک پي ڏنا آهن. تاريخ جي پنن مان بنهه انساني رت پئي ٽمي. هر قاتل جي ڪاهه پراڻي زماني ۾ پهريان نئي تي هوندي هئي. اُت پهچڻ بعد پير پختا ٿيندا هوس ته شوقيه ماڻهن جو شڪار شروع ڪندو هو. تعجب آهي ته ان ڪان پوءِ به انسان پيدا ٿيندا رهيا. وقت گذرئي، ظالم مرندا ڪپندا ويا، ظلم جون پاڙون پٽبيون ويون، ماڻهو جيئرا رهندا آيا. ۽ ماڻهو به اهڙا جو ڪنهن تي نظر پين ته اڳلو سرمد بڻجي سرهو ٿي ٿي ويو.

مثلاً قصو مشهور آهي. سرمد ايران جو واپاري هو – نئي مان گذر ٿيس. ابي چند ڏنائين اُن جي عشق ۾ مال لٽائي، لٽا لاهي، الف ننگو ٿي، دانهون ڪندو دهليءَ پهتو. دهلي هندستان جو مرڪز هوندي هئي. قسمين قسمين ماڻهو منجهس رهندا هئا. اهل الله ۽ عشق حقيقيءَ جي پارکن جي به ڪمي ڪانه هئي، هڪ وڏي جماعت ماڻهن جي، سرمد جو مقام سڃاڻي، سندس چوڌطرف جمع ٿي وئي، خطرو پيدا ٿيو ته فقير شايد ڪڏهن بغاوت ڪرائي وجهي. تنهنڪري ڪانئس آڏا ٽيڏا سوال پڇي، شهيد ڪري ڇڏيائونس.

* * *

عشق جو هرويرو علم سان واسطو ڪونه ٿو رهي، – علم انسان جي پنهنجي ڪوشش جو نتيجو ٿئي ٿو، عشق الله تعاليٰ جي عنايت آهي، گهڻو ڪري ٻئي ترارين هڪ مياڻ ۾ ڪونه ٿيون سمائجن.

مولانا ابوالڪلام مرحوم، رباعيات سرمد جو ديباچو لکندي، سوال اُتاريو آهي: "جن اکين ڪڏهن ڪنهن جي انتظار ۾ اجاڳو ڪونه ڪيو هوندو – تن ڪي حق جو جلوو ڪيئن نظر ايندو؟" تنهن جي معنيٰ اها ٿئي ٿي ته عشق جي روشنيءَ ڪان سواءِ حقيقت جي راهه نظر ڪانه ٿي اچي سگهي، ان نسبت سان عشق کي صريحاً افضليت حاصل رهي ٿي.

علم تي زوال اچي سگهي ٿو، پر عشق لازوال آهي. قدرت جا فيصلا ڏسو. جن منصور کي ماريو سي ڪيڏانهن غائب ٿي ويا؟

منصور پاڻ ته اڄ به موجود آهي، دهليءَ ۾ به قاتلن کي ته قدرت قبر لاءِ به ڪا ڪنڊ ڪانه ڏياري، پر مقتول جي مقبري تي، جامع مسجد اڳيان،

صدين کان ڄڱ پيا ڏرن ۽ سلام پيا پڙهجن! علم پنهنجن پوئلڳن جي سار نہ لهي تہ پل نہ لهي، پر عشق پنهنجن پوئلڳن کي صدين گذرڻ بہ کونہ ٿو وساري.

* * *

.جهوڪ جي شاهہ شهيد رحمة الله عليہ جو واقعو بہ ساڳي طرح سبق آموز نوعيت جو آهي.

سنڌ جي تاريخ کي ڊرامي جي انداز ۾ ادا ڪرڻو پوي تہ ٽن ڪيريڪٽرن کي اڳيان آڻڻ کان سواءِ ڪو قصو نهي کونہ سگهندو. هڪ قاتل، ٻيو شهيد، ٽيان غدار. انهن ٽنهي ڌرين کي هڪ جاءِ تي جمع ڪرڻ کان سواءِ آڪاٽي سمجهہ ۾ اچڻي کانہ هوندي.

*. * *

شاهہ شهيد واري خوني ڊرامي ۾ بہ ماشاء الله ٽيئي ڪيريڪٽر موجود هئا: (1) مغلن جو گورنر اعظم خان (2) شاهہ عنايت شهيد ۽ (3) سائين جا سنواريل کي سنڌي وڏيرا ۽ انعامن اڪرامن جا آسائتا خداآبادي ڪلهوڙا.

شاهہ تي الزام مڙهيائون ڌاريءَ حڪومت سان غداريءَ جو. ٽن سون سالن گذرڻ ۽ ڪروڙين انسانن کي مارائڻ بعد اڄ بين الاقوامي دنيا هيءُ اصول تسليم ڪيو آهي تہ ظالمن، جارحن، غاصبن، ۽ غلام ڳرن جي طوق غلاميءَ کي اُڇلائي ڦِٽي ڪرڻ جو قانوني حق غلامن کي حاصل آهي، آزادي انسان جو پيدائشي حق آهي، انهيءَ کان محروم ڪندڙن خلاف جدوجهد بغاوت کانہ آهي- انهيءَ ئي اصول پٽاندڙ، الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان اڄ ٻائيتاليهہ (42) اسلامي ملڪ آزادي ماڻي رهيا آهن، خود اسان جو پاڪستان بحمدالله ان نعمت سان سرفراز آهي.

پر جهوڪ جي شهادت گاهہ جي ڳالهہ سون سالن جي پراڻي[1] آهي. ان زماني ۾ هر ڏاڍو ڳابو هوندو هو - ڪو انساني اصول کونہ هو - ڪامياب ڦورو حاڪم بڻبا هئا، جيڪي ڪجهہ ماڻهن سان ڪري گذرندا هئا تنهن لاءِ ڪانئن پڇڻ وارو ڪونہ هوندو هو.

سنڌ جي حالت هيءَ هئي جو ارغون ۽ ترخان ملڪ جي ماڻهن سان عقوبتن ڪرڻ بعد، مغلن هٿان، ختم ٿي ويا هئا. خود مغلن جي بہ پڇاڙي ٿي رهي هئي.

---

[1] صفر 1130 هجري.

حضرت اورنگزيب رحمة الله عليه جي سفر آخرت تي پڌارڻ بعد ٽُڙڪائو شهزادا، هڪ ٻئي پٺيان، دهليءَ جي تخت کي والاريندا تي رهيا. تاڪ فرخ سير جو دور اچي ويو. ان دور ۾ هر علائقي، جنهن وٽ پنهنجي تاريخ هئي پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ مٿا مونا پيءِ هنيا. سنڌ اندر ڪلهوڙن ڪَر ڪنيا هئا، پيري فقيريءَ مان اُٿيا هئا پنهنجن مريدن ٽالپرن بروچن کي، بلوچستان مان ڪوٺ ڪري، دادو آٽي مقامي پنهورن کي ڪڍي، سنڌ ۾ پاڻ راڄ ڪرڻ جي ڪوشش پيي ڪيائون. سنڌن پهريون آڏو هاٽوڪي شهر دادو جي پر ۾ خداآباد هو. نالي خاطر اجا ٻه مغلن پساهہ پيي ڪنيا، هڪ گورنر ٺٽي ۾ بيو بکر ۾ تي رهين، جيڪي دِلِن جي نالي ۾ پاڻ ٻہ "شيرِي ميرِي" ڪندا تي رهيا ۽ ڪجهہ رقم بادشاهہ جيِ منهن منٽي ڪرڻ لاءِ دهليءَ ٻہ موڪليندا پي رهيا، پر سنڌ ۾ آزاديءَ جي ڇـُر پـُر ڏسي هاٽي مناسب سمجهيائون تہ ميان يار محمد ڪلهوڙي کي اوڙو ڪري، سندس وسيلي، پنهنجو تسلط جاري رکن. ميان کي پروانا ڏنائون، مٿس نوابيءَ جا لقب مڙهيائون ۽ ڪيس پيچ ٻڌي مهري ڪري اڳ ۾ ڪيائون. موچيءَ جا گهڙيل موچيءَ جي مُنهن تي وسڻ لڳا. نالي خاطر ڏن وصول ڪرڻ ۽ مسجدين ۾ بادشاهہ جي خطبي پڙهائڻ لاءِ مغل گورنر اجا ٻہ ڪـُپ ڪوڙيو وينا هئا.

* * *

اُن زماني ۾ ٺٽي طرف هڪ بزرگ پيدا ٿيو، شاهہ عنايت الله نالو، پيدائش ميران پور[1] جي، والد مخدوم فضل الله رح، سن ولادت 1066 هجري.

ڪيترا سال سنڌ کان ٻاهر بيجاپور(دڪن) ۾ مشهور بزرگ مخدوم عبدالملڪ رحمة الله عليه وٽ رهي علم ۽ فضل حاصل ڪيو هوائين. طريقو تصوف جو اختيار ڪيل هوس: همه اوست، نہ پيد نہ ياو، نہ تعصب نہ تفريق، زندگي صاف روح پاڪ، ذاتي ضرورتون محدود حاجتون مفقود، حق ئي حق.

ان نظريي جي سنڌ [2] کي ڏاڍي ضرورت هئي، صدين کان سندس ماٺهو مصيبتون سهندي سهندي ٿڪجي پيا هئا. دليون ڦـٽيل هون. هر سمي ٻاهريون ڪاهون، مارڌاڙ، ڦرلٽ، مفلسي، غلامي، گهـَليون گهوڙا، نہ داد نہ

[1] لڳ هاٽوڪي جهوڪ جي، مغلن بغض وچان ان شهر کي ئي سا ڙائي ڇڏيو.

[2] ساڳي قسم جي تشنگي سنڌ کان مٿين علائقن ۾ محسوس پيي ڪئي، بابا نانڪ ئي ڇڪو هو، حضرت سلطان باهو، ساڌو لال حسين، بلاشاہ ۽ ڪيترا ٻيا صوفي بزرگ ان مسلڪ جا پيروُ پيدا ٿيندا تي رهيا.

فرياد، نہ انساني جسم جي سلامتي، نہ روح کي سکون، ذاتين ۽ فرقن ۾ فساد، هر طرف اندروني نفاق، تعصب ۽ تنگدلي، ماڻهو، ماڻهوءَ جو دشمن، نہ خدا جو خوف نہ آخرت جو اونو، نہ انسان دوستي نہ امن ۽ آشتي. پيهم غلاميءَ انسان جو اخلاق برباد ڪري ڪيس حيوان بڻائي ڇڏيو هو. اهڙي ماحول ۾ ملڪ جي اندروني صحت ڪيئن بحال رهي ها، شعور ڪيئن بيدار ٿئي ها؟ اهو هو مسئلو ان دؤر جي ماڻهن اڳيان. اها هئي پرولي، جنهن جي ڇيرائڻ لاءِ قدرت طرفان انتظام ٿيڻ لڳو هو. شاهہ عبداللطيف عليہ الرحمة پيدا ٿي چڪو هو. شاهہ عنايت الله بيجاپور مان موٽي مرزا پور پهچي ويو هو. ماڻهو سندن نئين پيغام تي ڪن ڌرڻ لڳا هئا. پيغام مختصر ٿي لڳو ر معنيٰ وارو. مثلاً سندس پيغام جو روح هو تہ انسانن جو روح بيدار ٿئي، منجهان گندگيون مثلاً تعصب، تفريق ۽ انسان دشمني جون غلاظتون دور ٿي وڃن ۽ سڀ پاڻ ۾ ملي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئجي وڃن ۽ اسلامي اصولن مطابق همت همت ڪان ڪم وٺڻ جا اهل بڻجن. ساڳئي وقت اسلامي فڪر ۽ روحاني روشنيءَ کي اهڙي بلنديءَ تي رسائجي، جيئن ماڻهو ان سطح تي پهچن جنهن سطح تي روز ازل روحن جو اجتماع ٿيو هو، يعني سڀ شئي ڪان مٿي، بعد جي مڙني خطن لڪيرن، تخصيصن ۽ حد بندين ڪان بالا، جُزڪُل سان مليل. اهو هو اجتماعي ۽ اصولي تصور - انفرادي طريقہ ڪار جا لوازمات هي هئا: الله سائين تي توڪل، ذاتي حاجتون مختصر، تفريقون ختم، پاڻ ۾ محبت، عام انسان دوستي، جسم جي رياضت، روح جي راحت ۽"قربانيءَ" لاءِ هيءُ معيار تہ دنيوي حياتي عارضي ۽ بي حقيقت شئي آهي، جيڪا ڪنهن اعليٰ ۽ آفاقي مقصد جي حصول خاطر ڪتب اچڻ گهرجي، جيئن قيامت موچاري ٿئي.

شاهہ لطيف رح ان مضمون تي شعر پي چيو، يعني هڪ قسم جي لازوال لٽريچر پي پيدا ڪيو. شاه عنايت عملاً ماڻهن کي تيار پي ڪيو. گاڏي گڙڻ شروع ٿي وئي هئي. مرض ڪهنو هو، تننڪري ڳوڙهو علاج تجويز ڪيل هو.

سندن پيغام جو منطقي نتيجو هيءُ نڪرڻو هو تہ:(1) اسلام جو حقيقي روح، تعصب ۽ تنگدلي ڪان مبرا ڪار فرما ٿئي.(2) سنڌ جي ماڻهن مان اندروني اختلاف پيد ۽ پاو ختم ٿين.(3) باهمي تعلقات جو بنياد محبت ٿئي.(4) جسم ڪان وڌيڪ روح جو خيال رهي.(5) رياضت ۽ مشقت.(6) قرباني، (7) زندگي بامقصد، (8) اعليٰ ترين اقدار جو حصول منتهيٰ نظر.

جيئن جيئن سنڌ جي ماڻهن ۾ ان نئين انداز فڪر جو اثر پيدا ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن دشمنن جي گهر ۾ مانداڻ مچندو ويو. خوف لڳن ته ان نظرئي جو مقصد سنڌ اندر منصورن پيدا ڪرڻ جو آهي ۽ جيڪڏهن سنڌ منصورن جو ملڪ بڻيو ته سندن واسطي ڪٿان گنجائش رهندي؟ - مجبوراً ڪين پنهنجا ٽپڙ ڪٺا پوندا. تنهن ڪري ڏڪٽي وٺي وين.

نٽي جي مغل گورنر اعظم خان، مناسب سنڌي غدارن کي ڳولي ڪني ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هنيا. ان جنس جي گهٽتائي ڪانه هئي بلڪ هن علائقي جي ته خاص پيداوار هئي، تنهنڪري گهڻائي وطن فروش اچي مغل وٽ گڏ ٿيا، جَتَ، پَليجا، پير ۽ خاص طرح سان نوخيز خدا آبادي ڪلهوڙا حاڪم، جن کي خود اچي هيءُ خطرو لڳو هو ته شاه عنايت الله به شايد سندن واري نسخي تي عمل ڪري، پيري مريديءَ جي ذريعي اثر پيدا ڪري پاڻ سنڌ جو وارث ۽ حاڪم بڻجڻ گهري ٿو.

پاڻ ته ڪانا قوسي ڪري، دهلي واري فرخ سير بادشاهه جا ڪَن پرياڻون ۽ پراراڻيون ته "عنايت الله رح بغاوت تي آماده آهي، اُن جي سَرڪوبيءَ لاءِ اسان جهڙن غلامن ۽ غلام زادن کي هڪ حملي جي اجازت ملڻ گهرجي، ورنه شاهي ڏن بند، ۽ جمعي نماز وارو خطبو به ختم ٿي ويندو".

افسوس ته هندستان جي مغلن جا پويان ڏينهن هئا. وٽن فقط ڪَن وجي بچيا هئا (جيڪي پڻ سنت ئي ڪن[1] شاهينگن هٿان ڪُترجڻا هئا). ڇڪي تي بندوق ڇوڙڻ لاءِ تيار هئا. "پروانو" جاري ڪيائين ته "باغي" عنايت الله رح جي جماعت کي ماري ختم ڪجي، ۽ سندس پنهنجو سر ودي دهليءَ موڪلجي!

نٽي ۾ ته اڳ ۾ ئي مردود مڇون مڪيون وينا هئا. سنه 1130 هجري جو سفر مهينو هو، محرم مس پورو ٿيو هو. ڪربلا واري ڪوس جي ياد ۾ ماڻهن جي ڳلن تان ڳوڙها اجا ڪونه سُڪا هئا. يڪايڪ صوفين جي مرڪز ميران پور تي حملو ٿي ويو. فقير وڙهي به سگهيا ٿي ۽ مقابلو به ڪري سگهيا ٿي، پر صوفي هئا نه ڪوفي، ڪين پنهنجي تعليمات جي بئي سبق ڏانهن وڌڻون هو، سر ڏيڻ جو طريقو سيکارڻو هو، منصور جو مثال سامهون آڻڻو هو.

---

(1) مرهٽن، روهيلن، سکن، ڄاٽن، انگريزن ۽ نادرشاهه!

سرمديت جو، ٻج پوکيو هو. معلوم هُون تہ ان لازمي گهير اُکرڻ کان سواءِ انسان، راه نجات، ڏسي ڪونہ ٿو سگهي، دنيوي حياتيءَ جو مُلهہ، مقصد جي مقابلي ۾، ڪيترو آهي سو استاد عنايت اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو هون.

غرض تراريون وسيون، نيزا چمڪيا، سنڌ جي منصورن جا سر رقص ڪرڻ لڳا.

"رقص بسمل" جا خيالي پُلاءُ شاعر صدين کان پچائيندا رهيا هئا، پر جهوڪ جي جانبازن اڄ ان جو عملي نمونو پيش ڪري ڏيکاريو. ڪيئي "گنج شهيدان" پرجي ويا. بي سر ڌڙن جا انبار لڳي ويا. نہ ڪنهن آهہ تي ڪئي نہ امان تي گهُري. اصولن جو جهيڙو هو، سرن جا سودا هئا. دستور موجب سنڌين جا ڪنڌ سنڌين پٽي ڪپيا، مغلن جو چڙو نالو هو، البتہ اعظم خان چپٽيون وڄائي وڃايون. تاريخ سنڌ جي صفحن تي سنڌين جي رت سان گُلڪاري پٽي تي، قومي ڪيريڪٽر، ۽ انساني ضميرن جي تضاد ۽ فرق جي تصوير پٽي چِٽي. فطرت جي بلندي ۽ پستي ٻنهين پنهنجو پنهنجو پاڻ پي موڪيو. ٻنهين جو اعمال نامو تيار پٽي ٿيو.

پر شاهہ عنايت رح پاڻ اجا بہ زنده هو. اُن کي شهيد ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ ڪتب آڻيو پين - ڪلهوڙن جي وزير شهداد خان کي (جيڪو شاه شهيد جو هم زلف بہ هو)، قرآن ڪڇ ۾ ڏئي ڏانهن موڪليائين تہ هو اعظم خان تائين اچي سانس صلح جون ڳالهيون هلائي. شاه شهيد کي ان سڏ جو مطلب معلوم هو، پر وڃڻ جو وقت اچي ويل هوس. جڏهن کيس پنهنجن منصورن جي قصي جو عنوان پنهنجي رت سان لکائڻو هو.

چانچہ اعظم خان جي تنبوءَ ۾ پهتو، ترارين اڳ ۾ ئي تيار هيون، بزرگ شهيد تي ويو[1] . نڳيءَ جي ڪم ۾ قرآن پاڪ ڪتب آندو هئائون.

* * *

شاهہ جي شهادت ڪري اهو نقصان ضرور پهتو تہ سندس تعليمات جي حقيقي مفهوم ۽ صحيح اسلامي روح طرف وڌڻ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي ۽ ماڻهن جو توجهہ سندس درس جي ٻئي حصي تان وقتي طور هٽي ويو، پر سندس خون خالي ڪو نہ ويو. قاتلن جي بالاخر پڇاڙي تي وئي، شهيد جي

[1] 17 - تاريخ صفر 1130 هجري جو اهو واقعو ٿيو.

جماعت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙجي وئي، ڪيترا اهل الله منجهس پيدا ٿيا، خليفن جي خليفن جون بہ خانقاهون ڪُليون جيڪي اڄ تائين قائم آهن، آءٌ نٿو سمجهان تہ سنڌ اندر ٻئي ڪنهن بہ مسلڪ جي ايتري پذيرائي ٿي جيڪا اڄ، تقريباً اڍائي صدين گذرڻ بعد بہ، سنڌ جي فڪر تي اثر انداز آهي.

سندس سجاده نشينن جو سلسلو هن طرح هلندو رهيو.

(1) شاهہ عزت الله رح ولد شاهہ عنايت الله شهيد.

(2) شاهہ محمد زاهد رح.

(3) شاهہ ابراهيم رح.

(4) شاهہ عزت الله ثاني رح (سخي پير)

(5) شاهہ ابراهيم ثاني (ٻنگلي ڏٺي) رح.

(6) شاهہ محمد زاهد ثاني (سائين وسڻ شاهہ) رح.

(7) شاهہ عبدالستار اول رح.

(8) شاهہ غوث بخش رح.

(9) شاهہ عبدالستار ثاني رح.

(10) شاهہ غوث محمد رح.

(11) شاهہ عطاءُ الله (موجوده سجاده نشين).

* * *

شاهہ شهيد رحمة الله جن جي سلسلي سان تعلق رکندڙ ٻيون سڀ خانقاهون بہ قابل ذڪر آهن، جن سان لکين ماڻهو وابستہ آهن:

(1) مير جان الله شاهہ رضوي رح (روهڙي) خود فارسي جوڙو شاعر هو.

(2) روحل فقير رح (ڪنڊڙي تعلقو روهڙي).

(3) فقير محمد صديق سومرو رح (صادق شاهہ بہ چوندا هوس، ڳوٺ صوفي فقير تعلقو عمر ڪوٽ).

(4) سائين رکيل شاهہ رح (فتح پور، ياڳ ناڙي، بلوچستان).

(5) سائين نصير محمد رح جلالاڻي (جلالاڻي، ضلع خيرپور).

(6) سائين قطب علي شاهہ رح (جهانيان حيدرآباد).

(7) بيدل - بيڪس رح، (روهڙي).

(8) نواب ولي محمد ثاني رح (تاجپور، ضلع حيدرآباد)

(9) سيد نماڻو شاهه رح (عمر ڪوٽ).

(10) قاضي عبدالله رح (مير واه گورچاڻي، ضلع ميرپور خاص).

(11) پرور شاهه رح (حيدرآباد ۾ پڙ اٿس).

(12) باقر شاهه ڏونگر پوري رح (ٻار مير، راجپوتانه هندستان).

(13) نواب غلام الله رح (سوتياري، لڳ ٽنڊو آدم).

(14) خواجه حميدالله رح (اجمير شريف).

(15) ابن سمون رح (ابن آڙاهه سڏيندا هئس).

(16) راڄ محمد فقير ڪڇي رح (ڪڇ، هندستان).

(17) اسحاق گراڻو رح (نصرپور ضلع حيدرآباد).

(18) فقير محمد صديق لاکو رح (پيلن وارو)

(19) آغا اسماعيل شاهه رح.

(20) موٽيو فقير رح.

(21) مراد فقير جلالاڻي رح (ان سلسلي ۾ نورنگ فقير ۽ محمد علي فقير به وڏا اهل الله پيدا ٿيا).

(22) سيد عبداللطيف شاهه ۽ اسماعيل شاهه رح (نئون).

اهي سڀ پنهنجي پنهنجي متي "سجاده" آهن، پر مڙئي شاهه شهيد رح جا مريد ۽ سندس پوڪيءَ جا راهڪ آهن.

* * *

شاهه شهيد رحه جي حلقه مُريدي ۾ بيشمار هندو به شامل هئا جن مان ڪي خود مريدي ڪرڻ لڳا: مثلاً فقير دلپت رام صوفي (جنهن جي "درگاهه" بمبئي ۾ به پئي هلي)، فقير مسڪين داس (ٽنڊو غلام علي)، ۽ فقير پوڄو ڀڳت (ٽنڊو غلام علي).

عام هندو معتقدن ۽ مريدن جو ته شمار ئي ڪو نه رهيو، ڪن مکيه ماڻهن جا نالا به معلوم اٿم: سيٺ پريم چند (ميرواه گورچاڻي وارو)، راءِ صاحب ڪرپال داس ٻيراني وارو، سيٺ سيرومل ٻيراني وارو (جيڪو پاڪستان بعد آئين ساز اسيمبليءَ جو ميمبر هو)، پرنسپال ٻتاڻي، پروفيسر ڪرپالاڻي، پرسرام جوڳي (بمبئي طرف سندس مريدن جو وسيع حلقو آهي)، پرتاب راءِ ٻيرانيءَ وارو، ڀائي هاسارام ۽ ڀائي انندرام (دلپت فقير جا گادي نشين)، سيٺ گلاب راءِ وغيره.

ان سلسلي جي هندو مريدن جي هيءَ نمايان خصوصيت هئي تہ هو اسلام جو دل سان احترام ڪندا هئا. منجهان ڪيترن قرآن پاڪ جي باقاعده روزانہ تلاوت پئي ڪئي، مثلاً هيراٺي وارو سيٺ پرتاب راءِ صبح ويلي لازماً تلاوت ڪندو هو. پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو. هزارين حديثون ياد هوس. مون پاڻ بہ ڪن سان ڳالهائي ڏٺو. اسلام جي تعليمات ۽ اصولن مان ايتريقدر واقف هئا جيترو ڪو بہ ديني علوم جو ماهر مسلمان ٿي سگهيو ٿي. تعصب جي بوءِ بڻاس ڪا نہ هوئن. انسانيت جي ميدان ۾ گهڻو اڳتي وڌي ويل هئا.

شاهہ شهيد رح جي مشن جو مقصد بہ اهڙن ماڻهن پيدا ڪرڻ ۽ اسلامي روح کي عام ڪرڻ جو هو.

* * *

مون پاڻ ان سلسلي جا فقط ٻہ ماڻهو ڏٺا.

سائين عبدالستار ثاني رحمة الله عليه جيڪو ان زماني ۾ جهوڪ جو سجاده نشين هو ۽ فقير نصير محمد جلا لاڻي رحمة الله عليہ.

سائين عبدالستار جي زيارت وقت آءٌ الهڙ نوجوان هوس، گهڻي پروڙ ڪا نہ پئي پيم، پر بہ ڳالهيون ياد رهجي ويون اٿم. سنڌ جي مردانہ حسن، وقار، ۽ وجاهت جو اهڙو نمونو هو جهڙس مون وري ڪو نہ ڏٺو. اکين ۾ اُها چمڪ ۽ اُهو اثر هوس گويا هڪ تاريڪ ماحول کي روشن ڪرڻ لاءِ قدرت طرفان نوراني قنديلن جو انتظام ڪيل هو.

سائين نصير فقير رحمة الله عليه سان البتہ ڪافي ڪچهريون رهيو. جڏهن مون کين ڏٺو تہ سوَ سال کان مٿي ڇمار هئن. قد ڊگهو پر بدن هڏن جو پڃرو هئن. چهري مبارڪ ڏسندي ائين محسوس ٿيندو هو گويا اهو چهرو نور جي ڪنهن بنيادي مرڪز جو آئينہ دار آهي، ورنہ خاڪي انسان جي چهري ۾ اها تجلي اچي ڪا نہ ٿي سگهي.

منهنجي خوش قسمتي هئي جو مون اهو انسان ڏٺو: آءٌ اڄ چئي سگهان ٿو.

مون سي ڏٺا، ماءٌ، جنهين ڏٺو پرينءَ کي!

* * *

غور ڪرڻ جي جاءِ آهي. قدرت جا فيصلا ڏسو. آهي اعظم خان جي مڙهه مقام جو ڪو پتو نشان؟ رهيو آهي يار محمد ڪلهوڙي جي نالي ڳنهڻ وارو ڪو انسان؟

هوڏانهن شهيد جو شان بہ ڏسو!

سلطان باهو چيو آهي:

فقير سڏاوڻ اُهي قبر جنهان دِ جيوي هو!

اُمير ختم. فقير جي قبر بہ زنده - لکن جا ميڙا - هنڌ هنڌ ميلا. هر طرف "حق" جي هوڪر.

قيامت ڏينهن جڏهن شهيدن جي شنوائي ٿيندي تہ جهوڪ جي شهيدن جي سجاڻپ اها هوندي تہ بنا سر جي ڌڙ حاضر هوندا. سر اڳ ۾ ئي راهِ حق ۾ نذر ڪيل هوندن.

## سائين جمن علي شاهه شاڪري وارو

تازو گذاري ويو آهي. پنجاهہ ورهہ ساڻس تعلق رهيو. نالي ۾، ميندار پر حقيقت ۾ فقير هو. پنهنجي جواني، پيرين اگهاڙين، مقامات مقدس جون زيارتون ڪندي صرف ڪيائين. پنجاهہ ورهہ جو هو جو سندس والد جو انتقال ٿيو ۽ پاڻ ڪي ملڪ موٽڻو پيس.

هٿ بہ دائما پير اگهاڙا (پر پيرن جون ترِيون پٽ جهڙيون نرم جن تي ڪندا يا ڪِليون ڪو اثر ڪو نہ ڪندا هئا. هيٺ تي گوڏڙي، جسم تي ميرو چولو. هٿ ۾ هر دم حقو.

پاڻ کي لوڪان لڪائڻ خاطر دنيوي ڪمن ڪارين سان هلندو وتيو ٿي. ظاهر اهڙو رکيائين جو شبہ ٿيندو هو تہ سندس مسلڪ "ملامتيہ" آهي جنهن ڪي پڻ مخفي رکڻ جي ڪوشش پيو ڪري. مون سندس گهڻيون ڳالهيون نوٽ ڪيون. جيڪي عام طرح ماڻهن لاءِ اعتبار ۾ اچڻ جهڙيون نہ آهن. مون ڪيترا مشاهدا ڪيا. مثلاً آءُ روم ۾ هوس، غسل ڪندي اوچتو مون ڪي سندس خيال آيو. پاڻ بلڪل ساڳي ڏينهن ڪراچي ۾ منهنجي گهر اچي مون ڏانهن خط لکرايائين تہ:

"ياد پلي ڪر، پر غسل خانہ ۾ نہ".

بزرگن جون ڳالهيون ٻڌائڻ جون نہ هونديون آهن، دلين جون ڳالهيون دلين ۾ رهڻيون آهن، سندن راز نہ کولڻا آهن، آءُ فقط ايترو ئي ٻڌائي سگهان ٿو تہ تمام وڏو ماڻهو هو، قدرت طرفان وڏي اختيار جو صاحب هو، پر ڏاڍو لڪوڙ هو. بي ادبي ٿيندي پر اهو ٻڌائيندس تہ دنيائي ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي پنهنجو وقت گذاري ويو. برگن جون بہ طبعيتون ٿين ٿيون، هن بزرگ جي طبعيت بلڪل نيازي هئي.

# حيدرآباد

حيدرآباد سان سنڌي طرح منهنجو واسطو واهپو ٿورو رهيو. اوائل ۾ سرسري طرح اتان پيو گذر ٿيندو هو. 1920ع ۾ پهريون دفعو وڃڻ جو اتفاق ٿيو. تلهار پاسي عزيزن ڏانهن وڃڻو هو. بدين ريلوي لائين 1914ع واريءَ جنگ جي دوران ۾ پنڃي وئي هئي، تنهنڪري ڦليلي رستي جهازن ۾ وڃڻو پوندو هو. جنهن جهاز ۾ آءٌ علي پور ريگيوليٽر تائين ويس، ان ۾ لاڙ جو ڊپٽي ڪليڪٽر ديوان هرداس مل بہ سوار هو. جهاز جي اڳرَ تي آرام ڪرسي وجهي ڏني هئائونس، باقي مسافرن کي هيٺ سنڌس پيرن ۾ ويهڻو پيو. ڊپٽي ڪليڪٽر جو هجڻ بہ ڏاڪو هوندو هو، پر هن ديوان جي حشمت بہ رتيون سوائي هئي. اڇي ڏاڙهي ايتري قدر پڪڙيل هوس جو ديوان جو نہ ڪَن تي نظر آيو نہ ڏِن. اُنهن ڏينهن ۾ هندو اڪثر ڏاڙهيون رکندا هئا، پر هت مبالغي کان ڪم ورتل هو. ستن ڪلاڪن جو سفر هو، آفيسر جي موجودگيءَ ۾ ضرورت کان سواءِ ڳالهائڻ تي بہ پابندي هئي. تنهنڪري سارو وقت ماٺ ميٺ ۾ ديوان جي ڏاڙهي ڏسندي گذارڻو پيو. واهہ جي ڪنارن سان البتہ ڏاڍي وڻراهہ هئي ۽ مور بہ گهڻا هئا، جن کي پوءِ ماڻهن ماري ڪپائي ڇڏيو آهي. گهونيءَ جي مهڙ واري حصي کي ڦليلي سڏيندا هئا. حيدرآباد جي هندو شاعرن ۽ اديبن جو ساڻس عشق هوندو هو. هر نظم، قصي ۽ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي يا شروعات ڦليلي تي ڪندا هئا. ڄيٺمل پرسرام هڪ ڀيري ڦليليءَ تي پنهنجي نظم ٻُڌائي، اکين مان ڳوڙها ٿي وهيس، جذبي ۾ ڳل ڳاڙها هوس. نظم ختم ڪرڻ بعد بہ ڪي گهڙيون ماٺ ڪري ويهي رهيو هو. سانوڻ ۾ پاڻي وهي ايندا هئا تہ ڦليلي جي ڪناري تي ميلا لڳي ويندا هئا. ساري شهر جا هندو اوڏانهن پرڻجي پوندا هئا. البتہ عوام کي قدرتي نظارن ڏسڻ لاءِ وقت گهٽ هوندو هو.

ٻئي طرف کان حيدرآباد کي درياهہ جو ڪنارو هوندو هو. يعني ڪوٽڙي واري پاسي ڏانهن - ڪنهن زماني ۾ اُت ٻيڙين ۽ جهازن جو بندر هوندو هو. پر پُل ٺهڻ ۽ ريلن چالو ٿيڻ بعد بندر ختم ٿي ويو ۽ انگريزن ان جاءِ تي هڪ عاليشان پارڪ ٺهرائي ماڻهن لاءِ تفريح جو گوشو تيار ڪرائي ڇڏيو هو. رابندرانات ٽيگور کي خبر پئي تہ ان پارڪ وٽان سج اُڀرڻ جو نظارو ڏاڍو دلڪش

هوندو آهي، پاڻ حيدرآباد آيو تہ ان نظاري ڏسڻ لاءِ پوئين رات ڪري وڃي پارڪ ۾ ويٺو. طلوع آفتاب جو منظر ڏسي دانهن نڪري ويس، چيائين:

”ساري دنيا ڏٺي اٿم، پر سج جي ايرڻ
جو هھڙو نظارو بيو ڪٿي بہ نظر ڪو نہ آيو اٿم.“

وڌيڪ چيائين:

”جت هھڙا نظارا هوندا، اُت شاعر ۽ فطرت جا ترجمان ڇو نہ پيدا ٿيندا.“
پر فطرت جا ترجمان هت ڏوڙ پيدا ٿيندا؟

جنهن وقت سر رابندرانات ٽئگور ڪلڪتي مان ڪَهي، حيدرآباد پهچي، گدوءَ پر پيهي اهو نظارو پي ڏٺو، عين ان وقت منهنجو اندازو آهي تہ هتان جا پنهنجا ”فطرت جا ترجمان“ اجان دُڦن ۾ پيل هوندا. ”ڪُفران نعمت“ جو نتيجو لازماً نعمت کان محرومي جي صورت ۾ نڪرڻو هو، ڇو تہ سنت ٿي گدوءَ وٽ چرين جي اسپتال کلي ۽ ان نسبت سان ٿي ان علائقي کي شهرت حاصل ٿي ۽ عام چوٽي پئي تہ ”ميان، هاٿي گدوبندر موڪلڻ جي لائق آهي!“

جاپان کي عزت انڪري حاصل ٿي جو ”ايرندڙ سج جي سر زمين“ The Land of Rising Sun هو. گدو جنهن جي سج جي سونهن جي تعريف ٽئگور اهڙن لفظن ۾ ڪئي جو مقابلَتاً جاپان بہ ڪانئس پوئتي رهجي ٿي ويو، تنهن جي نسبت چرين ۽ چريائي سان وڃي پئي - بيو بہ گهٽو گند بلا بونس ۾. مون بئي شيون ڏٺيون.

گدوءَ جي صبح ڏسڻ لاءِ زندگيءَ جون ڪيئي راتيون صرف ڪيم. هڪ ساري رات پارڪ ۾ بينچ تي ويهي، ۽ باقي بيشمار راتيون ”فتح مبارڪ جهاز“[1] ۾ رهي. ماڻهو تعجب ڪندا هئا تہ بحيثيت وزير جي آءُ سرڪاري سرڪٽ هائوسن“ بدران شهر کان دور هڪ رد ٿيل پراڻي ڪوڪي ۾ رهڻ ڇو ٿو پسند ڪريان. پر حقيقي راز اهو هو تہ مون کي اُتان طلوع آفتاب جو نظارو ڏسڻو هوندو هو، جنهن ٽئگور کي بہ ڇڪن ڪري ڇڏيو ٿي[2].

---

[1] اهو سنڌ جو تاريخي پراڻو سرڪاري جهاز هو، جيڪو درياهہ جي ٻنهي ڪنارن جي گشت لاءِ رکيل هو. بعد ۾ جهاز کي ريسٽ هائوس ڪري بيهاريو ويو.

[2] منهنجي دماغ ۾ ٽي اسڪيمون هيون جن جي ذريعي ”ٽورزم“ جي لحاظ سان اسان جي ملڪ پاڪستان جي مقبوليت ۾ گهڻو اضافو ٿي سگهيو ٿي: (1) گدو بندر وٽ درياهہ جي ڪناري سرڪاري هوٽل ٺهرائڻ جو، (2) پراڻي سکر جي پر ۾ پراڻي سکر واهہ جي منهن وٽ تفريح گاهہ تعمير ڪرائڻ جو ۽ (3) منڇر کي جنيوا Lake Geneva بڻائڻ جو. پر قدرت کي منظور نہ هو، ڪوشش جي باوجود موقعو ڪو نہ مليو.

گهڻي دنيا ڏٺي اٿم، ٽئگور جيتري نہ تہ بہ حال سارو ڪافي.

سچ هيءُ آهي تہ صبح جو سج، جنهن سج ڏٺ، ناز ۽ نخري سان، گدوءَ وٽان، رات جي زلفن منجهان مُنهن ٻاهر ڪڍي هلي ٿو، ان جو بيان تحرير ۾ آڻڻ مشڪل آهي. بعض ڪيفيتون اهڙيون ٿين ٿيون جي دل تہ محسوس ڪري سگهي ٿي. پر زبان تي اچي نہ ٿيون سگهن، اکيون تہ ڏسي سگهن ٿيون پر هٿ قلمبند ڪرڻ کان قاصر رهي ٿو.

هيءَ ڪيفيت بہ انهن منجهان هڪ سمجهڻ گهرجي. ٻئي طرف چرين جي اسپتال ۾ بہ وڃڻ ٿيندو رهيو .[1] اُتان بہ هڪ فائدو حاصل ٿيم، يعني انهن ديوانن سان صحبت ڪرڻ کان پوءِ ملڪ جي دانشورن سان گڏ گذارڻ ۾ ڪا تڪليف محسوس ڪا نہ ٿي اٿم، چـَرين جي ٻولين ٻڌڻ بعد سياستدان جي تقريرن ۽ بيانن کي سمجهڻ مون لاءِ آسان ٿي پيو آهي.

* * *

شهر حيدرآباد جو بنياد ڪڏهن پيو ۽ اُن حيدرآباد جون حدون ڪهڙيون هيون، تنهن بابت مختلف روايتون آهن. پر ايترو ظاهر آهي تہ هاٿوڪيءَ حيدرآباد جو بنياد ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي رکيو، قلعو بہ انهيءَ نهرايو. قلعي جو ڪم 1768ع ۾ شروع ٿي 1970ع ۾ پورو ٿيو. نظرداري جو ڪم ميرزا احمد خراساني ڪيو جيڪو ميان جي لشڪر جو "بخشي" هو. تعمير ۾ چُونو ۽ گچ استعمال ٿيو. قلعي اندر ميان جي پنهنجي رهڻ لاءِ جيڪا جاءِ ٺهي تنهن کي "شيش محل" سڏيائون. منجهس "ديوان عام" ۽ "ديوان خاص" بہ رکيائون. زنانہ خانو اِن کان علاوه هو [2]. قلعي جي ٻاهران عاملن ۽ پائي بندن کي پلاٽ ڏئي ويهاريائون.

اِن انتظام ٿيندي ئي ميان صاحب پاڻ اچي قلعي ۾ ويٺو ۽ حيدرآباد، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻي.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جي صاحبي شروع ٿي تہ انهن بہ ساڳي ئي صورتحال کي بحال رکيو ۽ ساڳي قلعي اندر رهي راڄ ڪرڻ لڳا.

---

[1] بحيثيت وزير صحت جي.

[2] انهن جاين جو اسان جي زماني ۾ ڪو نانءُ نشان ڪو نہ رهيو هو.

ٽالپرن کي بہ محلاتون هاٺوڪيءَ معنيٰ ۾ ڪو نہ نهرايون. بنيادي طور هو بلوچستان جي پهاڙن ۽ پٽن جي پيداوار هئا. سنڌ ۾ آئي گهڻو وقت جهنگن ۾ جالينداهئا. ڪجهہ شڪار، ڪجهہ سير تفريح جي خيال سان شهري زندگي سان چاهہ گهٽ هوندو هون. شخصي طرح شاندار ماڻهو هئا. مُهذب، اشراف، خدا ترس، نيڪوڪار، پڙهيل ڪڙهيل، بهادر. اصول هُون تہ رعيت سان رُلي مِلي رهجي [1]، عيش عشرت ۾ ايتريقدر نہ ڦاسجي جو عوام کان پري، هڪ علحده دنيا ۾ رهڻو پوي، حڪومت جي نظام ڪي بہ ايتريقدر هلڪو ۽ آسان رکجي جو خلق خدا جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ نہ بنجي پوي. يورپ جي فلاسفرن کي بعد ۾ وڃي اهو راز معلوم ٿيو تہ بهترين حڪومت اُها ٿئي ٿي جنهن جي موجودگي ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ محسوس ڪن ۽ اهڙو حال نہ هجي جو رعيت رات ڏينهن صرف حڪومت جو ئي روئڻو روئيندي وتي يعني - اُن جي غمزن جو، ان جي مالي پٽ ڪوهَ جو، ان جي قانوني لِٽڪ چپ جو، يا اُن جي ڪامورن جي ڪُڌن ڪرتوتن جو.

ميرن اڳيان پاڙي جي حاڪمن جا گهڻائي مثال موجود هئا. ايران جا، دهلي جي مغلن جا، اوڌ جي نوابن جا ۽ اُتر جي سکن جا. پر هِننن اُهي رستا اختيار نہ ڪيا. حڪمرانيءَ جي هڪ اهڙي نئين طرز وڌائون جو جڏهن انگريز جارحن هتي اچي ان کي ختم ڪيو تہ کين قبول ڪرڻو پيو تہ "گناهہ ڪري وڌو اٿئون". لنڊن جي پارليامينٽ ۾ ورهين تائين ان گناهہ تي، هڪ ٻئي مٿان ملامتون وسائيندا رهيا. شايد اڻويهين صديءَ جي بين الاقوامي جارحن ۽ ظالمن وٽ بہ ضمير هوندو هو. پوءِ تہ ان وٽ جو بہ ڪال نظر آيو.

سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ٻاهرين کي اهڙي گناهہ ڪرڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟ جيڪڏهن ميرن جي طرز حڪومت ايتريقدر چڱي هئي تہ پوءِ ختم ڇو ٿي؟

بہ ٽي سبب سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿا:

اولاً، مير نيڪ هئا. انگريز فلاسفر جارج برناڊشا جو قول آهي تہ "نيڪ هجڻ جو ڪاٽو آهي":

"It is dangerous to be good."

---

[1] چور حاڪم نہ هئا جو کين پنهنجي رعايا مان جان جو خوف هجي. جنهنڪري يا تہ لِڪا گهُمن يا پهرن جا وڏا بندوبست رکن.

هي ڳالهه شايد هجيءَ تي تہ ميرن دفاع جو مدار محض پنهنجن ٻروچن[1] تي رکيو هو. باقي سنڌ جي عوام کي هر هلائڻ ۽ پوکڻ ڪرڻ تي ڇڏي ڏنو هئائون. وقت آئي نتيجو اهو نڪتو جو سنڌن جنگ ٻروچن جي جنگ بنجي پئي، سنڌي عوام جي جنگ نہ بنجي سگهي ۽ نيپئر ٿورڙن سپاهين سان مياڻي ڊُبو ڪٽي سنڌ تي قبضو ڪري ويهي رهيو. جيڪڏهن جنگ ۾ سنڌ جي عوام جي دلي شرڪت هجي ها. ۽ مير صاحب پنهنجيءَ حڪومت جا ستر سال سنڌي عوام ۾ حب الوطني جي جذبي جاڳائڻ ۽ منجهن دفاع ۽ جنگي صلاحيتن پيدا ڪرڻ تي صرف ڪندا رهن ها تہ نيپئر چند سؤ سپاهي ساڻ ڪري بکر مان هلي، رستي جا جهنگ جر جهاڳي[2] ، خير سان مياڻي تائين پهچي ئي ڪونہ سگهي ها. جنگ ڪرڻ تہ پوءِ جي ڳالهه هئي. سنڌ جا جُوان رستي مان ئي کين ائين ڪٽي وجن ها. جيئن "ڪنگ ڪُرڙي" ڪٽي وجي. ڪيڏانهن مُٺ پر پرديسي لشڪر، ڪيڏانهن سکر کان حيدرآباد تائين وچ جو لکين عوام؟ ڳالهہ جو ڳُر اهو ٿيو تہ سنڌ جو عوام ميرن جو مطيع ضرور ، پر مددگار نہ هو.

* * *

ائين نہ هو تہ سنڌ جا عوام بزدل هئا يا وڙهڻ نہ ڄاڻندا هئا. هو صدين کان سنڌ جي ويرين سان وڙهندا رهيا هئا. خلجين سان، تغلقن سان، ارغونن سان، راجپوتن سان، پٺاڻن سان، قلاتين سان - جنهن بہ دشمن هيڏانهن اک تي کنئي، تنهن جي اک ڪڍي ٿي وتائون. پيو تہ ڇڏيو، پر جڏهن ٻاهريون دشمن ڪونہ هوندو هُون، تہ سنڌي قبيلا پاڻ ۾ بہ وڙهي حرب ۽ ضرب جي فن کي مڙيو ئي زندهہ رکندا ايندا هئا. ڪيترا سنڌي قبيلا ۽ نسلي گروپ پهلوانيءَ ۾ خاص طرح سان مشهور هئا. مثلاً ڪلهوڙن حاڪمن جو اڪثر وقت اهڙن قبيلن کي سرچائيندي ۽ ساڻن مِٽي مائٽي جي تعلق قائم ڪندي ٿي گذريو. سنڌي سومرن ۽ سمن صدين تائين راڄ ڪيو هو. انهن لشڪر ڪٿان آندو ٿي؟ پنهنجيءَ سنڌ منجهان ئي ڀرتي ڪيائون ٿي، جت مناسب مارشل Martial مواد

---

[1] ٽالپرن، مَرين، لغارين، شيدين، نظاماڻين وغيره تي.

[2] ان زماني تائين سنڌ اجا ويٺ نام جون سِڪون پٽي لاٿيون. اٿاهہ جهنگ، سالانہ سيلاب، فوج ڪشيءَ لا رستا ندارد.

جي ڪڏهن ڪمي محسوس ڪانہ ڪيائون. دولهہ دريا خان جهڙا بهادر ڪير هئا؟ مطلب تہ سنڌي عوام ۾ اها صلاحيت بدرجہ اُتم موجود هئي تہ هو جيڪڏهن گهُرن ها تہ ميرن جي مدد ڪري سگهن ها ۽ نيپئر کي هڪ قدم اڳتي وڌڻ نہ ڏين ها.

پير ميرن جي پنهنجي بدقسمتي هئي. سنڌن قبيلو بلوچستان مان آيل هو. مقامي عوام تي سنڌن اعتبار ڪونہ جميو. حتاڪہ جيڪي ٻروچ قبيلا[1] سنڌ جا پراڻا باشندا هئا، تن کي بہ اعتماد ۾ وٺي ڪونہ سگهيا.

في الحقيقت اها ويڌن مڙني غير مانوس ٻاهرين حاڪمن، مثلاً مغربي سامراجين سان ساريءَ دنيا اندر پيي رهي آهي. خود انگريز کي بہ هٿ پهتي ڪان پوءِ پيش ايندي رهي.

* * *

ٽيون سبب ميرن جي راڄ جي خاتمي جو هيءُ ٿيو تہ سنڌن خارجہ پاليسي ناقص هئي. اڻويهين صدي اڃي ويل هئي، اسٽيم انجڻ جي ابتدا ٿي چڪي هئي، مغرب جا راڪاس مشرق طرف پکڙڻ لڳا هئا، پاسي پَسلو جي رياستن جون حڪومتون پوڙهائپ جي آخري منزلن ۾ هيون. نيڪي بديءَ جا معيار بدلجي ويا هئا، بين الاقوامي انساني اخلاق جا بنياد پڻجي چڪا هئا. پوءِ مُهاڙين ۾ ويٺي، انهن رڃ چڱن مڙسن کي بنهہ اها ڪل ڪانہ رهي تہ دنيا انقلاب جي چڪر ۾ اچي چڪي آهي، جن ڌرين سان پلاند اٽڪيو اٿن ۽ جن سان عهدناما ڪيا اٿن سي دغاباز آهن. جيڪي بندوقون پاڻ جهنگ جي جانورن تي چوڙيندا رهيا هئا، سي اڄ ڏانهُن سڌيون ٿي رهيون آهن.

مطلب تہ در تي دُهل پيي وڳا ۽ چوڪَرِ اجا ڇيٽا پيي چونديا!

اها هئي ميرن جي "فارين پاليسي" ۽ بين الاقوامي حالات بابت سنڌن بيدار مغزيءَ جي ڪيفيت.

وري اُن تي مُستزاد ساده لوحي، مهمان نوازيءَ جو مرض ۽ نانگن کي کير پيارڻ جي عادت، جيڪي ڪمزوريون سنڌ جي فضا ۾ سؤ سال کان رهڻ ڪري منجهن بہ پيدا ٿي چڪيون هيون.

---

[1] مثلاً: چانڊڪي جا چانڊيا، جيڪي پاڻ سنڌن مخالفت ۾ نيپئر جي مدد لاءِ چڙهائي ڪرڻ جا پهہ پچائيندا رهيا.

مثلاً سندن مهمان نوازيءَ سان متعلق هيءُ تاريخي واقعو ٻڌو:

ميرن کي معلوم ٿيو تہ هڪ غير ملڪي شخص پنهنجي آبائي ملڪ مان خارج ٿي جلاوطني جي حالت ۾ اچي سنڌ جي سرحد تي پهتو آهي ۽ سنڌ ۾ پناهہ وٺڻ جو خواهان آهي.

اها خبر ٻڌندي ئي ميرن صاحبن جي مهمان نوازيءَ وارو جذبو جاڳي اُٿيو - هڪ مهمان سنڌ جي در تي سام ٿي اچي پيو هجي، تنهن جو ڪيئن نہ آدرياءُ ڪجي؟ هڪدم استقبال لاءِ ايلچي اُٺ گهوڙا، ڪجاوا ۽ محافا موڪلي ڏنائون تہ وڃي مهمان کي وٺي اچن. هو صاحب جڏهن هت پهتو تہ ان جون مهمانيون جهليائون، رهڻ لاءِ ڳوٺ ڏنائون، پيٽ گذر جو ڪافي بندوبست ڪيائون ۽ سام ۽ مهمانداري جا فرائض ايڏي پيماني تي پورا ڪيائون جو جنهن مان مهمان نيڪالي جهلي نڪتو هو سو ملڪ خواہ مخواہ سنڌ جو دشمن بڻجي پيو.

ٻئي طرف مهمان پاڻ جڏهن ميرن جون مهمانيون ماڻي ۽ سنڌ جو نمڪ واپرائي مطمئن ٿيو تہ دل ۾ خيال جاڳيس تہ ڇو نہ مورڳو ميرن کي مارائي، انگريزن جي مدد سان، سنڌ جي رياست کي پنهنجي نالي ڪرائي وٺجي.

هڪدم انگريزن سان ايتريقدر ہانهن ہيلي ٿي بيٺو جو نيپئر پاڻ پنهنجي دستخطي ريڪارڊ ۾ لکي ويو آهي تہ سنڌ کي فتح ڪرائڻ ۽ ميرن کي شڪست ڏيارڻ ۾ سندس پهريون نمبر دوست ۽ معاون ميرن جو اهو مهمان هو!

مهمان جي ڇڳمڙسيءَ جي خبر ميرن کي بہ پئجي وئي هئي ۽ هنن بعض قبيلن کي اُڀاري سندس گوشماليءَ جي بہ ڪوشش ڪئي هئي، پر وَريو ڪجهہ ڪونہ. ڇو تہ گهٽي دير ٿي وئي هئي ۽ هُن پاڻ ڪسڪي اچي سڌي طرح انگريز جي پير ۾ ڪراچي اندر پناهہ ورتي هئي، جيڪا اڳ ۾ ئي انگريز قبضي ۾ آئي چڪو هو. مهمان صاحب پوءِ ڪراچيءَ مان بہ ڪنهن ٻئي طرف هليو ويو. انگريز سنڌ فتح ڪرڻ بعد پاڻ "پريو مڙس" بڻجي ويهي رهيو، البتہ مهمان جي پوين کي بہ اها تمنا ستائيندي رهي تہ ڪنهن طرح سنڌ ڪين رياست ٿي ملي!

* * *

بهرحال ان موقعي تي قدرت کي اهو ئي منظور هو تہ سنڌ اسلامي حڪومت کان محروم ٿي انگريزن جي قبضي ۾ هلي وڃي[1] . ڪنهن شاعر سچ چئي ڏنو تہ:

ميـــرن مـــرڻ جـــو ڏاڍو ارمـــان،
ســـنڌڙي ڇـــڏي ويـــا ڪـــري ويـــران.

* * *

ڪيڏانهن جي ڳالهہ ڪيڏانهن هلي ويئي؟ شروع ٿي هئي حيدرآبادي ميرن جي دور جي محلاتن سان ۽ وڃي پهتاسين مياڻيءَ تي[2] .

ان دور جي سنڌي عمارت سازيءَ جو بنياد نمائشي زيب زينت تي نہ پر انساني آسائش جي اوليت جي اصول تي هوندو هو. يعني جاءِ منجهان جاءِ ۾ رهندڙن کي ڪيتري قدر آسائش ۽ آرام حاصل ٿي سگهي ٿو. تنهن جو مدار وري هوندو هو ملڪ جي آب و هوا تي، سنڌ ۾ گرمي بہ سخت پوندي هئي ۽ سردي بہ سخت. ساڳئي وقت ڪن موسمن ۾ هوا جي بہ قلت هوندي هئي، تنهنڪري جاءِ اها موزون سمجهي ٿي ويئي، جا سانوڻ ۾ ٿڌي ۽ سياري ۾ ڪوسي رهي ۽ نيچرل هوا جي گذر کان بہ محروم نہ هجي (ڇو تہ ان زماني ۾ نہ بجلي هئي، نہ ايئرڪنڊيشنر. نہ هيٽر.)

اسان جن ڪاريگرن تنهن ڪري هي اصول[3] ٺهرايا هئا تہ:

(1) ڀتيون ٿُلهيون موڪريون ۽ ڪچين سرن جون رکجن،

(2) ڇتيون تمام مٿاهيون هجن، جيئن اندر ڪمري جو ٽمپريچر سنڌيءَ طرح ٻاهرئين(يعني انتهائي گرم سرد ٽمپريچر کان) ناقابل برداشت حد تائين متاثر نہ ٿئي،

(3) ڪمرا (خاص طرح سان رهائش جا) تمام موڪرا رکيا وڃن،

(4) رهڻ وارن ڪمرن ٻاهران موڪرا وراندا هجن، جيئن سج جي تابش يا پارو اندرين ڪمرن کي گهٽ متاثر ڪري،

(5) ڇتيون ڪاٺ، ٽوئن، پٽرن، ٻُهہ، واريءَ ۽ مٽي جي ليپن تي مشتمل هجن. (لوهہ ۽ سرن جي ڇت ٽمپريچر کي روڪي نٿي سگهي).

---

[1] جيستائين پاڪستان اچي ڙوي اسلامي حڪومت قائم ڪئي فالحمد لله.

[2] افسوس آهي تہ اڄ تائين سنڌ جي مربوط تاريخ ڪنهن سنڌي نڪتہ رَس ڄاڻوءَ کان لکي ڪانہ پڳي آهي، فتحن ۽ شڪستين جا حقيقي اسباب ۽ انهن جا نفسياتي محرڪات قلمبند ٿيڻ کان رهجي ويا آهن. يعني سائنٽيفڪ اصولن تي تاريخ جي ترتيب ڪانہ ٿي آهي.

[3] انگريز انجنيئرن بہ هت تعمير لاءِ ساڳائي اصول بحال رکيا هئا. سندن دور جا بنگلا، ڪچهريون، ريلوي اسٽيشنن جون عمارتون ۽ عدالتون وغيره ڏسو.

(6) هوا لاءِ، هوا جي رخ کي مدنظر رکي ڇتين ۾ بادگير رکجن جيڪي ضرورت آهر کلي ۽ بند ٿي سگهن[1].

رهيو زيب زينت جو مسئلو، تنهن سلسلي ۾ سنڌ جا استاد اندر ئي اندر حد ڪري ڇڏيندا هئا: ڇتين، ٿنين ۽ ڪانيارن حصن تي ڪمانگري جو اهڙو ڪم ڪيائون ٿي جو جتي ان ڪم جا اجان تائين ڪجهه نشان بچيل آهن، سي سون سالن گذرڻ ڪان پوءِ به اهڙا پيا لڳن ڄڻ ڪالهوڻا آهن. ڏسيو يورپي آرٽ جي ڄاڻن جا به ڏند چپن سان لڳيو وڃن. درن ۽ درين تي اعليٰ درجي جي رنبيءَ جو ڪم ڪندا هئا ۽ اهڙا نقش نگار اُڪريندا هئا جو انهن کي ڏسيو ڪشميري ماهر به حيران ٿي ويندا هئا[2].

جيڪڏهن ان ڪان پوءِ به اجان زيبائش جي ڪا حاجت رهجي ٿي وئي ته اُها نصرپور ۽ هالن جي رنگ برنگ ڪاسيءَ جي سرن سان پوري ٿي ڪئي ويئي. اڄڪلهه آرٽ ۽ صنعت جي دنيا ۾ سنڌ جي ڪاسيءَ تي خاص تحقيق ٿيندي رهي آهي، محقق، ميرن جي دور جي ڪاسيءَ جو ايران جي ڪاسيءَ سان مقابلو ڪري، هن نتيجي تي پهتا آهن ته رنگن جي پڪائي، ساخت جي پختائي ۽ سانچي جي سڌائي ۾ سنڌ جي ڪاريگرن جو ڪم گهڻو بهتر هو[3].

هيءَ ته ٿيو سنڌي عمارت سازي Architecture جو بيروني خاڪو. پر ڪمرن جي اندرينءَ سجاوٽ لاءِ به سنڌين وٽ اعليٰ قسم جون شيون هونديون هيون. مثلاً جنديءَ تان لٿل رنگ برنگي فرنيچر: هندورا، سيجان، ڪٽون، طاق، ٽيبل، ڪرسيون، منجيون، جهليون، گلدان، جنهن شيءَ تي نظر پوي دل پيئي اُڏما ڪائي[4] . ڇا رنگ، ڇا رنگن جا قسم، ڇا رنگن جي ملاوٽ، ڇا ڊيزائن

---

[1] اوائل ۾ جڏهن انگريز سياح سنڌ ۾ اچڻ لڳا ته کين بادگيرن جو نظارو عجيب نظر آيو. پري ڪان ڏسي ائين گمان ڪرڻ لڳا ته سنڌين گهرن مان حفاظت لاءِ مورچا ٺاهيا آهن يا ڍالن سان لشڪر بيهاري ڇڏيا اٿن.

[2] سنڌ جي پراڻين جاين مان، مارڪس، اهڙا گهڻا آرٽ جا شهپارا پٽي وڪٽي ڇڏيا آهن. جيڪي ڪن نون مالدارن خريد ڪري آڻي پنهنجي بي زيب بنگلن ۾ ٽنبيا آهن. ڪراچي ۾ به ڪٿي ڪٿي ڏسي سگهجن ٿا. گهڻا ته ملڪ ڪان ٻاهر به هليا ويا آهن.

[3] جيڪڏهن اڄ قدر دان مري ويا، يا ڪاريگرن خود کي ڪوڙ ڪائي ريو، يا ان هنر جي سرپرستي ڪانه ٿي ته ان ۾ ڏوهه هنر جو نه آهي.

[4] ان زماني جا اسان جا ڪاريگر آرٽسٽ سان گڏ ايماندار به هوندا هئا، جيڪا شئي ٺاهيندا هئا سان دل سان(نه فقط پئسي ڪيڻ جي خيال سان). جيڪو رنگ استعمال ڪندا هئا سو سچو ۽ پختو هوندو هو. سوَن سالن ڪان پوءِ به نه رنگ ڦٽندو هو نه ان جي چمڪ ۾ فرق ايندو هو. مون پاڻ اهڙيون شيون ڏٺيون آهن جيڪي سوَن سالن ڪان پوءِ به نيون پيون لڳن. اهو ئي سبب هو جو سنڌ جي ڪاريگرن کي رنگن جو بادشاهه سمجهيو ويندو هو.

جي خوبي، ڇا گلن ٻوٽن جي نزاڪت، ڇا شين جي ساخت جي مجموعي نفاست - ڪمرا نہ لڳندا هئا، گويا گهر اندر باغ بوستان هوندا هئا [1]. تن تي وري رنگا رنگ پَٽ ۽ زريءَ جا پوش، جن تي ڪُنڍيءَ جي پرت، ڪاٺَن ۽ ٽُڪ جو اهڙو ڪم ٿيل جو انهن ڏني يورپ جون شاهي ٽيپسٽريون Tapestries (جن جي واکاڻ ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا ويا آهن) ڦِڪيون ۽ ٻُسيون پيون لڳن.

سيجن ۽ کٽن تي جيڪي نصرپور ۽ هالن جي ريشمي رنگين ۽ سون جي ڌاڳي مان اُٽيل کيس وڇايا ويندا هئا، تن جي ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر هوندي هئي! [2] ۽ تن جي ڪُندن تي وري ماشاءَ الله مَوڙن سان ميناڪاري [3] "سيج بند" ٻڌل ۽ حيدرآباد جي مشهور زر دوزن جي هٿن مان نڪتل وهاڻا سجيل!

انهن شين تي ويهڻ ۽ اُنهن کي ماڻڻ لاءِ ٻوٽيون بہ ڪپنديون هيون، جيڪي پڻ الله تعاليٰ جلشانہ ڪثرت سان سنڌ کي فراهم ڪري ڏنيون هيون. اُنهن جا قد بُت، شڪليون شبيهون، سُنهاريون ۽ شهپر اڄ اسان پنهنجن حالن سان پيٽي ڏسون ٿا تہ ائين پيو لڳي ڄڻ اسان کير، مکڻ، مهي، تازي هوا ۽ اٺن گهوڙن جي سواري کان محروم، شهري هوٽلن جون چانهيون پيئندڙ، جعلي

---

[1] فرنيچر جي آرٽ جي ماهرن کي سنڌ جي فرنيچر جي باري ۾ هڪ ڳالهہ کُڪندي هوندي - يعني هيءَ تہ سنڌ جو فرنيچر ڪڙي ۽ اُڀي شيپ جو هو، جنهن ۾ ويٺي ماڻهوءَ جي ڍهي پوڻ جو انتظام ڪونہ هوندو هو. مثلاً جيئن اڄڪلهہ جا ڪوڇ ۽ صوفا. پر کين بہ ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

پهرين تہ ان دَور جي ماڻهن جي چيلهين سان تراريون ٻڌل رهنديون هيون، جنهن ڪري کين ڪڙائي سان ويهڻو پوندو هو ۽ ويهڻ جي شين جي شيپ ڪڙو هوندو هو. هو ڪنهن اهڙيءَ شئي تي ويهي ڪونہ سگهندا هئا جو ترار ٻڌي بہ منجهس ڍهي پون.

ٻي ڳالهہ هيءَ تہ ان زماني جو يورپي خواهہ چيني فرنيچر بہ ساڳي طرح ڪَڙي شيپ جو هوندو هو جو تہ اُتي بہ ترار جو مسئلو هوندو هو. ڪوچ ڪونہ هوندا هئا، ڪوچن جي شيپ جون شيون صرف پيشہ ور عورتن جي عشرتڪدن لاءِ هونديون هيون. جتان جون ضرورتون سمجهہ ۾ اچڻ جهڙيون آهن.

[2] منهنجي پنهنجي پوئين زماني ۾ ايوب خان مرحوم اهڙو هڪ کيس سنڌ مان لهرائي تحفہ طور آمريڪا جي صدر ڪينيڊي جي زال کي ڏنو هو، جنهن کي وائٽ هائوس جي سينگار ۾ بہ سڀ کان مٿاهين ۽ معزز ترين جاءِ ملي. پراڻن کيسن جي مقابلي ۾ اهو کيس اڃا بہ معمولي هو.

[3] "ميناڪاري" سنڌ جو خاص آرٽ هوندو هو جيڪو افسوس ۽ شرم آهي تہ هينئر مري ويو آهي. سنڌ جا ماڻهو سُون جي زيورن کان زياده چانديءَ تي ميناڪاري ٿيل زيورن کي پسند ڪندا هئا ڇو تہ انهن ۾ رنگن جي آميزش ڪري وڌيڪ ڪشش هوندي هئي، تنهن کان سواءِ چانديءَ ۾ چمڪڻ جي بہ خاصيت هوندي هئي، جيڪا سون جي زيورن ۾ ڪانہ هئي، خود سون بہ انهن ڏينهن ۾ فقط 10 يا 12 روپئين تولو هوندو هو. حقيقت ۾ سنڌين جي نظر ۾ شين جي قيمت کان وڌيڪ آرٽ جو مان هوندو هو.

اُٺن ۽ گهوڙن کي بہ ميناڪاريءَ جي سازن سان سينگاريندا هئا جن جا ڪيئي قسم ۽ شيپ هوندا هئا.

گيھ ڪائيندڙ ۽ موٽرن تي پاڻ ڪائيندڙ چامڙا، ڊيندڙا، لوسي آهيون يا سڪي ۽ سُسي ويل مصر جون مميون[1].

* * *

سنڌ جي قديمي ڪلچر جو ذڪر ڇڙيو آهي تہ هلندي هڪ ٻيو نُڪتو واضح ڪرڻ بہ ضروري پيو لڳي.

سنڌين کي رنگن جي معاملي ۾ شروع کان قدرت طرفان خاص نظر عنايت ٿيل ٿي ڏسجي. هتان جي رهڻي ڪرڻي، اوڙهڻ وڇائڻ بلڪ ساري ماحول تي رنگ ڇانيل پئي رهيو آهي، يعني سنڌين کي رنگن، خاص طرح سان تِکن رنگن سان عشق هوندو هو.

اهڙن چٽن، ۽ ايتري قدر مختلف، رنگن سان ايتري چاهت گهٽ ڪري ٻئي ڪنهن ڪلچر ۾ ڪانہ نظر ايندي، هر شيءِ ۾ رنگ ۽ سو بہ ڳوڙهو ۽ چٽو رنگ جيڪو زور سان نگاهہ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو هجي! نفسياتي لحاظ سان اها خصوصيت بي معنيٰ ڪانہ ٿِي ٿي سگهي.

رنگن جي اثر بابت اڄڪلهہ ترقي يافتہ قومون گهڻي تحقيقات پيون ڪن. اُتان جا سائنسدان اڳ ۾ ئي ايتريقدر معلوم ڪري چڪا آهن تہ رنگن جو انساني طبيعتن، ماڻهوءَ جي صحت، نفسيات ۽ روح جي باليدگيءَ سان ڳوڙهو واسطو آهي. مختلف رنگ مختلف اثر رکن ٿا، مثلاً اکين لاءِ سائو رنگ علاج جو اثر رکي ٿو.

اڄ بہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ اوهان کي هڪ خاص شئي نظر ايندي. اُتان جون عورتون تيز رنگن جون گُلدار ڇيٽُون پهرين ٿيون. سو ڇو؟ ان لاءِ تہ سنڌ جي صحرائي ماحول ۾ رنگ پيدا ڪن. مغربي ڪلچر ۾ ان ڪيفيت کي نيچر جي فياضين جي گهٽتائي کي آرٽ سان پوري ڪرڻ جي ڪوشش چوندا آهن.

* * *

مون حيدرآباد ۾ ميرن جي زماني جون نهيل ڪي جايون ڏٺيون. قلعي اندر گهٽ ڪري، سندن دؤر جون گهڻيون جايون اڳ ۾ ئي ڊهي ويل هيون.

---

[1] تہ جا پراڻا فوٽو اڄوڪن فوٽن سان ملائي ڏسو، فرق معلوم ٿي ويندو. آمريڪا ۽ ڪن ٻين ترقي يافتہ ملڪن ۾ تہ باقاعده اها سائينٽيفڪ تحقيق ٿيندي رهي ٿي تہ نسلاً بعد نسلاً انساني تدبت رنگ ۽ اعضا ۾ ڪيترو ۽ ڪهڙو فرق ايندو رهي ٿو ۽ ان جا ڪارڻ ڪهڙا ٿين ٿا.

جيڪو ٺُڪر بچيل هو تنهن جي ديوارين تي ڪافي نقش نگار هو. سرڪار منجهس سروي آفيس رکي هئي. ٻيون جايون مون هاٿوڪيءَ لطيف آباد جي ڀر ۾ ڏٺيون، هزهائنس مير نور محمد مرحوم جي فرزند مير محمد بخش خان مرحوم ۽ مير علي بخش خان سرڪار جي حوالي هيون. محمد بخش خان وارو حصو ڦٽي چڪو هو، فقط پٿين تي شڪار تيل جانورن (سرهن، گڊن، هرڻن، ڦاڙهن) جي سڱن جون قطارون لڳل هيون. البت مير علي بخش خان جي حصي واري عمارت سنڀاليل ۽ چڱيءَ حالت ۾ رکيل هئي. منجهس گهڻو قيمتي ۽ پراڻو سامان موجود هو جنهن مان اڳوڻن بزرگن جي طرز رهائش جي جهلڪ ملي رهي هئي. ڪي نادر روزگار شيون به اجان بچي ويل هيون، مثلاً قلمي ڪتابن جا ڪي اڻلڀ نسخا، پر اڳتي هلي انهن جو ڇا حشر ٿيو تنهن جو پتو ڪونه اٿم. بعد جا گهڻا ٺي ڦورو ڪڍ پيل هُون.

مير علي بخش خان مرحوم واقعتاً شاهي نسل جو انسان لڳندو هو. مون ان کي ڏسي ٺي اڳئين نسل جي بزرگن متعلق اهي رايون قائم ڪيون جن جو مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان. هڪ ڀيرو ساڻس گڏ دهليءَ تائين ريل ۾ سفر ڪرڻ جو به موقعو حاصل ٿيو. پاڻ عليڳڙهه پئي ويو جتي پنهنجن صاحبزادن کي اعليٰ تعليم لاءِ ڇڏيو هئائين. ڪيس تار پهتي هئي ته سندس صاحبزادو اُتي بيمار ٿي پيو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ هينئر اوڏانهن وڃي رهيو هو. چوويهن ڪلاڪن جي سفر ۾ مير صاحب نه ننڊ ڪئي نه آرام ۽ نه پيٽ ڀري ڪاڏو ٺي ڪاڏائين. سارو وقت فرزند جي صحتيابيءَ لاءِ نفل پڙهندو رهيو ۽ دعائون چوڪارينده رهيو. سندس بيقراريءَ جو نقشو، اڄ به تقريباً چاليهن سالن گذري وڃڻ ڪان پوءِ، به منهنجين اکين اڳيان پيو ڦري. قداور مڙس هو، بُت ۾ موزون، رنگ ڪٽڪائو، چهرو گول، گفتگو خواهه اُٿڻ ويهڻ جو انداز اميراڻو، البت زماني جي انقلاب ڪري جيڪي ڪجهه سندس خاندان سان ٿي گذريو هو تنهن جي جهلڪ سندس اکين جي نماڻائپ مان هينئر به بکي پئي.

مجموعي طرح سندن جاين، خواهه "ٺنڊي" تي انتهائي ويراني ۽ مايوسيءَ جي فضا ڇانيل هئي. جونڊا آهن سچ به پاڇا ٿئي ٿو، اُن جو منظر اُتي موجود هو. جنهن جاءِ تي بادشاهي ڪري چڪا هئا، اُتي رعيتي تي غربت ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهڻو پيو هُون. سندن حڪومت وڃڻ ڪانپوءِ، سندن

در جي نوڪرن، وزيرن ۽ خدمتگارن به ڊوڙي وڃي انگريز وٽان جاگيرون ورتيون هيون. پر هي پاڻ پنهنجي خودداريءَ سببان، تهي دست رهجي ويل هئا. انگريز ڪجهه نقد پينشن ضرور مقرر ڪئي هون، پر اها پڻ پيڙهي به پيڙهيءَ گهٽجي ندارد جي حد کي پهچي چڪي هئي. پيو ڪو مال و زر انگريزن وٽن ڪونه ڇڏيو هو. مياڻي کان پوءِ انگريزن قلعي ۾ گهڙي جيڪا ڦُرلُٽ ڪئي هئي. تنهن جو ذڪر ان دؤر جي تاريخي ڪتابن ۾ موجود آهي، ظالم ان حد تائين ليڪا لنگهي ويا هئا جو مستو رات ۽ معصوم شهزادين جي ڪَنن مان ٻُندڙا پٽيندي به شرم حياءُ ڪونه آيو هون. آخر ڦُر واري مال جي ورهاڱي تي پاڻ ۾ وڙهي به پيا هئا ۽ هڪٻئي جا پول پڌرا ڪري انگريز قوم کي ايتريقدر بدنام ڪيو هئائون جو لنڊن ۾ انگريزن کي سرڪاري طرح "فاتح سنڌ" نيپئر جي يادگار نهرائڻ جي به جرئت ڪانه ٿي ۽ نيپئر جي ذاتي دوستن ۽ پراڻن لشڪرين کي خانگي طرح، پنهنجي هڙان چندو ڪري لنڊن جي ٽرفلگار چوڪ ۾، سندس بُت ڪڙو ڪرائڻو پيو[1] .

حيدرآباد جي ٻاهران ميرن جا پيا به ڳوٺ هئا، جن کي "ٽنڊا" سڏيندا هئا (۽ اڄان تائين پيا سڏين). اهڙي هڪ ٽنڊي ۾ منهنجا به مرحوم دوست مير حاجي شهداد خان ۽ مير فضل علي خان رهندا هئا جن جي سنگت مان مستفيد ٿيڻ جا گهڻا موقعا مليا. مير شهداد خان بندوق جو نادر روزگار نشانه باز هوندو هو، مير فضل علي خان کي موسيقيءَ جو چاٽو ۽ پکواز وڄائڻ جو لاثاني استاد ڪري مڃيندا هئا. اهڙا دل وندرائيندڙ دوست هئا جو انهن جهڙا انسان اڄ ملڻ دشوار پيا نظر اچن. شايد اها انساني جنس ئي ختم ٿي ويئي.

*   *   *

سنڌ جي فن عمارت سازيءَ ۽ ٽائون پلاننگ جي هڪ ٻي خصوصيت به ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. شهرن اندر ماڻهو جدا جدا محلن ۾ رهندا هئا ۽ محلن جو نقشو اهڙو رکندا هئا جو جيڪڏهن ٻاهران ڪو حملو ٿئي ته هڪ ئي دروازي يا گهٽيءَ جي منهن کي بند ڪرڻ سان ساري محلي جا گهر محفوظ ٿي

[1] نيپئر کي ان ڦرلٽ مان ايترو حصو مليو هو جو هو ان مان جاءِ به خريد ڪري سگهيو هو ۽ باقي عمر قوت گذر به ڪندو رهيو هو.

وڃن[1] ، گهٽيون سوڙهيون رکندا هئا ۽ محلن جي چوڌاري گهٽو ڪري ديواريون ڪڙيون ڪري ڇڏيندا هئا. جيئن حفاظت جي حفاظت بہ هجي ۽ پردي جو پردو بہ. گهٽين سوڙهي هجڻ ڪري هر وقت منجهن ڇانو هوندي هئي. مکيہ بازارين کي ڇتان ڍڪ بہ هوندا هئا. حيدرآباد جا هندو پنهنجن محلن ۾ رهندا هئا ۽ مسلمان ٽنڊن يا پڙن ۾ - ميمڻ سيلاوٽن کي علحده پاڙا هوندا هئا.

حيدرآباد شهر جو اوائلي نقشو هيءُ هوندو هو تہ سرڪاري مرڪز قلعي اندر هوندو هو. قلعي جي دروازي وٽان "شاهي بازار" نڪرندي هئي جيڪا ميل کن تائين هلي ويندي هئي[2] ، هر شيءِ اتاهون جي دڪانن ۾ موجود هوندي هئي، خاص طره سان مقامي مصنوعات، جن جون ڪجهہ نشانيون دل کي ڏاڍو آئڙنديون هيون - مثلاً - قسما قسم لونگين، سُوسين، گربين، اجرڪن، ڪيسن، ڪُهنبن ۽ ڇُريل چادرن جا ڍير، ڪاسني ۽ ڪٽ جا ٿانو، انن گهوڙن جا سنج ۽ ٻيا سامان، پاتولڪو ڪم، مقامي ڪاريگرن جون ناهيل تراريون ۽ منهن جي ڀرجڻ واريون بندوقون (جن جي ساري مشرقي دنيا ۾ مشهوري هوندي هئي، ان هنر هت ايتري ترقي ڪئي هئي جو ٻاهرين ملڪن جي حڪومتن بہ هتان جا ڪاريگر پاڻ وٽ ويهاريا هئا)، سون، چاندي ۽ ميناڪاري جا زيور (نَهن کان چوٽيءَ تائين جسم جي هر حصي لاءِ ڪونہ ڪو زيور هو)، زردوزيءَ جو ڪاروبار جنهن فن جو ڏاڍو رواج هوندو هو (ماٿهو ڍگهين سرائڪين خواه وينوڙين ٽوپين، صدرين، چولن ۽ شلوارن جي پاچن تي اڪثر زريءَ جو ڪم ڪرائيندا هئا)، هيرا، موتي ۽ ٻيا جواهرات، پسار، ناياب جڙيون ٻوٽيون، عطر ۽ قسما قسم خوشبو جي سامان جا ذخيره، قلمي ڪتابن جا انبار، سرازڪي هنر جا شهپارا، مناٻون وغيره وغيره.

اڄ کان پنجاهہ سال اڳ مون ان بازار جو ديدار ڪيو، اوستائين اجان منجهس گهٽي رونق هئي.

انگريز آئي کان پوءِ شهرن لڳ جدا ڇانوڻيون پيون، جت انگريز آفيسرن لاءِ بنگلا ۽ سپاهين لاءِ بيرڪون نهيون. انهن ڇانوڻين جي وچ پاسي ۾

---

[1] انهن ڏينهن ۾ ٻاهرين ملڪن مان ڦرلٽ ۽ مارڌار لاءِ گهليون چڙهي ايندڙيون هيون. مدد خان پٺاڻ واري گهل سنڌ جي تاريخ جو هڪ دردناڪ واقعو آهي.

[2] اِها اڄ بہ موجود آهي.

دڪانن جو بہ بندوبست رکيل هوندو هو. حيدرآباد جي ڇانوڻيءَ ۾، جنهن کي "صدر" سڏيندا هئا، انگريزن جي لشڪر سان گڏ ٻاهران آيل واپارين، ڪڇي ميمڻن، پارسين، بمبئي جي بوهرين ۽ گجراتي کوجن جا وڏا وڏا دڪان هئا، جن کي مقامي ماڻهو "چاپون" سڏيندا هئا. انهن دڪانن ۾ زياده تر ولايت مان گهرايل سامان Imported Goods ملندو هو، جنهن جا خريدار انگريز خود هوندا هئا.

*　　*　　*

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ حيدرآباد جي معاشري ۾ هڪ بيو عنصر بہ اچي داخل ٿيو هو - يعني طوائفون جيڪي مارواڙ پاسي کان سنڌ ۾ گهڙي، حيدرآباد ۾ اچي رهڻ لڳيون هيون.

اسلامي دؤر ۾ سنڌ اندر فحش ڪاري جا اڏا ڪونہ هوندا هئا[1] جنهن عورت جو خدانخواستہ پير ترڪيو ٿي تنهن کي "ڪاري" ڪري ترار يا ڪهاڙيءَ هيٺان لنگهائي ختم ڪري ڇڏيائون. نيپئر کي سنڌي معاشري جو اهو پهلو خاص طرح سان نمايان نظر آيو هو جنهن کي مِٽائڻ لاءِ هن گهڻيون ڪوششون ڪيون هيون، پر ڪامياب ڪونہ ٿيو هو، اها رسم ٻهراڙيءَ ۾ ٿوري يا گهڻي اڄ تائين هلندي ٿي رهي.

حيدرآباد ۾ انگريزن جي مهربانيءَ سان انهن طوائفن کي خاص محلي کي وسائي ان ۾ کونا ناهي پنهنجي مخصوص ڪاروبار هلائڻ جي اجازت ملي ويئي هئي ۽ سالن گذرندي ترقي ڪري اهو محلو تمام رونق دار بڻجي

---

[1] سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ نيپئر ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن کي (جيڪو اڳتي هلي سر رچرڊ برٽن مشهور مصنف ۽ سياح بڻيو ۽ جنهن سنڌ تي بہ ٽي ڪتاب لکيا) ان ڪم تي رکيو تہ هو فوجي ڇانوڻين وارن شهرن جي جنسي لائف جي باري ۾ معلومات گڏ ڪري رپورٽ پيش ڪري. برٽن ڪراچي کان اهو ڪم شروع ڪيو ۽ اها رپورٽ پيش ڪيائين. جيڪا نيپئر کي ساڙائڻي پئي ۽ رپورٽ جي مصنف کي نوڪريءَ مان رخصت ڪرڻو پيو. اڄ تائين دنيا جا محقق ڪوشش ڪندا رهيا آهن تہ ان رپورٽ جي ڪا ڪاپي هٿ لڳين، پر ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيا آهن، چون ٿا تہ برٽن، ڪتاب Arabian Nights تي جيڪو شهره آفاق مقدمو لکيو آهي، تنهن ۾ ان رپورٽ وارو مواد ڏنو اٿائين، توڙي جو پڪ سان چئي نہ ٿو سگهجي، ڇو تہ ڪنهن پاڻ اها رپورٽ ڏٺي ڪانہ آهي.
بهرحال رپورٽ ۾ ڪهڙو احوال ڏنل هوندو؟ اندازو لڳايو وڃي ٿو تہ ان ۾ هي لکيو هوائين تہ ڪراچيءَ ۾ فحش عورتون ڪونہ هونديون هيون، جنهنڪري انگريز سولجرن جي نفساني خواهشات پوري ڪرڻ لاءِ ٻاهرين ٻهڻا ڇوڪرا گهرائي، انهن جا اڏا ڪولرايا ويا هئا. حقيقت بہ اها ٿي هئي.
ڏسجي پيو تہ نيپئر کي برٽن تي ڪاوڙجڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ هن پنهنجي رپورٽ ۾ انگريز سولجرن جي بداخلاقيءَ جي نشاندهي ڪئي هئي.

ويل هو. عام زبان ۾ ان کي ماڙيچڙن جو محلو سڏيندا هئا. وقت جون وڏيون وڏيون نالي واريون حسينائون ۽ ڳائڻيون بين صوبن مان هلي اچي ات مچڻ مچائي ويهي رهيون هيون.

ميرن وئي شرعي قانون جو نفاذ ختم ٿي ويل هو. هينئر اهڙن ڪمن جي آزادي هئي، تنهنڪري سنڌ جي وڏ وڏيرن ۽ سيٺين ان سهولت جو خوب فائدو پي ورتو.

حيدرآباد جي اشراف شهرين ان صورتحال تي ڪو گهڻو اعتراض به ڪونه ٿي ورتو ڇو ته هنن سمجهيو ٿي ته ان طريقي سان بدڪاري هڪ خاص علائقي تائين محدود ٿي وئي هئي ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ بلڪ گهر گهر ڪانه ٿي پکڙي.

پر زردار تماشبينن لاءِ مزو ٿي ويو. فصل وڪيون، پئسا ڇيلهه سان ٻڌيون، ات بينا هوندا هئا. گهڻا ويچارا ته پنهنجي دولت ڪپائي ڪنگال ٿي ويا.

ڏاڍيون روايتون ۽ دلچسپ ڪهاڻيون ان محلي اندر ٿيندڙ ڪارگذارين بنسبت سنڌ اندر پکڙيون رهيون.

مثلاً مشهور آهي ته ڪي ٽي ڀيڻرون راجپوتانا مان هلي اچي ان محلي ۾ رهيون، جن تي وڏا وڏا، ڏسڻا وائسڻا ماڻهو، مسلمان خواهه هندو، وڪيل خواهه سياستدان فريفته هوندا هئا. آخر ۾ انهن عورتن مان ٻن وڃي مسلمان اميرن جا گهر وسايا ۽ ايتري قدر وفادار ۽ سليقه واريون ثابت ٿيون جو پنهنجن مڙسن کي ماڻهو بڻائي دنيوي اقبال جي اوج تي پهچائي ڇڏيائون، يعني سندن زندگي مثالي ليکجڻ ۾ آئي.

ٽينءَ ڀيڻ جي باري ۾ مشهور آهي ته هن هڪ هندو سيٺ سان (جيڪو صوفي خيالن جو هو) وڃي ويني، ڪجهه عرصي کان پوءِ سيٺ گذاري ويو. عورت جا مائٽ مڙي وڃي مٿس زور رکڻ لڳا ته هوءَ موٽي هلي پنهنجي اڳين زندگي دوباره جاري ڪري. پر مائي فيصلو ڪيو ته هوءَ مڙس جي ڪکن اندر ئي مري ختم ٿيندي. سو مائٽن کي ٻچڙو ڪري موٽائي ڇڏڻ خاطر هن راتو رات پنهنجي مٿي تي پاڪي گهمارائي، روڏي ٿي، صبح جو اچي ڪائڻ پڇڻ لڳي ته "ڇا منهنجن هنن حالن ڪان پوءِ به ڪو منهنجو خريدار ٿيندو؟"

مائٽ نااميد ٿي هليا ويا. سنڌيءَ ۾ چوڻي هئي ته:

"ڀُلي ڀُلي جا پاڙ آئي، سا به نه ڀُلي."

* * *

ميرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جا چار گروپ هوندا هئا:

(1) سندن طرفدار ٻروچ، جن جي حوالي فوجي ڪم هوندو هو،

(2) سنڌ جا غير ٻروچ، اصل رهاڪو، جيڪي پوکيءَ راهي جي حوالي هوندا هئا،

(3) هندو عامل، جن جي سپرد سول انتظام هوندو هو،

(4) هندو "ڀائي بند" جيڪي واپار ڪندا هئا.

انهن چئني ڌرين جا ڪم ۽ آمدني جا ذريعا جدا جدا هوندا هئا، جنهنڪري سنڌ جو معاشرو اندروني معاشي ڇڻاڀيڻي کان بچيل رهيو ٿي.

جنهن صورت ۾ حيدرآباد ۾ حڪومت جو مرڪز هو، تنهن صورت ۾ اهو شهر هندو عاملن جو بہ مرڪز ٿي ويو هو، ڇو تہ عامل حڪومت جو انتظام هلائيندا هئا، تنهنڪري ڪين حاڪمن جي ويجهڙائيءَ ۾ ئي سڪونت اختيار ڪرڻي پئي ٿي. رهڻ لاءِ انهن جا پنهنجا پاڙا هوندا هئا، هڪبئي سان ڳُتيل، شاهي بازار جي ٻنهي پاسن کان. پردي جو رواج هندو مسلمانن ۾ هڪ جهڙو هوندو هو جنهنڪري محلن ۽ جاين جو نقشو اهڙو رکيو هوائون جو بي پردگيءَ جو امڪان ڪونہ رهيو هو.

هيرآباد وارو حصو انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ٺهيو ۽ پردي جي گهٽجي وڃڻ ڪري "پيرس" سڏجڻ لڳو. شوقين هينئر شام ويلي وڏين گاڏين ۾ سوار ٿي انهيءَ پاڙي ۾ هوا خوري ڪرڻ لڳا هئا.

هڪ ڳالهہ هيرآباد جي جاين جي باري ۾ مون خاص طرح سان نوٽ ڪئي. هندو عاملن پنهنجون جايون محلاتن جي پيماني تي ڪونہ ٺهرايون، اهڙيون ٺهرايائون جن ۾ ماڻهو فقط آرام سان رهي سگهي ۽ بس. انهن جاين جي پيٽ پوءِ جي ڪالونين ۽ سوسائٽين سان ڪري ڏسبي تہ ذهنتين ۽ مالداري جي معيارن جو فرق معلوم ٿي ويندو.

البتہ هندو "ڀائي بندن" جن جا واپار ٻاهرين ملڪن سان هوندا هئا ۽ جيڪي اتان لک ڪمائي آڻي پنهنجي وطن سنڌ ۾ صرف ڪندا هئا، انگريزن جي دؤر ۾ وڏيون وڏيون محلاتون ٺهرايون. مثلاً: تلڪ چاڙهي وٽ پوهو ڪياڻي بلڊنگ، مکي گوبند رام جي جاءِ ۽ گاڏي کاتي ۾ ڀائي پرتاب جو محل. انهن ڏسندي هيءُ بہ محسوس ٿيندو هو تہ حقيقي دولت هندو واپارين يعني "ڀائي

بندن" وٽ آهي جن جي مقابلي ۾ هندو سرڪاري ڪامورا، يعني عامل مشڪل سان "مڃي مانيءَ" جي لائق آهن. اڻ سڌيءَ طرح اهو مطلب به نڪتو ٿي ته هندو عاملن يعني سرڪار ڪامورن ملڪ کي نسبتاً گهڻ ڦُريو ٿي.

* * *

هڪ دفعي مون هيءَ تحقيق ڪرڻ گهري ته انهن هندو عاملن ۾ انتظامي اهليت Administrative Efficiency ڪيتري قدر هئي.

مون ولايت خط لکي سنڌ جي رٽائرڊ ڪمشنر سر پيٽرڪ ڪيڊل Sir Patrick Cadell جي راءِ گهرائي: اهو انگريز چاليهه سال سنڌ ۾ نوڪري ڪري چڪو هو، اسسٽنٽ ڪليڪٽري کان هلي ڪمشنري تائين پهتو هو. سنڌ کان ٻاهر هو ڪن رياستن جو وزيراعظم به رهي چڪو هو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ افريقا ۾ به وڏو آفيسر ٿي رهيو هو.

مون ڏانهن لکي موڪليائين ته هن پنهنجي ساريءَ نوڪري اندر انتظامي امور ۾ حيدرآبادي عاملن جهڙا هوشيار، چست ۽ اعليٰ کان اعليٰ صلاحيتون رکندڙ اهلڪار ڪونه ڏٺا.

منهنجو پنهنجو مشاهدو به ساڳيو ئي رهيو. توڙي جو نسبتاً محدود هو. بالعموم هو هٿ صاف رکندا هئا تنهنڪري باصلاحيت ۽ هوشيار هجڻ سان گڏ ضمير ۽ جرئت وارا به هوندا هئا. اصول جي ڳالهين تي مون معمولي کان معمولي عامل ڪاموري کي وڏي کان وڏي انگريز آفيسر سان شديد اختلاف ڪندي ڏٺو. انصاف ۽ قانون جي معاملي ۾ هو غريب ۽ وڏي ماڻهوءَ جي وچ ۾ بنهه فرق ڪونه ڪندا هئا، ٻاڻ غريب سان ٿوري گهڻي رعايت ڪري وٺندا هئا.[1]

اعليٰ تعليم ورتل هوندي هُون، صدين کان وٺي حڪومتن سان وابسته رهڻ ڪري، انتظامي ۽ انساني اقتدار متعلق سندن احساس تيز ۽ اصول پُختا هوندا هئا. ڪوهه جي ڏيڏر وانگر نگاهه يا شعور محدود ڪونه هوندو هون. مون گهڻن سان گفتگو ڪري ڏٺي. معلومات ايتري قدر وسيع هوندي هون جو ائين پيو لڳندو هو ته هو نه فقط سرڪاري عملدار آهن، پر پنهنجي جاءِ تي اهل علم به آهن. ڪهڙن جا نالا وٺي ڪهڙن جا وٺجن؟ جيڪي سرڪاري نوڪري ۾ ويا، تن اتي نالو

[1] البته پڇاڙيءَ وارن سالن ۾ منجهان ڪن ماڻهن جي دماغن کي فرقه وارانه تعصب جي بيماري وڪوڙي ويئي هئي.

ڪڍيو، جيڪي نوڪريءَ کان ٻاهر رهيا. تن تعليمي ۽ سماجي اصلاح جي سلسلي ۾ رفارمر جو مقام حاصل ڪيو. تعداد ۾ هو ايترا گهٽا هئا ۽ سندن ڪارناما ۽ ڪمالات ايتريقدر مختلف النوع هئا جو انهن جي تفصيلي ذڪر لاءِ ڪيئي ڪتاب گهرجن. انهن جون زندگيون اسان مسلمانن جي نئين نسل لاءِ سبق آموز ٿي سگهن ٿيون. (جيڪو ڪم هو پنهنجي قوم جي بهتري لاءِ ڪندا هئا، سو اسان جا ماڻهو به پنهنجي لاءِ ڪري سگهن ٿا.)

*　　*　　*

انهن عاملن جو ڪرپالاڻي خاندان هڪ مثالي خاندان هو. منجهان ڪن سرڪاري نوڪري ۾ آءِ.سي.ايس بڻجي هندستان جي انتظاميا ۾ چوٽيءَ جا عهدا حاصل ڪيا، ڪي سياست ۾ داخل ٿيا ته ايڏو مرتبو حاصل ڪيائون جو خود هندستان جي آزاديءَ وقت آل انڊيا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ به هڪ ڪرپالاڻي هو. هڪ ڪرپالاڻيءَ مشرف به اسلام ٿي، وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. مطلب ته جو شخص جنهن ميدان ۾ به گهڙيو اُت ڪمال ڪري ڏيکاريائين.

شيخ عبدالرحيم مرحوم، آچاريا جيوترام ڪرپالاڻي جو وڏو ڀاءُ هو. جيوت رام اهو ئي شخص هو، جيڪو هندستان جي آزاديءَ جي وقت آل انڊيا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ هو. عبدالرحيم مرحوم اسلامي تعليمات کان متاثر ٿي مسلمان ٿيو هو، هو نه فقط پاڻ مسلمان ٿيو هو، پر حيدرآباد جي ساري هندڪار ۾ هڪ وقت ٿاڪوڙو وجهي ڇڏيو هئائين.

اڄڪلهه جا سچا ڪوڙا مؤرخ اڪثر ريشمي رومال واريءَ "تحريڪ" جو ذڪر ڇيڙيندا رهن ٿا. اها ڪا "تحريڪ" ڪانه هئي. اُن جي ڪائنات صرف هڪ خط تائين محدود هئي، جيڪو خط مولانا عبيدالله سنڌي رحمة عليه، ڦڪي رنگ جي ريشمي رومال تي لکي، ڪابل منجهان انهيءَ شيخ عبدالرحيم حيدرآباديءَ ڏانهن، هن هدايت سان روانو ڪيو هو ته پاڻ مڪي شريف وڃي حضرت شيخ الهند کي پهچائي ڏئي. ان واقعي جو مفصل ذڪر امام عبيدالله واري بيان ۾ اڳي ويل آهي. هت آءٌ اشارتاً ان جو حوالو ڏئي رهيو آهيان، محض هن نُڪتي واضح ڪرڻ خاطر ته شيخ عبدالرحيم مرحوم مسلمان ٿيڻ کان پوءِ اسلامي سياست ۾ ڪيترو نه اهم مقام حاصل ڪيو.

هينيون دلچسپ قصو شيخ عبدالرحيم جو مون کي مرحوم مغفور شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ٻڌايو. اسان ٻئي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس (1941ع) واري ۾ شامل ٿيڻ لاءِ گڏجي ريل ۾ مدراس وڃي رهيا هئاسين، رستي ۾ شيخ صاحب ان دؤران جا چشم ديد واقعات بيان ڪندو ٿي هليو (انهن مان گهڻا ته هينئر وسري ويل آهن.)

شيخ صاحب فرمايو ته جڏهن شيخ عبدالرحيم پنهنجي آڪَهه سوڌو مذهب اسلام اختيار ڪيو ته حيدرآباد جي هندن ۾ ڏاڍو ڌهڪاءُ پئجي ويو. شديد ايجيٽيشن شروع ڪيائون، اسلام ۽ مسلمانن خلاف پروپيگنڊا جو طوفان بپا ڪيائون، فساد ڪرايائون، فوجداري ڪيس داخل ڪيائون، غرض شيخ عبدالرحيم کي مجبور ڪري مرتد بڻائڻ ۽ ٻين هندو گهراڻن کي سندس مثال تي لڳي مسلمان ٿيڻ کان روڪڻ خاطر جيترا حيلا ۽ دباءَ جا طريقا تصور ۾ اچي سگهيا ٿي، سي سڀ هلايائون. پر شيخ عبدالرحيم نه صرف پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو، پاڻ باقي عاملن کي به اسلام ۾ آڻڻ، بلڪ جملي اسلامي تحريڪن کي فروغ ڏيڻ لاءِ اڳ کان اڳرو ٿي رهيو.

هڪ فوجداري مقدمو هندن جو، شيخ صاحب خلاف ريو J.L.Rieu صاحب ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ به هلي رهيو هو، هر حاضريءَ تي هندو مسلمانن جا هشام اچي عدالت ۾ مڙندا هئا، ڏاڍي جوش ۽ جذبي جو عالم رهندو هو. شاهدين پوري ٿيڻ کان پوءِ جيئن هندن جو مکيه وڪيل پنهنجي"زبردست تقرير" ڪرڻ لاءِ اٿيو ته پنيانس ڪنهن شخص معلوم جاءِ تي زور سان آگر وهائي ڪڍيس، وڪيل صاحب ٽپ ڏئي پوئتي ڏنو ۽ دانهن ڪري مئجسٽريٽ کي چيائين:

. "Sir! Sir!! Sir!!! Some Mussla has given me........"

"صاحب - صاحب - صاحب! ڪنهن مُسلي اسان کي......هڻي ڪڍي آهي."

پر ريو صاحب خود سان ڪڏهن اهڙي واردات ٿيل ڪانه هئي، تنهن ڪري هو ان فعل جي معنيٰ ۽ سنگيني سمجهي ڪانه ٿي سگهيو، سو وڪيل کان سوال ڪيائين ته:

يعني "........ ڇا آهي؟"

وڪيل ويچاري معنيٰ بيان ڪندي ڏاڍي گف هنئي، پر صاحب کي هن کان وڌيڪ سمجهائي نـ سگهيو تـ ڪو مسلمان سندس جسم جي پنئين حصي تي آگر رکڻ جي جرئت ڪري چڪو هو.

ريو صاحب کي پوءِ بـ پوريءَ طرح ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانـ وينـي. فرمايائين: "آگر رکيائين تـ چا تي پيو؟" البتہ مسلمانن کي هدايت ڪيائين تـ:

"ديوان کي ...... نـ هڻو، چو تـ هو اعتراض ڪري ٿو."

ڳالهہ رفع دفع ٿي وئي، وڪيل تقرير ختم ڪئي، ريو صاحب شيخ صاحب خلاف مقدمو ڊسمس ڪري ڇڏيو.

شيخ عبدالمجيد مرحوم پاڻ ان ڏينهن ڪورٽ ۾ موجود رهيو هو، ڏاڍي لطيف انداز ۾ ان واقعي جي تصوير ٽي ڪينچيائين.

* * *

مجموعي طرح حيدرآباد جي تصوير جا بہ پاسا هئا.

(1) **هڪ طرف** هندن جو پاسو هو، جن ميرن جي صاحبي کان پوءِ بـ ڏاڍي ترقي ڪئي. هندستان جي تاريخ جي ڄاڻن کي معلوم آهي تـ انگريزن جي دؤر شروع ٿيندي ئي بنگال جي هندن ۾ هڪدم اهو احساس پيدا ٿيو تـ زمانو ڦري چڪو آهي، تنهنڪري هينئر پنهنجي سماج جي زندگي کي ان نئين زماني جي تقاضائن مطابق ڍالڻ گهرجي. اتان جا مسلمان تـ اڃان پلاسيءَ واري شڪست جا روئڻا روئي رهيا هئا، مگر هندن حقيقت شناسيءَ کان ڪم ورتي، بنا وقت وڃائي، رام موهن راءِ، سري آربندو گهوش ۽ ٻين ليڊرن جي رهنمائي هيٺ پنهنجي قوم کي نـون اقدارن New Values سـان آشنا ڪري ڪيـن نئيـن دنيا ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان ۾ باوقار زندگي گذارڻ لاءِ بنياد کان وٺي چوٽيءَ تائين ويهين صديءَ جي سانچي ۾ ڍالي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني.

هت سنڌ ۾، حيدرآباد جي هندن بہ انهـن بنگالي هندن جي مثال کي سامهون رکي پنهنجي سماجي تعمير نو جو ڪم جاري ڪيو هو. ڪين چڱا چڱا رفارمر ملي ويل هئا. ڏيارام گدومل شاهاڻي، ڏيارام جيٺمل (جنهـن جي نـالي سان ڪراچيءَ جي پهرين آرٽس ڪاليج منسوب آهي)، ساڌو هيرانند، ديوان مينارام، ساڌو نولراءِ، ديوان ڪوڙومل چندن مل، ديوان بهادر هيرانند کيم سنگهہ، ساڌو ٽي. ايل واسواڻي ۽ ٻيا ڪيترا. سندن ڪوششن ۽ انهن ڪوششن ۾ سندن ڪامرانين جا قصا ڏاڍا طويل آهن جن ڏيڻ کان مجبوراً هت گريز

ڪريان ٿو صرف ٻه اصولي نُڪتا بيان ڪرڻ ڪافي ٿيندا: هڪڙو هيءُ ته انهن رفارمرن هندو سماج کي پيڙهه کان وٺي مٿي تائين اهڙيءَ طرح تعمير ڪيو جو انساني زندگيءَ يا ضرورت جو ڪو پهلو عورتن خواه مردن، ٻارن خواه پوڙهن، صحتمندن خواه بيمارن متعلق سندن اصلاحي عمل جي پڪيڙ کان ٻاهر يا محروم رهجي ڪونه ويو. هر ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ ادارا کوليائون، هر اداري کي مشنري اسپرٽ سان موزون ترين ماڻهن هٿان هلارايائون، ۽ هر تعميري ڪم لاءِ دل کولي دولت ڏنائون. حيدرآباد ان ڪري سنڌ جي هندن لاءِ اهڙو ئي مرڪز بڻجي پيو، جهڙو بنگال جي هندن لاءِ ڪلڪتي جو شهر هو.

ٻيو نُڪتو هيءُ آهي ته قومي تعمير لاءِ سندن عمل، غير هندن لاءِ به سبق آموز هو.

(2) حيدرآباد جي تصوير جي ٻئي رخ مسلمانن سان تعلق ٿي رکيو. اُهي به وقت جي غير مساعد[1]حالات هوندي، هرويرو معدوم ٿي ڪونه چڪا هئا. مثلاً خانبهادر حسن علي آفندي جو خاندان، مرزا صاحبن جو خاندان، آغا اسماعيل شاه وارن جو خاندان يا منشي نجم الدين جو خاندان. خانبهادر حسن علي مرحوم، تعليم ۽ سياسي معاملات ۾ اڪيلي سر ۽ هٿين خالي اهو ڪم ڪري ڏيکاريو، جيڪو هندن ٻاران سندن رفارمرن جو هڪ وڏو گروپ گڏجي ڪري سگهيو هو. جيڪڏهن اهو شخص نه هجي ها ته خبر نه آهي مسلمانن جو ڇا حال ٿئي ها. مرزا صاحبن جي خاندان به وڏا احسان ڪيا: هڪ ته سرڪاري ملازمت ۾ اهڙا ماڻهو موڪليائون جن ايمانداري خواه اهليت ۽ صلاحيت جي لحاظ سان هندو عاملن جي ڀيٽ ۾ مسلمانن جو مُنهن مٿي ڪيو، ٻيو سنڌي لٽريچر کي زنده رکيائون. مرحوم مرزا قليچ بيگ تنها قلم هلائڻ ۾ اهڙي ۽ ايتري جفا ڪشي ڪئي جو جيترو مواد وقت جا سمورا هندو اهل قلم گڏجي مهيا ڪري سگهيا هئا، اوترو بلڪ ان کان زياده علمي خزانو هن هڪ بزرگ فراهم ڪري ڏنو.

1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان جدا ٿي، ان زماني ۾ ڪراچي جي انگريزي اخبار سنڌ آبزرور لاءِ مون کي "سنڌ اندر رشوتخوريءَ[2]" جي سروي ڪرڻي پئي

---

[1] تازو شڪست کائي حڪومت وڃائي ويٺا هئا. تنهن حڪومت جي ساڻن همدردي ڪانه هئي.

[2] حالانڪ پوئين زماني جي مقابلي ۾ ان زماني ۾ رشوتخوري نه جي برابر هوندي هئي: ڪامورا پئسي کان وڌيڪ پنهنجي عزت ۽ نيڪ نامي جو خيال رکندا هئا.

هئي، جنهن جي آڈار تي مون هڪ طويل سلسلو مضامين جو بہ سپرد قلم ڪيو هو. ان سروي جي دوران مون کي معلوم ٿيو تہ سرڪاري ملازمت جي دوران ۾ مرزا خاندان جي آفيسرن، ايمانداري، شرافت، انتظامي صلاحيت ۽ انصاف پروري ۾ اهڙو ريڪارڊ قائم ڪيو هو جو ان کي ڏسي هندو عامل ڇا بلڪ انگريز حڪمرانن جون بہ اکيون هيٺ ٿي ويندڀون هيون. منجهان گهڻا صاحب سرڪاري نوڪرين سان وابستہ رهيا هئا. مثلاً: مرزا قليچ بيگ، مرزا صادق علي بيگ، مرزا علي نواز بيگ، مرزا منوچهر بيگ، مرزا سدبني بيگ، مرزا سڪندر بيگ (سرڪاري وڪيل)، مرزا فرخ بيگ (سرڪاري وڪيل)، مرزا نادر بيگ ۽ ٻيا (سڀني جي روحن تي الله تعاليٰ جون رحمتون هجن).

آءٌ يقين سان عرض ڪريان ٿو تہ حقيقت ڇا افواه بہ ڪڏهن انهن بزرگن جي ناموس کي داغ ڪونہ لاتو. گهڻي ئي دنيا پوءِ ڏسندا رهيا آهيون، بيشمار ڪامورا، پنهنجا ۽ پراوا اکين اڳيان گذرندا رهيا آهن، پر مرزائن جي ڪڙيءَ تي شال ڪو اچي.

* * *

آخري ايام ۾ حيدرآباد ۾ هندن جي سماجي اصلاح واريءَ پوک بدقسمتيءَ سان سياسي گُل ڪيا هئا. سنڌ جي ڪانگريس جي ليڊر شپ حيدرآباد مان اُٿي ڪڙي ٿي هئي ۽ اهڙو سمان پيدا ڪيو هئائين جو مسلمانن کي مجبور ٿي ڪانئن جند ڇڏائڻي پئي.

مون پاڻ جيڪا شيءِ خاص طرح سان محسوس ڪئي، سان هيءَ تہ دولت، سجاڳي، سياسي پهچ، اثر اقتدار ۽ قلم جي زور تي هندن جو دماغ ايتري قدر چڙهي ويل هو جو هو مسلمانن کي من حيث القوم ذليل سمجهڻ لڳا هئا. مسلمان سڀ شيءِ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هئا، مگر ان حد تائين وڃي ڪونہ ٿي سگهيا تہ پنهنجن پاڙيچن جي نظرن ۾ هميشہ لاءِ ذليل ۽ خوار ٿي رهن. هڪ قوم ٻيءَ قوم کي ذليل سمجهي ۽ ذليل ڪري هلائي، سو هڪ اهڙو ڏکوئيندڙ نفسياتي تير ٿئي ٿو جنهن لڳڻ بعد ان قوم جا مرده زنده ٿيو پون ٿا ۽ زنده مرڻ مارڻ لاءِ اٿي کڙا ٿين ٿا. شرط صرف هڪ رهي ٿو تہ مظلوم قوم مان انساني غيرت جو مادو مستقلاً مري ويل نہ هجي.

* * *

پڇاڙيءَ ۾ حيدرآباد جون راتيون؟ سبحان الله، هن پوئين گند تيڻ کان اڳ گويا جنت جون راتيون هونديون هيون. ڇا هوا، ڇا هوا جي جان پرور تازگي، ڇا ان سان منڙي تڌ جي آميزش، سالن جا تک هڪ رات اندر لهي ويندا هئا. هندستان جي لٽريچر ۾ "صبح بنارس شام اوڌ" مشهور آهن. پر ڪو گڏوءَ جو صبح ۽ حيدرآباد جي شام ڏسي ها تہ بنارس ۽ اوڌ وسري وڃنس ها.

## شمس العماءُ مرزا قليچ بيگ مرحوم مغفور

مرزا صاحب جي علمي ۽ ادبي اعجاز ڏانهن اشارو ڪري چڪو آهيان. مون کي سندس زيارت جو شرف صرف هڪ ڀيرو نصيب ٿيو. 1929ع ڌاري سکر ۾ آل انڊيا شيعہ ڪانفرنس ٿي رهي هئي جنهن جو انتظام خيرپور رياست وارن ڪيو هو. مرزا صاحب مرحوم بہ ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اُت آيل هو. شايد استقباليہ ڪاميٽي جو چيئرمين هو. آءٌ سنڌ زميندار جو ايڊيٽر هوس. اُن حيثيت ۾ ڪانفرنس جي ڪار گذاري قلمبند ڪرڻ لاءِ ويل هوس. ڪانفرنس جو پنڊال ٺَڪر تي ليوڪس پارڪ ۽ نرسامل ڪلب جي وچ واري ميدان ۾ هو. ماڻهو تمام گهڻي تعداد ۾ آيل هئا. ڪانفرنس ڏاڍي ڪامياب هئي.

مرزا صاحب کي ڊائس تي گهمندو ڏسي مون وڌي وڃي سندس دست بوسي ڪئي، ٻڌايومانس تہ آءٌ ڪير آهيان. وڏي شفقت سان مٿي تي هٿ گهمايائين ۽ جڏهن دعا لاءِ عرض ڪيومانس تہ دعا بہ ڪيائين. عبا نموني جي ڊگهي ڪوٽ ۾ ملبوس هو. قد اُوچو، جسم ڇڙڪ، سونهاري موچود پر محدود، چهري جو رنگ پُورو، ڳل ڳاڙهاڻ تي مائل، عمر ڪانہ تي لَڪايائين. مون کي ساڻس خاص عقيدت هئي، ڇو تہ اوائل ۾ جڏهن مون سنڌي پڙهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ سڀ کانِ زياده جنهن ڪتاب مون کي متاثر ڪيو هو ۽ جنهن کي پڙهي مون کي سنڌي ٻوليءَ سان چاهہ پيدا ٿيو هو، سو مرزا صاحب جو لکيل هو - يتائي گهوٽ جي باري ۾.

مرزا صاحب سوين ڪتاب، مختلف موضوعن تي لکيا ۽ ساڳئي وقت سرڪاري نوڪري يعني ڊپٽي ڪليڪٽري بہ ڪندو رهيو - ڊپٽي ڪليڪٽري جي معنيٰ اُنهن ڏينهن ۾ هيءَ هئي تہ هو اڪثر وقت ٻهراڙيءَ جو گشت ڪندو وتي سو بہ اُٺ يا گهوڙي تي. (انهن ڏينهن ۾ نہ موٽرون هونديون هيون، نہ

جيپون، نہ آفيسرن ۾ گشت جي ڪوڙن پروگرامن ڏيکارڻ جي عادت). تعجب جي ڳالهہ هئي تہ پيچ پيچان جي اهڙيءَ زندگي هلندي مرزا صاحب کي ڪيئن تي ايتري فرصت ملي جو هو ايڏي پيماني تي علمي ڪم بہ ڪري تي سگهيو؟جاچ ڪندي معلوم ٿيم تہ مرزا صاحب مرحوم پنهنجي زندگيءَ کي سخت منظم طريقي تي هلائڻ جو عادي هو: صبح کان شام تائين وقت ڪيئن صرف ٿئي تنهن لاءِ مقرر پروگرام پيش نظر هوس، جنهن کان سر - مو ڪڏهن انحراف ڪونہ ٿي ڪيائين - زندگيءَ جي گهڙين کي الاهي امانت سمجهندي فيصلو ڪيل هوس تہ ڪا گهڙي سندس زندگيءَ جي بيڪار ضايع نہ وڃي. وقت جي ضياع کي هُن "امانت ۾ خيانت" سمجهيو ٿي، پاڻ کي ائين پي هلايائين ڄڻ ڪا مشين هو. چون ٿا تہ هر صبح، بلاناغہ ٽي ڪلاڪ هڪ سڌي اسٽول تي ويهي محض علمي ڪم ڪندو هو. دنيا سڌي رهي يا اونڌي ٿي پوي، مگر مرزا صاحب اهي ٽي ڪلاڪ اسٽول هرگز ڪونہ ڇڏيندو هو. وقت جي اهڙيءَ پابنديءَ ۽ پنهنجي زندگيءَ تي ايتري قدر ضابطي رکڻ سببان ئي سندس لاءِ ممڪن ٿي سگهيو تہ هو تصنيف ۽ تاليف جا ايڏا انبار ڇڏي وڃي. اصل ڳالهہ هئي پاڻ تي ضابطي رکڻ جي.

مرزا صاحب جي تحريرن کي مجموعي طرح سامهون رکڻ سان اڻ سڌيءَ طرح هيءَ پتو پوي ٿو تہ ان دور اندر علمي لحاظ سان سنڌ جي مسلماني معاشري ۾ ڪهڙيون گهٽتايون هيون جن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس قلم هلائڻو پيو هو. طرز نگارش عالمانہ ۽ مصلحانہ هوس، سلوڻائي جي جاءِ مطلب جي ڳوڙهائي پوري ٿي ڪئي.

## ديوان ڏيارام گدومل شاهاڻي

انگريز دؤر جي هندن جو ماءُ باپ هو، جيئن ماءُ پيءُ ننڍي ٻار کي وهنجاري، اڇو اُجرو ڪري، ٽج جو ڪير پياري، سينڌ سرمو ڪري، فخر سان محفل ۾ آڻي، تيئن ديوان ڏيارام بہ پنهنجيءَ قوم کي ڇٽي، ناهي، سينگاري سنواري سنڌ جي معاشري ۾ آندو. هو سنڌ جو راجا رام موهن راءِ هو. مون کونہ ڏٺو، پر هوش سنڀاليم تہ سنڌ جي هندڪار تي سندس نالو ۽ اثر ڇانيل ڏٺم.

سندس اصل نسل بابت هيءَ احوال پروفيسر ڦيرواڻي ڏنو[1] آهي:

”پروفيسر ڀيرومل وٽان معلوم ٿيو اٿم تہ حيدرآباد ۾ جيڪي هاڪارن عاملن جون آکيون آهن، تن مان شاهاڻين جي آکہ بہ آهي. سنڌ جون گھڻو ڪري سيئي آکيون پنهنجي وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان سڏجن ٿيون، پر هن آکہ جي حالت ۾ ائين نہ آهي.

ميرن جي صاحبيءَ ۾ شاهہ بهارو[2] چانڊڪي پرڳڻي ضلعي لاڙڪاڻي جو حاڪم هو، جنهن جي تربت اڄ تائين لاڙڪاڻي ۾ آهي. جيڪي ديوان وٽس نوڪري ڪندا هئا، سي سندس نالي پٺيان پاڻ کي شهاڻي سڏائڻ لڳا.

”انهن ديوانن مان ڪي حيدرآباد آيا ۽ ڪي اصل لاءِ لاڙڪاڻي طرف رهيا، جنهنڪري شهاڻي ٻنهي هنڌ موجود آهن. تنهن کان سواءِ شاهہ بهاري ۽ سندس عملي کي جيڪي سيڌو پاڌو پهچائيندا هئا، سي بہ پاڻ کي شهاڻي سڏائڻ لڳا ۽ انهن جي اولاد مان ڪي اڄ تائين ساهتي پرڳڻي، خاص ڪري ناروشاهہ ۾ آهن.

”حيدرآباد ۾ شهاڻين جا ڪيترا گھر آهن، پر سيني ۾ ٻن گھرن جو نالو برک آهي، هڪڙو منشي گدومل جي آکہ جو، ٻيو ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي سرڳواسي پرنسپال شهاڻي جي آکہ جو. اهي ٻئي گھر ٻين ڪيترن عاملن جيان گروءَ جا سک هئا ۽ اصل ڪيس(وڏا وار) رکيل هئن. پر منشي گدومل جي آکہ جو اڏيري لال ۾ بہ يقينو هو.“اڳي منشين جو عهدو ديوانن کان بہ وڏو هوندو هو. ديوان هوندا هئا ڍلون اڳاڙيندڙن جا عملدار ۽ منشي هوندا هئا وزيرن وانگر هر هڪ ضروري ڪم ۾ ميرن کي صلاح مصلحت ڏيندڙ عملدار.

”منشي گدومل کي چار پٽ ۽ ٽي ڌيئون هيون.“(وڏو پٽ ديوان مينارام هو، جنهن پنهنجي هڙان ڪراچي ۾ شاگردن جي رهڻ لاءِ مينارام

---

[1] پروفيسر ڦيرواڻي ديوان ڏيارام جي باقاعده سوانح عمر لکي ڇپائي آهي. آءُ بہ هت سندس باري ۾ قدري تفصيل سان لکان ٿو. مقصد هيءُ اٿم تہ اسان جي نئين نسل کي ڏيکاريان تہ هندن جا رفارمر ڪيئن پنهنجي زندگي کي محنت ۽ قرباني سان پنهنجي قوم لاءِ سجايو بڻائيندا هئا.

ساڳئي وقت ان بيان جي دوران ۾ پراڻيءَ سنڌ جي حالات جا بہ ڪي پهلو نمايان ٿين ٿا. مطلب آهي پڙهندڙن جي معلومات ۾ اضافي ڪرڻ جو.

[2] حقيقت ۾ شاهہ بهارو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ چانڊڪي جو نواب يا گورنر ٿي گذريو هو، ليڪڪ کان ڀُل ٿي وئي آهي.

هاسٽل نهرائي ڏني ۽ ننڍي ۾ ننڍو پٽ هي ديوان ڏيارام هو، جيڪو دهليءَ واري غدر جي سال يعني 1857ع ۾ ڄائو.)

ڏيارام جي تعليم، ان زماني جي دستور موجب فارسي ۾ شروع ٿي. آخوند نور محمد سندس اُستاد هو. ڏهن ورهين جي ڄمار تائين فارسيءَ ۾ ڪافي دسترس پيدا ڪري ويو. انهن ڏينهن ۾ اڃان سنڌي اسڪول ڪونه جاري ٿيا هئا. انگريزي اسڪول البت ڪُلي چڪو هو، جنهن ۾ ڏيارام سنہ 1867ع ۾ داخلا ورتي. ميٽرڪ جو امتحان بمبئي ۾ وٺندا هئا، جنهن ڪري ڪيس اوڏانهن وڃڻو پيو. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ اتي ئي الفنسٽن ڪاليج ۾ وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ ترسي پيو. فارسيءَ ۾ سندس اُستاد ميرزا حيرت بڻيو. ب ي. اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد واپس ڪراچي اچي سٺ روپيا ماهوار پگهار تي سنڌ صدر ڪورٽ ۾ سيڪنڊ ڪلارڪ جي نوڪري ورتائين. بردوڊ صاحب، جنهن جي نالي سان هاءِ ڪورٽ جي لائبريري منسوب آهي، ان زماني ۾ صدر ڪورٽ جو جج هو. نوڪري ڪندي ڏيارام ايل. ايل. بي به پاس ڪري ورتي ۽ تازو ڪُليل اسٽيٽيوٽري سول سروس Statutory Civil Service ۾ پرتي ٿي سال ڪاز ڪورٽ جو جج بڻيو.

لکڻ پڙهڻ ۽ سير سياحت ڪري قدرتي نظارن ڏسڻ جو شروع کان شوق هوس ائن سڌيءَ طرح سياست ۽ هندو سماجي سڌاري جي ڪمن سان به دلچسپي هوس. سنڌ سڀا نالي سان هڪ جماعت ڪڙي ٿي هئي، جنهن ۾ نالي خاطر ته مسلمان به شريڪ سمجهيا ويندا هئا، پر ان جا حقيقي روح روان هندن جا "چلتا پرزا" هوندا هئا. ساڳئي وقت ساڳين ئي ماڻهن "سنڌ سڌارا" نالي (سنڌي ۾) اخبار به ڪڍي هئي. ڏيارام پنهنجو واندو وقت انهن پنهي ادارن جي ڪم ڪار لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. انهن ئي ڏينهن ۾ "سگما" جي نالي ۾ شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه ۽ سنڌ جي ڪن ٻين خانقاهن جي باري ۾ سندس مضامين جو مجموعو انگريزي زبان ۾ شايع ٿيو جنهن کي ڪافي مقبوليت حاصل ٿي.

ڪراچيءَ ۾ رهندي ڏيارام کي جوش جاڳيو ته هت اعليٰ تعليم لاءِ ڪاليج کولجي ورنه سنڌ جو مستقبل ڪونه جڙندو. پر هندو عامل ان زماني ۾ هر لحاظ سان برک هوندا هئا. هڪ ديوان مينارام جيڪو ڏيارام جو پنهنجو وڏو ڀاءُ هو، وڪالت ڪندو هو. ڏاڍو پئسو ڪمايائين ٿي، مثلاً فقط هڪ

ڪيس ۾ حضرت پير صاحب پاڳاري (تخت واري رحمة الله عليه) وٽان (ان زماني جا) هڪ لک رپيا في ملي هوس، هو ساڳئي وقت قومي ڪمن تي دل کولي خرچ ڪرڻ ۾ ڪونہ ڪيٻائيندو هو. ساڳيءَ ڪڙيءَ جو ٻيو شخص ديوان ڏيارام چيتمل هو جيڪو پڻ وڪيل ۽ ڪائونسل جو ميمبر هو.

انهن ٻنهي صاحبن کي ڏيارام وڪوڙي ويهي رهيو تہ ڪنهن بہ طرح ڪاليج کولڻ واري ڪم جي اڳواڻي ڪن. آخر ڪامياب ٿيو. هر عامل کان هڪ مهيني جي پگهار چنڊاڻايائين، سرڪار وٽان بہ گرانٽ ورتائين. ڪاليج چالو ڪرايائين. ان ڊي. جي ڪاليج ئي نئين سنڌ جي پيڙهہ وڌي.

ساڳئي وقت حيدرآباد ۾ بہ ڪاليج وجهڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو هو، جن ۾ پڻ ڪامياب ٿيو ۽ نيشنل ڪاليج جي نالي سان ات بہ ڪاليج قائم ٿيو.

ٻن ڪاليجن کلڻ ڪري نہ صرف سنڌ جي هندن جي قسمت هڪدم کلي وئي، پر منجهان ڪجهہ فائدو پسماندن مسلمانن کي بہ مليو. سنڌ جا مسلمان ڊي. جي ڪاليج ڪراچي مان پڙهي نڪتا (۽ انهن جو تعداد ڪافي هو) تن کي ڏيارام جي مهرباني جو معترف ٿيڻو پيو.

سنڌ جي جاگيردارن جي تاريخ جيڪا History of Land Alienation in Sind جي نالي سان مشهور آهي ۽ سنڌ جي تاريخي لٽريچر ۾ ڪلاسيڪي حيثيت رکي ٿي، ڏيارام جي ئي تحقيق ۽ قلم جو شاهڪار آهي. اها پڻ ڪراچي واري اوائلي ايام ۾ لکي سرڪار جي حوالي ڪئي هئائين.

انهن شغلن کان سواءِ ڏيارام ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ، ڪراچي ميونسپالٽي، خالقڏني هالا لائبريري ۽ ڪوڙهين جي آشرم کي بہ پنهنجو وقت ڏيندو رهيو. ديوان بهادر هيرانند کيم سنگهہ، جيڪو انهن ڏينهن ۾ سندس رفيق هو، لکي ويو آهي تہ: "ڏيارام سارو ڏينهن ڪم ۾ مشغول رهندو هو. صبح جو اشنان ڪري، پوٿيءَ پنو پڙهي، ڪجهہ وقت ايشور جو ڌيان ڌريندو هو ۽ پوءِ افلاطون جي گفتن تي ويچار ۽ بحث ڪرڻ يا پنگتي سڌاري ۽ تعليم جي واڌاري ۽ سنڌ جي بهبوديءَ تي ويچار ۽ بحث ۽ رٿن ڪرڻ ۾ گذاريندو هو."

ڪراچي مان ڏيارام احمد آباد بدلي تي ويو. اُت بہ ساڳي اُڻ تڻ لڳل رهيس. موقعي جو فائدو وٺي گجراتي زبان سان گڏ سنسڪرت جو اڀيا ڪيائين ۽ گيتا جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪري پنهنجي خرچ تي ڇپائي ماڻهن ۾ تقسيم

ڪرايائين. سنسڪرت سان سندس عشق جو اندازو هن مان ٿيندو ته پنهنجي شهر حيدرآباد ۾ "گدومل سنسڪرت پاٺ شالا" جاري ڪرايائين ۽ جڏهن هيرانند يونين ايڪڊمي نڪتي ته اُت به سنسڪرت ٻوليءَ کي زور وٺائڻ لاءِ هڪ پنڊت پروفيسر رکارايائين، جنهن جي ساري پگهار پاڻ ڀريندو هو. گيتا کان سواءِ جپ صاحب جو به سنڌي ۾ ترجمو ان وچ ۾ ڪري ورتائين. گرنٿ صاحب جي مطالع لاءِ گرمکي سکيائين. قرآن مجيد جي معنيٰ سمجهڻ جي مقصد سان ايتري قدر عربي زبان تي عبور حاصل ڪري ورتائين جو عربيءَ ۾ هڪ رسالو به "مذهبن جي معنيٰ" تي لکي سگهيو. فارسي، جيئن شروع ۾ عرض ڪيل آهي، ٻاراڻي عمر ۾ ئي آخوند نور محمد وٽان پڙهي چڪو هو. فارسيءَ جي شاعرن جو گهڻو ڪلام ياد هوس، خصوصاً حافظ شيرازيءَ سان ڏاڍي عقيدت هوس.

* * *

سال 1889ع ۾ ڏيارام احمد آباد مان بدلي تي شڪارپور آيو. سيشن جج جي عهدي تي. بطور جج جي پڻ سندس ڪردار مثالي رهيو. مثلاً سندس فيصل ڪيل به ڪيس خاص طرح سان ملڪ جي جڊيشل تاريخ ۾ ورهين تائين وڃندا رهيا.

(1) سيٺ ميولداس شڪارپور جو وڏي ۾ وڏو هندو سيٺ هو. ڪنهن وقت شيطان اچي پاسو ڏنس، سو هڪ عورت سان زبردستي ڪري وينو. حڪومت انگريز جي هئي، مـُـچن ڪان جهلي رجوع ڪري ڇڏيائونس. ڪيس ديوان ڏيارام وٽ هليو. شڪارپور جي هندن کي پڪ هئي ته هو هندو پنگت کي بدنامي کان بچائڻ خاطر پنهنجي هندو ڀاءُ سان ضرور ڪجهه رعايت ڪندو، پر ديوان ڏيارام ست سال سخت پورهئي سان ٽيپ ڏئي ڇڏيس ۽ شڪارپوري ڀائي رڙندا رهجي ويا، گانو ناهيائون:

ميول موتي آءُ، سارئي سنگهل ماءُ،
گهوريو وڇوڙو، ميول موتي آءُ!

ٻيو ڪيس هو حضور ئي درويش جو، جنهن هڪ ماڻهو ماري ٻڇاءُ هيءُ ڏنو هو ته، "مون تي الهام نازل ٿيو هو ته فلاڻي کي وڃي قتل ڪر، تنهنڪري مون خدائي فرمان بجا آندو آهي." ڏاڍو اشتعال پيدا ٿي چڪو هو. پر ڏيارام تي ڪو اثر ڪونه ٿيو. فيصلو ڏنائين ته جيڪڏهن درويشن کي هيءَ

ڊگهي رسي ملي تہ هو الهام جو عذر ڏئي ماڻهو ماريندا وتن تہ سنڌ ۾ ايترا درويش آهن جو هڪ ماڻهوءَ کي بہ جيئرو ڪونہ ڇڏيندا. مجرم کي جنم ٽيپ ڏئي ڇڏيائين. وري ڪنهن درويش تي اهڙو الهام نازل ڪونہ ٿيو.

ديوان ڏيارام ۽ ٻين ججن سنڌ جي جڊيشريءَ ۾ بي ريائي، بيخوفي ۽ انصاف پروري جو معيار ايترو قدر بلند ڪري ڇڏيو هو جو ساري هندستان ۾ هاڪ هوندي هئي تہ "هاءِ سنڌ جا جج"، "واهہ سنڌ جا جج."

مون کي منهنجو ڏاڏو مرحوم اڪثر پنهنجي زماني جي ججن جي مصنفيءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو، ڇي: سنڌ کان ٻاهر ويندا هئاسين تہ ماڻهو اسان جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ."هي ماڻهو اُن ملڪ جا آهن، جتان جا منصف حقيقي معنيٰ ۾ منصف ٿين ٿا."

هڪڙي ڪُرڙي ڪِني تہ ساري ڪاري ڪِني، هڪ ڪُرڙي چڱي تہ ساري ڪاري چڱي. قومن جي نام آوريءَ جو مدار چند افراد جي نيڪو ڪاريءَ تي رهي ٿو.

* * *

ونس اباڻي دولت ڪافي هوندي هئي، تلهار پاسي زرخيز زمينون بہ هوس، ان کان سواءِ نوڪريءَ جي پگهار بہ جهجهي ملندي هوس. پر پاڻ تي خرچ نالي ماتر ڪندو هو، سارو پيسو خيرات ۾ خصوصاً خيراتي ادارن جي سهائتا تي صرف ڪندو رهندو هو. مثلاً سندس ڪي عزيز سلهہ جي بيماري ۾ مري ويا. انهن جو حال ڏسي سلهہ جي مريضن لاءِ ايتري همدردي پيدا ٿيس جو پنهنجي خرچ ۽ ڪوشش سان ڌرمپور ۾ سلهہ جو سئنيٽوريم کولرايائين جيڪو شايد اڄ تائين پيو هلي.

مقابلتاً پاڻ تي سندس خرچ جو[1] اندازو هن مان ٿيندو هو تہ منهن ڌسڻ يا پٽڪي سڌي ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ آرسي بہ ڪانہ رکيائين. هميشہ دروازن جي شيشن ۾ ڏسي پٽڪو ٻڌندو هو. ڪپڙا سفيد، سستا، ديسي ڪورين جا اُڻيل پائيندو هو. ٻي ناڪ ٺوڪ ٿيو پلو. ڏاڙهي ڊگهي، مٿي تي پگ يا سنڌي سرائڪي ٽوپي جنهن کي تاج سڏيندا هئا.

* * *

[1] ڪيس سرڪار مان 1120 روپيا پگهار ملندو هو، جنهن مان ڏيڍ سؤ کن پنهنجي لاءِ رکي باقي سڄي رقم هر مهيني خير جي ڪمن پٺيان صرف ڪندو رهندو هو.

نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ڏيارام ڪي مختلف هنڌن تي رهڻو پيو: شڪارپور، لاڙڪاڻو، خانديش، سورت، احمد آباد، پونو وغيره. هر هنڌ انصاف ۽ سماجي خدمت وسيلي نالو ڪڍيائين. جج جي حيثيت ۾ اهڙا فيصلا ڪيائين، جن حڪومت خواه عوام کي حيرت ۾ ثي وڌو.ان ڪم ۾ وقت جي حڪومت جي راضپي يا ناراضگيءَ جي ڪا پرواهه ڪانه ٿي ڪيائين. خانديش جو انگريز ڪليڪٽر، جنهن جي هڪ سرڪاري مقدمي سان دلچسپي هئي، ساڻس ملڻ لاءِ آيو. دروازي تان ئي موٽائي ڇڏيائينس. شرم جي ماريي گوري ڪليڪٽر کي ضلع مان بدلي ڪرائي ٻئي پاسي وڃڻو پيو. احمد آباد مسجد جي پلاٽن تي ڪن ماڻهن ناجائز قبضو ڪيو هو، حق مسجد جي طرف هو، پر فساد جي پؤ کان ڪنهن کي اهڙي فيصلي ڏيڻ جي جرئت ڪانه ٿي ٿي، ڏيارام معاملو هٿ ۾ کڻي مسجد جي فائدي ۾ فيصلو صادر ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن جي پرواه ڪانه ڪئي. نون سالن کان مقدمو هلندو ٿي رهيو ۽ مسلمانن کي حق پلئه وجهڻ جي ڪنهن جج کي جرئت ڪانه پي ٿي.

1903ع ۾ ڏيارام سنڌ جو پهريون ديسي جڊيشل ڪمشنر مقرر ٿيو. انگريزن جي اها خوبي هوندي هئي تہ هو انصاف جي معاملي ۾ آزاد خيال ججن جو بي انتها قدر ڪندا هئا. حقيقت ۾ ڏيارام منصفي ۽ بي ريائي جي هڪ اهڙي روايت قائم ڪري ويو، جيڪا سنڌ جي معاشري لاءِ پوءِ بہ امتياز ۽ قومي سرخروئي جو باعث بڻي رهي. سنڌ جو جج ۽ انصاف نہ ڪري اها ڳالهہ تصور ۾ ئي ڪانہ ايندي هئي.

* * *

سندس سماجي خدمتن خواه خير خيراتين جي ذڪر لاءِ علحده ڪتاب گهرجي. هڪ گهڙي بہ زندگيءَ جي اجائي نہ وڃايائين. حيدرآباد ۾ بہ دفعا پليگ پئي. ٻئي دفعي پنهنجي خرچ سان اسپتالون کوليائين، جن ۾ روزانہ پاڻ وڃي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيمارن جي چيڪ ڪندو هو ۽ خود پليگ ۾ ڦاسڻ جو ڪو انديشو ڪو نہ رکندو هو. ڪجهه پاسي ڏڪار پيو تہ سهائتا لاءِ هڙان انتظام ڪيائين[1]. حيدرآباد ۾ عورتن جي تعليم لاءِ اسڪولن جو هڪ وسيع چار

[1] انهن ئي ڏينهن ۾ خانديش ۾ بہ اهڙو ڏڪار پيو جو ماڻهو ٻارڙا ڦٽي ڪري گم ٿي ٿي ويا يا مرندا ٿي رهيا. ڏيارام انهن يتيم ٻارڙن جي پرورش لاءِ ادارو کوليو ۽ اٺ سؤ ٻارن جي پالنا ڪيائين.

شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ مرحوم سنڌ جي تاريخ "چچ نامہ" جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ ڪتاب جي پيش لفظ لکڻ لاءِ ديوان ڏيارام کي استدعا ڪيائين. ديوان جو لکيل اهو مختصر "پيش لفظ" سندس علمي ڪمال، بصيرت جي وسعت، ۽ فڪر جي اونهائي ثابت ڪري رهيو آهي. اسان جي سڄيءَ تاريخ جو نچوڙ چئن پنجن صفحن اندر سمائي ڇڏيو اٿائين ۽ نتيجو هيءُ ڪڍيو اٿائين تہ "ماڻهن کي حڪومت اهڙي ملندي آهي جهڙيءَ جا هو لائق هوندا آهن."

يعني جهڙا مُنهن تهڙا موچڙا!

*     *     *

سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ سوال جو نشان نظر ايندو آهي: "سنڌ جي هندن ڪيئن هڪدم اهڙي ترقي ڪئي جو صدين جا "مطيع الاسلام"، انگريزن آئي کان پوءِ، فقط پنجاهہ سال جي مختصر عرصي اندر آزادي ۽ حڪمراني جا خواب ڏسڻ لڳا؟"

جواب آهي: "ڪين ديوان ڏيارام گدومل جهڙا رفارمر مليا جن پاڻ کي جلائي پنهنجن ماڻهن جي اونداهين گهرن اندر روشني آندي، جن پنهنجي زندگي جي هڪ گهڙي ضايع نہ ڪئي، ۽ جن پنهنجي پگهر جي ڪمائي ساريءَ قوم جي ڀلي تي خرچ ڪري ٿي ڇڏي."

## انقلاب (1843ع کان 1930ع تائين)

1843ع ۾ ٽالپر ويا ۽ انگريز آيا. انگريز هڪ نئين قوم هئا، جن جا ارادا خواهہ طريقا اسان وارن پراڻن طريقن خواهہ مقصدن کان مختلف هئا. اهو راز هتان جي قومن مان سڀ کان پهريان هندن پروڙي ورتو ۽ ان کي سامهون رکي پاڻ کي سڌارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڏنائون. ديوان ڏيارام جي زندگي مون ان لاءِ پيش ڪئي آهي تہ پڙهندڙن کي پتو پوي تہ اهي ڪوششون ڪهڙي قسم جي ماڻهن ڪيون ۽ ڪيئن ڪيون.

*     *     *

مقابلتاً، سنڌ جي مسلمانن کي بہ گهربو هو تہ هو، هندن وانگر، نئين زماني کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪن. ان لاءِ ضروري هو تہ هو پهريان پاڻ ۾ ويهي سوچين ها تہ:

(1) سنڌ کي انگريزن هٿان شڪست ڇو آئي؟

(2) اِن ڦيري ڪري پيدا ٿيل نين حالتن جون تقاضائون ۽ ضرورتون ڪهڙيون ٿينديون؟

(3) انهن ضرورتن ۽ تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪهڙو پروگرام هجڻ گهرجي؟

(4) جنهن صورت ۾ حڪومت ڪانئن ٿي کَسي وئي هئي، تنهن صورت ۾ لازم هوندو تہ نئين غاصب حڪومت کين ٿي اک ۾ رکي ۽ کين ايتريقدر ڪمزور ڪري ڇڏي جو هو موٽي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ جي قابل نہ رهن،

(5) اهڙي صورتحال جو مقابلو ڪيئن ڪبو؟" ان جا طريقا ڇا هجڻ گهرجن؟

(6) انهن ڪوششن ۽ مقابلن هلندي، پيش نظر ڪهڙا بہ آخري قومي ۽ اجتماعي مقصد هجڻ گهرجن جن تان ڪڏهن بہ نگاهہ هَٽڻ نہ گهرجي؟

(7) انهن "آخري قومي اجتماعي مقصدن" جي انتهائي منزل ڇا هجڻ گهرجي؟ ۽ ان "انتهائي منزل" ۾ قومي آزاديءَ ۽ سر بلنديءَ (جن ريءَ انساني زندگي عبث ٿئي ٿي) جي خيال جو ڪيترو درڪ هجڻ گهرجي؟

*　*　*

انهن نُڪتن تي، 1843ع واري حڪومتي انقلاب ايندي ئي حيدرآباد جي هندن (جيڪي نين حالتن هيٺ ساريءَ سنڌ جي هندن جا اڳواڻ هئا) هڪدم سوچي پنهنجي لاءِ پروگرام نہ فقط تيار ڪري ورتو، پر ان تي عمل بہ شروع ڪري ڇڏيو. سندن پروگرام جا اهم جزا هي هئا: (1) پاڻ ۾ ٻڌي، (2) سوچ غور ۽ فڪر، (3) بامقصد تعليم، (4) نَون حاڪمن جا طريقا سکي عين انهن ئي طريقن سان ٻهريان مٿن پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ ۽ ان ڪان پوءِ کين ٻنهہ پچائي ڪڍڻ ۽ سندن جاءِ پاڻ وٺڻ. (5) ان وچ ۾ پنهنجي ڌرمي روايتن ۽ ڪلچر کي قائم رکڻ، بلڪ زور وٺائڻ، (6) ڪلچر کي اهڙو رنگ وٺائڻ جيئن هو سنڌ ڪان ٻاهر آل انڊيا هندڪار سان بہ هر رنگ نظر اچي، ۽ اُن سان هڪ قسم جي سبنڌ قائم ڪرڻ جو باعث بڻجي. جيئن ايندڙ نئين زماني ۾ اوڏانهن جي طاقت جو فائدو هت بہ وٺي سگهجي.

ديوان ڏيارام جي زندگيءَ تي غور ڪرڻ سان بخوبي انهن ڳالهين جي نشاندهي ٿئي ٿي. جيڪڏهن سندس زندگيءَ. سندس سوچ ۽ سندس عمل جي چنڊ ڇاڻ ڪجي ٿي تہ نتيجي انهيءَ تي ئي پهچجي ٿو.

* * *

سوال پيدا ٿئي ٿو تہ انهن ڪارگذارين ۽ نيئن وقت جي انهن نون رجحانن ڪي ڏسندي، مسلمانن جي اڳواڻن ڇا پئي ڪيو ۽ پنهنجا فرض ڪيئن پئي نباهيا؟ قومن تي جڏهن امتحان جون گهڙيون ايندڀون آهن تہ انهن جا اڳواڻ سوچيندا آهن ۽ انتهائي بيدار مغزيءَ سان ڪين ڪو نہ ڪو رستو ڏيکاريندا آهن.

پر اسان جي اڳواڻن ڇا ڪيو؟ حڪومت کسائڻ کان پوءِ؟

آءُ مڃان ٿو تہ ڪين هندو پائرن جي ڪوشش تي هرويرو آرهو ٽيٽو ڪو نہ هو. ساٿن جنگ ڪا نہ ڪرڻي هُونَ، هو بہ همسايہ هوا. سنڌ ۾ پاڳي پائيوار هوا. پر ان جي معنيٰ اها نہ هئي تہ مسلمان مورڳو پنهنجا ورق ويڙهي ويهي رهن. هر شڪست کان پوءِ فتح جو وارو اچي ٿو. هر رات پنيان ڏينهن ٿئي ٿو. انساني تاريخ ڪنهن هڪ منزل تي پهچي بيهي ڪا نہ ٿي رهي، اُن جو چڪر هميشہ چالو رهي ٿو. قومون شڪست کائن ٿيون پر وري اٿي ڪڙيون ٿين ٿيون. جنهن شيءِ کي دوامي شڪست چئجي، يا دائمي قومي موت سڏجي، سا شيءِ انساني تاريخ اچ ڏينهن تائين ڪا نہ ڏٺي آهي.

اصل مدار ٿئي ٿو انسان جي پنهنجي غيرت تي، همت تي، عزم تي ۽ ذهني طور هن فيصلي تي تہ "اسان کي مرٽو ڪو نہ آهي"— جو تہ جيڪو پاڻ نہ مري تنهن کي ڪو بہ ماري ڪو نہ ٿو سگهي.

پر 1843ع کان پوءِ جو، جيترو تاريخي لٽريچر مون ڏٺو آهي ان مان مون کي سنڌ جي مسلمان اڳواڻن (جن جو مرڪز حيدرآباد هجڻ گهربو هو) جي اهڙي احساس يا ڪوشش جو ڪو بہ پرو ڪو نہ ٿو پوي - خاص طرح سان ويهين صديءَ جي ٻيءَ چوٿائي کان اڳ واري دور ،تعلق.

* * *

تہ پوءِ ڇا ويني ڪيائون؟

خدا ڀلو ڪري مرحوم مغفور حسن علي افنديءَ جو جنهن ساڳي ديوان ڏيا رام هٿان هڪ ڇهبوڪ [1] لڳڻ تي ڪراچيءَ وڃي هڪ مدرسو کوليو، ورنہ ٻئي ڪنهن حيدرآبادي مسلمان اڳواڻ ڇا ڪيو؟

---

[1] اهو قصو ٻئي جلد جي صفحي 374 ۽ 375 تي ڏنل آهي.

حقيقت تہ هيءَ آهي تہ حيدرآباد ۾، جت هندن طرفان سندن اڪين اڳيان اُهو سڀ ڪجهہ ٿي رهيو هو جنهن جو ذڪر ديوان ڏيا رام جي سلسلي ۾ مٿي اچي چڪو آهي، مسلمان، جاگيرن، زميندارين، نوابين ۽ سردارين، هوندي بہ، 1932ع تائين هڪڙو هاءِ اسڪول بہ پنهنجي قوم لاءِ کولي ڪونہ سگهيا هئا اهو هڪ هاءِ اسڪول بہ مرحوم مسٽر نور محمد جي وڏيءَ هاءِ گهوڙا ڪان پوءِ انگريز حڪومت جي امداد سان ئي کلي سگهيو هو! - ڪاليج، زنانہ اسڪول، اڪاڊميون، پاٺ شالائون، ديني تعليم گاهون، صحت گهر ۽ هنري ادارا تہ گهٽو پري جون ڳالهيون هيون!

انسان کي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گريبان ۾ منهن ضرور وجهڻ گهرجي ۽ 1920ع کان اڳ جو زمانو ياد ڪرڻ گهرجي!

آءٌ هينئر عرض ڪري چڪو آهيان تہ انگريزن سنڌ مسلمانن کان ڪسي هئي تنهنڪري اها نيچرل ڳالهہ هئي تہ هو بہ هر فاتح قوت وانگر هنن حق ڪسيل مستحقن تي ڪرڙي نظر رکن ۽ رفتہ رفتہ کين ڪمزور ڪري منجهان اُهي سڀ صلاحيتون نچوڙي ڪڍي ڇڏين جن صلاحيتن جي قائم رهجي وڃڻ واريءَ صورت ۾ هو وري ڪنڌ کڻڻ ۽ ٻي ملهہ وڙهڻ جي قابل ٿي سگهيا ٿي.

اهو فرض ڪنهن جو هو تہ هو اهڙي صورتحال کان باخبر رهي ان جو تدارڪ ڪندا رهن جيئن سندن ماٺهو دلگير ٿي، ٿيل زيان جي احساس کان هميشہ لاءِ محروم ٿي نہ وڃن؟

اسپين جي ڪرستانن ست سؤ سال مسلمانن جو سور سانديو هو ۽ آخر هڪ ڏينهن اُتي ساڻن هٿن جي صفائي ڪري ورتي هئائون.

هندستان جي هندن بہ ساڳيو درد قريباً هزار سال برداشت ڪيو ۽ آخر ڪنهن ڏينهن اُتي اڳيان پويان حساب چڪتو ڪري [1] ڇڏيائون. اڄ لعل قلعي جي ڪنگرن تان چڙهيو پيا نعرا هڻن!

يهودي تقريباً ٽن هزارن سالن کان دربدر خاڪ بسر رهيا، پر پنهنجون روايتون ۽ مقصد ڪو نہ وساريائون. اڄ ڇا پيا ڏسون؟

---

[1] الله تعاليٰ جنت ۾ جاءِ ڏئي قائداعظم جناح رح کي جنهن وري بہ سنڌو درياہ وارا علاقا ان سيلاب کان بچائي ورتا. شڪر آهي تہ سندس پيدائش سنڌ جي هئي. جنهنڪري ڇٽي سگهجي ٿو تہ اتفاقيہ ڪنهن طرح مڙيوئي سنڌ پاڻ موکيو.

پوءِ انهيءَ لحاظ سان، يا انهن معيارن تي، سنڌ جي تاريخ جو تجويز ڪجي ٿو تہ هي سبق سامهون اچن ٿا:

(1) تہ ويهين صديءَ جي ٻيءَ چوٿائي شروع ٿيڻ تائين سنڌ جي وڏن ماڻهن جي سوچ خواه احساس خواه بلند خيالي، وارا خانا بلڪل خالي رهيا. حتاڪ پاڙي جي هندن جي پيچ ڊڪ ۽ غوغا آرائي بہ منجهن هوش آڻي ڪو نہ سگهي.

(2) سنڌ جي قسمت جو ورق، ٿورو ڪي گهڻو، وري بہ اُن نئين قيادت ورايو جيڪا 1920ع کان پوءِ ميدان ۾ ايندي رهي. جنهن کي گهڻ وڌ چوڻ ۾ اچ اسان مزو پيا محسوس ڪريون[1].

(3) هڪ منزل کان پوءِ خود انگريزن کي بہ پنهنجي ڪئي تي قدري شرم اچڻ لڳو هو.

مثلاً جڏهن ڏٺائون تہ مسلمان بلڪل نسيت نابود ٿي ويا آهن، ۽ انهن جي جاءِ تي اُپريل هندو هينئر خود سندن لاءِ تڪليف جو باعث بنجي رهيا آهن، تڏهن هُنن (يعني انگريزن) توازن قائم ڪرڻ جي نيت سان، مسلمانن جي ڪجهہ دستگيري ڪئي ۽ کين زندهہ رکڻ لاءِ بہ - چار چڱا قدم کنيا. في الحقيقت مسلمانن جي پستيءَ جو اندازو ان مان لڳي سگهيو ٿي تہ خود فاتح کي مفتوحن تي کهل اچڻ لڳي هئي ۽ کين پنهنجي ضمير جي ملامت کان متاثر ٿيڻو ٿي پيو- ياد رهي تہ وري بہ اُهي انگريز هئا جن وٽ ڪي انساني اقدار هئا، ڪجهہ تهذيبي ۽ تمدني روايتون هيون، حڪمراني جا ڪي اصول هئا- انڌائي سهي پر انهيءَ لٺ سهاري اجا بہ هلڻ جي صلاحيت هُون[2].

## سر غلام حسين هدايت الله مرحوم

پيدائش شڪارپور جي هوس، پر پڙهڻ کان پوءِ حيدرآباد جي سياست ۾ خلا ڏسي اُتي اچي ويٺو. وڪالت ڪيائين، مهمان نوازيءَ سان ماڻهن جون دليون موهيائين، لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو، بمبئي ڪائونسل قائم ٿي تہ حيدرآباد مان ميمبر چونڊجي، سنتت ئي وزير بنجي، مورڳو وڃي اوڏانهن ويٺو، موٽي حيدرآباد جو منهن ڪو نہ ڏٺائين.

---

[1] هلي پاڻ نہ سگهون، لخ لعنت ڳوڏن تي.

[2] آخر بہ پنهنجي رضا خوشيءَ سان روانا ٿي ويا ۽ تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ عزت ڀري گنجائش ڇڏي ويا.

سندس ذڪر پهرين جلد ۾ اچي چڪو آهي. مرڻ کان پوءِ بہ مدفون حيدرآباد نہ ٿيس.

## سيٺ ڪريم بنده علي مرحوم

حيدرآباد جو کوجو هو. واپاري، مهمان نواز ۽ وڏيءَ چاڻ سڃاڻ وارو. وقت جو هرو ڪو سربر آورده مسلمان، ڪامورو خواهہ سياستدان، حيدرآباد آئي سندس جهڳو جاچيندو هو. جتي مهمانن جي دلنوازي جو سارو سامان موجود هوندو هو. اعليٰ درجي جو باغ رکايو هئائون جهن ۾ پاٽيءَ جا تلاءَ ۽ تفريح لاءِ ڪشادا لان ۽ قسما قسم گل ٻوٽا هئا. تقريباً هر شام اتي سرود ۽ سماع جو اهتمام هوندو هو؛ حيدرآباد جي گهٽو ڪري هر مشهور ڳائڻي اِن آستان جو سلام ڀريندي هئي. مهمان جي جي خدمت مرحوم جي زندگي جو اولين اصول هو. سياست جي جهيڙن ۾ ڪو نہ پوندو هو. ڦٽائيندو هندن سان بہ ڪو نہ هو. حتاڪ انگريزن کي بہ خوش رکيو ويٺو هوندو هو، جن کيس خان صاحبيءَ جو خطاب ڏنو هو. "خان صاحبي" انهن ڏينهن ۾ وڏي ڳالهہ هوندي هئي، "خانبهادري" بصورت پليگ، اجا ڪا نہ پئي هئي.

ڪپڙا لٽا انگريزي ڪَٽ جا پهريندو هو. اعليٰ درجي جي چينا سلڪ جا. قد قامت، هَڏ ٻُت بہ موزون هوس. ڇڙڪ جسم، رنگ ڀورو. ڏاڙهي تي اِسترو، مُڇان سنهڙيون، آواز مٺو. گفتگو جو انداز شريفانہ بلڪ بزرگانہ.

حيدرآباد پهتي سيٺ ڪريم جو مهمان ٿيڻ وڏيءَ عزت جو باعث سمجهيو ويندو هو.

سندس اک ٻوٽڻي، حيدرآباد مان رونق ۽ رنگ ٻئي موڪلائي ويا. مهمان ريلوي ويٽنگ رومن جا محتاج، "مهمان نوازي" يتيم ٿي ويئي!

## قاضي فخرالدين مرحوم

پنهنجي وقت جو وڏو ويڙهاڪ، ڌُن جو پڪو، اصولن جو پختو، حيدرآباد جي ديوانن لاءِ مستقل مٿي جو سُور هوندو هو. دادو ضلعي جي پاٽ جي پيدائش هوس. اُتاهون جي مشهور علم دوست قاضي خاندان جو فرد، علامہ آءِ - آءِ قاضيءَ (رحمة الله عليہ) جو برادر بزرگ هو. سڄي عمر حيدرآباد ۾ صرف ٿيس.

سياسي عقيدن ۾ "لوڪ لائو هارو عاشق اوپارو" رهيو. انگريز ڪي عادل حاڪم، ڪانگريس کي فسادي، خلافتي مُلن مولوين، پيرن ۽ مخدومن کي راهون رُليل سمجهندو هو. اهو زمانو جليان والا باغ واري حادثي جي لڳ ڀڳ جو هو. سڄو هندستان، انگريز جي خلاف اٿي ڪڙو ٿيو هو. خلافت ۽ هجرت جا هنگاما هلي رهيا هئا. ماڻهو ٻن پارٽين ۾ ورهاجي ويل هئا. هڪڙا انگريز پرست، ٻيا آزاد پسند. انگريز جي پانهه ٻيلين ۾ زميندار، جاگيردار، ڪي مسلمان ڪامورا، ۽ ٿورا گهڻا نالي جا ملان موراٿا شامل هئا. انگريز دشمن ڌر ۾ حيدرآباد جا هندو، پاڙي جا پير[1]، چند علماء ڪرام ۽ ٻه - ٽي مسلمان وڪيل[2] شريڪ هئا.

ٻنهين ڌرين جو حيدرآباد جي مرڪزي شهر تي مارو هو. مقابلي ۾، قاضي فخرالدين مرحوم، ڪليو ڪلايو انگريز جي پر جهلي بيهي رهيو. ڪانگريسي هندن، خواهه خلافتين سندس خلاف گارگند جو وڏو طوفان برپا ڪيو، سالن جا سال جهيڙو جاري رهيو. ڪانگريسي اخبارن "ڪاجي ڦڪڙتين" کي هيسائڻ لاءِ هر طرح جا قلمي حيلا هلايا، ملن ۽ پيرن پِٽ ڪُٽ جا روايتي خزانا خالي ڪري ڇڏيا، پر قاضي صاحب ڪونه مڙيو. اڪيلي سر انگريزن پاران سڄو اُپ مٿي تي کڻي بيٺو رهيو. عقيدو هوس ته سندس پنهنجو خيال صحيح ۽ باقي ساريءَ خلق جو دماغ خراب آهي[3]. جيڪي ڳالهيون انگريز خود به ٻاهر ٻڙڪي ڪونه ٿي سگهيو سي قاضي صاحب برملا بيان ڪندو وتيو. مثلاً: "اڳوڻن حاڪمن پنهنجي بادشاهي پاڻ پنهنجين ڪوتاهين ڪري وڃائي، انگريز پنهنجي رت هاري هي ملڪ هٿ ڪري منجهس انصاف ۽ قانون جو راڄ رائج ڪيو آهي تنهنڪري ڪيس هر ڪو جق آهي ته هميشه هٿ وٺيو رهي، ڪانگريس هندن جو رچايل ڪيل آهي جنهن جو مقصد آهي ته "سوراڄ" نه پر "رام راڄ" قائم ٿئي؛ خلافتي اجايو پيا خيالي پلاءُ پچائين، ترڪي جو خليفو زورمس جو خليفو آهي ڪيس دنيا جي مسلمانن اها پڳ ڪانه ٻڌائي هئي، پر

---

[1] خاص طرح سان حضرت پير صاحب جهنڊي وارو (رشدالله شاهه رحمت الله عليه) ۽ پير محبوب شاهه راشدي رحه ماتليءَ وارو.

[2] انهن جو سرڪردو مسٽر عبدالجبار مرحوم هو.

[3] ماڻهو خود قاضي صاحب کي دماغ جي خرابيءَ جو بيمار سمجهندا هئا.

سلطان سليم ثاني، ترار جي زور تي، مصر جي فاطمي خليفن کان کسي پنهنجي مٺي تي رکي ڇڏي هئي، سلطان جو هندستان مسلمانن تي ڪو حق ڪونہ آهي ڇو تہ هن پاڻ بہ هتان جي مسلمانن جي معاملن ۾ ڪڏهن دلچسپي ڪانہ پئي ورتي آهي ۽ نہ ئي اڪر همدرديءَ جا سندن حق ۾ ڇپيا آهن. هندستان کان ٻاهر جي مسلمانن نہ ڪڏهن هندستان جي مسلمانن جي مدد ڪئي آهي ۽ نہ هندستان جي مسلمانن ڪي هيٺئر وچ ۾ ٽپي سندن جهيڙن ۾ پئي هجرتون ڪري خوامخواه پاڻ کي زيربار ڪرڻ جڳائي. ٻاهر جا مسلمان بنيادي طرح محدود نيشنلزم Nationalism ۽ نسلي امتيازن Racialism جا قائل رهيا آهن تنهنڪري اسان واري خوامخواهي يڪ طرفي عشق جو وٽن ڪو قدر ڪونہ ٿيندو - لهذا هر ڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگجي!"

قاضي صاحب جا اهي سارا گفتا "ڪفر جا ڪلما" سمجهيا ٿي ويا. راءِ عامہ جي ابتڙ، وقت جي تقاضائن جي ورڌ، ۽ اسلامي خيالن جي سراسر خلاف - ڪفر جون فتوائون نڪتيون، مُرده باد جا نعرا لڳا، مختصر مارڪُٽ جا پَـہ پڪا، جلسن ۾ ٽوٽن ۽ پٿرن جا وسڪارا ٿيا - مگر مڙس تہ ضد. بس ڪري ويهڻ قاضي صاحب کي مور ڪونہ ايندو هو. توري ماٺ ٿيندي هئي تہ پاڻ ڪونہ ڪو اهڙو اخباري بيان جاري ڪندو هو جنهن تي وري ڪيئي هفتا هاءِ گهوڙا هلندي رهندي هئي: سندس دلي مطلب هوندو هو تہ "فتنو" جاري رهي جيئن ماڻهو سوچڻ، ۽ سندس اصولن ۽ قولن جي ذهني ڇنڊ ڇاڻ ڪندا رهن.

نيٺ اهو وقت بہ آيو جڏهن خلافت خود ترڪن هٿان ختم ٿي وئي، هجرت تي ويل سڌين کي پناٽن موٽائي ڇڏيو. ڪانگريسي ۽ خلافتي پاڻ ۾ وڙهي ڊاگون ڊانگ ٿي ويئا. غازين سوامي شرڌانند کي ماري وڌو، مهاشين مولانا مظهرالدين دهلوي کي شهادت جو پيالو پياري ڇڏيو. ڪانگريس جي مرلي مسلمانن ٻڌڻ ڇڏي ڏني، هندن مسلمانن کي ماري مطيع ڪرڻ لاءِ شڌي ۽ سنگٺن شروع ڪري ڏني. انگريز جون مڙئي مشڪلون آسان ٿي ويون. ملڪ ۾ گويا راڪاس ڦري ويو.

قاضي صاحب لاءِ هاڻ ڪو اهڙو مسئلو ڪونہ رهيو هو جنهن جي سلسلي ۾ هو پنهنجي روز مره جي رواج موجب ڪو اخباري بيان جاري ڪري پنهنجي ياد قائم رکي سگهي. تنهنڪري لاچار عملي ميدان ۾ گهڙٽو پيس.

حيدرآباد جو چڪلو وچ شهر ۾ هو، پاڙي ۾ هندن جا گهر بہ هئا، ميونسپالٽي ۾ هندن جي گهڻائي هئي، ميونسپالٽي ڪان پٽ ڪيدرائي پنهنجن گهرن ۽ ”گناهہ گهرن“ جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪرائي ڇڏي، جيئن رات وڳڙي ڪو اڙيو ڀڙيو نشئي موالي، غلط فهمي وچان، ڪنهن اشراف هندوءَ جي گهر ۾ گهڙي نہ اچي.

هندن ڪي چيڙائڻ لاءِ قاضي صاحب ڪي اهو موقعو غنيمت نظر آيو.

هڪ رات، جڏهن هندو، موالين جي پو ڪان بي فڪرا ٿي محو خواب هئا تہ قاضي صاحب ڪاريگرن ۽ مزدورن جو زبردست ٽولو وٺي وڃي اٽ موجود ٿيو. راتو رات پٽ پٽرائي، سرون ۽ گچ گاڏن ۾ ڊُڪرائي، ڦليليءَ ۾ اڇلرائي، ديوار جو نالو نشان مٽرائي ڇڏيائين. هندن صبح جو اٿي ڏٺو تہ پٽ غائب هئي.

بس، حيدرآباد ۾ زلزلو اچي ويو. ايجيٽيشن ڪرڻ تہ ڪو ڪائن سڪي ها. ڪراچي خواہ حيدرآباد جي هندو روزنامن ڪارن باردرن سان خاص پرچا ڪديا، سڄي سنڌ اندر هندن جا ميڙ ٿيا. گانڌي جيءَ تائين ڪوٺ وئي، تارن جا وسڪارا ٿي ويا، حد جي پوليس جمعدار ڪان وٺي بادشاهہ سلامت جارج پنجين تائين ارجنٽ تارون ويون، ضلعي جي ڪليڪٽر ۽ ڪپتان هٿان قاضي فخرالدين ڪي ڦاسارائڻ لاءِ ديوان بهادرن، راءِ بهادرن، مُکين ۽ ڪائونسل ميمبرن جا وفد وٺن ويا ۽ آخر ڪورٽن ۾ ڪيس بہ داخل ٿيا.

پر قاضي صاحب جو جواب ڪُتو، هڪ تَهو، هو: ”پِٽ مورڳو نهي ئي ڪانہ هئي، پٽ لاءِ منظور ٿيل پئسا ٺيڪيدارن سان ملي، وچ مان ديوان پاڻ واپرائي ويا هئا“- يعني سيهڙ ٽنگان ٽي چوٽون پُڇ.

وڏي عرصي تائين ڪورٽن اندر ڪشمڪش هلندي رهي. Chakla Wall case (چڪلي جي پٽ وارو مقدمو) وقت جي اخباري مضامين جو اهم ترين موضوع رهيو، پر وريو آخر ڪجهہ ڪونہ.

ڏينهن پڄاڻي قاضي صاحب خود رحلت ڪري ويو، حيدرآباد جي تاريخ ۾ نالو ڇڏي ويو. اصولن جي پختائي ۽ همت جي گهڻائي لاءِ اتي جا ماڻهو ڪيس ديوانو سمجهندا هئا، مگر ”ديوانہ بڪار خويش هوشيار“ وارو قصو هو. خود بہ دنيا ڪي ديوانو سمجهي پنهنجو ڪم هلائيندو هو.

## رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي مرحوم

سندس مختصر قصو ٻئي جلد ۾ اچي ويل آهي. ارمان اهو اٿم تہ سندس تفصيلي سوانح حيات مرتب ڪرڻ لاءِ مون کي مواد ملي ڪونہ سگهيو. شيخ عبدالمجيد خواه مرحوم يا ٻيا ساٿي ۽ شش سندس باري ۾ گهٽو ڪجهہ ڇڏي وڃي سگهيا ٿي، پر انهن کان بہ ڪي ڪين پُڳو. سنڌ جي تاريخ ۾ وڏو خال رهجي ويو.

مرحوم جو مرڪز حيدرآباد هو. هرويرو هندن سان ڪونہ ڦٿايائين. نہ ڪو اهڙو ڪو تعليمي يا تعميري ادارو ڇڏيائين جيڪو سندس ياد کي تازو رکي. هن وقت، جيتريقدر منهنجو اندازو آهي، سندس يادگار بہ - ٽي تقريرون رهجي ويل آهن، جيڪي هن صاحب مسلم ليگ يا ڪانگريس جي ميڙن ۾ ڪيون. ڪائونسلن ۽ اسيمبلين جا پراڻا دفتر، جن ۾ سندس ڪار گذارين جو ريڪارڊ هوندو، گم آهن. ڪوشش سان شايد هينئر بہ ڪٿ نظر چڙهي وڃن. "الامين" اخبار ڪڍائي هئائين، جنهن جا فائل ٻڻ ساڳي طرح ناپيد آهن.

سندس پاءُ رئيس جان محمد مرحوم مون ڏٺو. ڪجهہ وقت بمبئي ڪائونسل جو ميمبر بہ هو. صدر حيدرآباد ۾ بنگلو هوس، جيڪو ميٽنگن ڪرڻ ۽ ٻاهر جي معزز مهمانن کي رهائڻ لاءِ آسانيءَ سان ملي ويندو هو. علامہ عبدالله يونس علي مرحوم سنڌ آزاد ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻ لاءِ 1933ع ۾ حيدرآباد آيو تہ ڪيس ات رهايو ويو. آخر ۾ مسواڙ تي منهنجي دوست خانبهادر بابو جلالدين (حيدرآباد ۾ رهندڙ ريلوي جي پنجابي نيڪيدار) ورتو. منهنجي پنهنجي زندگيءَ جون ڪيتريون ساعتون اُن ۾ گذريون.

## دادا جيرامداس دولترام

"دادا" پارت وجڻ کان پوءِ ٻٽيو. جيترو وقت سنڌ ۾ هو مسٽر جيرامداس سڏبو هو. شروع ۾ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي جي حلقي ۾ رهي سياست ۽ صحافت ۾ پير پير ڪنيائين، پر پوءِ لاهي پاهي ڪانگريسي، يعني هندو سياست ۾، ڪاهي پيو. خبر نہ آهي تہ مسلمانن تي ڇو ڪاوڙ آيس، سنڌ جي ڪانگريسي سياست جي سڀ کان سينئر ليڊر بنجڻ بعد گهري ها تہ هندن

۽ مسلمانن جي مابين ايتري بدمزگي پيدا ٿيڻ ڪانہ ڏئي ها، پر ارمان آهي تہ هن بہ مسلمانن کي سيني سان ڪونہ لاتو. پاڻ ڪين ڇيڙائيندو ۽ بيزار ڪندو رهيو. بمبئي ڪائونسل جو ميمبر بڻيو تہ شديد فرقہ پرستيءَ جي اصول تي هلڻ لڳو. جيڪي سوال پڇيائين، سي مسلمان ڪامورن خلاف، جيڪي تقريرون ڪيائين، سي مسلم مفاد جي ابتڙ. حالانڪ اوستائين ايتري ڪٽر پڻي ڏيکارڻ لاءِ جواز ڪونہ هو. مسلمان ڪانئس بد دل ٿي ويا، هندو، جن جي دل وٽان ڳالهہ ٿي ڪيائين، سي ڪيس چنبڙي پيا. آل انڊيا ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ سان، سڌيءَ طرح، سنڌ جي هندڪار پاران، لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري سندس پوزيشن آل انڊيا ليڊر جي بڻجي وئي، آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي سنڌ پاران ڪنيائونس. انگريزي چڱي لکي سگهندو هو. تنهنڪري عارضي طرح دهليءَ جي "هندستان ٽائمز" ۽ گانڌي جيءَ جي اخبار "ينگ انڊيا" جي ايڊيٽري بہ ڪيائين. سنڌ جا باقي ڪانگريسي ليڊر ڊاڪٽر چوئترام، پروفيسر گهنشيام ۽ جيٺي سپاهيملاڻي ڪانئس بعد ٻئي نمبر ۾ ليکجڻ لڳا ۽ سندس هدايتن هيٺ ڪم ڪندا رهيا.

شهيد خانبهادر الهہ بخش مرحوم کي مسلمانن جي اڪثريت کان علحدو ڪري، ڪانگريس جي ڪيمپ ۾ وٺي وڃڻ وارو اهو صاحب هو. بدقسمتيءَ سان سندس چهري ۾ ملاحت ڪانہ هوندي هئي، هر وقت منهن ۾ گهُنڊ رهندو هوس. آءٌ اهڙن ماڻهن کان هميشہ پاسيرو رهندو هوس، صحيح يا غلط پر منهنجي نظر ۾ اُهو ماڻهو ئي کهڙو جنهن کي خدا مُرڪ کان محروم ڪري ڇڏيو هجي يا ساريءَ انسان ذات تي ڪاوڙيل پيو ڏسجي. مون تي نہ سندس علم جو رعب هو نہ اڳواڻيءَ جو اثر. پاڻ ائين سمجهندو هوس تہ جنهن رستي تي هو هندن کي هلائڻ جي ڪوشش پيو ڪري، سو خود ڪين ڪنهن وقت تڪليف طرف وٺي ويندو.

هڪ دفعي سائين جي. ايم. سيد مون تي هيءُ ڪم رکيو تہ آءٌ حيدرآباد وڃي جيرامداس کي سمجهايان تہ هو هرويرو ضد نہ ٻڌي ۽ ڪانگريس پارٽيءَ کي مرحوم الهہ بخش جي پنيان هلڻ تي مجبور نہ ڪري.

آءٌ ڪَهي حيدرآباد پهتس، هيرآباد ۾ ديوان جي در تي حاضر ٿي رپورٽ ڪرايم. جيستائين چوڪرو اندران ٿي موٽي اچي، آءٌ گهٽيءَ ۾ ٽَهِلندو

رهيس. گهڙي سوا بعد اندر سڏ ٿيو. صحن ۾ کٽ تي فراشي وڇايو، وهاڻا مٿي کي ڏيو، ديوان صاحب ڇنگهون ڊگهيون ڪيون، سنئون نئون ليٽيو پيو هو[1]. پر ٻه - ٽي مُوڙا ۽ ڪاٺايون ڪرسيون پيل هيون. حرام جو ديوان ڇيلهه ڪٽي ڪو هٿ ڏنو يا زبان سان ئي ڪو آڌر ڀاءُ ڪيو. اهو به ڪونه چيائين ته "ويهه". آءٌ پاڻهرتو موڙو سوري مٿس ويهي رهيس. ائين سمجهيم ڄڻ شڪ چوريءَ جي ملزم وانگر ڪنهن بدخو پوليس آفيسر اڳيان پڪڙجي پيش ٿيو آهيان. هڪ واريءَ دل گهريو ته پوئين پير هليو وڃان، ۽ ٻه چار ٻول به ٻڌائيندو وڃانس. پر ڪنهن جي حڪم هيٺ سياسي مشن تي آيل هوس، ڊپلوميسي ۾ زُود رنجي ڪانه ٿي جڳائي، وقتي بي عزتيون به برداشت ڪري اصل مقصد جي پوئواري ڪرڻي پوي ٿي.

ازخود مون ساڻس گفتگو ڇيڙي، سيد صاحب جو پيغام پهچايم، مصلحت ۽ مصالحت جون ڳالهيون ڪيم، صلح جا سنديسا ڏنم، پاڻ جهڙن پراڻن قومي خيال جي مسلمانن جا جذبات دل پڇائيندڙ انداز ۾، ديوان جي ڪَنن تائين رسايم. پر مٿس ڪو اثر ڪونه ٿيو. آءٌ ٻڪندو رهيس پاڻ اکيون ٻوٽيو ٻڌندو رهيو. جواب ۾ ڪي ٻه ٽي آڏا ٽيڏا اکر چيائين. آخر ڏک پرچي ۽ بيزار ٿي اُٿيس، اُٿندي نه ڪيس هٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم نه ڪانئس موڪلايم. ڪانگريسين سان مٿين ڳالهين جو اهو پريون ڏينهن هو. ان ڪان پوءِ وري جيرامداس جو منهن ڪونه ڏٺم.

پاڪستان نهڻ جو پٽي پهريءَ ڦوڪ ديوان لڏي ويو. هندستان ۾ اڳئين ڏيٺ ويٺ جي بنياد تي ڪيس ڪجهه وقت تائين عهدا ڏيندا رهيا، ان ڪان پوءِ رٽائر ٿي دهليءَ ۾ رهڻ لڳو. غالباً اڪيلائي ۾ وري سنڌ ياد پيس. ٻڌندا رهياسين ته سنڌي ٻوليءَ جي لغت پيو لکي. قاضي نضن جي هندستان ۾ هٿ آيل ڪلام تي سندس لکيل ديباچو به نظر مان گذريو. پر ان بعد از مرگ واويلا مان ڇا ورڻو هو، وقت وڃائي ويٺو هو. شال نه ڪنهن ڪان ديس وڃڙي - ۽ سو به سنڌ!

---

[1] توڙي جو بيمار ڪونه هو. مون ڪان پوءِ جيڪي هندو وٽس ايندا رهيا، تن جي استقبال لاءِ وري ٽپ ڏئي هنڌ تان اُٿندو ٿي رهيو.

اهو ئي هڪ هندو اڳواڻ هو، جيڪو اوائل ۾ ڪوشش ڪري ها ته هوند هتي حالتون خراب ڪونه ٿين ها.

پر ڪرمن جا لکيا ڪير موڙي ها؟

انسان سڀ ڪجهه برداشت ڪري سگهي ٿو، سواءِ هن جي ته سندس قوم کي ذليل ۽ محتاج سمجهي ڪراهت جي نظر سان ڏٺو وڃي.

## ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي

مسٽر جيرامداس دولت رام جي "ٽه مورتيءَ"[1] جو ميمبر هو جنهن جو ٽيون رڪن پروفيسر گهنشيام هو. طبعيت ۾ البته جيرامداس کان قدري مختلف هو. جيرامداس جي اندر ۾ اُونهائي ۽ مزاج ۾ مغروري هئي، ڊاڪٽر صاحب جهڙو اندر تهڙو ٻاهر پري کان پيو بکندو هو ته اندر ۾ اڄ خير اٿس يا ڪو مانداڻ متل.

چوئٿرام جي زندگي، پنهنجي جاءِ تي، اهڙي هوندي هئي جو ان کي ڏسيو اسان مسلمان ورڪرن کي شرم ايندو هو. ڪنهن خوشنصيب قوم کي ئي اهڙا ڪارڪن ملي سگهيا ٿي. اڪ پنڌ کان اڪ ٻُوٽڻ تائين سارو وقت محض ٻن مقصدن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو ۽ سُور سختيون سهندو رهيو: 1- هندستان جي آزادي ۽ 2- هندو قوم ۽ ڪلچر جي بالادستي. ڊاڪٽري پاس ڪيائين پر ڊاڪٽري ڪانه ڪيائين. سياست هلايائين پر عهدو ڪونه ورتائين. نه گهرٻار ڪيائين نه زال زنب رکيائين. جوڙي جسم تي، لڪڙ هٿ ۾. سنهو، بندرو، پورو. حياتيءَ جو هڪ لحظو به خدمت کان خالي ڪونه گذاريائين. سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ سندس زندگي جو احوال تفصيل سان آيل آهي، جنهن ڪري هت ورجائڻ جي ضرورت ڪانه آهي. مناسب اهو آهي ته اهو قصو پڙهي هنيانءَ سان هنڍائجي. سنڌ جي هندو قوم اهڙا انسان به پيدا ڪيا.

ٻاهر رهيو ته انگريز سان چوٽون ڪائيندو رهيو، جن انقلابين انگريزن کي ماريو ٿي تن جي تعريف ڪندو وتيو. جيل ۾ پورياڻونس ته شعر ٺاهڻ لڳو: چي:

ڪانئر جاءِ نه آهه ڪا، جت سڌڙيا سَڌون ڪن،
سر جا سانگا رکي، سي موٽيو پوءِ وڃن،
جي عاشق آزاديءَ جا، سي ثابت قدم رهن،

[1] اها "ٽه مورتي" سنڌ ۾ ڪانگريس جي اڳواٽي ڪندي هئي ۽ ان لحاظ سان سنڌ جي سمورن هندن جي.

هـــــي آڏو آهـــــي تـــــن، جن ڪُسڻ قبوليو قرب مان.
جن ڪُسڻ قبوليو قرب مان، سي ئي سورهيہ سبحان،
قائم رڪن قوم جو، بالا بلند شان،
ڪند نوائين ڪينڪي، مر تي وڃن قربان،
چيتن آزاد ڪندا هندستان، توڙي قابو رهن قيد ۾.

تحريڪ جي پوئين زماني ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪيائين تہ ڪانگريس هندستان جو ورهاڱو قبول نہ ڪري ڇو تہ ان ڪري سنڌس عمر جي ڪمائي ڪُٺ پي ٿي. پر ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ ڪونہ ٻڌس.

اُنهيءَ ئي زماني ۾ هي ڪوشش بہ ڪيائين تہ سنڌ جي هندو نوجوانن کي اديپور موڪلي فوجي سکيا ڏياري جيئن هو موٽي اچي هت "شيوا" ڪن[1] پر ان وچ ۾ پاڪستان اچي ويو جنهن ڪري سنڌس پروگرام، شڪر آهي تہ، پسي پيو. نيٺ پاڻ کي بہ هتان لڏي وڃڻو پيس. .

* * *

منهن مقابل ڳالهين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪُلي بہ پوندو هو. هڪ دفعو مون کي چيائين: "آءٌ برهمچاري آهيان، ساڳي وقت آءٌ جيوهتيا جو مخالف ۽ ويشنو ڀڄڻ جو شائق آهيان. پر مون سان قدرت وڏو ظلم ڪيو آهي. آءٌ ماس(گوشت) کان سواءِ ڪا شيءِ هضم ڪري ڪونہ ٿو سگهان، ڀاڄيون کاوان ٿو تہ بيمار ٿيو پوان"

ڊاڪٽر صاحب ذاتي طرح مون کي ڏاڍو وڻندو هو. هڪ تہ سنڌس زندگي هندو قوم لاءِ قربان ڪرڻ اسان جي واسطي بہ سبق آموز هئي، ۽ سنڌس ڪاٺيل ڪشت ۽ ڪشالا ۽ هڪ ئي وقت بيشمار تعميري ۽ تخريبي محاذن کي منهن ڏيڻ جون صلاحيتون مون کي پنهنجيون ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون ياد ڏياريندڙ هيون - پيو تہ انهن فرقيوارانہ جهيڙن جي ڏينهن ۾، ڊاڪٽر صاحب جو مُنهن ڏسي، پري کان تاڙي ويندا هئاسين تہ ڪانگريسين جي اندر ۾ اڄ ڇا پيو وهي واپري ۽ سنڌس پارٽيءَ ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي.

وڏيڪ کوجنا جي پوءِ ضرورت ڪانہ رهندي هئي.

* * *

[1] ان "شيوا" جي معنيٰ. ان زماني جي حالتن موجب. ڇا ٿي سگهي ٿي سا سمجهڻ ڏکي ڳالهہ ڪانہ هئي.

چوئٿرام جون گھڻتايون سنڌس وڏو پاءُ ديوان شامداس پوريون ڪندو رهيو هو. ڪٽر مهاسڀائي. ساورڪر ۽ شياما پرشاد مکرجيءَ کان بہ ٻہ وکون اڳتي هو. صبح جو انگريزي نيڪس آفيسري ڪندو هو. شام جو شهر جا هنا ڪَنا ڪنا ڪري ساڻن ڪَن ڳالهيون ڪندو هو تہ ڪيئن مسلمانن جو تختو اُلٽائجي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو هڪ شخص ڏٺو جنهن کي مسلمانن کان ايتري نفرت هئي جو مسلمان جي شڪل ڏسندي بہ منٽ اعصابي ڏڪٽي وٺي ويندي هيس، مُڇ ڦَرڪڻ ۽ چَپ مرڪڻ لڳندا هئس. سياست تي بحث ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوس، ڪنهن ڏينهن پيو ماڻهو ڪونہ مُنهن چڙهندو هوس تہ مون وٽ اچي نڪرندو هو، آءُ کيس ٺوڪيندو هوس تہ ”ديوان بہ منٽ ڏکي ڏکي سامت ۾ اچ تہ پوءِ ڳالهيون شروع ڪيون“.

شڪي تي چوندو هو:”اڙي تون تہ ڏاڍو چالاڪ پيو ڏسجين“.

آءُ عرض ڪندو هوس:”ديوان وڏا. آءُ شڪاري آهيان، حيوانن سان گهڻو واسطو رهيو اٿم، جانور کي پري کان ڏسي، ان جي حالت تاڙي سگهندو آهيان.“

ديوان:”تون مون کي بہ جانور پيو سمجهين ڇا؟“

آءُ:”طبعيت ۽ ڪم تہ اهڙائي اٿوَ.“

پوءِ بہ ڪونہ مڙندو هو. بہ - ٽي ڪلاڪ مڙيوئي خراب ڪري اٿندو هو. ويچارو تعصب جو لاعلاج مريض هو. اهڙا ئي ماڻهو ڏسي، اسان کي بہ پنهنجي پختائي ڪرڻي تي پئي. ڏوهہ نہ انهن جو، نہ اسان جو. مزاجن جون مجبوريون هونديون هيون. عمل ۽ رد عمل. جهڙي پوکيون، اُهڙي لُڻون.

## پروفيسر گهنشيام

سنڌ جدا ٿي تہ نئين اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ اسيمبلي اندر ڪانگريس پارٽيءَ جو ليڊر بڻيو. مٺ ڳالهائو پر پنهنجن اصولن تي پُختي رهڻ وارو انسان هو. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ جيرامداس جي ٽہ - مورتيءَ جو جزو هو. انهن وانگر پنهنجي زندگي بہ هندو قوم کي ارپڻ ڪري ڇڏي هئائين. سنڌس مُنهن ڏسي ماڻهو پُلجي پوندو هو، صورت منجهان سيرت جو پتو پئجي ڪونہ سگهندو هو. ڳالهہ اهڙي هلڪي آواز ۽ اهڙن سهڻن اکرن ۾ پيش ڪندو جو پڌنڌڙ گَهڙي سَوا گمراهہ ٿي ويندو. هونءَ بہ ڪِن ننڍيءَ گُجيءَ

وارن ڪانگريسين وانگر مسلمانن جي خلاف هرويرو وقلندو ڪونہ وتندو هو. پلو پنهنجي قوم جو چاهيندو هو، پر اهڙي نموني ۾ جو ٻين کي بہ منجهس شڪ نہ پوي.

## ڀائي پرتاب ڏيالداس

هونءَ تہ حيدرآباد جي تقريباً گهر گهر ۾ شام وڳڙي سياست (خاص طرح سان مسلمانن) جي باري ۾ هندن جون پاڻ ۾ ڪچهريون ۽ "ڪَــن ڳالهيونْ" ٿينديون رهنديون هيون، جن ۾ مَندا، ٺُندا، ورهين جا پنشنر ۽ مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پهتل ديوان، بہ ڪنهن طرح لَٺ جي آڌار تي ٿڙي ٿاٻڙي اچي شريڪ ٿيندا هئا. پر وڏين سِٽن سـٽڻ لاءِ وٽن ڪي مکيہ مرڪز هوندا هئا. انهن ۾ هڪ مرڪز ڀائي پرتاب ڏيالداس جي محلات بہ هئي. جنهن ۾ پاڪستان آئي مرحوم ڊاڪٽر عباسيءَ جي اسپتال کلي.

"پراچين هندو سڀيتا" جو قائل هو. گهر ۾ پٿر ۽ پتل مان نهيل ديوتائن، ديوَن، ديوين ۽ اپشرائن جون مورتيون رکيون ويئو هوندو هو. پنهنجي جاءِ بہ ڪلاسيڪي هندو عمارت سازيءَ جي طرز تي نهرائي هئائين. گيلريون، سنگ مرمر جا فرش، پاڻي جا فواره. گرمين ۾ پاڻ ۽ سندس مهمان پيٽ ڪديو، انهن ٿڌن فرشن تي پيا ليٽندا هئا. ڳالهيون مڙيوئي ڪانگريسي سياست ۽ انگريزن کي ڀڄائي ڪڍڻ جون هونديون هيون. ڪانگريسين جو سنڌ اندر سيٺ برلا هو. گپت دان چا ڏيندو هون، تنهن جي خبر ڪانہ پوندي هئي، پر ايترو ظاهر هو تہ ٻاهران جيڪو بہ وڏو ليڊر حيدرآباد ۾ ايندو هو، سو سندس مهمان ٿيندو هو. سرڳواسي جواهر لعل نهرو سان تہ ذاتي رستو ٿي ڏنس. رهڻي ڪرڻي، لٽي ڪپڙي ۾ ان جي نقالي ڪندو هو. صورت ۾ بہ اهڙو ئي وڻندڙ هو. ڏيٺ ويٺ جهڙي هئس، دنيا جو واءُ سواءُ گهڻو رکندو هو. سنڌ ورڪي هو، دنيا جي ڪيترن وڏن شهرن ۾ سندس واپار جون ڪوٺيون هيون، تنهنڪري مزاج بين الاقوامي هوس. گهر ويٺي، پيو هندن جي رهنمائي ڪندو هو. پاڻ جيل ڪونہ ويو، پر جيڪي هندو ورڪر جيل ويندا هئا، تن جي پوين جي سار سنڀال رکندو هو. افسوس آهي تہ جيل جي ياترا پوءِ بہ سندس حق ۾ لکيل هئي. پاڪستان نهڻ شرط سنڌ ڇڏي بمبئي پهتو، اتان ويهي سنڌ جي ڪڇ واريءَ سرحد تي ڪُندلا شهر ٻڌائڻ جو منصوبو ناهيائين، جنهن جي

سلسلي ۾ پيسي ڏوڪڙ جون ڪي گهوپيون لڳيون. الزام مٿس آيو. سندس دوست جواهر لعل جي حڪومت خود ڪٽي جيل ۾ لنگهايس. سال ٿيا ته ٻڌوسين ته سورگ باش به ٿي ويو. ڪانگريسي اثر هيٺ هندو تهذيب ڪي وري جيارڻ لاءِ جيڪا تحريڪ هلي، ان تهذيب جو، ان زماني ۾ سنڌ اندر، بهترين نمونو هو.

## مسٽر نور محمد مرحوم وڪيل

جيرامداس جو جواب اسان وٽ محض ميان نور محمد وڪيل هو. قد ۾ ٿورو ڪم، پر مزاج خواهه منهن جي گهُنڊ ۽ پيشانيءَ جي گهُنجن ۾ به رَتيون سرس. عليڳڙهه مان ايل. ايل. بي پاس ڪري اچي حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي هئائين. اصل ڄمر دادو ضلعي جي خيرپورناٿن شاهه جو هوس. پر سندس سياست خواهه خيالات مان دادو سان سندس پريت جو ڪو پتو ڪونه پيو. جيڪو پال پلايائين سو حيدرآباد سان.

خانبهادر سيد محمد ڪامل شاهه مرحوم جي سرپرستيءَ هيٺ مسٽر نور محمد سياست ۾ گهڙيو. حيدرآباد مان ٽي ٽرم بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. چوٿين ٽرم ۾ سائين ميران محمد شاهه ڪيرائي وڌس، ان وچ ۾ سائين ڪامل شاهه به رحلت ڪري ويل هو.

مزاجاً خواهه ملبوساً ساري عمر عليڳڙهه جي رنگ ۾ رنگيو رهيو. مٿي تي گـُل سان ڳاڙهي ترڪي ٽوپي، هيٺ تي پتلون يا سوڙهو اچو پاجامو، بدن تي ڪاري شيرواني. مسلمانن جي ڪاز سان اتاهه الفت، نه انگريز جي مجال، نه هندوءَ ڪي همٿ، ته ڪيس ان راهه تان هٽائي سگهي. انهن ڏينهن ۾ ٻن ٽن پڙهيلن ماڻهن ڪان سواءِ سنڌ طرفان بمبئي ڪائونسل ۾، باقي گهڻو ڪري ڍور ڍڳا ويندا هئا. سندن شڪليون ڏسي ٻاهرين ڪي به هن علائقي تي رحم پيو ايندو هو. ايتري مهرباني ضرور ڪندا هئا جو ڪائونسل ۾ مٺ ڪيو وينا هوندا هئا، نه پاڻ وات کولڻ جي زحمت ڪندا هئا نه ٻاهرين ڪي پنهنجي ٻولن ٻڌڻ جي تڪليف ڏيندا هئا. نظر سرڪاري ميمبرن تي کُتل هوندي هون. هو اٿن ته هي به ڪڙا ٿي بيهن، هو ويهن ته هي به ڪرسيءَ ۾ ڪريو پون. خود انگريزي پڙهيل پتلون پوشن ڪي به ڪانه ڪا ذاتي لنجهڻ لڳَل هوندي هئي. وزير ٿيڻ جي لقبن وٺڻ جي، مهربانين پـِنڻ جي، ڪاميٽين جي ميمبرين ماڻڻ جي، ۽ انگريز تي هن اثر پيدا ڪرڻ جي ته سنڌ جي مسلمان

ميمبرن جي ووٽن جي چابي "مون وٽ آهي، نہ فلاڻي وٽ." بمبئي ايندي ويندي اڪثر حضرت اجميري رحمة الله جي زيارت ڪندا ويندا هئا. ان نيت سان تہ سندس غريب نوازي ڪين انگريز وٽان ڪنهن خطاب يا وزارت وٺي ڏيڻ جو باعث بنجي. شال نہ ڪو هيورڊ صاحب يا هاٽسن صاحب لابيءَ مان لنگهي، چڻ جهرڪين باز ڏٺو! اهي نظارا مون پنهنجين اکين سان ڏٺا.

البت ميان نور محمد مرحوم انهن ڳالهين کان بي نياز رهيو. غريب هو، پر اصولن تي بيٺل غربت جو شان ۽ مڪان چاهيندو هو.

*　　*　　*

حيدرآباد ۾ ڦيريون پيو رڪيائين تہ ڪهڙو نظارو ڏٺائين؟ هندو سجاڳ، مسلمان اگهور ننڊ ۾. هندو ليڊر تعليم، تنظيم ۽ تعبير ۾ مشغول، ڪيترا مالدار مسلمان اهڙن مشغلن ۾ محو جن جو تفصيل ڏيندي اڄ بہ ڏک پيو ٿئي.

هندن جو ڪم ترتيب سان پئي هليو.

هڪڙا: سوچڻ ۽ ويچارڻ تي،

ٻيا: تعليم ۽ هندو تهذيب ڦهلائڻ تي،

ٽيان: سماجي اصلاح تي،

چوٿان: نوڪرين ذريعي انگريز جي گهر ۾ گهڙڻ تي،

پنجان: سياست سان منهن ڏيڻ تي،

ڇهان: لٽريچر لکڻ، اخبارن هلائڻ ۽ فڪري انقلاب آڻڻ تي،

ستان: مسلمانن مٿان اک رکڻ تي:

اٺان: پيسن پهچائڻ تي.

هر ڪم لاءِ ماڻهو مخصوص، پروگرام تيار، ادارا قائم، دولت موجود، مجموعي مقصد هيءُ تہ پيڙهہ کان وٺي چوٽيءَ تائين هندو معاشره کي نئين سر وقت جي خاص تقاضائن موجب گهڙي ناهي تيار ڪجي.

ساڳئي پَٽ ۾ پيرن، اميرن، رئيسن ۽ مالدار مسلمانن جي بہ ڪوٽ ڪانہ هئي ۽ منجهان، انفرادي ليول تي، گهڻن جي دل ۾ تہ قومي درد بہ موجزن رهيو[1]. پر بحيثيت ڪلاس جي مجموعي طرح سندن توجہ زياده تر پنهنجي مخصوص اميراڻي ڪلچر جي پذيرائي ۽ شخصي توانائي ۽ تونگري جي تشهير

[1] مثلاً: خانبهادر مير غلام محمد خان مرحوم ٽنڊي باڳي وارو، جنهن پنهنجي خرچ تي هاءِ اسڪول ٺاهي هلايو.

تي رهيو. اُٺ، گهوڙا، ڪُتا، ڪجريون، ڪبوتريون، ميلا، ملاکڙا، سرود سماع، ڳائڻ وڄائڻ، شيل شڪار، باز، بندوقون، سينڌيون، سُرتيون، شيدي، ٽاپرو، مسخرا، مَلهه، موالي، مولائي. غرض هڪ پوتار سو جوابداريون، هڪ خاندان سوين مصروفيتون. ڪٿان ٿي قومي ڪمن لاءِ وقت يا ڏوڪڙ بچين؟

ان وچ ۾ خاص طرح سان موسيقيءَ جي فن جو چرچو چالو ٿيو هو. گهڻا ئي "خانصاحب" ۽ "اُستاد" موقعي تي پهچي ويا هئا. قدرت جو قانون آهي ته قومن جو انحطاط واري دؤر ۾ (بقول مولانا شبلي مرحوم) موسيقي ۽ عروض جو خاص اوج ايندو آهي، هتي به ساڳيو حال ٿيو "خانصاحب" ورهائجي سنڌ کي وکوڙي ويا، هر خاندان کي خيال ٿيو ته چونه پاڻ تانسين بنجي. پر تانسين بڻجڻ آسان ڪونه هو. اجايو وقت ۽ دولت وڃائيندا رهيا.

* * *

مرحوم مسٽر نور محمد اهي تقابلي تماشا پنهنجن پَراون جا ڏسندو رهيو. محسوس ڪيائين ته اهڙي طوفان ۾ گهڻو ڪجهه ته ٿي ڪونه سگهندو، پر جيترو ڪجهه ٿي سگهي سو ضرور ڪري گذرجي. اتفاقاً مرحوم سائين محمد ڪامل شاهه جهڙو مرد ڪامل ملي ويس. جنهن جي رفاقت ۾، ورهين جي متاڪڻ بعد، حڪومت بمبئي جي مهربانيءَ سان حيدرآباد جي مسلمانن لاءِ هڪڙو، (صرف هڪڙو) هاءِ اسڪول کولرائي سگهيو. جنهن جي صحن ۾ پاڻ به ابدي ننڊ سمهي رهيو. دادوءَ مان آيل هڪ پرديسي وڏيڪ ڇا ڪري سگهيو ٿي؟

ڪاش سنڌس قائم ڪيل اسڪول مان ڪڏهن ڪو هڪ نئون نور محمد نڪري نروار ٿئي. معمول ته هيءُ رهيو آهي ته ويلن جي جاءِ ڪو ڪونه ٿو پري.

## حيدربخش جتوئي مرحوم

فارسيءَ واري چيو آهي ته عشق جو قصو ڇِڙندو ته بلبل ۽ پرواني جو ذڪر ڪيئن نه ايندو[1] ؟

---

(1) چو اهل دل ز عشق افسانہ گويند.
حديثِ بلبل و پروانہ گويند.
- جامي.

سنڌ جي سوز ساز جي حڪايت هلندي تہ حيدر بخش مرحوم جي کهاڻي ڪهڙيءَ طرح نظر انداز ٿيندي؟

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏوڪري تعلقي جي هڪ واهڻ اندر ولادت ٿيس. سندس والد الهداد خان مرحوم ٻاهراڙيءَ جو ڪاتيدار ۽ منهنجو يار هو. متبرڪ صورت، ڍگهي چاپوين سفيد سونهاري ۽ خود بہ سفيد پوش، نمازي نيڪ بخت. سندس ٻارڙيچن، وڏن وڏيرن مان گهڻن پُٽن کي پاڻارين هلائڻ جي سکيا ڏني، پر ميان الهداد پنهنجي پٽ کي اعليٰ انگريزي تعليم ڏياري مختيارڪار مقرر ڪرايو. هونءَ تہ وڏي ڳالهہ ٿي ويئي، پر وچ ۾ وڏو خرخسو پيدا ٿي پيو. ميان حيدر بخش شاعر مزاج واقعي ٿيو هو، شاعري تي ڪنٽرول رکي ڪونہ سگهيو. انهن ڏينهن ۾ علامہ اقبال رحمة الله عليه جي شڪوه جو ڇهڇٽو هو. ميان جي دل بہ ڪانہ رهي. ساڳئي طرز تي هڪ منظوم شڪايت نامو شايع ڪرائي ويٺو، جنهن ۾ باري تعاليٰ سان سوال و جواب ٿيل هو تہ غريب غريب ڇو ۽ امير امير ڇو آهي. مذهبي حلقن اعتراض ورتو. ساڳي طرح حضرت اقبال تي بہ اعتراض ٿيا هئا پر هو سياڻو هو، ٺهہ پهہ "جواب شڪوه" لکي ڳالهہ کي ٺڏو ڪري ڇڏيائين. هتي ميان حيدر بخش کان اهڙي ڦڙتائي ڪانہ پڳي. بندن جي وڪالت تہ ڪري ويٺو هو، پر ساڳي وقت ٻيءَ ڌُر جي بہ وڪالت ڪرڻ جو پاڻ ۾ پوتو پائڻين ڪونہ سگهيو.

ويچارو وچ ۾ اٽڪي بيهي رهيو. مٿان اچي اعتراضن ۽ ملامت جو مارو پيس. منهنجي اخبار جي مئنيجر آغا نظر علي خان مرحوم جي جذباتي رڳ بہ ڦڙڪي اُٿي هئي، جڏهن جهيڙي ڍيگهہ ورتي ۽ ان جي ختم ٿيڻ جي علامت ڪانہ نظر اچڻ لڳس تہ مرحوم اچي مون تي زور وڌو تہ آءٌ قلم کم آڻي ان قصي کي ڪنهن طرح ڪوتاهہ ڪرايان. آءٌ انهن ڏينهن ۾ موڪل تي هوس ۽ ڪچي ۾ شڪار پيئي ڪيم. هڪ ڏينهن ناڪ منجهند جو ڪيئي ميل واريءَ جو پنڌ هٽي اچي آغا صاحب مون کي هٿ ڪيو. معلوم هوس تہ آءٌ مضمون نويسيءَ جي موڊ ۾ ڪونہ هوس، تنهنڪري وڏو ناٽڪ ڪرڻو پيس. پهريان تہ ايندي شرط بيهوشيءَ جو بهانو ڪري پٽ تي ڪِري پيو. پـَـٽ تان ڪٽي ڪيس ڪٽ تي وڌوسين ۽ مٿانس پاڻي ڇڙڪايوسين، ساعت سوا بعد پُٽڪڻ لڳو تہ: "ڏَنڊڻ پئجي ويا اٿم، اُهي پڄو."

مون چيس تہ: "ڏنڊڻ پيل اٿئي تہ پوءِ ڳالهائين ڪيئن ٿو؟"
چيائين "ايمان جي سلامتيءَ سان."
مون نوڪر کي وڏي واڪي چيو: "تہ ڏوئي جو ڳَــن وات ۾ لنگهائي ميان جا ڏنڊڻ پچو."
ڏوئي جي ڳَن جو ٻڌي نوڪر کي هڪل ڏنائين: "نالائق جهل ڏوئي، الله وارن جي وات ۾ ڏويون لنگهائبيون ،هن. هي پير تہ انڌو ٿي ويو آهي، تون تہ اک پٽ."
نوڪر: "پوءِ ڏنڊڻ ڪيئن پچان؟"
آغا صاحب: "الله وارن جا ڏنڊڻ مومن ٿڌيءَ لسيءَ سان پچندا آهن."
ٿڌي لسي آئي، برف جي کمي محسوس ٿي، پر بــرف ڪچـي ۾ ڪٿان اچي ها. بهرحال آغا جا ڏنڊڻ پڳا، ڏنڊڻن پچڻ شرط سندس اشتها بہ کلي. حڪم ٿيو تہ يخني تيار ٿئي، تـترن جي گوشت ۾، جيئن اندر آندن جا ڏنڊڻ بہ پچن. اُهو انتظام بہ ٿيو. آخر آغا صاحب پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو: "چي، حيدر بخش جي گستاخانہ ڪلام دليون ڏاري ڇڏيون آهن. رات خواب ۾ مون کي حضرت پيران پِير رحمة الله عليہ حڪم ڪيو آهي تہ راشديءَ کي وڃي منهنجا سلام ڏي، ان کان زوردار م...ون لکرائي حيدربخش واري فتني جو خاتمو ڪراءِ."
مون ڏٺو تہ جيڪڏهن آغا مان جلد جان نہ ڇڏائي وٺي تہ هو هت رهي، رات ڏينهن روڏن ڪري، منهنجي شڪار جو مزو وڃائي ڇڏيندو. نہ فقط ايترو پر شايد مجبور بہ ڪندو تہ آءٌ موٽي هلي سکر ۾ رهي ڪفر ۽ اسلام جي ان جهيڙي کي منهن ڏيان. تنهنڪري تڙ تڪڙ ۾ هڪ آڏو ٽيڏو مضمون لکي سندس حوالي ڪيم. مضمون جو بنياد هن ڳالهہ تي رکيم تہ "حيدر بخش سرڪاري آفيسر يعني مختياڪار آهي، سندس لکپڙهہ پنهنجن آفيسرن سان هجڻ گهرجي، هن کي ڪهڙو حق آهي تہ پنهنجن تُــرت عملدارن کان بالا بالا خود خدا سان سڌي لکپڙهہ شروع ڪري ڏئي؟ جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ کان باز نہ ٿو اچي تہ سرڪار کي "ڊسپلنري" قدم کڻي کانئس پهريان نوڪري ڇڏارائڻ گهرجي."
مضمون انگريزيءَ ۾ هو، انگريزيءَ ۾ ئي ڇپيو. ڪيڊل صاحب ڪمشنر پاڻ پڙهيو. نڪتہ نواز هو، مون وارو منطق سمجهہ ۾ اچي ويس.

حڪم ڪيائين تہ ”يا حيدر بخش نوڪريءَ کان استعيفيٰ ڏئي يا پنهنجو ”تحفہ سنڌ“ واپس وٺي، افسوس جو اظهار ڪري.“

ان وچ ۾ چاچو الهداد خان مرحوم بہ پهچي ويل هوس، حيدر بخش جتوئي پيءُ کي جواب ڏئي نہ سگهيو. ڪمشنر جي حڪم موجب ”تحفو“ واپس وٺي، اظهار افسوس ڪري، معاملي کي ختم ڪرايائين.

* * *

ان واقعي کان پوءِ مرحوم سان منهنجي ذاتي واقفيت جو دور شروع ٿيو. شديد نظرياتي اختلافن هوندي بہ، موقعہ سارو، پاڻ ۾ ملي ڳجهہ ڳرهيندا هئاسين. اديب هو، شاعر هو، وسيع مطالعو هوس. ساڻس علمي گفتگو هرويرو وقت جو زيان ڪونہ هوندي هئي. ڪجهہ وقت تائين پاڻ نوڪري ڪندو رهيو، پر دل نوڪريءَ سان ڪانہ ٿي لڳس. موقعي لاءِ واجهائيندو رهيو تہ ڪنهن ڏينهن انهن مجبورين مان نڪري کُليو کُلايو سنڌ جي ڏکوين کي ڏڍ ڏيڻ جي قابل ٿئي.

مختيارڪاريءَ مان ترقي ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو. ۽ امڪان هو تہ جلد ڪليڪٽري بہ ماڻي پر مڙس وڏيڪ ساهہ منجهائي ڪونہ سگهيو. حيدرآباد ۾ انڪمبرڊ اسٽيٽس جو ڊپٽي مئنيجر هو جو صلاح لاءِ مون کي سڏايائين - کيس معلوم هو تہ سندس معاشي عقيدن سان مون کي سخت اختلاف آهي پر ان هوندي بہ آءٌ ذاتي دوستيءَ ۾ پختو آهيان ۽ جيڪا صلاح کيس ڏيندس سا عقل ۽ خير خواهيءَ جي هوندي. مون کي ساڻس ملاقات وارو اُهو ڏينهن اڄ بہ چٽائيءَ سان ياد آهي. پاڻ ٻڌايائين تہ سندس لاءِ نوڪري ڇڏي آزاد ٿيڻ جو هينئر وقت اچي ويو آهي، عمر وڏي ٿي ويس تہ پوءِ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهندو، تنهنڪري جوانيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جا ڏينهن، وڃائي ويهڻ نٿو گهري، سنڌ جي هارين ۽ ڏُتڙيل ڳوٺاڻن جي خدمت سندس نصب العين آهي.

گهڻو ئي سمجهايومانس، هر نوع جا دليل ڪم آندم، ذاتي، سياسي، نظرياتي، حتاڪ سندس ننڍڙن ٻارن جي مستقبل جا بہ کيس واسطا وڌم. پانيم تہ پرمي پوندو – پر اندر ۾ جا باهہ ٻرڪا ڪائي رهي هيس، سا منهنجي اُجهائي ڪانہ اُجهاڻي. مون اجا حيدرآباد مان مَس پني ڏني تہ پاڻ استعيفا ڏئي، فقيراڻو آدرش اختيار ڪري، ”هست“ سان ٽڳا ٽوڙي، ”نيست“ سان ناتا جوڙي، سنڌي سياست جي رڃ اندر ڪاهي پيو. سڪئامل پالهي مل پيغام موڪليا ٿئي!

هاڻي سنڌ جا وڏيرا ۽ وزير هڪ پاسي، تہ حيدر بخش جو نعرو "هاري حقدار" ٻئي پاسي. ووٽ ملڻ جو آسرو هجي يا نہ، پر ڪنهن نہ ڪنهن وزير کي دق ڪرڻ ۽ غريبن جي درن تي ڊوڙائڻ خاطر، حيدر بخش جو پيپر سندس خلاف ضرور داخل ٿيندو. طاقت وارو جيڪو بہ ليڊر ڏنائين تنهن سان هٿ اٽڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين. عوام جي بي حسيءَ جو دور هو - پاڻ وٽ نہ پيسو نہ ورڪر. نہ پارٽي نہ سواري. صرف ذاتي همت ۽ حوصلو، جنهن جي آڌار تي سالن جا سال، پنهنجن خيالن ۾ مَگن، هر پاسي هلندو رهيو. يقين اهو هوس تہ سندس قرباني رائگان ڪانہ وينديءَ، جيڪو سلو پوکيو اٿائين سو ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور ثمر ڏيندو. ميٽنگ ڪرڻ يا زباني احوال ٻڌائڻ جو موقعو ڪونہ ملندو هوس تہ چوپڙيون ڇپائي ورهائيندو هو. احتياط موراً ڪونہ ڪندو هو، مڙندو بنہ ڪنهن مان ڪونہ هو. مارڪا ور ور ڪري جيل موڪليندا هوس، جنهنڪري گهڻو وقت ڪاٽ ۾، يا بندش هيٺ گذارڻو پوندو هوس، پر تنهن جي پرواهہ هرگز ڪانہ ڪندو هو، وڏي واڪ چوندو رهندو هو تہ: "قيد ۾ رهڻ خود ڏاڍ خلاف اعتراض جو هڪ موثر ترين طريقو آهي." پاڻ ٻاهر هجي خواه جيل ۾ هردم ٽهڪ ڏيندو رهندو هو. خطرناڪ کان خطرناڪ موقعن تي بہ مون سندس مُنهن گهُنجيل ڪونہ ڏٺو. اندر جو سڪون ۽ دل جو اطمينان حاصل هوس.

ساڻس آخري ملاقات غير معمولي حالتن ۾ ٿي، 1970ع جو زمانو هو. نوابشاهہ ۾ مٿس ڪو مقدمو داخل ٿيو هو، جنهن ڪري پوليس کي سندس ڳولها هئي. هت سنڌ متحده محاذ جي ميٽنگ "حيدر منزل" ۾ ٿيڻي هئي، جنهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ بنگال مان شيخ مجيب الرحمان بہ اچي پهتو هو. حيدر بخش مرحوم جو خيال هو تہ پاڻ بہ ان ميٽنگ ۾ ضرور شامل ٿئي.

ميٽنگ ڏينهن ساريءَ سنڌ جا اڳواڻ اچي موجود ٿيا هئا، سواءِ ڪنهن هڪ اڌ جي جن پڻ ٻاهران ويٺي پنهنجي همر صلاحيءَ جا پيغام پي موڪليا. اُهي بزرگ بہ مون ات ڏٺا جن پوءِ ڦرتي ڪائي محاذ جي مخالفت ۾ ٻين جي مدد سان ميمبر چوندجي عهدا هٿ ڪيا. چوڻ جو مطلب اهو اٿم تہ سنڌ سڄي گهٽ ۾ گهٽ اُن گهڙيءَ پاڻ ۾ گڏ هئي.

ڪنهن وقت ڏٺم تہ ميان حيدر بخش بہ سُرڪي پُسرڪي اچي پهتو. وچ ۾ ويهي ڏم ڏاڙا تقريرون ڪندو ۽ نهرائن ۾ تيز قسم جون درستيون ڏيندو

رهيو. ان وچ ۾ ٻاهران خبر آئي تہ ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ پوليس پهچي گهر جي چوڌاري ڪڙو چاڙهيو آهي. آءٌ حيدر بخش جي سامهون ويٺو هوس. ان خبر جو تہ ٻاهر نڪرندي گرفتار ٿيندو، سندس چهري تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو، پاڻ کلندو، ٽهڪ ڏيندو، بحث ۾ حصو وٺندو رهيو، گويا ٻاهر گهوٽ کي وٺي وڃڻ لاءِ ڄاڃي آيل هئا.

ماني آئي. ٻين وانگر حيدر بخش بہ پليٽ ڏسمي موج سان کاڌي، ڪوڪا ڪولا پيتي ۽ پہ - ٽي اوڳرايون ڏنيون.

ميٽنگ پوري ٿي تہ سڀ ٻاهر نڪتاسين. حيدر بخش کي پوليس وڪوڙي ويئي. ڪيس ان حال ۾ ڏسي گهڻا ماڻهو سندس چوڌاري گڏ ٿي ويا. انهن ۾ مجيب الرحمان ۽ سندس بنگالي ٽولو بہ هو. مجيب الرحمان جو منهن غصي ۾ ڳاڙهو هو. مون کي مجمع وٽان لنگهندو ڏسي وڏي واڪي سڏ ڪري چيائين: "هيءُ ڏس، اجان بہ اُهو پيو چوين جيڪو هيلتائين بَڪدو رهيو آهين؟"[1]

هڪ شخص ان جذباتي ماحول ۾ بہ وڏا ٽهڪ ڏئي کلي رهيو هو، گويا پنهنجي دل جي خواهش پوري ڪري چڪو هو. اُهو هو حيدر بخش پاڻ!

نواب شاهہ جي جيل مان ڇٽي اچڻ بعد وري اسان جي ملاقات ڪانہ ٿي. مسلسل جيل جون سختيون جوان جو جُسو ڪائي ويون هيون. آخر وڃي ميان غلام شاهہ مرحوم جو اجهو ورتائين.

## پير غلام مجدد سرهندي رحمة الله عليه

منهنجو استاد مولانا محمد صديق عليہ الرحمة هڪ ڏينهن جلالي ڪيفيت ۾ هو. پر ۾ ڪو ميلو ڏسي آيو هو، اُت ڪن پيرن جون ڪار گذاريون ڏسي هن فڪر ۾ پئجي ويو هو تہ قيامت ڏينهن الائجي پيرن جي فرقي جو ڪهڙو حال ٿيندو.

مون سان ان انديشي جو اظهار ڪيائين. عمر منهنجي مشڪل سان ڏهاڪو سال هئي، پر شايد ان قابل سمجهيائين ٿي تہ آءٌ سندس ارشاد جو

---

[1] مجيب الرحمان ڪيترا ورهيہ مون سان گڏ مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو هو. پاڻ ۾ بي تڪلفي هوندي هئي. آءٌ هميشہ ساڻس وڙهندو رهندو هوس، لابي خواه اسيمبليءَ ۾ ڪيس مهڻا ڏيندو هوس تہ هو مسلمانيءَ کان دُور، هندن جي اثر هيٺ اچي جدائيءَ جون بيهوديون ڳالهيون پيو ڪري، اڪثر سندس خلاف غير پارليماني اکر بہ استعمال ڪندو رهندو هوس. بنهہ منهنجي ساڻس ڪانہ پوندي هئي، پر اڄ مون کي ٽوڪڻ جو وجهہ ملي ويو هوس!

مطلب سمجھي ويندس. ارشاد سندس هيءَ هو تہ "قيامت ڏينهن پين بنسبت پيرن کان وڌيڪ سخت پُڇاڻو ٿيڻو آهي. تنهنڪري پير هجڻ ڪري مون کي ننڊڙائي کان ئي وٺي خيال سان هلڻ گهرجي."

مون عرض ڪيس تہ "قيامت ڏينهن ماڻهن جو وڏو ڏنب هوندو. اسان پير انهن ۾ لڪي ويندا سين. ملائڪ اسان کي سڃاڻي ڪيئن سگهندا؟"

چيائين: "پر ابا. پنهنجا ٻاهر نڪتل پيٽ. ڳاڙهيون اکيون ۽ ساري مخلوق کان وڌيڪ مَکيل چِڪيل منهن ڪيئن لڪائي سگهندا؟ انهن نشانن پٽن تي ملائڪ سڳورا آسانيءَ سان اوهان پيرن کي سڃاڻي وٺندا. اهڙي حالين ملائڪن کان ڪيڏانهن لڪي سگهندا؟ اوهان جا بدن اهڙا ڀاري هوندا جو ڀڄي بہ ڪونہ سگهندا."

آءٌ ان وقت تہ لاجواب ٿي ويس. پر جيڪڏهن استاد سائين اڄ هجي ها تہ هوند چوانس ها تہ "قبلا! قيامت ڏينهن جڏهن اسان پيرن پنيان ملائڪن وٺ پڪڙ شروع ڪئي تہ اسان پاڻ مان پير غلام مجدد سرهندي جهڙو بزرگ ڪين ڏيکاري چونداسين تہ اسان جي فرقي ۾ ههڙا انسان بہ هئا ۽ انشاءُ الله ان کان پوءِ:

"ع – بدران را بہ نيڪان بہ بخشد ڪريم"

* * *

پير صاحب رحمة الله عليه واقعتاً ان پايہ جو انسان هو. عالم باعمل هو. مرد مجاهد هو ۽ پير هو. پر اهڙو پير. جنهن جون ڪرامتون سندس ذاتي قربانيون هيون. جيڪي هو امت رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سربلنديءَ ۽ انسان ذات جي سرخروئي لاءِ قدم قدم تي پيش ڪندو رهيو هو.

* * *

خانداني مرڪز مٽيارين ۾ هوس. پر اتاهون جي فضا کان سرگرفتہ ٿي عمر جو وڏو حصو حيدرآباد ۾ گذاريائين. ملڪ خواه مسلمان قوم جي هر سڏ تي پهريان لبيڪ چوڻ وارو پاڻ هوندو هو.

خلافت جي تحريڪ شروع ٿي. انگريز کي پيرن. ملن ۽ مشائخن جي ضرورت محسوس ٿي. اگهہ چڙهي آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. صحيح جنس کانہ ملين تہ ملاوٽي مال وٺڻ کان بہ ڪونہ ٿي مڙيا.

پر پير غلام مجدد خود انگريز جي مَٽي وڃائڻ لاءِ لٺ کڻي ٻاهر نڪري پيو. پوليس فائرنگ ۾ جان جي پهرين قرباني سندس ڳوٺ مٽيارين ۾

پيش ٿي، اُنهن ڏينهن ۾ هڪڙي انسان جو مرڻ بہ وڏي ڳالهہ هوندي هئي، انگريز جي دل خود دهلجي ويئي. هندستان جي ڪنڊ ڪُڇ منجهان مٿس ملامت وسڻ لڳي، نيٺ جڊيشنل انڪوائري هلائي، فائرنگ جي حڪم ڏيندڙ مئجسٽريٽ کي موقوف ڪري، پاڻ کي بدنامي کان بچايائين.

* * *

ڪراچيءَ ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي. صدر مولانا محمد علي جوهر مرحوم هو. ٺهراءُ پيش ٿيو تہ انگريز جي فوج ۾ داخل ٿيڻ مسلمانن لاءِ حرام آهي. ٺهراءَ جي سنڌين منجهان تائيد ڪنهن ڪئي؟ - پير غلام مجدد!

اِن ٺهراءُ جي بنياد تي مشهور زمانہ "ڪراچي مقدمو" قائم ٿيو. مولانا محمد علي، مولانا شوڪت علي، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا حسين احمد مدني، مولانا نثار احمد ڪانپوري[1] ، شري شنڪر آچاريا. سڀ جوابدار - سنڌ منجهان ڪير؟ - پير غلام مجدد.

مقدمو هليو: هر جوابدار بيان ڏنو. سنڌ جي پير غلام مجدد چيا چيو هي: ٺهراءُ ٺيڪ هو. انگريز جي فوج ۾ داخل ٿيڻ، ازروءِ قرآن پاڪ، ڪالهہ بہ حرام، اڄ بہ حرام، هميشہ حرام. جن مسلمانن ڪافر جي فوج ۾ داخل ٿي، ڪڏهن مقامات مقدسہ تي گوليون هلايون سي سڀ مردود، اسلام کان خارج.

سزا؟ - ٻہ سال قيد سخت. رتناگيري جيل ۾. جهاڳي وجي پار پيو!

* * *

عدم تعاون جو فيصلو ٿيو. پير غلام مجدد ٻين کان بہ پير اڳتي ويو. فتويٰ ڪڍيائين تہ: "انگريز جو منهن ڏسڻ بہ ڪبيرو گناهہ آهي، جنهن انگريز ڏٺو، سو زيارت رسول صلي الله عليہ وآله وسلم کان محروم رهندو."

عمر گذري ويس، انگريز جو منهن ڪونہ ڏٺائين، اوچتو رُخ چڙهيس تہ پنهنجي منهن کي پڳ جي پلاند سان ڍڪي پٺي ڏئي هليو ويندو هو.

* * *

مسجد منزلگاهہ سکر تي قانون ٽوڙ مهم شروع ٿي. اڻ سڏيو، پر سڀ کان اول سڏ ورائڻ وارو اهو پوڙهو پير هو. پهرئين جٿي جي اڳواٽي پاڻ ڪيائين جيل ۾ پهريون قدم سندس پيو. اهو قصو هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ اچي چڪو آهي.

* * *

---

[1] سيني بزرگن تي الله جون رحمتون هجن.

ڏسڻ ۾ ڏاڍو وجيہ هو: ڏِکهو، رنگ شگفتہ گويا گل گلاب چِٽي سفيد سونهاري، اڇو سنڌي لباس، مٿي تي اڇي پڳ، چِهري ۾ چِلڪ، گفتار نرم ۽ آهستي، مزاج مُستغني، تنهائي پسند، سير نفس، پيراڻين مجلسن، محفلن ۽ ميلن کان نفرت، دعوتن سان عداوت.

انهن خوبين ۽ خاصيتن ۾ سندس ثاني پيرن ۾ مون کي نظر ڪونہ پيو.

بوقت وفات آخري الفاظ هي هوس:

يـا رسـول الله بـاحوال خـرابِ مـا بـہ بيـن،
رو بہ خاک افتاده ام از شرم عصيان بـر زميـن
گـر خدا پرسـد چہ آوردي بـہ محشـر گويمـش،
داغهـائي سينہ ام از هـجرِ پيغمبـر بـہ بيـن.

هڪ دفعو حج بہ ڪري آيو هو، پر اُتان ريديا، گهڙيال ۽ بوسڪي ڪانہ ڪٽي آيو هو.

## ادبي چوئياري

ٺالپرن جي چوئياري تہ مشهور آهي، پر حيدرآباد ۾ اسان جن ڏينهن ۾ هڪ ٻي چوئياري بہ هوندي هئي. ان جو تعلق سنڌي ٻوليءَ ۾ لٽريچر سان هو. پڙهندا هئا، لکندا هئا، کوجنا ڪندا هئا، زير زبر تي وڙهندا هئا، ڪتاب ڇپائيندا هئا، رسالا ۽ اخبارون ڪيندا هئا، مطلب تہ سنڌ جي ٻوليءَ ڪي ڪڙو تڙو ڪريو وينا هوندا هئا، سمهڻ يا مرڻ اجهامڻ يا هار مجڻ ڪونہ ڏيندا هوس. هندو هئا، سندن ڪم باترتيب هلندو هو، تحرير بامقصد ٿيندي هئي.

نالا ٻڌو: (1) ڪاڪو پيرومل مهرچند، (2) لعل چند امر ڏنومل جڳتياڻي، (3) ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي ۽ (4) سوڀراج نرملداس.

سنڌي نِرڄي آهي، هزارن سالن ۾ ڪانہ مُئي آهي، شايد هن کان پوءِ بہ ڪانہ مري ۽ جيستائين ڪانہ مئي آهي اوستائين اهي نالا بہ وڄندا رهندا. ايترو ڪم ڪري ويا آهن جو خود وقت هتان بہ ڪونہ ميساريو.

منهنجو سيني سان ساٿ رهيو، هونءَ تہ ننڍي هوندي کان ڪتابن ۽ اخبارن ۾ سندن نالا پڙهبا هئا، پر پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ سالن جا سال سڌيءَ طرح ساٿن واسطو رهيو. ڏسٽيءَ ۾ بہ فلاسفر هئا، فلاسفرن جهڙا حال ڪيو

وتندا هئا. هردم خيالن ۽ خبطن ۾ غلطان، نون اکرن ۽ اصطلاحن جي عشق ۾ پيچان. ڪپڙا سيِ جوڙيءَ جا پائيندا هئا، پر هڪ پاڇو هيٺ ٻيو مٿي، چولي تي مس جا چٽا، چارئي ڪيسا ڪاغذن، ڪتابن، قلمن ۽ پينسلين سان ڏٽيل، مٿا اُگهاڙا، وارن منجهان سرهن جو تيل پيو ڳڙي، ڏاڙهي ڪڏهن وسريل، ڪڏهن ڪٽيل، ڪڏهن ڪوڙيل. اکين تي اڪثر عينڪ. پيرن ۾ چپليون يا چاڪڙيون. اسان مسلمان ميمبر هميشه ڪپڙين لٽين ٺهي نڪي ايندا هئاسين. پر هي صاحب انهن تڪلفات کان آجا هوندا هئا.

ڪاڪو پيرومل چمار ۾ سيني کان سينئر ڏڳهو. هڏهن جو پڃرو هو. آبڪاريءَ مان اُستاديءَ کي پهتو هو. سنڌي گرامر کي سمهو ئي وينو هو. درسي پاراٺا ڪتاب جيڪي لکين پارن پئي پڙهيا سي سندس لکيل هئا. ٻوليءَ جي مسئلن ۾ سندس راءِ آخري حرف هوندي هئي. ٻه خيال تمام پختا هوندا هوس: 1 – سنڌي ٻولي سندس ناهيل گرامر جي ٻڌي ٻانهي رهڻ گهرجي ۽ 2 – ته خدا پاڪ هيءَ دنيا محض ان لاءِ خلقي جو ڪيس حيدرآبادي عاملن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪو بهانو ڪپندو هو.

سرڳواسي لعل چند امر ڏنو مل عملي دنيا جو ماڻهو هو. تحرير وڻندڙ، تقرير گرجدار ۽ عقيدا متوازن هوس. علم ۾ اونهائي ۽ تخيل ۾ ضرورت سارو تندي هوس، نيٺ سنڌي هو. ملڪ بدر ٿي بمبئي ۾ مُئو ته وصيت ڪندو ويو ته هي هڏا سنڌ جا آهن، سنڌو درياهه جي حوالي ڪجو. پرائي امانت ۾ خيانت نه ڪجو. ۽ ٿيو به ائين. سندس ساريءَ عمر جي علمي ۽ ادبي سرگرداني جو محور سندس اهو جذبو هو. سٺ کن ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي ويو، نه اهو خزانو ڪُٺي نه لعل چند وسري.

چينمل جون کهڙيون کهاٽيون ڪجن؟

زبان دانيءَ ساز ڳڏ بي انتها محبتي انسان هو، سنڌ جي صوفيانه ڪلچر جو چرندڙ پرندڙ نمونو هو، انسان دوست، پيد پاو کان پڳل هوندو هو. سنڌ گُل ته هي پونر، سنڌ باغ ته هي بُلبل.

هندن جي قلم ۾ عام طرح سان قدري خشڪي هوندي هئي، نرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هوس تــ نماٽي زالاٽي ٻولي پئي لڳندي هئي. سنسڪرت اکرن جي انجيڪشن سان زور پيدا ڪرڻ جو جتن ڪندا ته مورڳو

پاڻ ٿي پڙهي سگهندا هئا. پر چيئمل جي تحرير مختلف هوندي هئي. منجهس رنگ بہ هوندو هو ۽ زور بہ. ڪڏهن ڪڏهن شعر شاعريءَ تي بہ پرتجي پوندو هو جنهن ۾ زياده تر سنڌ جي سونهن بيان ڪندو هو. سندس "پارت واسي" اخبار پڙهڻ جهڙي هوندي هئي.

هڪ ڏينهن اڪين ۾ سرمو پائي آيو. مون ٽوڪيس: "ڪاڪا اڄ عشق ڪي عملي جامو پهرائڻ نڪتا آهيو."

چيائين "بابل، سنڌڙيءَ جي مِٽي اکين ۾ وڌي اٿسي، روهڙيءَ مان ڪنهن سڄڻ موڪلي آهي ڇي اُتاهون جي ٺڪرن مان ڪڍيل آهي."

سوڀراج نرملداس جا نيڻ مون هميشہ آلا ڏٺا. ميٽنگن ۾ حاضر پر حقيقت ۾ غير حاضر هوندو هو. ڪا تار تن ۾ لڳل هوس، جنهن جي تنوار ٽي ڪَنُ ۽ مَنُ لايو ويٺو هوندو هو. ميٽنگ[1] هلندي زير زبر جي اختلاف تي عالم پاڻ ۾ ڏند ڏيندا هئا، اٿين سمجهبو هو تہ اجهو ٿا هڪبئي تي هٿن سان حملو ڪن. پر صوڀراج صبر ۾ ٻُڏو پيو هوندو هو. آءٌ چوندو هو سانس: "ڪاڪا تون هنن کي ڇڏاءِ." اکيون پٽڙي پڇندو: "ڇو، ڇا ٿيو آهي؟" آءٌ چوندس: "هيڏو، هيترو، هنگامو هليو آهي توهان ڪجهہ ڪونہ ٻڌو آهي؟"

مرڪي چوندو: "پرِيتَم، آءٌ ڪونہ هوس." انهيءَ دور ۾ لکڻ پڙهڻ ڇڏي ڏنو هئائين، ڪنهن ٻئي طرف طبيعت لڳل هوس:

گرچہ تفسير قلم روشن گر است،
ليڪ عشقِ بي زبان روشن تر است - رو.

## ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'

مون کي سندس ادبي ۽ علمي مجلسن مان مستفيد ٿيڻ جو سنڌيءَ طرح ڪڏهن موقعو ڪونہ مليو. اتفاقيہ هڪ بہ دفعو ان نيڪ انسان جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ گڏوءَ واري چرين جي اسپتال جو ڊاڪٽر هو ۽ آءٌ بحيثيت وزير صحت صوبي جي چرين جي چارج ۾. اسان جون پاڻ ۾ ضرور ملاقاتيون ٿيون هونديون. پر شايد زياده تر، چرين جي باري ۾. عام طرح چرين جي اسپتال ۾ پاڻ وڃڻ کان آءٌ ڊڄندو هوس، ڇو تہ ڪٿي پڙهيو هوم تہ چرين

[1] ميٽنگون سنڌي ادبي بورڊ جون هونديون هيون.

سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ کري ماڻهو خود سچو چريو نہ تہ بہ اڌ چريو ضرور ٿيو پوي - جيئن گدرو گدري کي ڏسي رنگ مٽائي (ٻن ٽن سالن اندر آءُ فقط ٽي يا چار دفعا اسپتال ۾ پاڻ وڃي سگهيو هوس).

ڊاڪٽر صاحب متعلق اخبارن ۽ رسالن جي وسيلي البتہ معلوم ٿيندو رهيو آهي تہ موصوف نہ صرف شاعر آهي. پر شاعرن جو بہ اُستاد. شريعت جو پابند، مذهب جو شيدائي، عبادت گذار، قصہ مختصر معياري مومن.

## محمد خانؔ غنيؔ مرحوم

مبان محمد هاشم مخلص مرحوم جو پائٽيو ۽ سندس اخباري ۽ ادبي ورثي جو وارث هو. ڏسڻ ۾ ٻهراڙيءَ جو دو - دستو ڳوناڻو لڳندو هو. شعر چوندو هو پر آءُ پائيندو هوس تہ عام شاعرن جهڙي شڪل ڪانہ اٽس تنهنڪري زور مس جو شاعر هوندو. شعر و سخن ۾ مخلص مرحوم جو مقام تمام بلند رهيو هو. اُن کي تصور ۾ رکندي غني مرحوم جي شاعريءَ ۾ اک ٻڏڻ مشڪل هئي پر آخر ۾ شڪست ڏئي منهنجي من کي قائل ڪري ڇڏيائين. ان جو ڪارڻ سندس هيءَ ڪافي ٿي، جيڪا مون هانگ ڪانگ ۾ ٻڌي:

جيئڙي جا جنسار،
آءُ تہ هنئين سان، لالڻ، لائيئين.
اکيون اوطاقون دل منجهہ ديرا،
آءُ تہ اچي ڏي پنبڻئين پيرا.
محب منا منٺار،
لوڪئون اکڙين منجهہ لڪائين.
صورت سهڻا رنگ عنابي،
گوهر گلشن گل گلابي.
حاڪم هينئڙي هار،
آءُ ڳچيءَ ۾ پيارا پائين.
ڳل ڳراٽي پاڪر پائي،
ايندس توکي در مان ورائي.

پيـــــرن جـــــي پيـــــزار،
چـو نــ چُـــمي چشـمين چـائيـن.
ويـــس وڳـــا ۽ زيـــور زريـــون،
كـانير كـُــورون، پـارڻ ٻريـون.
ســـــورهن تــــون ســـــينگار،
ڏيـه جـي ڏسـندي ڏانـوڻ ڏايئيـن.
كالهـ غنـيءَ جـي كـانگ اُڏا يـا،
خيـر خبـر كٽـي كيـن سـي آيـا.
هينئـــري هــــول هــــزار،
كهــڙا كهــڙا سـُــور سـٽايئين؟

* * *

پيو كو مڃين يا نہ مڃين پر منهنجو عقيدو آهي تہ سنڌ ۾ سنڌين جي قلب جون كيفيتون صرف سنڌي كافين ۾ ڏوهيڙن ذريعي ئي ادا ٿـي سگهن ٿيون. باقي سڀ، "وقت" كي پاڻ وٽائڻ خاطر ڦـكا ڦِكا چوڻا آهن.
پراون اكرن ۾ چورايل طرزن جي هيرا ڦيريءَ سان عشق جا حق ادا كونہ ٿا ٿين، اهو كلام ئي كهڙو جيكو دل مان نكرندي ٻيءَ دل تي تير وانگر نہ كِري؟
سنڌ جي كافي سنڌ جي خاص شيءِ آهي، سندس ذريعي سنڌ جي ملكي ماحول ۽ نفسياتي خصوصيتن جي عكاسي ۽ ترجماني ٿئي ٿي. نـــ بزميہ نہ رزميہ نج روحاني راڳ آهي.

## ميان محمد حنيف صديقي مرحوم

رات انڌيري، هير تڌيري، اُڀ ۾ تـارا،
...... هــاءِ پريــن يـــاد آيـــا.

- اياز

شكارپور جي صديقي خاندان جو فرد، لاڙكاڻي ۾ كراچيءَ مان ڦرندي، گهرندي پڇاڙيءَ جا ڏينهن اچي حيدرآباد ۾ پورا كيائين. سندس والد محترم ميان محمد صالح مرحوم منهنجو بزرگ دوست هو. شكارپور جي

جماڻي هال ۾ محمد ائسوسئيشن جي ميٽنگ ٿي رهي هئي، اُت مون کي حڪم ڪيائين تہ "محمد حنيف ايل. ايل. بي. پاس ڪري واندو ويٺو آهي. ان کي لاڙڪاڻي وٺي وڃي وڪالت ڪرائي."

ديوان گوبندرام هاسومل لاڙڪاڻي جو، نالي وارو وڪيل هو، مون سان دوستي هوس. محمد حنيف کي پاڻ سان ڪٺڻ قبول ڪيائين. محمد حنيف جو ان واسطي سان لاڙڪاڻي ۾ اچڻ ٿيو. سڪ پل پرسان مسواڙ تي جاءِ ورتائين. حقيقتاً ان کي مهمان خانو بڻائي پاڻ بہ منجهس رهڻ لڳو. آيو ويو اُت. ٿورن ڏينهن ۾ وڏو مچڻ مچي ويو. قانون سان گڏ علم، خاص طرح سنڌ جي تاريخ سان، الفت رکيائين، ۽ اسان سنگتين کي بہ ساڳي رنگ ۾ رڱي ڇڏيائين - انهن ڏينهن ۾ موهن جي دڙي کي کوٽي رهيا هئا. جيڪو سروير ان ڪم تي مقرر هو سو بہ پر واري گهر ۾ رهندو هو؛ صبح شام پراڻي سنڌ گفتگو جو موضوع رهي. گڏجي کوجنا ڪئيسون، پراڻيون شيون هٿ ڪيوسين، ڪتاب گڏ ڪياسين. ۽ اُن احساس کي اُجاريوسين جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ۽ ترتيب شروع ٿي، ادبي ادارا کليا، ميوزم جي ضرورت محسوس ٿي، ۽ ون يونٽ نهڻ وقت کهڙي صاحب لکين رپيا انهن ڪمن لاءِ مخصوص ڪيا. اصل ڳالهہ هئي ان ضرورت جي احساس پيدا ڪرڻ جي. هينئر تہ ان ڏس ۾ گهڻي ترقي ٿي چڪي آهي پر بنيادي طرح دونهين دکائڻ وارو ميان محمد حنيف هو، جنهن کي سنڌ جي ڪلچر تي بي انتها فخر هو - ۽ پاڻ بہ ان جو اعليٰ نمونو هو.

پاڻ ڇڙو قانوندان نہ هو، پر وڏي مطالعي وارو عالم ۽ اديب بہ هو. انگريزي خواهہ سنڌيءَ جي چونڊ اهل قلم سان ڪلهي هڻڻ جي قابل هو. تهذيب، اشرافت، سنجيدگي ۽ سچائيءَ ۾ پنهنجن همعصرن جي حلقي ۾ ممتاز شخصيت جو مالڪ هو. اهڙي ماڻهوءَ جي پيدائش ڪنهن ڏڪي ملڪ جي هجي ها تہ گمنامي جي حالت ۾ ڪونہ مري ها، اڄ تائين سندس ڪيترا يادگار قائم ٿي وڃن ها. افسوس آهي تہ زندگيءَ ۾ بہ مرحوم کي پنهنجين غير معمولي صلاحيتن کي ڪم آڻڻ جو موقعو ملي ڪونہ سگهيو. خودار ۽ سير نفس انسان هو، حجاب ۽ حياءُ دامنگير رهيس، پاڻ کي اڳي ڪرڻ خاطر، بي مايہ ۽ سفلہ مزاج ماڻهن وانگر، ٺونيون ڪونہ هنيائين. سڄي عمر شرميلو ۽ قدرت جي ڏني تي قانع رهيو. اسان اهڙن ماڻهن جو قدر ڪونہ ڪيو.

باغبانن جي بي مهري ڪري ڪيئي گُل اسان جا بنا ڪُلئي ڪومائجي ويا. اسان جي تاريخ جو سڀ کان وڏيڪ شرمناڪ پهلو اهو آهي.

## مولوي عبدالعزيز صاحب مرحوم ۽

## مولوي فيض الڪريم مرحوم

مولوي عبدالعزيز صاحب مرحوم مولوي به هو يا نه تنهن جي خبر خدا تعاليٰ کي يا ان وقت جي انگريز سرڪار کي جيڪا سنڌس علم ۽ فضل جو فائدو وٺندي رهندي هئي، آءٌ 15 سالن جي عمر جو هوس، مون ۾ اهڙي صلاحيت ڪانه هئي جو آءٌ سنڌس علم ۽ خوبين جو اندازو ڪري سگهان ها. سنڌس زيارت خود اتفاقي طور حاصل ٿي هوم.

* * *

شايد سال 1919ع هو. پهرين عالمي جنگ ختم ٿي چڪي هئي، انگريز پنهنجي فتح ملهائڻ لاءِ هر هنڌ جشن ڪرائي رهيو هو. وچ ۾ خلافت جو مسئلو به ڪڙو ٿي چڪو هو. ان سلسلي ۾ مسلمانن طرفان مٿس لعنت ملامت وسڻ شروع ٿي ويئي هئي. جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيس مولوين ۽ پيرن جي تعاون جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. هندستان جي علمائن سڀني سنڌس خلاف فتوائون جاري ڪيون هيون. مولانا محمد علي مرحوم ۽ مولانا شوڪت علي مرحوم ميدان ۾ اچي ويل هئا. انگريز جي خواهش هئي ته رُڪ کي رُڪ سان وڍجي، يعني مولوين جو مقابلو مولوين کان ڪرائجي.

سنڌ جي ان باري ۾ پوزيشن هيءَ هئي ته مولانا صاحب امروٽي رحمة الله عليه ۽ پير سائين جهنڊي واري (پير رشد الله شاهه) رحمة الله عليه جي ڪوشش ڪري علماءَ جو وڏو طبقو انگريز خلاف تحريڪ خلافت طرف مائل ٿي چڪو هو. ساڳي طرح پير صاحبان مان به ڪيترا بزرگ شرما شرمي تحريڪ جا حامي هئا. جن علمائن يا پيرن انگريز سرڪار جي چمچن بنجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تن تي عوام طرفان ٺُڪن ۽ ٺُجن جي ايتري بوڇاڙ ٿي جو انهن لاءِ ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ مشڪل ٿي پيو. مٿان پرگڙي صاحب مرحوم به بمبئي مان بيان ڪيو سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي ته جتي هٿ چڙهن ته انهن جي خبر وٺو. "خبر وٺڻ" جي معنيٰ هتي غلط سمجهي ويئي. جنهنڪري ڪيترا افسوسناڪ ايڪسيڊنٽ ٿي پيا ۽ ڪيترن پلارن کي پوءِ ڪان روپوش ٿي رهڻو پيو.[1]

---

[1] سرڪاري مُلو يا پير سڏجڻ سنڌ ۾ گار ٿي پئي.

انگريز لاءِ ان ڪري سنڌ اندر سرڪار پرست مولوين ۽ پيرن جو ڏڪار پئجي ويل هو. مجبوراً ضلعي عملدارن خصوصاً پوليس ڏانهن حڪم جاري ڪيائون تہ ڪنهن بہ طرح مناسب مزاج وارا مولوي ۽ پير پيدا ڪيا وڃن، جن کان ترڪيءَ جي خلافت خلاف تقريرون ڪرائجن ۽ فتوائون ۽ بيان ڪيرائجن.[1]

پوليس وارا تہ اِن حڪم جي تعميل پنهنجي روايتي حڪمت عمليءَ سان ڪندا رهيا. مثلاً جن پوليسي پيرادين ۽ ڪاٺڪن جون شڪليون مناسب معيار جون نظر ٿي آين، تن کي وهنجاري، سهنجاري، سينگاري، سنواري، عصاڻن ۽ تسبيحون هٿن ۾ ڏئي، انگريز آفيسرن اڳيان حاضر پئي ڪيائون. اسان جي حد جي پوليس جماندار رانجهي خان، بہ ہڪ "پير" پڪڙي شلدبي صاحب ڪماني اڳيان پيش ڪيا هئا. هڪ پير "تڳڙيال"، بيو پير سجاده نشين درگاهہ "نيڪرانو" شريف [2]. شلدبي صاحب کي کهڙي بيٺ تہ تڳڙيال ڇا آهي يا نيڪراني نالي ڪا درگاهہ آهي بہ يا نہ.

پاڻ هتان جي ٻوليءَ کان ناواقف، ويساهي ۽ نيڪ دل آفيسر هو، تازو ولايت مان آيل هو. سندس اصول هو تہ سرڪار جي خدمت جي معاوضي ڏيڻ ۾ هرگز دير ڪرڻ نہ گهرجي. سو هڪدم (Bolus) بولس صاحب کي ڪليڪٽر ڏانهن اسپيشل سفارش موڪليائين تہ اهڙن ٻن سرڪار جي وفادار پيرن لاءِ "صلح جا ٻلا[3] " منظور ٿيڻ گهرجن! ٻلا منظور ٿي آيا.

---

[1] انگريزن، سياسي مصلحت جي پيش نظر، انهن ڏينهن ۾ هڪ نئون تعليمي کاتو "مُلا اسڪولس" ڊپارٽمنٽ کوليو هو جنهن جو ڪم هيءُ هو تہ سنڌ ۾ مُلن کان مڪتب کولرائجن ۽ ان بهاني سان انهن کي ساليانہ ڪجهہ رقم گرانٽ طور ڏئي پنهنجو مطيع بڻائجي ۽ ڪانئن پنهنجي مرضي موجب ڪم ونجي. مرحوم خانبهادر نانا نورالدين غلام علي کي ان کاتي جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر بڻايو هئائون. جنهن سنڌ اندر "ملا مڪتبن" جو وڏو ڄار ڦهلائي، ملن کي سرڪاري گرانٽن جي رقم تي هيرائي، سرڪار جو فرمانبردار بڻائي ڇڏيو. ڪيترن ملن کي ماٺهن، ان ڳالهہ تان، مارون بہ ڪڍيون ٿي پر هو ڪونہ ٿي مڙيا. سرڪار پاران ملن کي، پئسن ذريعي، ڦاسائڻ جي اها ڀھرين منظم ڪوشش هئي، جيڪا گهڻيءَ حد تائين ڪامياب ٿي ۽ سنڌ جي ملن جو وڏو تعداد قومي تحريڪ کان ٻاهر رهجي ويو. جڏهن ملن جي انگريز کي ضرورت ڪانہ رهي تہ کاتو ئي بند ڪري ڇڏيائون. ملان رڙندا رهجي ويا.

[2] رانجهي خان کي اهي نالا تڙ تڪڙ ۾ پاڻ رکڻا پيا هئا. ويچاري جو علم محدود هو. ڪي وڏا عربي قسم جا نالا رکي ڪونہ سگهيو. مونجهہ جي حالت ۾ اهي نالا رکي پنهنجي جند آزاد ڪئي هئائين. يقين هوس تہ سندس پردو نہ سندس ترت عملدار ڪڻندا نہ پيوَ جا ماريل مقامي وڏيرا. انگريز ڪمانيءَ کي تہ اهڙي سرت ئي ڪانہ هئي.

[3] انهن ڏينهن ۾ عالمي جنگ ۾ پنهنجي فتح جي يادگار ۾ انگريز صلح جا ٻلا Peace Medals ڪڍيا هئا. جيڪي وفادار وڏيرن، پيرن ۽ آفيسرن کي وڏيءَ ڌام ڌوم سان درٻارين ۾ ڏنا ويندا هئا ۽ انهن جا نالا سرڪاري گزيٽ ۽ سرڪار جي حامي اخبارن ۾ شايع ٿيندا هئا.

سچائي [1]، خير خواهہ، سنڌ واسي ۽ ٻين سرڪاري اشتهاري اخبارن ۾ نالا شايع ٿيا. "پير لڳڙيال" ۽ "درگاهہ نيڪرانو" جا نالا ماڻهن اڳ ٻڌائي ڪونہ هئا، تنهنڪري ٿوري پڇا ڳاڇا تہ ڪيائون پر ڪا يقيني خبر ملي ڪانہ سگهين. آخر سنڌ جي روايتي اصول "پير پَلا ڪين ويساهہ پلا" تي عمل ڪندي چوندا رهيا تہ اهي ڪي مماتي وارا بزرگ هوندا، جن نئين سر "ظهورو" ڪري ڏرگاهون نهرايون هونديون ۽ سجاده نشين ويهاريا هوندا، شايد خوابن ۾ ڪن نيڪ ٻانهن کي اهڙو اشارو ڪري ڇڏيو هونداٿون!

وچ ۾ رانجهي خان جو پلو ٿي ويو، اِنهن پِيرن کي پيش ڪرڻ واريءَ خصوصي خدمت جي صلي ۾ ڪيس جماندار (جمعدار) مان صوبيدار ڪري ڇڏيائون.

* * *

پوليس ڪاتي وانگر روينيو عملي بہ پيرن ۽ مولوين جي ڳولها شروع ڪري ڏني هئي. تپيدارن ۽ سپروائيزرن جي ڊڪ ڊوڙ ذريعي بہ ٽي پير، ۽ بہ عدد "مولوي" صاحب هٿ آيا هوندن، پيرن جو وڏيڪ پردو ڪڻڻ خود پنهنجو پيٽ ڏيکارڻ مثل آهي تنهنڪري معافي گهران ٿو، البتہ "مولوي صاحبن" جا اسماءَ گرامي ٻڌائڻ مشڪل نہ آهي ڇو تہ اُهي اڳ ۾ ئي تحريڪ خلافت جي دور واريءَ تاريخ ۾ مشهور ٿي ويل آهن. يعني:(1) مولوي فيض الڪريم مرحوم ۽ (2) اهو مولوي عبدالعزيز صاحب حيدرآبادي مرحوم.

مولوي فيض الڪريم مرحوم کي نوشهري ڊويزن جي مسلمان ڊپٽي ڪليڪٽر، جنهن کي تازو انگريز اها نوڪري ڏني هئي، دم دلاسا ڏيئي ڦسلائي، ڦاسائي آڻي لارينس صاحب ڪمشنر اڳيان پيش ڪيو هو.

مولوي عبدالعزيز مرحوم کي سندس ڳوٺائي ديوان لعلچند مختياڪار (رتيديره) ڪنهن طرح آڻي اسان جي پَٽ ۾ ڪڍيو هو.

* * *

پهريان مولوي فيض الڪريم مرحوم جو احوال ٻڌو:

شروع ۾ سائٽس هيءُ "سَنَل" ڪيائون تہ مولوي صاحب پنهنجي نالي ۾ هڪ زبردست ڪتاب لکي، خلافت جي باري ۾ هندستان جي علمائن جي جاري ڪيل متفقہ فتويٰ جو جواب ڏيندو ۽ ترڪي جي سلطان کي مسلمانن جو

[1] اها اخبار سرڪار جي ڪڍايل هئي ۽ مفت تقسيم ٿيندي هئي.

سچو خليفو نہ پر هڪ خواهہ مخواهہ جو خليفو ثابت ڪندو. ان سان گڏ، هو خلافت جي خلاف ۽ انگريز جي فائدي ۾ ڪانفرنسن اڳيان تقريرن ڪرڻ لاءِ بہ تيار رهندو ۽ مقامي خلافتي پيرن ۾ مولوين سان بحث تڪرار ڪرڻ لاءِ بہ هردم سندس ڪمر ڪشيل رهندي.

ان جان نثاري جي معاوضي ۾ سرڪار ازخود مولوي صاحب کي، سندس گهرڻ يا درخواست ڪرڻ کان سواءِ ئي، چار سؤ ايڪڙ زمين ۽ سندس پوڪري کي آبڪاري کاتي ۾ عزت ڀري نوڪري ڏيڻ جو وعدو ڏنو.

ڏڪڙ کي آنو لڳي ويو. مولوي صاحب کي انعام کان وڌيڪ هن ڳالهہ سان دلچسپي هئي تہ "مولوين ۽ پيرن جا تاريخ تي مڙهيل ڪوڙ ظاهر ڪري، جيئن خلق خدا جي اهڙي نيٺ علمي مسئلي تي غلط فهمي ۾ نہ رهي."

تنهنڪري مرڻ جيئڻ جي ڪانہ ڪري هڪ تڪراري مگر زبردست ڪتاب لکي ڇپرائي ملڪ اندر تقسيم ڪيائين جنهن تي چوطرف باهہ لڳي ويئي، ڪتاب ۾ لکيل ڇا هو. تاريخي ۽ دليلن جي لحاظ سان صحيح هو يا غلط، تنهن ڏانهن ڪنهن ڪونہ ڏنو. ماڻهن لاءِ اشتعال ۾ اچڻ واسطي اهو سبب ڪافي هو تہ سنڌ جي هڪ مولويءَ کي اها جرئت ٿي آهي تہ هو خلافت خلاف "بڪواس" لکي اٽسڏي طرح ڪافر انگريز جي حمايت ڪري. سنڌي پنهنجي عادت ۽ روايت موجب زبان ۾ ڪٿي نہ سگهندو تہ کهاڙيءَ يا پادر ۾ هٿ وجهندو. مولوي صاحب کي ڳوليندا وتيا تہ ڪٿي هٿ اچي تہ سندس حجامت جا حق ادا ڪيا وڃن. ويچارو ان پؤ کان لڪندو، ڀڄندو ۽ جايون مٽائيندو وتيو. انگريز خود سرعام مزاج موجب، پنهنجي ڪم ڪيڻ کان پوءِ منجهانس هٿ ڪڍي ويهي رهيو، جيڪو مسلمان آفيسر ڪيس ڏٺا ڏئي ڀهريان ونئي ويو هو سو تہ بنهہ بدلي ڪرائي ڀڄي ويو. جيئن سندس نالو مولوي سان گڏ مشتهر ٿي ڪيس مسلمانن هٿان لنين ڪارائڻ جو باعث نہ بڻجي. خلافت ۽ هجرت جي مسئلي تي سنڌ جو اڻ پڙهيل ڀهراڙيءَ جو مسلمان مستيءَ ۾ اچي ويل هو. پڙهيل لکيل ماڻهو تہ وري بہ اڳ پوءِ جو ڪو خيال ڪري ها، پر هن مست مولائي تي ڪير ڪنٽرول رکي سگهيو ٿي. جيڪو مرڻ مارڻ کان بي فڪر، رات ڏينهن موڪ جي واري يا مهٽين تي لنين کهاڙين وهاڻ جو عادي ٿي چڪو هو ۽ جيل کي "ونواهہ" سمجهندو هو.

چنانچہ 1920ع کان 1923ع تائين مولوي فيض الڪريم صاحب روپوش رهيو. مون کي پاڻ ٻڌايائين تہ ان روپوشيءَ واري زماني ۾ هو نالو بدلائي گهٽو

وقت امرتسر ۾ گذاري چڪو هو. اُتي شايد ڪنهن مسجد جي حجري ۾ ٻارن کي پڙهائيندو بہ رهيو هو جنهن جي عيوض ۾ ڪيس ماني ۽ هنڌ ڪٽولو مليو ٿي.

* * *

24 - 1923ع جي سياري ۾ خيرپور وڃڻ لاءِ آءٌ سکر مان لانگهائو ٿيس[1]. خبر پيم تہ مشهور مولوي فيض الڪريم، مدرسہ بورڊنگ هائوس ۾ سپريڊنٽ مرحوم قاضي عبدالواحد جي پناهہ هيٺ، هڪ ڪمري ۾ پوريو پيو آهي، ۽ رات ڪان سواءِ ڪمري ڪان ٻاهر ڪونہ ٿو نڪري.

قاضي عبدالواحد مرحوم پنهنجي وقت جو وڏو علم دوست انسان هو، جهڙس انگريزي ۽ سنڌي ورلي ڪو ماڻهو لکي سگهندو هو. مون سان سڌي طرح شناسائي هوس، ساڳي وقت منهنجي دلچسپي مولوي فيض الڪريم سان بہ پيدا ٿي چڪي هئي. آءٌ رات ڏينهن سندس نالو اخبارن ۾ پڙهندو رهيو هوس. سندس ٻن خصوصيتن ڪري مون کي ساڻس ملڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪ خصوصيت هيءَ تہ سندس علمي تبحر جا سندس دوست دشمن قائل هئا، ۽ ٻي خصوصيت هيءَ تہ هو اهڙو انسان هو جو ساريءَ دنيا جي خلاف پنهنجي خيال تي اڙجي بيهي رهيو هو[2].

مون سمجهيو ٿي تہ ايتريقدر مستقل مزاج ماڻهو بي مايہ ۽ خوبين کان خالي ڪونہ هوندو، تنهنڪري اُن سان رستو رکڻ علمي لحاظ سان مون لاءِ مفيد ٿيندو. آءٌ علم جو ڳولهائو هوس، هر ماڻهوءَ وٽان ڪجهہ نہ ڪجهہ پرائڻ جو شوق هوندو هوم. باقاعده اعليٰ درسي يا اسڪولي تعليم تہ ورتي ڪانہ هوم.

قاضي عبدالواحد مرحوم جي مهربانيءَ سان مولوي صاحب سان ملاقات ٿي. سٺ ورهيہ کان مٿي جو پوڙهو، جسم ۾ ڪمزور، قد محدود، سونهاري نيم سفيد پر تيل ڦٽي ڪانہ ڏني هئائين، جنهنڪري ڇرڙ ورڙ هئي، رنگ بنيادي طرح ڪليل پر فڪرات ۽ جسماني تڪليفن ڪري ڪارانيل، لباس: شلوار ۽ پيرهن،

[1] ان وقت تائين آءٌ ان قابل ٿي ويو هوس جو اخبارن لاءِ مضمون لکي سگهيس ٿي، بلڪ ستت ئي مون پنهنجي اخبار "الراشد" بہ جاري ڪري ڇڏي هئي.

[2] اُن زماني ۾ اها ڳالهہ عام هئي تہ ماڻهو معافي وٺي پنهنجي ڪيل ڳالهہ تان ڦري وڃي. خلافت تحريڪ جي ڪيترن اڳواڻن خود معافيون وٺي جان ڇڏائي. پر مولوي فيض الڪريم اهڙي ڪا ڪمزوري ڪانہ ڏيکاري هئي. مقابلتاً جڏهن پير محبوب شاهہ مرحوم جهڙي وڏي خلافتي ليبر معافي وٺي جيل مان آزادي حاصل ڪئي تہ محمد هاشم مخلص مرحوم سندس هجوَ ۾ وڏي نظم ڇاپي.جنهن جي شروع جي مصرع هئي: "محبوب شاهہ ڪاٿي ۾ ........ ڪري وڌرا!"

مٿي تي ميرانجهڙو پٽڪو، پير ۾ پراڻي جُتي. آواز ڪرحدار ڇڻ گهنڊ پيو وڄي. طبعيت ۾ سادڙو، مزاج ۾ جيئن معصوم ٻار. حافظي جو اهو حال جو گويا ڪيئي ڪتبخانہ سندس دماغ ۾ ٽيپ ريڪارڊ ٿيل هئا.

ٻن – ٽن ملاقاتن کان پوءِ مولوي صاحب ان ڳالهہ تي آماده ٿي ويو تہ هو ڪجهہ عرصو مون وٽ هلي رهي، سندس حفاظت خواه ضروريات جي ڪفالت لاءِ ذميدار آءٌ رهندس. مون کي اها لالچ هئي تہ وٽانئس ڪجهہ پرايان.

انهيءَ ئي موقعي تي آءٌ ڪيس پاڻ سان گڏ خيرپور بہ وٺي ويس. وزير شيخ محمد قادر مرحوم جا مهمان ٿياسين. شيخ صاحب هر شام جو اسان سان ڪچهري ڪندو هو. رات جي ماني بہ گڏجي کائيندا هئاسين[1] . هو مولوي کي اڪثر ڇيڙي، بحث ۾ وجهي وٽانئس علمي نڪتا جهٽيندو رهيو. آخر ۾ مولوي صاحب جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏنائين: چي، "هو نہ فقط تاريخ جو ڄاڻو، پر تاريخ جو فلاسفر آهي."

خيرپور کان واپسيءَ تي مون آڻي ڳوٺ رهايس، جيڏانهن ويندو هوس، پاڻ ساڻ گڏ وٺيو ويندو هو سانس. ڪجهہ عرصي بعد سندس پٽ بہ پهچي ويو ۽ مونٽي وجهي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو. ان وچ ۾ خلافت خود ترڪن هٿان ختم، ۽ هتان واري تحريڪ خود بخود ترڪن هٿان ختم، ۽ هتان واري تحريڪ خود بخود ڇڙوڇڙ ٿي وئي هئي. چندن جي حسابن ڪتابن ۽ جزيرة العرب جي مستقبل تي نئين طرح جا جهيڙا لڳي ويا هئا. مولوي فيض الڪريم ڪنهن کي ياد ڪونہ رهيو. سندس مشڪليون آسان ٿي ويون.

* * *

---

[1] مون شيخ صاحب سان شڪايت ڪئي تہ سرڪار مولوي صاحب کي چار سؤ ايڪڙ زمين ڏيڻي ڪئي هئي، پر اڄ تائين اهو واعدو پورو ڪونہ ڪيو اٿائين.

مرحوم ڪلي ڇيو تہ "سرڪار جا وعدا وعدا نہ پر ڏٽا ٿيندا آهن، وقت پئي گڏهہ کي بہ ابو سڏيندا آهن، پر ڪم نڪتي کان پوءِ واقف ٿي ڪونہ هوندا آهن. وڏا بيوقوف اُهي ماڻهو آهن جيڪي اهڙن ڏٽن تي اعتبار ڪن ٿا يا ،سرڪاري ماڻهن جي وقتي خوشامد کان متاثر ٿي سمجهن ٿا تہ هاڻي سرڪار ساڻن هميشہ اهڙو سلوڪ پئي ڪندي. تون مولوي صاحب کي سمجهائي ڇڏ تہ نہ زمين جو آسرو رکي نہ ان جي خاطر پنهنجو وقت ضايع ڪري."

مولوي صاحب پوءِ ان صلاح تي عمل ڪيو پر جڏهن سرڪار جي بي وفائي ۽ وعده خلافي ياد پوندي هوس تہ عربي زبان ۾ حڪومتن جي دغابازين بابت پراڻن شاعرن جا ٺاهيل شعر پڙهڻ لڳندو هو.

مولوي صاحب جي زير نظر مون کو خاص ڪتاب ڪونہ پڙهيو. پر سندس گفتگو هميشہ غور سان ٻڌندو رهيس، بلڪ ان جا نوٽ بہ وٺندو رهيس.

هڪ دفعي تاريخ جي مطالعي جا اصول ٻڌايائين. فرمايائين تہ تاريخ جو هر ڪو ڪتاب سچو ڪونہ هوندو آهي، ڪتاب جي سچائي ڪوڙائي پهريان ڪن اصولن تي پرکڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ ئي ڪتاب پڙهڻ تي وقت ضايع ڪرڻ گهرجي. ڏسڻ هيءَ گهرجي تہ لکندڙ ڪير آهي ۽ ان جو پنهنجو پس منظر ڇا آهي، اکين سان ڏٺل واقعا لکيا اٿائين يا ٻڌل ڳالهين جي آڌار تي، انهن واقعن جي سلسلي ۾ ڪنهن خاص ڌر جو طرفدار يا انهن ۾ ذاتي طرح خود تہ ملوث ڪونہ هو، جنهن زماني ۾ ڪتاب لکيائين، ان وقت جو بادشاهہ ڪير هو، عادل هو يا جابر، نيڪو ڪار هو يا بدڪار، ڪنهن جي حڪم تي يا اثر هيٺ تہ اهو ڪتاب لکڻو ڪونہ پيو هوس، سندس تحرير ۾ طرفداري جو جوش تہ ڏيڪاريل ڪونہ آهي، زبان معتدل، محققانہ ۽ منصفانہ استعمال ڪئي اٿائين يا جذباتي ۽ جوشيلي، واقعات مان صحيح نتيجن اخذ ڪرڻ جي لياقت بہ پاڻ ۾ هوس يا نہ؟ واقعات جا محرڪات ۽ اسباب بہ ٻڌايا اٿائين يا محض واقعات جي اپٽار تي اڪتفا ڪئي اٿائين، تاريخي حوادث کي ڪن اصولن تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين يا نہ؟ وغيره وغيره.

مسلمانن جي تاريخ کي تہ بالعموم مظلوم سمجهيائين ٿي، ڇو، گهڻيون تاريخون جابر ۽ شخصي حڪمرانن پنهنجي عملن کي جائز ثابت ڪرائڻ يا پنهنجن زيادتين تي پرده وجهرائڻ خاطر هٿ ٺوڪين ماڻهن کان اهڙي ماحول ۾ لکرايون جڏهن تحرير يا ضمير جي آزادي جو ڪو تصور ڪونہ هوندو هو، کهڙي مؤرخ کي مجال هئي جو هو سچ لکي وقت جي حاڪم جي پرده دري ڪري پاڻ کي مصيبت ۾ وجهي ها؟ تنهن کان سواءِ مذهبي اختلاف، اعتقادن جا اختلاف ۽ فرقن جا باهمي تنازعہ بہ چٽ چڙهيل هوندا هئا. آئي ڏينهن بادشاهہ گرديون، بغاوتون، انقلاب، جنگيون ۽ جهيڙا، تنهن کان سواءِ ڪرستانن ۽ يهودين تہ خاص طرح سان مسلمانن کي بدنام ڪرڻ لاءِ دروغ بافي جون حدون ڪري ڇڏيون هيون، حتاڪ اهڙيون جعلسازيون بہ ڪندا رهيا ٿي جو اسلام خلاف ڪتاب پاڻ لکي ان تي مصنف جو نالو ڪنهن مسلمان جو هڻي ڇڏيندا هئا. تنهنڪري تاريخ لکڻ کان تاريخ پڙهڻ وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي.

آءُ ڪڏهن ڪڏهن ڪو تاريخي ڪتاب سندس اڳيان رکندو هوس تہ ڪتاب جو نالو ٻڌندي چوندي هو تہ "پري اُچلائينس، اهو ڪتاب فلاڻي قسم جي حالات هيٺ، فلاڻي ڪيريڪٽر جي ماڻهو، فلاڻي مقصد کي حاصل ڪرڻ يا نقصان رسائڻ خاطر لکيو هو. تاريخ نہ آهي، ناول آهي. منهنجو ۽ پنهنجو وقت نہ وڃاءِ."

چوندو هو: "سچ جي ڳولها ڪندين تہ آزار ۾ پوندين، سچ پڙهندين تہ ڏک پرائيندين، سچ لکندين تہ تڪليف ۾ ايندي، تنهنڪري بيوقوفن ۽ بدبختن کي سندن بيوقوفي ۽ بدبختيءَ جي حالت ۾ رهڻ ڏي، تي سگهئي تہ پڙهڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪر. آءُ پڙهي لکي ۽ سچ جي ڳولها ڪندي، پاڻ کي ۽ پنهنجن ٻچن کي برباد ڪري وينو آهيان، تون اهڙي غلطي نہ ڪجانءِ. چرين سان چريو ٿي رهجانءِ."

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي تقرير جي پڇاڙي وتايي فقير جي ڪنهن ڪنهن قصي يا قول تي ڪندو هو. چوندو هو، "سنڌ فقط هڪ سياڻو ماڻهو پيدا ڪيو هو ۽ اهو هو وتايو فقير".

مرحوم پير سائين تراب علي شاهہ رحمة الله عليہ کي جي خبر پئي تہ مون مولوي فيض الڪريم سان سنگت رکي آهي ۽ پاڻ وٽ رهايو اٿمانس تہ مون تي ناراض ٿي پيو. چيائين: "واقعي عالم تہ وڏو آهي پر پنهنجي علم ڪان ابليس وارو ڪم پيو وٺي." مون عرض ڪيس تہ "آءُ معذور آهيان، هر تصوير جي ٻنهين پاسن ڏسڻ کان سواءِ ڪنهن نتيجي تي پهچي ڪونہ ٿو سگهان."

هڪ ٻہ دفعي اهڙا بہ اتفاق ٿيا جو مون وٽ ٻنهين جو پاڻ ۾ ميلو ٿي ويو. دوران ملاقات ڪنهن بہ تلخيءَ جو اظهار ڪونہ ٿي ڪيائون. ڪلاڪن جا ڪلاڪ آءُ چپ ڪيو وينو سندن علمي بحث ۽ گفتگو ٻڌندو هوس. سندن کي نڪتا جهڻ جهڙا هوندا هئا.

* * *

آءُ شروع ۾ عرض ڪري چڪو آهيان تہ 1919ع ۾ حيدرآباد جي مولانا عبدالعزيز مرحوم کي اسان جي تعلقي جي مختيارڪار ديوان لعلچند وٺي آٿي رتيديري ۾ ڪديو هو. اُتي ڪليڪٽر بولس صاحب جي صدارت هيٺ صلح جو جشن رکيل هو، اهڙي موقعي لاءِ ڪنهن مولويءَ جي بہ ضرورت هون جيڪو تلاوت بہ فرمائي ۽ ترڪيءَ جي خليفي خلاف مسلمانن کي تلقين بہ ڪري

سگھي. جشن جو مهتمم تعلقي جو مختياڪار ديوان لعلچند هو جيڪو پاڻ حيدرآبادي هو ۽ پنهنجي ڳوٺ منجهان ڳولهي اهو مولوي صاحب وٺي آيو هو. تعلقي اندر دعوت ناما ڪوٽارن ذريعي ئي وراهيا. اسان وارو ڪوٽار ڏاڍو چالاڪ ۽ واتوڙي هو. سرڪار ڪي حسن خدمتي ڏيکارڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪيائين تہ گهٽي ۾ گهٽ زميندار ۽ ڪاتيدار سندس حد مان هلي جشن ۾ شامل ٿين. اسان جي وڏن کي هرڪائي وٺي هلڻ لاءِ جشن جي امڪاني دلچسپين بيان ڪرڻ لاءِ ڊگهي تقرير ڪيائين، جنهن جو لب لباب هيءُ هو تہ "ان موقعي تي حيدرآباد جو زبردست علماءُ اچي خدا رسول جون ڳالهيون ٻڌائيندو."

ڪانئس پڇيو ويو تہ "ان علماءُ جو نالو ڪهڙو آهي؟"

ويچاري خود ڪي مولوي جو نالو ڪونہ ٻڌايو هئائون پر پاڻ پراڻو جهان ديده تجربيڪار ڪوٽار هو، جواب ڏيڻ ۾ مُنجهي بيهڻ وارو ڪونہ هو. عقل جي سُڌ تي جواب ٺهڪائي ڏنائين.

چيائين: "نالو مولوي ڏوڙ ڏڪاءُ پيا ٻڌون. ڪلاڦتي (خلافتي) ملن لاءِ ڪال آهي، هن سال حج تي وڃڻ جا سانباها ڪيل اٿس. ڪجهہ پيريءَ مريديءَ جو لقاءُ بہ اٿس، مريدن ڪادمن (خادمن) وارو آهي. اسان جو مختيارڪار صاحب بہ مريد اٿس. اسان جي ڪلٽر (ڪليڪٽر) صاحب وٽ بہ وڏي مجوتي اٿس، جي چئيس اُٿ تہ اُٿي، جي چئيس ويهہ تہ ويهي. وڏي ڳالهہ آهي، خدائي سنسار آهي، پاڻ هلي ڏسجو".

ڪوٽار جي ان تقرير ڪان پوءِ بہ اسان جن وڏن ڪي رتيديره وڃي جشن ۾ شامل ٿيڻ جو ارادو ڪونہ هو. پر ان وچ ۾ بولس صاحب جو پنهنجي هٿ اکرين فارسيءَ ۾ لکيل ذاتي خط ڏاڏي مرحوم ڪي پهچي ويو. جنهن ۾ چيل هو تہ، اوهان رتيديره ضرور اچجو جو اوهان سان ڪا ضروري ڳالهہ ڪرڻي آهي. بولس صاحب فارسيءَ جو ڄاڻو هو، اسان ڏانهن خط پٽ فارسيءَ ۾ لکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان وٽان پڙهڻ لاءِ فارسيءَ جا ڪتاب بہ گهرائي ويندو هو.

مقرر تاريخ تي ڏاڏو سائين مرحوم دستور موجب مون ڪي بہ پاڻ سان رتيديره وٺي هليو مجلس ۾ شريڪ ٿياسين. صدر مجلس ڪليڪٽر بولس صاحب، مهمان ۽ مقرر خصوصي مولوي عبدالعزيز. حاضرين مجلس هڪ حصو وڏيرا تہ ٻي حصا ڪاٽڪو، چور، پاتاريدار ۽ پوليس جا گڏ ڪيل ڪوڙا پير ۽ مُلان، منهن سيني جا مکيل.

مولوي صاحب جي تقرير مون کي تہ چڱيو، پر اڪثر حاضرين مجلس کي سمجهہ ۾ ڪانہ آئي. عربي جون عبارتون، بنا معنيٰ ڪئي، فرفر پڙهندو رهيو.

مجلس برخواست ٿي، ڏاڏو مرحوم ۽ آءٌ بولس صاحب سان ملياسين. صاحب چيو تہ: مولوي عبدالعزيز هندستان جي وڏن مولوين منجهان هڪ آهي، هن کي اوهان سان ملڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي تنهنڪري ڪيس منهنجي ذاتي مهمان طور پنهنجي ڳوٺ وٺي وڃي ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪيو ۽ سندس دلجوئي ڪري روانو ڪجو. حاڪم جو حڪم ڪير ٿي موٽائي سگهيو؟ سو بہ ڪليڪٽر صاحب جي ذاتي مهمان جي باري ۾.

مولوي صاحب اهو مانباڻ ڪنهن مطلب سان رٿيو هو. پاڻ ساري عمر ٻڌندو رهيو هو تہ اسان جي ڏاڏي مرحوم وٽ طب جو هڪ خانداني پراڻو قلمي بياض آهي، جنهن ۾ ٻين نسخن سان گڏ ڪيميا جو بہ نسخو آهي، جنهنڪري اسان جا بزرگ ڪنهن بہ ٻاهرين ماڻهو کي اهو بياض ڪونہ ٿا ڏيکارين. ان مشڪل کي آسان ڪرڻ ۽ ڪيميا جي نسخي هٿ ڪرڻ خاطر هن اهو پهہ پهچايو هو تہ رٿيديره جي سرڪاري مجلس ۾ شامل ٿي سرڪار ڪان اها قيمت وصول ڪري تہ ڪليڪٽر ڪان اسان کي چوارائي اهو مخفي بياض ڏسي ۽ ڪيميا جو نسخو نقل ڪري وٺي. ٻي ڪا صورت ڪيس اڄ تائين اهڙي نظر ڪانہ آئي هئي جنهن سان هو ان ڪتاب تائين پهچي سگهي.

مجبوراً مولوي صاحب کي ساڻ وٺي ڳوٺ پهتاسين. سندس ناٺ نخرا ٽڪائيندڙ هئا، پر ڪليڪٽر جو ذاتي مهمان هو جنهنڪري سهڻان پئي پيا.

رٿيديري مان هلندي ئي فرمائش ڪيائين تہ ميوو وٺي هلجو جو جيستائين ميوو نٿو کاوان اجابت نٿي ٿئي. ميوي جو ٽوڪرو پرائي ڪنيوسين، رستي ۾ ان جو ڊڪ ڪٿي ڪجهہ شيون وقتاً فوقتاً واپرائيندو رهيو. چي، پيٽ کي خالي رکڻ سان ريح اُبري تڪليف ڏيندا آهن.

ڳوٺ پهتي ڏاڏي مرحوم پرئي نالي باورچي کي سڏي حڪم ڏنو تہ "هي ملان پيٽوڙي ۽ گلاخور ٿو ڏسجي، تنهنڪري، ڪانئس پڇي جيڪو طعام چئي سو سندس لاءِ تيار ڪجانءِ." پرئي جي پڇا تي مولوي صاحب گهٽ ۾ گهٽ پنجن ڇهن قسمن جي طعامن جو آرڊر ڏنو جن ۾ پستن ۽ ٻيءَ مغزيات سان پُر حلوي جي تياري تي خاص زور ڏنل هو.

ساڳئي وقت مولوي صاحب بياض ڏسڻ جي بہ خواهش ڏيکاري، ڪتاب آندو ويو پر ڏاڏي مرحوم احتياطاً رکئي نوڪر کي ويهاري ڇڏيو تہ مبادا مولوي صاحب اک وٺي ڪتاب مان ڪي پنا ڦاڙي وٺي. رات جو مولوي صاحب ڪتاب اٿلائيندو رهيو پر نہ ڪيميا جو نسخو هو نہ ڪيس هٿ آيو. رکيو بہ مٿس چوڪيداري ڪندو ۽ دل ئي دل ۾ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو هو.

اڌ رات کان پوءِ پرئي جي پچايل طعامن پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. صبح کان اڳ ۾ ئي مولوي صاحب کي اهڙي ڪمزوري وٺي وئي هئي جو جهنگ تائين پهچڻ جي طاقت بہ ڪانہ رهي هوس. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪي نتيجا نڪري سگهيا سي نڪري چڪا. ڪتاب تہ مولويءَ کان بلڪل وسري ويو.

رکئي دروازي جي گهنٽي وڄائي پورهيت کي گهرائي ڏاڏي مرحوم ڏانهن پيغام موڪليو تہ مهمان مولوي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پهچي چڪو آهي، ڪيس دفن ڪرائڻ لاءِ قبر کهڙي قبرستان ۾ کوٽائي وڃي. ڏاڏو مرحوم پڇندو ٻاهر آيو. اچي ڏٺائين تہ مولوي صاحب جي حالت واقعي قابل رحم تي پهچي چڪي آهي، پاڻ وڏو حڪيم هو، هڪدم سندس علاج شروع ڪري ڏنائين. شام تائين مولوي صاحب اک تہ پٽي پر هلڻ چلڻ جهڙو حال پوءِ بہ ڪونہ هوس. بہ ڏينهن ڇيڇلاٽڻ بعد واپس حيدرآباد پهچي پنهنجن ۾ مرڻ جو فيصلو ڪيائين. الله تعاليٰ سيني جي ڪٽي ان آزار مان جند ڇڏائي. ريلوي ٽڪيٽ سيڪنڊ ڪلاس جي گهرائي ويئي، ڪجهہ نقد رقم نذرانہ طور پيش ڪئي ويئي، ڪٽ تي کڻائي ڪيس اسٽيشن تائين پهچايو ويو. اُت رکئي مرحوم ماڻهن جي مدد سان ڪيس ريڙهي ريل ۾ رکيو. اسٽيشن تائين پهچندي رستي ۾ سندس بوٽ جو هڪ پادر کٽي ڪري پيو هو. ريل ۾ چڙهندي پادر آيس پر ان وچ ۾ ريل ڇُٽي هلي. حيدرآباد تائين جيڪڏهن جيئرو پهتو هوندو تہ جُتيءَ جي هڪ پادر ۾ لٽو هوندو. وري سندس سڌ واڪو ٻڌو ڪونہ ويو. اخبارن ۾ بہ نالو ڪڏهن ڪونہ آيس.

ان واقعي تي راءِ ڏيندي پرئي مرحوم هن خيال جو اظهار ڪيو تہ انگريز جي ملن جا آندا اٽيا تيندا آهن، انهن کي گيهہ جي مار ڏئي مارڻ آسان بہ آهي ۽ ثواب جو بہ ڪم آهي.

راز کُلي پيو، پرئي مولوي صاحب کي گيهہ جي مار ڏني هئي ۽ ايتريقدر جو غريب جو اٽيو آندو ان کي هضم ڪرڻ کان عاجز تي پيو هو. رکيو ڪيترا ڏينهن مولوي صاحب وارو ڪمرو ڌوئاريندو رهيو.

مون کي منجهانئس علم جو ڪو ذرو حاصل ڪونہ تي سگهيو هو.

## ساڌو واسواڻي

ٽي. ايل. واسواڻي سڏبو هو. ايم. اي پاس ڪري هندستان جي ڪن وڏن ڪاليجن جي پرنسپالي ڪرڻ کان پوءِ تارڪ ٿي وطن پهتو. سڀ شئي ڪي سياڳ ڪري هڪ چولي ۽ گوڏ ۾ رهيو. مون جڏهن بہ ڏٺو تہ گوڏ گوڏن کان هيٺ ڪانہ هوندي هوس. ڏاڙهي ميچان ڪوڙائيندو هو، پر جڏهن ڪو موقعو ملندو هوس، تڏهن ورنہ ڏاڙهي جون پوندبيون ٻاهر نڪتل هونديون هوس. هر شخص کي جهڪي هٿ ٻڌي نمسڪار ڪندو هو ۽ ڏاڍيءَ نوڙت سان نرم اکرن ۾ ساڻس ڳالهائيندو هو. انگريزي تحرير جو ڪيس صاحب طرز استاد تسليم ڪندا هئا. اسٽائل واقعي عجيب هوس. ڪو بہ جملو ٽن چئن اکرن کان مٿي جو ڪو نہ هوندو، پر اکر اهڙا اثرائتا هوندا جو دل کي گهائي ڇڏيندا. هندستان جي آزادي جي مضمون تي ڇهہ ست ڪتاب لکيائين، جن ملڪ ۾ وڏو ذهني انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو. نوجوانن کي آزادي خاطر جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي هڪ ڪتاب ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ انگريز جو قيد خانو، قيد خانو نہ، پر "آزادي جو مندر" Temple of Freedom آهي. ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ دل چوندي هئي تہ ماڻهو باقي عمر وڃي جيل ۾ ڪاٽي. ڪراچي مان انگريزي روزانہ اخبار"نيو ٽائمز"، هندن چندو ڪري، ڪڍي ڏنس. نالي خاطر ايڊيٽر تہ ٽي - ڪي جيسواڻي هو، پر ان جو حقيقي روح روان ساڌو واسواڻي هوندو هو. پنهنجي زور قلم سان انگريز جي حڪومت کي پريشان ڪري ڇڏيائين. انگريز ڪيس ڪجهہ ڪري ڪو نہ سگهيو. اهڙي تارڪ کي ڪري بہ ڇا ها، جنهن ساريءَ دنيا کي اڳ ۾ ئي جيل پي سمجهيو - اندر رهي يا ٻاهر. شروع واري زندگيءَ ۾ مون راتين جون راتيون جاڳي سندس ڪتاب پڙهيا.

پڇاڙي ۾ حيدرآباد اندر ڇوڪرين لاءِ"سنت ميران" اسڪول هلايائين. ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ بہ رفارمر جو ڪم جاري رکيائين. وصيت ڪئي هئائين تہ مرڻ کان پوءِ سندس هڏيون حيدرآباد آڻي سنڌو درياهہ جي سپرد ڪيون وڃن. سندس وصيت تي عمل ٿيو. تاريخ 13 - اپريل 1966ع هئي.

مطلب تہ هنن اکين اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا.

## حڪيم شمس الدين مرحوم

پير سائين تراب علي شاهہ ساڻس ملايو. حيدرآباد آيل هئاسين، چيائين تہ: "هل تہ توکي هلي هڪ انسان ڏيکاريان." حڪيم صاحب مرحوم سان ملاقات ڪرايائين. پاڻ ۾ دوستيءَ جا پيوند پئجي ويا، مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيا. پير صاحب جي سندس متعلق راءِ هيءَ هئي: "ڏسڻ ۾ خشڪ پر حقيقت ۾ بي انتها حساس ۽ نرم دل، علم جو درياهہ، قلم جو پهلوان، حب الوطنيءَ جو پندار، انساني عزت نفس ۽ خودداري جو امانت دار، لاثاني طبيب، دوستيءَ ۾ "ڪَم گو پر بسيار ڪُن"، اهڙا ماڻهو دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. "پير صاحب جهڙي پارکوءَ جي ان راءِ کان پوءِ ڪيس پرکڻ جي حاجت ڪانہ رهي. مون تي ساري ڄمار مهربان رهيو. هڪ دفعي زڪام منجهي پيو، ڪَن جو سور وڌي ويو. ڪراچي جي ڊاڪٽرن آخري راءِ ڏني تہ آپريشن ڪرڻو پوندو. مٿي جو هڏو پچي فاسد مواد ڪڍڻو پوندو. نازڪ آپريشن هوندو، ساڳي آپريشن ۾ هفتو ڪن اڳ مسٽر نور محمد وڪيل جو موت واقع ٿي چڪو هو. آپريشن بئي ڏينهن تي ٿيڻو هو. مون ان وچ ۾ حڪيم صاحب کي حيدرآباد مان گهرائي ورتو. ڊاڪٽرن جي راءِ ٻڌي ڪليو. جهوني مارڪيٽ وچي ٻاقاري جون دوائون وني آيو. هڪ دفعي جي ٻاقاري سان ئي درد دفع ٿي ويو، ڊاڪٽر اچي ڪن تي دروبيني رکي، چيائين "فاسد مواد رِجي تحليل ٿي ويو آهي، هاڻي آپريشن جي ضرورت ڪانہ رهي آهي."

حڪيم صاحب مرحوم ساڳيءَ شام واپس حيدرآباد هليو ويو. جيتري قدر مون کي ياد آهي ٻاقاري ۾ ٻڪرين جون ٺولڙيون، پست جي ڏوڏي، خشخاش، مٽي ڪاني ۽ هڪ اڌ ڪا ٻي شئي هئي.

حڪيم صاحب کي نرينہ اولاد ڪو نہ ٿيو. اهو ڏک ڪٽي ويو.

مون سندس والد مرحوم بہ ڏٺو، اڳئين زماني جو بزرگ هو.

## ديوان جڳت سنگهہ آئل مل

اسان جي زماني ۾ چوٽيءَ جو ديسي آفيسر ٿي گذريو. سڀ ڪانئس ڪَن هٽندا هئا - زبردست خواه بالادست. پهريان ڊپٽي ڪليڪٽر پوءِ ڪليڪٽر ٿيو. سندس قابليت ۽ انصاف مثالطور پيش ٿيندا هئا . موقعي سارو وقت جي

وڏي ڪان وڏي وڏيري جا ور لاهي ڇڏيندو هو. نہ سفارش ڪي مجيندو نہ اثر ۾ ايندو. پئسي ڏوڪڙ جو تہ انهن ماڻهن جي حالت ۾ سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿيندو هو. اصول هيءُ هوندو هوس تہ وڏيري جي پنهنجي چال چڱي آهي يا نہ ۽ چورن جو سرپرست ۽ پاڙي جي غريبن لاءِ آزار جو باعث آهي يا نہ؟ سندس صورت بہ رعبدار هوندي هئي. منهن تمام موڪرو مٿو وڏو. ڪاڏيءَ جو هڏو اڀُري وڏيل جنهن مان عزم جي پختائي بکندي هئي. انهن ڏينهن تائين ڏاڙهي مڇن ڪوڙائڻ جو رواج پئجي چڪو هو. پر گهڻا ديوان اجا بہ ڊگهيون ڏاڙهيون رکيون وينا هوندا هئا. جڳت سنگهہ ڪلين شيو ٿي چڪو هو. پڇاڙي جي ڏينهن ۾ جڏهن "هندو مسلمانڪي" ڦهلجڻ لڳي هئي تہ عام چوپول هو تہ سندس دل ۾ هندن لاءِ مڙيو ئي سرس درد رهي ٿو.

## ديوان منگهارام آئل مل

جڳت سنگهہ جو ننڍو ڀاءُ پهريان مختيارڪار ۽ پوءِ سٽي ماجسٽريٽ ٿي رهيو. وڏي ڀاءُ جو مزاج ٺڌو، ننڍي ڀاءُ جو مزاج گرم. هو پاڻ کي ظاهر نہ ڪندو هو، هي پاڻ کي ظاهر ڪندي ويرم ڪانہ ڪندو هو. 1930ع ڌاري سکر جي فضا خراب ٿي چڪي هئي، هندو مسلمانڪا فساد، جهيڙا، مقدما عام ٿيڻ لڳا هئا. هي صاحب سکر جو سٽي ماجسٽريٽ ٿي آيو. ٻڌئين تہ آءٌ سنڌ زميندار جو ايڊيٽر ۽ مسلمانن پاران تکي قسم جو ورڪر آهيان. سندس ڪورٽ ۾ مون تي هڪ مسلمان آفيسر بدناموسيءَ جو ڪيس داخل ڪيو. پهرين ئي حاضريءَ تي ديوان ڏاڍي اک ڏيکاري ۽ زبردستي، بہ - ٽي فيصلا منهنجي مفاد خلاف ڏنائين - منهنجي لاءِ بہ رستا رهيا: (1) ڪيس ٽرانسفر ڪرايان يا (2) سڌيءَ طرح سندس پنهنجي ضمير کي جاڳيان. ڊڄندي ڊڄندي مون ڏانهس خانگي خط لکڻ جي غير قانوني جرئت ڪئي. خط ۾ لکيومانس تہ تون پنهنجي ضمير کان پڇي ڏس تہ تو منهنجي خلاف فيصلا صحيح ڪيا آهن يا غلط. جيڪڏهن تنهنجو ضمير توکي چئي تہ تو فيصلا غلط ڪيا آهن تہ پوءِ توکي پنهنجي لاءِ عزت رهندي يا حقارت؟ - وغيره وغيره. منهنجي وڪيل منع ڪئي تہ ماجسٽريٽ ڏانهن اهڙو خط نہ لکان، ڇو تہ هو مسلمانن جو صريح دشمن آهي. منهنجي خط جي بنياد تي خود مون تي ڪورٽ جي بي ادبي جي ڪارروائي ڪندو. پر آءٌ ڪو نہ مڙيس. مون وڪيل کي چيو تہ ماجسٽريٽ جي

منهن ڏسڻ ڪان پوءِ منهنجي دل چوي ٿي ته هو ٿورو ٿڪڙو ۽ جوشيلو ضرور آهي، پر بي ضمير، بي شرم ۽ بي انصاف نه آهي. خط وجي پهتس. منهنجي پريس سندس گهر ۽ ڪورٽ جي سامهون هوندي هئي. شام جو سير تي نڪتو ته سڌو مون وٽ هليو آيو. چيائين: "تنهنجي خط گذريل رات منهنجي ننڊ حرام ڪري ڇڏي. آءُ توکان پنهنجو گناهه بخشرائڻ آيو آهيان. مون تنهنجو ڪيس ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي. سفارش ڪئي اٿم ته ڪنهن انگريز ماجسٽريٽ وٽ هلي، ڇو ته فرقه وارانه ڪشيدگيءَ جي موجوده فضا ۾ ممڪن آهي ته آءُ انصاف نه ڪري سگهان". ڪيس هالفورڊ انگريز سب ڊويزنل ماجسٽريٽ ڏانهن ٽرانسفر ٿي ويو، جنهن فيصلو ڏنو ته فرياديءَ کي هڪدم سرڪاري نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. ويچارو استعفا ڏئي وڃي گهر ويٺو.

منگهارام لاءِ منهنجي دل ۾ ڏاڍي عزت پيدا ٿي. جت به هوندو هو، آءُ سندس سلام تي ويندو هوس.

ڪراچيءَ ۾ ايڊيشنل سٽي ماجسٽريٽ ٿي آيو. سولجر بازار جي ماڻڪجي اسٽريٽ ۾ پنهنجي ڀاءُ جڳت سنگهه سان گڏ رهندو هو. هڪ صبح وڃي ويس ته ڇا ڏسان! ڊرائنگ روم ۾ صندل تي سندن ماتا جو فوٽو گلن جي هارن سان سينگاريل رکيل آهي ۽ هي ٻئي ڀائر فوٽي جي سامهون فرش تي مٿو ٽيڪيو سجدي ۾ پيا آهن.

ٻڌم ته هر صبح سندن عبادت اها هوندي هئي.

## پير سائين رُشد الله شاهه جهنڊي وارو رحمته الله عليه

افسوس آهي ته سنڌ پنهنجن گهڻن محسنن کي وساري ڇڏيو. رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي جي اڃ تائين ڪولائيف لکي ڪو نه سگهيو. مولانا عبيدالله، مولانا امروٽي، رئيس جان محمد جوڻيجو ۽ اهڙا ڪيترا ٻيا جانباز سنڌي، جن جو وجود ڪنهن به قوم لاءِ باعث افتخار ٿي سگهيو ٿي، سي جڻ هتي ڄاوا ئي ڪو نه هئا. انهن وسريل ۽ وساريل محسنن ۾ هڪ پير صاحب ممدوح به هو.

ڄائي ڄم کان انگريز کان نفرت هوس، انگريز جو منهن ڏسڻ حرام، ان سان هٿ ملائڻ ان کان به سخت گناهه سمجهندو هو. عام طرح سان ان فرقي جا ماڻهو پيشه ور گداگر بزدل ۽ ان ڪري وقت جي حڪومت جا پيدائشي چمچا

هوندا هئا. ڪو بہ ڪيريڪٽر ڪو نہ، ڪو بہ اصول ڪو نہ، حب الوطنيءَ جو ڪو بہ جذبو ڪو نہ، خودداري ۽ عزت نفس جو ڪو احساس ڪو نہ، مريدن جون مفت جون مانيون کائڻ ۽ اُن تي معتبري ڏيکارڻ، سرڪار هڪ کي چُڇڪر ڪري تہ درجنين پُڇ لوڏيندا پهچن، عياش، آرام طلب، جسماني محنت ۽ قوم لاءِ قربانيءَ کان پڇندڙ - اهي هونديون هيون بالعموم خصوصيتون، ان فرقي جي ڪيترن ماڻهن جون، جيڪي چچڙن وانگر قوم جي جسم سان چنبڙيا پيا هوندا هئا.

پر پير رشدالله شاهه رح سائين پنهنجي عمل صالح سان ان فرقي جي آبرو رکندو رهيو. هندستان ۾ تحريڪ آزادي شروع ٿئي، ان کان بہ گهڻو اڳ سنڌ اندر اُن جو بنياد وجهي ويٺو هو. مولانا عبيدالله سنڌي رح سنڌس مدرسہ سان منسلڪ رهي انقلابي دنيا ۾ پير رکيو. مولانا عبدالله لغاري وٽانئس تربيت ورتي، انگريز جي باغين کي پنهنجي مدرسہ[1] ۾ تيار ڪري ملڪ اندر موڪليائين. پهرين خلافت ڪانفرنس شروع فيبروري 1920ع ۾ لاڙڪاڻہ ۾ منعقد ڪرايائين، جنهن جي صدارت بہ خود فرمايائين، ان ڪانفرنس ۾ انگريز جي مخالفت ۽ خلافت تحريڪ جا مقصد ۽ اصولَ متعين ٿيا. مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم ۽ مولانا شوڪت علي مرحوم بہ شريڪ ٿيا. سنڌس صدارتي خطبو هڪ نادر علمي ۽ مذهبي دستاويز[2] تصور ٿيا، جنهن ساري هندستان اندر انگريز خلاف احساس عام ڪري ڇڏيو.

لاڙڪاڻہ ڪانفرنس کان چند ڏينهن بعد ساڳئي قسم جي ڪانفرنس بمبئيءَ ۾ بہ ٿي، جنهن ۾ پڻ وجي شريڪ ٿيو. ان موقعي تي هندستان جي مکيہ مسلمان ليڊرن سان بحث مباحثہ ڪري منجهن جوش جاڳايائين.

افسوس آهي تہ ان کان پوءِ سنت ٿي وفات ڪيائين. پر ان ٿوري عرصہ اندر ٿي آزاديءَ ۽ عزت نفس جي جذبن کي اجاگر ڪري ويو. انگريز خلاف بغاوت جو بنياد رکي ويو.

---

[1] مدرسي جو نالو دارالرشاد هو جنهن سان گڏ هڪ اهڙي لائبريري بہ قائم ڪيائين جنهن جو مثال ايشيا ۾ گهٽ مليو ٿي.

[2] اهو خطبو سنڌ جي بين تاريخي دستاويزن سان گڏ ڇپجي محفوظ ٿيڻ گهرجي.

## سيد ميران محمد شاهہ مرحوم

1920ع کان پوءِ سنڌ جا ڪجهه مسلمان نوجوان، ميرن پيرن ۽ وڏيرن جا صاحبزادا، ڪجهه گهڻ ڪجهه وڌ پڙهي اچي سنڌ جي سياست ۾ داخل ٿيا هئا. مقصد هون تہ عزت وارا سياسي عهدا ۽ ميمبريون هٿ ڪن جن جي آڌار تي هڪجيڏن ۾ سندن مـُـڇ مـَـرڪي، ڪامورن ڪڙن وٽان ڪيـن مانُ ملي، ۽ پاڙي پنبي ۾ غريب عوام تي سندن ڌاڪو ويهي. عوام جي حقوق، ملڪ جي آزاديءَ جي اهميت، ۽ خدمت خلق جي ضرورت جو تصور اجا عام ڪو نہ ٿيو هو - خاص طرح سان ان فرقي جي ماڻهن ۾ - هندن جي ڳالهہ ٻي هئي. سائين ميران محمد شاهہ مرحوم بہ انهن نوجوانن منجهان هڪ هو.[1] 1924ع ڌاري ايل. ايل. بي امتحان پاس ڪري، پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽکڙ مان ٽپڙ کڻي اچي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو هو. سندس والد بزرگوار سـائين زيـن العـابدين شـاهہ مرحوم بہ ساڻ هوس، جيڪو فرزند جي بنگلي جي آئوٽ هائوس ۾ وينو اڪثر وقت نمازون ۽ سڄو وقت پٽ جي حق ۾ دعائون پڙهندو رهندو هو. نظر بظاهر ڏاڍو پلارو انسان هو. سندس درويشي حال، نمازون ۽ دعائون ڏسي، ماڻهو ميران محمد شاهہ جي مدد ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندو هو. هڪ ڏينهن مون ميران محمد شاهہ کي چيو تہ "جيستائين تنهنجي پيءُ جون دعائون توسان شامل حال آهن، تون هر امتحان ۽ هر مقابلي ۾ ڪامياب رهندين، ان کان پوءِ آءُ چئي نٿو سگهان". قدرت خدا جي ٿيو بہ ائين. سائين زين العابدين شاهہ مرحوم 1950ع تائين زنده رهيو، اوستائين سائين ميران محمد شاهہ هر محاذ تي ڪامياب رهي عهدن جا انبار لتن هينان لتاڙيندو رهيو[2]. 1950ع کان پوءِ جو سندس سياسي ستارو لهڻ شروع ٿيو تہ وري اُڀري ڪو نہ سگهيو. سچ اِهو آهي تہ عهدن جي عادت پئجي وڃڻ کان پوءِ عهدا ڪسجي وڃن ٿا تہ ماڻهو ميڻ بتيءَ وانگر اندر ئي اندر ۾ رجي رجي ختم ٿيو وڃي. اثر جي لحاظ سان عهدا، آفيم کان وڌيڪ ماڻهوءَ لاءِ

---

[1] سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" جلد 1 صفحي 253 تي سندس باري ۾ لکيو آهي: "سندس سياسي ڪردار سنڌ جي اڪثر تعليم يافتہ ميمبرن وانگر شخصي اقتدار جي بنياد تي ٻڌل پئي رهيو آهي."

[2] حيدرآباد ميونسپل ميمبر، اسڪول بورڊ جو چيئرمين، ضلع لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ، بمبئي ڪائونسل جو ميمبر، سنڌ ايڊوائزري ڪاميٽي جو ميمبر، سنڌ اسيمبلي جو ميمبر، سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر، سنڌ جو وزير، پاڪستان جو سفير، متفرق ڪاميٽين ۽ ادارن جون چيئرمنيون ان جي علاوه.

مضر ٿين ٿا. پڇاڙيءَ ۾ جنهن ادبي بورڊ جو ڏهه سال پريزيڊنٽ ٿي رهيو هو، تنهن ساڳي اداري جو سيڪريٽري ٿي رهڻ به قبول ڪيائين!

*     *     *

ذاتي لياقتن ۽ صلاحيتن جي لحاظ سان مڙس لاثاني هو. ڇا قاعده قانون جي ڇاڻ ۾، ڇا تقرير ۽ تحرير ۾، ڇا ادبي مجلسن ۾، ڇا راڳ جي محفلن ۾، ڇا سياسي موقعا شناسي ۾، ڇا شڪل شباهت ۾، ڇا ڪپڙي لٽي ۾، جتي هوندو، جيئن به هوندو اڪين ۾ پيو آئڙندو. اسيمبلي جو اسپيڪر ته جهڙس ساري هندستان جي اسيمبلين کي ڪو نه مليو. جڏهن پٽيوالي ڪان طره دار پنجابي سڪندر حياتي پڳڙي ٻڌرائي پنهنجي سر تي رکي، اسپيڪر جي ڪرسيءَ تي ويهندو هو ته ائين پيو نظر ايندو هو جيئن ڪو ملڪ جو والي عدالت جي ڪرسيءَ تي براجمان آهي. سندس رولنگيون به پـُـر دماغ هونديون هيون، توڙي جو انهن جو لاڙو وقت جي وزارت ڏانهن هوندو هو.

هڪ دفعو سر غلام حسين مرحوم جي غير مقبول وزارت هڪ ووٽ تي ڪرڻ واري هئي. ڪيس ڪيرائڻ لاءِ جي. ايم. سيد صاحب عوام دوست ميمبرن کي سنيرائي وٺي وڃي اسيمبلي هال ۾ پهتو، ڇتا پيٽي سخت هئي. ايتريقدر جو ميمبر پهريون دفعو پنهنجي حفاظت لاءِ هٿيار به پاڻ سان کڻي ويا. هڪ طرف حڪومت ۽ ٻئي طرف جي. ايم. سيد جي وقار ۽ عوامي مفاد جو مسئلو هو. هر لحاظ سان سيد جي ڪاميابي يقيني هئي. ڪنهن کي خواب و خيال به ڪو نه هو ته ڪو ميران محمد شاهه خود ڪيس ڏڪ ڪيندو.

پر ٿيو هيءُ ته اوچتو ئي اوچتو سائين ميران محمد شاهه اسپيڪريءَ کان پنهنجي استعيفا جو اعلان ڪري، هيٺ لهي اچي بحيثيت ميمبر جي سر غلام حسين جي وزارت جي حق ۾ ووٽ ڏئي سيد جي ڪوشش کي ڊانوا ڊول ڪرائي ڇڏيو. نه صرف ايترو پر، اِن بـَحران جي بنياد تي سر غلام حسين اسيمبلي ٽوڙائي وري چونڊون ڪرايون. جن ۾ ڪَرايل جعل سازين سببان سيد کي ڪن ورهين لاءِ اسيمبلي ميمبريءَ کان به محروم ٿيڻو پيو[1]. سائين ميران محمد شاهه کي ان خدمت عيوض بعد ۾ نهندڙ وزارتن ۾ وزارت ماڻڻ جو موقعو ملندو رهيو.

---

[1] اليڪشن پٽيشن ۾ ٻن سالن کان پوءِ، سندس مخالف ٻي قاعدگين جا مجرم ثابت ٿيا ۽ اسيمبليءَ مان خارج ڪيا ويا.

ان دوران ۾ سيد سان سندس "عاشقي معشوقي" واري لکپڙهہ بہ هلندي رهي[1] .

جن ميدانن ۾ سنڌس پنهنجي عهده لاءِ خطرو ڪو نہ هوندو هو، تن ۾ سائين ميران محمد شاهہ سنڌ جي اهڙي وڪالت ڪندو هو جو ڪنهن ٻئي کان پڇي سگهڻي ڪا نہ هئي. مثلاً سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ واري تحريڪ ۾ ڏاڍو پاڻ ملهايائين. سنڌ کي جدا يونيورسٽي ڏيارڻ لاءِ خوب پاڻ پتوڙيائين. شاهہ لطيف رحمة الله عليہ جي ڪلام کي اُجارڻ ۽ سندس نالي مبارڪ سان سينٽر قائم ڪرائڻ ۾ اڳين کان اڳرو رهيو. هڪ ڀيرو مون جهڙي لکوڙ ۽ تقرير بازيءَ کان متنفر ماڻهو کي بہ گهلي وڃي شاهہ تي ليڪچر ڪرايائين جنهن جو موضوع هو شاهہ صاحب جي مصرع:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟

جي تشريح. عملي سياست ۾ آءٌ ڪانئس ڪوهين ڏور پڇندو رهيس، پر ذاتي طرح سندس بدخواه بہ نہ هوس، سنڌ جو هڪ خود رو پر خوبرُو سَلو اُيري هليو هو، جنهن کي پنهنجي هٿان هرو ڀرو ڪوسو واءُ لڳڻ بہ پسند ڪو نہ ڪندو هوس. مثلاً ميان نور محمد وڪيل (مرحوم) سان سندس آخري مقابلو هو. نور محمد تازو حيدرآباد جي مسلمانن کي هاءِ اسڪول ونئي ڏنو هو ۽ عوام ۾ ظاهري طرح سندس مقبوليت چوٽ چڙهيل هئي. اسان جو شاهہ صاحب ڏاڍو گهٻرايل هو. مشوري ۽ مدد لاءِ مون کي بہ گهرايائين. هڪ شام ڪچهري تي رهي هئي، ورڪر خراب خبرون آڻي رهيا هئا. شاهہ صاحب مرحوم جي پيشانيءَ تي پگهر اچڻ لڳو هو. نماڻيون اکيون کڻي مون ڏانهن نهاريائين. مون وڌيءَ همت سان چيس: "دلگير ٿيڻ جو ڪو سبب ڪو نہ آهي. نور محمد اسڪول ونئي ڏئي مسلمان عوام تي احسان ڪيو آهي. هينئر اسان جا عوام پنهنجين روايتن ۽ عادتن موجب ضرور ڪيس ڪيرائي سندس ٿورو لاهيندا. تون فڪر نہ ڪر، آخر ۾ ڪاميابي تنهنجي ٿيندي." بروقت تہ ٿورو مُرڪي ويئو، پر تسليٰ ڪا نہ ٿيس. پاڻ کي سياستدان تہ سمجهيائين ٿي، پر پنهنجن ماڻهن جي نفسيات سمجهڻ تي خيال ڪو نہ ڏنو هئائين. آخر اليڪشن جو نتيجو نڪتو. منهنجو قياس صحيح ثابت ٿيو. ميران محمد شاهہ کٽيو. حيدرآبادين

[1] جيڪا جي. ايم. سيد صاحب ڪتابي صورت ۾ ڇپائي آهي.

نور محمد کي ڪيرائي سندس اسڪول وارو تورو لاهي ڇڏيو. نور محمد ويچارو دل گرفته. بيمار پئجي، مهيني کن اندر، مورڳو پاڻ مري، مسلمانن جي خدمت واري بار کان پاڻ کي آجو ڪري ويو - "ميان جي، وَل نه ڏيلهي ڪاسان!"

1948ع کان پوءِ سنڌ جي وزارتن ۾ ٽاڪوڙي جو سلسلو هليو. 1952ع تائين گهٽائي گهوٽ گهائجي ويا. سائين ميران محمد شاهه مرحوم وزارتن جي پڇاڙي ڏسي، سفارت جو عهدو وٺي اسپين هليو ويو.

1953ع جي اچان ابتدا مس ٿي هئي ته هڪ ڏينهن آءٌ سر ظفرالله خان سان ملڻ لاءِ سندس بنگلي تي ويس. سر موصوف پاڪستان جو وزير خارجه هو. مون سان پيرزادو عبدالستار مرحوم به ان ڏينهن گڏ هو. اسان جي گاڏي بنگلي جي گيٽ مان نڪتي ته گيٽ جي ٻاهران سائين ميران محمد شاهه مرحوم بيٺو هو جيڪو اسان کي ڏسي هٽ ڪٽي بيهڻ لاءِ اهڙي انداز ۾ ارداسون ڪرڻ لڳو، جيئن وزيرن جي درن تي عام طرح غريب عرضدار ڪندا رهندا آهن. اسان موٽر جهلي ڪانئس پڇيو. معلوم ٿيو ته پاڻ سر ظفرالله سان ملڻ لاءِ آيو هو، پر پوليس وارن کيس اندر داخل ٿيڻ ڪو نه ٿي ڏنو. اندران اجازت اچڻ تائين کيس گيٽ کان ٻاهر جهليو بيٺا هئا.

سندس اهڙي پريشان حالي ڏسي اسان کي تعجب لڳو ته اسپين ۾ پاڪستان جي سفير سائين ميران محمد شاهه جهڙي ماڻهوءَ سان ڪهڙو واقعو واٽيو آهي جو اڄ ظفرالله جي در تي هيئن پيو ڌڪا جهلي؟

اسان موٽر مان لهي ڪانئس حال ورتو.

روئنڌهارڪو منهن ڪري چيائين: "مون سان ويل ٿيو آهي. آءٌ هتان اڪيلو سفير هوس، پر مون کي حڪم مليو آهي ته منهنجي سفيري ختم ڪئي ويئي آهي، آءٌ هڪدم چارج ڏئي موٽي اچان، نه مون کو ڏوهه ڪيو، نه قصور. مون سان ظلم ڪيو اٿن. اوهان منهنجي ڪا مدد ڪيو[1]. ظفرالله کي به چئو ۽ وزيراعظم ناظم الدين سان به ان باري ۾ ملو."

مون کي سائين مرحوم سان ذاتي پيار هو، منهنجي دل کي ڏاڍو جهٽڪو آيو. مون پيرزادي صاحب کي چيو ته "موٽ ته موٽي هلي ظفرالله خان سان جهيڙو ڪريون."

---

[1] مهيني ٻن ۾ سنڌ ۾ نيون چونڊون ٿيڻيون هيون. اها ڳالهه ظاهر هئي ته وڏن گروپن جا اڳواڻ آءٌ ۽ پيرزادو آهيون تنهن ڪري نئين حڪومت اسان ٻه ٺاهينداسين. اسان جو خاصو رعب تاب هو.

موٽر موٽي، اسان دوباره ظفرالله خان سان ملي ساڻس ميران محمد شاهہ جو قصو ڪيو. پاڻ چيائين:"ميران محمد شاهہ سان منهنجي بہ همدردي آهي، پر اهو ڪم ناظم الدين(وزيراعظم) جو آهي، جيڪو ڪن چغل ماڻهن جي ڳالهين تي لڳو آهي، اوهان اُن سان ملي سمجهايوس".

* * *

آءٌ ضرور سمجهان ٿو تہ هن منزل تي [1]سر ناظم الدين مرحوم سان پنهنجي تعلقات جي نوعيت تي روشني وجهان. حقيقت ۾ ناظم الدين مرحوم جي دور تي سنڌي زبان جي تاريخي لٽريچر ۾ ڪو بہ احوال ڪو نہ آهي حالانڪ هو صاحب مسلم ليگ تحريڪ جو اهم ڪارڪن، قائداعظم رحمة الله عليہ جي ساٿين ۾ صف اول جو ماڻهو، مشرقي بنگال جو چيف منسٽر، پاڪستان جو گورنر جنرل، ۽ جنهن وقت جو آءٌ هينئر ذڪر ڪري رهيو آهيان، ان وقت ملڪ جو پرائم منسٽر هو. ڏاڍو ديندار، اسلام جو فدائي، ايمانداريءَ جو پتلو، ۽ سچو سڌو سادو مومن هو - سياسي ڪاروبار ۾ سندس روح روان سندس محترم ننڍو ڀاءُ خواجہ شهاب الدين مرحوم هوندو هو جيڪو وڏي ڀاءُ جي رهنمائي ڪندو رهندو هو. شهاب الدين کي الله تعاليٰ سياسي جوڙ توڙ جو خاص ملڪو عطا ڪيو، ساري بنگال جا دماغ هڪ پڙ ۾ وجهو ۽ شهاب الدين مرحوم جو دماغ ٻئي پڙ ۾ تہ شهاب الدين وارو پاسو گهڻو ڳورو نظر ايندو. سياسي "وڍٽڪ" سندس روزانہ جي خوراڪ هوندي هئي، رات جو اوستائين ننڊ ڪانہ ايندي هوس. جيستائين صبح لاءِ هڪ بہ نئون نقشو تيار ڪري نہ رکندو هو، جيستائين هندستان ڪڏ هو اوستائين بنگال جي هندو دماغن کي ٽوٽا چٻارائي آيو هو. هينئر نئون ملڪ ٺهيو تہ اُت بہ پنهنجي طبعيت کي ڇيڪ ڇڏي هتان جي باقي سياسي گروپن جون ڏويون ٽنگايون ويٺو رهيو. (ذاتي طرح) هو بداخلاق هرگز ڪو نہ هو، نہ پيسي ڏوڪڙ يا "پراپرٽي" جو لالچي [2]، انهن معاملن ۾ قلندر مزاج هو. فقط سياست جو شديد عارضو هوس. ۽ بدقسمتيءَ سان وڏي ڀاءُ جي سياسي واڳ سندس هٿن ۾ هوندي هئي.

---

[1] هن ڪتاب لکڻ جو مقصد تعليمي ۽ معلوماتي آهي. آءٌ هي واقعو ان خيال سان درج ڪري رهيو آهيان تہ اسان جي پوين کي پتو رهي تہ سياسي سفر جي دوران ۾ اسان کي ڪهڙن گهٽن ۽ گهيرن مان لنگهڻو پيو ٿي.

[2] ان زماني ۾ اهي ڳالهيون هونديون ٿي ڪو نہ هيون.

لياقت علي خان مرحوم جي وزارت ۾ وزير اطلاعات ۽ نشريات هو.
لياقت علي خان جي شهادت کان پوءِ، اهو نقشو سندس ئي ناهيل هو تہ پاڻ کي گورنر جنرليءَ مان لاهي پرائم منسٽر ڪرائي ۽ گورنر جنرلي هڪ دائم المريض شخص (غلام محمد مرحوم) کي ڏياري جيڪو سندس اڳ ڪٿي موجب ستت مري ويندو ۽ ان وچ ۾ ڪيس وقت ملي ويندو تہ هو سوچي وٺي تہ اڳتي لاءِ ڪهڙو مستقل انتظام ڪري. اهو خيال ان وقت ڪو نہ هوس تہ اهو دائم المريض اڌ رنگ جو سٽيل گورنر جنرل، اهڙي هيٺين حال ۾ بہ، سال ڏيڍ ڪان پوءِ خود سندس پاڻ کي ڌڪ هڻي پرائم منسٽريءَ مان ڪڍي خواجن جو کيل هميشه لاءِ ختم ڪري ويندو.

اِن شهاب الدين مرحوم جهڙيءَ بلا سان قدرت منهنجو پلاند اٽڪائي، مون کي ڏوجهري ۾ وجهي ڇڏيو هو. شهيد ملت لياقت علي خان مرحوم مغفور جي زماني ۾، جڏهن پاڻ وزير اطلاعات هو، آءٌ "سنڌ آبزرور" جو ايڊيٽر هوس، الطاف حسين بنگالي مرحوم"ڊان" جو ايڊيٽر ۽ لياقت علي خان مرحوم جي حڪومت جي نڪ جو وار هو. الطاف حسين مرحوم جي تلخ تحريرن (جيڪي منهنجي جاءِ تي درست هونديون هيون) ۽ شهيد ملت مرحوم جي مُڪي ڏيکارڻ جو نتيجو اِهو نڪتو هو، جو ڀارتين جا دماغ خراب ٿي ويا ۽ غصي ۾ اچي هُنن پاڪستان تي فوجي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪري پنهنجون فوجون اسان جي سرحدن تي آڻي جمع ڪيون. اصولي طور ۽ حقيقت جي نقطہ نظر سان پاڪستان جي "اسٽينڊ" جنهن جي تشريح شهيد ملت ۽ الطاف حسين مرحوم ڪندا رهيا هئا. بلڪل صحيح ۽ حق تي مبني هئي، پر ٻئي طرف ڪان طاقت جو خمار هو - ۽ زور اڳيان زاري.

شهيد ملت مرحوم پاڻ دهليءَ وڃي "نهرو - لياقت" عهدنامو ڪري في الحال تي حالتن کي ٺڏو ڪري آيو هو، پر هندستان جون اخبارون پوءِ بہ چوٽ تي چڙهيون وينيون هيون ۽ ڀارت حڪومت تي رات ڏينهن زور آڻي رهيون هيون تہ پاڪستان سان صلاح صلاحيت ڪرڻ بي معنيٰ آهي، تنهن ڪري هڪ دفعو ئي مٿس فوجي حملو ڪري، ان رات ڏينهن جي دردسريءَ کان نجات حاصل ڪري ڇڏڻ گهرجي. ڀارت ۾ اخبارن ۽ راءِ عامہ جو ڏاڍو زور هو، تنهن ڪري سرڳواسي جواهر لعل بہ عهدنامو ڪري ڦاٿو هو.



مسٽر الطاف حسين ايڊيٽر ڊان

جنهن سان مصنف جا قلمي مقابلا ٿيا.

مسئلو پيدا ٿيو تہ هندستان جي اخبارن کي ڪيئن ٽڏو ڪجي، جيئن هو حڪومتن ۽ هندو مسلم عوام ۾ ڪشيدگي پيدا ڪرڻ کان باز اچن.

شهاب الدين مرحوم سوچيو تہ ان ڪم لاءِ علي محمد راشدي جهڙي ماڻهوءَ کي استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ في الحال الطاف حسين کي پس منظر ۾ لڪائي، راشديءَ کي يُنيلاٽي اڳ ۾ ڪجي ۽ ڪانئس ڪم وٺجي.

ان مان ڪين بہ فائدا نظر آيا ٿي:1- هڪ تہ پارٽي اخبارون "ڊان" جي تحريرن ڪري اشتعال ۾ آيل هيون، الطاف حسين جي پريس ليبر شپ کان هٽي وڃڻ ڪري، اشتعال جو اهو سبب ڊرو ٿي ويندو ۽ 2 - ٻيو تہ راشدي نلهو اخبار نويس نہ، پر سياستدان بہ آهي، هو پنهنجي ڊپلومسيءَ سان پارٽي ايڊيٽرن کي ٽڏو ڪري سگهندو.

يڪايڪ منهنجي ڏاڍي خوشامد ٿيڻ لڳي. مون کي چيو ويو تہ هن نازڪ موقعي تي، پاڪستان جي ڀلي خاطر، مون کي پريس جي قيادت وٺي ملڪ کي بحران[1] مان ڪڍڻ گهرجي.

اسان ماڻهن، پاڪستان پنهنجن هٿن سان ناهيو هيوسين، اُن جي خدمت لاءِ وري هڪل ٿئي ۽ پاڻ پوئتي پئجي، سا ڳالهہ منهنجي فطرت جي خلاف هئي. ٻيو هيءُ امڪان بہ هو تہ جيڪڏهن اِن سڏ کي نہ ورائجي ها تہ مارڪا منهنجو نالو بہ "غدارن پاڪستان" جي لسٽ ۾ درج ڪن ها. غدارن ناهڻ جي اها نئين انڊسٽري تازو چالو ٿي هئي ۽ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي هئي، مون نئي گهريو تہ بي گناه آءٌ بہ ان جو شڪار ٿيان. اڳ ۾ ئي منهنجي اخبار سنڌ آبزرور"مشڪوڪ اخبارن" ۾ شمار ڪئي ٿي وئي، ڇو تہ ان جو تعلق کهڙي صاحب سان هو. جيڪو ڪراچيءَ جي سوال تي معتوب ٿي مقدمن ۾ ڦاسي چڪو هو، خود"سنڌ آبزرور" کي بند ڪرائڻ لاءِ هڪ دفعي ڇهن مهينن لاءِ بندش جو حڪم[2] نڪري چڪو هو(جنهن مان مشڪل سان جان ڇڏائي هئم) ۽ ٻيو دفعو اسٽرائيڪ جو انتظام ڪرايو ويو هو.

---

[1] "بحران" جي معنيٰ هيءَ هئي تہ پارٽي پريس جي پروپيگنڊا ڪري پارت ۾ هندو مسلمانن جي فسادن ۾ ڪا گهٽتائي ڪا نہ پئي ٿي ۽ هندو اتاهون جي مسلمانن کي ماري پڄائي هزارن جي تعداد ۾ پاڪستان ڏانهن موڪلي رهيا هئا. جنهن ڪري هڪ طرف لڙائيءَ جو امڪان گهٽ ڪو نہ ٿي ٿيو ۽ ٻي طرف مهاجرين جي بي انتها سيلاب ڪري پاڪستان زياده زير بار ٿي آيو.

[2] اهو حڪم پير الاهي بخش مرحوم جاري فرمايو هو، جنهن کي بہ چار ڏينهن اڳ ۾ کهڙي صاحب کي ڊسمس ڪري سنڌ جو وزيراعليٰ بنايو ويو هو.

مون خواجہ شهاب الدين صاحب جو حڪم مڃي پاڪستان جي ايڊيٽرن جو صدر ٿيڻ قبول ڪيو. الطاف حسين مرحوم، جيڪو اڳ ۾ صدر هو، رٽائر ڪري ويو. سڀ پاڪستان جا ايڊيٽر ڪراچي ميونسپل هال ۾ اچي مڙيا. الطاف حسين مرحوم خود منهنجو نالو صدارت لاءِ پيش ڪيو. سواءِ لاهور جي ٻن ايڊيٽرن صاحبن جي باقي ساري مجموعي منهنجي فائدي ۾ ووٽ ڪيو. آءٌ چونڊجي ويس. منهنجي اعزاز ۾ ٻاهر (لان تي) خواجہ صاحب مرحوم مرحبائي پارٽيءَ لاءِ اڳ ۾ ئي ميزون وڇايون اُپ پيرو بيٺو هو. ميٽنگ مان ٻاهر نڪتاسين نعرا لڳا. گلن جا هار پيا، فوٽا نڪتا، ڪاڇا پيڇا هلي، منهنجي تعريف مان ڪو ڪو نہ پيو ڍاپي، محنت ٿوري مزدوري گهڻي، مون سمجهيو پئي تہ منهنجي لاءِ ڪا وڏي سٽيِ اٿن. پر في الحال مِني بہ ماٺ مُني بہ ماٺ، ڪن ڇپّا ڪيو هلندو رهيس.

صدر چونڊجڻ کان پوءِ صدارتي خطبي ۾ مون دنيا جي مسئلن تي ڪجھ ڳالهايو. جن جي دوران ۾ هندو مسلم فسادن ۽ هندستان جي مسلمانن سان ٿيندڙ زيادتين تي ڏک جو اظهار ڪندي، مون هندستان جي اخبارن کي اپيل ڪئي تہ هو ان ٻاھہ کي وسائي انساني فرض بجا آڻين ۽ ان ڪم ۾ اسان پاڪستان جا ايڊيٽر ساڻن تعاون ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهيون.

منهنجي ان بيان کي هندستان جي اخبارن ڏاڍي اهميت ڏني. هندستان جي اخبارن جي پريزيڊنٽ جوابي بيان ۾ منهنجي خيالن جي تائيد ڪندي دعوت ڏني تہ پاڪستان جي ايڊيٽرن جو هڪ وفد سندن دعوت قبول ڪري هڪدم دهليءَ اچي جتي هندستان جا ايڊيٽر بہ گڏ ٿيندا ۽ ٻئي ڌريون پاڻ ۾ گفتگو ڪري ٻنهين ملڪن ۽ قومن جي وچ مان هلندڙ ڪشيدگي کي دور ڪرڻ لاءِ ڪو عملي پروگرام رٿينديون. اها دعوت نہ هئي پر چئيلنج هئي، جنهن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ اسان جي ملڪ لاءِ بدناميءَ ۽ نقصان جو باعث بڻجڻي هئي.

دعوت جي اعلان ٿيڻ شرط آءٌ ڪجھہ ڪچان تنهن کان پهريان ئي سرڪاري حلقن ۾ چرپر شروع ٿي ويئي، فيصلو ڪيائون تہ دعوت قبول ڪري هڪدم وفد موڪلڻ گهرجي. شهاب الدين مون کي سڏايو، مون هيءَ پوزيشن سندن اڳيان رکي:

1- دعوت قبول ڪجي ۽ وفد موڪلي،

2- جنهن صورت ۾ اسان جي جماعت وٽ پئسو ڪونہ آهي، تنهن صورت ۾ خرچ سرڪار ڀري،

3- وفد جي قيادت آءٌ پاڻ ڪري ڪو نـ سگهندس، ڇو تـ منهنجي اخبار کي منهنجي هٿ موجودگيءَ جي اشد ضرورت آهي، ٻيو تـ هندستان پاڪستان جون سرحدون بند آهن، ريل وجي ڪانـ ٿي سگهي ۽ هوائي جهاز جي سواريءَ لاءِ منهنجي صحت مون کي اجازت ڪانـ ٿي ڏئي.

4- وفد جي قيادت تنهن ڪري مسٽر الطاف حسين ڪري.

شهاب الدين مرحوم، شهيد ملت مرحوم لياقت علي خان سان صلاح ڪئي. وري مون کي گهرائي ٻڌايائين تـ وفد جي قيادت هر حال ۾ مون کي ئي ڪرڻي پوندي، الطاف حسين هندستان ۾ پير رکڻ لاءِ تيار ڪو نـ آهي، ڇو تـ مٿس صوبہ بهار مان هڪ فوجداري مقدمي جي سلسلي ۾ گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتل آهن، ان ڪان سواءِ ڪيس هيءُ بـ يقين آهي تـ هندو ڪيس ڏسڻ شرط قتل ڪري ڇڏيندا.

مون چيس: "الطاف حسين مرد مجاهد آهي، رات ڏينهن ڊان ۾ پيو پاڪستان جي راهہ ۾ قربانين ۽ سرفروشين جي تلقين ڪري. موجوده جهڙي نازڪ موقعي تي ملڪ خاطر ان ٿورڙي خطري کڻڻ کان هو هرگز ڪو نـ ڪيٻائيندو. اوهان آسانيءَ سان ڪيس آماده ڪري سگهو ٿا.

شهاب الدين: بهتر آهي تـ ان ڳالهہ کي وساري ڇڏيو. (ٻيو جيڪي چيائين، سو لکڻ جهڙو نـ آهي). وڃڻو اوهان کي ئي پوندو. ٻيو ڪو ماڻهو اهو ڪم ٺاهي ڪو نـ سگهندو.

آءٌ: آءٌ ڪيئن وجي سگهندس؟ ريل بند، هوائي جهاز ۾ وڃڻ منهنجي لاءِ ناممڪن.

شهاب الدين: اسان جو پرائم منسٽر(لياقت علي خان) ان باري ۾ پنڊت نهروءَ سان ٽيليفون تي ڳالهائي رهيو آهي.

ساڳيءَ شام جو شهاب الدين اطلاع ڏنو تـ هندستان جي حڪومت منظور ڪيو آهي تـ منهنجي سفر لاءِ سرحدون کوليون وڃن. بندوبست هيءُ ٿيو آهي تـ آءٌ لاهور کان واگها ناڪي تائين پنهنجي موٽر ۾ وڃان، اتان هندستان جا آفيسر مون کي موٽرن ۾ کڻي امرتسر مان دهلي ميل ۾ سوار ڪري دهليءَ پهچائيندا.

هاڻي پڇڻ لاءِ ڪو رستو ڪو نـ رهيو، سفر جي تياري مڪمل ڪري ويهارو پاڪستاني ايڊيٽر ساڻ کڻي مقرر تاريخ تي ريل رستي دهليءَ پهتس. جناب شهاب الدين پاڻ بـ هوائي جهاز ۾ چڙهي اڳواٽ اُتي پهتل هو.

وفد سرڪاري مهمان ٿيو. رهائش لاءِ ڪانسٽيٽيوشن ڪالوني ۾ بندوبست رکيو هئائون. هندستان جا سمورا مکيه ايڊيٽر موجود هئا. اسان جون گڏيل ڪانفرنسون ٿيون. افتتاح پنڊت نهروءَ پاڻ ڪيو. هندستان جي صدر بابو راجندرا پرشاد وفد جي اعزاز ۾ پارٽي ڏني.

شهاب الدين هر جاءِ تي، هر موقعي تي مون سان گڏ لڙڪندو رهيو. بدقسمتيءَ سان هندستان ۾ شهاب الدين کي سرڪاري تقريبن کان ٻاهر ڪنهن ڪو نه پڇيو. اتاهون جون اخبارون پنهنجو سارو زور قلم منهنجي ڪم جي تعريف ۾ صرف ڪنديون رهيون. توڙي جو هي موقعو[1] وڌيڪ تفصيل سان لکڻ لاءِ موزون نه آهي. پر ايترو ٻڌائي سگهجي ٿو ته جنهن مقصد سان ويل هئاسون سو اميد کان وڌيڪ حاصل ٿيو. اها گهڙي سارو هندستان منهنجي نالي سان وڄندو رهيو. نه فقط ايترو پر آئينده لاءِ جيڪا هندستان ۽ پاڪسان جي اخبار نويسن جي گڏيل ڪاميٽي ناهي ويئي، تنهن جو چيئرمن به مون کي چونڊيو ويو. ذاتي خيال کان مون لاءِ زندگي جو اهو وڏي ۾ وڏو اعزاز هو ته آءٌ سنڌ جو هڪ اٽيڙهه ڳوٺاڻو شوق خاطر زو رمس جو بنيل "صحافي" ٿي ساري برصغير جي مڃيل چوٽيءَ جي ايڊيٽرن (جيڪي ملڪن جي تاريخ ناهي چڪا هئا ۽ جن جا نالا صحافت ۽ آزاديءَ جي تاريخ ۾ هميشه لاءِ زنده رهڻا هئا) جو صدر بنيس[2].

شهاب الدين مرحوم کي منهنجي ڪاميابي ۽ ايتريقدر سر بلندي ڏاڍي ڏکي لڳي. هن پهريان سمجهيو ٿي ته آءٌ سنڌس رحم ۽ ڪرم تي محض

---

[1] هن ڪان پوءِ جيڪڏهن زندگي آهي ته شايد اهڙو موقعو ملي وڃي، ۽ ساريءَ ڪارگذاريءَ تان مڪمل طرح پردہ کڻڻ مون لاءِ ممڪن ٿي پوي.

[2] مون گهڻا ئي عجيب غريب موقعا ڏٺا پر هڪ موقعو خاص طرح سان مون لاءِ قابل فخر هو. هڪ صبح جو هندستان جا مکيه ايڊيٽر مون وٽ لنگهي آيا ۽ چيائون ته هڪ ٺهراءَ جي مسودي تي منجهن ايتريقدر اختلاف ٿي پيو آهي جو هو ان کي سلجهائي ڪنهن متفق تجويز تيار ڪرڻ کان عاجز ٿي پيا آهن. هو مون وٽ ان لاءِ آيا ته آءٌ ٻئي طرف ٻڌي ڪو اهڙومسودہ ڪين تيار ڪري ڏيان جيڪو طرفين لاءِ قابل قبول هجي. مون ڏهه - ڏهه منٽ هر ڌر کي پنهنجي پنهنجي طرف ٻڌائڻ لاءِ ڏنا. ويهن منٽن ڪان پوءِ مون ڪاغذ جو پرزو کڻي پينسل سان هڪ مسودو لکي سندن حوالي ڪيو. جنهن کي پڙهي ٻئي ڌريون خوشيءَ وچان نچڻ ڪڏڻ ۽ منهنجي تعريف ڪرڻ لڳيون. مسودي لکڻ ۾ مون کي ڏهه منٽ لڳا هئا ۽ ٻنهين ڌرين جا مقصد ان ۾ حل ٿي ويل هئا.

اهي ايڊيٽر ڪير هئا ۽ ڪهڙي پايي ۽ مرتبي جا هئا؟ اهي صاحب هنن اخبارن جا چيف ايڊيٽر هئا: هندو" مدراس، "بمبئي ڪرانيڪل" ۽ "ٽائمز آف انڊيا" بمبئي، "امرتا بازار پتريڪا" ۽ "هندستان اسٽنبرڊ" ڪلڪتو، "پايونيئر" ۽ "هيرالڊ" لکنو، "ٽريبون" امبالا، "هندستان ٽائمز" ۽ "نيشنل ڪال" دهلي، "هتواڙا" ناگپور ۽ پنج - ڇهه ٻيا جن ۾ هندستان جي ايڊيٽرن جي ڪانفرنس جو صدر ۽ سيڪريٽري به شامل هئا.

هڪ گڏو ٿي هلندس ۽ ساري شهرت کيس حاصل ٿيندي، پر هت هر ڳالهه اُبتي نڪتي، يعني منهنجي شخصيت ۽ ڪم کي ايتريقدر پذيرائي ملي جو پاڻ پس منظر ۾ قطعاً گم ٿي ويو. هُو سياستدان هو، کيس اچي پَو لڳو ته آءٌ سندس رقيب پيدا ٿي چڪو آهيان جيڪو شايد عنقريب کيس وزارت اطلاعات مان ڪڍرائي، خود اُن ۾ ويهي رهندس.

منهنجي اهڙي نيت بلڪل ڪا نه هئي، ان ڪان سواءِ پنهنجي ملڪ اندر منهنجي دشمنن جو تعداد منهنجن دوستن جي تعداد کان گهڻو زياده هو، ذرائع ۽ وسيلن جي گهڻتائيءَ ۽ سنڌين جو پنهنجن سان روايتي حسد ان اپرانڌ هو. منهنجي لاءِ اهڙي هوس رکڻ فضول هئي ۽ آءٌ اهڙو بوالهوس ڪو نه هوس، مون کي پنهنجون حدون معلوم هيون.

پر شهاب الدين مرحوم کي ڪير سمجهائي ها؟ هو ڏاڍو دور انديش سياستدان هو ۽ دور انديش سياستدان هميشه دل هول جو مريض هوندو آهي.

ٽي - چار پيرا ڪوششون ڪيائين ته منهنجي اثر کي زائل ڪري. مسلسل طور ڪيئي وار ڪندو رهيو، جن جو ڪجهه تفصيل هن[1] ريت آهي:

1 - ٻن - ٽن اخبارن کي مڇائي ڇڏيائين ته هو منهنجي خلاف پروپيگنڊا هلائين ۽ اخبارن جي جماعت کي، جنهن جو آءٌ صدر هوس، ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪن. پر ٻنهين ڳالهين ۾ ڪين ڪاميابي حاصل ڪانه ٿي. پاڻ اخبارن جي برادريءَ مان ڪين ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏيم. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مجبوراً ڪين مون سان صلح ڪرڻو پيو ۽ ان طرح سان ٻهريون وار خطا ويو.

2 - الطاف حسين مرحوم ڪان "ڊان" اخبار ۾ منهنجي خلاف پروپيگنڊا جي مهم هلرائي وئي. اهڙو جهيڙو سنڌ آبزرور ۽ "ڊان" جي وچ ۾ لڳو، جو ان جي ياد ڪيترن سالن تائين اخبارين حضرات جي حافظي ۾ محفوظ رهي. منهنجي ڪم آندل هڪ شعر خاص طرح سان ڪين نقصان پهچايو، جو ته اُن مان سندس ان وقت جي پوزيشن[2] جي نشاندهي پئي ٿي. شعر هيءُ هو.

---

[1] سياست ۾ نوواردن کي اسان پوڙهن جي تجربن مان سبق حاصل ڪري پنهنجي لاءِ ڪَن رکڻ گهرجي.

[2] ته ان وقت جي وزارتي حلقن سان وابسته آهي.

نہ دھمڪ ڪي پائون رکھئي ڪہ ھو گل ھي شمع تربت يہ تو ھم بھي جانتہ ھين ڪہ ھي آپڪي جواني.

ھفتي کن اندر ٻي ڏر ڏئي وٺي ٻيھي رھي. اِھو ٻيو وار بہ خطا ويو.

3 - ڪوشش ٿي تہ منھنجي صدارت جي ٽن سالن پوري ٿيڻ بعد ايڊيٽرس ڪانفرنس جي پريزيڊنٽ الطاف حسين مرحوم کي چونڊرائجي، جيئن صحافي دنيا مان منھنجو اثر متجي وڃي. اجلاس بھاولپور ۾ ٿيو. شھاب الدين مرحوم پاڻ سڄي پاڪستان جو دورو ڪري، ايڊيٽرن کي الطاف حسين کي چونڊڻ تي آماده ڪري آيو. خود بہ ان موقعي تي اچي بھاولپور ۾ ويٺو. آءٌ فقط اڳئين رات اُت پھتس ۽ انھيءَ ئي رات جو ھڪ - اڌ ڪلاڪ ڪم لاءِ مليم. ٻئي ڏينھن جڏھن چونڊن لاءِ جمع ٿيل پاڪستان جي ايڊيٽرن جو اجلاس ٿيو تہ ان ۾ الطاف حسين مرحوم جي نالي پيش ڪرڻ ۽ تائيد ڪرڻ وارو بہ ڪو نہ نظر آيو. مذاقاً، مون پنھنجن ٻن دوستن ڪان سندس نالو پيش ڪرايو. پر الطاف حسين مرحوم ان ٽوڪ کي سمجھي ويو ۽ پنھنجو نالو ڪڍائي، شديد غصي ۾ وڦلندو اجلاس مان نڪري ويو. مون پنھنجي مرضيءَ سان پنھنجي جاءِ تي مولانا اختر علي خان مرحوم کي يڪراءِ صدر چونڊرايو. حسرتناڪ ڳالھ ھيءَ ھئي تہ ان يقين جي پيش نظر تہ الطاف حسين ضرور صدر چونڊبو، اڳواٽ سندس اعزاز ۾ پارٽي رکي، ساڳي شام لاءِ دعوتن جا ڪارڊ بہ ورھايا ويا ھئا. پر اوچتو معاملي جي اُلٽي ٿي وڃڻ ڪري، پارٽي رد ڪري، خود ڪين انتھائي شتابيءَ سان بھاولپور مان نڪري وڃڻو پيو. ٽيون وار بہ خطا ويو.

4 - مرحوم مغفور شھيد ملت وزيراعظم کي تيار ڪيائون تہ ھو پنھنجي اثر رسوخ استعمال فرمائي. خود مرحوم مولانا اختر علي خان ڪان استعفا ڏياري، الطاف حسين مرحوم لاءِ دوباره ميدان تيار ڪرائي ۽ بھاولپور واري شرمندگيءَ کي مٽائڻ ۾ سندن مدد ڪري. ساڳي وقت ھو مون کي بہ دٻائي ڪمزور ڪري، جيئن آءٌ اختر علي خان کي استعفا ڏيڻ ڪان نہ روڪيان. 15 - آڪٽوبر 1951ع جو وزيراعظم صاحب مون کي ۽ اختر علي خان کي پاڻ وٽ گھرايو. ٻاھر ڪمري ۾ الطاف حسين مرحوم بہ ويٺل نظر آيو. الطاف حسين مرحوم کي ڏسي، ٻاھر ئي منھنجو ٽمپريچر گرم ٿي ويو. اندر ويندي مون پرائيم منسٽر کي ھُڏيون ۽ کتو جواب ڏئي، اختر علي خان کي ٻانھن ڪان

جهلي، ٻاهر نڪري آيس. ٻئي ڏينهن صبح جو يعني 16 - آڪٽوبر 1951ع جو پرائيم منسٽر صاحب هڪ ڏينهن لاءِ راولپنڊيءَ تشريف فرما ٿيو. منجهند کان پوءِ ساڳي ڏينهن آءٌ مرحوم جسٽس آغا حسن علي مرحوم، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان (جيڪو منهنجو پراڻو دوست، وڏو انصاف پسند ۽ بهادر انسان هو) سندس گهر وڃي مليس. مون ڪيس احوال ٻڌائڻ لڳس ته ڪيئن مون پرائيم منسٽر صاحب کي ناراض ڪري وڌو آهي ۽ ممڪن آهي ته منهنجي ان حرڪت جو نتيجو هينئر منهنجي حق ۾ چڱو نه نڪري. پر مون اڃان پنهنجو قصو ختم ئي ڪو نه ڪيو ته آغا صاحب جو فرزند ٻاهران ڊوڙندو آيو ۽ اچي چيائين ته"لياقت علي خان کي راولپنڊيءَ ۾ شهيد ڪري وڌو اٿائون". ڳالهه وسهڻ جهڙي ڪانه ٿي لڳي، مرحوم جو بنگلو پير ۾ هو، ماڻهو موڪلي جاچ ڪرائي وئي، سندس شهادت جي تصديق ٿي، مون کي ڏاڍو صدمو رسيو، آءٌ ڳوڙها ڳاڙيندو آغا صاحب وٽان اُٿي آيس. اختلاف اختلافن سان طئي ٿي سگهيا ٿي، ايڏي وڏي قومي رهنما ۽ پاڪستان جي پرائيم منسٽر جو ان طرح سان شهيد ٿي وڃڻ هر اهل دل محب وطن لاءِ شديد صدمي جو باعث هو.

بهرحال اختر علي خان جي استعفا ڏيڻ جي نوبت ڪا نه آئي ۽ اهو چوٿون وار به خطا ويو.

5- هاڻي پنجين ۽ آخري وار جي تياري ٿي. فيصلو ڪيائون ته مون کي سنڌ جي سياست مان نيڪالي ڏيارين. سنڌ جي ان وقت جي صورتحال هيءَ هئي ته هتان جا اڪثر وزير ۽ سياسي ماڻهو پروڊا ۾ ڦاسي ڪن سالن لاءِ سياست مان خارج ٿي ويا هئا. هينئر چند مهينن اندر صوبه ۾ پراونشل اسيمبليءَ جون نيون چونڊيون ٿيڻيون هيون. وڏو امڪان هو ته انهن چونڊن ذريعي آءٌ سنڌ جي سياست تي قابض ٿي سندن لاءِ اڳ کان به وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيان. مون کي روڪڻ خاطر هنن هي پهه پچايو ته مسلم ليگ ڪائونسل جي ميٽنگ مورڳو ڍاڪا ۾ سڏائي، اُت مون کي مسلم ليگ جي نظام مان خارج ڪري، ڪراچي جي هڪ سنڌي وڪيل کي اڳ ۾ ڪري سنڌ جي سياسي قيادت تي ان کان قبضو ڪرائين، جيئن آءٌ ٻاهر رهجي وڃان. خواجه ناظم الدين مرحوم نه صرف شهيد ملت لياقت علي خان جي جاءِ تي وزيراعظم هو، پر ساڳي وقت مسلم ليگ جو به صدر هو. اختيار ۽ اقتدار جون سڀ واڳون

خود خواجہ خاندان جي هٿن ۾ پهچي چڪيون هيون ۽ انهن لاءِ هينئر آسان هو تہ اڳيان پويان حساب چڪائي مون غريب جون پاڙون پٽي ڇڏين.

پر الله تعاليٰ جي مرضي ٻئي هئي. هو قادر قيوم ۽ پاڪستان جي پرائيم منسٽر خواجہ صاحب کان يقيناً وڌيڪ طاقتور هو. هن پنهنجي لطف سان هي فيصلو فرمايو تہ اهي ماڻهو مون جهڙي بيواهي اڪيلي انسان جون پاڙون پٽي نہ سگهن، پاڻ ان ڪوشش ۾ پنهنجون پاڙون پٽائي ويهي رهن.

چنانچہ ڪانئن پهرين غلطي اها ٿي جو هنن خواجہ صاحب کي ملڪ اندر"پاپولر" بڻائڻ جي ارادي سان ڪانئس نئين آئين جو هڪ مسودو شايع ڪرائي ملڪ اندر خود خواجہ صاحب کي شديد سياسي بحث جو موضوع بڻائي وڌو. جنهن ڏينهن ان مسودي جو اعلان ڪرڻو هون ساري پاڪستان جي ايڊيٽرن کي ياڙا خرچ ڏئي ڪراچي ۾ گڏ ڪيو هوائون. سندن خيال هو تہ ان مهمان نوازيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ملڪ جا ايڊيٽر اڪيون ٻوٽي خواجہ صاحب جي تعريف ۽ سندس ناهيل آئيني مسوده جي تائيد ڪرڻ لڳي ويندا.

پر اها ڳالهہ خود سندن ڳچيءَ ۾ پئجي وئي. واقعو هيئن ٿيو تہ خواجہ صاحب جي پريس ڪانفرنس جنهن ۾ مسودي جو اعلان ٿيو، ڏهين بجي رات جو پوري ٿي. ايڊيٽر صاحب تہ مسودو ڪڇي رات جي سرڪاي ڊنرين کائڻ ۾ مصروف ٿي ويا، آءٌ سڌو "سنڌ آبزرور" جي دفتر ۾ آيس ۽ مسودي جي خرابين کي اگهاڙي ڪرڻ لاءِ هڪ طويل ۽ تفصيلي مضمون لکيم، جيڪو صبح جو سنڌ آبزرور جي ڇهن صفحن تي شايع ٿي ويو. مضمون ڏسي پڙهندڙن جا طاق کلي ويا، گويا ڪا وڏي نڳي ٿي رهي هئي، جنهن جي مون اوگهڙ ڪري ڇڏي آهي، ساري ملڪ اندر باهہ لڳي وئي. ماڻهو سمجهي ويا تہ ساڻن جعلسازي ۽ چالاڪي ٿي رهي آهي ۽ آئين جي نالي ۾ خواجن جي پنهنجي ڊڪٽيٽري قائم ڪرڻ لاءِ سانباها ڪيا ويا آهن. خود ڪرايو ڏئي گهرايل ايڊيٽرن پنهنجي آبرو بچائڻ خاطر، خواجہ واري مسودي جي تائيد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ٻاڪا واريءَ منصوبہ بنديءَ هيٺ خواجہ وارن کان هڪ ٻي غلطي بہ ٿي وئي.

سنڌ جو گورنر، انهن ڏينهن ۾ جسٽس دين محمد هو، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هو منهنجو دوست آهي ۽ منهنجي چوڻ[1] تي هن پير صاحب پاڳاري جي گادي بحال ڪري، پير صاحب جي سندس ضبط ٿيل ملڪيت موٽائي ڏني آهي ۽ ساڳي وقت حر جماعت تان بہ بندش لاهي حرن کي لوڙهن مان آزاد ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ خود لوڙها ايڪٽ بہ رد ڪري ڇڏيو اٿائين وغيره وغيره.

خواجہ صاحب کي ماڻهن ٻڌايو تہ اسيمبلي جي چونڊن وقت سنڌ جو گورنر اهو دين محمد هوندو تہ راشديءَ جي طرفدارن کي ڪيرائڻ مشڪل ٿي پوندو.

هڪ شام جو اوچتو مسٽر دين محمد گهرائي مون کي هيءُ قصو ٻڌايو، چي:"اڄ مون کي وزيراعظم خواجہ ناظم الدين گهرايو هو. مون کان پڇيائين تہ تون مسٽر راشديءَ جو دوست آهين ڇا؟ مون چيس هائو. پاڻ چيائين تہ ايندڙ اليڪشن ۾ تہ توکي راشديءَ جي مخالفت ڪرڻي پوندي." مون جواب ڏنس تہ: اهو مون کان ڪو نہ پڄندو. خواجہ صاحب جوش ۾ اچي چيو تہ:پوءِ تہ توهان گورنر رهي نہ سگهندا. مون چيس:"پندرهن منٽن اندر اوهان ڏانهن پنهنجي گورنري جي استعفا موڪلي ڏيان ٿو. خواجہ ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آءٌ اٿي هليو آيس ۽ پندرهن منٽن اندر پنهنجي استعفا ڏانهس موڪلي ڏنم ۽ هينئر پنهنجو سامان پيو بند ڪرايان."

مون اڇرج ۾ اچي دين محمد مرحوم کي چيو تہ"آءٌ ايتري قرباني لهان ئي ڪو نہ. اوهان اجايو گورنري ڇڏي. منهنجي چونڊ جو معاملو ڪنهن نہ ڪنهن طرح هونءَ بہ طئي ٿي وڃي ها."

فرمايائين:"اِها اصول جي ڳالهہ هئي.آءٌ اهڙو بي اصولو ماڻهو ڪو نہ آهيان، جو گورنريءَ جي نوڪريءَ خاطر دوست جي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيهان".

آءٌ وڌيڪ کيس ڪجهہ چئي نہ سگهيس. صبح جو ڊان ۾ وڏن سرخين سان دين محمد جي نيڪاليءَ جو اعلان ٿي ويو. دشمنن سمجهيو تہ هاڻي آءٌ حوصلو هاري ميدان مان نڪري ويندس، پر ائين ڪو نہ ٿيو. پاڻ جوش ۾ اچي

[1] جي - ايم - سيد صاحب پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ بہ ان ڳالهہ جو حوالو ڏنو آهي.

مون خواجه صاحبان جي خلاف اڳي کان به وڌيڪ سخت مهم هلائي. ھن هفتن اندر فضا ايتريقدر خراب ٿي وئي، جو هر طرف کان خواجن تي حملا شروع ٿي ويا. مجيد لاهوريءَ مرحوم هڪ ڪارٽون ڇاپيو، جنهن ۾ ڏيکاريائين ته ساري ملڪ جون مرغيون خواجه صاحب جي ڪُليل پيٽ اندر آنڊن جي وچ ۾ پيون ڦرن ۽ ڪُڪڙون ڪُون ڪن. ڪجهه جلوس به پرائيم منسٽر خلاف نڪتا. ڪن اخبارن ته اهو به لکيو ته جلوس جي هر نعري ٻڌڻ کان پوءِ خواجه صاحب ڊوڙي وڃي ٽنين پنيان پيو لڪيو.

شهاب الدين ان وچ ۾ وزارت اطلاعات ڇڏي، سرحد جو گورنر بڻجي ويو هو. پويان پاءُ جو اهو حال ڏسي موٽي ڪراچيءَ اچي مون سان صلح جون ڳالهيون هلايائين. آخر صلح هنن شرطن تي وڃي طئي ٿيو:

(1) خواجه صاحب خلاف آءٌ نه لکندس،

(2) سنڌ اسيمبليءَ جي ايندڙ چونڊن ۾ مسلم ليگ جون ٽڪيٽون منهنجي مرضيءَ موجب ڏنيون وينديون،

(3) سنڌ جو گورنر موٽائي دين محمد کي ڪيو ويندو.

دين محمد ڏانهن اطلاع ويو ته هو واپس ڪراچيءَ اچي. هن اچڻ ۽ خواجه جي منهن ڏسڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مجبوراً آءٌ ۽ ٻئي خواجه صاحبان ڪي گڏجي لاهور وڃي ساڻس ملياسين. پاڻ خواجن کي هيٺئين ڪهاڻي ٻڌائي، واپس ڪري ڇڏيائين ۽ ساڳئي وقت مون کي پاڪر پائي منهنجو شڪريو ادا ڪيائين.

ڪهاڻي هن طرح هئي:

چي:"ڪشمير جي راجا کي ڪنهن فقير اچي سوال ڪيو ته مون کي لک روپيا خيرات ڏي. راجا پنهنجي خزانچيءَ کي حڪم ڪيو ته"لک روپيا ڪڍي آڻي ڍير ڪر". روپيا آيا ته راجا فقير کي گهرائي چيو:"فقير ڪڻ هي لک روپيا، ٻاهر وڃي ماڻهن کي ٻڌائجانءِ ته اهڙو راجا به ڏٺم، جنهن ڪان لک روپيا گهريم ته هڪدم ڪڍي ڏنائين".

فقير راجا جي اها ڳالهه ٻڌي، اتي جو اتي لک واري ڍير تي ڦار ورو ڪندي راجا کي چيو:"راجا صاحب، هاڻي اوهان به ماڻهن کي ٻڌائيندا وتجوءَ ته هڪ اهڙو فقير به ڏٺو اٿم جيڪو لک روپئي جي ڍير تي پيشاب ڪري، خالي هٿين هليو ويو".

وڏيڪ ڇوڻ جي گنجائش ڪانہ رهي. آءُ پوءِ بہ دين محمد مرحوم جي پويان لڳو رهيس، پر هن ناظم الدين هوندي ڪو بہ عهدو وٺڻ قبول ڪو نہ ڪيو. ٽن سالن ڪانپوءِ انقلاب آيو ۽ آءُ خود مرڪز جي وزارت ۾ شامل ٿيس، پهرين ڏينهن ئي مون نئين وزيراعظم چوڌري محمد علي صاحب ڪان دين محمد کي آڇ ڪرائي تہ هو جيڪو عهدو پسند ڪري، سو سندس لاءِ تيار آهي. مون پاڻ لاهور پهچي وڃي ساڻس ان باري ۾ ڳالهايو. گهڻي زور ڪان پوءِ مشڪل سان قبول ڪيائين تہ کيس ڪشمير لاءِ خاص ايڊوائزر، مرڪزي وزير جي درجہ سان، مقرر ڪيو وڃي.

سندس حڪم جي تعميل ٿي ۽ پاڻ ان عهدي تي چڙهيو. خواجہ صاحب پري ڪان ڏسندا[1] رهجي ويا.

هاڻي اها هئي ڪيفيت منهنجي ۽ خواجہ ناظم الدين مرحوم جي باهمي تعلقات جي. جڏهن آءُ ميران محمد شاهہ مرحوم جو معاملو ڪٽي وٽس پهتس. اسان جو پاڻ ۾ صلح ٿي ويو هو ۽ اليڪشن ۽ ٻين معاملن ۾ تقريباً هر روز پاڻ ۾ ملڻ ٿيندو هو.

پر جڏهن منهنجي واتان، ميران شاهہ جو نالو ٻڌائين تہ ڏاڍي جوش ۾ اچي ڇوڻ لڳو: "راشدي صاحب! تون ڪنهن جي ڳالهہ پيو ڪرين، جيڪڏهن

---

[1] مون خواجہ صاحب وارن ڪان ڪڏهن ڪو انتقام ڪو نہ ورتو. بلڪ پاور ۾ اچڻ ڪان پوءِ آءُ اڳي ڪان بہ وڌيڪ سندن نياز ڪندو رهيس. پهريان آءُ سنڌ جو روينيو وزير ٿيس تہ خواجہ صاحب لاءِ روزگار جي وسيلي پيدا ڪرڻ خاطر کيس زمين جو ٽڪرو ڏنم، مرڪز جو وزير بنيس تہ منهنجي اها ڪوشش رهي تہ خواجہ شهاب الدين کي سفارت جي نوڪريءَ ۾ بحال رکيو اچجي ورنہ اسان واريءَ وزارت ۾ گهٽو ڪري سندن پاور جي زماني جا زخميل ماڻهو آيل هئا جيڪي هر وقت کيس ڌمس ڪرڻ جي فڪر ۾ رهيا ٿي، پر مون کين اُپڙڻ ڪو نہ ٿي ڏنو. بہ ٽي دفعا خواجہ صاحب منهنجي سلاءِ لاءِ آيو، مون هر دفعي پنهنجي وزارت واريءَ ڪرسيءَ تان اٿي اُن تي کيس ويهارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پوءِ پئي ليم تہ جنهن ذات باري تعاليٰ مون جهڙي بي يار مددگار اڪيلي يتيم کي ساڳي شهاب الدين واريءَ ڪرسي تي ويهاري شهاب الدين خود کي منهنجي اڳيان عرضدار ۽ مهربانيءَ جو طالب ڪري آندو آهي سان ذات باري جيڪڏهن مون کي مغرور ۽ منتقم ڏسي ناراض ٿي پئي تہ آءُ ڪيڏانهن ويندس؟ تنهنڪري آءُ ڪوشش ڪندو هوس تہ ڪرسيءَ کي عارضي شئي سمجهي اڳئين ڪان بہ وڌيڪ ڍيجي هلان. (ڪرسي مان نڪرڻ ۽ آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ جي ڳالهہ ٻي هوندي هئي). خود الطاف حسين مرحوم سان بہ آءُ دوستيءَ جو سلوڪ ڪندو ٿي رهيس.

بهرحال انهن قصن ڪان پوءِ خواجہ ناظم الدين مون کي دعائون ڪندو وَتيو ۽ خواجہ شهاب الدين ۽ الطاف حسين منهنجا دوست ٿي رهيا.

الله تعاليٰ انهن سيني جي روحن تي رحمتون هجن. اهڙا ماڻهو دوست خواهہ دشمن بہ پوءِ ملڻ مشڪل ٿي پيا.

ميران محمد شاهہ پاڪستان جو سفير بڻجي اسپين ۾ وڃي عياشيون نہ ڪري ها تہ اڄ اسپين ۾ ستن صدين بعد هوند دوباره اسلام جو چرچو شروع ٿي وڃي ها ۽ اسپين جا ماڻهو وري اسلام جي طرف ڇڪجڻ لڳن ها )يعني اسپين مسلمان ٿي وڃي ها ). ميران محمد شاهہ پنهنجيءَ هلت سان، اسپين ۾ احياءَ اسلام متعلق منهنجا سمورا خواب خراب ڪري ڇڏيا".

مون پڇيس:"اوهان کي ميران محمد شاهہ جي عياشين جون خبرون ڪنهن ٻڌايون؟"

خواجہ صاحب:"منهنجو هڪ پيارو دوست[1]پاڻ اهو حال ڏسي آيو آهي، سرڪاري[2] ايجنسين جون رپورٽون ان ڪان سواءِ آهن".

آءٌ "ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ اوهان جي سفير کي ڏسي اسپين وري مسلمان ٿي ويندي؟"

خواجہ صاحب: "انشاءَ الله تعاليٰ".

آءٌ: (ٽوڪ جي نموني) "پوءِ تہ اوهان جو نالو، اسلام جي تاريخ ۾، طارق ۽ موسيٰ سان گڏ لکيو وڃي ها".

خواجہ صاحب: (رازداني انداز ۾ مُرڪندي مشڪندي چيو)"اميد تہ اها ئي هئي".

---

[1] خواجہ صاحب جو اهو پيارو دوست سنڌ جو هڪ پير هو جيڪو ميران محمد شاهہ جو مهمان بڻجي اسپين گهمڻ ويو هو. ميران محمد شاهہ اُتي سندس هر طرح خاطر تواضع ڪئي هئي. جنهن جو بدلو هن موٽي اچي اهو ڪيس ڏنو جو خواجہ کي چغليون هڻي ڏانهس بگيڙي ڇڏيائين حسد رکڻ اسان جي قوم جي پراڻي عادت آهي، ۽ نمڪ ڪائي وڙهڻ!

[2] ميران محمد شاهہ مرحوم جي اها ڪمزوري هوندي هئي تہ هو عاشقانہ خط، اجايا سجايا لکي، ادبي مشق ڪندو رهندو هو. خطن پڙهڻ سان ائين پيو معلوم ٿيندو تہ گويا شاهہ صاحب کي اوباشيءَ ۽ جيڪا رَن ڏسي اُن تي ڇڪن ٿي پوڻ ڪان سواءِ زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو مشغلو ئي ڪو نہ هو، سندس خطن جو جيڪو مجموعو جي - اير - سيد "رهاڻ" جي ٽائيٽل سان ڇپايو آهي، تنهن جي پڙهڻ سان ٻہ انسان جي ذهن تي اهو ئي تاثر پيدا ٿئي ٿو. پر نفسيات جا ماهر ڄاڻن ٿا تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي هوس پرستيءَ جي ايتري پروپيگنڊا ڪري ٿو سو في الحقيقت جنسي ڪمزورين جو ماريل ٿئي ٿو. جن کي ڍڪڻ ۽ پنهنجي نفس کي سرچائڻ ۽ EGO کي پرچائڻ لاءِ هو اهڙا تحريري چشڪا پيو وٺي، ميران محمد شاهہ مرحوم دائمر المريض هو ۽ ديوان حافظ جي شعرن کي (جيڪي هو ڪثرت سان استعمال ڪندو رهندو هو.) عملي جامہ پهرائڻ قطعاً ناقابل هو. بدقسمتيءَ سان سندس اهي خط سنسر ٿي سرڪار تائين پهچندا هوندا ۽ ساڳي وقت سندس زبردست عملي ۾ بہ "مارڪن" ٻہ ٽي جاسوس ٽُنبي موڪليا هوندا (پنهنجي دستور موجب). انهن مرني ڳالهين جمع ٿي خواجہ صاحب کي ڏانهس بدگمان ڪري ڇڏيو ٿو ڏسجي. حالانڪ ميران محمد شاهہ اهڙو ماڻهو نہ هو.

سندس دماغ جي اهڙي لاچاري ڏسي آءُ ساڻس وڌيڪ بحث ڪرڻ بيسود سمجهي اُٿي آيس. ميران محمد شاهه مرحوم کي پڪ هئي ته خواجه صاحب کهڙا خواب پيو لهي. ڪيس اهو به چيم ته جيڪڏهن اهڙي دماغ رکندڙ وزيراعظم هيٺ هو وڌيڪ وقت سفير ٿي رهيو ته ان کان به وڌي ڪنهن "بالاسار" ۾ وجي ڦاسندو.

مرحوم هتان نا اميد ٿي سفارت جي چارج ڇڏڻ لاءِ اسپين روانو ٿي ويو. ويندي مسلم ليگ پارليامينٽري بورڊ کي درخواست ڏيندو ويو ته هو موٽي اچي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ حيدرآباد جي فلاڻي تڪ مان اميدوار بيهڻ گهري ٿو جنهن لاءِ کيس ٽڪيٽ ڏيڻ ۾ اچي.

بدقسمتي سان اهو ٽڪيٽن جو ڪاروبار به ساڳي خواجه ناظم الدين جي هٿ ۾ هو.

* * *

سنڌ اسيمبلي جي ٽڪيٽن ورهائڻ وقت مسلم ليگ پارليامينٽري بورڊ ۾ آءُ ۽ جناب پير صاحب پاڳاره اسان جي گروپ جي نمائندگي ڪري رهيا هئاسين. اُت ميران محمد شاهه جي ٽڪيٽ تي ناظم الدين سان اسان جو جهيڙو ٿي پيو ڇو ته ناظم الدين کيس ٽڪيٽ ڏيڻ جي خلاف هو. ۽ اسان جو زور هو ته هر حال ۾ ميران محمد شاهه کي ضرور ٽڪيٽ ڏني وڃي. اهو جهيڙو ايتري قدر وڌي ويو جو پير صاحب ۽ آءُ ميٽنگ مان "واڪ آئوٽ" ڪري گهر هليا آياسين، اتندي پير صاحب ناظم الدين سان تمام تکو به پيو ۽ کيس کُليا دڙڪا ڏيندو آيو.

اسان مشڪل سان گهر پهتاسين ته پٺيان معافي وٺڻ لاءِ ناظم الدين جا گماشتا اچي پهتا ۽ هٿين پيرين پئي اسان کي موٽائي ميٽنگ ۾ وٺي ويا. اسان ميران محمد شاهه جي ڳالهه تي قائم رهياسين ۽ خواجه صاحب کي آخر آڻ مڃي سندس (يعني ميران محمد شاهه جي) نالي ٽڪيٽ منظور ڪرڻي پئي.

ٻئي ڏينهن آءُ جي. ايم. سيد صاحب جي بنگلي تي ويس. اُت سائين بقادار شاهه مرحوم ويٺو هو، جنهن مون کي ميران محمد شاهه جو ڏانهس لکيل هڪ خط ڏيکاريو، جيڪو هن اسپين ويندي رستي مان لکيو هو ۽ اُن صبح جو کيس مليو هو. خط جو مضمون هيءُ هو:

"علي محمد شاهه منهنجو جاني دشمن آهي.

مون کي مسلم ليگ جي ٽڪيٽ ڏيڻ کو نه

ڏينــدو. تنهــن ڪــري اوهــان (يعنــي بقــادار شــاهہ)
۽ جــي. ايــم ســيد ان ڳالهـــ کـــان خبـــردار رهـــي
مون کي ٽڪيٽ ڏيارڻ جو ضرور بندوبست ڪجو"[1]

خط پڙهي، ۽ اڳئين ڏينهن جو ناظر الدين سان ساڳي ميران محمد شاهہ جي ٽڪيٽ تي ڪيل پنهنجو جهيڙو ياد ڪري مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. دل ۾ سوچيم تہ"آءُ هت سندس خاطر پيو وزيراعظم سان وڙهان ۽ هو منهنجي باري ۾ ايترو بُغض پيو پنهنجي دل ۾ رکي، آخر اهو ڪهڙو ڪيريڪٽر ۽ ڪهڙي سياست آهي تہ منهن تي ايتري خوشامد ۽ چاپلوسي ۽ پريٺ اهڙو بغض ۽ بدگماني؟"

اهڙا ٽيڙ ڏسي مون کي ايڏو صدمو رسيو هو جو جنهن ڏينهن پارليامينٽري بورڊ ۾ ڪيس ڏنل ٽڪيٽ خلاف اپيل جي شنوائي ٿيڻي هئي، اُن ڏينهن آءُ بورڊ جي ميٽنگ ۾ حاضر ئي ڪو نہ ٿيس. الله ڪٽي ناظر الدين جي ٻڌي. هن ميدان خالي ڏسي اپيل ۾ اڳيون فيصلو رد ڪري ميران محمد شاهہ کي ڏنل ٽڪيٽ ڪانئس کسي سندس مخالف کي ڏئي ڇڏي.

ميران محمد شاهہ مرحوم جي سياسي زندگي اُن ڏينهن کان هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي، اسيمبلي جو منهن هو وري ڏسي ڪو نہ سگهيو. بعد مشڪل ڪراچي ڊيولپمينٽ ۾ نوڪري ورتائين جتان ڏينهن پورا ڪري ڳوٺ هليو ويو.

قدرت کي ان ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ائين ئي ڪرائڻ منظور هئي. جيڪڏهن هو اهي خط نہ لکي ها تہ ڪيس ٽڪيٽ تہ ملي چڪي هئي، هو ميمبر بہ چونڊجي ها ۽ آءُ ان ڏوڪي ۾ تہ هو منهنجو دوست ۽ منهنجو پنهنجو ٽڪيٽ ڏياريل ميمبر آهي، آءُ ضرور ڪيس پنهنجي گروپ پاران نئين وزارت ۾ بہ جاءِ وٺي ڏيان ها - ۽ سندس سياسي ڪاروبار وري چالو ٿي وڃي ها - پر قدرت جي لکيي کي ڪير مٽائي ها؟

---

[1] بعد ۾ معلوم ٿيو تہ ميران محمد شاهہ هڪ خط جي. ايم. سيد ڏانهن بہ ساڳي وقت موڪليو هو. پر ان ۾ وري ٻي ڳالهہ لکي هئائين. يعني هيءَ تہ "علي محمد شاهہ ڄاموٽ ۽ بقادار شاهہ کي منهنجي سامهون بيهڻ لاءِ زور پري رهيو آهي."(ڏسو صفحو 242 ڪتاب"رهاڻ" جا جنهن ۾ جي. ايم. سيد صاحب ميران محمد شاهہ مرحوم جا ڏانهس لکيل خط ڇپايا آهن).
ٻنهين خطن جو مضمون مختلف هو. بقادار شاهہ ڏانهن هڪ ڪهاڻي لکي هئائين ۽ جي. ايم. سيد ڏانهن ٻي. فقط هڪ ڳالهہ منجهن مشترڪ هئي يعني هيءَ تہ آءُ سندس مخالفت ڪري رهيو آهيان."نيڪي برباد گناهہ لازم"

سياست ۾ حد کان وڌيڪ بي اعتباري ۽ هوشياري به ڪڏهن نه ڪڏهن نقصان جو باعث بڻجي پوي ٿي. تڏهن ته سنڌ جا وڏا چئي ويا آهن ته، "سياڻو ڪانءُ ٻه ٽنگو ڦاسي!"

*   *   *

مجموعي طرح ميران محمد شاهه مرحوم وڏين ذهني صلاحيتن جو صاحب هو. دنيا جي اعليٰ ترين مجلسن ۾ چمڪي سگهيو ٿي. پر افسوس آهي ته هو ان حد تائين پنهنجي ذات ۾ ٻڌل رهيو جو ان منجهان اُپڙي متاهان ميدان ماري ڪو نه سگهيو ۽ چاليهن سالن جي متاڪنيءَ کان پوءِ به پنهنجو ڪو مستقل يادگار ڇڏي ڪو نه ويو. گويا سندس ساري محنت بيڪار ۽ عمر عبث وئي، هو سڄو وقت صرف عهدن ۽ ڪرسيءَ پنيان سرگردان رهيو[1].

*   *   *

منهنجيءَ ناچيز نظر ۾ اها ساري ڪوتاهي نفسياتي نوع جي هئي جنهن سندس زندگيءَ جي نظام ترجيحات Order of Lifes Priorities کي غلط بنيادن تي بيهاري ڇڏيو هو.

انسان جڏهن دنيا ۾ پهريان قدم رکي ٿو ۽ منجهس شعور جو مادو پيدا ٿئي ٿو ته هو چوطرف نظر ڊوڙائڻ کان پوءِ محسوس ڪري ٿو ته ڪن ٻين جي مقابلي ۾ هو پاڻ زندگي جي ڪهڙين نعمتن کان محروم آهي؟ اهو احساس محرومي يا احساس ڪمتري، جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي زندگي جو پروگرام ناهي ٿو، سندس ذهن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ناسور بڻجيو پوي ۽ سندس نظام ترجيحات کي شدت سان متاثر ڪريو ڇڏي.

مثلاً جنهن ماڻهو، شروع زندگي ۾ بُک ڏٺي هوندي سو جڏهن عملي زندگي شروع ڪندو ته ڪيس پهريان ئي بک دور ڪرڻ جو فڪر[2] رهندو ۽ اهو فڪر ان حد تائين ڪيس وٺي ويندو جو بعد ۾ ڪيتريون به نعمتون سندس اڳيان اچن، مگر سندس اُها نفسياتي بک لهي ڪا نه سگهندي، جيترو به ڏيوس سو ٿورو هوندو.

مثلاً ڪن ماڻهن کي حد کان زياده ڪپڙي لٽي جو شوق ٿئي ٿو جنهن جي نمائش ڪندي هو ڍاپن ئي ڪو نه ٿا، هر وقت پاڻ کي مکيون چکيون

---

[1] سندس خطن وارو ڪتاب"رهاڻ" پڙهي ڏسو، هر هنڌ گهٽو ڪري اهو ئي روئڻو نظر ايندو.

[2] بُکيي پيٽ تي ماڻهو خواب ڏسندو ته ان ۾ کاڌي پيتي جون شيون ڪيس نظر اينديون.

بازاري عورت وانگر سينگاريو پيا دنيا کي ڏيکاريندا. اها هڪ نفسياتي بيماري ليکجي ٿي جنهن جو ڪارڻ هيءُ ٿئي ٿو تہ شروع زندگي ۾ ان ماڻهوءَ هين کي پاڻ کان بهتر لباس ۾ ڏسي، اهو طئي ڪيو هو تہ سندس زندگيءَ جي ڪاميابي جو نشان اهو ٿيندو تہ هو اهڙا لٽا، بلڪ انهن کان بہ بهتر لٽا حاصل ڪري ماڻهن کي ڏيکاري. دماغ تي هڪ دفعو ان تصوير جي ويهي وڃڻ کان پوءِ اُهو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ لاءِ جيڪو بہ پروگرام ٺاهيندو، تنهن ۾ اوليت يعني پهريون نمبر، لباس ۽ ڪپڙن جي ناڪ ڦوڪ کي ڏيندو.

مثلاً مون اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا، جن وٽ شروع ۾ ڪجهہ ڪو نہ هو ۽ ذهني طرح هو شديد احساس محرومي جو شڪار هئا، بعد ۾ جڏهن وقت ڦريو ۽ سندن شروعاتي محروميون رفع ٿي ويون تہ سندن اوائلي ذهني بيماريون ظاهر ٿي پيون ۽ مورڳو سندن فطرت ئي بدلجي وئي، گويا اُهي ڏنل وائنل اڳيان ماڻهو ئي نہ هئا، ڪنهن انڌيءَ کي ڄڻ مڙس ملي ويو هو! سنڌي سياڻن ان انساني جنس کي "پو ڊاوا" سڏيو آهي.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ، نظام ترجيحات Order of Priorities جي معنيٰ اهو پروگرام ٿئي ٿو جيڪو ماڻهو انهن شروعاتي اثرن يا ماحول کان متاثر ٿيڻ بعد پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ٺاهي ٿو.

هڪڙا ماڻهو: ترجيحات ان طرح ٺاهين ٿا تہ پهرين نمبر ۾ هو پنهنجو ذاتي غرض (يعني علاج محرومي، ڪرسيءَ جو حصول وغيره) رکن ٿا ۽ ٻئي نمبر ۾ عوام جي خدمت.

ٻيا ماڻهو: اُهي ٿين ٿا، جيڪي پهرين نمبر ۾ عوام جي خدمت ۽ ٻئي نمبر ۾ ذاتي مفاد رکن ٿا.

* * *

جنهن دور ۾ سائين ميران محمد شاهہ سياست جي ميدان ۾ آيو[1]، ان دؤر ۾ اسان جي سنڌ اندر انهن ٻنهي قسمن جي ترجيحات رکڻ وارا ماڻهو آمهون سامهون نظر پي آيا.

هڪ طرف اُن سمي جا (اڪثر) تعليم يافتہ هندو نوجوان هئا، جن پنهنجي هندو قوم جي خدمت، ملڪ جي آزاديءَ ۽ ذاتي قربانيءَ کي پنهنجين

[1] مون کيس پهريون دفعو حيدرآباد ۾ 1924ع ۾ ڏٺو ۽ ان ڏينهن کان اسان جي واقفيت شروع ٿي.

ٻين سيني خواهشن ۽ شخصي مقصدن تي مقدم ٻي رکيو - يعني پهريان قومي ڪم، ٻئي نمبر ۾ ذاتي ڳالهيون.

ٻئي طرف سياسي مقابلي جي ميدان ۾ اسان مسلمانن جي پاران اسان جو امير طبقو هو [1](وڏيرا، مير، پير، نواب، قبيلن جا سردار، زميندار، جاگيردار) جنهن پنهنجي سياسي فڪر ۾ پهريون نمبر پنهنجي ميمبريءَ ۽ ڪرسي کي پي ڏنو ۽ پبلڪ جي خدمت کي (جيڪا پڻ نالي ماتر هوندي هئي). ٻيو نمبر[2].

اهو "امير طبقو" وري اندر ئي اندر، ٻن قسمن جي ماڻهن تي مشتمل هوندو هو.

هڪڙا: اُهي جيڪي توڙي جو اڻ پڙهيل يا عمر رسيده هئا، پر ان هوندي به ڪرسيءَ جي هوس ۾ گرفتار رهيا ٿي. هو پئسي ۽ اثر جي آڌار تي پاڻ کي ميمبر چونڊرائي، ڪائونسلن اندر سرڪار کي ووٽ ڏئي ذاتي فائدا وٺندا رهيا ٿي ۽ ساڳي وقت عوام ۽ راڄ تي به پنهنجو ڏاڪو ويهاريو ويٺا هوندا هئا. اهي ويچارا انگريزي پڙهيل ڪو نه هوندا هئا، تنهن ڪري ڪين وزارت ته ڪا نه ملندي هئي، پر ٻين نمونن ۾ ڪين جهجهي قيمت ادا ڪئي ويندي هئي، مثلاً زمينون، ڪڙيا، موڪون، تقاويون، ڪامورن جون بدليون، اسپيشل مئجسٽريٽون، خطاب[3]، وغيره - عوام جي خدمت يا ڀلي جو ڪو خاص تصور سندن سامهون ڪو نه هوندو هو.

ٻيا: اُهي هئا، جيڪي اميرن جا پٽ هئا ۽ تازو انگريزي پڙهي سياست ۾ ڪاهي پيا هئا ۽ ليلائي ڪرسيءَ جي عشق ۾ شب و روز مجنون بڻيا ٿي

---

[1] سنڌ جو غريب مسلمان عوام، خصوصاً ٻاهراري جو ڳوٺاڻو، ان زماني ۾ ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ ئي ڪونه هوندو هو. سڄي سياست وڏا ماڻهو مٿان ئي مٿان، پاڻ ۾ ڳٽ جوڙ ڪري ٻيا هلائيندا هئا. ووٽ جي ضرورت غريبن تي دٻاءُ وجهي يا پيرن کي نذرانا ڏئي انهن کان مريدن ڏانهن حڪم ناما آڻي، پوري ڪئي ويندي هئي - نه پارٽي نه پروگرام.

[2] فقط چند مسلمان امير، انهيءَ عادت کان مستثنيٰ ۽ ان روڳ کان بچيل هئا. مثلاً مرحوم مغفور غلام محمد خان ڀرڳڙي، مرحوم رئيس جان محمد جوڻيجو ۽ ٻه ٽي ٻيا. باقي سمورا سنڌ جا امير (يعني زميندار، جاگيردار، پير، مير، سردار، نواب، وڏيرا وغيره) ڪرسين جا عاشق ۽ عهدن جا طالب هوندا هئا.

[3] 1920ع ۾ آئيني سڌارا آيا ۽ چونڊون ٿيون، ٻيو ڀيرو چونڊون 1923ع ۾ ٿيون. انهن چونڊن ۾ جيڪي ماڻهو سنڌ منجهان چونڊجي ويا، تن جي لسٽ کولي ڏسندا ته اوهان کي وڏي ڪثرت سان اهڙا ماڻهو ان لسٽ ۾ نظر ايندا.

وتيا. بدقسمتيءَ سان انگريزي تعليم وٺڻ ۽ سوٽ ڪوٽ پهرڻ کان پوءِ بہ انهن ۾ نئين زماني جو احساس ۽ پبلڪ جي خدمت يا قوم لاءِ قربانيءَ جو ڪو جذبو جاڳي ڪو نہ سگهيو هو.

قومي خدمت ۽ عوام جي لحاظ کان، امير طبقي جا اهي بئي حصا هڪ جهڙا ناڪارا هئا، اڻ پڙهيل پوڙها، خواه انگريزي پڙهيل نوجوان يعني "جهڙي چالي تهڙي پني، هُن لاهي هُن کي ڏني". بنهين کي ذاتي فائدن جي لوري لڳل تي رهي - البت قيمتون مختلف صورتن ۾ وصول ڪيائون. هڪڙن ذاتي فائدا تي ورتا (جيئن متي ذڪر تي چڪو آهي)، ٻين کي عهدا گهربا هئا.

انهن ٻنهين حصن پنهنجين زندگين جون ترجيحات يا پروگرام انهيءَ ئي ڍنگ تي متعين ڪيا هئا، يعني پهريون نمبر ذاتي فائدو ڪرسي وغيره ۽ ٻيو نمبر عام ڳالهيون.

نتيجو ڪهڙو سامهون اچي چڪو هو؟ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو سياست جي ميدان ۾ آيا هئا؟

هيءُ:

هندن طرفان جيرامداس، چوئٿرام، گهنشيام، وليچا، چيني، نهچلداس، گوندانند، ريجهو لاهوري، رام موٽواڻي وغيره جهڙا ورڪر، سياستدان ۽ پنهنجي قوم لاءِ قربانيءَ جا پُتلا.

اسان جي پاران؟ رئيس غلام محمد مرحوم (جيڪو ان وقت تائين فوت تي چڪو هو)، جي قابل احترام نالي کي ڇڏي، باقين جي نالن کي نشانبر ڪرڻ کان آءُ اڃ بہ معافي گهران ٿو. منجهان گهٽا اڳ ۾ ئي گذاري ويا آهن، باقين جي نالن جي ڳولا پڙهندڙ پاڻ ڪري سگهن ٿا - - ڪين ڏسڻ گهرجي تہ ڪهڙا ماڻهو ان دؤر اندر مسلمانن پاران سياسي لائف ۾ حصو وٺي رهيا هئا، آيا انهن جي ترجيحات ۾ پهريون نمبر ڪرسي کي هو يا قوم لاءِ قربانيءَ کي. آسانيءَ سان اهي اپا - ڪارا پڌرا تي پوندا.

* * *

هن ساري نفسياتي بحث ۽ مثالي تاريخي اُپٽار جو مطلب هيءُ هو تہ آءُ ڏيکاريان تہ سائين ميران محمد شاهہ مرحوم جي ذهني تربيت يا تشڪيل ڪهڙي ماحول ۾ ۽ ڪهڙي اثرات هيٺ تي ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جي ترجيحات يا پروگرام کي، ڪهڙي تصوير کي پنهنجين اکين جي سامهون ڏسي، مرتب ڪيو.

هن پاڻ جهڙا پڙهيل نوجوان، اميرن جا پٽ ڏٺا، جيڪي پنهنجو سياسي نصب العين ڪرسيءَ جي حصول ۽ عهدن جي مزن ۾ موجن ڪي متعين ڪري، انهن جي حصول لاءِ سنڌ اندر ڌماچوڪڙي لڳايون ويٺا هئا.

توڙي جو اهڙن مالدار نوجوانن جي ڀيٽا ۾، سائين ميران محمد شاهه وٽ وسائل جي قلت هئي، پر وسائل جي اها قلت خود سندس لاءِ هڪ چئلينج ۽ مهميز بڻجي پئي، جنهن ڪري هن پنهنجن مالدار همعصرن ۽ رقيبن کي ڏسي، انهن جي پيرويءَ ۾، پنهنجي لاءِ ساڳي قسم جي ترجيحات جو نقشو تيار ڪيو- جنهن ۾ عهدو ڀهريان ٿي آيو ۽ عوام جي خدمت پُٺ ۾ - ”جيڪڏهن فلاڻي امير جو پڙهيل پٽ، دولت جي آڌار تي، وزير يا اسپيڪر بڻجڻ جي تمنا رکي ٿو ته پوءِ آءٌ به پنهنجي دماغ ۽ چالاڪيءَ جي مدد سان، ڇو نه اهڙي عهدي ماڻڻ جي خواهش رکان؟“ هُن جي اباڻي دولت، منهنجي دماغي طاقت، هن کي جاگيرداريءَ جو زور، مون سان مٿن ماڻٿن جي مدد، اِهي طاقتون پاڻ ۾ پُڙي ايندڀون ۽ آءٌ به ڪرسي ماڻي سگهندس[1]“.سائين ميران محمد شاهه پنهنجي دل ۾ ائين پي سوچيو هوندو.

بالاخر اوائلي احساس محرومي ۽ احساس ڪمتريءَ کي مٽائڻ لاءِ به هن صاحب اهو ئي طريقو سوچيو ته پين وانگر پاڻ به عهدن کي اول نمبر ڏئي، دائما انهن جي حصول لاءِ ڪوشان رهي - باقي ڳالهيون (قوم لاءِ قرباني وغيره) پوءِ پيون ٿينديون.

ان ۾ ڪو شڪ ڪو نه آهي ته ميران محمد شاهه مرحوم جي زندگي، ان نقطئہ نظر کان، ڪامياب رهي. هن پنهنجي ترجيحات کي پورو ڪيو. گهڻا ئي عهدا ماڻيا. گهڻا ئي دل جا ارمان ڪڍيا ۽ واٽ هلندي، وس پڄندي، هو قوم کي به نه ڪر وجهندو رهيو.

الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي.

---

[1] سڄي قوم ان مرض ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي. جيڪڏهن ميران محمد شاهه به ان ۾ ڦاسي پيو ته ان ۾ هن ڪهڙو خاص گناهه ڪيو؟

# سنتداس منگهارامر وڪيل

سائين ميران محمد شاھ مرحوم جي سياسي زندگي جي جائزي وٺڻ سان گڏ، مقابلتاً، آءٌ وڪالت جي پيشي ۾ سنڌس ابتدائي پائيوار ديوان سنتداس منگهارامر جي ڪردار تي روشني وجهڻ گهران ٿو.

سنتداس حيدرآباد جو ناميارو وڪيل هو. پنهنجي زماني ۾ ڪيس وڪيلن جو سرتاج سمجهندا هئا. هر لحاظ سان سنڌس زندگي ڪامياب ۽ سڦلي ثابت ٿي.

ملڪ جي آزاديءَ ۽ پنهنجي هندو قوم جي ڀلي جو اونو ڪيس شروع کان ئي لڳل رهيو. حصول تعليم بعد هو سرتوڙ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، هڪ طرف قانوني پيشي ۾ ڪمال حاصل ڪندو ويو ۽ ٻئي طرف قومي تحريڪن ۾ ٻه حصو وٺندو رهيو. پر اهڙيءَ طرح سان جو نہ عهدي وٺڻ جي ڪوشش ڪيائين نہ پنهنجي قوم کان پنهنجن خدمتن جي ڪنهن عيوض وٺڻ جي خواهش رکيائين. ماڻهو ڪيس سچو سنت "ديش ڀڳت" سمجهي، سنڌس بي پناھ توقير ڪندا هئا. سنڌس ترجيحات زندگي هن طرح هيون:

- پهريون نمبر ماڻهن جي خدمت ۽ ملڪ جي آزادي،
- ٻئي نمبر ۾ پنهنجي قانوني پيشي ۾ ڪاميابي.

ساري زندگي انهن ٻن اصولن جي پوئواريءَ ۾ گذاري ڇڏيائين. ڪجھ ڏينهن لاءِ، اوائل ۾ سائين ميران محمد شاھ ٻہ سنتداس جي قانوني فرم سان وابستہ رهيو، پر پوءِ سائين پنهنجو نئون رستو وٺي ڪائنس علحده ٿي ويو ۽ هو پنهنجي مستقل راھ تي هلندو رهيو. جيستائين جيئرو رهيو، آزاديءَ جي تحريڪن سان وابستہ ماڻهن جي بنا پيسي وڪيل ٿيندو رهيو. خلافت جي زماني ۾ سنڌ اندر جت ٻہ ڪنهن مسلمان ليڊر جي خلاف حڪومت طرفان ڪيس داخل ٿيو، تہ سنتداس هڙان خرچ ڪري، وڃي سنڌس دفاع لاءِ موجود ٿيو. بحيثيت وڪيل جي سنڌس اهڙو ڏاڪو وينل هوندو هو، جو ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ سنڌس نالو ٻڌي، انگريز خود دهلجي مورڳو ڪيس ئي ڪڍائي وٺندا هئا. قانون جو راڄ هو، جج ۽ ماجسٽريٽ بي ايمان يا پنهنجيءَ ڪل بچائڻ جي فڪر ۾ ڪو نہ هوندا هئا. هندو ورڪرن لاءِ سنتداس خاص طرح سان وڏي آٿت جو باعث بڻيو

رهيو. سندس طاقت جو راز هن ۾ سمايل هوندو هو ته هزان وزان قوم جي خدمت ڪندو هو ۽ معاوضو ڪنهن به صورت ۾ ڪو نه وٺندو هو.

سندس پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ وڌڻ لڳي هئي، جنهن ڪيس ڏاڍو ڏک تي پهچايو. پنهنجي طريقي سان ڪوشش ڪندو رهيو ته هندو مسلم ميلاپ بحال رهي، پر زمانو گهڻو اڳتي وڌي چڪو هو. ان ڏک ۾ آخر مري ويو.

جيتري قدر مون ڏٺو، سنتداس مسلمانن جو نقطهٔ نظر سمجهي ڪو نه سگهيو هو. تنهن ڪري سندس سوچ غلط خطن تي پئي هلي ۽ اثر ڪري ڪا نه تي سگهي.

بهرحال ڪو ڪونه چوندو ته ان شخص انساني خدمت ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي يا ڪنهن خدمت جو قوم وٽان ڪو انعام يا عيوضو ورتو - ڪنهن ميمبري يا عهدي يا ذاتي پذيرائي جي صورت ۾. عهدن کان گهڻو اوچو رهيو. عهدن وارا خود سندس سلاميَ هئا.

انسان کي مڙيو ئي عزت گهرجي. هن عزت ماڻڻ لاءِ بي غرضائي ۽ قربانيءَ وارو رستو اختيار ڪيو هو.

## ديوان ڏيئل مل لالواڻي

حيدرآباد جو زبردست وڪيل هو. فقط فوجداري ڪيس کڻندو هو. گهڻو ڪري ڪيس هارائيندو ڪو نه هو.

پوئين زماني ۾ جيڪي وڏا وڏا ڪيس ٿيا، تن ۾ وڪالت ڏيئل مل ڪئي. الهه بخش شهيد جي قتل واري ڪيس ۾ خانبهادر کهڙي جو وڪيل هو. ساڳي کهڙي صاحب تي جيڪي پوءِ به مقدما ٿيندا رهيا، تن ۾ هوئي وڪيل هوس. هر ڪيس ۾ کهڙو بي گناهه ثابت ٿي، با عزت آزاد ٿيندو ٿي رهيو. هڪ مقدمي ۾ کهڙي صاحب الهه آباد هاءِ ڪورٽ جي مشهور زمانه رٽائرڊ چيف جسٽس سر اقبال احمد کي گهرايو هو، پر ڪجهه عرصي کان پوءِ محسوس ڪيو ويو ته ڪيترين خاصيتن ۾ ڏيئل مل ڪانئس گهڻو بهتر آهي. آخر ڪيس ڏيئل مل جي ئي حوالي ڪيو ويو، جنهن آساني سان سمورن مخالفتن ۽ مقابلن جي باوجود، ڪٽي ڏيکاريو.

سندس ڪاميابيءَ جو راز ٻن ڳالهين ۾ هو:

1- پنهنجي ڪيسن تي اٿاهه محنت ڪندو هو، سواءِ قانوني تحقيق ۽ تجسس جي ڪيس زندگيءَ ۾ ڪنهن به شئي سان دلچسپي ڪا نه هوندي هئي،

حتاڪ هو نہ دعوتن ۾ شامل ٿيندو هو نہ ڪنهن مجلس ۾ ويندو هو. سندس زندگي ۽ سندس دنيا محض قانوني ڏنڌي تائين محدود هونديون هيون.

2- ججن ۽ مئجسٽريٽن سان اهڙي نوڙت ۽ فضيلتن سان هلندو هو جو هو بہ سندس گهڻو خيال رکندا هئا. عام طرح گهڻا وڪيل ڪورٽن ۾ شوخي ۽ قانونداني ڏيکاري ڪم ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، پر ڏيئل مل ساڳيو ڪم ڪائڻ نياز ۽ نوڙت سان ڪلي ڪلي وٺي ويندو هو جو ڪنهن کي خبر بہ ڪا نہ پوندي هئي.

سندس قول هو تہ وڪالت ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ فقط ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي:محنت ۽ فضيلت. آفيس ۾ محنت، عدالت ۾ فضيلت.

تڪو يا گُتو اڪر زندگي ۾ ڪو نہ ڪيڍيائين - ڪورٽ ۾ خواه ڪورٽ کان ٻاهر.

سندس منهن بہ الله تعاليٰ اهڙو ٺاهيو هو جو ان مان نماڻائي ۽ شرافت پئي بکندي هئي، ڪيس رنجائڻ تي ڪنهن جي دل ڪا نہ ٿيندي هئي.

## مسٽر عبدالجبار مرحوم

مسلمان وڪيلن ۾ مرد مجاهد سمجهيو ويندو هو. پرڳڙي مرحوم جو ساٿي رهيو هو. قومي خدمت جو منجهس وڏو انگ هو، آزاديءَ جي تحريڪ خواه خلافت هلچل ۾ مڙس ماڻهو ٿيو بيٺو رهيو. حڪومت اڳيان هرگز سر ڪو نہ نوايائين، نڪي جيلن کان ئي ڊڄو. ڏاڍي نيڪنامي ماڻيائين. هر آڙ هئي قومي ورڪر جي سرپرستي ڪندو رهيو. زندگي جي ترجيحات ۾اول نمبر ملڪ جي آزادي ۽ قومي خدمت کي ڏنل هوس.

سندس ڀاءُ مسٽر عبدالرحمان بئريسٽر(مرحوم ) ڪراچي ۾ پريڪٽس ڪندو هو. وڏي ڪڙڪي ۽ رعب وارو مڙس هو. لاڙڪاڻي جي 1928ع واري هندو- مسلم فساد جو ڪيس مسلمانن پاران ڪيئي مهينا لاڙڪاڻي ۾ رهي هلايو هئائين. آخري منزل تي مسلمانن، سيشن ڪورٽ لاءِ لاهور جي بئريسٽر پيٺمن کي گهرايو، پر ان کان اڳ ئي مسٽر عبدالرحمان هينئين ڪورٽ ۾ هندن جي مقدمي جو بنياد اکيڙي ڇڏيو هو.

ٻنهي ڀائرن پنهنجي قوم ۾ وڏي عزت ۽ آبرو ماڻي. ڪين ڏسي مسلمان فخر سان چئي سگهندا هئا تہ سندن قوم ۾ بہ ڪي قانوندان ۽ همٿ وارا وڪيل آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1949ع ۾ وفات ڪيائين.

## ميان امين الدين منشي مرحوم

منشي خاندان جو فرد هو، جنهن جي هڪ شاخ سکر ۾ بہ هئي، جنهن جو سربراه خانبهادر ميان پير بخش منشي سي. آءِ. اي هو. مسٽر امين الدين جي والد مسٽر نجم الدين سرڪاري نوڪريءَ ۾ دفترداريءَ تائين پهچي رٽائر ڪيو هو. مون ڪيس ڪو نہ ڏٺو، پر سندس نيڪنامي ڪافي ٻڌم.چوندا هئا تہ مسلمان سرڪاري ڪامورن ۾ اهو پهريون ماڻهو هو جنهن ڪي پنهنجي قوم جي اصلاح ۽ ترقي جو اونو رهيو ٿي.

ميان امين الدين،حيدرآباد ميونسپالٽي ۽ مڪاني معاملن ۾ مسلمانن پاران هر وقت لٺ کنيو بيٺو هوندو هو ۽ وڏن وڏن مٿير هندو ديوانن کي بہ پڙڻ ڪو نہ ڏيندو هو. سندس عمر انهن جهيڙن بلي ٿي صرف ٿيندي رهي. مون جڏهن ڏٺو تہ سفيد ريش ٿي چڪو هو، پر مسلمانيءَ جي جوش ۾ اجا بہ جوان ڪان جوان هو. ان زماني جي هندو عاملن جو مقابلو آسان ڳالهہ ڪا نہ هئي، گهڻا ڏنا، واٺنا، ٿلها ۽ متارا مسلمان ليڊر سندن سامهون ٽيڻ ڪان ڪيٻائيندا ٿي رهيا. پر امين الدين مرحوم هر دم مچ ۾ ٽپ ڏيڻ لاءِ موجود هوندو هو.

## حڪيم قاضي عبدالقيوم مرحوم

مون کي سندس ديدار جو موقعو ڪو نہ ليو. پر پس غائبانہ ساڻس نياز حاصل رهيو. هو منهنجي محترم ۽ مشفق ڪرم فرما حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي مرحوم جو ياءُ هو ۽ ان واسطي سان اسان جو پاڻ ۾ رابطو هو.

سيوهڻ مان نقل مڪاني ڪري اچي حيدرآباد کي وسايو هئائين ۽ اُت وڏي شان ۽ مان، عزت ۽ وقار سان زماني کي منهن ڏيندو رهيو. حيدرآباد زياده تر هندن جو شهر هوندو هو، منجهن ڪيڏي سماجي سجاڳي، سياسي بيداري ۽ تنظيمي صلاحيت هئي، تنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿيندو رهيو آهي، انهن قسما قسم بلائن جي مقابلي ۾ قاضي صاحب مرحوم ڪڏهن اڪيلي سر ڪڏهن ٻين سان گڏجي، مسلمانن جو جهنڊو جهولايو ويٺيو رهيو. حيدرآباد ميونسپالٽي، خاص طرح سان جنگ جو ميدان هوندي هئي ۽ ان ميدان جو مسلمانن پاران پهريون نمبر پهلوان قاضي صاحب هوندو هو. حالتن سارو ڪڏهن تنبيهہ سان، ڪڏهن تدبير سان، مڙيو ٿي مسلمانن جو گاڏو گيڙيندو رهيو. پنهنجي جاءِ تي طبيب بہ خانداني هو.

## مولوي حڪيم محڪم الدين مرحوم

جيڏانهن نهاريو، سامهون وڏا ماڻهو هوندا. انڪري نہ تہ هو وڏا انسان بہ آهن، پر ان ڪري تہ هو مالدار آهن. گويا هيءَ دنيا نهي مالدارن لاءِ هئي، غريب ڪي بہ وال زمين جا پورحڻ لاءِ مليا تہ وڏي ڳالهہ ٿي وئي.

سنڌ جي تاريخ ۾ خواه وڏين سياسي تحريڪن متعلق تحريرن اندر، اوهان کي صرف ء الدار ليڊرن جا نالا نظر ايندا. جن غريبن ساڳي ئي واٽ ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪيون يا جيل پوڳي پنهنجا جسم جلائي ڇڏيا، تن کي ڪو ياد ئي ڪو نہ ڪندو. يعني جن پوکي، تن ڪا نہ لُتي، جن لُتي، تن ڪا نہ پوکي.

حڪيم محڪم الدين مرحوم انهن فراموش شده قومي فقيرن مان هو، جن زندگي تہ قوم جي[1] نذر ڪري ڇڏي، پر قوم پيٽوڙي پيرن وانگر، نذر ڪائي شڪريہ جي اوڳرائي بہ ڪا نہ اوڳاچي هب ي.

مون ڪيس تڏهن ڏٺو، جڏهن سڀ ڪجهہ قوم کي ڏئي چڪو هو ۽ وٽس باقي جسم تي جوڙيءَ جو جوڙو ۽ هٿ ۾ تلهو بانس جو ڏنڊو وڃي رهيو هو. سادا ڇهہ فوٽ قد هوس. بدن ۾ پريل، جوانيءَ ۾ ديوَ جهڙو مڙس هوندو هو. پر شروع کان آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ٽپو ڏئي، جيلن پٺيان جيل ڪاٽيندي ۽ اُت جنڊ ڪاهيندي، چڪيون پيهندي، پنهنجو اهڙو حال ڪري ڇڏيو هئائين، جو هينئر ڇڻ سڙي ويل ڪاٺ جو ٻُنڊ پي نظر اِيو. همٿ ان کان پوءِ بہ ڪا نہ هاري هئائين، شڪست کانہ ٻولي هئائين ڪنهن کان پنهنجي زُبانين جو معاوضو ڪو نہ ٿي گهريائين. هن جيڪي ڪجهہ ڪيو هو، سو پنهنجي ضمير جي خوشنودي خاطر. هو انسان ٿي ڄائو هو ۽ انسان وانگر آزاد ٿي رهڻ پي گهريائين. آزادي سندس جنم جو حق هو ۽ هن اهو حق طلب پي ڪيو - اهو هو سندس طريقہ استدلال، جنهن جي دوران ۾ هڪ بحث اندر چئي ڏنائين تہ "آءُ انسان ٿي ڪُتيءَ کان بہ ذليل زندگي گذارڻ لاءِ تيار نہ آهيان.

ع - من نہ ديدم کہ سگي پيش سگي سرخم کرد

(يعني فارسي واري چيو آهي تہ مون ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو آهي تہ ڪنهن ڪُتي بہ ڪُتي اڳيان پنهنجو ڪنڌ نوايو هجي)".

---

[1] ڄائي ڄم جو انقلابي هو، في الحقيقت هن جو دنيا ۾ ڄمڻ قبول ڪيو هو، سو بہ آءُ سمجهان ٿو تہ محض سندس هڪ انقلابي ادا هئي.

ڪيس پنهنجي خودداريءَ بلي بـُـڪون ڪاٽيندو ڏسي، حيدرآباد ميونسپالٽيءَ وارن، اشرافت ڪري هڪ ننڍڙو خيراتي يوناني دواخانو کولي ڏنو هوس، جتان نالي ماتر ملندڙ پگهار تي قانع رهي، پنهنجي خيالات جي دنيا ۾ مست مگن رهندو هو.

هر شام پنهنجي هم خيال دوست مرحوم حڪيم شمس الدين وٽ اچي محفل ڪندو هو ۽ دل جا بخار ڪڍي پاڻ کي ٿڌو ۽ ٻين جي ضمير ۽ ايمان کي گرمائيندو رهندو هو.

آءٌ بہ ڪڏهن ڪڏهن موجود هوندو هوس، شينهن وانگر پيو گجندو هو. وقت جي حاڪم انگريز جي حق ۾ اهڙي زبان ڪم آڻيندو تي رهيو، جا انگريز ٿي پي سُئي ۽ سَني، ڪنهن ديسي راجا جي راڄ ۾ هجي ها تہ جيئري گڏهہ جي پيٽ ۾ سِبي ڇڏينس ها.

هڪ ڏينهن ڏاڍي جوش ۾ هو. ڪا ڳالهہ سرڪار ڪئي هئي، جيڪا سندس مزاج جي خلاف هئي، صبح جو انگريز ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ سان وڙهي آيو هو. انگريز پڇيس تہ "جنهن آزاديءَ سان تون اسان کي منهن چڙهي گاريون ۽ دڙڪا پيو ڏئين، تنهن آزاديءَ جو تون قدر ڇو نہ ٿو ڪرين؟" محڪم الدين ٺهہ پهہ وراڻي ڏنس:"پونڪڻ جي آزادي، جيڪا ڪتن کي بہ حاصل آهي، سا انسانن کان ڪسي اوهان پنهنجو منهن ڪارو ڪيو هو ڇا؟"

پاڻ ٻڌايائين تہ انگريز ڪليڪٽر پوءِ ڪلندو رهيو:"بڙي جوش ۾ هو آج مولوي صاحب، ٺنڊي هو جاؤ جب آپ ڪي ڪانگريس ڪا راج آيا تو هم انگريزون ڪو ياد ڪرڪي روؤگي" چئي، ڪِلي، هٿ ملائي روانو ڪري ڇڏيائين.

مولوي صاحب چيو تہ آءٌ زير لب چوندو آيومانس:"ڌوڙ پئي توهان جي منهن ۾"

مولوي صاحب شروع کان ڪانگريس ۽ خلافت جو سرفروش ورڪر رهيو هو. مون جڏهن ڏٺو تہ ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي ڇڏيون هٿائين. گستاخي ڪري ڪانئس سبب پڇيم. چيائين:"ڪن مولوين کي خلافت ۽ آزاديءَ جي خلاف سرڪار جو ٽوڊي ٻٽبو ڏسي، شرم وچان مولويت جو اهو نشان مٽائي ڇڏيو اٿم. جيئن ماڻهو مون کي بہ بي شرم مولوين مان شمار نہ ڪن. اسان جو ڪلاس ئي ڪندم آهي، تنهن ڪري ڏاڙهي مڇن جو منهن تي نہ هجڻ، هجڻ کان بهتر آهي".

مولوي صاحب کي شڪر آهي تہ مُئي کان پوءِ بہ گز زمين جا مليس، پر ان جو نانءُ نشان نروار ٿيڻ ڪو نہ ڏنائون. گويا سنڌ جي روايت پوري ٿي.

ع - ني پر پروانہ سوزد ني صدائي بُلبلي!

## رئيس احسان علي خان لغاري مرحوم

سنڌ جي اميرانہ معاشره جو "لوڻ مرچ" سمجهيو ويندو هو. جنهن مير يا پير جي محفل ۾ موجود نہ هوندو، سا محفل ڦڪي ۽ بي رونق پئي لڳندي. علم مجلسي ۽ "درياريت" جي آرٽ جو وڏو ماهر هو. ڪيس ڏسندي ئي گهڙي ساعت، ماڻهوءَ جي دل جا بار هلڪا ٿي ويندا هئا. منهن ۾ الله تعاليٰ ڏاڍي مٺيا رکي هئس. بذلہ سنجي ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. چرچو ڪندو، پر دل نہ ڏکائيندو. ڳوڙي ڳالهہ جي ويجهو نہ ويندو. سياست کان پري ڀڄندو. اخبار تي اک پونديس تہ هٿ نہ لائيندس. نانگ يا ڇوڻءَ وانگر لٺ يا لڪڙ سان پاسي ڪري ڇڏيندس، ووٽ ڏيڻ ڪبيرو گناهہ سمجهندو. ساري چمار بيلٽ باڪس کو نہ ڏنائين. سندس خيال هو تہ اهي ساريون ترڪيبون حرفت باز انگريزن، ماڻهن کي منجهائڻ لاءِ ۽ پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ ڪڍيون آهن.

عقيدو هوس ۽ ان جو هميشہ اظهار ڪندو رهندو هو، تہ "آزادي انهن طريقن سان نہ، پر سِر ترِيءَ تي رکي، تلوار هلائڻ سان ملي سگهي ٿي، مياڻي ۽ دُبي جي شڪستن کان پوءِ (جن ۾ سندس لغاري قبيلو بہ سنڌ لاءِ وڙهندي شڪست کائي چڪو هو) سنڌ انگريز جي غلاميءَ ۾ ڦاسي غيرت وڃائي ويهي رهي آهي، هينئر زندگي وبال بڻجي پئي اٿس، ماڻهو روحاني پُوسڻ ۾ مبتلا آهن. جيئن تيئن ڪري ڏينهن پورا ڪرڻا پيا آهن، جيستائين قدرت وري ڪو وارو ورائي. ان وچ ۾ ڇو نہ انسان، حياتيءَ جي بار کي هلڪي ڪرڻ ۽ دل جي حرڪت کي قائم رکڻ خاطر، هلڪن مشغلن سان من وندرائيندو رهي؟ هلڪن مشغلن جي معنيٰ: موسيقي، حسن پرستي، کل خوشي، يارن دوستن سان ڪچهري."

پاڻ موسيقي جو وڏو چاڻو هو، وقت جا مکيہ موسيقار ڪانئس ڪَن هڻندا هئاهزارين شعر ياد هئس. اوهان مصرعہ جهونگاريو، هو سڄو غزل ٻڌائي ويندو.

سنڌ جي حسن جو قائل هو. تڏهن جي ڪولهڻين کي ڪوه قافين سان پيئيندو هو - چوندو هو:"اسان وٽ حسن اٿاهه آهي، صرف قومي غيرت ڪري ان جي نمائش ڪا نه ٿا ڪريون ۽ بازار ۾ نٿا آڻيون".

هز هائنس مير علي نواز خان مرحوم والي رياست خيرپور جو مصاحب ۽ ننڍوڇام واري مير شير محمد خان مرحوم جو سنگتي هو.

## رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي

حضرت ظهير فاريابي رح فرمايو آهي:

با حريفان قلندر، به خرابات شديم
زُهد برهم زده و ڪاسه بڪف، ڪوزه بدست.

رئيس ڪريم بخش خان به ساڳي ڳالهه ڪرڻ ۾ تامل ڪو نه ٿو ڪري. پاڻ هڪ ٻئي بزرگ جي زباني دنيا کي چئلنج پيو ڪري:

شيخِ به زن فاحشه گفته مستي
ڪز خير گستي وبه شر پيوستي
زن گفت چنان ڪه مي نمايم هستم
تون نيز چنان ڪه مي نمائي هستي[1]؟

"جرئت رندانه" اهڙيءَ راست گوئي کي سڏيو ويو آهي.

* * *

رئيس صاحب زندگيءَ جي بار کي قابل برداشت بنائڻ لاءِ دل جان سان جتن پيو ڪيا آهن.

* * *

اگر غم لشڪر انگيزد ڪه خونِ عاشقان ريزد
من و ساقي بهم سازيم بنيادش بر اندازيم.

رئيس صاحب جي تحرير پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ هن چوڻ ۾ حق بجانب آهي ته :

نه من تنها درين ميخانه مستم.
جنيدو، شبلي و، عطار هم مست.

---

[1] شيخ صاحب هڪ فاحش عورت کي تنبيهه ڪئي ته تو مستيءَ ۾ اچي چڱائيءَ جو رستو ڇڏي، بڇڙائيءَ جي واٽ ورتي آهي. عورت وراڻي ڏنس ته :"آءٌ جهڙي آهيان تهڙو پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪريان، پر تون ته ٻڌاءِ ته تون جيڪي پاڻ پيو ظاهر ڪرين، حقيقت ۾ اهڙو آهي به؟"

بالاخر الله تعاليٰ ٻاجهه ڪري. دنيا ۾ ڏاڍي منافقيءَ ۽ رياڪاري پئي هلي، اهڙيءَ دنيا ۾ راست گوئي مڙسن جو ڪم آهي. رئيس مڙس ماڻهو آهي. پنهنجو تعارف پاڻ ڪتاب لکي پيو ڪرائي، منهنجو بي سود ٿيندو.

## ميان محمد هاشم ’مخلص‘ مرحوم

مخلص مرحوم قلم کي لٺ ٻاني وانگر استعمال ڪيو. گهڻن جا مَتا ڦَتيائين - ليڊرن جا، وڏيرن جا، آفيسرن جا ۽ خود هم پيشه صحافين جا. سندس نالو پاراتي طور استعمال ٿيندو هو. چي: "شل مخلص ڪَڍ پوئي". وقت جي وڏن تيسمارن جا ور لاهي ڇڏيائين.

سر چارلس هيريسن چيف انجنيئر هو. سکر ٻراج ناهي هئائين. ڪُنيءَ ڪنيس جو ڪنهن وڏيري جي دعوت تي ميرپور ضلعي ۾ شڪار ڪيائين. شڪار جي موقعي تي اهتمام وڏو ٿيل هو پر آفيسرن لاءِ هر هنڌ اهڙا انتظام پيدا ٿيندا هئا. هتي غير معمولي ڳالهه اها هئي جو پر ۾ ميرپورخاص ۾ مخلص مرحوم جي مسلمان اخبار جو مرڪز هو. ۽ هيريسن جي ميزبان وڏيري، مخلص صاحب جو سالانو ڏن اجا ڪو نه پريو هو. هڪدم مسلمان اخبار ۾ منظوم مضمون ڇپجي ويو: سرخي هئي "سنڌڙيءَ جو شڪار". مضمون جا ڇپيو - سنڌ کان بمبئي[1]، بمبئيءَ کان دهليءَ تائين زلزلو اچي ويو. ڪائونسلين ۽ اسيمبلين ۾ سوال و جواب ٿيا، ڪانگريسي اخبارن ۾ هيريسن جي ڏاڙهي پٽ هلي. شڪار، شڪار جي ماڳ، هيريسن لاءِ آبرو بچائڻ مشڪل ٿي پئي، آخر موڪل وٺي ولايت هليو ويو.

اهڙي ڪيئي شڪار مخلص صاحب پنهنجي قلم سان ڪندو رهيو. لاڙ جي وڏيرن خواهه ديسي ڪامورن کي ڪنبائي رکيو هئائين. سال ۾ ٻه ٽي دفعا پيرن مرشدن وانگر "سفر" تي چڙهندو هو. وڏيرا ۽ ڪامورا ڏن ڏئي ڏاڙهي پيا بچائيندا هئا. اشرافت سان پاڻهرتو اخبارن کي چنده ڏيڻ جي عادت انهن ماڻهن کي ڪانه هئي، سندن ٻانهن مروڙڻ جو فن مخلص کي ايندو هو. ڪم سُوڏا مارڪن جا ٻه ڪو نه هوندا هئا.

* * *

---

[1] سنڌ اجا بمبئي کان جدا ڪانه ٿي هئي.

مخلص ۽ بلبل سنڌي صحافت جا ٻه ٻيلائي شير هوندا هئا. پنهنجي وقت ۾ وڏي هاڪ هوندي هون. هجو ۽ هزل جا ماهر هئا، بلبل حد اندر، مخلص وٽ حد حساب ڪو نه هو. انگريز هرويرو ٻوٽ ٻڌڻ جو قائل ڪو نه هو. ڪن خاص حالتن کانسواءِ، قلمي وٽ پڪڙ ۾ دخل ڪونه ڏيندو هو. ٻه روپيه في داخل ڪري، بنا ڪنهن اجازت ورتي، ماڻهو اخبار جاري ڪري سگهندو هو. سرڪار جو اصول هو ته ماڻهن کي دل جي بخارن ڪڍڻ جي گهٽي ۾ گهٽي سهوليت هجڻ گهرجي. جيئن فاسد مواد جمع ٿي قائي نه پوي. بندناموسي جو قائدو سڀ سان لاڳو هوندو هو، اخبار وارن سان خواهه عام پبلڪ سان. خانگي فرياد ٿيندي هئي، سرڪار وچ ۾ ڪو نه ايندي هئي، پري کان ويهي تماشو ڏسندي هئي. اهو ئي سبب هو جو انگريز کي بين الاقوامي مجبورين پڄايو، هتان جي اخبارن ڪو نه پڄايس. هو ٻه سؤ سال ساڻن لڪ ڇپ ڪيڏندو رهيو.

مخلص مرحوم بدناموسيءَ جي ڪيسن کان ڏاڍو پڄندو هو. شروعات ۾ ڪنهن ماڻهوءَ ڪيس داخل ڪيس ته مورڳو روپوش ٿي سالن جا سال راجپوتانه ۽ ٿر جي علائقن ۾ رلندو وتيو.

آءُ صحافت ۾ آيس ته منهنجي تحرير تي فني نڪته چيني ڪري، مون کي پنهنجي اڳيان نوائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي معلوم هو ته مخلص جو آسان علاج مقدمو آهي. مون سندس خلاف سکر جي سٽي ماجسٽريٽ وٽ ڪيس داخل ڪري وارنٽ ڪڍرائي موڪليو.

حاضري جي ڏينهن آءُ صبح جو ڇهل قدمي لاءِ پر واري باغ ۾ ويس. موٽي اچي ڏسان ته مخلص مرحوم منهنجي بستري تي پلٿي ماريو ويٺو مون وارو ناشتو کائي. نوڪر کو نه سجاڻندو هوس، ان کي چيائين ته "آءُ راشديءَ جو چاچو آهيان، سندس دعوت تي آيو آهيان. هڪدم نيرن ڪراءِ جنهن ۾ آمليٽ ۽ انب ٻه هجن." نوڪر مون وارو مال آڻي اڳيان رکيو هوس. اک پڪي کيو ويني کاڌائين. مون کي ايندو ڏسي مشڪندو رهيو. بلڪ آڇ ڪيائين ته "نيرن نه ڪئي هجيو ته ويهي ڪريو."

ان زماني ۾ دستور هوندو هو ته دشمن در پيهي آيو ته چانئٽ ٽپندي سندس سڀ خطائون معاف. اکر نه ڪڇبو. مهڻو نه ڏبو. نه هُن ڪڇيو. نه مون ڪجهه چيو. ڪورٽ سامهون هئي. ڏهين بجي جو ٽائيم هو. اسان ٻئي گڏجي وياسين. پوڙهو

مڙس هو. منهنجي ڪلهي تي ٻانهن رکيو هليو. رضا نامو داخل ڪري موٽي آياسين. فرمائش ڪيائين ته آءُ ساڻس گڏجي خيرپور هلان ۽ هزهائينس مير علي نواز خان (مرحوم) کان ڪيس ڪجھ رقم وٺي ڏيان. ڪنڌ ڪيائي نه سگهيس. مير صاحب سخي مرد هو. منهنجو به لحاظ ڪندو هو. مخلص کي ماني کارايائين. شام جو ڪيس "تحفه تحائف" ڏئي رات واريءَ ريل ۾ چاڙهائي ڇڏيائين. منهنجي جان ڇٽي. مخلص مرندو مري ويو. وري منهنجي خلاف اکر ڪو نه لکيائين.

* * *

مولوي ميان نور محمد نظاماڻي سندس علاج لاءِ هوميوپيٿي جو طريقو تجويز ڪيو هو، يعني گار جو جواب گار سان - علاج بالمثل. مخلص جي اخبار تي نالو هو "مسلمان". مولوي صاحب پنهنجي پرچي تي نالو رکيو "نور اسلام". ٻنهي پاسي مذهب جي آڙ ۾ گار گند جي اُها ڏي وٺ تي جو مياڻيون ماٽ تي ويون، ميتڙيون وجي ڪُنڊ ۾ لڪيون.

ماٽ تڏهن ٿي، جڏهن ٻئي مُئا - خدا شال بخشين.

* * *

مخلص مرحوم جي ڪلام جو نمونو ڏسو. اها نظم مولانا ڏيپلائي جي مهربانيءَ سان دوباره منهنجي ڏيان تي آئي آهي.

## غزل

(از مولانا ڇُون ڇُون خلف حضرت هُون هُون)

ديديم تمنّي را شخصي چڙهيده بوده
پتلون ڪوٽ ڪالر ٽائي لڳيده بوده
حالت جا تنهن ٻڌائي ڪهڙو بيان تنهن جو
سر تي ٽي ترڪي ٽوپي ڏاڙهي ڏڪيده بوده
ان کان پڇيم ته مسٽر ڪاڏي اوهين وڃون ٿا
چيائين ته ماٺ اُلو، شايد رنجيده بوده
پيڇو ڇڏيم نه اُن جو پنيان تيس روانو
آخر وڃي ته هڪڙي گهر ۾ گهڙيده بوده
هن حال ۾ رهڻ اُت چون چون جو ٿيو نه لائق
خچر متي چڙهيده جلدي ڀڳده بوده

اين طور ما نديديم گزل شكص كسي را
معدي نه شعر هڪڙو هرگز لكيده بوده
سڀ شاعران سنڌي افتاد در تعجب
وهواه شعر هن كان وٺها وڃيده بوده

*　*　*

چڱو ڀيو جو مخلص مرحوم انگريز هوندي وفات ڪري ويو - گهٽي خفي ڪان ڇٽي پيو.

سنڌ جو اديب هو. سنڌ جي اديبن ۽ آرٽسٽن وانگر، مخلصيءَ جي باوجود، مفلسي ۾ مرڻو هوس ۽ مفلسيءَ ۾ مئو. واڻا واهو قلم وهائيندي اڪيون بہ وڃائيندو ويو. اڄ تائين سندس ڪلام بہ ڇپجي ڪو نہ سگهيو آهي. هزار اختلاف، پر آرٽسٽ جو مقام نہ سڃاڻڻ ڪنهن قوم جي مجموعي انڌائي جو اعليٰ ترين دليل ٿئي ٿو.

## ميان محمد عثمان ڏيپلائي

الله ڏينهن ڏئيس. جيترو سنڌي لٽريچر هن هڪ مڙس لکي ڇپايو آهي، بين سيني لکندڙن گڏجي بہ شايع ڪري ڪو نہ سگهيا آهن. منهنجو قياس آهي تہ سندس تصنيفن جو تعداد هيلتائين ڏيڍ سؤ ڪن کي پهچي چڪو هوندو ۽ اڃا بہ ماشاءَ الله سندس قلم جو گهوڙو ڪُڏ پيو ڏئي. هڪ لحاظ کان سندس لٽريچر تمامَ اهم آهي. اُن تي مجموعي طرح، نظر دوڙائڻ سان مستقبل جي مؤرخ کي معلوم ٿي سگهندو تہ اسان واري زماني ۾ عام پڙهندڙ کي ڪهڙو علمي ۽ ادبي مواد درڪار هوندو هو ۽ ماڻهن جي مذاق جي ليول ڇا هئي. ڏيپلائي صاحب، بہ طريق احسن، سندسن اهي ضرورتون پوريون ڪندو رهيو ٿي.

اخبار "عبرت" جو اجراءُ پڻ سندس وڏو ڪارنامو آهي. اِها اخبار پاڻ ڪڍيائين، سالها سال شان شوڪت سان هلايائين ۽ آخر ۾ جوان هٿن جي حوالي ڪري، ان ضرورت جي ڪفالت ڪيائين، جيڪا "الوحيد" جي فوتيدگي بعد شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي هئي.

ڏيپلائي صاحب جهڙا ماڻهو، ادبي تاريخ ۾، فرد نہ ادارا ڪري ڳڻيا ويندا.

## مير شير محمد خان مرحوم

تندي ڇامر جو امير ڪبير هو. نہ صرف دولت ڪري، پر مزاج ۽ مذاق جي شگفتگي ڪري بہ. سندس صورت ڏسندي ئي ماڻهوءَ جا غم غلط ٿي ويندا هئا. سيرت جون خوبيون تہ پوءِ پيون کُلنديون هيون.

ساڍا ڇهہ فوٽ قَد
ٽي مڻ وزن
رنگ آبنوسي
نيڻ خماري
وار گهنڊيدا
آواز گرجدار.

ٻئي ملڪ ۾ هجي ها تہ فوج جو فيلڊ مارشل هجي ها، هــت ڳائڻن، ناچُن ۽ مَلهن جي سرپرستي ڪندي شاد ناشاد حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽي پورا ڪرڻا پيس. عام مجبوريءَ ۽ محروميءَ جي ماحول ۾ سنڌ جي خداداد جينيس Genius جون ڪيتريون مُکڙيون اڻ کُلئي ڪوماڻجي ويون؟ مير شير محمد مرحوم جو شما ۱نهن منجهان ٿي سگهيو ٿي. تفنگ ۽ تلوار ڪسجي وڃڻ کان پوءِ، طبلي ۽ سارنگيءَ جي سنڀال - يعني جيئڻ لاءِ هڪ جتن. ساڳين حالتن هيٺ سڀ هنڌ ائين ئي ٿيندو رهيو هو. تاريخ کولي ڏسو.

بهرحال مير صاحب مرحوم پاڻ سنڌ جي ڪنهن بہ آرٽسٽ کي محروم رهڻ ڪو نہ ڏنو، صرف در ڪرڻ ـائڻ جي دير هوندي هئي. تولن جا تولا، طائفن جا طائفا سندس سخاوت جو نمر ڪائيندا ٿي رهيا.

ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪو نہ رهيو هوس، سنڌ مُئي پَئي هئي، ايترو ئي ڪجهہ هو ڪري سگهيو ٿي ۽ ڪندو رهيو. يعني سنڌي روح جي ثقافتي رمق کي وسامڻ ڪو نہ ٿي ڏنائين.سندس خاندان متعلق هڪ تاريخي واقعو مون پنهنجن بزرگن کان ٻڌو هو.

سر چارلس نيپئر سنہ 1843ع ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ مختلف جاگيرن جون سَندون ڇڪاسي نيون پٽي ڪيون. اهو ڪم سندس پاران مير منشي علي اڪبر جي حوالي هو، جنهن ڪليو ڪلايو ويٺي رشوتون ورتيون. مير علي مراد خان مرحوم پنهنجي خاندان سان بيوفائي ڪري انگريز وٽان رياست

ورتي هئي، جنهن جي پڪي سند هاٿي منشي علي اڪبر کي جاري ڪرڻي هئي. علي اڪبر اهو ڪاروبار ڪوٽڙي بندر وٽ بينل هڪ سرڪاري جهاز ۾ رهي پئي هلايو. مير علي مراد خان کان هن ٽي لک روپين رشوت جي گُهر ڪئي. اها رقم رات جي پيٽ اندر پيدا ڪرڻي هئي، ورنہ ٻئي ڏينهن رياست جي سند جاري ٿي ڪا نہ سگهي ها. علي مراد رقم ساڻ ڪا نہ آندي هئي، ڏاڍو ششدر ٿيو تہ پيسا ڪٿان پيدا ٿين. ساڻس گڏ حضرت پير علي گوهر بنگلي وارو، رحمت الله عليہ بہ (سندس حامي ۽ رفيق طور) موقعي تي آيل هو. مير جي اهڙي مجبوري ڏسي، پير صاحب پنهنجو گهوڙي سوار ٽنڊي ڄام مير شير محمد خان جي خاندان جي هڪ خاتون[1] ڏانهن هن پيغام سان موڪليو تہ ٽي لک روپيا روڪ هاٿي جو هاٿي وٽس ڪوٽڙيءَ پهچايا وڃن. مائي صاحبہ انهيءَ گهڙيءَ ٽي لک روپيا ٻورن ۾ پرائي، خچرن تي چاڙهي، وقت اندر ڪوٽڙيءَ پير صاحب کي پهچائي ڏنا. مير جي مشڪل تہ ان طرح سان آسان ٿي وئي، پر سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پير صاحب مير کان گُهر ڪئي تہ اها رقم موٽائي وڃي، جيئن مائيءَ جي قرض کان آجو ٿجي، تہ مير رقم موٽائڻ کان نابري واري ويهي رهيو. ان ڳالهہ تي پير ۽ مير جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو[2]. پير صاحب انگريز سرڪار کي خبر ڏني تہ جنهن نونارين واري عهدنامي جي بنياد تي اها سند جاري ڪئي وئي آهي، تنهن ۾ علي مراد جعلسازي ڪري وڏيڪ علاقا لکيا آهن، جن تي في الحقيقت سندس ڪو حق ڪو نہ آهي، اهي علاقا هئا: چاندوڪو (لاڙڪاڻو)، روهڙيءَ کان اوٻاوڙه تائين جو علاقو ۽ نوشهرو ڊويزن.

اهو وڏو ڦڪڙ ڦاٽي پيو. انگريزن مير علي مراد تي ٽربيونل ويهاريو، جيڪو پرنگل ڪمشنر ۽ جيڪب آباد واري جيڪب صاحب تي مشتمل هو. مقدمو سکر ۾ هليو. مکيہ شاهد بہ هئا: 1- مير صاحب جو پنهنجو اڳوٺو منشي علي حسن ۽ 2- پير علي گوهر بنگلي وارو رحمة الله عليہ.

علي حسن مير صاحب جي پوءَ کان ان وچ ۾ پڇي وڃي بمبئي ۾ لِڪو هو. اتان سرڪار سمن موڪلي سکر گهرائڻو ڪيس. هو بمبئي مان ريل رستي روانو ٿيو. واٽ تي ڪيس زهر قاتل مليو جنهن ڪري بڙوده وٽ ئي

[1] غالباً مير شير محمد خان جي والده محترمہ يا ڏاڏي هئي. اها خاتون پير صاحب جي مريد هئي.
[2] اهي پيسا آخر ۾ پير صاحبن گهران ڀري ڏنا ۽ مائيءَ جو قرض لاٿو.

مري ويو. ٻئي طرف پير صاحب رحمة الله بہ شاهدي ڏيڻ لاءِ ڳوٺان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اچي سکر بندر تي منزل انداز ٿيو هو. صبح جو ٽربيونل اڳيان ڪيس شاهدي ڏيڻي هئي. مگر مير رات اندر پير سائين ڪي ناس ۾ زهر ڏياري ڇڏيو. پير سائين سان گڏ سندس ڀاءُ پير علي محمد شاهہ اول رحمة الله عليہ [1] بہ آيل هو. جيڪو پنهنجي وقت جو حڪيم هو. تنهن هڪدم محسوس ڪيو تہ سندس ڀاءُ کي مير زهر قاتل ڏياريو آهي ۽ هينئر پير صاحب جي رحلت ڪندي ئي پنيان درگاهہ تي مير طرفان سندن حويليءَ تي حملو ٿيندو ۽ لُٽ مار ڪانسواءِ سندن اهل خانہ کي بہ مير قيد ڪرائي وجي پاڻ وٽ بند ۾ رکندو.ان وقت تائين پيرن جي ڳوٺ وارو علائقو جنهن ۾ پراڻي درگاهہ بہ شامل هئي مير جي پنهنجيءَ رياست جي حدن اندر هو ۽ ان ڪري پير صاحب وارا سندس رعيتي هئا جن سان هو هر طرح جو ظالمانہ ۽ منتقمانہ سلوڪ ڪري سگهيو ٿي.

پير علي محمد شاهہ مرحوم دوراانديشي کان ڪم وٺي ڀاءُ جي ميت ڪٽائي راتو رات ٻيڙي ۾ موٽي ڳوٺ پهتو ۽ اتان حويلي جا ماڻهو ڪڍي، ڳوٺ ڇڏي، درياءَ جي ٻئي ڪناري تي انگريز [2] جي علائقي ۾ وڃي وينو.

سندس دوراانديشي بلڪل صحيح ثابت ٿي جو تہ ٻئي ڏينهن مير علي مراد پير صاحبن جي حويليءَ کي تاراج ڪرڻ لاءِ پنهنجن خونخوار روهلين [3] جو لشڪر چاڙهي موڪليو پر اتان پکي اڳ ۾ ئي اڏامي ويل هو ۽ الله تعاليٰ خاندان جي آبرو بچائي ورتي.

انگريز جو ويهاريل ٽربيونل پوءِ بہ هلندو رهيو. ان جو آخري فيصلو هيءُ صادر ٿيو:

1 - مير علي مراد تي جعلسازي جو جرم ثابت،

2 - جيڪي علائقہ هُن جعلسازي جي ذريعي ڦٻايا هئا سي سڀ ضبط ٿي انگريز سرڪار جي حوالي ٿي يعني چانڊڪو، اوٻاوڙہ ڊويزن، روهڙي ڊويزن ۽ نوشهرو ڊويزن،

---

[1] منهنجو پڙ ڏاڏو.

[2] هاڻوڪي ڏوڪري تعلقي جي حد اندر جنهن کي ان زماني ۾ "لب درياءَ" تعلقو سڏيندا هئا. پير علي محمد شاهہ مرحوم جنهن واهڻ ۾ وڃي وينو ان کي "پير وارو ڳوٺ" سڏيندا هئا. جيڪو پوءِ درياءَ پائي ويو.

[3] مير علي مراد خان اهڙن حملن لاءِ روهيلا پٺاڻ گهرائي پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪري ڪنيا هئا. انهن جون ظلمي ڪاروايون مشهور هيون.

3 - مير کي "سنڌ جي رئيس" جو لقب ۽ مراعات ڏنل هئا جن کان به کيس محروم ڪيو ويو.

4 - جنهن ديهه ڪنگريءَ ۾ پير صاحبن جي درگاهه هئي سا ديهه مير جي رياست مان ڇني ڌار ڪري انگريز پنهنجي سکر ضلعي ۾ شامل ڪري ڇڏي. (پوءِ پير علي محمد شاهه مرحوم پنهنجو قبيلو وٺي موٽي وجي درگاهه کي وسايو ۽ پنهنجي صغير ياڻيءَ کي پڳ ٻڌائي، کيس پڙهائي، تاتي وڏو ڪيو، ۽ جيڪو وڏو ٿي، پير حزب الله شاهه رحمة الله عليه پير تخت واري جي نالي سان دنيا اڳيان آيو. ۽ پنهنجي فيض سان لکن ماڻهن کي نوازيائين). مير علي مراد خان ان فيصلي جي خلاف راڻي وڪٽوريا کي اپيل ڪرڻ لاءِ پاڻ پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي وڃي لنڊن پهتو ۽ اتي ڪيترا مهينا ٽڪي ڪوششون ڪندو وتيو پر ڪامياب ڪو نه ٿيو. راڻي وڪٽوريا کيس ملاقات جو موقعو به ڪو نه ڏنو.

البته مير صاحب ۽ پير صاحب جي خاندانن جي وچ ۾ بعد ۾ به اختلاف سالن جا سال جاري رهيو. هڪ ڏينهن مير صاحب تي ڪنهن حُر بندوق سان حملو ڪيو. مير صاحب ان وقت پنهنجي سپاهه ۽ عملي سان گڏ ڪنهن طرف وڃي رهيو هو. حُر به وڃي ان قافلي سان شامل ٿيو. موقعو ملندي مير تي فائر ڪيائين، جيڪو مير کي نه لڳو. چون ٿا ته مير ٽوڪ ڪري مهڻو ڏنس: "گُٽو آهين..." حر هڪل ڪيس: "يلا اچئي ٿي ٻي". اهو ٻيو فير به ڪاري ثابت ڪو نه ٿيو ۽ چاماٽو ٿي ويو. ان وچ ۾ مير جي سپاهين حملو آور حر کي پڪڙي ماري ڇڏيو.

"خون جي ڪوشش" جو ڪيس پوءِ پير سائين حزب الله شاهه تخت واري رحمة الله عليه[1] تي، انگريز جي ڪورٽ ۾ هليو جنهن ڪيس باعزت آزاد ڪري ڇڏيو. ان ڪيس ۾ پير سائين جن جو وڪيل ديوان مينارام شاهاڻي (مينارام هاسٽل ڪراچي وارو) هو، جيڪو ديوان ڏيارام گدومل جو وڏو ڀاءُ هو. ڪيس کٽڻ تي پير صاحب کيس هڪ لک روپيا انعام ڏنو.

* * *

تقدير جا لکيا ڏسو، ڪٿان جي ڳالهه ڪٿ وڃي پهتي. شروع ٿي مير شير محمد خان مرحوم جي والده محترمه جي ڏنل قرض تان ۽ ختم ٿي وڃي

---

[1] فرزند پير علي گوهر شهيد رحمة الله عليه، جنهن جو قصو اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

چانڊڪي، روهڙي، اوباوڙه ۽ نوشهري جي تقدير جي تبديليءَ تي. وچ تي واٺاواهو اسان جو بزرگ شهيد ٿي ويو. جنهن حقيقت ۾ مير سان چڱائي ڪئي هئي.

## مور حجام

حيدرآباد جي مشاهير ۾ ميان مور حجام بہ بيشڪ جو شامل هو. سيني وڏن ماڻهن جون ڏاڙهيون ڪوڙيندو، ۽ هِستان هُتان جون خبرون ساڻن ونڊيندو وتندو هو. اخبارن يا سي - آءِ - ڊيءَ وارو ڪم ميان مور سر انجام تي ڏنو. ڳالهہ ٻڌائڻ جو خاص انداز هوس، وڏن ماڻهن جي نفسيات ڄاڻندو هو. ساڻن ڳالهہ اهڙي ڪندو جيڪا کين وڻندي پئي، ان وچ ۾ ڏاڙهي تي(۽ بشرط ضرورت مُڇن تي بہ) صافي گهمائي وٺندو هون.

يورپ ۾ Chatty Barber ڳالهير حجام هڪ دلچسپ ادارو سمجهيو وڃي ٿو. پاڙي جي اُني واٽي سموري وٿانئس معلوم ٿئي ٿي. ڪانئس هر ڪو ڪن هٽي ٿو. شال نہ ڪنهن تي ڪاوڙجي، پڌرائي ڪندو وتندو تہ فلاڻي جي زال فلاڻي سان لڳل آهي ۽ ڏيٺنس فلاڻي سان پيچي وڃڻ لاءِ سامان ٻڌيو ويني آهي.

مور مرحوم اسان وٽ اهڙي اداري جون سِڪون پئي لاٿيون. البتہ خبرن جي موضوع ۾ فرق هوندو هو. فلاڻي وزير فلاڻي وٽان هيتري رشوت ورتي آهي. فلاڻي اسيمبلي ميمبر جو اندرون اندر فلاڻي گروپ ڏانهن لاڙو وڌندو پيو وڃي. فلاڻي سيٺ يا ليڊر فلاڻيءَ ماڙيچڻ جي ڪرني تي چوريءَ چوريءَ چڙهڻ شروع ڪيو آهي. دڪانن ۽ هوٽلن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون پيون هلن. شهر اندر تازا افواهہ ڇا آهن. ڪهڙي آفيسر جا ڪهڙي پاسي بدليءَ جا هُل پيا هلن. وغيره، وغيره - هر ساهدار کي اهڙين ڳالهين سان دلچسپي هوندي هئي - جڏهن تہ سچو سياسي خواهہ سوشل نظام غير يقيني هو.

سر غلام حسين هدايت الله مرحوم جو مور مرحوم سان خاص رستو هوندو هو. مور حيدرآباد مان ڪراچي ڪَهي اچي سندس حجامت بہ ڪندو هو ۽ وقت جو واءُ سواءُ بہ ڪَن تي وجهندو هوس. مور جي پهچايل خبر سر صاحب لاءِ تمام معتبر هوندي هئي، ڇو تہ مور ڪنهن جو طرفدار ڪو نہ سمجهيو ويندو هو. هونءَ بہ بُڌل خبرن جي بنياد تي سر صاحب مرحوم ڪنهن اشراف جي پڳ ڪانہ لاهيندو هو.

## سنڌ جي اندر جو آواز

مرڪزي وزير مقرر ٿيندي مون چوويهن ڪلاڪن اندر حيدرآباد ۾ ريڊيو اسٽيشن کولي هئي[1]، مشنري، ٽڪرن ۾ پرائي پاڻ ڪٽائي ويو هوس، هومسٽيڊ هال تي زوريءَ وجي قبضو ڪيو هوم. افتتاحي مجلس لاءِ تڙ تڪڙ ۾ جيڪي آرٽسٽ هٿ لڳا سي ساڻ وٺي ويس. قلعي ڀاهران هڪ فقيرياڻي ڪي رستي تي ڳائيندي ٻڌم، درد وندي معلوم پئي ٿي. چونڪ ريڊيو اسٽيشن درد وندن جي ديس ۾ کلي رهي هئي، تنهن ڪري ان دردن جي ماريل فقيرياڻي کي ٻه وٺي وڃي موجود ڪيم. جيستائين آءٌ وزير هئس مائي اندر جي باھ ڪڍندي رهي. مون کان پوءِ سنڌ جي دردن جا درمان ٻيا تجويز ٿيا، يعني درٻاري ۽ دادرن جو دور هليو، غزلن ۽ نغمن جو رواج پيو. مائي لاءِ مقام ڪو نه رهيو.

ريڊيو اسٽيشن کولڻ ۾ مون اهڙي تڪڙ ان خيال سان ڪئي هئي جو انسان جي حياتيءَ وانگر وزارت تي به اعتبار ڪو نه هو. بهرحال جهڙي تهڙي اسٽيشن کلي ته ويئي، آئنده مولا مالڪ.

* * *

سنڌ جي موسيقي جي باري ۾ منهنجو پنهنجو معيار هوندو هو. خيال هوم ته سنڌ جي موسيقي هڪ خاص شيءِ آهي، جنهن جو تعلق ڪَن کان وڌيڪ دل سان ۽ وات کان وڌيڪ روح سان آهي.

سوال هو ته دل ۽ روح جي رهائش ڪاٿي هئي؟ سنڌ جي ٻاهراريءَ جي آزاد ۽ صاف فضائن ۾ يا شهرن جي ڪِن ڪچري ۾؟ فطرت جي ٺاهيل نيچرل نظارن ۾ يا عاجز انسان جي اڏايل آکاڙن ۾؟ روح جي باليدگيءَ جو سامان ڪٿ هو؟ ڪليل هير، دريائن جي سير، صحرائن جي وسعت، جبلن جي رفعت، جهنگن جي خوشبو، پياري ڪانگل جي منڙيءَ لات ۽ مور جي رقص ۾، يا اُت جت ماڻهن جي ذوق سليم ۽ حسيات لطيفه جو هيءُ عالم آهي جو گُترن جا ڏڪڻ به وٽن محفوظ ڪو نه آهن؟

۽ سنڌ جي دل جا ٻول سڌيءَ ساديءَ دل جي ٻولي ۾ ٿي ٻڌڻ مناسب يا هڪ اهڙي "ايجاد بنده" صنف سخن ۾ جنهن جي رديف ۽ ڪافين ڳولهڻ لاءِ

---

[1] ساڳئي وقت مون بلوچ پاين کي به ڪوئٽا ۾ جدا ريڊيو اسٽيشن کولي ڏني ۽ پنج سؤ ريڊيو سيٽ سرڪاري خرچ تي وٺي منجهن مفت ورهايا هن مقصد سان ته منجهن ان فن ڏانهن چاهت ۽ دلچسپي پيدا ٿئي.

لغتن ۽ عروضي طومارن جي مدد کان سواءِ ماڻهو بلڪل لاچار؟ ۽ تنهن اپرانت وري(خدا جي پناهہ) سارگاما پاڌا جو شور جنهن جي دوران ۾ مونجهہ ۽ مايوسين جي ماريل دلين جا پاڻ وڏيڪ ورق ويڙهجي وڃن!

سنڌ جي موسيقي ۽ باقي ملڪن جي موسيقيءَ ۾ بنيادي فرق هي آهي: سنڌ جي موسيقي تصوف ۽ نماڻائي جي موسيقي آهي جيڪا دل کي متوجہ الي الله ڪري ٿي، ٻي موسيقي ارتعاش ۽ هيجان جي متحرڪ ٿئي ٿي.

مون نٿي چيو تہ ٻي موسيقي هرويرو خراب آهي، مون کي اعتراف هو تہ ان ۾ بہ بي حساب خوبيون ٿين ٿيون، پر مسئلو هو تہ سنڌ جي ثقافتي ۽ نفسياتي خصوصيتن جي ترجماني جو بهترين ذريعو ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي؟ سنڌ جي پنهنجي مخصوص موسيقي يا ڌاري موسيقي؟ ڇا يورپ جي ماڻهوءَ کي اوهان هندي دادرو ٻڌائيندا؟ يا مشرقي ماڻهو کي قوالي ۽ ڪلاسيڪي بدران پاپ ميوزڪ سان محفوظ ڪري سگهندا؟ مثلاً، جيڪڏهن اوهان يورپ جي خوراڪ تي هريل مهمان جي پيٽ جو بهاري ڪبابن ۽ نهاريءَ سان تواضع ڪندا تہ نتيجو ڇا نڪرندو؟

ساڳيو حال سماعت جي سامان جو بہ آهي - هر انساني سوسائٽي جو پنهنجو مزاج ۽ پنهنجي طبيعت ٿئي ٿي.

سنڌ کي سنڌ جي موسيقي کپي، آزاد، نيچرل، سڌي، سادي، يخ يخ ۽ ڪک ڪک کان پاڪ - يعني ڪافي ۽ ڏوهيڙو، سو بہ ٻاهراريءَ جي ڪنهن دل جلِيءَ مائي جيوٽي يا مائي ڀاڳي، يا مائي نُوران جي واتان! حضرت علامہ عبدالرحمان ابن خلدون پنهنجي عظيم مقدمي ۾، اڄ کان اٺ سؤ سال اڳ، موسيقي جو فلسفو بيان ڪيو آهي ۽ اُن جا بنيادي اصول نهرايا آهن. ڇي: جيڪي ڪجهہ ڇوڌاري اڪيون ڏسي رهيون آهن ۽ "جيڪي ڪجهہ ڪن ٻُڌي رهيا آهن، جيستائين انهن ٻنهين ڪيفيتن جي وچ ۾ مڪمل ميلاپ نہ هوندو، نہ اثر ٿيندو، نہ موسيقي جو مقصد حاصل ٿيندو، ۽ موسيقي جو مقصد آهي روحاني مسرت جو حصول". (باب 5، فصل نمبر 32 - غناءُ سرود[1].

---

[1] شايد گهڻن ماڻهن جو خيال هن حقيقت ڏانهن ڪو نہ ويو آهي تہ ابن خلدون پنهنجي مقدمي ۾ قومن جو جائزو وٺندي بارها هند ۽ سنڌ کي هڪ ٻئي کان جدا جدا شمار ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ علامہ جهڙي محقق جي نظر ۾ ٻنهين جون ثقافتون، جن جو هڪ اهم جزو موسيقي ٿئي ٿو، بہ علحده هيون. يعني سنڌ کي پنهنجي موسيقي هئي ۽ هند کي پنهنجي.
اها سنڌ جي موسيقي ڪهڙي هئي؟ شاهہ لطيف رحہ واري يا ڪا ٻي؟

مون بہ ان اميد سان ريڊيو اسٽيشن جي چار ڪي پڪيڙيو تہ جيئن پاڪستاني قوم جي هر ثقافتي يونٽ کي موقعو ملي تہ هو دلين اندر دٻيل جذباتي خزانا ۽ صوتي صلاحيتون آسانيءَ سان ٻاهر آڻي قوم جي مجموعي ثقافتي زيب زينت ۾ اضافي آڻڻ جو باعث بڻجي.

* * *

مائي جيوڻي، مائي ڀاڳي ۽ مائي نوران(جيڪا وقت جي تقاضائن کي منهن ڏيڻ لاءِ هينئر پاڻ کي نوربانو سڏائڻ تي مجبور پئي نظر اچي) ڏانهن اشارو اچي چڪو آهي - هينئر انهن جي باري ۾ منهنجي ذاتي راءِ بہ ريڪارڊ تي اچڻ گهرجي[1].

منهنجي راءِ اها آهي تہ سنڌ جون اهي ٽي ڳوناڻيون مايون، اسان جي زماني ۾، سنڌ جي حقيقي روح جون ترجمان هيون. مائي جيوڻي اُتر جي، مائي ڀاڳي ٿر جي، ۽ مائي نوران نج لاڙ جي نمائندگي پئي ڪئي. تنهين جو آواز سبحان الله، تنهين جي صورت استغفرالله. ڏسجي ٿو تہ روز ازل جيڪا ڪ ي هڪ پاسي رهجي ويئي هئي، تنهن جي تلافي ٻئي نموني سان ٿي ويل هئي. غالباً منشاءِ ايزدي اها بہ هئي تہ سنڌ جون اهي ثقافتي سوغاتون نظر بد کان بچيل رهي، پنهنجي اصلي مشن پوري ڪنديون رهن.

مائي جيوڻي جو ديدار صرف هڪ دفعو مون کي حاصل ٿيو. 1948ع جو زمانو هو، پاڪستان، بحمدالله، تازو وجود ۾ آيو هو. ريڊيو اسٽيشن ڪراچي جي ريلوي بند کان پرئين طرف، ويران بيرڪن ۾، ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. آڊيشن جو انتظام بہ اُت هو. آرٽسٽن لاءِ سواريءَ جو بندوبست ڪو نہ هوندو هو. في بہ نالي ماتر ملندي هئن. ڪفايت جي ماريل ويچارن ۽ ويچارين کي دهل ۽ ساز سرندا مٿي تي کڻي ميلن جا ميل، اڪثر رات جي وڳڙي، پا پياده اها مسافت طئي ڪرڻي پوندي هئي. آءٌ سنڌ آبزروِ جو ايڊيٽر هوندو هوس، مون کي بہ ڪڏهن ڪڏهن علمي ۽ سياسي ڳالهين تي ڳالهائڻ لاءِ سڏيندا هئا. چاليهہ روپيا في ٽاڪ ملندا هئا. آءٌ انهن پيسن مان سنڌو بازار وچي ولايتي ساخت جو هڪ نئون بوٽ خريد ڪري ايندو هوس. جنهن جي في جوڙي جي قيمت بہ چاليهہ روپيا هوندي هئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڳٺيم تہ

---

[1] پنهن جي راءِ پين سان.

سٽ جوڙا ڪنا تي ويا هئا، يعني مون سٽ ٽاڪس ڏنيون هيون. ايڊيٽرن جو مان هوندو هو، "ٽاڪس" ۽ بوٽن جي کهڙي ڳالھ هئي.!

آءُ پانئيان ٿو تہ انهن ئي ڏينهن ۾ مائي جيوڻي ڪي سازندن سميت ڪل ويھ روپيا مشاهرو ملندو هو. هڪ رات آءُ ٽاڪ ڏئي، ريڊيو اسٽيشن تان پنهنجي جيپ ۾ چڙهيو. شهر ڏانهن اچي رهيو هوس، رستي ۾ اونداهہ هئي، بتيون وغيره ڪو نہ هيون. هڪ هنڌ ڏٺم تہ هڪ ٽولو ڳائيندڙن جو جنهن جي اڳواڻ عورت هئي، دهل دماما سر تي چايون، واٽ وتيون هلندو تي رهيو. ڪين سڄ ۾ ڏسي مون جيپ آٽي پر ۾ بيهارين ۽ ڪين گاڏي ۾ ويهڻ جي آڇ ڪيم، جيڪا قبول ڪري اندر چڙهي ويٺا. روشني ۾ آياسين تہ معلوم ٿيو تہ مائي جيوڻي جي پارٽي آهي. سندس صورت ڏسي دل ۾ چيم تہ ناحق روشني ۾ آياسين، اونداهيءَ ۾ پيا هلون ها تہ گهٽ ۾ خوش فهميءَ ۾ تہ رهون ها. بهرحال مائي ڏاڍيون شڪايتون ڪندي آئي ۽ چوندي رهي تہ"اوهان سنڌي اڪباري(اخباري) بہ اسان جو داد فرياد ڪو نہ ٿا ڪيو. ريڊيو اسٽيشن سنڌ اندر ڪولرايو ها تہ هوند "اسان، شوق جي ماريل، سنڌ جي عاشق، اپيپن ڪي ڪاراچي ۾ اچي هي ڌڪا تہ ڪاٽڻا ڪونہ پون ها." مون تسلي ڏنس تہ وقت ايندي انشاءَ الله اهو بہ ٿيندو. پنجن سالن ڪان پوءِ مون کي وعدي پاڙڻ جو موقعو ملي ويو.

مائي جيوڻي اها شيءَ هئي جنهن جا رڪارڊ سنڌ جا ماڻهو 1933ع ڪان وڏي شوق سان ٻڌندا تي رهيا. لکين هزارين انسان سندس موسيقيءَ جا مشتاق هئا، هو ادب سان ويهي سندس ڪلام ٻڌندا هئا، گويا اها عبادت اٿن. مائي موج ۾ اچي ڳائيندي هئي تہ مُک مان گويا باهہ جا اُلا پيا نڪرندا هئس، غالباً دنيا سندس قدر ڪو نہ تي ڪيو، اهڙيءَ دنيا کي هُن تيلي ڏيڻ تي گهري.

مائي ڀاڳي مون ڪا نہ ڏٺي آهي، پر سندس سوز و ساز جي حدن فاصلي تي بہ محسوس ٿيندي رهي آهي.

مائي نوران جو آءُ خاص مداح آهيان، منهن ۾ نہ، تہ بہ مُک ۾ هڪ قسم جو نور ضرور اٿس. سنڌ ۾ جيڪي سُر ۽ لاتيون مون اڄ ڪان سٺ ورهيہ اڳ ٻڌيون، تن جي اڄ اڪيلي امانت دار اها مائي صاحبہ آهي. پهريون دفعو، اڄ ڪان پنجويهہ سال اڳ، منهنجي اڳيان هڪ ڳوناٽيءَ پورهيت جي حيثيت ۾ ڌرتيءَ تي ويهي، گهڙي تي ڳايائين. آواز ٻڌندي ئي مون چيو تہ "هيءَ مائي ڪنهن ڏينهن قهر ڪندي" .... ساڳي مائي هاڻي نوربانو آهي.

## گـوَيا

انگريزن هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ سنڌ جي معاشري ۾ جيڪي نوان رجحان يا لاڙا پيدا ٿيا، تن ڏانهن هن کان اڳ گهڻين جاين تي اشارا ڪري چڪو آهيان ۽ اهو به ٻڌائي آيو آهيان ته اها ڪيفيت محض سنڌ لاءِ به مخصوص ڪا نه هئي. سارِيءَ دنيا اندر جت به ڪن قومن، ڌارين طاقتن هٿان شڪست کائي، غلامي جي زندگي اختيار پئي ڪئي آهي، تن سان اها ويڌن ٿيندي رهي آهي. يعني انهن جي معاشرن ۾ بالعموم هي رجحان پئي پيدا ٿيا آهن:

1 - مالدار طبقو پنهنجي غم غلط ڪرڻ ۽ دل وندرائڻ لاءِ، عياشيءَ پٺيان ڪاهي پئي پيو آهي،

2 - ٻيو طبقو فاتحن جي سرپرستيءَ هيٺ لُٽ ڦُر ۾ لڳي پئي ويو آهي،

3 - ٽئين طبقي مذهب، آرٽ، فنون لطيفه، علم ۽ ادب جي ذريعي احساس شرمندگي ۽ شڪست خوردگي کي جهڪي ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي،

4 - چوٿين نمبر ۾ هڪ مختصر طبقو اهڙو به موجود پئي رهيو اهي، جنهن هيءُ پئي سوچيو آهي ته ڪهڙي طرح قربانيون ڪري، انقلاب آڻي، ان غلاميءَ مان جند ڇڏائي دوباره آزادي ماڻجي.

اوهان هر مفتوح قوم جي تاريخ پڙهي ڏسو، اهي ئي چار طبقا اوهان کي ڪارفرما نظر پيا ايندا.

* * *

مياڻي ۽ دُٻي کان پوءِ جن ڳالهين جو سنڌ جي معاشري ۾ نئين سر رواج پيو، تن ۾ ڪلاسيڪي هندي موسيقي به شامل هئي. اها موسيقي اڳ سنڌ ۾ ڪا نه هوندي هئي، ڇو ته نه ان جي ڪڏهن ضرورت محسوس ٿي، نه ان لاءِ اسان وٽ ڪا گنجائش ئي هئي. سنڌ وٽ پنهنجي موسيقي هئي، جيڪا هر طرح سان اسان جي مخصوص طبعي ۽ نفسياتي ضرورتن جي پورت ڪندي ٿي رهي[1]. پر انگريز جي اچڻ کان پوءِ حالتون ڦرڻ لڳيون هيون، سنڌ پنهنجن

[1] اهڙو تضاد يا فرق پراڻي زماني ۾ عربي موسيقي ۽ عجمي موسيقي ۾ به محسوس ٿيڻ لڳو هو. ايران فتح ٿيڻ کان پوءِ عجمي موسيقي عربي موسيقيءَ کي متاثر ڪرڻ لڳي هئي، جنهن کي روڪي پنهنجي عربي موسيقيءَ کي اصلي پراڻي صورت ۾ برقرار رکڻ لاءِ عرب عالمن ۽ موسيقارن کي وڏي ڪوشش ڪرڻي پئي هئي (ڏسو ڪتاب الاغاني ۾ اسحاق موصلي جو زمانو).

اصلي سرحدن اندر محصور ڪانہ رهي هئي، نون حاڪمن جو ٻيچ ڏکهو ۽ ٻين علائقن سان بہ ڳنڍيل هو. تنهن ڪري ان رستي سان پرڏيهي يعني هندي موسيقي کي بہ سنڌ اندر اثر انداز ٿيڻ جو موقعو ملي ويو.

ٻہ - ٽي ٻاهر جا ڳويا، پنهنجو وطن ڇڏي، اچي هت پهتا ۽ انهن جي سرپرستي سنڌ جي ڪن مالدار خاندانن اختيار فرمائي. آءٌ نٿو سمجهان تہ منجهان ڪهڙن ڪي هرويرو ڪا هندو ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي پروڙ بہ هئي، پر ٻاهر جي مشهور موسيقارن ڪي پاڻ وٽ رکڻ سندن پنهنجي نام آوري جو باعث بڻجڻو هو. تنهنڪري هنن پنهنجي پذيرائي خاطر اهو نئون بار خوشيءَ سان پاڻ تي هموار ٿي ڪيو. ٻيسي خواهہ واندڪائيءَ جي وٽن ڪا کوٽ ڪا نہ هئي، آزاديءَ جون جوابداريون مٿان کڃي چڪيون هيون. هينئر ڪين ونڊر جي حاجت هئي، جنهن جي ڪفالت جو اهو بہ هڪ طريقو سندن سامهون اچڻ لڳو هو. ويچارن کي اها خبر ڪا نہ هئي تہ وٽن پنهنجي موسيقي جا اهڙا خزانا موجود آهن، جن مان بغدادين ۽ اندلسين بہ، ڪنهن زماني ۾ فائدا ٿي ورتا. پر گهر جي مرغي هاٽي دال برابر سمجهي ٿي وئي.

هندستان ۾ ڪلاسيڪي موسيقي جا ٻہ مشهور اسڪول هئا. هڪ کي پٽيالہ اسڪول، ٻئي کي گواليار اسڪول سڏيندا هئا. اسڪول جي معنيٰ پڙهڻ پڙهائڻ واري اسڪول جي نہ هئي. هي پڪي راڳ جي ٻن نوعن مابين فني فرق کي واضح ڪرڻ لاءِ خاص اصطلاح گهڙيل هئا.

هت سنڌ ۾ وقت سر، ٻنهين اسڪولن جا نمائندا پهچي ويا هئا، جن سنڌ کي پنهنجو وطن بڻايو. سنڌ ۾ پنهنجون حياتيون صرف ڪيون. ڪامل تندهي سان پنهنجي فن جي هت ترويج ڪئي، ۽ آخر ۾ ابدي ننڊ بہ هتي ئي سمهي پيا. انهن ۾ هڪ يادگار مرحوم استاد منظور علي خان هو جنهن جو تازو ٻہ ٽي مهينا ٿيا تہ انتقال ٿي ويو. سندس ڳايل شاهہ صاحب جي ڪافيءَ جي ڪيسٽ سندس نشاني رهجي ويئي:

آءٌ ڪينءَ آتڻ وڃان.... ڙي پينر
چرخو چيو منهنجو نا ڪري.
جيڏين سرتين جوڙيون اٿايون
آءٌ پئي پوڻيون پُڇان ..... ڙي پينر

مرحوم اها شيءِ اسان جي حسب حال چئي ويو:

”جيــڏين ســـرتين جوڙيـــون اٿـــايون
آءُ پئــــي پوٽيـــون پـــــــــجان!“

*　*　*

ميان جَدو خان ۽ حسو خان گواليار اسڪو جا اصلي موسس هئا. سندن هڪ شاگرد ميان بني خان هو. بني خان جو شاگرد گامڻ خان ۽ سندس پائنيو پيارو خان سنڌ ۾ پهتا. گامڻ خان جو خاندان اصل امرتسر ضلعي جي ڳوٺ فتح ڳڙه جوڙيان جو هو.

گامڻ خان سنڌ ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو. ڪيس هتي ڪلاسيڪي موسيقي جو ابو سمجهي وڏا ماڻهو سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. گهڻو ڪري شڪارپور طرف رهندو هو. اتاهون جا سنڌوڙڪي هندو ڪيس ديوتا سمجهندا هئا. هونءَ به سنڌ ۾ چوڻي پئجي ويئي هئي تہ ”ڳائي ۾ گويا گامڻ خان آهي“. انتقال شڪارپور ۾ ٿيس. سندس قبر اتاهون جي چٽگي شاهه جي مڪان ۾ ٻڌي.

گامڻ خان مرحوم چار پٽ ڇڏي ويو: 1- مبارڪ علي خان، 2- مراد علي خان، علي محمد خان ۽ 4 - ٻيبو خان.

مبارڪ علي خان ۽ ٻيبو خان ڏاڍا مشهور ٿيا. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي افتتاح وقت مبارڪ علي خان موجود هو. ڏاڍو پوڙهو ۽ ڪمزور ٿي ويو هو. پر ان هوندي به موقعي جي اهميت محسوس ڪندي ڪراچيءَ مان ڪَهي هلي حيدرآباد پهتو هو. وقت جو اُستاد مڃيو ويو هو. ساڳي طرح ٻيبو خان به ڏاڍو مشهور ٿيو. حيدرآباد ۾ حياتيءَ گذاريائين.

گامڻ خان جي ڀاءُ ڪريم بخش خان جو پوٽو منظور علي خان[1] هو.

سندس ٻئي ڀاءُ احمد خان جو پٽ، سائين لوڪ حيدو خان[2] ۽ پوٽو سينڌو خان به پنهنجي زماني جا ناليوارا فنڪار ٿي گذريا. (سينڌو خان جي قبر ڪنياڻ ۾ آهي).

---

[1] مدفون ٽنڊوآدم.

[2] مدفون شڪارپور.

استاد بني خان[1] جو نالو متي اچي چڪو آهي. سندس هڪ پائٽيو پيارو خان بہ سنڌ ۾ اچي وسيو. مانجهوءَ واري سيٺ وشنداس سان وابستہ رهيو. سندس پوٽا فتح علي خان ۽ حميد علي خان هينئر سندس ورثو سنڀاليندا پيا اچن. پياري خان جو خاندان امرتسر جي ننڪلي ڳوٺ مان آيل هو.

*    *    *

موسيقي جي ٻئي اسڪول، پٽيالا اسڪول جي سنڌ ۾ نمائندگي استاد عاشق علي خان ڪئي، جيڪو پڻ هاڪارو ڳويو هو ۽ سنڌ ۾ سندس ڪيترا شاگرد مشهور موسيقار بڻيا.

*    *    *

مون انهن فنڪارن کي پنهنجين ياداشتن ۾ ان ڪري جاءِ ڏني آهي، جو هو ڪٿي بہ ڄاوا پر سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ هو سنڌ جي معاشري ۽ برادري جو حصو بڻجي رهيا. پنهنجون حياتيون اسان سان گڏ گذاريائون ۽ زندگيءَ جي تلخين خواه شيرينين ۾ اسان سان شريڪ حال رهيا. سنڌ جي موسيقيءَ کي انهن متاثر ڪيو، يا سنڌ جي موسيقي کين متاثر ڪري پنهنجي رنگ ۾ رڱيو، تنهن جو فيصلو ان فن جا ڄاڻو پوءِ پيا ڪندا.

## مولوي عبدالله لغاري مرحوم[2]

سنڌ جي اوائلي انقلابين مان هو. خلافت کان بہ اڳ جو. جيليان والا باغ کان بہ پهريان جو.

سانگهڙ جي پاسي جو بلوچ ڳوناٺو هو. پير سائين رشد الله شاه جهنڊي واري رحمة الله عليہ جي صُحبتن جو ڪيڙيل، امام عبيدالله سنڌي رحمة الله عيلہ جي مدرسي دارالرشاد جو پاڙهيل. عادتن ۽ اطوارن ۾ دهقان، شڪل شباهت ۾ معياري مولوي.

انقلاب کان سواءِ نہ سندس گفتگو جو ڪو موضوع هوندو هو، نہ سوچ ۽ فڪر جو منتهائي نظر.

---

[1] بني خان جي مقام جو ان مان پتو پوي ٿو تہ أستاد بڙي غلام **علي** خان جو والد ۽ استاد علي بخش خان قصوري بہ سندس شاگرد هو.

[2] سنڌ جي لاثاني محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا تي هڪ منصل مقالو رسالي مهراڻ ۾ شايع ڪرائي ڇڏيو آهي. ان کان پوءِ ساڳين ڳالهين تي وڌيڪ لکڻ غير ضروري آهي.

امام عبيدالله رحه جو ساٿي هو، ساڻس گڏ ڪجهه عرصي تائين قنڌار ڪابل پيٺي چڪو هو، امام ممدوح ڪابل ۾ رهجي ويو ته مولانا عبيدالله موٽي سنڌ ۾ آيو. ڪجهه سال حضرت پير ضياءُ الدين شاهه جهنڊي واري رحمة الله عليه (پير سائين رشد الله شاهه رحه جو فرزند) وٽ رهيو. انهن ڏينهن ۾ مون کي به سندس صحبت جي نعمت نصيب ٿي. البته مان وٽانئس"فيض" پرائڻ کان ڪيٻائيندو رهيس، ڇو ته مولانا فيض جو ماحصل انگريز خلاف خوني انقلاب پئي ٿيو، جنهن لاءِ مون ۾ همٿ ڪا نه هئي. سچ هيءُ آهي ته رات جو آءٌ پنهنجي ڪٽ به مولانا کان پري ڪنهن ڪنڊ پاسي سان وڇرائيندو هوس، جيئن مولانا رات جي فراغت ۾ مون کي انقلاب جي درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪري منهنجي ننڊ نه ڦٽائي. اها منهنجي پنهنجي بدقسمتي هئي پر ان وقت اهو احساس ڪو نه پئي ٿيو.

مولانا جي زندگيءَ جو فقط هڪ مقصد پئي ڏٺو. يعني انگريز کي ڪڍي آزادي حاصل ڪجي، ۽ ان باري ۾ سندس منطق هو ته -"غلامي ۽ بي غيرتي ساڳي شيءِ آهي، مرد سڏائڻ ۽ بي غيرت ٿي رهڻ غير فطري ڳالهه آهي، امام عبيدالله سنڌ جو اڄهو ان لاءِ ورتو هو ته هتي ڪيس انقلابي مواد وڌيڪ نظر پئي آيو، امام صاحب هينئر ٻاهران انقلاب آڻڻ جي ڪوشش پيو ڪري، اسان سنڌين کي اندران انقلاب آڻڻ لاءِ سرگرم ٿيڻ گهرجي" - وغيره وغيره.

اها هڪ ڏينهن جي ڳالهه يا تقرير ڪا نه هوندي هئي، اٿندي ويهندي، صبح هجي يا رات سندس واتان "انقلاب" ۽ "امام صاحب" جا اکر ٻڌي ٻڌي ماٺهو جا ڪن ڏکڻ لڳندا هئا.

مصيبت بالائي، مصيبت، ڪجهه ڏينهن ميان عبدالعزيز مرحوم "الحق" اخبار وارو به اچي اسان سان اوطاقي ٿيو، ان کي به ساڳيو انقلاب وارو عارضو لاحق هو. ٻئي پاڻ ۾ ويهي سارو وقت پيا انقلاب جو پهه پچائيندا هئا، ڪڏهن اتفاق، ڪڏهن اختلاف، ڪڏهن منيون ڳالهيون، ڪڏهن گرم گفتگو. مطلب ته جهـٽ پـٽ لڳي پئي هوندي هون. بدقسمتيءَ سان ان وقت سندن اصولن تي عمل ڪرڻ وارو پيو ڪو ماڻهو ڪو نه هو پر پنهنجن خيالن ۾ هي بزرگ مست مگن ٿي رهيا. سندن انقلابي فارمولا هيءُ ٿي ڏٺو ته هر انقلاب جي ابتدا پهريان هڪ اڌ ماڻهو فڪر جي ليول تي ڪندو آهي، اِن انفرادي فڪر کي

بعد ۾ وقت جون حالتون خود هَتي ڏئي، "احساس عام" جي صورت ونائي، اجتماعي تحريڪ، يعني انقلابي جدوجهد ۾ تبديل ڪنديون آهن. تنهن ڪري مولانا وارن پنهنجي ان دماغ سوزيءَ کي بيڪار نٽي سمجهيو.

قدرت خدا جي، مولانا پنهنجي اهڙي خبطي خواب جو تعبير پنهنجي اکين سان ڏسي پوءِ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، يعني سندس جيئري ئي سندس دشمن انگريز کي هتان بسترا گول ڪرڻا پيا.

محض امڪان کي اسان ان وقت مذاق پئي سمجهيو، سو حقيقت بڻجي سامهون آيو.

* * *

مولانا عبدالله مرحوم جي رهڻي ڪرڻي هڪ سچي محب وطن انقلابي جي هئي. جوڙيءَ جو جملي هڪ وڳو وٽس هوندو هو، جنهن کي جمع ڏينهن پر جي هڪ ڪڙيي تي وجي پنهنجن هٿن سان ڌوئيندو هو. هيٺ تي اُها گهڙي گوڏ ڍڪيندو هو، جيسنائين ڌوتل لٽا سُڪن اوستائين پاڻ به پيو پاٽيءَ ۾ تڙڳندو هو. باقي سندس "مال مَڏي" صرف ورهه جي ڪاٺيءَ جو ڏنڊڻ ۽ پراڻي ڏندن ڀڳل ڪاٺ جي ڦڻي هئي. رات جو مون ڪيس مٽيءِ هيٺان سر رکي به سمهندو ڏٺو.

اهڙا انسان ڇو نه انقلاب ۽ ملڪن جي تقدير بدلائڻ جون ڳالهيون ڪن ها؟ جن پاڻ تي ضابطو رکيو، تن دنيا تي قبضو ڪيو.

## پير محمد مهدي شاهه مرحوم

پير سائين رشد الله شاهه جهنڊي واري رحمة الله جو فرزند ۽ پير سائين ضياءُ الدين شاهه جهنڊي وارو رحمة الله عليه جو ڀاءُ، پنهنجي وقت جي مهمان نوازن جو امام ٿي گذريو. زندگيءَ ۾ کيس زياده تر اهو هڪ شوق هوندو هو ته ڪنهن طرح گهڻي ۾ گهڻا مهمان وٽس اچن ۽ پاڻ قسما قسم طعام نهرائي کين پنهنجي سامهون ويهاري کارائي. شال نه ڪو ماڻهو منهن پئيس، زوريءَ گهلي وجي پاڻ وٽ مهمان ڪندس ۽ مڪلف طعام کارائي، پوءِ گهر وڃڻ ڇڏيندس. سندس دستر خوان تي ماني کائڻ کان پوءِ، جهڙي تهڙي ماڻهوءَ کي "چُورن"کائي پيٽ تان بار هلڪو ڪرڻو پوندو هو، ڪن کي ته طبيبن وٽان مسهل گهرائڻ جي ضرورت به پيش ايندي هئي. هڪ دفعي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو، اڪثر ميمبرن کي مانيون کارائي بيمار ڪندو رهندو هو، عام چوٽي تي وئي ته "جيڪو ميمبر ڪنهن ڏينهن

اجلاس مان غير حاضر رهيو. سو ضرور سائين مهدي شاھ جي مهماني ڪائي بيمار ٿي پيو هوندو."

ڪنهن بہ انسان کي ڏکوئڻ يا نقصان پهچائڻ يا ان کان انتقام وٺڻ مهدي شاھ جي مذهب ۾ سڀ کان وڏو گناھ هوندو هو. ڪو ماڻهو ڪيس گهٽي ۾ گهٽو آزاريندو هو تہ ان جي حق ۾ فقط هيءُ چئي تہ "مڃلو آهي، ان کي ڇا چئون؟" ڳالهہ وساري ڇڏيندو هو. وقت پئي ساڳيو آزاريندڙ انسان وٽس ڪنهن ڪم لاءِ لنگهي آيو تہ بنا منهن ڪومائي ڪم ڪري ڏيندس.

سندس مستقل سڪونت پير جهنڊي جي ڳوٺ ۾ هوندي هئي، ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ بہ اچي رهندو هو. سياري سانوڻ گنجيءَ ۽ قميص ۾ رهندو هو، ڪوٽ پائيندو مون ڪيس ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو. اسيمبلي اجلاس ۾ بہ پير ۾ سپاٽو پائي ايندو هو. متارو مڙس هو. قداور، شڪل شباهت ۾ معتبر. پنهنجو فوٽو ڪيڻ ڪڏهن ڪو نہ ڏنائين، ڇو تہ فوٽو ڪڍائڻ جي شرع ۾ منع هئي.

البتہ ڪتن ڌارڻ جو بہ شوق هوس، توڙي جو ڪتن سان شڪار ڪو نہ ڪندو هو، مون کي سمجهہ ۾ ڪو نہ آيو تہ اهڙي بزرگ جي ڪتن سان ڇو دلچسپي هئي، ٿي سگهيو ٿي تہ انسان جا افعال ڏسي هو هن اصول جو قائل ٿي چڪو هو تہ:

بيوفا انسان ڪنون ڪتا يار ڪريجئي!
پر پوءِ انسان جي ٻچن ٿي ڇو پي ايتري ماني زيان ڪيائين.

## خانبهادر محمد ڪامل شاھ مرحوم

زبان هجي نہ هجي، علم هجي نہ هجي، ڪن ماڻهن جي صرف صورت ئي سندن گهٽيون گهٽتايون پوريون ڪريو ڇڏي ۽ ان سان گڏ سيرت بہ سهڻي هجين تہ پيو ڇا گهرجين؟ ماڻهپي جو مدار هروڀرو وات جي وهڪري يا ڪتابن جي ڪيئين ٿيڻ تي ڪونہ آهي. عقل، شعور، احساس ۽ اک اهڙيون نعمتون آهن، جن جي نصيب ٿيڻ کان پوءِ ٿلهو علم يا چپ جي چالاڪي ۽ چترائي، تڪميل مقاصد انسانيت جي مسئلي ۾، گهٽو پوئتي رهجيو وڃن.

مون اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا، جن ٻہ ٽ علم تہ بلڪل گهٽو هو، پر عقل بنهہ ڪو نہ هو، ڪتابن مٿان ڪتاب پڙهي پاڻ منجهي پيا هئا، ان مونجهاري منجهان نڪري صحيح سمت ڏسي اڳتي وڌڻ جيترو هوش منجهن ڪونہ رهيو هو.

برعڪس ان جي وري اهڙا انسان بہ نظر آيا، جن ڪتاب ڪي تہ ڪڏهن هٿ ڪو نہ لاتو، پر معاملات زندگيءَ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي سطح کان گهڻو بلند هئا.

*　*　*

سائين محمد ڪامل شاهہ انهن مدبرن منجهان هو، جن جو عقل ۽ فهم ڪتابن جو محتاج ڪو نہ هو. پر جي[1] جاگيردارن سان مقابلا ڪرڻ، سنڌ جي سياست ۾ لازوال عزت ماڻڻ، حيدرآباد جي هندن اڳيان سر نہ نوائڻ، بغير آبرو يا ايمان وڪيي، انگريز ڪي دام ۾ آڻڻ، مسلمانن جي بهبود لاءِ تعميري ڪمن ۾ حصو وٺڻ، وڏيرڪين مصروفيتن کان ڪناره ڪش رهڻ، اُن زماني جي لحاظ سان، آسان ڳالهيون ڪو نہ هيون، پر سائين ڪامل شاهہ انهيءَ طريقي سان زندگي بسر ڪرڻ ۾ بخوبي ڪامياب ٿي ڏيکاريو. ميان نور محمد وڪيل کي بمبي ڪائونسل ۾ چونڊرائي ڪانئس ڪم وٺڻ، حيدرآباد ۾ 1924ع واري تعليمي ڪانفرنس کي ڪامياب بڻائڻ، بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي مسلمان ميمبرن جو وقار وڌائڻ، سندس نمايان خدمتون هيون. هو انقلابي ڪو نہ هو تہ ٽوڏي بہ ڪو نہ هو. پنهنجي زندگي شان ۽ مان سان بسر ڪري ويو. وري سندس ثاني ان پَٽ ۾ پيدا ڪو نہ ٿيو. "ڪامل شاهہ، ڪامل شاهہ هو" - اهو آواز مُئي کان پوءِ بہ سنڌس حق ۾ پڌبو رهيو. اهڙو افتخار سندس همعصرن مان گهڻن کي حاصل ٿي ڪو نہ سگهيو.

*　*　*

سائين ڪامل شاهہ جي پائنئي، محمد سعيد شاهہ بہ، ڪانئس پوءِ چڱا پير ڪڍڻ شروع ڪيا هئا، پر عمر وفا نہ ڪيس. ڏاڍو وجيہ جوان ۽ همت ۽ مردانگيءَ ۾ سنڌي چوڻيءَ موجب"مڙسن جو مڙس" ٿي گذريو. زميندار هو، پر ٽوڏي ٽائپ جو نہ. هر حال ۾ مُڇ تي پَڃر رکيو گهميو. مهمان نوازي ۽ خوش اخلاقي، خوداري ۽ ثابت قدميءَ ۾ يگانو هو.

## خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر مرحوم

مير بہ هو، جاگيردار بہ هو، زردار بہ هو، زور وارو بہ هو، پر ذهن ۾ مختلف ۽ منفرد هو.

---

[1] سندس ڳوٺ سيد پور، ٽنڊي محمد خان کان چند ميلن تي هو.

مرحوم پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي باگي ۾ خاص پنهنجي خرچ سان هاءِ اسڪول کولرائي، غريب ڳوناٺن ۾ جديد تعليم ڦهلائڻ جي اهڙي وقت مهم هلائي، جڏهن سنڌ جا پيا مسلمان مالدار محض مال مست، حال ڪان بي حال هئا. جيڪڏهن هن صوبي ۾ پنج چار پيا به غلام محمد هجن ها ته هوند گهڻو اڳ سنڌ ڪر پيجي اٿڻ ۽ رقيبن اڳيان ڪنڌ ڪڻي هلڻ جي قابل ٿي وڃي ها.

وڏي ڳالهه شعور ۽ احساس جي هئي. هو پهريون ماڻهو هو، جنهن پنهنجي متي محسوس ڪيو ته سنڌ ٻاهرايءَ ۾ رهي ٿي ۽ نه شهرن ۾، ۽ جيستائين ٻاهراري جي غريب ڳوناٺي ڪي جهالت جي لاچاريءَ مان ڪيي علم جي اسلحه سان آراسته نه ڪيو ويو آهي، اوستائين سنڌ ۾ نه "جمهور" هوندو نه جمهوريت ڄمندي ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو طريقو به اهو هڪ ئي آهي ته ڳوناٺن کي علم ڏانهن وني وڃڻ بدران خود علم کي ڏانهن ڇڪي آڻڻ جو انتظام ٿئي.

ياد رهي ته ان وقت تائين تعليمي ادارا شهرن ۾ هوندا هئا، ٻاهراريءَ ۾ اعليٰ تعليم جو ڪو بندوبست ڪو نه هو. مير صاحب مرحوم ان باري ۾ سرڪار جي در تي ٻاڏائڻ ۽ درخواستن ڪرڻ بدران، پاڻ تي پاڙيو ۽ مڙسي ڪري ڏيکاريائين. گهٽن وڏيرن وانگر ان امڪان ڪان ڪو نه ڊڄو ته ڇٽن جا ٻار پڙهي ڪنهن ڏينهن ساڻن همسري ڪرڻ لڳندا.

لاولد فوت ٿيو، پر پنهنجي حق ۾ مغفرت جي دعا گهرڻ وارا گهڻائي ڇڏي ويو، جن کي تعليم ڏياري، "ڪين مانيءَ" اُپائڻ جي قابل ڪريَ ويو".

بنيادي ڳالهه جنهن مير صاحب مرحوم کي پنهنجن جملي همعصر مفڪرن ۽ اهل دل ماڻهن ۾ ممتاز مقام وني ڏنو، سو هن حقيقت جو مٽس انڪشاف هو ته تعليم کي سنڌ جي ٻاهراريءَ جي ڳوٺن ۾ وني وڃڻ گهرجي جت سنڌ جو حقيقي Man- Power رهي ٿو ۽ جت علم جي روشني آڻڻ سان انساني زندگي جي اُنهن اقدارن کي زنده رکي سگهبو جن کي وسارڻ ۽ ميٽائڻ بعد سنڌ دنيا جي نقشي تي هڪ بي جان، بي رنگ، بيڪار، بدزيب ڪارو ٽِڪو رهجي وڃي ٿي - ۽ اهو انڪشاف مٽانئس اٺويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيو، جڏهن انگريز کي هت آئي اڃا مشڪل سان حقيقي اطمينان جا چاليهارو سال ٿيا هئا ۽ سنڌ جا پنهنجا ماڻهو هنوز اگهور ننڊ ۾ هئا ۽ مستقبل جي باري ۾ وٽن ڪو ويچار ڪو نه هو.

## خانصاحب محمد سومار ٻچاڻي مرحوم

ٽنڊوالهيار جي مشهور پاتولي خاندان جو هڪ معزز فرد هو. نہ خواه مخواه ڪنهن جي وچ ۾ ڪُڏي پوڻ وارو انسان هو، نہ پنهنجي پذيرائي لاءِ پريشان رهيو. ملڻ سلڻ لاءِ بہ هڪ مخصوص مختصر حلقي کان ٻاهر پير ڪونہ پاتائين. ڪنهن جي اڳيان دست سوال دراز ڪو نہ ڪيائين. ڪاموري ڪڙي يا وزير وڙي کان مهرباني ڪا نہ منگيائين. هميشہ حلال جي روزي ڪمايائين. وڏيرپ بہ ڪيائين ۽ واپار بہ، پر نہ چور ڌاريائين، نہ چور بازاري ڪيائين.

سندس منهن ۾ ڪافي ڪشش هئي. اهل نظر ڏسندي ئي مطمئن ٿي ويندا هئا تہ هي ماڻهو وزندار ۽ بااخلاق آهي. منهنجي ساڻس ملاقات، اوائل ۾، اتفاقيہ ٿي پر پوءِ آءٌ ساڻس ملڻ ۾ هميشہ روحاني مسرت محسوس ڪندو رهيس. ٿورن ماڻهن جي چهرن ۾ الله تعاليٰ اهڙي رونق رکي هئي. مون کي ڪڏهن ڪنهن ڪم لاءِ ڪو نہ چيائين، ورنہ آءٌ هرگز انڪار ڪونہ ڪيانس ها. گهڻائي ماڻهو مون ڏانهن سفارش وٺڻ لاءِ وٽس ويندا هئا، پر هيءُ هميشہ جواب ڏئي ڇڏيندو هُون. نيڪيءَ ڪرڻ ۾ طبعاً بخيل ڪو نہ هو پر ڊڄندو هو تہ مبادا سندس سفارش ڪري ڪنهن ٻئي ڌر جو حق مارجي وڃي.

صورت مولويانہ، سيرت غير عاميانہ.

## خانصاحب چٽل خان مرحوم

ٽنڊوالهيار جي ساڳئي پاتولي خاندان جو فرد هو ۽ ساڳئي طرح ڪيريڪٽر جي پختائي ۾ بہ منفرد - زميندار ٿي بہ نہ ڪاموري جي ڪاڻ ڪڍندو هو، نہ ڊوڙي وڃي ڪنهن سان دوستيءَ جو دم هڻندو هو. تنهائي پسند ۽ خوددار هو. ڇپ جي عصمت جو خاص خيال رکندو هو. ڪوڙو وعدو ڪو نہ ڪندو. وعدو ڪندو تہ وفا ڪندو. واريون وير وهي وڃن اصولن تان ڪونہ هٽندو. وقت جي وڏي کان وڏي آمر ۽ جابر کي بہ جرئت ڪا نہ ٿيندي تہ کيس ڪنهن غلط ڪم ڪرڻ لاءِ چئي سگهي. اهڙن معاملن ۾ سندس چهرو ئي اڳلن لاءِ حوصلہ شڪن هوندو هو.

قومن جي مجموعي ڪيريڪٽر جو سرچشمو فردن جو ذاتي ڪيريڪٽر ٿئي ٿو. ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ. افراد جو عمل ۽ اخلاق ئي اجتماعي

ڪيريڪٽر لاءِ بنياد فراهم ڪري ٿو، سياڻا چئي ويا آهن تہ ”ڪنهن قوم جي ڪيريڪٽر جو اندازو لڳائڻو هجي تہ ان جي فردن جي ذاتي چال ڍال جي چڪاس ڪرڻ گهرجي“. جنهن قوم جا افراد بداخلاق ۽ ڪيريڪٽر جا ڪَچا هوندا تنهن قوم جي مجموعي ڪردار بي داغ نٿو ٿي سگهي.

اهي بہ معتبر شهر هڪ اهڙي سمي ۾ پنهنجي ڪيريڪٽر ڪي پختو رکيو آيا، جڏهن چئني طرفين ڏنا وائنا ماڻهو، فائدن ونڻ، پاڻ ڪي اڳتي ڪرڻ ۽ ڪرسين ۽ ميمبرين ماڻڻ خاطر، چيڪ چتا تي انسانذات ڪي چڪ پائيندا پئي وتيا.

## سائين الهيار شاھ مرحوم مغفور

مٽيارين جي سخي ابراهيم شاھ رحمة الله عليہ جي درگاھ جو سجاده نشين پنهنجي دؤر اندر ڏاڪي سان رهيو. اميرانہ تبختر ۾ ميرن ۽ مخدومن سان همسري ڪيائين. همعصرن ۾ بلند مقام رکندي بہ خواھ مخواھ سياست ۾ ڏاڦوڙن هڻڻ کان دور رهيو. غيرت ۽ عصبيت وارو سيد هو، سندس شخصي ڪيريڪٽر مان ڪو ڪِيئون ڪڍي ڪونہ سگهيو. ننڍي وڏي تي هٿ هوس، شخصيت خواھ شڪل شَباهت بزرگانہ اکين ۾ آئُڙن جهڙي، مروت ۽ مردانگي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ. مٽياري ساداتن جو شان هو.

سندس ننڍو ڀاءُ سائين بقادار شاھ مرحوم، جيڪو ڪانئس پوءِ گاديءَ تي ويٺو، پاڻ ساداتي عصبيت ۽ حميت کان عاري ڪو نہ هو، اسيمبليءَ جي ميمبري دوران هميشہ ترقي پسند گروپ جو ساٿ ڏيندو رهيو. نہ ڊگو نہ ڀڳو، نہ عزت وڪيائين، نہ ساٿي ڇڏيائين.

پر الهيارشاھ مرحوم جو پنهنجو مقام هو. الله تعاليٰ ٻنهين کي پنهنجين رحمتن سان اعليٰ عليين ۾ جاءِ ڏني هوندي.

ڪانئن پوءِ وري مٽيارين جي منهن ڏسڻ جي همت ڪانہ ٿي.

## حافظ مبارڪ علي شاھ مرحوم

نموناً هن شخصيت سان بہ چهار چشمي جو هجڻ مفيد ٿيندو- مرحوم جيپور مان آيل مهاجر هو، ڇائي ڄم جو نابينا. ان هوندي بہ ڪلام مجيد جو حافظ، انگريزيءَ ۾ ايم - اي، ادب ۾ مولوي فاضل، سياست ۾ ايم - ايل - اي، وزارت ۾ وڏي وزير جو چيف پارليامينٽري سيڪريٽري، تحرير کان عاجز

پر تقرير ۾ جهلئي نہ جهلجي. حيدرآباد اندر پير ڪوڙينديي ئي هن انڌي اورين پرين جا وڻ وڄائي ڇڏيا، سچو هجي ها تہ الائي ڇا ڪري گذري ها.

مون سان وڙهي يار ٿيو.

شروع جي زماني ۾ ڪنهن ڪنهن ڪي ڪو نہ ٿي سڃاتو. نہ مون کي پتو هو تہ حافظ صاحب کهڙي باغ جي موري آهي، نہ هن کي خبر هئي تہ آءٌ ڪير آهيان، ٻيئي ٻڌين ڳالهين تي هئاسين، ۽ ٻڌل ڳالهيون باهمي تقرب لاءِ سازگار ڪو نہ هيون.

انهن ئي ڏينهن ۾ مون سان ان اخباري تڪرار جي شروعات ٿي چڪي هئي جنهن جو حوالو، ميران محمد شاهہ مرحوم متعلق مضمون ۾ اچي چڪو آهي. لازم هو تہ ان تڪرار دوران ۾ منهنجي خلاف نين اردو اخبارن جي هلايل پروپيگنڊا کان حافظ صاحب جي حلقي جا ماڻهو متاثر ٿين - ۽ واقعتاً متاثر بہ ٿيا.

هڪ ڏينهن آءٌ سنڌ آبزور جي دفتر ۾ وينو هوس، اوچتو ڏٺم تہ ڪو ماڻهو اعليٰ درجي جي سوٽ ڪوٽ ۾ ملبوس، ڪلين شيو، مٿي اگهاڙو، ڪاريون عينڪون چاڙهيون، هڪ نوجوان جي ڪُلهي تي ٽيڪ ڏيو، اڳتي وڌندو پيو اچي. جنهن ڏاڪڻ تان چڙهي هو مٿي اچي پهتو هو اُن (ڏاڪڻ) ۽ منهنجي ڪمري جي وچ ۾ ڪجهہ فاصلو هو. آءٌ سامهون وينو هوس. مون ڪين ايندو ڏٺو، جنهن نموني سان ان صاحب اهو فاصلو طئي ڪندي قدم پئي ڪنيا تنهن مان مون تاڙي ورتو تہ هو بينائي کان محروم آهي، سڌو مون تائين پهچي، زور سان "السلام عليڪم" چئي، پنهنجو تعارف ڪرايائين -"آءٌ حافظ مبارڪ علي شاهہ آهيان." مون هٿ ملايس، آذر ڀاءُ ڪيس، ۽ احوال پڇيس. چيائين:"آءٌ ڪن اردو اخبارن ۾ اوهان جي خلاف مضمون پڙهي، اوهان سان ملي، معلوم ڪرڻ آيو آهيان تہ اها مهم اوهان جي خلاف ڇو هلائي وئي آهي؟"

عام طرح سان آءٌ ان حلقي جي ماڻهن سان اهڙين ڳالهين تي گفتگو ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ هوندو هوس، ڇو تہ منهنجو خيال هو تہ دماغ جي خرابيءَ جي ان دور ۾ شايد ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪنهن حق جي ڪلمي ٻڌڻ يا انصاف ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ هوندو. تنهنڪري ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ئي بيسود آهي.

پر جن اکرن ۾ حافظ صاحب پنهنجي مدعا ادا ڪئي، تنهن مون کي آماده ڪيو تہ آءٌ ساڻس دل کولي ڳالهيون ڪريان.

ڪلاڪ کن ڳالهيون ٻڌي، اُٿي ڪڙو ٿيو. چيائين:"دشمن ٿي آيو هوس، دوست ٿيو وڃان ٿو."

۽ ٿيو بہ ائين. جيترو وقت جيئرو هو، منهنجو دوست ٿي رهيو. اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي آيو، ايندي ئي منهنجي گروپ ۾ شامل ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ گھڻن ميمبرن سودي بازيون پئي ڪيون، پر حافظ صاحب بنا ڪنهن فائدي ورتي، بُڪ ڏڪ ۾ مون سان لڙڪندو رهيو. آءُ وزارت ۾ هجان يا آپوزيشن ۾، مبارڪ علي شاهہ جي ڪرسي هر حال ۾ منهنجي ڪرسيءَ پٺيان هوندي. هڪ اهڙو وقت بہ آيو جڏهن آءُ وزارت مان نڪري ويس ۽ منهنجي سنگت کي ڦٽائڻ لاءِ وزيريون وراهجڻ لڳيون ۽ انهن جو تعداد آخر ۾ وڃي هڪ درجن کي بہ پهتو. پر ڪنهن کي جرئت ڪانہ ٿي جو حافظ صاحب کي لالچائي سگهي[1].

عام طرح مشهور هو تہ حافظ صاحب سنڌين جو مخالف "ڪٽر مهاجر" آهي، پر منهنجي وزارت جي زماني ۾ هن ڪل بہ دفعا سفارشون ڪيون ۽ اهي بہ ٻئي سنڌين جي حق ۾ هيون. پنهنجن ڪمن لاءِ هو پاڻ ڏنڊين ڏاندو هوندو هو. ڪيس منهنجي مدد يا پُٺ پرائيءَ جي ضرورت ڪانہ هوندي هئي، پر آءُ چئي سگهان ٿو تہ ايڏيءَ پهچ هوندي بہ هن اسيمبلي ميمبريءَ جي زماني ۾ ڪو بہ ذاتي فائدو ڪو نہ ورتو - البتہ ڪامل مڪمل طرح عيبن کان آجي تہ صرف الله تعاليٰ جي ذات اقدس آهي.

تقرير حافظ صاحب جي، ٻڌڻ سان تعلق رکندي هئي - ۽ عسرت ۾ همت!

## ميان غلام نبي ميمڻ

حيدرآباد جي هندو وڪيلن جو ناماچار مٿي ٿي چڪو آهي. انهن کي ٽوٽڻ ڇپائڻ وارو هڪ مسلمان قانون دان، ميان غلام نبي ميمڻ مون ڏٺو. موقعي سارو سياست ۾ بہ ڇُهنب هنيائين. مثلاً ايوب خان مرحوم جي زماني ۾ سالن جا سال ساري مغربي پاڪستان جو وزير قانون ٿي رهيو. پر آءُ هت محض سندس قانون دانيءَ ۽ وڪالتي صلاحيتن جي باري ۾ پنهنجي راءِ عرض ڪندس.

منهنجي تجربي مطابق هر وڪيل ۾ ڪانہ ڪا صلاحيت هوندي آهي، جنهن جي آڌار تي هو پنهنجي ڌنڌي ۾ نالو پيدا ڪندو آهي. مثلاً مان ڏيئل مل لالواڻيءَ جي باري ۾ لکي آيو آهيان تہ ان جا اسٽرانگ پائنٽ محنت ۽ نوڙت هوندا هئا. ميان غلام نبي جي حالت ۾ مون جيڪي سندس خصوصي

---

[1] حق جي ڳالهہ اها آهي تہ ٻارهن مهاجر ميمبرن مان ڏهہ منهنجي گروپ ۾ هئا ۽ انهن ڏهن ئي ساڳئي ڪيريڪٽر جو ثبوت ڏنو ۽ منجهان هڪڙي بہ وزارت جي ڪرسيءَ خاطر منهنجي سنگت ڪا نہ ڇڏي. سنڌ جي سياست ۾ اها نئين ڳالهہ هئي.

صلاحيتون نوٽ ڪيون، سي هي هيون: 1- قانوني موشگافين ۾ سندس دماغ جي غير معمولي رسائي ۽ 2- سندس آڏي پڇا جي بي پناهي. دماغ الله تعاليٰ جي عنايت جي علامت ٿئي ٿو، جنهن کي انسان پاڻ نہ گهٽائي سگهي ٿو ۽ نہ وڌائي. البتہ آڏي پڇا جي معاملي ۾ وڪيل جي پنهنجي ڪوشش جو ڪافي درڪ ٿئي ٿو: مثلاً شاهد جي صورت ڏسندي، هڪدم سندس مزاج ۽ نفسيات، حرڪات ۽ سڪنات کي هڪ لحظي اندر جهٽي ۽ پروڙي پنهنجي ذهن ۾ هي فيصلو ڪرڻ تہ ان کان ڪهڙو سوال پڇجي ۽ ڪهڙو هرگز نہ پڇجي، پڇا جي دوران ۾ ان کي نرمي ڏيکارجي يا شوخي، ساڻس صفائي جو سلوڪ هجي يا ڪيس منجهائي مارڻ جي ڪوشش ڪجي - اهي سڀ نُڪتا وڪيل جي محنت ۽ مشاهده جي قوت تي منحصر رهن ٿا.

ميان غلام نبي کي مون ان ميدان ۾ ڏاڍو پڙ ڏٺو.

*    *    *

سنڌ جي نالي وارن وڪيلن لاءِ اڳئين زماني ۾ ڪي خاص چوٽيون هونديون هيون: پوچ سنگهہ قانون، مرليڌر آڏي پڇا، صاحب سنگهہ حرفت بازي، گوبند رام ڪورٽ ۾ لُٽ مانڊاڻ، ڪرمچند معنيٰ ڇڙ!

غلام نبي ميمڻ معنيٰ قانون ۽ آڏي پڇا.

سياست ۾ پاڻ چاٽي پنهنجا ڪم!

## شاهہ محمد (نابين) مرحوم

ميرپور بٺوري جو هڪ ڳوٺاڻو هو، جائي ڄم کان نابين، بطور فنڪار عجوبہ روزگار هو. چين جو وزيراعظم چو - اين - لائي جنهن ڪيس بين وڄائيندي ٻڌو هو، جڏهن پاڪستان جي ڳالهہ ڪندو هو تہ صدر ايوب خان جي خير عافيت معلوم ڪرڻ جو خيال ڪو نہ هوندو هوس، شاهہ محمد جو احوال پڇندو هو - بلڪہ شاهہ محمد جي نالي وٺڻ کان پوءِ بہ منٽ اکيون ٻوٽي خيال ۾ ٻڌي ويندو هو، پائنبو هو تہ سندس بين جي لئي کي دوباره پنهنجي دماغ ۾ تازي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. شاهہ محمد کي ٻارهن سال اڳ ٻڌي چڪو هو، ٻارهن سالن کان پوءِ بہ سندس بين جو اثر زائل ٿيل ڪو نہ ٿي ڏٺو.

بينان تہ گهٽن وڄايون ۽ هن کان پوءِ بہ جيستائين سنڌ تختہ زمين تي قائم آهي وڄنديون رهنديون، چو تہ "سنڌ" ۽ "عشق" ساڳي معنيٰ رکندڙ اکر

آهن، ۽ عشق جي ڪاروبار ۾ هتي بين ڪي گهٽي ۾ گهٽو درڪ رهي ٿو، پر شاهه محمد مرحوم جهڙو بين جو استاد نه اڳ پيدا ٿيو هو ۽ نه شايد هن کان پوءِ ڪڏهن پيدا ٿئي.

* * *

بين، پنهنجي متي، ڪا شيءِ ڪا نه هئي - بانس جو سُڪل، سيڪيل، پَورو، ٽُنگيل ٽوٽڙو ۽ بس.

پر شاهه محمد جي هٿ آئي اهو بيڪار ٽوٽڙو، بقول شخصي، صور اسرافيل بڻجي ٿي ويو. ائين پيو ڀانئبو هو ته پهرينءَ ئي ڦوڪ سان ڪائنات متزلزل، فضا مرتعش ۽ فطرت جنبش ۾ آهي. انساني دلين جو ته حال ئي نه پڇو. مثل زندهه، ۽ زندهه محو رقص بسمل.

انسان، دل جي معاملي ۾، نانگ کان به بدتر بلا ٿئي ٿو، نانگ ويچارو دل جو ماريو، ته وري به جوڳيءَ جي مرليءَ تي لهرائي ٿو، پر انسان جي دل ڪي بيدار ئي ڪير ڪري سگهي، رقص ۾ آڻڻ ته پري رهيو!

شاهه محمد ڪي اڪيون ڪو نه هيون، پر اها ڏات هوس ته دل کان محروم انسانن کي به زندهه دل مخلوق وانگر مسحور ڪري، گهري ته لهر هٿائي، گهري ته روئاڙي آرَن کان ڪڍي ڇڏي.

ان ڏات ۽ ان اثر جو ڪارڻ ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي؟

منهنجي قياس ۾ اها ڪرامت ان درد جي ئي ٿي سگهي ٿي جنهن جا ڪورا شاهه محمد جي اندر ۾ ڪامي رهيا هئا.

آخر ساڻس ٿوري ته ڪانه ٿي هئي.

سنڌ جهڙي رشڪ جنان ملڪ ۾ جتي جنهن به متنفس پير رکيو، تنهن وري منجهانئس نڪرڻ جو نانءُ نه ورتو بلڪ پڇاڙيءَ ۾ موت آيس ته به هتي ئي سمهي پيو - جتي قدرت حد درياهه دليءَ سان پنهنجي صناعي جا شاهڪار جهنگ جهر، بر ۽ بحر ۾ پکيڙي، نوع انسانيءَ کي دعوت نظاره ڏني هئي، اتي هڪ حِساس ۽ نازڪ مزاج ديسي نينگر کي دل درد آشنا ڏئي، پر ديد کان محروم ڪري موڪلڻ جي ڇا معنيٰ هئي؟

هو سڀ ڪجهه محسوس ڪري سگهيو ٿي، سڀ ڪجهه ٻڌي سگهيو ٿي، هر ڳل جو واس وٺي سگهيو ٿي، پر ڏسي ڪجهه ڪو نه ٿي سگهيو! ڪيڏو نه انڌير هو؟

اڪيون اهڙن ماڻهن ڪي بہ ڏنل هيون جن ڪي اندو ڪرڻ عام انسان جي بهبود ۽ انسانيت جي لڇ رکڻ لاءِ، ضروري هو - جيڪڏهن اڪين جو ڏڪار محسوس ڪيو ويو هو تہ شاهہ محمد جي حق ۾!

شاهہ محمد ڪي شايد "ٻاهر ٻوڙئين پيٽ ڪنڌيءَ سُڪايئين ڪانہ" وارو راز سمجهہ ۾ ڪونہ آيو، تنهنڪري ڏک ۽ انتقام وچان دل جي درد ڪي عام ڪري ساري عالم ڪي تڙپائڻ ۽ رئارڻ تي گهريائين!

سچ اهو آهي تہ انتقام سخت ورتائين - ڪنهن ٿاهيا هـن رئاريا!

* * *

ڏسڻ ۾ شاهد محمد ڪاريگر جي ڪاريگري جو ڪو نادر نمونو ڪونہ هو. سـڪل، سنهڙو، ڪمزور، غالباً دق جو ماريل. پر جڏهن لـُڏندو، لمندو، لڪڙ ٽيڪيندو، يا ڪنهن جي هٿ تي ٽيڪ ڏيندو، محفل ۾ پهچندو ۽ بين هٿ ۾ ڪڻندو، تہ ائين پيو محسوس ٿيندو ڄڻ ڪو ٻرندڙ جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي اچي هت پهتو آهي ۽ اجهو ٿو ڦاٽي عالم کي آتشڪده آزريءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏي. بين، فضا ۽ شاهہ محمد ٽيئي هڪبئي ۾ جذب ۽ محلول ٿي ويندا هئا، اها خبر ڪا نہ پوندي هئي تہ آواز ڪٿان ٿو اچي، ڪنهن جو آهي، انسان جو آهي، بين جو آهي، يا خود فطرت پئي ڪُوڪُون ڪري؟

ڏٽڪو هجي ها تہ قومي "هيرو" هجي ها، دنيا پئي ڪيس ٻڌي ها ۽ ڪنڌ ڌوڻي ها، ڪي ڪيس ديوتا سڏين ها، ڪٿ سندس مجسما ٺهن ها، ٻيجل وانگر "سر سوالي" ٿئي ها تہ اهل دل ڪانئس سر بہ ڪو نہ وانجين ها - پر اسان صرف سندس دق جو علاج بہ ڪو نہ ڪرائي سگهياسين! جلي جلي جوانيءَ ۾ ئي موڪلائي ويو.

ٿيڻو بہ اهو ئي هو. اسان جهڙن بي قدرن منجهہ سندس پيدا ٿيڻ ئي غلط هو:

ع - تو بهار عالم ديگري، ز ڪجا بہ اين چمن آمدي؟

## مصري خان جمالي

اسان جو پيو فنڪار هو، جنهن جو قدر ڪو نہ ٿيو. الغوزو وڄائيندو هو. ڪڏهن ريڊيو وارا، ڪڏهن ٽي - وي وارا ڏانهس پورو اچلائيندا هئا، جنهن تي غريب جو گذر ٿيندو هو. حقيقت ۾ هو ايڏي پايہ جو آرٽسٽ هو جو ڪيس ضروري انتظام سان بين الاقوامي اسٽيج تي آڻجي ها تہ دنيا ڏسي وٺي ها تہ هن مردم خيز ملڪ ۾ بہ ڪي حقيقي "جينيس" پيدا ٿي سگهن ٿا.

بغداد جو هڪ موسيقار زرياب، اندلس ويو هو تہ سندس پيشوائي لاءِ بادشاهہ پاڻ شهر کان ٻاهر نڪري آيو هو. اهو هوندو هو قدر فنڪارن جو.

۽ هت مصري خان جهڙو يگانو موسيقار بک جا چڪ پائيندو وتيو ۽ آخر انهيءَ حال ۾ موڪلائي ويو.

هڪ دفعي مون وٽ اسلام آباد آيو ۽ هيءَ شڪايت اچي ڪيائين تہ:"مون کي چون پيا تہ الغوزو وڄائڻ وقت آءٌ ناچ بہ ڪيان، آءٌ ٿلهو مڙس آهيان، مون کي نچڻ ڪو نہ ٿو اچي، جيڪڏهن نچڻ جي ڪوشش ڪندس تہ ائين پيو لڳندس چڻ رڇ پيو نچي، مون کي ان بيعزتي کان بچاءِ."

آءٌ ڪجهہ ڪري ڪو نہ ٿي سگهيس، مون صلاح ڏنس تہ "صرف نچڻ سان ڪم نڪري اچي ٿو تہ ان ۾ عار هجڻ نہ گهرجي، خدا ڪري ڪجهہ وڏيڪ فرمائش نہ ٿئي."

## خانبهادر محمد ايوب کهڙو مرحوم[1]

هر تاريخ ساز سياستدان جي عمل کي ڇڪاسڻ لاءِ ڪي اصول هوندا آهن. جيڪڏهن اهي اصول نظر ۾ رکيا نہ ويندا تہ جيڪا راءِ قائم ڪئي ويندي سا غلط ۽ بازاري هوندي. تاريخ دائري يا ڀنگڙ خاني ۾ ويهي موالي ڪو نہ لکندا آهن، جيڪي ڀنگ جي ڪونڊي ۾ اولڙا ۽ پاڇا ڏسي دل گهُريا نتيجا پيا ڪڍن يا دليل ڊوڙائين.

اُهي اصول هي آهن:

(1) تاريخ نويس پاڻ غير متعصب، منصف مزاج ۽ ڪليل ذهن جو هجي،

(2) پنهنجو سياسي غرض ڪو نہ هجيس. تاريخ ۽ سياسي پروپيگنڊائي لٽريچر لکڻ ۾ جيڪو وڏو فرق ٿئي ٿو، اُن جي پروڙ هجيس،

---

[1] آءٌ هن مضمون ۾ ٿيندڙ طوالت تي معافي گهران ٿو. کهڙو صاحب مرحوم چاليهن سالن تائين سنڌ جي تاريخ تي ڇانيل رهيو. تنهنڪري سندس تاريخ جي معنيٰ سنڌ جي هڪ اهم سياسي دؤر جي تاريخ آهي، جنهن جو تفصيل ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو. - مصنف



خانبهادر محمد ايوب کهڙو

(3) ٿورو گهٽو عقل بہ هجيس، ورنہ واقعات جي تجزيہ دوران صحيح نتيجا اخذ ڪري ڪو نہ سگهندو ۽ اجائي داڦ هٽي پڙهندڙ کي گمراهہ ڪندو.

(4) ڪجهہ قدر پڙهيل لکيل بہ هجي، جيئن هو باقي دنيا جي تاريخ تي نظر رکي محسوس ڪري سگهي تہ ساڳين حالتن هيٺ ٻين ملڪن جا مدبر ڇا ڪندا رهيا آهن يا ڇا ڪري گذرن ها.

(5) جنهن سياستدان جي سياسي ڪارگذاري جو تجزيو ڪيو وڃي ٿو، تنهن جي تربيت ڪهڙي ماحول ۾ ٿي. سندس مزاج جي بناوٽ ۾ ڪهڙن اثرن ڪم ڪيو. جڏهن سياسي ميدان ۾ قدم رکيائين، ان وقت سندس افتاد طبيعت ڇا بڻجي چڪي هئي ۽ ڪيريڪٽر ڪهڙي سانچي ۾ ڍلجي چڪو هو.

(6) ان جي گردو پيش جون حالتون ڪهڙيون هيون؟ انهن حالتن جون تقاضائون ڇا هيون؟ هن جيڪو قدم کنيو، آيا ان جو مقصد ملڪي ۽ عمومي ڀلائي هئي يا ذاتي مطلب بر آري؟ ان مان عقل ۽ حڪمت عملي جي پختگي ۽ شائستگي جو ثبوت ملي ٿو، يا تڪڙائي، جذباتيت ۽ ڇڇورپ جو؟

(7) سندس ڪارگذاري مدبرانہ ۽ بالغ نظريءَ ۽ دوراندیشي تي مبني هئي يا الهڙپڻي ۽ ٻاراڻيءَ چلولائي تي.

* * *

خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي ڪارگذارين کي آءٌ انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

سندس پهريون ديدار، هن خاڪسار کي 1923ع ڌاري حاصل ٿيو. آءٌ پنهنجي ڳوٺ ڀهمڻ ۾ هوس. منجهند ڌاري هارمونيم جي "پريڪٽس" پئي ڪيم. وڏا گهر ۾ موجود ڪو نہ هئا. اوچتو هڪ تعليم يافتہ نوجوان(مون کان عمر ۾ ڪجهہ وڏو) اندر لنگهي آيو[1]. ساڻس گڏ اسان جو هڪ دوست مرحوم پير محمد کهڙو بہ هو. پير محمد تعارف ڪرايو، ته: "هيءُ ميستر محمد ايوب خان آهي، وڏيري شاهہ محمد خان جو پٽ آهي. سندس والد جي تازي قضئي بعد سندس جاءِ وَرتي اٿائين. ڪراچيءَ مان انگريزي گٽ مٽ پڙهي آيو آهي. بمبئي ڪائونسل جي چونڊن ۾ اميدوار آهي. مان سفارشي بڻجي آيو آهيان تہ تون پنهنجن بزرگن کي عرض ڪري ووٽن ۾ سندس مدد ڪراءِ."

---

[1] حُليو هي هوس: قد وچولو، بُت لاتجو، منهن ڊگهيرو، جنهن جي نسبت سان ڪَن ڪجهہ وڏا ٿي لڳا. ڏاڙهي ڪوڙيل، مڇان مختصر، لباس: قميص، شلوار ۽ انگريز ڪٽ جو ڪوٽ.

کهڙن جي خاندان سان اسان جو تعلق رهيو هو. ڪڇي جي علائقي جا وڏا زميندار هئا. محمد ايوب جو والد شاهه محمد خان (مرحوم) پنهنجي ڪفايت شعاري ڪري ڏاڍو مشهور هو. تنهن ڪري اڪثر ڪچهرين ۾ سندس باري ۾ ماٺهو قصا ۽ ڏند ڪٿائون مزي سان بيان ڪندا رهندا هئا. سندس پاءُ جان محمد خان(مرحوم) اسان وٽ ايندو ويندو هو. هر ڀيري ڳاڙهي رومال[1] مان پنج روپيا چوڙي مون کي خرچيءَ طور ڏيندو هو. جنهن ڪري منهنجيءَ دل ۾ سندس لاءِ خاص عزت هوندي هئي. هو پاڻ ته ان وچ ۾ گذاري ويو هو. پر اڄ جو سندس ڀائٽيو مون وٽ لنگهي آيو هو. تنهن جو لحاظ رکڻ مون لازمي ڄاتو. ساڻس وعدو ڪيم ته آءٌ اهڙو بندوبست ڪندس جو اسان جي گهر مان پاڻ ته ڪو اميدوار ڪونه بيهندو. پر سڀ گڏجي سندس مدد ڪنداسين. مون پنهنجو وعدو پاڙيو. محمد ايوب خان، حاجي امير علي خان لاهوريءَ(مرحوم) کي ڪيرائي، ميمبر چونڊجي ويو(2). منهنجو شڪريو خط جي ذريعي ادا ڪيائين.

مسٽر کهڙي، اُنهن ڏينهن، لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ وڏو بنگلو نهرائي اُتي رهڻ شروع ڪيو هو. چونڊ جي دوران ۾ ضلعي جي ڪيترن هلنديءَ وارن ماڻهن سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي چڪي هئي، اُهي هينئر مستقل طور ساڻس لهه وچڙ جاري رکڻ لڳا. پاڻ ڪن چونڊ دوستن کي تڪي توري ڪڏهن ڪڏهن ماني به کارائي ڇڏيندو هو.

خلافت تحريڪ ڪري مسلمانن ۾ 1919ع کان ڪجهه سجاڳي پيدا ٿيڻ لڳي هئي. 1922ع ڌاري اها تحريڪ خود ته هڏڪين ۾ پئجي ويئي هئي، پر سندس آندل سجاڳيءَ جون چاڙون پوءِ به وڌنديون ۽ پکڙنديون ٿي رهيون.

مثلاً، سنڌ جي مسلمانن ۾، خاص طرح سان پڙهيل لکيل طبقي ۾، اهو احساس پيدا ٿي چڪو هو ته هندن جي هٻڇ ۽ انگريز حڪومت جي بيپرواهي ڪري، نوڪرين خواهه ٻين معاملن ۾ سنڌن حق تلفي ٿيندي رهي آهي، جنهن جو هينئر ڪو تدارڪ ٿيڻ کپي. سنڌن اها شڪايت بيجا نه هئي.

[1] انهن ڏينهن ۾ جيڪي وڏا ماڻهو ناس ڏيندا هئا، سي موڪرو ڳاڙهو رومال ڪلهي تي رکندا هئا، جيئن ناس جي گگ سنگهه ان ۾ لڪي وڃي. رومال جي هڪ ڪنڊ ۾ روپيا ۽ ٻيءَ ڪنڊ ۾ چانديءَ جي ڏند - ڪوٽڻي ۽ ڪَن - ڪوٽڻيَ ٻڌي ڇڏيندا هئا.

[2] ان زماني ۾ لاڙڪاڻو ۽ دادو هڪ ضلعي ۾ شامل هئا. ڪُل ٻه ميمبر چونڊيا هئا. ٻيا به ميمبر شاهنواز خان ڀٽو(مرحوم) ۽ خانصاحب ڪريم بخش خان جتوئي منتخب ٿيا.

سنڌ انهن ڏينهن ۾ بمبئي سان ڳنڍيل هوندي هئي. بمبئيءَ ۾ اڪثريت هندن جي هئي. مسلمانن جي ڀيٽ ۾ هندو شروع کان وڌيڪ سجاڳ رهيا هئا، جنهن ڪري سياسي خواه مالي لحاظ سان، هو مسلمانن کان گهڻو اڳتي وڌيل هئا. هندوستان ۾ نوان سڌارا (جن کي مانٽيگو چيمسفورڊ آئيني سڌارا سڏيو ويو ٿي) 1920ع ۾ آيا هئا. بمبئيءَ جي صوبائي ڪائونسل جون چونڊون ساڳئي سال ٿيون هيون. سنڌ کي پندرهن ميمبر چونڊڻا هئا. جيڪي پندرهن چونڊيا، تن ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ انگريزي پڙهيل[1] کان سواءِ، باقي سڀ پراڻي خيال جا وڏيرا هئا. سنڌي چوڻي مطابق "هر ميران رعيت"، ڪن جي تعليم ته "الف انب، ب بلا" تائين به ڪانه هئي.

* * *

مناسب آهي ته هن منزل تي ٻڌائجي ته جنهن وڏيرڪي (فيوڊل) سوسائٽي يا ماحول ۾ اِن نوجوان مسٽر کهڙي جي پيدائش ۽ ابتدائي پرورش ٿيل هئي، تنهن جو عام حال ڇا هو؟ سنڌ جي وڏيرڪي يا زميند اري - جاگيرداري (Feudal) سوسائٽي (جيڪا صدين کان هلندي ٿي آئي) جي ذهني بناوٽ ڪجهه نياري قسم جي هئي. مثلاً:

(1) تعليم سان چاهه ڪونه. نئين تعليم لاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ وڃڻ کي اجائي زحمت ٿي سمجهيو ويو.

(2) اخبارون ڪڍڻ، اِخبارن جي مدد ڪرڻ يا اخبارون وٺڻ ۽ پڙهڻ سندن نظر ۾ واهيات ۽ نيچپائي جو ڪم هو [2]. سندن عقيدو هو ته "اڪبارون" (اخبارن) ۾ ڪوڙ بدوڙ ٿئي ٿو ۽ "اڪبارون" بڪيا، سُيا، "گَلاخور" ۽ چندن تي گذر ڪندڙ پينو ڪدين ٿا، جن کي "سفيد پوش لنگها" سمجهڻ گهرجي. اڳئين زماني ۾ دُهل تي پڙها ڏيڻ لنگهن جو ڪم هوندو هو. انگريز جي آئي کان پوءِ هينئر اخبارن وارا لنگهن واري ڪم کي جُنبي ويل آهن. سرڪاري ڪمن ۾ اجايو دخل پيا ڏين ۽ ماڻهن (آفيسرن) جون اجايون سجايون گلائون پيا لــکن، تنهن ڪري انهن کي ڏڪارڻ گهرجي. جيڪڏهن اتفاقاً ڪو اهڙو "گلاخور" چندي وٺڻ لاءِ سر تي اچي چڙهي ته گارين جي پوُ کان ان کي ٻه - ٽي روپيا ڏيئي مڪڻ سان ماني ڪارائي چلتو ڪري ڇڏجي.

---

[1] سر غلام حسين هدايت الله (مرحوم) چونڊجڻ شرط وزير ٿيڻجي بمبئيءَ ۾ ويهي رهيو هو. شاهنواز خان ڀٽو (مرحوم) ڪائونسل جي سمورن ميمبرن جي پارٽيءَ جو اڳواڻ ٿيو، جنهن ڪري سنڌس ذمه داريون وڌي ويون هيون.

[2] راڻي وڪٽوريا جي دؤر کان اڳ جي انگلنڊ ۾ به اخبار وارن لاءِ ماڻهن جو ساڳيو خيال هو. (هلندڙ)

(3) عزت جو لائق صرف پيسي وارو ماڻهو ٿئي ٿو. جيڏو پيسو، اوڏي عزت. جنهن وٽ پيسو ڪو نه آهي، سو ذڪار جي لائق ٿئي ٿو.

(4) پاڻ کان ڏاڍي اڳيان ننگون نيڙي پوڻ. پاڻئون هيٺي تي ڪا کهل نه ڪرڻ. ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ لاءِ سڻي ۾ سنو رستو آهي. پنهنجي تعلقي جي مختيارڪار جي مهرباني سياڳ جي نشاني. صوبيدار جي سچٽائي ته سڀ سٺائي!

(5) قوم ۽ ملڪ ڪا شئي ڪانه آهن. انهن جي معاملي ۾ ڪاهي پوڻ، يا انهن لاءِ ڪا قرباني ڪرڻ، نادانن ۽ "قشادي) (فسادي) ماڻهن جو ڌنڌو آهي. مذهب وڌ ۾ وڌ ايترو لهڻو ته هڪ مسجد ٺهرائي ڇڏجي ۽ جيڪڏهن عادت پئجي وڃي ته روزو نماز به ڪجي، پر گهڻو ڪري پير سنائي ۾.

(6) سياست ۾ دخل ڏيڻ جو موقعو ملي ته مدنظر ڪرسي ۽ پاور هجي، اصول ندارد. پارٽي فقط وقتي فائدي وٺڻ ۽ مٿي چڙهڻ جو وسيلو!

(7)ٻاهرين دنيا سان لهه وچڙ نه رکجي، سنڌ کان ٻاهر وک نه وجهجي.

(8)ضد، حسد، مسهائپ، هَٽُ، چُغلي.

(9) ڪا ڪرسي ملي وڃي، يا پاور سان پاسو لڳي ته هوش مان نڪري وڃجي، وڻ گهوڙو نه ٻڌجي، فرعون جهڙي ڏِک ڏجي، ۽ ائين ڀائنجي تہ سارو جڳ "جي حضور" چوڻ ۽ هٿ ٻڌي حڪم مڃڻ لاءِ جڙيو آهي. ڪو نياڳو نابري واري يا رستو روڪي ته ان کي نگهوسار ڪري ڇڏجي.

(10) اها ڪوشش هجي ته هارين نارين ۽ ڇٽن ڇنوڙن جا پٽ نہ پڙهن، نه ڪَر ڪٽڻ جي لائق ٿجن، ٻي صورت ۾ راڄ اندر"ٻڳاڳي"(بغاغي) مچڻ جو امڪان پيدا ٿيندو.

* * *

اهو هو عام ماحول، جنهن ۾ وڏيرڪا ٻار ڄمندا ۽ پلندا هئا. منهنجو تجربو آهي ته انهن حالتن جي پيداوار کي ڪيترو به پڙهائجي، دنيا جو ڪيترو به سير سفر ڪرائجي، ٻل بالشسٽر ٿجرائجي، نيچ نئين فيشن جي پوشاڪ ڪوٽ پتلون پهرائجي، پر جڏهن عملي زندگيءَ ۾ پير پائيندا تہ ڪيترين ڳالهين ۾ "ساڳي ماني ساڳ سان" پئي لڳندي. پنهنجي مٿي هو ڪيتري بہ ڪوشش ڪن ته پيدائشي ماحول جي اثرن کان پاڻ کي آجو ڪن، ۽ ان ڪوشش ۾ هو ڪيتري قدر به ڪامياب ٿيو نه ٿين، پر ڪنهن لہ ڪنهن منزل تي، ۽

سندن ڪنهن نہ ڪنهن غير اختياري ادا يا ڪم مان، ضرور اهو پتو پيو پوندو تہ سندن اصليت ڪين پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي آهي ۽ ابتدائي اثر سندن مٿي مان مينجي ڪو نہ ويل آهن. فارسيءَ واري چيو آهي تہ:

عــاقبت گـــرگ زاد گـــرگ شـــود،
گرچـــہ بـــا آدمـــي بـــزرگ شـــود.

ان سان گڏ هيءُ ويچار بہ ذهن ۾ رکڻو آهي تہ اها ويڌن فقط سنڌ جي وڏيرڪين خاندانن سان ڪا نہ هئي، هر ملڪ کي ان دور مان لنگهڻو پئي پيو آهي. سورهينءَ کان وٺي اٺويهين صديءَ تائين يورپ جي هاٽوڪن "سڌريل" ملڪن ۾ ڇا پئي ٿيندو رهيو؟ هندستان اندر دهليءَ، لکنو، بنگال ۽ دکن جي درٻارين هيٺ ڪهڙو حال هو؟ انقلاب کان اڳ چين ۾ ڇا پئي وهيو واپريو؟ جنهن جنهن ملڪ ۾ فيوڊل يا زميندار - جاگيرداري نظام پئي رهيو آهي، اُتي مٿاهين طبقي جي ماڻهن جي ساڳي سوچ ۽ هڪ جهڙي هلت پئي رهي آهي. ان ڳالهہ تي حيرت بہ نہ هجڻ گهرجي. انساني سوچ کي ترقيءَ جي آخري منزل جي ڳولا ۾ روشني جي راهہ تي هلندي پين بہ ڪيترين ئي ارتقائي منزلن وٽان لنگهڻو پيو آهي. سنڌ جي فيوڊل فڪر جي مٿي ذڪر ڪيل خاص انداز بہ ان سوچ جي سلسلي جي هڪ لازمي ڪَڙي هو، تنهن ڪري تاريخ جي طالب علم کي ان ڳالهہ تي دل ڪوسي نہ ڪرڻ گهرجي.

مسٽر کهڙي جي سياسي سفر جي چند ڇاڻ وقت اهو پس منظر يا حقيقت سامهون رکڻ ضروري آهي، ورنہ ڪنهن بہ صحيح نتيجي تي پهچي ڪو نہ سگهبو.

* * *

آءٌ مسٽر کهڙي جي باري ۾ ڪجهہ لکان، ان کان اڳ مون کي خود اهو قبول ڪرڻو پوي ٿو تہ ڪنهن حد تائين، آءٌ پاڻ ساڳئي ماحول جي پيداوار آهيان. ذاتي طرح مون ان ماحول مان نڪرڻ جي ڪيڏي بہ ڪوشش پئي ڪئي آهي، پر ان ۾ ڪاملاً ڪامياب ٿي ڪو نہ سگهيو آهيان. ڳاٽاٽي کان ٻاهر ڪتاب پڙهيا اٿم، گهڻي دنيا ۽ ان جون تهذيبون ڏٺيون اٿم، پنهنجي زماني جي وڏن مان وڏن ماڻهن سان، ملڪ اندر خواهہ ٻاهر، ملاقاتون ڪيون اٿم، ڪيترن خدا جي نيڪ ٻانهن سان بہ صحبت رهي اٿم، ڪيترن اختيار ۽ اهميت وارين حيثيتن ۾ پاڻ

ڪم ڪيو اٿم، پاڻ تي ڪنٽرول رکڻ جي بہ انساني حد تائين ڪوشش پئي ڪئي اٿم. سالن جا سال ٻاهرين ملڪن ۽ سوسائٽين جي وچ ۾ گذاريا اٿم، مگر اهڙيءَ هڙ حاصلات هوندي بہ اڄ پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسان ٿو تہ محسوس ٿئيم ٿو تہ مون کان ڪيتريون لغزشون اختياري ۽ غير اختياري، شعوري ۽ غير شعوري طور تي سرزد پئي ٿيون آهن، جن جو ڳُـر وجهي ان ماحول سان ملي ٿو، جنهن ۾ منهنجي پيدائش ۽ تربيت ٿيل هئي.

آءٌ پنهنجي ساري زندگي ويچار ڪندو رهيو آهيان تہ اسان جي فيوڊل سوسائٽي(جنهن جي هٿن ۾ صدين کان وٺي ماڻهن جي قيادت پئي رهي آهي) ۾ اهڙيون نفسياتي ڪمزوريون ۽ اخلاقي خرابيون ڇو پيدا ٿيون هيون.

* * *

هر ڳالهہ جو ڪونہ ڪو بنياد ٿئي ٿو، ڪونہ ڪو سبب ضرور ٿئي ٿو. اُن زماني جي ٻين معاشرن جي ڀيٽ ۾ اسان سنڌي مسلمانن جي متاهين معاشري جي ايتري قدر پستيءَ ۽ ان جي سوچ ۽ اخلاق جي ايتري قدر نيچپائيءَ جا ڪارڻ ڪهڙا ٿي سگهيا ٿي؟

آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ ڪارڻ هي ٿي سگهيا ٿي:

(1) هن علائقي جي جغرافي سندس وڏي ۾ وڏي دشمن ثابت ٿي. هي گويا ايشيا جو بيلجم هو[1] . بين الاقوامي ۽ بين المملڪتي شاهراهہ تي واقع هجڻ سببان هر فاتح يا ٻئي ملڪ جي شڪست خورده اسلح بند مفرور ڪي

---

(1) مصر، پولينڊ، ويٽنام، ڪوريا، فنلينڊ ۽ بالٽڪ رياستن جي تاريخ بہ گهڻ يا وڌ اهڙي پئي رهي آهي.

مصر جو ذڪر ڪندي، ول ڊيو رانٽ، آمريڪي مورخ، پنهنجي شهرهٔ آفاق ڪتاب "تمدن جي ڪهاڻيءَ" جي جلد 3 ۾ صفحي 498 تي هن طرح لکيو آهي:

"مصر تمام خوشحال ۽ مطمئن ملڪ هجڻ گهربو هو. ڇو تہ نہ فقط ان کي درياهہ نيل زندگي دوام پهچائيندو رهندو هو، پر ساري ميڊيٽيرنين علائقن ۾ هيءُ ئي ٽڪرو هو، جيڪو خوراڪ جي شين ۾ خود ڪفيل هو. اناج ۽ ميوا جام، سال ۾ ٽي فصل، هنرن ۾ لاثاني، سون ملڪن ڏانهن مال موڪليندو ٿي رهيو ۽ گهڻو ڪري خانہ جنگي کان بہ آجو ٿي رهيو. پر اهو ئي سبب هو، جو مورخ جوزيفز جي قول موجب: "مصرين کي سندن ساريءَ تاريخ اندر هڪ ڏينهن بہ آزاديءَ جو نصيب ڪو نہ ٿيو. سندن دولت ٻاهرين لاءِ حرص جو باعث بڻي، سندس پنهنجا ماڻهو آب و هوا جي خصوصيتن ڪري سست ٿي پيا ۽ سندن پنجاهہ صدين جي تاريخ اندر هڪ جي پٺيان ٻيو فاتح يا حاڪم جابر سندن گردن تي چڙهيو ويٺو رهيو آهي."

برٽن ۽ ايسٽوڪ جهڙن انگريز محققن سنڌ کي "ننڍي مصر" (Young Egypt) سڏيو آهي ۽ ان جي حالتن کي مصر جي حالتن سان مشابهت ڏني آهي.

پارت يا پارت کان پراهين ملڪ ڏانهن ويندي لازماً سنڌ کي لتاڙي منجهانئس لنگهڻو پئي پيو ۽ واٽ ويندي هو هن نماڻي علائقي کي تاراج ڪندو ٿي ويو. يورپ ۾ جيڪي به طاقتون پاڻ ۾ پئي وڙهيو آهن، يا رياستن جي سرحدن ۾ جيڪي به ڦير ڦاريون پئي ٿيون آهن ته انهن جو پهريون اثر بدقسمت بيلجم تي پئي پيو آهي. ساڳيءَ طرح يورپ ۽ ايشيا جي مقابلن ۽ تنازعن، يا خود ايشيا جي اندروني انقلابن ۽ بادشاهه گرڏين جو اثر لازمي طرح سنڌ جي علائقي تي پوندو پئي رهيو. اهڙين ڪاهن يا دخل اندازين جي خلاف مقامي مقابلي يا مدافعت جو ڪو سوال ڪو نه هو، ڇو ته هي علائقو جابلو ڪونه هو - ڪليل صحرائي ۽ ميداني علائقو هو، تلوار بند گهوڙي سوار هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين بنا روڪ، بنا جهل، ڊِڪو ڊوڙائيندو، ماريندو، ڏاريندو، لٽيندو ۽ ڦريندو، اُڪري وڃي ٿي سگهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هميشه لاءِ هت رهي به پئي پيو.

(2) 1947ع ۾ آزاد ٿيڻ کان اڳ هزارن سالن تائين اهڙيءَ لتڙ هينان رهڻ ڪري هتان جي ماڻهن مان مڙسي مري ويل هئي. احساس ڪمتري منجهن گهر ڪري ويو هو. غلام جو ڪو ڪيريڪٽر ڪونه ٿو ٿئي. منجهس بيشمار نفيساتي بيماريون پيدا ٿيو پون. مثلاً: عزت نفس، خودي، خودداري ۽ خوداعتماديءَ جو، وڏي ۾ وڏي پيماني تي، ختم ٿي وڃڻ. هونءَ به "جرم ضعيفي" جهڙوڪ ڪو جرم نه ٿو ٿئي. انهن ڪمزورين ۽ ڪوتاهين ڪري ئي سنڌ ۾ هيءَ چوڻي ٺهي ته "جيڪو واءُ لڳي، ان کي منهن ڏجي." اهڙي فلسفي ۾ اصول يا اخلاق جي گنجائش ڪا نه ٿي ٿئي.

(3) سنڌ اندر مڊل ڪلاس وجود ۾ اچي ڪونه سگهيو هو. هت يا وڏا جاگيردار، زميندار، سردار ۽ نواب هئا، يا مفلوڪ الحال هاري. يعني زردار يا بلڪل نادار. ٻنهي جي وچ ۾ ميلاپ يا سوچ جو رابطو ندارد. ترقي، علم ۽ سياسي سوچ جو حقيقي روح مڊل ڪلاس ٿئي ٿو، جيڪو اسان وٽ ٺهي ڪو نه سگهيو هو.

(4) مسلسل ناڪامين ۽ نامرادين جي اثر ڪري مٺائڻ ۽ ذهني طرح پاڻ کي رڌل رکڻ جي ارادي سان ماڻهن پيرن فقيرن طرف ايتريقدر لاڙو رکيو هو، جو دنيا جي معاملن تان دل کڄي ويل هئن.

(5) سنڌ جي شعر ۽ لٽريچر تي مايوسيءَ جو پهلو غالب رهيو[1].
ڪتابي لٽريچر جو وڏو حصو مذهبي عقائد جي اختلافن، تصوف ۽ تڪراري شرعي مسئلن جي نذر ٿيندو رهيو. سياست، اقتصاديات، معاشيات يا تاريخ تي ڪا معتبر تصنيف ماڻهن اڳيان ڪا نہ آندي ويئي. شعر ۾ بہ زياده تر اڳئين جهان جي معاملن تي زور رهيو. نئين زماني ۽ نئين دؤر جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ ۽ ترقي پذير دنيا سان پير پير سان ملائي هلائڻ جي باري ۾ اسان جي شعر يا لٽريچر مان ڪا مدد ملي ڪانہ ٿي سگهي. عشق عاشقيءَ جي ڏنڊي تي بيشڪ گهڻين اعليٰ شين جي تخليق ٿي، پر عشق عاشقي ساريءَ مخلوق جي پيشو ڪا نہ هئي. عاشق ۽ معشوق ٻنهي کي "ڪاروڪاري" ڪري مورڳو ماري ڇڏيندا هئا.

(6) سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ تائين سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليم، خصوصاً اعليٰ تعليم، قريب قريب، ندارد هئي. انگريزن جي اچڻ تائين تہ سنڌي رسم الخط جي ساخط بہ پوري ڪا نہ هئي. عورتون تقريباً سؤ فيصد جاهل، گهرن جو ماحول اونداهو، سهرا شادي بارادي تي، جهيڙا اٿندي ويهندي.

(7) روايتي تعليم، جيڪا پراڻن ملا مڪتبن ۾ عام طرح سان قديم زماني کان وني ڏني ٿي ويئي، سا ڪنهن حد تائين ماڻهن ۾ مايوسي ۽ پَسو کي وڌائيندي ۽ سندن حوصلا وڏيڪ پست ڪندي رهي. هر شئي مان خوف، حياتيءَ جي هر موڙ تي هڪ نہ هڪ اثرگر موجود، اٿندي ويهندي ڪو نہ ڪو خوفناڪ ٻُت سامهون، ننڍين ننڍين ڳالهين تي ٻنهي جهانن جي پسر تي وڃڻ جون پُلڪارون. ننڍي هوندي، منهنجي پنهنجي استاد مون کي يقين ڏياريو هو تہ ڏائڻيون، ديو ۽ پوت منهنجو پيرو ڪنيو ٿا وتن ۽ انهن کان بچڻ جو هڪ ئي علاج آهي تہ نر ڪڪڙ ڪُهي انهيءَ جي رت مان منهنجي چوڏاري سلامتيءَ جو ليڪو ڪڍيو وڃي. مون تي اهڙي دهشت ويهاري ڇڏيائين جو ڪيترن سالن تائين آءٌ جيڏانهن ويندو هئس تہ هر ڏهن قدمن کان پوءِ ڪنڌ ورائي پويان ڏسندو هئس تہ ڪا ڏائڻ يا ڪو ديو تہ منهنجي پٺيان ڪو نہ ٿو اچي!

(8) اسان جي فيوڊل سوسائٽي يا مٿئين طبقي جي معاشري ۾ سوچ جي اندازن جي تربيت يا تقويم اهڙي نفسياتي فضا هيٺ ٿيل هئي ۽ اِنڪري

---

[1] سنڌ جي شعر مايوسي ۽ حوصلہ شڪني جو اثر رکيو ٿي: فراق ۽ ڦوڙائو. هن جهان ۾ محرومي، اڳئين جهان لاءِ تياري.

جيڪي خرابيون منجهس جائيگر ٿيون، سي مختلف جزا هيون هڪ خاص مدافعتي حڪمت عملي(Defencc Strategy) جون. يعني ان سوسائٽي پاڻ کي مختلف شَرن ۽ خطرن کان محفوظ رکڻ خاطر اهڙا طريقا، هلت خواهه سوچ جا، اختيار ڪيا هئا. جيڪي اڄ اسان کي اخلاق يا انسانيت کان ڪِريل، وطن فروشي، خود غرضي ۽ تنگ نظري تي مبني نظر پيا اچن.

* * *

انهن سمورن اصولن، حقيقتن ۽ کهڙي صاحب جي زندگي کي - جيڪا منهنجين اکين اڳيان گذرندي رهي آهي - سامهون رکندي، آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ هو صاحب پنهنجي پيدائشي ماحول ۽ فيوڊل سوسائٽيءَ جي روايتن کان، ڪنهن حد تائين پري رهيو هو. سندس شخصيت گهٽ ۾ گهٽ نوي فيصد تائين اُنهن آلايشن ۽ ڪمزورين کان آجي ۽ صاف پئي رهي. ڪمزرين کان ڪاملتاً پاڪ تہ الله تعاليٰ جي ذات اقدس آهي، انسان ۾ ڪمزورين جو هجڻ فطري ڳالهہ آهي. هر شخصيت جا بہ پهلو ٿين ٿا - چڱو ۽ خراب، ڏسڻو هيءُ پوي ٿو تہ مجموعي طور انهن مان ڪهڙو پهلو متابلتاً نمايان رهيو. پسمانده ۽ نو آزاد ملڪن جي سياست، پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ گندو ڏنڌو ٿئي ٿي. ان ۾ رهندي مون کي ڪو بہ اهڙو ماڻهو اڄ تائين نظر ڪونہ آيو آهي، جنهن جي عمل جي باري ۾ انگشت نمائي جي ڪڏهن ڪا گنجائش پيدا نہ ٿي هجي. تنهن ڪري سياستدان جي خوبين ۽ خرابين جي تور تڪ ڪندي، تجزيہ ڪندڙ کي پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهڻ نہ گهرجي.

کهڙي صاحب جي مجموعي زندگي جون بعض خصوصيتون، منهنجيءَ نظر ۾، ناقابل انڪار هيون، مثلاً:

(1) سندس زندگي سنڌ جي ڪن وڏيرن واري ڪا نہ هئي. ڪُڪڙ يا ڪُتا ڪو نہ ويڙهايائين، چور ڪاتڪو ڪو نہ پاليائين، ڪچريون يا ڪبوتريون[1] ڪونہ نچارايائين، نشو پتو ڪو نہ ڪيائين، ڪنهن جو لوڙهو ڪونہ لتاڙيائين.

---

[1] ڪبوتريون نچڻيون هونديون هيون، جيڪي فصل جي موسم ۾، جڏهن وڏيرن وٽ پئسا هوندا هئا، قافلا ٺاهي ٻاهرين علائقن مان اچي سنڌ جو دورو ڪنديون هيون. ڪي ڪي وڏيرا مٿن چَڪن ٿي پوندا هئا. ڪن خاندانن ڪبوترين سان شاديون بہ ڪيون.

(2) پنهنجي سياسي دؤر اندر هو پهريون مسلمان ليڊر هو، جيڪو هندن، ڪامورن يا ٻئي ڪنهن طاقتور ڌر جي اثر يا دٻاءَ هيٺ نہ آيو ۽ شروع کان پسمانده سنڌي مسلمانن جي خدمت ڪندو رهيو. ٻيا ليڊر نازڪ موقعن تي ٻچاپڙيائي بہ ڪندا ٿي رهيا، پر کهڙي اهڙي منافقت ڪا نہ ڪئي. سنڌي ڳوناٺي چوڻيءَ موجب هو هڪ الله ڪري، ۽ يڪي دل يار سان لائي، سنڌ جي ڏتڙيل مسلمانن طرفان مقابلي جي هر ميدان ۾ مردانہ وار وڙهندو رهيو ۽ ان ڪاروبار جي دوران ۾ انتهائي همت سان هر قسم جا ذاتي ڏک سک برداشت ڪندو رهيو. 1924ع ۾ بمبئي ڪائونسل جي ميمبر چونڊجڻ کان وٺي سنڌ جي جدا ٿيڻ تائين سنڌ جي مسلمانن جي حقن (نوڪرين، سود خورن کان سنڌن زمينن بچائڻ وغيره) لاءِ هندن ۽ انگريزن جي ناراضگيءَ جي پرواهہ نہ ڪندي، ڪير وڙهندو پئي رهيو [1]؟ 1927ع کان وٺي پاڪستان ٺهڻ تائين سنڌ ۾ هڪ ٻئي پٺيان هندو مسلم فساد ٿيندا رهيا. انهن فسادن جي دوران ۾ سنڌ جي مسلمانن تي جيڪا ڀيڙا ايندي رهي، تنهن مان ڪين ڪڍڻ لاءِ، کهڙي کان سواءِ، ٻئي ڪهڙي سنڌي ليڊر کلي بيهي مسلمانن جي اڳواڻي ڪئي ۽ ان جي عيوض ۾ خود ڪوڙن مقدمن وغيره جون مصيبتون ڪاٽيون؟ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جي تحريڪ جو روح روان ڪير هو [2]؟ سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ منزلگاهہ ريسٽوريشن ڪاميٽيءَ، جنهن ستياگره جي تحريڪ هلائي، جو چيئرمين ڪير هو؟ سنڌ جي بدخو گورنر، ڊو، هندو ڪامورن ۽ ڪن خود غرضين جي گهايل مسلمان وزيرن جي سازش ڪري، مرحوم الله بخش جي قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڪنهن کي جيل ۾ وجهي ڦاهيءَ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي [3]؟ 1948ع ۾ ڪراچيءَ نہ ڏيڻ ڪري ڪنهن پنهنجي وزارت اعليٰ وڃائي ۽ پاڻ کي ڊسمس ڪرايو؟ ڪنهن کي سياست مان خارج ڪرڻ لاءِ "پروڊا" جو پهرين وار ٿيو؟ ڪنهن جي خلاف ڪوڙا، ڇپائيءَ جي ٽريڊل مشين ۽ سائيڪل جي چوريءَ جا ڪيس داخل ڪرائي ڪيس جيل جي سزا ڏيارائي وئي [4]؟ ٻئي

[1] بمبئي ڪائونسل جون سرڪاري طرح ڇپيل ڪارگذاريون 1924ع کان 1935ع تائين پڙهي ڏسجن.
[2] ڪجهہ تفصيل هن کان پوءِ ايندو.
[3] آخر ۾ ڪيس ڪوڙو ۽ جڙتو ثابت ٿيو.
[4] اپيل ۾ اهي ڪيس بہ ڪوڙا ثابت ٿيا.

کهڙي سنڌ جي سياسي ماڻهوءَ جي خلاف وِر ور ڪري ايترا پروڊا جا ڪيس داخل ڪرايا ويا، ڪير ڪرائيندو رهيو، ۽ ڇو؟ ايوب خان جي دؤر ۾ سڀ ڪان پهريون ڪهڙو وزير جيل داخل ٿيو؟ ڪنهن تي موٽر جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي، ان کي جيل جي سزا ڏياري، سي ڪلاس قيدي ڪري رکيو ويو؟ جن شرطن تي ون يونٽ ناهيو ويو هو[1]، انهن جي انحرافي ٿيندي ڏسي سنڌ جي ڪهڙي وزير استعفا ڏني ۽ ان ويساهه گهاتيءَ خلاف "اينٽي ون يونٽ فرنٽ" ناهيو؟ ڪهڙو سنڌ جو وزير يا سياستدان هو، جنهن شروع ڪان آخر تائين پنهنجي پارٽي نہ بدلائي (۽ ان ڪري وزيريون وڃائيندو رهيو) ۽ ڪڏهن بہ سجده سهو پري، پنهنجي اڳ ڪَئي جي باري ۾ اجايون سجايون تاويلون پيش ڪري، ماڻهن کي دوباره احمق بنائڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي؟

(3) سندس ذاتي زندگي نسبتاً صاف رهي.

(4) ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ دغا ٿيڻ جي عادت بلڪل ڪانہ هئس. جيڪي دل ۾ هوندس، سو منهن مان پيو بڪندس.

(5) ڪم ڪار جو مڙس ماڻهو. احسان ڪندو تہ ڪڏهن ياد نہ ڏياريندو. جيڪڏهن اڳلو سندس شڪريو ادا ڪندو تہ پاڻ کي لڄ پئي ايندس.

(6) پارليامينٽري بحث مباحثي ۾ سندس مقابلي جو ماڻهو سنڌ پيدا ڪو نہ ڪيو. 1924ع ڪان 1958ع تائين ڪائونسلن، اسيمبلين ۽ پارليامينٽ جو ميمبر رهيو. ان ساري عرصي اندر وڏن وڏن پارلياماني جهيڙن ۾ حصو ورتائين، پر سندس تقريرن جي دوران اهڙو ڪو لفظ ڪڏهن استعمال ڪو نہ ٿيو، جيڪو غير پارلياماني هجي يا جنهن کي واپس وٺڻو پيو هجيس يا جنهن کي ڪارگذارين مان حذف ڪيو ويو هجي. اهو معمولي ڪرتب ڪو نہ هو.

(7) سنڌ جي مسلمانن پاران سنڌي ۽ انگريزي اخبارون ڪڍرائيندو رهيو، جيئن مسلمانن جو پاسو پوريءَ طرح سامهون ايندو رهي.

(8) سنڌ جي مسلمانن کان اعليٰ تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. تعليمي ادارن جي واڌاري ۾ ذاتي دلچسپي ورتائين. ڪيترن نادار مسلمان شاگردن کي پنهنجي هڙان اسڪالرشپون ڏئي پڙهارائيندو رهيو.

---

[1] تفصيل هن ڪان پوءِ ايندو.

(9) انگريزن ۽ هندو عملدارن جي ڪڏهن پرواهه ڪا نه ڪيائين.

(10) الله تعاليٰ تي مڪمل ڀروسو هوس، تنهن ڪري ڪنهن وڏوڏاهين طاقتور ڪان ڪو نه ڊڄو، تهجد گذار، نمازي، روزه دار.

اهو هو تصوير جو هڪڙو رخ.

* * *

ٻيو رخ هيءُ هو:

(1) عوامي ليڊر ڪو نه هو. عوام جي طاقت ڪي اڀارڻ جا فائدا محسوس ڪري ڪو نه سگهندو هو. سندس رُخ سياست جي مٿينءَ سطح تائين محدود رهيو.

(2) انقلابي ليڊر ڪو نه هو. خيالي طرح ويهين صديءَ جي ڀهرئين ڏهاڪي جو سياستدان هو، جيئن گوکلي، فيروز شاهه مهتا، سر ابراهيم رحمت الله، سر فضل حسين، سر سڪندر حيات خان، صاحبزاده سر عبدالقيوم خان ۽ ٻيا ڪيترا انهيءَ دؤر جا "نرم دَر" جا اڳواڻ. پوئين زماني ۾ کهڙو صاحب پاڻ وقت سان گڏ وک رکي ڪو نه سگهيو ۽ وقت کيس پوئتي ڇڏي ويو.

(3) انتظامي ڪمن ۾ ٻرڪ هو. سندس انتظامي طريقا انگريزي ڍنگ جا هئا.

(4) تيز فهم يا سياست جي معاملن ۾ هرويرو دور انديش ڪو نه هو. سندس سوچ کي اونهائپ به ڪا نه هئي.

(5) ميل ميلاپ ۾ رکو ٻيو لڳندو هو ۽ انڪري ماڻهو کيس مغرور سمجهندا هئا. سندس رُکائپ جو سبب هيءَ به هو، جو هن جي ذهني تربيت ۾ مشرقي علوم جو گهڻو حصو ڪو نه هو، پنهنجي پيش نظر انگريز عملدارن جو نمونو رکيو هئائين. سنڌي "ڏاڙي باشي" يا مجلس آرائي ڪو نه ڄاڻندو هو. زندگي پهلودار ڪا نه هئس، منجهس رنگ روپ ڪو نه هو. شعر شاعري ۽ زندگيءَ جي لطيف پهلوئن يا حسيات لطيفه (Finer Feelings) جي پروڙ ڪا نه پيس. البته اخلاق ڪان ڪريل هلڪي گفتگو به ڪو نه ڪندو هو.

(6) دوست ٿورا ڪندو هو، پر جيڪي ڪندو هو، تن جو هر وقت خيال رکندو هو، جنهن ڪري سندس ڪن غلط دوستن جي حرڪتن جو سندس ناماچار تي به اثر پوندو رهيو.

(7) پنهنجي وقتي عهدي جي اهميت ضرورت کان زياده محسوس ڪندو هو، جنهن ڪري سندس شخصيت ۾ ڪشش ۽ جاذبيت جو عنصر مفقود ۽ حاڪميت جو عنصر غالب رهيو. جيڪي ماڻهو کيس چڱي طرح نہ سڃاڻندا هئا، سي سندس سوشل روش کي عهدي جي"خُنڪي" تي محمول ڪري ڪانئس پاسو ڪندا هئا.

(8) پنهنجي ذاتي ضرورتن کان ٻاهر، گهٽو ڪري، پيسي خرچ ڪرڻ جو عادي ڪو نہ هو، جنهن ڪري ماڻهو کيس ڪنجوس سمجهندا هئا، حالانڪ اها خصوصيت مون کي ان دؤر جي تقريباً سمورن وڏن سياستدانن ۾ سياسي عهدن ماڻيندڙن ۾ ڏسڻ ۾ آئي. ڪو بہ سياسي ماڻهو پنهنجا روپيا رستن تي هاريندو ڪو نہ ٿي وتيو.

* * *

جيتري قدر مون کي کهڙي صاحب جي اوائلي زندگيءَ جو پتو آهي، تہ ان تي خيرپور رياست جي وزير مرحوم شيخ محمد قادر جو ڪافي چڱو اثر پيو. شيخ صاحب کي مسلمان نوجوانن جي سرپرستي ۽ سياسي تربيت سان خاص دلچسپي هوندي هئي. کهڙو صاحب خيرپور رياست جي زميندار هجڻ ڪري سندس قريب رهيو. ان زماني جي مسلمانن جي سياست ڪن مقصدن تائين محدود رهندي هئي، مثلاً:

(1) مسلمانن کي تعليم ڏيارجي.

(2) کين سرڪاري نوڪريون وٺي ڏجن.

(3) هندو وياج خورن کان سنڌ جي مسلمان زميندارن جون زمينون ۽ ملڪيتون بچائجن.

(4) انگريزن جي دل وٺي کين مسلمانن جو طرفدار بنائجي.

(5) هندن جي سياست جو مقابلو ڪجي، اُن جي اڳيان هيٺي نہ ٻولجي.

اهي ئي مقصد هئا، جن جي حصول لاءِ شيخ قادر مرحوم جي زماني خواه ان کان پوءِ کهڙو صاحب بہ ڪم ڪندو رهيو. شيخ صاحب جي ڏينهن ۾ ٻہ نمايان ڪم ٿيا: يعني سکر مان سنڌ زميندار اخبار ڪڍرائي وئي، جنهن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر کهڙو صاحب بڻيو. ڪراچيءَ ۾ ٻهراڙيءَ جي مسلمان طالب علمن لاءِ ليسلي ولسن مسلم هاسٽل ٺهرائي وئي، جنهن کي هينئر جناح

هاسٽل سڏيو وڃي ٿو. ان هاسٽل لاءِ ساري رقم مسلمان زميندارن مان چندو ڪري گڏ ڪئي ويئي هئي. اصل اسڪيم هيءَ هئي تہ سکر ضلعي ۾ رُڪ ريلوي اسٽيشن جي پر ۾ سنڌ جي زميندارن جي پٽن لاءِ، لاهور جي ائچيسن ڪاليج جي نموني تي، هڪ وڏي تعليم گاه ٺاهي وڃي. مگر شيخ محمد قادر جي ان وچ ۾ بمبئي طرف بدلي ٿي وڃڻ ڪري ڪافي رقم گڏ ڪانہ ٿي سگهي، جيڪا گڏ ٿي، ان مان ڪراچيءَ ۾ هاسٽل کولڻ مناسب سمجهيو ويو.

*  *  *

1927ع ۾ هندو، مسلمانن کي زير ڪرڻ لاءِ بنہ لاهي پاهي بيهي رهيا هئا. پهريون فرقيوارانہ فساد لاڙڪاڻي ۾ ٿيو، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ ڪيترين جاين تي اچي چڪو آهي. مختصراً، مارچ مهيني ۾ ڪن مهاسيائي هندن هڪ مسلمان عورت ڪريمان کي ٻارن سوڌو ڀڄائي وڃي هندو ڌرم ۾ دخل ڪيو. مسلمانن هاءِ گهوڙا مچائي، مگر ڪنهن بہ سندن ڪا نہ ٻ ڌي. هندن جو اڳواڻ ديوان لالچند نولراءِ وڪيل هو. ڪليڪٽر مسلمان مسٽر حامد علي هو، ان ڏانهن وفد وني ويا. هن ڪين ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪليڪٽر جي بنگلي تان موٽندي، وفد ۾ شريڪ ڪن ڇوڪرن رستي تي هندن جي سگريٽن جي هڪ پڙيءَ مان زوريءَ ڪجهہ بيڙيون ماچيس ڪنيا. هندن ان واقعي کي هندو – مسلم فساد جو رنگ ڏنو. لاڙڪاڻي بلڪ ساريءَ سنڌ جا ڪامورا اڳ ۾ ئي هندو پروپيگنڊا جا ڏهڪايل هئا. ضلعي جي مسلمان ڪليڪٽر لاڙڪاڻي جي هندو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ روپچند کي "فسادين" خلاف "جوڳن قدمن" کڻڻ لاءِ مقرر ڪيو. روپچند "جوڳا قدم" هي ڪنيا، تہ رستي تي جيڪو بہ مسلمان نظر آيس، ان کي گرفتار ڪندو ويو. سوين مسلمان، بيگناهہ، پڪڙي جيل ۾ اماڻيائين. رات جو هندو وڪيلن سان ويهي انهن جي خلاف ڪوڙيون ثابتيون ٺاهيائين. ان وچ ۾ هندن محسوس ڪيو تہ جيستائين کهڙي کي بہ فسادن جي سلسلي ۾ ڦاسايو نہ ويو آهي، مسلمانن جي همت ڪا نہ ٽٽندي. کهڙي پهرين کان کُليءَ طرح مسلمانن جي مدد شروع ڪري ڏني هئي. ٻيا مقامي مسلمان ليڊر ۽ ميمبر تہ هندن جي خوف وچان گهرن ۾ لڪي پيا هئا، مگر کهڙي پنهنجو گهر مسلمان مظلومن لاءِ کولي رکيو هو. هو سندن پاران عملدارن سان بہ ملندو، ۽ ڪين روپچند جي ڪرتوتن ۽ غلط ڪارين کان

واقف ڪندو ٿي رهيو. هندن کي اها ڳالهہ ڪا نہ ٿي وڻي. کهڙي خلاف ڪيس ناهيائون تہ هن پنهنجيءَ اوطاق تي مسلمان گهرائي، اُتي لنگر چاڙهي، پُلاءَ ڪارائي، ڪين فساد ڪرڻ لاءِ شهر ڏانهن ٿي موڪليو. مطلب ٻنو هون: هڪ تہ لاڙڪاڻي شهر جي مظلوم مسلمانن جو اهو سهارو بہ وڃائجي ۽ ٻيو تہ کهڙي کي بہ اُسرندي ئي ختم ڪري ڇڏجي، ڇو تہ لاڙڪاڻي جي هندڪار ۾ اهو ئي هڪڙو مسلمان نوجوان نئين سر اُڀري رهيو هو، جيڪو ڪليو ڪلايو مسلمانن جو همدرد ۽ مددگار هو. لاڙڪاڻي جي شهر جو صوبيدار پوليس بہ رامنات نالي هڪ هندو هو، جنهن کهڙي خلاف ثابتين ناهڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪئي. بدقسمتيءَ سان ڪليڪٽر مسلمان ۽ خوش قسمتيءَ سان پوليس سپريڊنٽ هڪ انگريز ( بارڪر) هو. مسلمان ڪليڪٽر کي هندن اڳواڻ ٺونگا هڻي ڏيڇاري ڇڏيو هو، پر انگريز ڪمانيءَ تي اجا جادو ڪري ڪو نہ سگهيا هئا[1]. هندن جي پيدا ڪيل هيبت جي هيءَ ڪيفيت هئي جو ڪنهن بہ مهانڊي مسلمان کي همت ڪا نہ ٿي ٿي تہ هو گهر کان ٻاهر نڪري، مسلمانن طرفان ڪا پيروي ڪري سگهي. مسلمان ليڊر تہ ڇڏيو، پر مسلمان وڪيل بہ لِڪي پيا هئا، هو ڪنهن آفت زده مسلمان اصيل کي قانوني صلاح ڏيڻ لاءِ بہ تيار ڪو نہ هئا.

آءٌ پنهنجي ڳوٺڙي ٻهمڻ ۾ هوس. اسان جي ملازم حاجي خان محمد چني مرحوم اچي خبر ڪئي تہ لاڙڪاڻي ۾ هندن ۽ مسلمانن جو فساد ٿيو آهي. مون کان رهيو ڪو نہ ٿيو. آءٌ ٻپهرينءَ گاڏي ۾ چڙهي لاڙڪاڻي پهتس. لاڙڪاڻي اسٽيشن تي ٽانگي واري کي چيم تہ مون کي کهڙي جي بنگلي تائين پهچاءِ. هن جواب ڏنو تہ آءٌ کهڙي جي بنگلي تي ڪونہ هلندس، ڇو تہ اوڏانهن ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان پوليس پڇاڻو پئي ڪري. تنهن ڪري آءٌ پيادل کهڙي جي بنگلي تائين پهتس. در دروازا بند هئا. پٺئين پاسي کان ڏاڪڻ تي چڙهي مٿئين منزل تي پهتس، اُتي بہ در بند هئا. در ڪڙڪايم، نوڪر اچي دروازو کوليو. اندر کهڙو صاحب ۽ شيخ عبدالمجيد ويٺل هئا، ڪاغذ سامهون رکي پاڻ ۾ صلاح مصلحت پئي ڪيائون. مون کي بہ پاڻ سان گفتگو ۾ شريڪ ڪيائون. پهريون سوال هيءُ هو تہ فساد ٿئي کي چوويهہ ڪلاڪ گذري ويا آهن، ان وچ ۾، هندن طرفان تہ ڪافي مواد ڪراچي جي اخبارن کي (مسلمانن جي خلاف) پهچي چڪو هوندو،

---

[1] تنهن ڪري کهڙي صاحب کي سازش جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرائي نہ سگهيا.

مگر مسلمانن پاران اڃا تائين ڪا بہ پڙڪ ٻاهر ڪا نہ وڃي سگهي آهي. تارن ۾ ٽپال تي بندش آهي. ڪو بہ سربرآورده مقامي مسلمان بيان ڪڍڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهي. مون هام ڀري تہ آءٌ تو بيان ڪڍان ۽ اهو بہ بندوبست ڪريان تہ منهنجو بيان تار رستي ڪراچيءَ ۾ الوحيد اخبار کي پهچي. مون اُتي ويٺي بيان جو مسودو تيار ڪري ڪين ڏيڪاريو. اتان اٿي، مسودو کڻي، مرحوم ميان رحيم بخش ابڙي وڪيل وٽ پهتس. اُهو بہ در پوريو گهر ۾ لڪو پيو هو. مسودو ڪيس ڏيکاري ان جي قانوني پهلوئن تي ساڻس مشورو ڪيم. پريس تار آخري طرح تيار ڪري تار آفيس پهتس. خانصاحب محمد رمضان مرحوم روهڙي وارو پوسٽ ۽ تار آفيس جو وڏو ماستر هو. ڪيس مسلماني جو واسطو وجهي پرمايم تہ هو اها تار ڪراچي رواني ڪري. ڪجهہ گس گساءُ ڪان پوءِ پنهنجن هيٺين ڪان پڇيائين تہ تارن روڪڻ يا سنسر ڪرائڻ لاءِ لکت ۾ ڪو حڪم آيل آهي يا نہ؟ انهن ٻڌايس تہ ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ پاران شهر جو صوبيدار زباني طرح حڪم ڏئي ويو آهي، باقي لکت ۾ ڪجهہ ڪو نہ ڏنو اٿن. خانصاحب حڪم ڪيو تہ:"تار موڪلي ڏيو. جيڪو حڪم لکت ۾ ڪو نہ آهي، سو هوائي حڪم آهي."
منهنجو بيان ٻئي ڏينهن الوحيد اخبار ڪراچيءَ ۾ ڇپيو، جنهن ۾ مسلمانن جو طرف تفصيل سان بيان ٿيل هو. پر ان هوندي بہ سنڌ جي مسلمانن جي اک ڪا نہ کلي ۽ هنن ڪنهن زوردار رد عمل جو اظهار ڪونہ ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو پوري هڪ سال تائين کهڙو صاحب هندن جي مقدمن ۾ قاتل مسلمانن جي جند ڇڏائڻ لاءِ جَتن ڪندو رهيو. هيٺين ڪورٽ ۾ مرحوم مسٽر عبدالرحمان بارسٽر ڪراچيءَ واري ڪيس هلايو. مهينن جا پاند کهڙي صاحب وٽ مهمان طور رهيو پيو هو. سيشن ڪورٽ لاءِ لاهور جي انگريز بارسٽر بيون پيٽمن کي گهرايائين، جنهن جي في تي وڏي دولت خرچ ٿي. آخر ۾ انگريز سيشن جج هندن جي ڪيسن کي ڪوڙو ٺهرائي سمورن مسلمان جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو. پر کهڙي مٿان اها پيڙا تقريبن ٻارهن مهينا هلي - سنڌ جا ٻيا مسلمان ليڊر پري ڪان تماشو ڏسندا رهيا.

* * *

لاڙڪاڻي ۾ ناڪامياب ٿيڻ بعد هندن سکر ضلعي تي توجہ ڏنو، جتي هندو مهاسڀا جو گهڻو زور هو ۽ مهاشيہ ويرومل بيگراج (ايڊيٽر"سنڌي") ورهين ڪان ميدان تيار ڪندو رهيو هو. ويرومل منهن جو مٺو، اندر جو ڪوڙو

هو. مسلمانن سان "منهنجا پاءُ، منهنجا منڙا پائو" ڪري ڳالهائيندو هو، پر اندر ۾ سندن خلاف ڪات ڪهاڙا هوندا هئس. درجي بدرجي ۽ منزل بہ منزل، پنهنجي جاتيءَ ڪي مسلمانن سان ويڙهائڻ لاءِ منظم ڪندو رهيو هو. سکر جي مسلمانن ۾ سندس مقابلي جو ماڻهو ڪونہ هو. ضلعي جا وڏيرا پنهنجن شوقن شڪارن ۽ لوڪل بورڊ ۽ اسڪول بورڊ جي عهدن لاءِ جهٽين مارڻ ۾ مشغول ۽ شهر جا ابا هڪٻئي جي ڏاڙهين پٽڻ ۾ مصروف. مسلمان عوام جو واهي الله.

هندن جو پروگرام ظاهر هو. هنن سنڌ جي شهرن تي، پنهنجي اڪثريت جي آڌار تي، پهريان ئي قبضو ڪري ورتو هو، هينئر سندن منصوبو هو تہ ٻهراڙيءَ ۾ بہ مسلمانن کي فسادن ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي، ايتري قدر زير بار ۽ نستو بڻائين، جو هو پنهنجون زمينون قرضن ۾ ڪين وڪڻي[1] ڏين ۽ آئنده سندن غلام هاري ٿي رهن. سنڌ جي حڪومت جو هي حال هو جو هينئين انتظامي عهدن تي تہ سڏي طرح هندن جو پنهنجو قبضو هو ۽ مٿين عهدن تي لڳل انگريز بہ سندن طرفداريءَ لاءِ ٽن سببن ڪري مجبور هئا:

(1) سنڌ بمبئيءَ سان گڏ هئي، جت اڪثريت هندن جي هئي ۽ ان نسبت سان سنڌ جي هندن جو پُڇ ڊگهو ٿي نظر آين،

(2) حڪومت تي رعب وجهڻ لاءِ پروپيگنڊا جا سمورا ذريعا، مثلاً اخبارون ۽ سياسي تنظيمون سڀ هندن وٽ هئا.

(3) مسلمانن جي قيادت خود غرض، مردار، بلڪ مردود هئي. منجهس مقابلي جي قوت ۽ قربانين ڪرڻ جي اهليت ڪا نہ هئي. هنن جو عشق عهدن سان هو، جن جي خاطر هندن کي بہ راضي رکڻ ضروري ٿي سمجهيائون.

انهن ڏينهن ۾ ٿامس نالي هڪ پيدائشي مغرور انگريز سنڌ جو ڪمشنر[2] بڻجي آيو هو. هن هندن کي زنده ۽ سڌريل قوم ۽ مسلمانن کي اڌ مئل، ڪاٺڪو ۽ ذليل انبوهہ ٿي سمجهيو. هندن سندس ان ذهنيت جو فائدو

---

[1] سرڪاري انگن اکرن مان ظاهر هو تہ هو اڳ ۾ ئي چاليهہ سيڪڙو مسلمانن جون زمينون ڳڙڪائي ويا هئا ۽ وڌيڪ ويهہ سيڪڙو وٽن گروي پيل هيون. اها ڪار گذاري ويهن سالن اندر ٿي چڪي هئي.

[2] 1910ع تائين سنڌ ۾ چڱا ماڻهو ڪمشنر ٿي ايندا رهيا، جن ۾ سر بارٽل فريئر جهڙا حد درجي جا نيڪ نام انگريز بہ هئا. 1920ع تائين وچولي درجي جا چڱا مڙس آيا. 1920ع کان پوءِ جيڪي انگريز ڪمشنر آيا، سي گهڻو ڪري مغرور، غير همدرد ۽ ذليل ذهنيت جا ماڻهو هئا، جن کي نہ سنڌ جي ماڻهن لاءِ عزت هئي ۽ نہ سنڌ جي ماڻهن کي سندن لاءِ. ان سلسلي جي پوئين ڪڙي گبسن نالي مسخرو هو.

ونـي ٻهراڙيءَ جي واڻين کي هٿياربند ڪرڻ جي تحريڪ هلائي. هزارن مُـهين بندوقن، رائفلن ۽ ريوالورن جا ليسن کين ڏنا ويا. هنـن هٿيـارن سان گڏ لکيـن ڪارتوس بہ ونـي پاڻ وٽ رکيا ۽ هٿيارن هلائڻ جي ٽريننـگ ونـڻ لڳا. منجهن عام اثر هو تہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو ڇٽ پنهنجيءَ لٺ مان بندوق جو ڪـم ونـي سگهي ٿـو، تنهن ڪري هنـن وڏن خواه ننڍن وڏن شـهرن ۾ ڪسـرت شـالائون کولي، هندو نوجوانن کي لٺ بازيءَ جي سکيا ڏيارڻ شروع ڪئـي. شـڪارپور ۽ سکر ۾ ان ڪم لاءِ وڏا آکاڙا کوليا هئائون. صبح ويلي تلها متارا جوان هندو، جن کي "وِيرن" سڏيندا هئا، پـنين ۽ ڏوڙن کي تيـل سـان سُــونڙائي، لنيـون لهرائيندا، آکاڙن ڏانهن پيا ويندا هئا. اُتي جسماني ڪرتبن ڪرڻ کـان پوءِ پهـر سج واپس وري، ساڳين رستن تان پيا ويندا هئا. رستي تي ڪو مسلمان هيڪلو سامهون اچي وينـدو هـون تـہ ان سان مسخريون ڪندا هئا ۽ بنهہ ڪمزور نظر ايندن تـہ ان کي بہ - ٽي چوڪون لٺ جون بـہ ڏئـي ڪـڍندا هئا. سـکر جـو واقعـو آهي: هڪڙي صبح جو "وِيرن" جو هـڪ ٽولو نئيـن سـکر مـان پراڻي سـکر جي آکاڙي ڏانهن وڃي رهيو هو. ساڳئي رستي تان تعليم کاتي جـو هـڪ آفيسـر بـہ تسبيح سوريندو، گهٽـو ڪـري هـر صبح پراڻي سکر وينـدو رهنـدو هـو. ڏاڙهـي وڏي، مٿي تي اچڙي ٽوپـي، سـٿڻ مُــرن کـان مٿـي. فجر جي نماز جيئـي شـاهہ سائين جي مسجد ۾ پڙهي نئين سکر موٽندو هو. ٽڪر تي پراڻي منگل باغ جي پر ۾ "وِيرن" جي هٿ چڙهي ويو. مٿس لنين سان حملو ڪري ڏنائون، پـر لنيـون هنيائونس ڪـو نـہ، صرف لنيـون ڏيکـاريندا ۽ اُلرون ڪندا رهـس. "هـان، ميـان مُـشلا[1]، هٽي ڪيؤنءِ لٺ، تـہ جيڪر شا(چا) ڪرين؟" هـڪ "وِيـر" ٻئـي "وِيـر" کي چيو:"لٺ هٽينس، پر لُـهو(رت) نـہ ڪـڍينس." اڳلي جواب ڏنس:"پوءِ ڪتـي لٺ هٽانس؟" ان تي وِيرن جو پاڻ ۾ بحث ٿيندو رهيو. ڪو چوي ڏاڙهـيءَ ۾ لـٺ هٽونس، ڪنهن جي راءِ ٿي تـہ پيٽ يا وِيهڪ جي جاءِ تي روگهر ڏيوس، پـر آخر تـائين اهـو فيصلو ٿـي نـہ سـگهيو. ان وچ ۾ آفيسـر صـاحب "گهـل ڦـر" ڪنـدو، منگل باَغ ۾ ٽپي پيو. اُت بينچان پيـل هيـون. هـڪ بينـچ هيـنـان گهـڙي سنئون نئون ٿي ليٽي پيو. بينـچ کي چـوڌاري "وِيـر" وري ويـا. هـن کي هڪلـون ڪنـدا رهيا: "مـُشلا، مڙس آهين تـہ ٻاهر نڪر." پر مـُشلو ٻاهر ڪو نہ ٿي نڪتـو، لـٺ

---

[1] هندو نفرت وچان مسلمان کي "مـُسلو" يا "مـُشلو" سڏيندا هئا.

هٿڻ جو وارو ويرن کي ڪو نہ ٿي لڳو. ان لُٽ مانداڻ تي باغ جا مالهي مڙي آيا. وِيرن کي سمجهايائون تہ "مسلمان بينچ جي هيٺان ليٽي آڻ مجي آهي، هاڻي هن کي ڪري جيءَ دان ڏيو." مالهين[1] جي ان طرح وچ ۾ پوڻ ڪري، معاملو ٽري ويو. آفيسر کي ٻاهر ڪڍي، ٽانگي ۾ ويهاري، گهر روانو ڪري ڇڏيائون ۽ "وِير" پنهنجي ڪاميابيءَ تي گدگد نچندا ٽپندا ڊاڙون هڻندا هليا ويا. ظاهر آهي تہ آفيسر صاحب لنين ڪان ان ڪري بچي ويو جو "ويّرن" کي سندن استادن اجا تائين اهو نہ سيکاريو هو تہ ڪهڙي عضوي تي لٺ هڻجي، جيئن ايذاءُ بہ پهچي ۽ ساڳئي وقت لهُو بہ نہ نڪري.

آءُ متي ٻڌائي چڪو آهيان تہ شهرن خواه ٻهراڙيءَ جي هندن ڪمشنر صاحب جي سرڪار کان ليسن وٺي هزارين هٿيار خريد ڪري پاڻ وٽ رکيا هئا. هٿيارن جي گهڻ ايتريقدر تي وئي، جو رستن سان ريل گاڏين ۾ ورلي ڪو وراڻيو نظر ايندو هو، جنهن جي هٿ ۾ بندوق ۽ ڪلهي ۾ ڪارتوسن جو پٽو نہ هوندو هو.

پر هندو بندوق هٿڻ اجا ڪونہ سکيا هئا. هڪ واقعو ٻڌو: روهڙي تعلقي جي منڊي دائري ڳوٺ ۾ هندن ۽ مسلمانن جو ٽنٽو ٿيو. ڳوٺ جو مُکي بندوق کڻي، ڪارتوسن جو پٽو ڳچيءَ ۾ وجهي، ڪوٺي تي چڙهي ويهي رهيو. مسلمانن جو هڪ ٽولو هيٺان اچي لنگهيو. مُکيءَ کي بندوق سان مسلح ڪوٺي تي يلغارون ڪندو ڏسي، پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳا تہ مقابلو ڪجي يا مورڳو اتان پيچي نڪرجي. آخر صلاح بيني تہ اڳتي وڌي جوءِ جو واءُ سواءُ لهجي. ڪوٺي هيٺان اچي واڪو ڪري مُکيءَ کي چيائون: "ڦٽي ڪر هيٺ بندوق، نہ تہ هٿونءِ ٿا موچڙو."

مکي صاحب وراڻي ڏني تہ "مشلمان شائين، بندوق تہ هيٺ اڇلايان، پر پڇي پوندي!"

مسلمان: "ڏوتي ڇوڙي، ان ۾ بندوق ٻڌي، هيٺ ڪري ڏي."

مکي صاحب هدايت تي عمل ڪيو. بندوق ڏوتيءَ سميت مسلمانن وٽ اچي پهتي. ان کان پوءِ ڪارتوسن وارو پٽو بہ گهريائونس، جيڪو پڻ اڇلائي ڏنائين. ان کان پوءِ مسلمان بندوق ۽ ڪارتوس کڻي رمندا رهيا.

---

[1] مالهي خود پوربيا هندو هئا.

اهو سچو واقعو هو، جيڪو سرڪاري ريڪارڊ تي بہ اڃي چڪو هو. سکر جي ڪليڪٽر ان واقعي جي آڌار تي ڪمشنر ڏانهن رپورٽ موڪلي هئي تہ "هندن جا اِهي حال آهن. جيڪي هٿيار وٽن آهن، سي بہ گويا مسلمانن جي قبضي ۾ آهن، تنهن ڪري هندن کي وڌيڪ هٿيارن جي ليسنن ڏيڻ ۾ فراخدلي نہ ڏيکاري وڃي[1] "

توڙي جو بندوقون هلائڻ اڃا هندن کي ڪو نہ ٿي آيون، پر بندوقن جو ڏيکاءُ ۽ سندن عام اڳرايون مسلمانن کي جوش ڏيارڻ ۽ ٻنهي فرقن جي وچ ۾ بدمزگي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿي ثابت ٿيون. وڏن شهرن جي حالت ٿوري مختلف هئي. اُت هندو اڪثريت ۾ هئا، تنهن ڪري سندن زور هو. هنن هندن جي پاڙن ۾ پٽرن جا ڍير ۽ پنهنجن ڪوٺن مٿان سوڍا جي ٻاٽلين جا انبار گڏ ڪري رکيا هئا. جڏهن مستيءَ ۾ ٿي آيا تہ گهٽين مان لنگهندڙ مسلمان واٽهڙن تي پٽرن ۽ سوڍا جي ٻاٽلين جا وسڪارا ڪري ٿي ڏنائون.

لاڙڪاڻي واري ڪيس مان مسلمان جوابدار بيگناهہ ثابت ٿي 1928ع جي پڇاڙيءَ ۾ اڃا مس آزاد ٿيا تہ هندن، ان شڪست جي بدلي وٺڻ لاءِ، سکر ضلعي ۾ فسادن جي شروعات ڪري ڏني. 1929ع کان 1931ع تائين ضلعي جي ڪيترن تعلقن ۾ اِهي فساد هلندا رهيا. هندن جي حڪمت عملي هيءَ هئي تہ پهريان اشتعال پيدا ڪجي، ان کان پوءِ مسلمانن سان فساد ڪجي ۽ فساد کان پوءِ ڪوڙن مقدمن ۽ اخبار پروپيگنڊا جي ٻاهہ ٻاري ڏجي. اقليتن جو گهٽو ڪري هر هنڌ اهو ئي طريقو (اڪثريت کي دهشت زده ڪري فائدن وٺڻ جو) ڏسڻ ۾ پئي آيو. سنڌ جي هندن ڪا نياري ڳالهہ ڪا نہ ٿي ڪئي. پر ان جي معنيٰ اِها نہ هئي تہ سنڌ جي اڪثريت طرفان رد عمل جو اظهار نہ ٿئي.

* * *

چنانچہ، لاڙڪاڻي کان پوءِ سکر جي مسلمانن جون آهون ۽ دانهون ٻڌي، کهڙي صاحب اوڏانهن بہ رخ رکيو..

مئي 1929ع ۾ مون کي "سنڌ زميندار" اخبار جو ايڊيٽر مقرر ڪري سکر موڪليائين تہ آءٌ اخبار جي وسيلي مسلمانن جي مدد ڪندو رهان. پاڻ بہ سکر اچي،

[1] جيڪڏهن سنڌ جي جدائي سنت عمل ۾ نہ اچي ها تہ چند سالن اندر هندو هٿيار هلائڻ بہ سکي پون ها ۽ پاهراڙيءَ جي مسلمانن جو رت سڪائي ڇڏين ها.

ضلعي جي مسلمانن جي هڪ ڪاميٽي ناهيائين، جنهن جو مقصد هيءُ مقرر ٿيو ته مسلمانن جي امداد ڪري، سندن پاران پروپيگنڊا هلائي، مقدمن ۾ قاتل مسلمانن جي قانوني مدد ڪري ۽ چندو گڏ ڪري، مصيبت زده گهراڻن کي فوري سهائتا پهچائي. ڪاميٽي جي اعلان ٿيندي ئي هندن اهڙي هاءِ گهوڙا مچائي جو ڪاميٽي جا ميمبر سڀ پٺي ويا، فقط هڪ کهڙو صاحب رهجي ويو ۽ ان جا ٻه "آڙي ڪاف": هڪڙو آغا نظر علي خان مرحوم ۽ ٻيو آءٌ. ان کان پوءِ سکر ضلعي جي مسلمان عوام جي دستگيري جو سارو بار کهڙو صاحب کڻي ٻيهي رهيو. هندن سندس خلاف وڏو طوفان برپا ڪيو، پر پاڻ ٻنهه ڪو نه ڏٺو. جيڪو قدم ٿي کنيائين، سو اڳتي پٺي پيو.

ان طوفان جي دوران ۾ کهڙو صاحب ۽ آءٌ 1930ع جي وچ ڌاري ڪراچيءَ آياسون. صدر اسٽيشن جي پر ۾ ان زماني جي مشهور انگريزي هوٽل ڪارلٽن ۾ رهياسين. شام جو خبر آئي ته سنڌ جي ڪمشنر فيصلو ڪيو آهي ته سکر ضلعي جي هندن جي شڪايتن جي بنياد تي کهڙي صاحب کي 107 قلم هيٺ ڦاسائجي. سنڌ جو ڪمشنر ٿامس هو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.

رات جو ڊنر کان پوءِ کهڙو صاحب ۽ آءٌ هوٽل جي اڱر ۾ لان تي چهل قدمي ڪري رهيا هئاسين.

کهڙي صاحب چيو: "راشدي، هاڻي ته ڏاڍو تنگ ٿي پيا آهيون. آخر اهڙيءَ مصيبت مان سنڌ جي مسلمانن جو ڇوٽڪارو ڪهڙيءَ ريت ٿيندو؟"

مون عرض ڪيس:"مرحوم غلام محمد خان ڀرڳڙي جي ڏسيل علاج تي عمل ڪيو وڃي."

کهڙو صاحب:"اهو ڪهڙو علاج آهي؟"

مون چيس: "ڳالهه تا ڪن ته مرحوم ڀرڳڙي صاحب هڪ ڀيرو ڪراچيءَ آيو ۽ ڪمشنر سنڌ جي بنگلي جي ٻاهران ٻيهي چيو هئائين ته جيستائين هن بنگلي تي بم نه اڇلايو ويو آهي، سنڌ جي مسلمانن جو خير ڪو نه رهندو."

کهڙو صاحب: "بم جي معنيٰ؟"

منهنجو جواب:"بم جي معنيٰ اِها ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري، پنهنجي مٿي مسلماني اڪثريت جو صوبو ٺاهجي ۽ سنڌ جي ڪمشنر کي، جيڪو هن وقت ساري سنڌ جو مالڪ مختيار ٿيو ويٺو آهي، وچ مان ڪڍي ڇڏجي."

کهڙو صاحب:"يعني سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائجي؟" آءٌ "هائو."

کھڙو صاحب: "پر ان تجويز جي ته ڏاڍي مخالفت آهي. بمبئي سرڪار سنڌ کي جدا ڪرڻ نٿي گهري. سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جو جيڪو وفد[1] مانٽيگو چيمسفورڊ اصلاحات جي سلسلي ۾ سيڪريٽري مانٽيگو ۽ وائسراءِ چيمسفورڊ سان سنڌ جي پاران مليو هو، تنهن پاڻ اها عرضداشت پيش ڪئي هئي ته سنڌ ڪمشنر جي راڄ مان بلڪل راضي آهي، سنڌ کي هر ڪو حق اڳ ۾ ئي حاصل آهي، تنهن ڪري سنڌ کي جدا صوبو نه بنائجي. اهڙين مخالفتن ۾ حالتن هوندي سنڌ ڪيئن جدا ٿي سگهندي؟"

مون کهڙي صاحب کي تسلي ڏياري ته اجا وقت ڪونه ويو آهي. هندوستان کي وڏيڪ اصلاحات ملڻا آهن. ان مقصد لاءِ لنڊن ۾ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس سڏجڻ جا هاواٽا پيا هلن. اسان کي پنهنجي پاران ڪوشش ۾ گهٽتائي ڪرڻ نه گهرجي.

صاحب ممدوح مون سان اتفاق ڪيو. صلاح اها بيٺي ته ٻئي ڏينهن جي. ايم. سيد صاحب سان سندس بنگلي تي هلي ان باري ۾ صلاح مصلحت ڪجي.

اها هئي ابتدا سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جي آخري ۽ ڪامياب دور جي[2].

جي. ايم. سيد سان اسان جي ملاقات گانڌي باغ جي پر ۾ Love Lane (منگهي پير واري رستي تي) سندس بنگلي تي ٿي. پاڻ چمندي ئي چام ثابت ٿي

[1] سنڌ پاران جيڪو وفد سيڪريٽري هند ۽ وائسراءِ سان مليو هو، ان جو اڳواڻ سر غلام حسين هدايت الله مرحوم هو. سالن بعد سر غلام حسين مرحوم پاڻ مون کي ٻڌايو ته هن ان وقت جي ڪمشنر سنڌ لارينس جي زور بار ڪري مجبوراً ائين ڪيو هو.

[2] سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ لاءِ پهريون پيرو، سال 1913ع ۾ سنڌ جي هڪ هندو ليڊر سرگواسي هرچند راءِ وشنداس آواز اٿاريو هو، اُن سال ڪراچيءَ ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو اجلاس ٿيو هو. هرچند راءِ ڪانفرنس جي استقباليه ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو. پنهنجي خطبي ۾ چيو هئائين ته "سنڌ پنهنجي مٿي صوبي بنجڻ جي حقدار آهي، منجهس اهڙيون گهڻيون صلاحيتون آهن، جن جي آڌار تي هوءَ آزاد علائقائي حقلو بنجي سگهي ٿي."

ان کان پوءِ سنڌ اندر، خواهه هندوستان ۾، ٻن - ٻن - چئن - چئن سالن جي وقفي ڪلن پوءِ، ڪٿان نه ڪٿان، ڪنهن نه ڪنهن ڪانفرنس يا ميٽنگ جي موقعي تي مڙيو ئي اهو آواز اٿندو ٿي رهيو. شروع ۾ اهڙ آواز گڏيل هوندو هو. هندو، مسلمان، پارسي، سڀ جدائيءَ جي فائدي ۾ هوندا هئا، پر 27 - 1926ع ڌاري سنڌ جي هندو ليڊرن منجهان ڪن صاحبن ڦرتي ڪائي مخالفت شروع ڪئي جو ته ان وچ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ تفريق وڌي ويل هئي ۽ کين خوف ٿيو ته جيڪڏهن سنڌ جدا ٿي ته ان ۾ وڏي اڪثريت مسلمانن جي هوندي ۽ ان طرح اهو ٻه هڪ وڏيڪ "مسلمانن جو صوبو" بنجي پوندو.

سنڌ جدائيءَ جي تحريڪ جي ابتدائي دور جي تاريخ تفصيل سان "الوحيد" جي مشهور "سنڌ آزاد نمبر" (1936ع) ۾ ملاحظه ڪري سگهجي ٿي (ڏسو مولوي محمد عرفان ۽ سيد ميران محمد شاهه جا مضمون).

ڇڪو هو. ڪراچي ضلعي جي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊجي ويو هو. خيال ترقي پسند هئس. سندس ساٿي پڙهيل لکيل ۽ آزاد خيالن جا هئا. مثلاً جمشيد مهتا، حاتم علوي، چيٺمل پرسرام، محمد هاشم گزدر، شيخ عبدالمجيد، مير محمد بلوچ، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا ڪي هندو عامل نوجوان. پريزيڊنٽ لوڪلبورڊ جي حيثيت ۾ هن ضلعي جي سڌاري لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنو هو. ان ڪاروبار هلندي وقت جي انگريز ڪليڪٽر گبسن سان سندس مقابلا به ٿيندا ٿي رهيا. پنهنجي اصلي ڳوٺ سن مان هلي اچي ڪراچيءَ ۾ رهڻ ڪري ڪراچي جي اعليٰ سوسائٽيءَ ۾ ڪيس اثرائتو مقام حاصل ٿي چڪو هو. خانبهادر کهڙو، سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ ٻيا گهٽا سنڌ جا ليڊر ۽ قومي ڪارڪن اجا تائين پنهنجا گهر نهرائي ڪراچيءَ ۾ رهڻ ڪو نه لڳا هئا، تنهن ڪري جي. ايم. سيد جو بنگلو ڪنهن حد تائين سنڌ جي سياست جو مرڪز بنجي چڪو هو. ڪراچي ضلعو انهن ڏينهن ۾ سيوهڻ تائين هوندو هو.

جي. ايم. سيد ۽ سندس ساٿين ۾ اڳ ۾ ئي سنڌ جي جدائيءَ جي ضرورت بابت شعور ۽ احساس پيدا ٿيل هو. هر ڪنهن اهو پئي گهريو ته هندن ۽ سنڌ جي ڪمشنر جي داداگيريءَ کان آجو ٿجي، تنهن ڪري کهڙي ۽ مون کي ساٿس ڪنهن ڊگهي بحث ڪرڻ جي ضرورت پيش ڪا نه آئي. اڳ ۾ ئي اصول قبول ۽ مقصد واضح هو، فقط آئيندي لاءِ طريقہ ڪار تجويز ڪرڻ جي ضرورت هئي. اسان پنهنجن وڏن ليڊرن مان، ان وقت تائين جي حالتن کي سامهون رکندي، قدري مايوس هئاسون. بمبئي سرڪار اصولاً ۽ مصلحتاً سنڌ جي جدائيءَ جي خلاف هئي.سر غلام حسين هدايت الله بمبئي گورنمينٽ جو وزير هو. سر شاهنواز خان بمبئي ڪائونسل جي سمورن مسلمان ميمبرن جو اڳواڻ[1] هو. ٻنهي تي ٻين پاسن جون جوابداريون بہ هيون، تنهنڪري اسان کي اهو خطرو محسوس پئي ٿيو ته مبادا انهن مجبورين ڪري هو لنڊن ۾ ٿيندڙ راؤنڊ ٽيبل ڪانفرنس اڳيان سنڌ جي جدائيءَ جو مسئلو زوردار طريقي سان پيش ڪري نہ سگهن. اسان لاءِ ضروري ٿي پيو هو تہ ڪو ٻيو طريقو بہ تجويز ڪري رکون، جيئن سنڌ جو مسئلو ان موقعي تي بہ نظر انداز نہ ٿي وڃي. سنڌ جي

[1] جيڪڏهن هو مناسب وقت کان اڳ جدائيءَ لاءِ تحريڪ هلائي ها، تہ بمبئي ڪائونسل ۾ مسلمان ميمبرن جي متحده پارٽيءَ ۾ ڦيٽاڙو پئجي وڃي ها، جو تہ بمبئي پرڳڻي جي باقي مسلمان ميمبرن جو، سنڌي ميمبرن جي نڪري وڃڻ کان پوءِ، تعداد گهٽجي ۽ سندن سياسي پوزيشن ڪمزور ٿي وڃي ها.

جدائيءَ جي دور رس يعني ڏوراهين نتيجن جو ان وقت ڪو احساس ڪو نہ هو. مختصر قصو هيءُ آهي تہ جيڪڏهن سنڌ جدا نہ ٿئي ها تہ اڳتي هلي پاڪستان جي نقشي ڪي سمنڊ تائين ڪيئن پهچائي سگهجي ها.

جي. ايم. سيد سان ملاقات وقت فيصلو ڪيو ويو تہ سيد صاحب، قائداعظم جناح صاحب رحہ جي اعزاز ۾ چانهہ پارٽيءَ جو انتظام ڪري، جتي جناح صاحب کي عرض ڪجي تہ هو سنڌ جي جدائيءَ جي سوال کي رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ پنهنجن هٿن ۾ کڻي ۽ سنڌ جي نمائندن تي نہ ڀاڙي. جناح صاحب اڳ ۾ ئي ڪراچيءَ ۾ آيل هو. مرحوم پير صاحب پاڳاري جي اپيل جدبيشل ڪمشنر جي ڪورٽ اڳيان هلائڻي هئس. صدر ريلوي اسٽيشن جي پر ۾ ڪارلٽن هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ رهيل هو. جي. ايم. سيد جي دعوت قبول ڪري پارٽيءَ ۾ اچڻ جو وعدو ڪيائين. سيد صاحب پارٽيءَ ۾ ٻين ٻہ چاليهہ - پنجاهہ ڪراچيءَ جي مکيہ ماڻهن کي گهرا ر هو. دعوت جي وقت کان ٿورو اڳ ۾ سيد صاحب پنهنجي موٽر ڪار منهنجي حوالي ڪئي تہ آءٌ ڪارلٽن هوٽل وڃي جناح صاحب رحہ کي وٺي اچان. آءٌ ڪيس الفنسٽن اسٽريٽ واري رستي تان وٺي آيس. الفنسٽن ۾ سڀ دڪان هندن جا هئا، هيڪڙ ٻيڪڙ ڪنهن پارسيءَ يا ميمڻ جو. اتان لنگهندي آءٌ جناح صاحب سان شڪايتون ڪندو آيس تہ ”هيءُ سڀ ڪاروبار هندن جو پيو هلي. مسلمانن لاءِ ڪنهن بہ ڌنڌي ۾ ڪا ڪنڊ ڪا نہ ڇڏي اٿن، وغيره وغيره.“ پاڻ ٻڌندو رهيو، هڪ اکر بہ جواب ۾ ڪو نہ ڪڍيائين، نہ سندس چهري مان ئي منهنجين شڪايتن ڪري، ڪنهن اثر پيدا ٿيڻ جي علامت ظاهر ٿي.

پارٽيءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ کيس سنڌ جي سوال ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. پاڻ اڳ ۾ ئي ان جي اهميت کان واقف هو. صرف ايترو چيائين تہ ”اوهان جدائيءَ جي ضرورت متعلق دليل دلائل ۽ حقيقتون لکي مون ڏانهن هڪدم موڪلي ڏيو.“ ڪراچيءَ مان موٽندي ئي ڪيس لنڊن روانو ٿيڻو هو، جو رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جون تاريخون ويجهڙيون اچي پيون هيون.

هاڻي سوال پيدا ٿيو تہ اهي حقيقتون ڪير مرتب ڪري، ضروري مواد ڪٿان اچي، ڪير لکن، ڪير ڇپائين؟ ڪانوَ جي ڊوڙ اڪ مڪڙ تائين. فيصلو ٿيو تہ اهو ڪم آءٌ ڪريان ۽ منهنجي مدد ٽيهن - چاليهن ماڻهن جي هڪ ڪاميٽي ڪري. ان وقت تہ ڪاميٽيءَ لاءِ سيني صاحبن پنهنجا نالا لکريا، مگر ٻئي ڏينهن، جڏهن ڪاميٽيءَ جي پهرين ميٽنگ ٿي تہ ان ۾ ڪو بہ ٻاهريون

صاحب ڪو نہ آيو. فقط کهڙو صاحب، جي. ايم. سيد ۽ آءٌ موجود. ڏاڍي بددلي پيدا ٿي. کهڙو صاحب خاص طرح سان دلگير ٿي چوڻ لڳو: "اِهي آهن حال سنڌين جا، پارٽين ڪائڻ لاءِ تيار، ڪاميٽين جي ميمبر بڻجڻ ۽ پنهنجا نالا اخبارن ۾ ڇپرائڻ لاءِ آتا، پر جڏهن ڪم جو وقت ايندو تہ ڳوليا ڪو نہ لڀندا!"

مون کي تہ پنهنجن جا اِهي ٽيڙ اڳ ۾ ئي معلوم هئا، پر مون همت ڪا نہ هاري. کهڙي صاحب شام جو مايوس ٿي واپس لاڙڪاڻي رواني ٿيڻ لاءِ صدر اسٽيشن تي پهتو. آءٌ بہ اسٽيشن تائين ساڻس گڏيو آيس. مون عرض ڪيس:"مون کي اوهان سان ڪي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن. جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ آءٌ بہ جنگشاهي اسٽيشن تائين اوهان سان گڏيو هلان." اجازت ملڻ تي آءٌ فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ چڙهي ويٺس. رستي ۾ مون کيس چيو تہ: "سنڌ کي جدا نہ ڪرايوسين تہ بوساڻجي مري ويندا سين. هن وقت مسلمانن ۾ ايتري سجاڳي ڪانہ آهي، پر جيڪڏهن تحريڪ هلي تہ ان جي ڪاميابيءَ جا وڏا امڪان آهن. تحريڪ جي معنيٰ هيءَ آهي تہ اِها سچي عقل ۽ قلم جي راند ٿيندي. لٺ ٻانو ڪونہ هلندو ۽ انگريز بہ هرويرو ڪو نہ آزاريندو. ڳالهہ اها آهي تہ ڪنهن طرح هڪ دفعو ڳالهہ هلي پوي. ڪو شخص ڇٽنگ ڇڏي، پيڙ پاٺهين مڇندو. ذاتي طرح اوهان جي سياسي لائيف کي اُجارڻ ۽ چمڪائڻ لاءِ بہ اهو ضروري آهي تہ اوهان ڪنهن تحريڪ جي اڳواڻي ڪريو ۽ ان جي وسيلي اڳتي وڌو. سياست ۾ جيڪو ماڻهو اڳتي نہ وڌندو رهندو، سو ڏڪجي پوئتي ڌُڪجي ويندو. اسان وٽ بيشڪ پروپيگنڊا جا وسيلا ڪو نہ آهن، نہ پيسو آهي ۽ نہ ڪا جماعت، پر جيڪا گهٽتائي اسان وٽان ٿيندي، تنهن کي هندو ۽ هنجي مخالفت جي شور غوغا سان اهميت ڏئي پورو ڪندا رهندا."

کهڙي صاحب فرمايو: "اِهو تہ صحيح آهي، پر ڪجي ڇا؟"

مون وراڻي ڏنس:"لکپڙهہ جو ڪم آءٌ ڪندس. شور آءٌ مچائيندس. اوهان صرف اڳ ۾ ٿيو."

کهڙو صاحب:"پوءِ تون ڇا ڪندين؟"

آءٌ" اڄ موٽي ڪراچيءَ ويندس. جيڪو تحريري مواد ان مسئلي جي باري ۾ ات ملي سگهندو، سو هٿ ڪري سياڻي شام جو لاڙڪاڻي موٽندس. اُت پهچڻ شرط آءٌ سنڌ جي جدائيءَ جي باري ۾ حقيقتن ۽ دليل دلائل جي بنياد تي هڪ نوٽ تيار ڪندس. جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، سنڌي چوڻي موجب "پولي جي پيچ کي ٻاڌہ ڏيندا سين"، اوهان لاڙڪاڻي ۾ پنهنجو شارٽ هينڊ وارو ڪلارڪ موجود رکجو."

کھڙي صاحب اها تجويز منظور ڪئي. آءٌ جنگشاهي تي لهي، ٻيءَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، راتو رات ڪراچي پهتس. ٻئي ڏينهن جي. ايم. سيد صاحب جي ڪوشش سان مون کي جمشيد مهتا وٽان اهو فائل مليو، جنهن ۾ ان وقت تائين جيڪي ڪجهه سنڌ جي جدائيءَ جي باري ۾ وهيو واپريو هو، يا مواد ڇپيو هو، سو موجود هو. شام جو لاڙڪاڻي روانو ٿي ورندي صبح اُت پهتس. کھڙي صاحب پنهنجو اسٽينوگرافر گهرائي ويهاريو هو. آءٌ هڪدم نوٽ لکائڻ لڳس. پورا 48 ڪلاڪ مصروف رهيس. ڪاڌو پيتو خير ڪو، صرف چانھ جي پيالي مٿان پيالي. پر جواني هئي. طبيعت ۾ جولاني هئي، ڪاوڙ هئي، اڳ پوءِ جو ويچار ڪو نہ ٿي رهيو.

نوٽ تيار ڪري کھڙي صاحب کي مطالعي لاءِ ڏنم. پاڻ ان جي اصلاح ڪري، آخري طرح منهنجي حوالي ڪيائين تہ آءٌ سکر وڃي پنهنجي سنڌ زميندار پريس مان ڪتابي صورت ۾ ڇپائي هڪدم وڏي پيماني تي ورهائڻ شروع ڪريان. ان ڪتاب جو نالو ٿيو:

"A Story of the Sufferings of Sindh"

(يعني: سنڌ جي سُورن جي ڪهاڻي)

سنڌ جي ماضيءَ تي ان کان بهتر اڄ تائين ڪو ڪتاب لکجي ڪو نہ سگهيو آهي[1]. هاڻي تہ ناپيد ٿي ويو آهي. ڪاش، ڪو شخص ان کي هٿ ڪري وري ڇپائي.

ڪتاب ڇا نڪتو، ڄڻ ڪپهہ جي گودام ۾ ڪنهن ماچيس جي دڪايل تيلي اُڇلائي ڇڏي. سنڌ تہ ڇڏيو، پر سڄي هندوستان جا هندو رڙيون ڪري اٿيا. پروفيسر ڇبلاڻي[2] هندن پاران جواب لکي ڪتاب جي شڪل ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. پر ان جو اثر پاڻ اهو ٿيو جو سنڌ جي جدائيءَ جي مسئلي کي وڏيڪ اهميت حاصل ٿي. سڄي هندوستان جي هندو اخبارن هاءِ گهوڙا جي مهم هلائي. جنهن نہ ٻڌو هو، تنهن بہ هينئر ٻڌو تہ سنڌ جي جدائيءَ جو مطالبو هڪ جاندار مطالبو آهي. ڪتاب جون ڪاپيون لنڊن بہ روانيون ڪيو ويوون، انگريز حڪومت جي وزيرن ڏانهن، اخبارن ڏانهن ۽ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ سڀني نمائندن ڏانهن.

---

[1] ڪتاب جو سنڌي ترجمو بہ سنڌ زميندار پريس مان ڇپجي پڌرو ٿيو. هينئر اهو بہ ناياب آهي.

[2] معاشيات ۽ اقتصاديات جو ماهر هو. دهليءَ جي ڪنهن ڪاليج ۾ پروفيسر هو. اصل ۾ سنڌ جو هندو ۽ سنڌ جو رهاڪو هوندو هو. سندس ڪتاب جي جواب ۾ کھڙي صاحب وري ٻيو ڪتاب بہ شايع ڪيو، جنهن ۾ هندو اعتراضن کي رد ڪيو ويو هو. اها ڇنا ڇڻي سندن وچ ۾ اخبارن د ـہ ملندي رهي، جنهن ڪري مچ مچندو ويو ۽ ڳالهہ اڳتي وڌندي ويئي.

ڪتاب نڪرندي ئي مسلمان اخبارن به پنهنجي حال سارو علحدگيءَ جي تائيد ۾ پروپيگنڊا شروع ڪئي. الوحيد ۽ سنڌ زميندار سنڌ جي مسلمانن جون اڪيليون اخبارون هيون. گهٽي ئي متا ڪُٽ ڪنديون رهيون نتيجو اهو نڪتو جو تورن ئي ڏينهن ۾ سنڌ جي بين مسلمان قومي ڪارڪنن جو به حوصلو وڌيو ۽ سڀ ئي مڇي مڙس ٿيا. پر تنهن هوندي به علحدگيءَ جي تحريڪ جو نشان ۽ اڳواڻ کهڙو صاحب ئي بڻيو رهيو. هن صاحب پنهنجي طرفان گهٽايو به ڪو نه. ڪٿ پاڻ اڳ ۾ ٿيو. ڪٿ بين کي اڳ ۾ ڪري مصلحتاً انهن جي پنيان هلندو رهيو. هر حال ۾ مقصد جي حصول لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائين[1].

* * *

1930ع کان تحريڪ مختلف منزلن تان گذرندي رهي. انهن سارين منزلن جي تفصيل ۾ وڃڻ تاريخ نويسن جو ڪم آهي. هت آءٌ صرف ايتري عرض ڪرڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو ته سنڌ جي جدائيءَ جو مسئلو جڏهن انگريز حڪومت جي نظرن ۾ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي ڪارگذارين جي نتيجي طور ڪافي اهميت حاصل ڪري چڪو ته اُهو لنڊن ۾ جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽي اڳيان آندو ويو. ان ڪاميٽيءَ اڳيان علحدگيءَ جي مناسبت ۽ ضرورت بابت شاهديون ورتيون ويون. سنڌ جي مسلمانن پاران خانبهادر کهڙي کي لنڊن موڪليو ويو. 5 جولاءِ 1933ع جو خانبهادر صاحب "ايئر فرانس" جي هوائي جهاز ۾ چڙهي لنڊن ڏانهن روانو ٿيو. ان زماني ۾ اڃا هوائي جهازن جي مس شروعات ٿي هئي. جهاز به چڻ ڪانيءَ ۽ ٽين جا نهيل هوندا هئا. نازڪ بدن ۽ سست رفتار. پنج - ست ماڻهو مشڪل سان ڪٿي سگهندا هئا ۽ ساهيون ڪندا ويندا هئا. ڊرگهه روڊ جو هوائي اڏو به اڃا ڪو نه نهيو هو. جهاز کي پٽريلي ميدان ۾ لاهيندا هئا. ديسي ماڻهو هوائي جهاز جي سواريءَ کان پاسو ڪندا هئا، ڇو ته جان لاءِ جوکم هوندو هو. منهنجو خيال آهي ته سنڌين منجهان

---

[1] آءٌ البته اها ڳالهه واضح ڪرڻ گهران ٿو ته علحدگيءَ لاءِ صرف کهڙي صاحب نه. پر بين به گهڻن ليڊرن ۽ قومي ڪارڪنن پاڻ پتوڙيو. شيخ عبدالمجيد ۽ حاجي عبدالله هارون ورهين کان علحدگيءَ جي حق ۾ مختلف پليٽفارمن تان آواز اٿاريندا رهيا هئا. 1930ع واري رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي موقعي تي ۽ ان کان پوءِ سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ سر غلام حسين به مڇي مڙس ٿي بيٺا. سر شاهنواز خان ته تحريڪ جي باقاعده اڳواڻي ڪئي. سنڌ آزاد ڪانفرنس جيڪا آگسٽ 1932ع ۾ ٺهي، جو صدر چونڊجي 16 سيپٽمبر 1932ع ۾ ساريءَ سنڌ اندر "سنڌ آزاد ڏينهن" ملهارايائين. ساڳئي سال جي نومبر مهيني ۾ حيدرآباد ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس سڏرايائين. جنهن جي صدارت علامه عبدالله يوسف علي مرحوم ڪئي. سيد ميران محمد شاهه مرحوم لاءِ ته آءٌ ايترو به چوندس ته هو سنڌ جدائيءَ جي تحريڪ جو طائوس(مور) هو. انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترا صاحب تحريڪ کي ڪُلهو ڏئي بيهي رهيا هئا.

پنجاهه سال پراڻي هڪ يادگار تصوير



سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ هڪ سرڪاري گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ کهڙي صاحب سنڌ جي نمائندگي ڪئي. ان زماني ۾، هوائي جهازن جي شروعات ٿي هئي، ۽ ڪراچيءَ جو ڊرگ روڊ وارو هاڻوڪو اڏو ڪونه هو. کهڙو صاحب ڪَچي اڏي تي هوائي جهاز ۾ سوار ٿي رهيو آهي.

خانبهادر صاحب ئي پهريون ماڻهو هو، جنهن هوائي جهاز ذريعي لنڊن جو سفر اختيار ڪيو. مون ڪيس روڪڻ جي گهڻي ڪوشش به ڪئي، پر مڙس تي سنڌ جي جدائيءَ جو عشق سوار هو، جهلئي ڪو نه جهليو. هوائي ميدان ۾ ڪيس الوداع چوڻ لاءِ آيا، مرحوم نظر علي خان، خانبهادر محمد پناهه خان ڏڪڻ، خانبهادر پير بخش ڪهاوڙ (مرحوم، شهدادڪوٽ وارو) آغا شمس الدين خان دُراني ۽ منهنجو ڀاءُ حسام الدين شاهه موجود رهياسين. جهاز 3 بجي ڌاري شام جو خير سان اڏي هليو. اتڻ شرط ڪڙ ڪڙ ۽ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ شروع ڪئي هئائين. ڪلاڪ ٻن ڪان پوءِ مڪران ۽ ايران جي سرحد ريگستان ۾ ڦه پٽيءَ تي ڪري پيو. جان جو نقصان ڪو نه ٿين، پر اهڙي ويراني ڪرڻ ڪان پوءِ ڪين ڪو به آهي واهي ڪو نه ڏسڻ ۾ آيو. ويجهو هوائي اڏو به ميلن جا ميل پري هو. مڙسن گڏهه تي چڙهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيدل به هلي اهو فاصلو طئي ڪيو. ڪيترن سالن تائين خانبهادر ان سفر جي يادگار، پير جي سور، جي شڪايت ڪندو رهيو.

بهرحال، هوائي اڏي تي پهچڻ ڪان پوءِ ٻيو جهاز وٺي دمشق تائين پهتا. دمشق ڪان اڳتي ڪڏهن هوائي جهاز ملين، ڪڏهن ريل ۾ سواري ڪرڻي پين. غرض، ان طرح سان واٽ تي ويلا ڪندي وڃي لنڊن پهتا. اُتي 20 جولاءِ 1933ع جو خانبهادر صاحب جو بيان ٿيو، ۽ بيان به اهڙو ٿيو جو سنڌ جي جدائيءَ جي واجبيت ثابت ٿي ويئي ۽ خانبهادر جي قابليت جي هر طرفان واڪاڻ ٿيڻ لڳي. اها آخري ۽ فيصلي واري منزل هئي، جيڪا هن صاحب چڱي طرح نباهي. ۽ پارليامينٽ جي فيصلي ڪان پوءِ پهرين اپريل 1936ع ڪان سنڌ بمبئيءَ ڪان ڇڄي پنهنجي مٿي صوبو بڻي.

* * *

سنڌ بمبئيءَ ڪان ته جدا ٿي، پر ان هوندي به هندن جي روش ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو. نين حالتن هيٺ، هُنن نوان طريقا اختيار ڪيا، جيئن مسلمانن کي علحدگيءَ جي فائدن وٺڻ ڪان محروم ڪن. نئين اسيمبليءَ اندر سنڌن ميمبرن جو تعداد ته ٽينءَ پتيءَ جيترو هو، پر منجهن ٻڌي هئي جيڪا مسلمان ميمبرن ۾ ڪا نه هئي. ٻه پارٽيون مسلمانن جون نهيون: هڪ جو اڳواڻ سر غلام حسين، ٻيءَ جو خانبهادر الله بخش مرحوم. هندو ميمبر ڪڏهن مسلمانن جي هڪ پارٽيءَ جي پٺڀرائي ڪندا رهيا، ڪڏهن ٻيءَ پارٽيءَ جي، پنهين کي پاڻ ۾ ويڙهائيندا ۽ وزارتون ڊهرائيندا

۽ نهرائيندا رهيا. نالي ۾ وڏو وزير مسلمانن جو هو ۽ گهڻائي بہ مسلمانن جي، پر حقيقي پاور هندو ميمبرن جي هٿن ۾ هوندو هو. پن سالن جي تجربي مان ثابت ٿي ويو تہ ائين ڪم هلي ڪو نہ سگهندو. تنهن ڪري مسلمانن ڪي پاڻ ۾ گڏجي ڪنهن آل انڊيا پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ جمع ٿيڻ گهرجي. انهن ڏينهن ۾ مسلم ليگ جو چرچو شروع ٿي چڪو هو. سنڌ جي هندن جو لاڙو اڳ ۾ ئي آل انڊيا ڪانگريس طرف هو. تنهن ڪري مسلمانن لاءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪو نہ رهيو هو. 1938ع جي آگسٽ ڌاري، خانبهادر کهڙو، جي. ايم. سيد ۽ ٻيا ڪيترا ميمبر مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويا. شروع ۾ خانبهادر الله بخش بہ ليگ ڏانهن لاڙو ڏيکاريو. پر جڏهن آڪٽوبر مهيني ۾، سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس جي صدارت لاءِ قائداعظم رحہ ڪراچي آيو تہ ان موقعي تي خانبهادر مرحوم هندن جي يقين ڏيارڻ تي - تہ جيڪڏهن هو صاحب مسلم ليگ ۾ شريڪ نہ ٿيندو ۽ پنهنجي وزارت هلائيندو رهندو تہ هندو اڪيون ٻوٽي سنڌس مدد ڪندا رهندا - مسلم ليگ کان پاسيرو ٿي ويو، ۽ پڇاڙيءَ تائين اُن جي ويجهو ڪو نہ آيو.

خانبهادر کهڙو ليگ سان پنهنجي قول تي سچو رهيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ ليگ جي ئي وائي ورائيندو رهيو، حالانڪ ليگ ليڊرن ڪيس آزارڻ ۾ ڪا گهٽتائي ڪانہ ٿي ڪئي ۽ پوئين زماني ۾ تہ خاص طرح سان سنڌس خلاف رڻ بار ڏنائون. ٻين تي ڪهڙي ميار، خود پنهنجن ڪو نہ ٿي گهٽايو. سنڌس خلاف ان مهم جي اڳواٽي، سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح، جيستائين جيئرو هو، سر غلام حسين مرحوم ڪندو پئي رهيو - ۽ سنڌس مرڻ کان پوءِ اها پڳ ٻين ٻڌي! پر اها پوءِ جي ڳالهہ آهي، في الحال وچ واري عرصي (1938ع کان 1948ع تائين) جو قصو ٻڌو.

* * *

سکر جي مسجد منزلگاهہ واري تحريڪ جو ذڪر ڪن ٻين هنڌن تي اچي چڪو آهي. اها تحريڪ مسلم ليگ طرفان 40 - 1939ع ۾ هلي. تحريڪ هلائڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي ٺهي، ان جو چيئرمين کهڙو صاحب بڻيو. پهرين تحريڪ هلايائين ۽ بعد ۾ تحريڪ جي ڪري، هندن ۽ سرڪار پاران، جيڪا ٻيڙا مسلمانن تي آئي، تنهن مان ڪين ڇڏائڻ لاءِ بيحد جانفشانيءَ سان ڪم ڪيائين. جيڪڏهن کهڙو نہ هجي ها تہ خبر نہ آهي، مسلمانن جو ڪهڙو حشر ٿئي ها!

منزلگاهه جي سلسلي ۾ جيڪي هنگاما ٿيا، تن وقتي طور هندن کي ڏيڇاري ڇڏيو. مارچ 1940ع ۾ هنن الله بخش جي پچر ڇڏي مسلم ليگ کي وزارت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو، پر ان شرط تي ته مسلمانن جي خلاف جيڪي ڪيس قائم آهن، سي هلي پورا ٿيندا ۽ انهن ۾ وزارت طرفان دست اندازي ڪانه ڪئي ويندي، ساڳئي وقت منزلگاهه واريءَ عمارت جي مسجد هجڻ يا مسجد نه هجڻ جي باري ۾، ۽ ٿيل فسادن ۾ اڳرائي ڪنهن جي هئي، تنهن جي فيصلي ڪرڻ لاءِ به، هاءِ ڪورٽ جي انگريز جج کي ٽريبيونل مقرر ڪري، ان جي راءِ ورتي ويندي. اهو ذڪر به اڳ ۾ اچي چڪو آهي. خانبهادر کهڙو، مسلمانن جي مدد ڪان جهلئي ڪونه جهليو. آخر هندن تنگ ٿي 1941ع ۾، يعني سال - ڏيڍ کان پوءِ، مسلم ليگ کي وزارت مان ڪڍي وري خانبهادر الله بخش مرحوم کي پاور ۾ آندو.

*    *    *

مسلمان ليڊرن طرفان کهڙي صاحب جا اهي احسان هن طرح سان لاٿا ويا، جو ڪن ڏٺن وائٺن بزرگن سندس خلاف موتمار سازشون شروع ڪري ڏنيون. ڪانئن اهو برداشت ٿي ڪو نه ٿي سگهيو ته قوم ۾ کهڙو ايترو مقبول ٿئي يا سياست ۾ ايڏو زور وٺي. 1943ع ۾ خانبهادر الله بخش مرحوم شهيد ٿيو. ان ڪيس کي ڪوڙو وڪڙ ڏئي کهڙي کي ڦاسايائون. وقت جو گورنر مشهور بد مزاج ۽ مغرور انگريز، سر هيوڊو، ۽ وزيراعليٰ سر غلام حسين هو. جيڪو 1942ع جي آڪٽوبر ۾ خانبهادر الله بخش مرحوم جي گورنر هٿان ڊسمس ٿيڻ بعد مسلم ليگ جي ليبل هيٺ، ان عهدي تي سرفراز ٿيو هو. گورنر جي کهڙي صاحب سان بنهه ڪا نه پوندي هئي. کهڙو، سر غلام حسين جي ان نئين وزارت ۾ وزير بڻيو هو ۽ مختلف معاملن ۾، جن سان مسلمانن جي حقن جو واسطو هوندو هو، گورنر سان اڙڏائي ڪندو رهندو هو ۽ نياز نوڙت جو ڍنگ بلڪل ڪو نه ڄاڻندو هو. تنهن ڪري گورنر جي دلي خواهش هئي ته کهڙي کي اُيرندي ئي ختم ڪري ڇڏجي. هندو اڳ ۾ ئي کهڙي جي رت جا پياسي هئا. ان سون تي سهاڳ جو ڪم وري ڪن مسلمانن وزيرن ۽ ليڊرن ڏنو. سندن سازش هن حد تائين ڪامياب ٿي، جو گورنر کهڙي ڪان زوريءَ وزارت مان استعفا ڏياري ڪيس پوليس جي حوالي ڪيو. جنهن ڪيس بروقت گرفتار ڪري وڃي سکر جيل ۾ بند ڪيو. اوائلي ڪيس شڪارپور جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر مسٽر ايم.ايڇ. صوفي اڳيان هليو. جنهن کهڙي کي سيشن ڪمٽ ڪيو. سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي کهڙي

جي دشمنن ڪي يقين هو تہ سيشن جج بي ماسٽر نالي پارسي، جنهن جي اوائلي روش کهڙي ڏانهن تمام اُگري هئي، ضرور ڪيس قاسيءَ جي سزا ڏيندو. پر سندن اها اميد پوري ڪا نہ ٿي سگهي. موت حياتي الله جي وس ٿئي ٿو. ساڳئي پي ماسٽر جج پڇاڙيءَ ۾ کهڙي کي بيڏوهي نهرائي عزت سان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ ان سلسلي ۾ حق ڪندي نہ حڪومت کان ڊڄو، نہ گورنر کان ڪنبيو، نہ هندن جي پروپيگنڊا کان هيسيو. جيتوڻيڪ ذاتي طرح کهڙي کي پسند بہ ڪو نہ ٿي ڪيائين، پر سندس ضمير ۽ ايمان کيس مجبور ڪري وڌو. ڪنهن بدقسمت شخص تي جڳ جي جُلهہ هجي، ذاتي طرح پاڻ کي بہ سخت ناپسند هجي، ۽ ان کان پوءِ بہ ساڻس انصاف ڪجي، آسان ڳالهہ ڪانہ هئي. پراڻيءَ سنڌ کي اهڙن خدا ترس منصفن تي فخر هوندو هو.

* * *

کهڙي صاحب جي ابتلا واري ان دور سان واسطو رکندڙ بہ – ٽي واقعا ڏاڍا عبرت انگيز ۽ سبق آموز نظر آيا، جن منهنجي دل تي مستقل اثر ڇڏيو – مثلاً:

(1) کهڙي تي خون جي مقدمي ڪڙي ڪرڻ جا هاواٽا هلڻ لڳا هئا. اهو بہ ظاهر ٿي چڪو هو تہ ان سازش ۾ ڪهڙا مسلمان ليڊر شريڪ آهن. مون کان رهيو ڪو نہ ٿيو. آءٌ اهڙي هڪ سازشي ليڊر کان شرمائي باز آڻڻ جي ارادي سان وٽس لنگهي ويس. مون سان قبول ڪيائين تہ "آءٌ برابر سازش ۾ شريڪ آهيان ۽ کهڙي کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيان. ڪيس هرگز ڪونہ ڇڏيندس." مون گهڻو ست ستاءِ ڪيس، مسلمانيءَ جا واسطا وڌم، کهڙي جي قومي خدمتن ۽ مسلمانن لاءِ کهڙي جي زندگيءَ جي اهميت جي باري ۾ دل پڇائيندڙ تقرير ڪيم. ڪيس اهو ياد ڏياريم تہ کهڙو اسيمبلي، سياست خواهہ مسلم ليگ پارٽيءَ ۾ سندس رفيق آهي، رفيقن سان اهڙي منافقي ڪرڻ سندس جهڙي شاندار ليڊر جي منهن تي ڪا نہ ٿي پئي.

طرح طرح جا دليل دلائل ڏيئي کيس شرمسار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، پر مٿس منهنجي ارداسن جو ڪو اثر ڪو نہ ٿيو ۽ مون کي نااميد ٿي وٽانئس موٽڻو پيو. ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ کهڙي وٽ ويس تہ ات ڏٺم تہ اهو ساڳيو ليڊر ويٺو آهي ۽ کهڙي سان پيو مٺيون ڳالهيون ڪري ۽ کيس دلداريون ڏئي. مون کي ايندي ڏسي ٿورو مُرڪيو ۽ اک بہ ڀڳائين. مون سمجهيو تہ منافقي جي حد آهي، "اندر ويهاري ڪانو، ٻاهر ٻولي هنج جي!"

(2) کهڙي صاحب سان هندن جي دشمنيءَ جو وڏو ڪارڻ[1] هيءُ هو جو کهڙو پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ڪان وٺي سنڌ جي مسلمانن ڪي سرڪاري نوڪرين وٺي ڏيڻ لاءِ وڙهندو تي رهيو ۽ هندن اها ڳالهه سندس طرفان پنهنجي پيٽ تي لت پئي سمجهي. کهڙو جيستائين گرفتار نه ٿيو هو، اوستائين مسلمان سرڪاري ڪامورن جو پيرو مرشد هوندو هو. ڪامورا سندس چاپلوسي ڪندا، اڳيان پويان هلندا ۽ ساڻس پنهنجي وفادارين جون ساکون پريندا ڪونه ٿڪبا هئا. جيڏانهن کهڙو نڪري، سندس چوڌاري سندن حلقو هوندو و. دعوتون ڪندا هئس ۽ سندس اشاري تي جان وتن فدا ڪرڻ جي هردم هام پريندا رهندا هئا. هڪ مسلمان ڪليڪٽر ته خاص طرح سان حد ڪري ڇڏيندو هو. کهڙو صاحب جو سياسي صلاحڪار، وڏو خير خواه ۽ آبائي اجدائي وفادار ۽ شيدائي سڏائيندي فخر پيو محسوس ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ اهو صاحب حيدرآباد ضلعي جو ڪليڪٽر هو.

کهڙو صاحب ڪراچيءَ مان گرفتار ٿي سکر هليو. آءُ به سکر تائين ساڳيءَ ريل ۾ ويس. ات ٿوري گهٽي انتظام ڪرڻ بعد آءُ موٽندي حيدرآباد ۾ لهي پيس. رات جو وقت هو. صبح تائين فرسٽ ڪلاس ويٽنگ روم ۾ بسترو وڇائي سمهي رهيس. علي الصباح ساڳيو مسلمان ڪليڪٽر هڪ وزير ڪي ريل تي چڙهڻ لاءِ[2] ساڻس گڏ اچي ويٽنگ روم ۾ سهڙيو. اهو وزير کهڙي کي گرفتار ڪرائڻ واريءَ سازش ۾ شريڪ هو. جيستائين ميرپورخاص لاءِ گاڏي تيار ٿئي، تيستائين پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪين ايندو ڏسي آءُ منهن تي اجرڪ وجهي پلنگ تي پيو رهيس ۽ سڀ ڪجهه ٻڌندو رهيس. ڪليڪٽر صاحب، گفتگو جي دوران وزير صاحب کي واڌايون ڏنيون ته هن کهڙي جهڙي آزاريندڙ، مغرور ۽ مسلمانن جي نادان دوست کان سنڌ کي آزاد ڪرايو آهي. هو ايتري قدر کهڙي جي غيبت ڪندو رهيو ۽ اهڙا اهڙا جملا ڪتب آڻيندو رهيو جو دل چيو ته هڪ وار اُٿي ان منافق جي منهن تي موچڙو هڻي ڪيان، پر ايتري جرئت ڪانه ٿيم. پورو هڪ ڪلاڪ آءُ ڪليڪٽر صاحب جي اها بڪواس چپ ڪيو ٻڌندو رهيس.

---

[1] مکيه گناهه ته اهو هوس جو هن سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرايو هو.

[2] وزير صاحب ميرپورخاص وڃي رهيو هو.

مون کي ان موقعي تي ڪليڪٽر صاحب کان وڌيڪ کهڙي صاحب تي ڪاوڙ پئي آئي، جنهن اهڙن وقت جي پوچارين ۽ منافقن جي خدمت ۽ مدد ڪندي ايتري قدر دشمنيون پرايون. جو هينئر سندس پنهنجي جان وڃي جوکم ۾ پئي آهي ۽ ساڳيا مسلمان ڪامورا به ڪيس گاريون ڏيندا پيا وتن. البته ذاتي طرح مون کي حيرت ڪانه ٿي، ڇو ته شروع زندگيءَ کان ان طبقي جي وفاداريءَ ۽ اخلاق متعلق منهنجي هڪ خاص راءِ هوندي هئي، جنهن سان کهڙو صاحب اتفاق ڪو نه ڪندو هو.

منهنجو پنهنجو نظريو هو ته:

"هيڪڙ ٻيڪڙ ڪن چند قلندر منش فردن کان سواءِ، ان زماني جي باقي عام سنڌي مسلمان ڪامورن ۾ اڪيون ڀوڻي دوستي ۽ وفا جي اميد نه رکجي[1]. انهن جي مدد ضرور ڪجي، ڪين ضرور سندن حق وٺي ڏجي، سندن عزت به ضرور ڪجي، پر موٽ ۾ منجهن اهو آسرو نه رکجي ته وقت پئي هو ملڪ، قوم يا پنهنجن محسنن ۽ دوستن لاءِ اُيا ٿي بيهندا ۽ پاڻ تي ڪو جوکم کڻندا. توڙي حق ۽ انصاف جي تقاضا اها ئي هجي ته هو انسانيت، شرافت ۽ اصول لاءِ ضرور اهو جوکم کڻن. وڪاٺل گهوڙن جا کهڙا مُلهه؟ هو غرضن جا گهايل، هوسن جا هيسايل ۽ هندن جا ڪنبايل، پنهنجي پاڇي کان به پيا ڇرڪندا. ان کان سواءِ هو هڪ پسمانده فرقي مان آيل ٿين ٿا، ۽ هڪ پسمانده فرقي جو ڪيريڪٽر بنجي، تنهن ۾ صديون لڳن ٿيون. ان لاءِ قربانين جي ڇڪين ۾ پيڙجڻو پوي ٿو، هڪ ترقي پسند، بيقرار ۽ Dynamic ماحول گهرجي ٿو، اعليٰ قسم جي عام تعليم ڪپي ٿي، زندگيءَ جي ضرورتن کي گهٽ ڪرڻو پوي ٿو، تاريخ عالم تي عبور جو حصول ضروري ٿئي ٿو، اجتماعي خواهه انفرادي حياتيءَ کي هڪ خاص سانچي ۾ ڍالڻو پوي ٿو، جسم کان وڌيڪ ذهن کي اُجارڻو پوي ٿو، اجتماعي عمل کان بامقصد بڻائڻو پوي ٿو، زيست لاءِ اعليٰ اصول ۽ ارفع قدر مرتب ۽ متعين ڪرڻا پون ٿا، شخصي هوسن ۽ خواهشن کي اجتماعي ڀلي خاطر قربان ڪرڻو پوي ٿو. غرض، اهو هڪ طويل ارتقائي سلسلو ٿئي ٿو، جنهن مان ڪاميابيءَ سان نڪري پار پوڻ ۾ قومن ۽ فرقن کي وڏو عرصو لڳي ٿو ۽ عظيم امتحانن مان گذرڻو پوي ٿو.

---

[1] وڏا ڇئي ويا هئا ته "ڦڪر نه گوشت، ڪامورو نه دوست."

۽ جيستائين ائين نہ ٿيو آهي، اوستائين هر ڪوشش جو نتيجو ابتو پيو نڪرندو. جنهن کي ليڊر بڻائيندؤ، سو خودغرض ۽ خودپرست ثابت ٿيندو، يا مورکو سندس دماغ جي ڪل ئي ٽڙڪي ويندي، استاد بڻائيندؤ تہ شاگرد لاءِ گمراهي ۽ جهالت جو باعث بڻبو، شاگرد ٿيو تہ علم ۽ نيڪ عمل کان وڌيڪ تن آساني ۽ تعيش ڏانهن پيو تانگهيندو، ڪاموڪي ڪرسيءَ تي ويهاريوس تہ شيرشاهہ جو شڪرو ثابت ٿيندو، وزير بڻيو تہ بنهہ تخت يا تختو! غرض، جنهن انساني سوسائٽيءَ جو بنياد پُٺتو هوندو، تنهن جو هر نمائندو گهٽو ڪري پست فطرت ۽ هر عيوضي دون همت پيو نڪرندو - الاماشاء و الله!"

انهن اصولي ۽ بنيادي ڳالهين تي خانبهادر کهڙي ۽ منهنجي وچ ۾ 1925ع کان وٺي اختلاف هوندا هئا. ٻيئي سنڌ محمدن ائسوسيئيشن ۾ هوندا هئاسين. خانبهادر مسلمان ڪامورن تي گهور گهوران ۽ آءٌ پَچ پَچان.

حيدرآباد جي مسلمان ڪليڪٽر جي بي اُصولائي جو ذڪر هن ڳالهہ تي ختم ڪريان ٿو تہ سال ڏيڍ کان پوءِ جڏهن خانبهادر کهڙو آزاد ٿي وري اچي وزير بڻيو تہ ڪيس مبارڪن ڏيڻ ۽ سندس بدخواهن جي گلا ڪرڻ لاءِ اهو ئي ڪليڪٽر سڀ کان اڳ ۾ هو، سندس ڳاڙهي ترڪي ٽوپيءَ جو ڦندڻ کهڙي اڳيان هر وقت ڦڙڪندو پئي رهيو.

(3) آءٌ مٿي عرض ڪري چڪو آهيان تہ کهڙي کي ڦاسائڻ ۾ سندس رقيبن ۽ رفيقن، ساٿي وزيرن ۽ ليڊرن جو هٿ هو. پهرين ڏينهن جڏهن ڪيس گرفتار ڪري سکر وٺي هليا تہ ڪراچي سٽي اسٽيشن تي سندس ذلت جي تماشي ڏسڻ لاءِ سنڌ جا ڪيترا ڏنل وائنل وڏيرا اچي گڏ ٿيا ۽ مُرڪندا، مچون وٽيندا، ور ور ڪيو سندس گاڏي جي درين مان اندر واجهائيندا ۽ خوش ٿيندا رهيا. "هڪ سچ، بہ پاڃا." وري جڏهن کهڙو صاحب سکر مان آزاد ٿي اسپيشل ٽرين ۾ چڙهي اچي ڪراچي صدر تي پهتو تہ سندس استقبال لاءِ ٻين هزارن ماڻهن کان سواءِ سندس ساڳيا دشمن ۽ وزير بہ موجود هئا. ڪيس گلن جي هارن پهرائڻ لاءِ مجمعي جي پيڙ مان ڌڪا تاٻا کائيندي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. مون سر غلام حسين مرحوم کي بہ اُن هجوم ۾ مٿا مونا هٽندي ۽ کهڙي صاحب کي هار پهرائيندي ۽ واڌايون ڏيندي ڏٺو. ريلوي ويٽنگ روم مان هڪ وڏي آرام ڪرسي آڻي، کهڙي کي ان تي ويهاري، ڪلهن تي کڻي ٻاهر آندائون، اهو سارو هجوم ڪيس جلوس ۾ وٺي سندس گهر ڇڏڻ آيو. تصوير جا ٻئي پاسا ڏسي انسان کي قدرت جي ڦيرن جو احساس پئي ٿيو.

(4) ديوان سوڀ سنگهه ڪمشنر سنڌ جو نيٽو اسسٽنٽ هوندو هو. وڏي دماغ ۽ وضعداريءَ جو صاحب. پنهنجي هندو قوم جي خدمت ڪندو رهندو هو، پر ظاهري طرح پاڻ کي صوفي سڏائي مسلمانن سان به ڪونه ڦٽائيندو هو. کهڙي جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ مون ساڻس ملاقات ڪئي. ظاهري طرح ڏک پئي ظاهر ڪيائين، پر اندر ۾ خوشي هئس. ٽوڪ طور مون کي چيائين: "ميان! توهان جي قوم نيٺ پنهنجي کهڙي جي پڳ لاٿي. کهڙو جيڪڏهن "قومي"[1] خيالن جو انسان ۽ هندن جو اڳواڻ هجي ها ۽ خواهه مخواهه هندن سان نه ڦٽائي ها ته هندو مٿس مري سر ڏين ها ۽ سندس اهڙو حال ٿيڻ نه ڏين ها. ليڊر ٿجي ته زنده ۽ احساس واريءَ قوم جو، مئل مڙهن جي مجموعي جي اڳواڻي ڪرڻ جو اهو نتيجو نڪرندو آهي:

"جن لاءِ مياس، سي مُئي جا ڪانڌي ڪو نه ٿيا."
ڏاڍو شرم آيم، ڪيس چئي ڪجهه ڪونه سگهيس.

اهي واقعا ان ارادي سان هتي درج ڪيا اٿم، ته جيئن انهن جي ذريعي ان زماني جي ماڻهن جي نفسيات، سوچ ۽ ڪيريڪٽر جي نشاندهي ٿئي.

* * *

آگسٽ 1847ع ۾ پاڪستان ٺهيو ۽ سياسي پاور مسلم ليگ کي مليو. سنڌ جا ليڊر اڳواڻ ٿي دهلي پهچي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ کي ٻه دعوتون ڏئي آيا هئا:

(1) پاڪستان جو مرڪز ڪراچي ۾ ٿئي، جتي جاين، دفترن وغيره جو سڄو بندوبست سنڌ ڪندي، ۽

(2) جيڪي مسلمان مهاجر ڀارت مان لڏي پاڪستان اچڻ گهرن، تن کي به سنڌ ۾ رهايو وڃي. (اها دعوت بهار ۾ هندو مسلمان فسادن واري وقت کان ڏنل هئي).

انهن دعوتن کي قبول فرمائي، پاڪستان جو مرڪز ڪراچيءَ کي بنايو ويو.

قائداعظم رحه پاڪستان ٺهندي سر غلام حسين هدايت الله مرحوم کي سنڌ جو گورنر بنايو ۽ چيف منسٽريءَ لاءِ کهڙي صاحب کي منتخب فرمايو. ان کان پوءِ ڇهن مهينن اندر مرڪز طرفان گهر ڪئي ويئي ته جنهن صورت ۾ هينئر پاڪستان جو مرڪز

---

[1] "قومي" خيالن جي معنيٰ هئي ڪانگريسي خيال ۽ هندو مسلمان جو فرق ڪو نه.

ڪراچيءَ ۾ آهي، تنهن صورت ۾ ڪراچي شهر مرڪز جي حوالي ڪيو وڃي ۽ ان جو حڪومتي ڪاروبار مرڪز پاڻ هلائي[1]. ان مطالبي جي ڪراچي ۾ پڙهندڙ سنڌي مسلمان طالب علمن مخالفت ڪئي ۽ کهڙي صاحب کي به مخالفت لاءِ اُڀاري ڪڙي ڪرڻ جي مقصد سان جلوس ڪڍي ۽ وفد وٺي سنڌس گهر جو گهيرو ڪندا رهيا.

انهن نعرن تي لڳي کهڙي صاحب ڪراچي کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان سببان، لازم هو ته مرڪزي سرڪار ۽ سنڌس وچ ۾ اٽڪٽ پيدا ٿئي[2]. کهڙي صاحب پنهنجي پوزيشن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ فيبروري 1948ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ کان يڪراءِ پنهنجي حق ۾ اعتماد جو ووٽ حاصل ڪيو ۽ سمجهيائين ته جمهوري اصولن هيٺ هينئر ڪيس ڪو هٽ لائي ڪو نه سگهندو.

انهيءَ ووٽ حاصل ڪرڻ کان به - چار ڏينهن پوءِ شيخ عبدالمجيد مرحوم، جي. ايم. سيد صاحب ۽ آءٌ ساڻس ملياسين. پاڻ اعتماد واري ووٽ سببان ايتري قدر خوش ۽ مطمئن هو جو ڪپڙن ۾ ڪو نه ٿي ماپيو. پر مون ڪليءَ طرح چئي ڏنس ته: "هيءَ به امڪان آهي ته مرڪز هينئر ان ووٽ کي پنهنجي لاءِ هڪ قسم جو چئلينج سمجهي سنڌس چيف منسٽريءَ کي ختم ڪري ڇڏي." پر کهڙي صاحب جي دماغ ۾ اها ڳالهه ڪانه ويٺي.

ستت ئي سنڌس خلاف هلچل شروع ٿي ويئي. سر غلام حسين مرحوم گورنر جي حيثيت ۾ اڳ ۾ ئي سنڌس مخالف ٿي پيو هو، جو کهڙو سنڌ جي انتظام جي باري ۾ سر صاحب جي ڳالهه يا سفارش ڪو نه ٻڌندو هو. ساڳئي وقت مير غلام علي خان مرحوم ۽ پيرالاهي بخش مرحوم به وزارت اعليٰ لاءِ اميدواريءَ جي ميدان ۾ موجود رهندا هئا. اڳتي هلي کهڙي خلاف، ان صورتحال جو سيني فائدو ورتو.

کهڙي کي نه صرف وزارت اعليٰ مان، پر مورڳو سيست مان ڪڍڻ لاءِ هيءَ قدم کنيا ويا:

(1)سر غلام حسين مرحوم، گورنر جي حثيت ۾، کهڙي کي ڊسمس ڪيو.

(2) سر صاحب مرحوم جي تيار ڪرايل "چارج شيٽ" جي بنا تي کهڙي خلاف ٽربيونل ويهاريو ويو.

[1] بعد ۾ ايوب خان مرحوم مرڪز اسلام آباد ڏانهن ڪڻي ويو. پر نئين دارالحڪومت جو انتظام صوبائي حڪومت جي هٿن ۾ ئي رهڻ ڏنو ويو.

[2] اٽڪٽ جو هڪ بيو سبب به هو، پر ان تان پردو صرف کهڙو صاحب پاڻ ئي ڪڻي سگهي ٿو.

(3) مرڪز طرفان اوچتو ئي اوچتو بنهه هڪ نئون قانون[1] پروڊا (Porda) نهيو، جنهن جو پهريون وار کهڙي تي ٿيو (پروڊا سان مفصل تعارف اڳتي ڪرايو ويندو).

(4) ڪيس جيل ۾ وجهاڻ لاءِ به ڪوڙا فوجداري مقدما به نهيا. هڪ مقدمو هن بنا تي نهيو ته کهڙي هڪ لاوارث موٽر سائيڪل پنهنجي بنگلي ۾ بيهڻ ڏني هئي. ٻئي مقدمي جو بنياد هي هو ته کهڙي صاحب ڇپائي جي هڪ ننڍڙي ٽريڊل مشين سستي اگهه ۾ سنڌ آبزرور پريس کي ڏياري هئي.

*　　*　　*

کهڙي صاحب جي همت، انهن طوفانن ڪڙي ٽيڻ جي باوجود ڪانه ٽٽي. جنهن ڏينهن ڪيس ڊسمس ڪرڻ جو خط گورنر هائوس مان وٽس آيو، ان ڏينهن آءٌ موجود هئس. پاڻ منجهند جي ماني ويٺي کاڌائين. مانيءَ جي وچ ۾ اهو خط آٽي ڪيس ڏنائون. خط کولي پڙهي پاسي ۾ رکي وري ماني کائڻ لڳو. سندس چهري تي ڪنهن به غم يا خوف جا آثار نمودار ڪو نه ٿيا. پهرين جهڙي چاهه سان ماني کائيندو رهيو. مون پڇيس، "خط ۾ ڇا آهي؟" چيائين: "مرڪز جي حڪم تي سر غلام حسين مون کي ڊسمس ڪيو آهي." سندس جاءِ تي ٻيو ڪو ماڻهو هجي ها ته ڊسمس جي خط پهچڻ کان پوءِ سندس پيشانيءَ تي پگهر ضرور نڪري ها.

کهڙي صاحب جي ڊسمس ٿيڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي پيرالاهي بخش مرحوم سنڌ جو چيف منسٽر بڻيو ۽ ڪراچي مرڪز جي حوالي ٿي. سنڌ جي مسلمانن جي جنهن اسيمبلي پارٽيءَ به مهينا اڳ اتفاق راءِ سان کهڙي جي پنيرائي ۾ مٿس اعتماد جو ووٽ پاس ڪيو هو، تنهن ساڳي پارٽيءَ، ساڳيءَ طرح بنا ڪُڇڻ بنا ڪنجهڻ جي هينئر پير الاهي بخش مرحوم جي به پنيرائي ڪئي ۽ منجهس اعتماد جو اظهار ڪيو[2].

کهڙو صاجب ٻن سالن تائين مقدمن جي گهاٽي ۾ پيڙبو رهيو. ڪيسن جو نتيجو هي نڪتو: ٻن فوجداري مقدمن مان هڪ، انگريز ماجسٽريٽ ٽوين

---

[1] اهڙو قاعدو ان وقت تائين دليا جي ڪنهن به جمهوري ملڪ ۾ ڪو نه نهيو هو. ماڻهن جي چونڊيل وزيرن ۽ ميمبرن کي مٿان مٿي نيڪالي ڏيڻ لاءِ اهو قاعدو، جيڪو صرف پاڪستان ۾ نهيو، ڏاڍو "ڪارائتو" ثابت ٿيو. ان قانون جو سچو ٽائيٽل هو:

'Public & Representative offices Disqualification Act of 1949'

[2] اڳتي هلي، پير الاهي بخش مرحوم، جناب جي. ايم. سيد جي انتخابي عذرداري ڪامياب ٿيڻ تي چيف منسٽري ۽ اسيمبلي ميمبريءَ مان ٽن سالن لاءِ خارج ٿي ويو.

اڳيان هليو، جنهن ڪيس باعزت آزاد ڪري ڇڏيو. ٻيو ڪيس مسٽر بـاقر(يو. پي مان آيل هڪ رٽائرڊ آفيسر) اڳيان هليو، جنهن کهڙي صاحب کي جيل ۽ ڏنڊ جي سزا ڏني. ٽربيونل ڪيس بعض انتظامي بدعنوانين جو مجرم ٺهرايو. ٽربيونل جا ميمبر هئا: جسٽس عبدالرشيد صاحب لاهور هاءِ ڪورٽ وارو ۽ جسٽس شهاب الدين مدراس هاءِ ڪورٽ جو اڳوڻو جج. ٽربيونل جي رپورٽ جي بناءَ تي مرڪزي سرڪار کهڙي صاحب تي ان وچ ۾ نئين پاس ڪيل "پروڊا" واري قانون هيٺ، ٽن سالن لاءِ سياست ۾ حصي وٺڻ تي بندش وجهي ڇڏي.

کهڙي صاحب ٻنهي فيصلن خلاف سنڌ جي هـاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي. اپيل ٻڌڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي جيڪا بينچ ويٺي، ان جو هڪ جج سر غلام حسين مرحوم جو پنهنجو ڀاٽيجو، جسٽس آغا حسن علي مرحوم هو.[1]

---

[1] ان مقدمہ بازيءَ جي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون دلچسپ هيون:

1 - کهڙي صاحب کي جنهن وقت معلوم ٿيو تہ سندس اپيلون سر غلام حسين مرحوم جي ڀاٽيجي وٽ هلنديون تہ قدرتي انتظار ڏيکارڻ لڳو. آغا حسن علي مرحوم سر صاحب جو تمام پيارو ڀاٽيجو هو. ڪيس پڙهائڻ ۽ ترقي وٺائڻ ۾ سر صاحب جو وڏو هٿ رهيو هو. ڪراچي ۾ هر شام جو مامو ڀاٽيجو پاڻ ۾ گڏجي محفلون بہ ڪندا هئا. کهڙي صاحب واري ڪيس ۾ سر صاحب جي پنهنجي ناموس ۽ عزت جو سڌيءَ طرح سوال هو. کهڙي خلاف، ر صاحب جا آندل الزام ڪوڙا ثابت ٿين، تنهن ۾ سر صاحب جي وڏي گهٽتائي ۽ بدنامي ٿيڻ جو امڪان هو. هينئر سر صاحب جو پنهنجو ڀاٽيجو سر صاحب جي ڳالهہ رکي يا انصاف ڪري؟ — اهو سوال درپيش هو.

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي انصار پروري جون روايتون ڏاڍيون پراڻيون پڪيون ۽ پختيون هيون. مشهور انگريز قانون دان ۽ سنڌ جا وڏا وڏا نامور وڪيل ان ڪورٽ جا جج ٿي رهيا هئا. عام طرح ڪنهن جي تصور ۾ بہ اها ڳالهہ ڪانہ اچي هئي تہ اهڙي ڪورٽ ۾ ڪنهن سان بي انصافي ٿيندي ۽ ڪنهن لڳ لاڳاپي ڪري يا وقت جي حڪومت ڪان ڊڄي ڪو جج حق ۽ انصاف سان هاڃو ڪندو. پر ساڳئي وقت انساني فطرت جي تقاضا هئي تہ کهڙي صاحب جي دل ۾ ان صورتحال تي تشويش پيدا ٿئي.

آءٌ ڪيس(کهڙي صاحب کي) هڪ فقير وٽ وٺي ويس. ان کان دعا گهري ڪانئس پڇيوسين تہ اهي ڪيس آغا حسن علي مرحوم وٽ هلڻ ڏجن يا وٽانئس ٽرانسفر ڪرائجن. فقير چيو:"اِهي ڪيس انهيءَ ئي جج وٽ هلڻ ڏيو. اتان اوهان جو پلو ٿيندو."

ان کان پوءِ کهڙي صاحب جي دل ۾ ڪو بہ تردد ڪونہ رهيو. ڪيس آغا صاحب وٽ هليا ۽ هن مثالي انصاف ڪري، پنهنجي مامي جي ڪيئي خلاف، کهڙي کي هر بلا کان آزاد ڪري ڇڏيو. سنڌ اهڙا جج بہ ڏٺا.

2 - فوجداري ڪيسن ۾ کهڙي تي الزام ڌريو ويو هو تہ هن سنڌ مان ويندڙ هندن وٽان هٿ ڪيل هڪ موٽر سائيڪل پنهنجي بنگلي ۾ بيهارڻ ڏني هئي، ٻيو الزام هيءُ هو تہ هن سرڪاري پريس جي هڪ ٽريڊل مشين گهٽ اگهہ تي سنڌ آبزرور پريس کي وڪرائي ڏني هئي.

سنڌ جو چيف منسٽر ۽ اهي الزام؟ پر وقت جي ڳالهہ ٿئي ٿي. ان وقت جي تقاضا ٿي پئي هئي تہ کهڙي کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح ٻڌجيءَ ملڪ جي سياست مان خارج ڪجي.

ان وچ ۾ سر غلام حسين مرحوم انتقال ڪري ويو هو. سر صاحب جي قضيي کان چند ڏينهن اڳ حضرت قائداعظم بہ رحلت فرمائي چڪو هو. هاءِ ڪورٽ کهڙي صاحب جون اپيلون بحال ڪري هيٺينءَ ڪورٽ ۽ ٽربيونل جا فيصلا رد ڪري ڇڏيا.

کهڙي صاحب کي پنهنجيءَ جان ڇڏائڻ ۾ بہ سال کن لڳي ويا ۽ سندس لکين رپيا وڪيلن جي فين وغيره تي خرچ ٿي ويا. سندس هڪ وڪيل الهہ آباد هاءِ ڪورٽ جو رٽائرڊ چيف جسٽس سر اقبال احمد بہ هو.

جن شاگردن ۽ نوجوانن جهنڊا کڻي ۽ نعرا هڻي کهڙي کي ڪراچيءَ جي سوال تي اڳي ڪيو هو، سي وري نظر ڪونہ آيا.

*   *   *

پروڊا جي باري ۾ مٿي اشارو ڪيو ويو آهي. اهو خاص قاعدو حضرت قائداعظم جي زندگي [1] ۾ ڪو نہ پاس ٿيو. سندس رحلت کي اڃان چار مهينا مس گذريا تہ اوچتو اهو قاعدو لاڳو ٿي ويو. ان جا نتيجا هي نڪرڻا هئا ۽ نڪتا:

(1) پاڪستان جو هڪڙو ئي صوبو (سنڌ) اهڙو هو جت وڏيرا سياست تي سوار هئا. وڏيرن جو جهڙو مزاج ٿيندو آهي، هو هڪٻئي سان، ڪرسيءَ جي ڳالهہ تي، سخت وڙهيل رهندا هئا ۽ هڪٻئي جي جاءِ ۽ آبرو کي تڪيون وينا هوندا هئا. لازم هو تہ هو پروڊا جهڙي اوزار کي ڪتب آڻي، هڪٻئي تي درخواستون ڪري، هڪٻئي کي سياست مان نگهوسار ڪرائين ۽ سنڌ جي سياست کي ڪمزور ۽ ٽڪٽڪو بڻائي ڇڏين. 1954ع تائين سنڌ جو اهڙو حال ڪيائون جو وڏن ليبرن مان ڪو بہ اهڙو باقي ڪونہ بچيو جنهن کي پروڊا هيٺ ڪن سالن لاءِ سياست نااهل نہ نهرايو ويو هجي. کهڙو، قاضي فضل الله، مير غلام علي خان سڀ چوٽيءَ جا ليبر چٽي تي ويا. صوبي سان 93 قلم لاڳو ٿيو ۽ حڪومت لاهور هاءِ ڪورٽ جي رٽائرڊ جج جسٽس دين محمد مرحوم جي هٿن ۾ ڏني وئي [2].

---

[1] پروڊا خلاف مکيہ چوٻولو هن ڳالهہ تي پيدا ٿيو تہ جيڪڏهن اهو قاعدو ايتري قدر چڱو هو تہ ان کي قائداعظم جو نہ لاڳو ڪيو؟ قائداعظم رحہ هڪ جمهوريت پسند قائد هو ۽ هو اهڙي قانون جو تصور بہ ڪري ڪو نہ ٿي سگهيو.

[2] خدا سان ڪم پوندو، تہ ان صاحب سنڌ جي حق ۾ گهڻا چڱا ڪم ڪيا. آخر مرڪز سان، خواجہ ناظم الدين مرحوم جي دؤر ۾، سندس اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ هو استعيفا ڏئي هليو ويو. سندس جاءِ تي پهريان حبيب ابراهيم رحمت الله ۽ بعد ۾ نواب افتخار حسين ممدوٽ کي گورنر مقرر ڪيو ويو. ڪجهہ ڏينهن لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو انگريز چيف جسٽس ڪانسٽنٽائن بہ عارضي طور گورنر ٿي رهيو.

(2) پروڊا جي پوءِ ۽ بي آبروئي ڪري صوبن جي روايتي مقامي سياسي قيادتن تي خوف ۽ هراس طاري رهيو، جنهن ڪري هو آزاديءَ سان پنهنجي ڪم ڪرڻ کان عاجز ٿي پيون.

(3) وزيرن جا زبردست ڪامورا مٿن جاسوس ٿي پيا، وزير انهن کان بہ ڊڄڻ لڳا تہ مبادا پروڊا هيٺ هو ڪنهن وقت مٿن شاهد ٿي نہ بيهن. ان طرح جمهوريت ڪمزور ٿيندي رهي ۽ بيوروڪريسي (افسر شاهي) زور وٺندي وئي.

(4) بيوروڪريسي جي زور وٺڻ ڪري رشوت خوري وڌي ۽ عوام لاءِ اهي مسئلا ڪڙا ٿيا، جن جو حل تجويز ٿي ڪو نہ سگهيو.

(5) پراڻيون مقامي سياسي قيادتون، جيڪي ورهين جي ڪوشش ۽ تجربن کان پوءِ، آهستو آهستو، صوبن اندر وجود ۾ آيون هيون، سي هينئر ڪمزور ٿيندي ٿيندي آخر مليا ميٽ ٿي ويون.

(6) عام ماحول اهڙو بڻيو جو قومي سياست هڪ بدنام ۽ خطرناڪ پيشو سمجهي وئي. جنهن ڪري نون آبرو پسند ۽ قابل ماڻهن ان ۾ قدم رکڻ کان پاسو ڪيو ۽ ميدان موقعہ پرستن ۽ هلڪڙن ماڻهن جي هٿ چڙهي ويو.

(7) سياست جي جان آزاد چونڊون ٿين ٿيون، جيڪي باقاعده بنا گس ڳُساءَ جي وقت تي ٿينديون رهن، جيئن عوام کي هر ٽئين سال کان پوءِ موقعو ملندو رهي تہ هو پاڻ پنهنجي نمائندن جي چونڊ چاڻ ڪندا رهن ۽ ضرورت پٽاندڙ، نوان ماڻهو موڪلي سياسي جسم ۾ نئون رت داخل ڪندا رهن. ان طريقي سان قومي نمائندا سڌيءَ طرح پنهنجي عوام سان جوابدار رهيا ٿي ۽ منجهن خود اعتمادي ۽ اصولن تي قائم رهڻ ۽ پنهنجن ماڻهن جي حقن جي بيخوفيءَ سان حفاظت ڪرڻ جو حوصلو پيدا ٿيو ٿي. پر هت صورتحال هيءَ هئي جو چونڊون[1] ٿي ڪو نہ ٿي ٿيون، عوام جي آواز ۽ اختيار جو سوال ئي وچ مان نڪري ويل هو. قومي نمائندن جي، پروڊا هيٺ، مٿان مٿان ئي، حجامت ٿيڻ شروع ٿي هئي. پوءِ اهڙين حالتن هيٺ ”فرضي طرح قومي چونڊيل نمائندا“ قوم جي ڪهڙي نمائندگي ڪري سگهيا ٿي، ڪهڙو حوصلو ڏيکاري

[1] 1947ع کان 1970ع تائين، حقيقي معنيٰ ۾ ڪڏهن بہ چونڊون آزاد نموني سان يا ايڊلٽ فرنچائز بنياد تي ڪو نہ ٿيون. 1956ع تائين تہ ملڪ جو آئين بہ بڻجي ڪو نہ سگهيو هو. سالن جا سال ڪم ”لَمِ ٽپ“ تي هلندو پئي رهيو.

سگهيا ٿي؟ ۽ بيوروڪريسي تي ڪهڙيءَ طرح ڪنٽرول رکي سگهيا ٿي؟ ٿوري ڳالهه اها تہ ملڪ جي سياسي قيادت ۾ قحط ۽ نافت جي حالت پيدا ٿيندي ويئي.

پروڊا جي اصول بابت بروقت گهٽي نڪتہ چيني ٿي، خاص طرح سان مشرقي پاڪستان جي اخبارن تہ محشر مچائي ڏنو. سندن اعتراضن جو نچوڙ هيءُ هو:

هن وقت تائين پاڪستان ۾ انگريزي طرز جي پارلياماني جمهوريت رائج آهي[1]، جيڪڏهن اسان پارلياماني جمهوريت کي اختيار ڪيو آهي تہ ان صورت ۾ اسان کي ان جا جملي لوازمات بہ پيش نظر رکڻا هئا.

مثلاً پارلياماني جمهوريت ۾ پروڊا جهڙي قاعدي جي ڪا گنجائش ڪانہ هئي، پارلياماني نظام هيٺ چونڊيل نمائندن جي اعمالن تي فيصلي ڏيڻ ۽ سندن مواخذه ڪرڻ جو حق ۽ اختيار صرف ڪين چونڊيندڙ ووٽرن (عوام) کي حاصل رهي ٿو، جيڪي چونڊن وقت ڪائنن حساب ڪتاب وٺي سگهن ٿا، ووٽرن يا عوام ڪان سواءِ ٻي ڪا بہ طاقت ڪانہ ٿئي ٿي جيڪا چونڊيل عيوضين جي ڪمن جي تڪ تور ڪري سگهي يا ڪين جزا سزا ڏئي سگهي. پر هت پاڪستان ۾ اسان ان اُصول کي ترڪ ڪري پروڊا پاس ڪري ويٺا آهيون.

ائين نہ آهي تہ برطانيہ ۾ وزيرن جي غلطين ۽ غلط ڪارين جو ڪڏهن ڪو مسئلو ئي پيدا ڪو نہ پيئي ٿيو آهي، بعض وزيرن جا اعمال اُت بہ موجب اعتراض رهيا آهن. مثلاً وزيراعظم لائڊجارج لاءِ وڏو ڦڪڙ ڦاٽو هو تہ هن پنهنجي پارٽيءَ جي فنڊ لاءِ پيسن ڪني ڪرڻ خاطر وڏا وڏا لقب ۽ خطاب ماڻهن ۾ فروخت ڪيا آهن. پر انهن ڳالهين جو فيصلو اُت چونڊيل پارليامينٽ ۾ ٿيندو هو يا نين چونڊن وقت عام ووٽر ڪندا هئا. قوم جي چونڊيل نمائندن کي، ذليل ۽ بي آبرو ڪو نہ ڪيو ويندو هو، انهن تي سندن زبردست شاهد ڪري ڪو نہ بيهاريا هئا، جو تہ قوم جي منتخب نمائندن کي ذليل ڪرڻ جا نتيجا ساري قوم لاءِ خراب نڪرڻا هئا، مثلاً (1) قوم جي مجموعي سياسي زندگي (پبلڪ لائيف) ڪمزور ٿي وڃي ها، (2) بي آبروئي جي ڀوَ ڪان چڱا ۽ صاحبِ ڪردار ماڻهو مورڳو سياست ۾ قدم ئي ڪونہ رکن ها ۽ سياست غلط ماڻهن جي هٿ چڙهي وڃي ها، (3) پارلياماني ادارا بدنام ٿين ها، (4) خود جمهوريت مان ماڻهن جو ويساهہ نڪري وڃي ها ۽ آمريت لاءِ فضا سازگار

---

[1] 1956ع تائين پاڪستان انگريز جو ڊومينين هو. 1973ع تائين انگريز جي ڪامنويلٿ جو م... رهيو.

ٻڌجي ها، (5) وزير سارو وقت پنهنجي آبرو بچائڻ جي فڪر ۾ لڳا رهن ها ۽ هو بي خوفيءَ سان پنهنجن ماڻهن جي خدمت ڪري ڪو نہ سگهن ها. مطلب تہ، پروڊا جهڙو قاعدو دنيا جي ڪنهن بہ جمهوري ملڪ ۾ رائج ڪو نہ آهي.

*　　*　　*

پروڊا[1] هيٺ مشرقي پاڪستان جي بہ ڪن چيدن سياستدانن خلاف ڪارروايون ٿيون. مجموعي طرح ان جو اثر ساري مشرقي پاڪستان جي راءِ عامہ تي پيو، جت پاڪستاني قوم جي اڪثريت رهي ٿي. جمهوري حقن ۽ صوبائي خود اختياري(آٽانامي) جي معاملن ۾ بنگالي حد کان زياده حساس ۽ نازڪ مزاج هئا. هو محسوس ڪرڻ لڳا تہ اهڙا قاعدا قائداعظم رح جي رحلت ڪندي ئي مرڪز طرفان پاس ٿين، سا ڳالهہ پارليامـاني جمهوريت ۽ آٽانامي(صوبائي خوداختياري) جي اصولن جي سراسر خلاف آهي. مشرقي پاڪستان جي ناراضگي جي ابتدا اتان ٿي، جنهن ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ، وڌندي وڌندي اُهي اُگرا ۽ ڏکوئيندڙ نتيجا ڪڍيا، جيڪي بعد ۾ دنيا ڏسي ورتا.

*　　*　　*

کهڙو صاحب پنهنجن اپيلن ذريعي مقدن ۽ پروڊا جي بندش مان آزاد ٿي 1951ع ۾ ٿوري وقت لاءِ دوباره سنڌ جو وزيراعليٰ بڻيو. پر وري بہ گهڻا ڏينهن اهو عهدو ماڻي ڪو نہ سگهيو. سندس خلاف نئين سر پروڊا هيٺ درخواست داخل ٿي، جنهن ڪري وڌيڪ ٽن سالن لاءِ ڪيس سياست مان خارج ٿيڻو پيو. 1954ع ۾ گورنر جنرل غلام محمد مرحوم هٿان پروڊا رد ٿيو ۽ کهڙو صاحب بندش مان آزاد ٿي، ٿيون ڀيرو سنڌ جو وزيراعليٰ بڻيو ۽ هن ڀيري آءٌ بہ سندس وزارت ۾ روينيو وزير مقرر ٿيس.

*　　*　　*

---

[1] پروڊا کي، آخر ۾ سال 1954ع ۾، گورنر جنرل غلام محمد مرحوم، از خود هن بنياد تي منسوخ ڪري ڇڏيو تہ شروع ۾ ان کي پاس ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل جي منظوري ڪانہ ورتي ويئي هئي. اها خامي گورنر جنرل کي ڇهن سالن جي عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ محسوس ٿي هئي، ان وچ ۾ ڪيترن وزيرن جا ڪم لهي چڪا هئا.

ان کان پنج - ڇهہ سال پوءِ ايوب خان مرحوم کي بہ، پاڪستان جي سياست کي پاڪ ڪرڻ جي مقصد سان، ڪن پراڻن ليڊرن ۽ قومي نمائندن کي سياست مان خارج ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ان صاحب گهڻو ڪري ساڳي پروڊا جي اصولن تي "EBDO" جي نالي سان قانون لاڳو ڪيو، ۽ ان کي ساڳي طرح استعمال ڪري ڪيترن چوٽيءَ جي قومي ليڊرن کي، جن ۾ سهروردي مرحوم جهڙو بزرگ بہ شامل هو، سياست لاءِ نااهل قرار ڏيارائي ڇڏيائين.

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت ياد رکڻ جي قابل ڳالهہ آهي تہ پروڊا خواهہ ايبڊو هيٺ هڪڙي بہ سياستدان خلاف رشوت خوري جو ڪو الزام ثابت ٿي ڪو نہ سگهيو هو.

انهن ڏينهن ۾ "ون يونٽ" جي ڳالهه شروع ٿي چڪي هئي. ون يونٽ جي معنيٰ هيءَ هئي تہ مغربي پاڪستان جي سمورن صوبن کي گڏي هڪ انتظامي يونٽ بڻائجي. اهو منصوبو جنرل ايوب خان مرحوم جو رٿيل هو. پنهنجي خود نوشت سوانح عمري "فرينڊس ناٽ ماسٽرس" ۾ (صفحو 186 تي) پاڻ لکيو اٿائين تہ "آءٌ لنڊن ۾ هوس. وزيراعظم محمد علي بوگري ۽ گورنر جنرل غلام محمد جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي ويل هئي. مون سمجهيو پئي تہ غلام محمد کو جبرو قدم کڻندو ۽ مون کي بہ سياست ۾ گهلي ويندو، حالانڪ مون سياست ۾ قدم رکڻ پسند ڪو نہ ٿي ڪيو. هڪ دفعي رات جو (لنڊن جي هوٽل ۾) ننڊ ڪا نہ ٿي آيم. پاڪستان جي مستقبل ۽ مونجهاري تي سوچيندي، ڪجهہ خيال آيم جيڪي بروقت قلمبند ڪري ورتم."[1]

سندس قلمبند ڪيل خيال ڇا هئا، سي اڄ بہ پڙهڻ وٽان آهن. انهن مان ظاهر تہ "ڪٽان جي لڳل هئي" - خيالات جو مول متو هيءُ هو تہ مغربي پاڪستان جي صوبن کي ختم ڪري هڪ گڏيل صوبو مغربي پاڪستان بڻائجي. صفحي 192 تي لکي ٿو تہ :"اهو منهنجو پروگرام آهي. اهو ڪم اسان کي ڪرڻو آهي. پهرين نمبر تي مغربي پاڪستان جي صوبن کي ملائي هڪ ڪرڻو آهي."[2]

لنڊن مان آمريڪا وڃي، محمد علي بروگري کي (جيڪو پڻ آمريڪا جي سير سياحت لاءِ ويل هو) پاڻ سان وٺي، ايوب خان ڪراچي پهتو. گورنر جنرل غلام محمد مرحوم، جيڪو وزيراعظم بوگري مرحوم تي باهہ ٿيو[3] وينو

---

[1] ايوب خان جي ڪتاب جو سارو يارهون باب پڙهڻ گهرجي، خاص طرح سان صفحو 192.

[2] ون يونٽ جي باري ۾ ڳالهين هلندي، هڪ دفعي، مَريءَ ۾ هڪ ڊنر پارٽي جي موقعي تي ايوب خان، جيڪي ڪجهہ چيو (ون يونٽ کان انڪار ڪندڙ صوبن متعلق) سو کهڙو صاحب خود ئي بهتر طريقي سان ٻڌائي سگهندو.

[3] غلام محمد مرحوم ۽ وزيراعظم بوگري جي وچ ۾ بہ مهينا اڳ هن ڳالهہ تي جهيڙو ٿي پيو هو جو وزيراعظم بوگري اوچتو ئي اوچتو (جڏهن غلام محمد تفريح لاءِ ڪراچي کان ٻاهر ايبٽ آباد ويل هو) اسيمبلي اڳيان نهراءُ پيش (۽ پاس) ڪرائي گورنر جنرل جي اختيارات کي گهٽارائي ڇڏيو هو. ان ڪم ۾ سنڌ جو وزيراعليٰ مسٽر عبدالستار پيرزادو مرحوم بہ بوگري صاحب سان شامل هو. تنهن ڪري غلام محمد مرحوم جي ڪاوڙ مٿس بہ هئي. ساڳي طرح مغربي پاڪستان جي ڪن ٻين صوبن جا وزيراعليٰ بہ بوگري واري منصوبي ۾ شريڪ رهي چڪا هئا، تنهن ڪري اُهي بہ غلام محمد مرحوم جي عتاب هيٺ اچي ويل هئا.

غلام محمد مرحوم جي طاقت حاصل ڪرڻ بعد پيرزادي صاحب ۽ ڪن ٻين وزيرن گورنر جنرل کي راضي ڪرڻ لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون ۽ سندس تائيد ۾ خوب اخباري بيان بہ جاري ڪيا، پر غلام محمد کين ناقابل اعتبار سمجهي مٿن ڪهل ڪانہ ڪئي ۽ نہ بوگروصاحب ئي پنهنجن رفيقن کي بچائي سگهيو.

هو، تنهن هڪدم زوريءَ مرڪزي ڪابينہ ۾ قير قار ڪرائي، خود ون يونٽ جي مصنف[1] ايوب خان کي بہ مرڪزي وزارت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ايستائين ايوب خان ڇڙو ڪمانڊر ان چيف هو، هينئر ان عهدي سان گڏ پاڪستان جو وزير دفاع بہ بڻجي ويٺو.

ايوب خان تہ ون يونٽ واري اسڪيم جو مصنف هو، وزارت ۾ ويهندي شرط يونٽ لاءِ هلچل شروع ٿي ويئي.

مرڪزي ڪابينا جي ان قيرقار ۾ مشرقي پاڪستان پاران سهروردي مرحوم کي بہ ڪابينا ۾ شامل ڪري، وزير قانون بڻايو ويو هو. ان وقت مشرقي پاڪستان جا نمائندا ٻن گروپن ۾ ورهائجي چڪا هئا. هڪ گروپ جو اڳواڻ سهروردي مرحوم هو ۽ ٻئي گروپ جو ليڊر مولوي فضل الحق مرحوم هو.

ون يونٽ جي تجويز پهريان مشرقي پاڪستان وارن کان قبول ڪرائي ويئي. مشرقي پاڪستان ان حد تائين تيار ٿي ويو، جو اتان جي ٻنهي گروپن ون يونٽ خاطر پنهنجي صوبي جي ميجارٽي ڇڏي، مغربي پاڪستان سان هڪ جيترائي(Parity) جو اصول بہ قبول ڪري ڇڏيو. نيشنل اسيمبلي ۾ ون يونٽ لاءِ بل تيار ڪرڻ جو ڪم خود سهروردي صاحب پنهنجي سر تي هموار ڪيو[2] . آءٌ پاڻ سهرورديءَ صاحب سان وڃي مليس. ڪانئس صورتحال پڇيم. پاڻ حاڪماڻي انداز ۾ مون کي فهمائش ڪيائين تہ "ون يونٽ ضرور ٿيندو، جيڪو صوبو ان جي مخالفت ڪندو، ان کي طاقت سان ملياميٽ ڪيو ويندو." سهروردي صاحب جهڙي بزرگ سياستدان ۽ جمهوريت پسند انسان جي پنهنجي واتان اهڙي دڙڪي ملڻ تي مون کي اچرج گهڻو ٿي ٿيو، پر چوڻ جو چارو ڪونہ رهيو. هوا جو رخ البتہ معلوم ٿي ويو.

ايوب خان جي مرڪزي وزارت ۾ ويهندي شرط ون يونٽ لاءِ ميدان جي تياري شروع ڪري ڏني هئائون.

---

[1] ون يونٽ جي باري ۾ ايوب خان ۽ سندس صوبائي ۽ مرڪزي وزير 1969ع تائين، جڏهن پاڻ پاور مان نڪتو، رات ڏينهن بيان ڪندا ٿي وتيا تہ جيڪو ون يونٽ جي مخالفت ڪندو، تنهن کي ڪُچلي ڇڏيو ويندو. ان مان سندس ون يونٽ سان عشق ظاهر آهي.

[2] خدا جي ڳالهہ اهڙي ٿي جو ٿورن مهينن اندر سهر وردي مرحوم خود کي وزارت مان ڪڍي ان جي جاءِ تي مولوي فضل الحق کي وزارت ۾ آندائون، جيڪو پڻ ساڳئي طرح، ون يونٽ جي فائدي ۾ هو. سهروردي صاحب کي ان کان پوءِ اسيمبليءَ ۾ خود پنهنجي ٺاهيل ون يونٽ بل جي مخالفت ۾ تقريرون ڪرڻيون پيون، پر انهن مان ڪجهہ ڪونہ ورڻو هو.

آڪٽوبر 1954ع جي پوئين هفتي ۾ گورنر جنرل مون کي سڏايو. آءُ انهيءَ ئي سال جي شروعات ۾ پيرزادي صاحب جي وزارت کان علحدو ٿي ويو هوس[1]. منهنجي جاءِ ڀرڻ لاءِ پيرزادي صاحب 12 وزيرن جي وزارت ناهي، پر اسيمبليءَ جو هڪڙو اجلاس بہ سڏائي اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري ڪو نہ سگهيو، ڇو تہ سنڌ اسيمبليءَ ۾ منهنجي دوست ميمبرن جي گهڻائي هئي ۽ جيڪڏهن اجلاس سڏائي ها تہ ٻارهن وزيرن هوندي بہ سندس وزارت ڪري پوي ها.

ملاقات جي دوران گورنر جنرل فرمايو تہ:"اسان سنڌ جي پيرزاده وزارت کي ڊسمس ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، ڇو تہ هن بوگري وزيراعظم سان ملي اسان جي خلاف(يعني گورنر جنرل خلاف) منصوبو هلايو هو، تنهن کان سواءِ هو اٺن مهينن کان پنهنجي اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي، اعتماد جو ووٽ بہ حاصل ڪري ڪو نہ سگهيو آهي."

مون عرض ڪيو تہ :"هاڻي تہ پيرزادو صاحب ۽ سندس دوست اوهان جي تائيد ۽ تعريف ۾ اخباري بيان پيا ڪڍن."[2]

گورنر جنرل:"پر انهن تي اعتبار ڪهڙو؟ ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن. شروع ۾ مون سان وفاداريءَ جا ڏک پريندا پئي رهيا ۽ منهنجي مدد سان عهدا هٿ ڪندا وتيا، پر جڏهن وقت ڦريو تہ بوگري سان شامل ٿي راتو رات منهنجي پڳ لاهڻ لاءِ، منهنجن بدخواهن سان شامل ٿي بيهي رهيا ۽ منهنجي اختيارات کسائڻ لاءِ اسيمبليءَ کان چوريءَ بل پاس ڪرائي ورتائون، تنهن ڪري هينئر انهن جي قريب وڃڻ جو سوال ئي ڪو نہ رهيو آهي."

---

[1] پيرزادي صاحب سان منهنجا اختلاف انتظامي ڳالهين تي ٿيا هئا. لاڙڪاڻي جو ايس. پي. پنهنجي ڪاٽي جي وزير سان بدتميزيءَ سان پيش آيو هو. منهنجي دوست وزيرن، جن جو اڳواڻ آءٌ هوس، گهر ڪئي تہ ان ايس. پي. کي سزا ڏني وڃي. جا ڳالهہ پيرزاده صاحب وزيراعليٰ کانہ مڃي. مون فيصلو ڪيو تہ جنهن ڪابينا جي ميمبرن جي زبردست بہ عزت ڪونہ ٿا ڪن، اهڙي ڪابينا جو ميمبر ٿي رهڻ پنهنجن هٿن سان پنهنجي بيعزتيءَ ڪرڻي آهي. مون گهَر ڪئي تہ پيرزادو صاحب استعيفا ڏئي. وزيراعظم محمد علي بوگري پيرزادي صاحب جي طرفداري ڪئي ۽ اُلٽندو مون کان استعيفا جي گهر ڪئي. استعيفا ڏيڻ کان مون انڪار ڪيو جنهن تي بوگري مون کي ۽ منهنجي دوست وزيرن کي ڊسمس ڪرائي ڇڏيو. (پنجن مهينن کان پوءِ آءٌ وري وزير ٿيس.)

[2] پيرزادي مرحوم، مير غلام علي خان مرحوم، پير الاهي بخش مرحوم جي اُن زماني جي بيانن لاءِ ڏسو"ڊان" ۽ ڪراچي جي ٻين اخبارن جا پرچا، نومبر 1954ع جي پهرين هفتي جا. انهن بيانن ۾ هنن گورنر جنرل جي ڪنيل سمورن قدمن جي پُٺ ڀرائي ڪئي هئي ۽ ساڳئي وقت بين السطور ۾ اشارتاً ون يونٽ واريءَ تجويز ڏانهن بہ لاڙو ڏيکاريو هئائون، پر ان هوندي بہ گورنر جنرل جو مٿن اعتبار ڪو نہ ٻڌو.



نواب غيبي خان چانڊيو ۽ پيرزادو عبدالستار

مون پڇيس تہ: "منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟"

چيائين: "سنڌ اسيمبليءَ ۾ تنهنجي گروپ جي گھڻائي آهي، هينئر اسان توکي سنڌ جو وزيراعليٰ بڻائي رهيا آهيون."

مون عرض ڪيس: "وزيراعليٰ بڻجڻ جي نہ مون کي تمنا آهي ۽ نہ ايڏي بار کڻڻ جي مون ۾ اهليت يا طاقت آهي. ايڏا ۽ اهڙا عهدا خطرناڪ ٿين ٿا. انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ غير معمولي همت جي ضرورت رهي ٿي ۽ اهڙي همت مان پاڻ ۾ ڪو نہ ٿو ڏسان."

گورنر جنرل مون کان صلاح پڇي. مون چيس تہ "وزارت اعليٰ لاءِ کهڙي صاحب کان وڌيڪ ٻيو ڪو موزون ماڻهو اسان وٽ ڪو نہ آهي. متس پروڊا جي بندش پيل آهي. پروڊا جي ان حڪم ۾ قانوني سقم آهي. اوهان پنهنجي قانوندانن سان مشورو ڪري متانس اها بندش لاهيو."

قصو ڪوتاهہ، گورنر جنرل قانوني صلاح وٺڻ کان پوءِ مورڳو پروڊا قاعدي کي ئي رد ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري کهڙي صاحب تان بہ بندش لهي ويئي. ان کان پوءِ 8- نومبر 1954ع جو کهڙي صاحب نئين سنڌ وزارت ٺاهي، جنهن ۾ آءٌ بہ پنهنجي پراڻي عهدي (روينيو منسٽري) تي وري بحال ٿيس.

* * *


جهڙي طرح آءٌ مٿي عرض ڪري چڪو آهيان، تہ ون يونٽ جو قصو زور شور سان ڇڙي چڪو هو. کهڙي صاحب ۽ مون پاڻ ۾ صلاح ڪري هيٺيون پروگرام ٺاهيو:

(1) پهريان ساري پاڪستان جي صورتحال ويهي ڏسجي تہ مغربي پاڪستان جا ٻيا ننڍا صوبا ۽ رياستون ان معاملي ۾ ڇا ٿيون ڪن. ڇا اهي سڀ پنهنجي وجود وڃائڻ لاءِ تيار ٿين ٿيون يا نہ؟

(2) اسان کي سنڌ جي ٻاران سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ ۽ ٻين سڀني جي حال ڏسڻ کان پوءِ، فيصلو ڪرڻ گهرجي.

(3) جيڪڏهن صورتحال آخر تائين اها ٿي بڻجي تہ مغربي پاڪستان جا ٻيا سمورا صوبا (رياستن سميت) قرباني ڪري پنهنجي جدا هستين کي وڃائڻ لاءِ تيار ٿي بيهن ٿا، ۽ ساڳئي وقت پاڪستان جو گهڻائيءَ وارو صوبو يعني مشرقي پاڪستان بہ آخر تائين ان تجويز جي پنيرائي ڪندو رهي ٿو، تہ

مصنف جي پاڪستان جي اڳوڻي گورنر جنرل مسٽر غلام محمد سان يادگار تصوير



حبيب ابراهيم رحمت الله، بيگم حبيب ابراهيم رحمت الله، پيرزادو عبدالستار،
قاضي محمد اڪبر، مير غلام علي، رحيم بخش سومرو، هن تصوير ۾ نمايان آهن.

اسان جي متعين ڪيل پروگرام پٽاندڙ کهڙي صاحب ون يونٽ جي باري ۾ ڳالهيون هلايون ۽ اڳواٽ ۾ اصول قبول ڪرايائين. يعني:

(1) سنڌ پهريان ٻين صوبن ۽ رياستن جو حال ڏسندي ۽ سڀ ڪان پڇاڙيءَ ۾ پنهنجو فيصلو ڏيندي. اُن باري ۾ سنڌ سان تڪڙ نه ڪئي ويندي.

(2) سنڌ، آخر ۾، جيڪڏهن ون يونٽ قبول به ڪيو، ته به اهو ڪم ڪن شرطن تي ٿيندو. جيڪي ڪليو ڪلايو اڳواٽ منظور ڪيا ويندا ۽ پريس ۾ شايع ڪرايا ويندا.

ان ڪان پوءِ سنڌ جي شرطن تي بحث ٿيندا رهيا ۽ گهڻي بحث مباحثي ۽ ڇڪتاڻ ڪان پوءِ وڃي کهڙي صاحب سنڌ جي ٻاران هينيان شرط قبول ڪرايا، جن جو بروقت ڪليءَ طرح اعلان ڪيو ويو - (مثال لاءِ ڏسو ڊان اخبارن جو پرچو مورخه 18 نومبر 1954ع. جناب جي. ايم. سيد پاڻ به پنهنجي ڪتاب [1] "خط ۽ مضمون" جي صفحي 131 ۽ 132 تي اهو عهد نامو لفظ به لفظ شايع ڪيو آهي) اِهي شرط گهڻي ڀاڱي جي. ايم. سيد صاحب جي پنهنجي پيش ڪيل "سنڌ جي حقن جي درخواست" جي روح مطابق هئا. اِها درخواست سيد صاحب سنڌ اسيمبليءَ اڳيان مارچ 1954ع ۾ پيش ڪئي هئي ۽ اسيمبليءَ جي رڪارڊ ۾ محفوظ آهي.

## شرائط يا عهدنامو

سنڌ جو صوبو، مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ جو نهڻ، هيٺين شرطن تي قبول ڪندو:-

(1) سنڌ کي وعدي ڪيل حق قانوني طور ڏيڻ جو آئين ۾ انتظام ڪيو وڃي ۽ اُهي عدالتي طريقي (Justiciable) سان حاصل ڪري سگهجن.

---

[1] ان ڪتاب ۾ منهنجا ڏانهس لکيل خط ۽ ڪي مضمون ڇپايل آهن. صفحي 131 جي شروعات جي. ايم. سيد صاحب هنن لفظن سان ڪئي آهي:

"18 - نومبر 1954ع تي سيد علي محمد شاهه راشديءَ پريس ڪانفرنس ۾ (بحيثيت وزيرا اطلاعات سنڌ) ون يونٽ بابت سوالن جا جواب ڏنا. جنهن جو احوال ڊان اخبار ۾ هيٺينءَ ريت ڇپيو........"

۽ پڇاڙي:

"راشدي صاحب ظاهر ڪيو ته ون يونٽ جو نهراءُ انهن شرطن سان سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊسمبر ڌاري آڻي پاس ڪرايو ويندو."

(2) سنڌ مان جيڪا بہ آمدني ٿئي، اها سنڌ تي خرچ ڪئي وڃي،

(3) سنڌ جون سموريون صوبائي نوڪريون سنڌين جي هٿن ۾ ۽ سنڌن سنڀال هيٺ هجن.

(4) سنڌ جون زمينون ٻهريان بي زمين سنڌين ۾ ورهايون وڃن، پوءِ ڪجهہ حصو سنڌ ۾ رهندڙ بي زمين مهاجرن ۽ ٻين غير سنڌين ۾ ورهائجن تہ اعتراض ڪونهي،

(5) مٿينءَ طرح زمين جي ورهاست ڪان پوءِ جيڪا زمين بچي، سا پلي ڪنهن مقرر ڪيل ايراضيءَ ڪان گهٽ ايراضي رکندڙ ماڻهن کي نيلام ڪئي وڃي،

(6) جملي مرڪزي ۽ وڏين نوڪرين ۾ سنڌ کي مقرر تعداد ۾ نوڪرين جو ڏنو وڃي،

(7) ون يونٽ بعد مرڪز ۾ صرف ٽي ڪاتا رهن - بچاءُ، امور خارجہ ۽ سڪو[1]،

(8) سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ جي حصي ۾ دست اندازي نہ ڪئي ويندي،

(9) سنڌي زبان ۽ ادب تي ٿيندڙ موجوده خرچ ۾ گهٽتائي نہ ڪئي ويندي،

(10) سنڌ کي لشڪر ۾ سندس حصو ڏنو ويندو،

(11) سنڌ سان واسطو رکندڙ ڳالهين بابت اهڙو ڪو بہ قانون پاس نہ ڪيو وڃي، جنهن جي فائدي ۾ سنڌي ميمبرن جي اڪثريت ووٽ نہ ڏنو هجي.

جهڙي طرح هينئر عرض ڪري چڪو آهيان تہ اهي شرط[2] اڳواڻ

---

[1] ايوب خان جي لنڊن ۾ ناهيل منصوبي (جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي) موجب بہ مرڪز وٽ صرف چار ڪاتا رهڻا هئا. يعني هنن ٽن ڪانسواءِ مواصلات جو ڪاتو بہ ۽ باقي سارا حڪومتي ڪاتا صوبن جي حوالي ٿيڻا هئا. في الحقيقت ون يونٽ ٽهڻ ڪان پوءِ مواصلات جو ڪاتو بہ صوبن جي حوالي ڪري ڇڏيو ويو هو.

[2] ڪن تاريخ ڪان ناواقف، آئيني ۽ قانوني نڪتن ڪان عاري، سطحي سمجهہ رکندڙ ماڻهن طرفان، محض اعتراض اڀارڻ جي ارادي سان، هيءُ اعتراض گهڙيو ويو تہ "ون يونٽ ڪان پوءِ سنڌ ٿي ڪانہ هوندي تہ پوءِ عهدنامو ڪنهن سان پڙندو؟"

پر سوال آهي تہ ون يونٽ جي معنيٰ ڇا آهي؟

معنيٰ اها هئي تہ چئن صوبائي ۽ اٺن - ڏهن رياستي وزارتن کي ملائي هڪ گڏيل وزارت ٺاهي وڃي، جيڪا ملڪ جي مغربي حصي جو انتظام هلائي. ان وزارت ۾، خواهہ اسيمبليءَ ۾، سنڌ کي پنهنجي نمائندگي هوندي.

(هلندڙ)

ساري ملڪ جي اخبارن ۾ شايع ڪرايا ويا. کهڙي صاحب انهن جو ذڪر سنڌ اسيمبليءَ ۾، ۽ حڪمران پارٽيءَ پاران نواب گورماني صاحب، انهن جو اعادو آئين ساز اسيمبليءَ اڳيان ڪيو. غرض، هر ممڪن طريقي سان ڳالهه کي پڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي: ڪنهن به علائقي يا پارٽيءَ يا گروپ جي پاران انهن جي مخالفت يا ترديد ڪانه ٿي.

* * *

نومبر جو سارو مهينو کهڙي صاحب ۽ اسان ويهي گردو پيش جي روئداد جو مطالعو ڪيو. روئداد هيءَ بڻي جو پهريان صوبہ سرحد جي اسيمبليءَ ون يونٽ قبول ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو، ان ڪانپوءِ ڏڙا ڏڙ هڪ ٻئي پٺيان ٻين صوبن ۽ علائقن طرفان بہ ون يونٽ جي فائدي ۽ تائيد ۾ اعلان ۽ فيصلا اچڻ شروع ٿيا. مثلاً:

---

هيءَ معنيٰ نہ هئي تہ سنڌ کي وڻ جي ڇَڪيءَ وانگر هتان پَٽي وڃي لاهور ۾ پٽي هنيائون.

سنڌ ون يونٽ هيٺ بہ، بطور هڪ نمايان خط زمين جي قائم رهڻي هئي، سندس حيثيت ۽ حق بطور هڪ پاڳي پائيوار ڏُر جي قائم رهڻا هئا، سندس علائقا، ضلعا ۽ مسئلا پنهنجيءَ جاءِ تي موجود رهڻا هئا.

وزارت جي جاءِ ڦرڻ ڪري يا ٻين سان ملي انتظامي ڪاروبار هلائڻ ڪري سنڌ بلڪل يسر ٿي صفحہ هستيءَ تان مٽجي وڃڻ ڪانہ هئي. قانوني طرح هن جي هستي ۽ شخصيت Legal Corpus، آئيني زبان ۾ پوءِ بہ De Facto بحال هئي.

جيڪڏهن سنڌ جو وجود فنا ٿي ويو هو تہ پوءِ سنڌ کي اهو حق جو حاصل هجي ها تہ ون يونٽ هوندي بہ سنڌ جا نمائندا سنڌ پاڻ چونڊي، يا ون يونٽ وزارت ۾ سنڌ کي لازماً نمائندگي جي ڪوٽا حاصل رهي؟ هڪ فنا ٿي ويل ۽ نقشہ هستيءَ تان مٽجي ويل شئي کي پنهنجن نمائندن پاڻ چونڊڻ ۽ پنهنجن وزيرن رکائڻ جي حق ڏيڻ جو ڇو آئيني انتظام هجي ها؟ ڇا مري ويل ماڻهن ڪان بہ سندن نمائندا ۽ وزير چونڊرايا ويندا آهن؟ ڇا انهن حق ڏيڻ جي اها معنيٰ نہ ٿي نڪتي تہ سنڌ جو وجود بطور هڪ علحده ڏُر يا عنصر جي De Facto تسليم ٿيل هو؟

هڪ دور ۾ سنڌ جو انتظامي ڪاروبار بمبئيءَ مان هلندو هو، ڇا اِن دور ۾ سنڌ جو وجود ڪو نہ هو؟ مختلف زمانن ۾ مختلف انتظامي سينٽرن سان وابستہ رهڻ سببان سنڌ جو انتظامي ڪاروبار ڪراچيءَ يا حيدرآباد بدران ڪلڪتي، دهلي ۽ ملتان مان پئي هليو - ڇا ان ڪري سنڌ وجود ۾ ڪانہ رهي هئي؟

مسٽر کهڙي جي ڪرايل عهدنامي جي ذريعي پاڻ سنڌ جي وجود Legal Corpus کي دوباره ۽ واضح طور، بحيثيت هڪ ڌر جي، تسليم ڪرايو ويو هو. صريحاً عهدنامي جي معنيٰ اها ٿي نڪتي تہ، ون يونٽ هوندي بہ، سنڌ جو وجود بحال هوندو ۽ ان جي شرڪت هڪ Contracting Party جي حيثيت ۾ هوندي. نہ فقط ايترو پر ان عهدنامي ۾ خود اهو شرط بہ رکيل هو تہ ان عهدنامي هيٺ سنڌ سان جيڪي شرط ڪيا ويا آهن، تن جي جيڪڏهن ڪا ڀڃڪڙي ٿي تہ معاملو ڪورٽ تائين بہ کڻي وڃي سگهبو.

جيڪڏهن بعد ۾ ڪنهن منزل تي اهڙي صورتحال پيدا ٿي جنهن جو تدارڪ ٿيڻ کپندو هو ۽ عهدنامي مان فائدو وٺڻ کپندو ۽ اهو نہ ورتو ويو تہ ان جي جوابداري ڪنهن تي پوڻي هئي؟ (وڌيڪ عرض ڪرڻ ڪان عاجز آهيان).

(1) صوبہ سرحد جون رياستون ۽ قبائلي علائقن جا جرگا.

(2) صوبہ بلوچستان جو شاهي جرگو.

(3) رياست قلات، خاران، مڪران ۽ لسٻيلو.

(4) ڪوئٽا ميونسپالٽي.

(5) رياست بهاولپور.

(6) رياست خيرپور.

(7) پنجاب.

(8) ڪراچي ميونسپالٽي ۽

(9) مشرقي پاڪستان جا سڀ گروپ اَچ ۾ ئي ون يونٽ جي حق ۾ ٻانهون ڪنجيون بيٺا هئا.

ان سلسلي ۾ وڏي قرباني رياستن پئي ڪئي، جن پنهنجي سَــو سالن جي علحدگــيءَ کــي ختــم ڪــري پنهنجــا پنهنجــا خزانــا، حــق، ملــڪ ۽ حڪومتون ون يونٽ جي حوالي پئي ڪيا - بنگال هيءَ قرباني پئي ڪئي جو هو پنهنجي واضح اڪثريت تان دستبردار ٿي مغربي پاڪستان سان نمائندگي جي هڪ جيترائي (Parity) قبول پئي ڪئي. ساڳئي وقت پنجاب بہ ڏهن سالن لاءِ پنهنجي اڪثريت(56 فيصد) کي قربان ڪري فقط چاليهہ سيڪڙو نمائندگي تي راضي رهڻ منظور ٿي ڪيو. باقي اڪيلي سنڌ وڃي ٻاهر ٿي رهي.

مهيني کن جي تعطل ۽ حالات جي مطالعي بعد کهڙي صاحب آخر 11- تاريخ ڊسمبر 1954ع جو سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي ون يونٽ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. سنڌ اسيمبليءَ جي ڪل 110 ميمبر مان 98[1] ميمبرن ون

---

[1] انهن اٺانوي ميمبرن جا نالا هي آهن: (1) عبدالله خان مهيسر (2) عبدالفتاح ميمڻ (3) عبدالمجيد خان جتوئي (4) قاضي عبدالمنان (5) ڄام بشير احمد (6) مير احمد خان ٽالپر (7) احمد خان راڄپر (8) احمد خان پنهور (9) مير احمد خان پٺاڻ (10) ٺڪر آئيدان سنگهہ (11) بيگم عائشہ عزيز (12) علي اصغر شاهہ شيرازي (13) مير علي احمد خان ٽالپر (14) علي بلاول خان ڊومبڪي (15) سردار علي گوهر خان مهر (16) علي گوهر کهڙو (17) علي حسن منگي (18) علي محمد راشدي (19) علينواز خان ڏاريجو (20) مير علينواز خان ٽالپر (21) پير عالي شاهہ جيلاني (22) مير الله بچايو خان ٽالپر (23) علڻ خان لغاري (24) امير بخش مهر (25) ڄام امير علي خان (26) آغا بدرالدين دراني (27) مير بنده علي خان ٽالپر (28) ڏرمداس مونومل (29) دوست محمد هڪڙو (30) فيض محمد صندل (31) فقير محمد انڙ (32) حاجي فضل محمد خان لغاري (33) حاجي غلام علي ميمڻ (34) حاجي جان محمد مري (35) سيد غلام حيدر شاهہ (هلندڙ)

يونٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو ۽ فقط ڇئن مخالفن ۾. (باقي ڪجهه ميمبر موڪل تي هئا ۽ ميمبريءَ جون ڪجهه جايون خالي به هيون). اسيمبليءَ جي ڇپيل ڪارروائي ۾ جن ميمبرن ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو، تن جا نالا رڪارڊ ٿيل آهن. انهن نالن لسٽ تي نظر ڪبي ته ثابت ٿيندو ته سنڌ اسيمبليءَ جي سڀني گروپن (مثلاً مير غلام علي خان مرحوم ۽ پيرزاده عبدالستار مرحوم جي گروپن سميت) ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڪيو. صرف کهڙي صاحب يا منهنجي گروپ جي ووٽن جو سوال ڪو نه رهيو هو. گويا سنڌ جي "ساريءَ دنيا" ون يونٽ جي فائدي ۾ هئي. مير غلام علي خان مرحوم جي اها تقرير رڪارڊ تي موجود آهي، جنهن ۾ هن صاحب آئين ساز اسيمبليءَ اڳيان فخر سان اعلان ڪيو هو ته:

"ڪي منهنجا بدخواه هُلائيندا پيا وتن ته آءٌ ون يونٽ جو مخالف هوس. اها ڳالهه منهنجي خلاف هڪ بهتان آهي. آءٌ ون يونٽ جي فائدي ۾

---

ولد حاجي پير شاهه (36) سيد غلام حيدر شاهه ولد نواب شاهه (37) غلام قادر ناريجو (38) غلام نبي ڏهراج (39) غلام رسول خان جتوئي (40) پير غلام رسول شاهه جيلاني (41) غلام رسول ڪيهر (42) سيد گل محمد شاهه (43) حاجي گل محمد ڪيڙو (44) گل جي مينگهواڙ (45) حامد حسين فاروقي (46) مير امام بخش ٽالپر (47) مير جعفر خان جمالي (48) جان محمد پائي خان (49) قادر بخش تنيو (50) سيد ڪرارو شاهه (51) سيد خير شاهه (52) خان محمد بوزدار (53) محبوب شاهه پير رسول بخش شاهه (54) مامون خان ملڪاڻي (55) سيد مهر علي شاهه (56) موسيٰ خان بگهيو (57) حاجي مولابخش (58) سيد مبارڪ علي شاهه (59) قاضي محمد اڪبر (60) سردار سيد محمد علي شاهه (61) محمد اشفاق صديقي (62) مير محمد بخش ٽالپر (63) محمد بخش خان سرڪي (64) حاجي پير محمد حسين بخش (65) سيد محمد حسن شاهه (66) حاجي محمد حيات جوڻيجو (67) سردار جعفر خان بليدي (68) پير مهدي شاهه جهنڊي وارو (69) محمد يوسف چانڊيو (70) مخدوم محمد زمان (71) سيد محمد زمان شاهه بقادار شاهه (72) حاجي نجم الدين لغاري (73) نصير محمد خان مدواڻي (74) سردار نور محمد بجاراڻي (75) نور محمد راهمو (76) سيد نور محمد شاهه (77) رحيم بخش سومرو (78) رسول بخش جوڻيجو (79) روپچند چيلارام (80) روپچند لوهاڻو (81) حاجي صادق علي ميمڻ (82) ڊاڪٽر سعيد الدين صالح (83) سيف الله خان منگسي (84) پير صالح شاهه (85) سميومل لوهاڻو (86) سوائي سگنهه سوڍو (87) شاهنواز پيرزادو (88) شاهه نظر حسين شاهه (89) شاهل خان ڪوسو (90) سڪندر خان هملاڻي (91) سيرومل ڪرپالداس (92) سلطان احمد چانڊيو (93) سردار مير سندر خان سندراڻي (94) بيگم طاهره آغا (95) مسٽر ٽيڪون مل (96) توڳاچي ميرمحمد نوهڙي (97) عثمان خان ملڪاڻي (98) نواب زاهد علي خان.

نوٽ چار ميمبر جيڪي مخالف ويا، تن جا نالا هي آهن: (1) عبدالمجيد خان جتوئي (2) غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي (3) پير الاهي بخش (4) شيخ خورشيد احمد.

(ڏسو سنڌ اسيمبليءَ جي ڇپيل ڪارگذاري جلد 3، ڪتاب نمبر 1 (1954ع جو) صفحو 57، 58، 59)

هوس، منهنجي ساري گروپ سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ شريڪ ٿي ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو."

(مير صاحب مرحوم جي اها تقرير آئين ساز اسيمبليءَ جي ڇپيل ڪار گذاريءَ ۾ موجود آهي - ون يونٽ بل تي بحث جي دوران ۾"). ساڳئي وقت جڏهن ون يونٽ بل آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيو (جنهن اسيمبليءَ جو مير صاحب به ميمبر هو) ته مير صاحب ون يونٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو.

*　　*　　*

کهڙي صاحب جي ان عمل تي، بعد ۾ سندس سياسي مخالفن، ڪجهه غلط فهمين پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بعض واقعن کي اڳي پوءِ ڪري ڪوڙي تاريخ به تيار ڪيائون، مگر حقيقتون صاف هيون، جن تي ايمانداري ۽ بي ريائيءَ سان غور ڪرڻ بعد کهڙي صاحب جي ڪردار جي باري ۾ ڪنهن به غلط فهميءَ لاءِ گنجائش ڪانه ٿي رهي.

في الحقيقت ڳالهه کي سمجهڻ ۽ ان جي تهه تائين پهچڻ لاءِ هنن نڪتن ۽ سوالن تي نظر رکڻ گهربي هئي:

(1) مشرقي پاڪستان کان وٺي ڪراچي ميونسپالٽيءَ تائين سيني صوبن، علائقن ۽ رياستن ون يونٽ جي فائدي ۾ فيصلا ڪري ڇڏيا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ڇا سنڌ جهڙي نسبتاً ننڍڙي صوبي لاءِ ممڪن هو ته هو اڪيلي سر سيني جي مقابلي لاءِ ميدان ۾ اچي ها؟ جيڪڏهن اچي به ها ته ڪيتري قدر ڪامياب ٿي سگهي ها؟

(2) ايوب خان جي پنهنجي ڪتاب مان (جنهن جو حوالو مٿي ڏنو ويو آهي) ثابت آهي ته ون يونٽ جي تجويز ايوب خان (جيڪو ان وقت ڪمانڊر انچيف هو) جي ناهيل هئي. هو فيصلو ڪري چڪو هو ته مغربي پاڪستان جي سيني صوبن کي لازمي طرح ون يونٽ ۾ شامل ڪيو ويندو. مريءَ واري ڊنر جي موقعي تي ته کهڙي صاحب کي هُن وڏي واڪي ٻڌائي ڇڏيو هو ته جيڪڏهن سنڌ ان باري ۾ سرڪشي ڪئي ته ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا!

اهڙين حالتن هيٺ ڇا سنڌ لاءِ ممڪن هو ته هوءَ اڪيلي سر اُٿي ايوب خان ۽ باقي ساري پاڪستان جو مقابلو ڪري؟ ڇا مقابلي جي صورت ۾ سنڌ پاڻ کي تباهه ڪرائي نه ويهي ها؟

(3) سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف ڪا بہ عوامي تحريڪ ڪانہ هئي. فرض ڪريو تہ کهڙي صاحب يا مون سنڌ سان "غداري" ڪئي، پر بين تيس مارن ڇا پئي ڪيو؟ هلائي هئن ڪا تحريڪ؟ ڪئي ڪا هنن قرباني، يا وقت آئي هڪ ٻئي پنيان گهڻو ڪري سڀ وهڪري ۾ وَهندا ويا ۽ ون يونٽ جون وزيريون ۽ ميمبريون وٺي ويهي رهيا؟ ياد رهي تہ ون يونٽ جي مخالفت ڪري سنڌ جي هڪڙي بہ ماڻهوءَ ڪي سنڌ جي وزارت طرفان جيل ۾ ڪونہ وڌو ويو هو[1] . سڀ آزاد هئا، سڀ پنهنجن گهرن ۾ ويٺا هئا. سيني گهر ويٺي ون يونٽ ۾ عهدن حاصل ڪرڻ، مٿين کي راضي ڪرڻ ۽ رُنن کي پرچائڻ لاءِ حيلا حوالا پئي هلايا (جنهن ۾ گهڻو ڪري سڀ ڪامياب ٿيا، مثلاً ون يونٽ ۾ سنڌ ٻاران جيڪي وير ٻڌيا تن جي لسٽ ڪولي ڏسو).

(4) صوبن کي پيچڻ، ناهڻ ۽ انهن جي حدن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار سنڌ جي ساڳين ليڊرن پنهنجن هٿن سان مرڪز کي اُن ڏينهن ڏئي ڇڏيو هو، جنهن ڏينهن سال 1947ع ۾، هنن غير مشروط طور پاڪستان سان سنڌ جي الحاق جو نهراءُ سنڌ اسيمبليءَ کان پاس ڪرايو هو. هڪ دفعي ان اختيار ڏئي ڇڏڻ کان پوءِ واويلا مچائڻ بيڪار، بي اثر ۽ خلاف آئين هئي.

(5) اهو الزام بہ بي بنياد هو تہ کهڙي صاحب يا مون محض پنهنجن وزارتن کي محفوظ ڪرڻ خاطر ون يونٽ جو نهراءُ پاس ڪرائي سنڌ سان بيوفائي ڪئي هئي. في الحقيقت ون يونٽ جي معنيٰ اها هئي تہ سنڌ جي

---

[1] سنڌ جي ڪوڙي تاريخ ٺاهيندڙن هيءَ من گهڙت ڳالهہ ڦهلائي آهي تہ ون يونٽ جي مخالفت ڪري مير غلام علي خان مرحوم کي جيل ۾ وڌو ويو هو. ون يونٽ جو فيصلو ڊسمبر مهيني ۾ ٿيو هو، جنهن وقت مير غلام علي خان مرحوم پاڻ مرڪز جي وزارت ۾ وزير تعليم بنيو ويٺو هو (ون يونٽ متعلق سمورا فيصلا مرڪز جي وزارت ئي ڪندي ٿي رهي). مير صاحب جي سموري گروپ ون يونٽ واري سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾، مير صاحب مرحوم جي ڀاءُ مير علينواز خان مرحوم جي اڳواڻيءَ هيٺ شامل ٿي ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو. آئين ساز اسيمبليءَ اڳيان ميرصاحب خود اهو اعلان ڪيو هو تہ هو ون يونٽ جو مخالف ڪونہ هو ۽ ون يونٽ بل جي حق ۾ ووٽ ڏنو هئائين.

مير صاحب تي مقدمي جو معاملو، ون يونٽ ٺهي ٿي وڃڻ کان چار مهينا پوءِ، يعني مارچ 1955ع ۾، اٿيو هو. اهو مقدمو معمولي رواجي قانون هيٺ پوليس قائم ڪيو هو. تنهن هوندي بہ سنڌ وزارت مقدمو پنهنجي صوبي مان ڪڍي پنجاب هاءِ ڪورٽ ڏانهن ٽرانسفر ڪري ڇڏيو هو تہ جيئن مير صاحب سان انصاف ٿئي ۽ سنڌ وزارت متعلق سندس دل ۾ ڪو خدشو نہ رهي. پڇاڙيءَ ۾ مقدمي کي خارج ڪرڻ جو فيصلو بہ سنڌ وزارت ڪيو.

ون يونٽ جو ان مقدمي سان ڪو واسطو ڪونہ هو.

وزارت ختم ٿئي، تہ پوءِ وزارتن کي محفوظ ڪرڻ جو سوال ڪٿان ٿي پيدا ٿيو؟ اسان جي اڳيان صرف هڪ سوال ۽ هڪ ئي مقصد هو: اهو هيءُ تہ ان بحران مان سنڌ کي اهڙيءَ طرح ٻاهر ڪڍيو وڃي جو سنڌ جي ماڻهن تي، اجائي ضد ۽ بيڪار مقابلي ڪري، ڪا بہ اهڙي مصيبت نہ اچي جو هو سالن جا سال ڇيڇلائيندا ۽ رت ۽ ڳوڙها وهائيندا وتن. خدانخواستہ جيڪڏهن اسان جي ناعاقبت انديشيءَ ڪري ڪا اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ها تہ هوند اهي ساڳيا ماڻهو وري ڦرتي ڪائي اسان تي اُلٽو هيءُ الزام ڏرين ها تہ اسان پنهنجي وقتي عوامي مقبوليت ۽ سياسي پاپولرٽيءَ کي بچائڻ خاطر، اجايو ضد ٻڌي، سنڌ کي مفت ۾ مارايو ۽ سنڌ جي عوام کي مصيبتن ۾ ڦاسائي ويهي رهياسين. کهڙي صاحب اُهو ئي رستو اختيار ڪيو، جيڪو عقل، سياسي تدبر ۽ دور انديشي تي منبي هو. هن صاحب سنڌ جي ماڻهن جي خون جي آڌار تي پنهنجو سياسي دڪان نہ سجايو.

(6) کهڙي صاحب تي نڪتہ چيني ڪندڙ بزرگن، پنهنجي پذيرائي ڪرڻ ۽ پنهنجي سياسي دڪان کي چمڪائڻ خاطر، کهڙي کان پاڪستان جي سمورين طاقتن سان مقابلي ڪرائڻ جي توقع پئي ڪئي. پر کهڙو ڪنهن جي آڌار تي اهڙو مقابلو ڪري سنڌ جي ماڻهن کي تڪليف ۾ آڻائي ها؟ اسان وٽ انساني مواد (Human Material) ڪهڙو هو؟ سنڌ جي سياسي ليڊرن جي سوچ جي سطح ڪيتري قدر بلند هئي؟ سنڌ جدا ڪرائڻ کان پوءِ پورا اٺويهہ[1] سال هو پاڻ ۾ وڙهندا ۽ هڪٻئي کي ڪيرائيندا ۽ ذليل ڪندا رهيا هئا. هو سياست کي تجارت وانگر هلائڻ جا عادي ٿي چڪا هئا، منجهانِ هر ڪنهن کي پنهنجي شخصيت کي اجاگر ڪرڻ ۽ عهدي حاصل ڪرڻ جي لوري لڳل هئي. اڪثر مڙس وزارتن جي عشق ۾ سرگردان رات ڏينهن جوڙ توڙ ڪندا ۽ ڏاڍن اڳيان پاڻ کي سرخرو ڪرڻ ۽ انهن جي مهرباني حاصل ڪرڻ لاءِ ڏڪا ٿاٻا ڪائيندا پئي وتيا. فقط ڇُڇڪارڻ يا سڏ ڪرڻ جي دير هوندي هئي[2]. ٻئي طرف سنڌ جو عوام اڻ پڙهيل، ڏتڙيل ۽ وڏيره شاهي جو ستايل، فقط زنده رهڻ

---

[1] 1936ع کان 1955ع تائين.

[2] جهڙي طرح مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، انهن مان ڪيترا بزرگ تہ ون يونٽ جي فائدي ۾ اخباري بيان ڏيندا ۽ مرڪز کي پاڻ ڏانهن متوجہ ۽ راغب ڪرڻ لاءِ حيلا هلائيندا رهيا هئا.

لاءِ عاجز هو[1]. سنڌ کي پنهنجي مٿي صوبي ٻٽئي کي اٺويهہ سال گذري ويا هئا، پر سنڌ جي عوام جي پيڙا ۾ ڪو بہ فرق ڪو نہ آيو هو. اهڙي ڏتڙيل ۽ پيڙيل عوام کي هينئر اتاري وڏين طاقتن سان ويڙهائي برباد ڪرائي ويهڻ ۾ خدا ترسي جو ڪيترو شائبو ٿي سگهيو ٿي؟

پر فرض ڪريو تہ ڪهڙي ڪان سوچ جي غلطي ٿي يا هن فرض جي بجاآوريءَ ۾ ڪوتاهي ڪئي، پر ٻين ليڊرن کي ڇا ٿيو هو جو ڪا تحريڪ هلائي نہ سگهيا. تحريڪون هلائڻ وزارتن جو ڪم نہ ٿيندو آهي. وزارتون تحريڪون نہ هلائينديون آهن. تحريڪون وزارتن کان ٻاهر ويٺل ماڻهو هلائيندا آهن. پوءِ ٻڌائي سگهندا اهي نڪتہ چين حضرات تہ هنن پاڻ ڇا ڪيو؟ جيڪڏهن هنن سمجهيو ٿي تہ سنڌ سان هاجو ٿي رهيو آهي تہ پوءِ ان هاجي کان سنڌ کي بچائڻ لاءِ پاڻ ڪهڙي قرباني ڏنائون؟ يا جيئن پهرينءَ سٽ کين سڏ آيو تہ ساڳي ون يونٽ ۾ وزارتون وٺي ويهي رهيا، يا پردي پنيام آرام سان گهر ۾ ويهي ٿڌا شوڪارا پريندا ۽ ٻين کي گاريون ڏيندا رهيا؟

"هلي پاڻ نہ سگهي، لڪ لعنت گوڏن تي!"

(7) ٻين صوبن ۽ رياستن جي حالت جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي، عام اثر هو تہ صوبو سرحد ون يونٽ قبول نہ ڪندو، پر حقيقت هيءَ ٻٽي جو سڀ کان پهرين سرحد جي اسيمبليءَ ون يونٽ جو ٺهراءَ پاس ڪيو. ان کان پوءِ خان عبدالغفار جو ڀاءُ ڊاڪٽر خانصاحب پاڻ ون يونٽ جو پهريون وزيراعليٰ بڻجي ويهي رهيو. پوءِ ڪنهن جي آسري تي سنڌ پاڻ کي ون يونٽ کان ٻاهر رکي سگهي ها؟

* * *

1955ع جي پڇاڙيءَ ۾ ون يونٽ ٺهيو. سنڌ جي ٻاران کهڙو صاحب ان وزارت ۾ شامل ٿيو. (مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ بل جي فائدي ۾ مير غلام علي خان مرحوم بہ خوشيءَ سان پنهنجو ووٽ داخل ڪرائي چڪو هو.) کهڙي صاحب ۽ مون پاڻ ۾ اها صلاح ڪئي هئي تہ هو ون يونٽ جي صوبائي وزارت ۾ ۽ آءٌ مرڪزي وزارت ۾ وڃان، جيئن ٻنهي طرفن کان حڪمران مسلم ليگ پارٽيءَ تي زور وجهي ڪانئس سنڌ سان ڪيل معاهدي تي عمل ڪرايون.

---

[1] سنڌ وٽ نہ ڪا تنظيم هئي، نہ ڪا زوردار جماعت هئي، نہ اخبار هئي، نہ پيسو هو، نہ سياسي شعور هو، نہ اتحاد هو، نہ اتفاق هو، ۽ نہ عوام سياسي طرح بيدار ٿي پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جي قابل بڻيو هو.

ياد رهي تہ حڪمران ٽولي جي معنيٰ مغربي پاڪستان جي مسلم ليگ[1] پارٽي هئي، جنهن سان اسان جو معاهدو ڪيل هو.

بدقسمتيءَ سان ون يونٽ ٽٽندي ئي بعض حضرات جي نيت ۾ ڳڙٻڙ نظر اچڻ لڳي. هنن مسلم ليگ پارٽيءَ جي ٽاليءَ ۾ اسان ڪان ڪم تہ ٽپائي ورتو هو. هينئر سندن ارادا اهي ٿيا تہ:

(1) اسان سان ڪيل معاهدي مان جان ڇڏائڻ خاطر خود مسلم ليگ پارٽي ۾ تفريق پيدا ڪن، جيئن ان ۾ معاهدي تي عمل ڪرائڻ جيتري قوت نہ رهي.

(2)مسلم ليگ کي بي قوت بنائڻ خاطر ان جي ميمبرن کي وزارتون ڏيئي مسلم ليگ مان ٻاهر ڪڍن.

(3) هڪ نئين پارٽي ناهين، جنهن ۾ مسلم ليگ مان ڀڳل ميمبرن کي شامل ڪن. اهي مسلم ليگ مان ڀڳل ميمبر وزير بڻجڻ ڪان پوءِ معاهدي جي ڳالهہ ئي ڪون ڪندا.

ان منصوبي جو خلاصو هيءَ هو تہ نہ مسلم ليگ جي حڪومت رهندي، نہ مسلم ليگ طرفان ڪيل معاهدي تي عمل ڪرائڻ جو سوال ئي اُٿندو. ساڳئي وقت جنرل سڪندر مرزا[2] کي بہ پنهنجا ذاتي مطلب پورا ڪرڻا هئا، تنهنڪري هو بہ سندن معاون ۽ اڳواڻ بڻجي بيٺو.

ون يونٽ ٽٽندي ئي رفتہ رفتہ اهڙا آثار نظر اچڻ لڳا تہ ان قسم جو منصوبو ٺهي راس ٿيو آهي. ان ڏس ۾ سڀ ڪان پهريون قدم اهو کنيو ويو تہ سنڌ مان اهڙن ماڻهن کي ون يونٽ جي عارضي وزارت ۾ بروقت جايون ڏنيون ويون، جن جو معاهدي سان ڪو واسطو ڪونہ رهيو هو.

---

[1] مرڪز ۾ مسلم ليگ پارٽيءَ جو اڳواڻ ۽ وزيراعظم چوڌري محمد علي صاحب هو. ون يونٽ جي چيف منسٽري ٽالي خاطر تہ ڊاڪٽر خان صاحب مرحوم جي حوالي هئي، مگر حقيقت ۾ نئين صوبي هلائڻ جو بار نواب گورماني صاحب تي هو، جنهن کي ون يونٽ جو گورنر بنايو ويو هو - هو وڏو تخريبڪار سياستدان ۽ مدبر هو.

[2] سڪندر مرزا گهريو ٿي تہ نئون پاس ٿيل آئين رد ڪرائي، ايوب خان جي مدد سان صدارتي نظام نافذ ڪرائي ملڪ جو پاڻ مختيار بڻجي ويهي. ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي عدم استحڪام آڻڻ ۽ پارٽين ۽ گروپن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ضروري ٿي سمجهيائين. سڪندر جي نيت حڪمران طبقي جي باقي ماڻهن سمجهي ڪانہ سگهي، تنهن ڪري هو بہ سندس چال ۾ اچي ويا. حالانڪ سندن مقصد فقط ايترو هو تہ مسلم ليگ کي ڪمزور ڪري سنڌ وارن سان ڪيل معاهدي مان جان ڇڏائجي "جتي لوپي هوندا، اُتي ٺوڳي بک نہ مرندا."

مارچ 1956ع ۾ پاڪستان جو مڪمل آئين پاس ٿي ويو ۽ جنرل سڪندر مرزا[1]، جو چند مهينن کان عارضي طرح گورنر جنرل جي عهدي تي فائز رهيو هو، پاڪستان جو صدر منتخب ٿيو. وزيراعظم چوڌري محمد علي ٿي رهيو ۽ سنڌس وزارت جو هڪ رڪن آءٌ بہ هوس.

* * *

[1] جنرل مرزا صاحب ڏاڍو چالاڪ ماڻهو هو. انگريزن جي ڏينهن ۾ ناميارو پوليٽڪل ايجنٽ ٿي رهيو هو ۽ سياسي ڊاهہ ڊوهہ ۽ جوڙ توڙ جي ڪم جو وڏو ماهر هو. انگريزي دور جي هڪ تاريخي ڪتاب:

**The men who ruled India vol II**

**"The Guardians"by Philip woodruff**

جي صفحي 295 تي لکيل آهي تہ مرزا صاحب جڏهن پشاور جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو تہ هن سرڪار جي خلاف خدائي خدمتگار تحريڪ جي هڪ جلوس کي ناڪامياب بنائڻ لاءِ اهڙو بندوبست رکيو تہ جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٻاهراري مان آيل ماڻهن جي ڪنهن دوست وٽ دعوت ڪئي وڃي ۽ اُتي چانهہ ۾ زوردار جلاب ملائي کين پياريو وڃي. نتيجو اهو ٿيو جو چانهہ پيئڻ کان پوءِ هرڪو ماڻهو اڳٽ چَڪ ۾ ڪري جهنگ ڏانهن ڀڄڻ لڳو ۽ شام تائين ٻوٽن جي پاسي ۾ پيو رهيو ۽ جلوس نڪري نہ سگهيو.

پاڪستان ۾ گورنر جنرل جو عهدو ڪيس ڪمانڊر ان چيف جنرل ايوب خان مرحوم جي تحريڪ تي مليو هو ۽ آئين ٺهڻ کان پوءِ چوڌري محمد علي صاحب وزيراعظم جي مهربانيءَ سان ڪيس صدر پاڪستان چونڊيو ويو هو. ان زماني ۾ آءٌ مرڪز ۾ وزير ۽ پارليامينٽ جو ميمبر هوس. ـــ مرزا صاحب مون کي پنهنجي اندروني گروپ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ گهڻا ئي واجهہ وجهندو هو. پر ڪا نفسياتي ڪيفيت هئي جو منهنجي اندر وارو مون کي ٻولائيندو رهيو تہ مرزا صاحب ڀروسي جهڙو ماڻهو نہ آهي. تنهن ڪري ڪانئس پري رهجي. جنهن وقت 1956ع وارو آئين ٺهي رهيو هو تہ سنڌس ڪوشش هئي تہ پارلياماني طرز بدران صدارتي طرز جو آئين ٺهي، جنهن هيٺ سڀ اختيار سنڌس هٿن ۾ رهي. پر جڏهن ڏٺائين تہ ان ڪوشش ۾ هو ڪامياب ڪو نہ ٿو ٿئي، تہ پوءِ پنهنجي جدا گروپ ٺاهڻ ۽ حڪمران مسلم ليگ پارٽي کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جا پهہ پچائڻ لڳو. آخري نيت اها هئس جهڙي طرح اڳ ٻڌائي چڪو آهيان تہ نئين آئين کي منسوخ ڪرائي صدارتي نظام قائم ڪرائي، سڄو سڄو اختيار پنهنجي هٿن ۾ رکي پاڪستان مان پارلياماني جمهوريت جي پاڙ پٽي ڇڏي.

جنهن وقت پارليامينٽ ۾ سنڌس صدارت لاءِ تجويز پيش ٿي رهي هئي تہ ان وقت اسان سڀني وزيرن ۽ پارٽي ميمبرن کي سڏ ٿيو تہ اچي تائيدي صحيحون وجهون. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ مون چوڌري محمد علي(وزيراعظم) جي اکين ۾ اکيون وجهي ڪانئس پڇيو تہ "سڪندر مرزا کي ضرور مستقل صدر بڻائجي؟" چوڌري صاحب منهنجو مطلب سمجهي ويو ۽ جواب ڏنائين تہ "راشدي صاحب، مون سڪندر مرزا سان گڏ ورهين جا ورهيہ ڪم ڪيو آهي، هو تمام اعتبار جهڙو محب وطن آهي، ان کي ضرور چونڊبو."

آئندہ صدر جي انتخاب کان ہہ هفتا اڳ مون مولوي فضل الحق مرحوم کي تيار ڪيو هو تہ هو پاڻ صدارت لاءِ اُميدوار بيهي، تاڪ پوزيشن هيئن بڻجي تہ صدر مشرقي پاڪستان جو ۽ وزيراعظم مغربي پاڪستان جو ٿئي ۽ ان طرح سان هڪ قسم جو سياسي توازن قائم رهي. پر صدر جو انتخاب ٿئي ئي ٿئي، ان کان ڏهہ ڏينهن پهريان، غالباً سڪندر مرزا ۽ چوڌري محمد علي صاحب جي اندران اندر هرڪائڻ تي، مولوي صاحب صوبي مشرقي پاڪستان جي گورنري قبول ڪري تڙ تڪڙ ۾ ڍاڪا روانو ٿي ويو. پٺ ۾ آيو تہ مولوي صاحب کي سنڌس خاندان کان صلاح ڏياري وئي تہ هو پوڙهو ٿي چڪو آهي تنهن ڪري آرام سان پنهنجي وطن ۾ هلي گورنر بنجي ويهي رهي. صدارت جي خفن ۽ ڪراچي ۾ جلاوطن ٿي رهڻ کان وطن جي گورنري سنڌس لاءِ بهتر رهندي.



مصنف، حڪومت پاڪستان جي وزير اطلاعات ۽ نشريات جي عهدي جو حلف کڻي رهيو آهي.

آئين نافذ ٿيڻ ۽ سڪندر مرزا جي صدر چونڊجڻ کان پوءِ مسلم ليگ پارٽي کي ٽوڙڻ جو ڪم زور شور سان شروع ٿي ويو. اهو ڪم سڪندر مرزا جي اشاري تي اندرون اندر هلندو رهيو، جنهن جي مون کي خبر ڪانه پئجي سگهي. جيتري قدر مون کي ياد آهي، اپريل جي پهرئين ڏهاڪي ۾ عراق ۾ اصلاحات ۽ تعميرات جا جشن ٿيڻا هئا، جنهن ۾ شموليت جي دعوت پاڪستان کي بہ پهتل هئي. مرڪزي وزارت ان دعوت جي سلسلي ۾ مون کي عراق موڪلڻ جو ارادو ڪيو. پر مون شروع کان[1] ڪنهن بہ سرڪاري وفد ۾ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو هوس ۽ هن دفعي بہ انڪار ڪيم، جنهن تي فيصلو ٿيو هو تہ مسٽر حبيب ابراهيم رحمت الله کي (جيڪو پڻ اسان سان گڏ وزير هو) عراق موڪليو ويندو.

پر اپريل شروع ٿيندي ئي هڪ شام جو اوچتو ئي اوچتو مون کي وزيراعظم چوڌري محمد علي صاحب جي ٽيليفون آئي. مون کي ڏاڍين

[1] وزير بنجڻ کان اڳ ئي مون کي تجربو ٿي چڪو هو تہ سرڪاري وفدن ۾ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ خطرناڪ ڪم آهي. 1950ع ۾ آءٌ اخبارن جي جماعت جو صدر هوس. ان حيثيت ۾ مون کي اخبار نويسن جو هڪ وفد ڏئي هندستان موڪليو هئائون تہ اُتي وڃي "نهرو لياقت پيڪٽ" جي حق ۾ فضا سازگار بنايان، ڇو تہ ٻي صورت ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگ جو ڇڙڻ يقيني هو - في الحقيقت لڙائيءَ لاءِ سرحد جي ٻنهين طرفين فوجون بہ پهچي چڪيون هيون. هندستان رسڻ کان پوءِ مون سخت محنت ڪئي، (جنهن جو تفصيل ڪنهن مناسب موقعي تي ڏيندس - تاريخي دستاويزن سان) جواهر لعل نهرو وزيراعظم ۽ انڊيا حڪومت جي ٻين رڪنن کي پاڪستان سرڪار جي نيڪ نيتي بابت اطمينان ڏياريم. هندستان جي اخبار وارن کي ٿاهيم، ۽ جن جن ضلعن ۾ مسلمانن سان زيادتيون ٿي رهيون هيون، اُتي پاڻ پهچي اصلاح حال جي ڪوشش ڪيم ۽ مسلمانن کي همٿ ڏياريم ۽ مٿان گهٽي بَلا ٽاريم.

پر جڏهن پاڪستان ۾ اهي خبرون پهتيون تہ اسان جي وفد وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن تہ پويان منهنجيٰ خلاف پروپيگنڊا شروع ڪرائي وئي. ان حرڪت جو سبب هيءُ هو تہ مبادا منهنجي اهڙيءَ خدمت جي صلي ۾ وزيراعظم پاڪستان نوابزاده لياقت علي مرحوم، خواجہ شهاب الدين مرحوم کي وزارت اطلاعات مان ڪڍي، مون کي نہ ان جي جاءِ تي وزير مقرر ڪري ڇڏي. (حالانڪ اهو محض وهم هون لياقت علي خان مرحوم مون کي وزير بنائي، سو قطعاً ناممڪن هو. پر وهم جو علاج لقمان حڪيم وٽ بہ ڪو نہ هو.)

پاڪستان جي ڪن اخبارن (جن کي مٿان جي چُرچ هئي) منهنجي خلاف "نيڪي برباد، گناهہ لازم" اهڙو بيجا طوفان ڪڙو ڪيو. جو مون ان ڏينهن کان پاڻ سان پرن ڪري ڇڏيو تہ آءٌ وري انهن ماٺهن طرفان ڪڏهن بہ ڪنهن وفد ۾ ٻاهر ڪونہ ويندس.

ان فيصلي تي آءٌ 1955ع ۾ خود مرڪزي وزير اطلاعات بنجڻ کان پوءِ بہ قائم رهيس. هر هفتي ڪو نہ ڪو وفد پيو ٻاهر ويندو هو، پر مان "ٽانگن جي ڀر ۾ ٻيو دفعو آگر وجهڻ" لاءِ هرگز تيار ڪو نہ ٿيندو هوس. جيڪڏهن ڪو وفد ناڪامياب ٿئي ها ان جو سڄو بار مون تي اُڇلائي وجهن ها. جيڪڏهن ڪامياب ٿئي ها تہ حسد پيدا ٿئي ها ۽ منهنجين پاڙن کوٽڻ جي وڌيڪ ڪوشش شروع ٿي وڃي ها!

نرم لفظن ۾ ٻڌايائين تہ حبيب رحمت الله بيمار ٿي پيو آهي ۽ عراق وڃڻ جي قابل نہ رهيو آهي، تنهن ڪري پاڪستان جي مفاد خاطر آءٌ "هينئر جو هينئر" يعني ساڳيءَ شام جو بغداد روانو ٿي وڃان. آءٌ گهڻائي حيلا بهانا ڪري ان ڪوڙڪيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، پر چوڌري صاحب منهنجي ڪا ڳالهہ ڪانہ ٻڌي ۽ ايتري قدر ستايائين جو مجبوراً آءٌ فوراً ٽپڙ ٻڌي جهاز ۾ سوار ٿيس ۽ آڌيءَ رات جو بغداد پهتس. منهنجي ڪراچيءَ مان نڪرندي ئي جنرل سڪندر مرزا چوڌري محمد علي صاحب کي ساڻ ڪري وڃي لاهور پهتو، جت مسلم ليگ پارٽيءَ جي ميٽنگ سڏايل هئي: هن فيصلي ڪرڻ لاءِ تہ آئنده لاءِ ڊاڪٽر خان صاحب جهڙي غير مسلم ليگي کي ون يونٽ جو پڪو وزيراعليٰ ڪري رکجي يا ڪيس ڪڍي سندس جاءِ تي مسلم ليگ ڪو پنهنجو نمائندو رکي. دليل هيءُ هو تہ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ وڏي ۾ وڏي پارٽي مسلم ليگ جي هئي، سڪندر مرزا وارن کي يقين هو تہ ان ڳالهہ تي اختلاف پيدا ڪرائي ليگ کي ٽوڙائڻ آسان ٿي پوندو.

(ياد رهي تہ آڪٽوبر 1955ع ۾ ون يونٽ نهڻ شرط مغربي پاڪستان لاءِ هڪ عارضي صوبائي وزارت ناهي ويئي هئي، جنهن جو وزيراعليٰ ڊاڪٽر خانصاحب بڻيو هو. اهو عارضي انتظام ٿيو هو، جنهن کي مسلم ليگ پارٽيءَ بہ قبول ڪيو هو. مسلم ليگ وارن جو خيال هو تہ چند مهينن اندر نئين آئين هيٺ ون يونٽ جي صوبائي وزارت پڪيءَ طرح بڻائي پوندي ۽ ان موقعي تي مسلم ليگ پنهنجي اڪثريت جي بنا تي پاڻ وزارت اعليٰ وٺڻ جو فيصلو ڪري سگهي ٿي.)

* * *

بهرحال، چوڌري صاحب جي اصرار تي آءٌ بغداد پهچي چڪو هوس. ان ڪانپوءِ ٽئين ڏينهن ريڊيو تي خبر آئي تہ مسلم ليگ جي لاهور واريءَ ميٽنگ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ ڪيترن ميمبرن مسلم ليگ ڇڏي وڃي راتو رات هڪ علحده نئين پارٽي "ريپبليڪن پارٽي" جي نالي سان قائم ڪئي، جنهن جو اڳواڻ ڊاڪٽر خانصاحب بڻيو[1].

[1] سنڌ جي ڪن مسلم ليگي اڳواڻن پهرين ڏينهن تہ مسلم ليگ تي زور آندو تہ اُها ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت قبول نہ ڪري(۽ ان اصول تي مبني وڏيون وڏيون تقريرون ڪيائون). پر جڏهن اهو اصول قبول ڪيو ويو ۽ ڊاڪٽر صاحب مسلم ليگ مان نا اميد ٿي علحده پنهنجي ريپبليڪن پارٽي جي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ اُهي ساڳيا بزرگ مسلم ليگ ڇڏي، بلڪل ٻئي ڏينهن، وڃي ڊاڪٽر صاحب جي پارٽي ۾ شامل ٿيا ۽ وزارتون وٺي ويهي رهيا.

مون کي اها خبر ٻڌندي ئي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ مون کي اهڙي موقعي تي بغداد موڪلڻ جو مطلب ڇا هو؟ ٿي سگهي ٿي تہ مطلب اهو هون تہ آءٌ ۽ اسماعيل چندريگر مرحوم (وزير قانون) مسلم ليگ جا اهم ۽ بااثر رڪن هئاسين. جيڪڏهن آءٌ ملڪ ۾ موجود رهندس تہ چندريگر سان ملي شايد ليگ کي ٽٽڻ کان بچائي وٺهندس، جا ڳالهہ سندن منصوبي جي خلاف ٿي ويئي. چندريگر مرحوم پڪو مسلم ليگي بزرگ ۽ منهنجو ذاتي دوست هوندو هو ۽ هميشہ منهنجي صلاح تي هلندو هو. منصوبي سٽيندڙن جو اندازو هو تہ جيڪڏهن آءٌ موجود ڪونہ هوندس تہ چندريگر بہ چپ ڪري ويهي رهندو ۽ ليگ کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ ڪوبہ عملي قدم کڻي ڪو نہ سگهندو ۽ سندس منصوبو ڪامياب ٿي ويندو.

مون بغداد مان چوڌري محمد علي صاحب ڏانهن تار موڪلي تہ"مسلم ليگ جي ٽٽڻ جي خبر بغداد ريڊيو تي ٻڌي مون کي سخت صدمو رسيو آهي، ڇو تہ اُن جا نتيجا اڳتي هلي سڀ ڪنهن لاءِ خراب نڪرڻا آهن. جيڪڏهن اوهان کي ڪو خاص اعتراض نہ هجي تہ آءٌ هڪدم بغداد ڇڏي ڪراچي ۽ لاهور پهچان ۽ ليگ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريان."

ٻئي ڏينهن چوڌري صاحب وٽان جواب آيو تہ"اوهان بغداد وارو پروگرام پورو ڪري پوءِ موٽو. ان وچ ۾ آءٌ پاڻ سڀ ڳالهہ جو خيال رکندس."

پروگرام پورو ڪري هفتي کن کان پوءِ آءٌ واپس ڪراچي پهتس. هوائي اڏي تي جنرل سڪندر مرزا مرحوم جو پيغام مليو تہ آءٌ گهر وڃڻ کان پهرين وٽانئس ٿيندو وڃان. ڪجهہ وقت تائين هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ڪرڻ بعد لاهور واري ميٽنگ ۽ ريپبليڪن پارٽي جي ٺهڻ جو ذڪر ڪندي مون کان پڇيائين تہ "تنهنجو ذاتي رد عمل ڇا آهي؟ مسلم ليگ جي ٽٽڻ جي جوابداري مسلم ليگ جي صدر سردار عبدالرب نشتر(مرحوم) تي آهي، جيڪو ضد ٻڌي بيٺو هو تہ ون يونٽ جو وزيرعليٰ لازمي طرح ڪنهن مسلم ليگي کي بڻايو وڃي ۽ ڊاڪٽر خانصاحب کي، ڪڍيو وڃي."

مون چيس: "آءٌ اڃان هاڻي ٻاهران آيو آهيان. رات سوچي، صبح جو اوهان کي جواب ڏيندس."

صبح جو مون وجي چيس:"آءُ مسلم ليگي آهيان ۽ مسلم ليگ ۾ رهندس. ليگ پارٽيءَ جو ون يونٽ جي باري ۾ سنڌ سان معاهدو ٿيل آهي، جيڪڏهن اها پارٽي ٽٽندي تہ معاهدي تي عمل ڪير ڪندو؟"

سڪندر مرحوم کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي، گهڻي قدر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر آءُ پنهنجي ارادي تي قائم رهيس.

ساڳئي ڏينهن چوڌري محمد علي صاحب سان مليو، ان کي بہ عرض ڪيم تہ "ليگ کي ٽوڙڻ چڱي ڳالهہ نہ آهي. اوهان جي وزارت خود انڪري ختم ٿي ويندي. اوهان کي شايد چيو هونداڻون تہ"سياسي مصلحت جي تقاضا اها آهي تہ اوهان سردار عبدالرب(مرحوم ) جي صدارت واريءَ هڪ پارٽيءَ يعني مسلم ليگ تي نہ ڀاڙيو، جيڪڏهن اوهان جي وزارتي پارٽي اندر هڪ ٻيو گروپ يعني ريپبليڪن بہ شامل هوندو تہ ڪو بہ هڪ گروپ اوهان تي پنهنجو ڏاڪو ڄمائي نہ سگهندو ۽ اوهان ان مخالف گروپن جي باهمي رقابتن جو فائدو وٺي زياده آزاديءَ سان حڪومت هلائي سگهندا."پر اها صلاح غلط آهي. ٻن گروپن جي مدد سان وزارت ناهڻ ٻن اسٽولن تي پير رکي ويهڻ جي مثال آهي. جنهن وقت اهي اسٽول هڪٻئي کان جدا ٿيا تہ اوهان انهن جي وچ ۾ ڪِري پوندا."

ان کان پوءِ آءُ هڪدم لاهور هليو ويس. اُت حالتن جو مطالعو ڪيم. ڪراچي ۾ موٽي اچي کهڙي صاحب، سرذار عبدالرب نشتر صدر مسلم ليگ ۽ پنهنجي ساٿي مرڪزي وزير چندريگر سان ملاقاتون ڪيم. معلوم ٿي ويو تہ جنرل سڪندر مرزا مرحوم ۽ ٻيا صاحب پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن ۽ هينئر ريپبليڪن پارٽيءَ جي منسوخ ٿيڻ ۽ ليگ پارٽيءَ جي وري متحد ٿيڻ ممڪن ڪونہ رهيو آهي.

ان وچ ۾ ليڊرن ۽ ساٿين جي نيتن ۽ ارادن جي وڌيڪ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. آخر نااميد ٿي، مون ۽ چندريگر مرڪزي وزارت تان استعيفا ڏئي ڇڏي، ان بنياد تي تہ اسان مسلم ليگ مان پڇي ويل وزيرن سان گڏجي وزارت ڪونہ هلائينداسين. اسان جي استعيفا کان پوءِ ٻن - ٽن ڏينهن تائين تہ سڪندر مرزا چوڌري محمد علي صاحب کي دلاسا ڏيندو رهيو تہ اسانجين استعيفائن ڪري سندس وزارت تي ڪو اثر ڪونہ پوندو ۽ هو بدستور وزيراعظم قائم رهندو. مگر ان وچ ۾ مرزا صاحب سهروردي مرحوم سان

ڳالهيون هلائي ڪيس وزيراعظم بنائي ڇڏيو ۽ چوڌري محمد علي ڪان استعيفا وٺي ڪيس موڪل ڏئي ڇڏيائين.

جيستائين خانبهادر کهڙي جو تعلق هو تہ هُــن صاحب مسلم ليگ ٽُٽندي ۽ ريپبليڪن پارٽي ٺهندي ئي ون يونٽ وزارت مان استعيفا ڏئي ڇڏي هئي، ڇو تہ ڪيس آسرو ڪونہ هو تہ ريپبليڪن وزارت سنڌ سان ڪيل معاهدي کي عمل ۾ آڻيندي. بالفاظ ديگر، هن ريپبليڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿي وزارت ۾ رهڻ کان انڪار ڪيو، ڇو تہ اُن جي ذريعي سنڌ سان ڪيل معاهدي جو موت واقعي ٿيڻو هو.

مان هي سارو تفصيل، جنهن جا ڪجهہ حصا اڃا بڌائڻ جهڙا نہ آهن[1] هن مقصد سان ڏنو آهي تہ ان مان پڙهندڙن کي پتو پوي تہ:

(1) کهڙي صاحب سنڌ سان بيوفائي ڪانہ ڪئي، سنڌ سان ٿيل عهدنامي جي اصول تي اڙيو رهيو، حتاڪ وزارت تان بہ استعيفا ڏئي ڇڏيائين.

(2) سياست ۾ کهڙيون کهڙيون چالاڪيون ٿين ٿيون، ۽ ان زماني ۾ اسان کي کهڙين حالتن هيٺ ڪم ڪرڻو پئي پيو ۽ کهڙي قسم جي ماڻهن سان واسطو پوندو رهيو.

(3) سياسي تاريخ جو اهو باب ميسارجي نہ وڃي ۽ مستقبل جي تاريخ نويسن جي اکين اڳيان اچي سگهي.

اهو هو ون يونٽ جو قصو ۽ اُن جي سلسلي ۾ کهڙي صاحب جو ڪردار.

* * *

ون يونٽ جو نظام 1970ع تائين هليو. ان عرصي اندر خود ون يونٽ اسيمبلي ٺهراءُ پاس ڪيو تہ ون يونٽ کي ختم ڪيو وڃي. هر پنجين ڇهين مهيني ون يونٽ جون وزارتون ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون. خود ڊاڪٽر خانصاحب کي وزارت مان ڪڍيو ويو ۽ آخر ۾ ويچارو لاهور ۾ هڪ قاتل هٿان مارجي ويو. پڇاڙيءَ ۾ ايوب خان جي جاءِ نشين، جنرل يحيٰ خان، پنهنجا اختيار هلائي ون يونٽ کي ٽي ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ ان طرح سان منهنجو

---

[1] ڪابينا جي اندر هليل ڳالهيون قانوناً 25 سالن تائين مخفي رکيون آهن ۽ ظاهر ڪري نہ ٿيون سگهجن. مون يحيٰ خان جي حڪومت کان ان باري ۾ اجازت وٺڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، پر هن اهڙيءَ اجازت ڏيڻ کان تحريري طور انڪار ڪري ڇڏيو.

اوائلي انـدازو آخر ۾ صحيح ثـابت ٿيـو ۽ سنڌ بنا ڪنهن خون خرابي جي ان بحران مان تازه دم ٿي ٻاهر نڪري آئي.

* * *

1956ع کان اوائل 1958ع تائين کهڙو صاحب مخالف بينچن تي ويٺو رهيو. 1958ع جي شروع ۾ سرفيروز خان نون نئين مرڪزي وزارت ٺاهي، جنهن ۾ کهڙي صاحب کي وزير دفاع بنايو ويو. ان زماني ۾ آءٌ فلپائن[1] ۾ سفير هوس. مون کهڙي صاحب ڏانهن لکي موڪليو ته "اوهان وزارت ۾ شامل ٿي، ۽ خاص طرح سان دفاع جو وزير بنجي، غلط ۽ پاڻ لاءِ خطرناڪ ڪم ڪيو آهي." وٽانس ڪو تشفي بخش جواب تحرير ۾ ته ڪو نه آيو. پر مان هن خوش فهمي ۾ رهيس ته ممڪن آهي ته کهڙي صاحب اهو قدم هن خيال سان کنيو هجي ته:

(1) ون يونٽ اندر پهرين ٽن سالن اندر ڪافي گند ٿي چڪو هو. تنهنڪري ٿي سگهي ٿو ته هو مرڪزي وزارت اندر وڃي ان باري ۾ ڪجهه ڪرائي سگهي.

(2) ون يونٽ جي خواب لهڻ وارو جنرل ايوب خان اڄا تائين ڪمانڊر ان چيف هو. پاڻ (يعني کهڙي صاحب) وزير دفاع بنجڻ ۽ جنرل صاحب سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري ممڪن آهي ته جنرل صاحب جي راءِ کي به ڪجهه نرم ڪري سگهي.

حقيقت ۾ اهي اميدون ۽ آسرا بلڪل عبث هئا. سڪندر مرزا ۽ ايوب خان جا منصوبا ٿي پنهنجا هئا. هو وري وري وزارتون ٺاهيندا ٿي ان مقصد سان ٿي رهيا ته ملڪ جي سياست عدم استحڪام سببان بدنام ٿئي، تاڪ هو جمهوريت کي ختم پنهنجي ڊڪٽيٽري قائم ڪري سگهن — افسوس آهي ته بدقسمت سياستدان سندن اها راند سمجهي ڪونه ٿي سگهيا. جن سياستدانن اها راند نه سمجهي ۽ اڪيون ٻوٽي انهن جي ڄار ۾ ڦاٿا پيا، تن ۾ هڪ کهڙو صاحب به هو.

* * *

سيپٽمبر 1958ع ۾، اتفاقي طور، آءٌ موڪل وٺي ڪراچيءَ آيس. موڪل تي اچڻ جو سبب هيءُ هو ته منهنجي ڀاءُ حسام الدين تي دل جو دورو پيو هو.

---

(1) 1956ع ۾ مرڪزي وزارت مان استعيفا ڏيڻ بعد آءٌ 1957ع ۾ سفير بنجي ملڪ کان ٻاهر هليو ويو هوس، جو مون کي ان وقت تائين اندر ۽ ٻاهر جو نقشو ڏسي معلوم ٿي چڪو هو ته جهڙي طرح پاڪستان جي سياسي ليڊرن کي احمق بنائي هلايو پيو وڃي، ان جو نتيجو لازماً هيءُ نڪرڻو آهي ته ملڪ مان جمهوري سياست جلد ختم ٿي ويندي ۽ هتي ڊڪٽيٽر شاهي قائم ٿيندي، جيڪا حالت مون پنهنجين اکين سان ڏسڻ ڪانه ٿي گهري. پارليامينٽ ۾ پنهنجي آخري ۽ موڪلائيءَ واري تقرير ۾ به مون برملا ان ناقابل برداشت امڪانات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي هئي.

ڪراچي پهچندي ئي مون کي احساس ٿيو تہ حالتون ڪافي خراب ٿي چڪيون آهن. جنرل سڪندر مرزا هر سياستدان کي پنهنجن آڱرين تي پيو نچائي. ڪن کي آماده ڪيائين تہ سرحد ۾ گڙٻڙ پيدا ڪرايو ۽ پشاور مان جلوس ڪيڏي رستي ۾ گوڙ ڪندا اچي ڪراچي تائين پهچو. خان قلات مرحوم کي اشارو ڏنائين تہ هو بلوچستان جي آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪري. سنڌ وارن کي صلاح ڏنائين تہ اوهان ون يونٽ خلاف نئين سر "اينٽي ون يونٽ"[1] محاذ ٺاهيو. هر شام وڏن سياستدانن جون دعوتون ۽ مخفي محفلون ٿينديون ٿي رهيون. بعض اهڙن ليڊرن جون بہ صدارتي محل ۾ دعوتون ٿيون، جن جا نالا آءٌ ظاهر ڪريان تہ ماڻهن کي اڄ بہ اچرج وٺي وڃي (مثلاً خان عبدالغفار خان ۽ جناب جي .ايم. سيد). ٻئي طرف پس پرده (جهڙيءَ طرح ايوب خان خود پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي) اهڙي گوڙ گهمسان جي بنياد تي مارشل لا لڳائڻ جون تياريون بہ ٿينديون ٿي رهيون. جن جي سڄي وزارت کي تہ ڇڏيو، پر وزير دفاع کهڙي صاحب کي بہ ڇرڪ پئجي ڪانہ سگهي.

آءٌ جيترا ڏينهن موڪل تي رهيس (20 سيپٽمبر 1958ع کان 9 آڪٽوبر تائين)، اڪثر ليڊرن ۽ حڪومت هلائيندڙن سان ملندو ۽ واءُ سواءُ وٺندو رهيس. مون کي يقين ٿي ويو تہ عنقريب ملڪ ۾ ڪو طوفان اچڻ وارو آهي، جنهن لاءِ جنرل سڪندر مرزا فضا کي تيار ڪري چڪو آهي.

آءٌ چندريگر مرحوم سان مليس. دل شڪستہ، دل گرفتہ، نڍال ۽ بي حال پلنگ تي پيو هو. اکين ۾ پاڻي آڻي چيائين تہ "هاڻي سڀ شيءِ جو خاتمو ٿيڻو آهي. هڪ اهڙو سلسلو شروع ٿيڻو آهي، جيڪو حال ۽ مستقبل ٻنهي کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيندو." (آءٌ مونٽي منيلا پهتس، ڪجهہ وقت کان پوءِ اطلاع آيو تہ چندريگر صاحب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.)

سهروردي صاحب سان ملاقات ٿي. مون کي محسوس ڪو نہ ٿيو تہ ڪيس حالتن جو ڪو صحيح اندازو هو. سندس ارشاد هو تہ جلد عام چونڊون ٿيڻيون آهن، جن جي سلسلي ۾ هو پنهنجي پارٽيءَ جي حق ۾ ورڪ ڪرڻ لاءِ ٻن - چئن ڏينهن

---

[1] اينٽي ون يونٽ محاذ جو سربراهہ کهڙي صاحب کي بنايو ويو هو ۽ ساڻس اهو وعدو ڪيل هو تہ ون يونٽ جا صوبائي وزير بہ ان ڪم ۾ ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندا. اهو منصوبو خود صدارتي محل ۾ ٺهيو هو ۽ مرزا صاحب جي زيرسايہ بعد ۾ معلوم ٿيو تہ ون يونٽ جي ان وقت جي وزيراعليٰ بہ يقين ڏياريو هو تہ هو پنهنجيءَ وزارت جي سنڌي وزيرن کي اجازت ڏيندو تہ هو بہ اينٽي ون يونٽ محاذ ۾ کهڙي صاحب سان شامل ٿين.

اندر ملڪ جي دوري تي روانو ٿي رهيو آهي. ان ملاقات وقت شيخ مجيب الرحمان بہ موجود هو، جنهن مون کي يقين ڏياريو تہ چونڊون جلد ٿي رهيون آهن، انهن ۾ سندن پارٽي وڏي اڪثريت حاصل ڪندي، ۽ ان کان پوءِ سهروردي صاحب پاڪستان جو وزيراعظم بڻجي دنيا جو دورو شروع ڪندو، جنهن جي دوران ۾ ڦيريون ڦيريون منيلا(فلپائين) اچي منهنجي دعوت وٺندو[1]. في الحقيقت سهروردي صاحب منيلا جو پروگرام بہ "ڊسڪس" ڪندو رهيو.

وقت جي وزيراعظم سر فيروز خان نون مرحوم جا درشن ٿيا. ڏاڍو نيڪ انسان هو. سياست ۾ ساري حياتي بسر ڪئي هئائين، پر 1947ع کان پوءِ جي سياسي گهاٽين کي سمجهي ڪونہ سگهيو هو. مون کي ماني بہ کارايائين ۽ دل جون ڳالهيون بہ ڪيائين. پنهنجي پارٽيءَ جي ميمبرن کان سخت نالان هو. ميز جي خاني مان پنهنجن ميمبرن جي لسٽ ڪڍي، منهنجي اڳيان رکي چيائين:"اسان جي پارٽيءَ ۾ 31 ميمبر آهن، جن مان 29 ميمبرن کي عهدا ڏنا اٿم، پر ان هوندي بہ سندن تقاضائن ۾ تخفيف ڪانہ ٿي آهي، پاڻ وڏيڪ چتا ٿي پيا آهن. هاڻ ٻن مهينن اندر نيون چونڊون ڪرائي رهيو آهيان. خدا ڪري جو ڪي چڱا نوان ماڻهو چونڊجي اچن".

بحيثيت سفير، منهنجي لاءِ صدر مملڪت سڪندر مرزا جو سلام پرڻ ضروري هو. سلام لاءِ ڦيريون دفعو حاضر ٿيس تہ حڪم ڏنائين تہ "جيترا ڏينهن ڪراچيءَ ۾ آهين، هڪ نہ ٻئي ڏينهن ضرور مون سان ملندو رهج." ان حڪم جي آءٌ تعميل ڪندو رهيس. مون کي چٽيءَ طرح نظر اچي رهيو هو تہ مرزا صاحب اڄڪلهہ ڪنهن وڏيءَ اسڪيم ۾ لڳل آهي، پر اهو تاڙي نہ سگهيس تہ ايندڙ هفتي ڏهن ڏينهن اندر اها اسڪيم عمل ۾ اچڻي آهي. 26 سيپٽمبر واريءَ اسان جي ملاقات وقت اوچتو کهڙو صاحب بہ ڪمري ۾ اندر گهڙي آيو. ڏاڍي غصي ۾ هو. ويهڻ شرط مرزا صاحب سان شڪايت ڪيائين- چي: "اوهان جي سامهون فيصلو ٿيل هو تہ آءٌ(کهڙو صاحب) ائنٽي ون يونٽ

---

[1] ويچارن کي خبر ئي ڪا نہ هئي تہ هفتي کن اندر مارشل لا لڳندو، ايوب خان صدر ٿيندو. سهروردي صاحب کي جيل ۾ وڌو ويندو، مٿس ايبڊو جي ڪارروائي ٿيندي، پنجن سالن لاءِ سياست لاءِ نااهل قرار ڏنو ويندو، جيل مان ڇٽڻ کان پوءِ سندس صحت چڪنا چور ٿي ويندي ۽ ڪيس ملڪ ڇڏي وڃي لبنان ۾ رهڻو پوندو، جت غريب الوطنيءَ جي حالت ۾ سندس موت واقع ٿيندو.



مصنف جي حسين شهيد سهرورديءَ سان هڪ يادگار تصوير

فرنٽ جو ليڊر ٻٽبس ۽ ون يونٽ جو وزيراعليٰ قزلباش صاحب پنهنجيءَ وزارت جي سنڌي ميمبرن کي اجازت ڏيندو تہ ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ هو بہ فرنٽ جي ڪم ۾ عملي بهرو وٺن. ڪالهہ حيدرآباد ۾ مون فرنٽ جو جلسو سڏايو. پر ون يونٽ جا سنڌي وزير لاهور ۾ ويٺا رهيا ۽ مون سان اچي پانهن ٻيلي ٿي ڪو نہ بيٺا. معلوم ٿئي ٿو تہ قزلباش، پنهنجي وعدي جي ابتڙ، کين روڪي ڇڏيو آهي."

کهڙي صاحب جي ايتريءَ گفتگو مان مون کي هڪدم معلوم ٿي ويو تہ "هنڌ جي لڳل" آهي. اهو ائنٽي ون يونٽ فرنٽ مرزا صاحب پاڻ هن نيت سان کڙو ڪرايو آهي تہ ون يونٽ جي حامين کي ديڇارجي تہ اجهو ٿو توهان جو ون يونٽ بہ ختم ٿئي، ورنہ........

مان هڪدم اُٿي کڙو ٿيس. کين چيم: "هينئر صدر ۽ وزير دفاع جي وچ ۾ نازڪ گفتگو شروع ٿي آهي، آءٌ سرڪاري نوڪر (سفير) آهيان، تنهنڪري مون کي انهن ڳالهين ۾ ويهڻ نہ گهرجي." ايترو چئي آءٌ ٻاهر نڪري اچي کهڙي صاحب جي موٽر ۾ ويهي رهيس. ڪجهہ وقت کان پوءِ پاڻ بہ ٻاهر نڪري آيو. مون کي پنهنجي موٽر ۾ ويٺل ڏسي. عجب مان پڇڻ لڳو تہ "تون ڪيئن هت ويهي رهئين؟" مون چيس، "اوهان سان، اوهان جي گهر هلي ڪجهہ ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو."

ٻئي گڏجي سندس گهر پهتاسين. ات قاضي محمد اڪبر صاحب بہ ويٺو هو. مون کهڙي صاحب کي عرض ڪيو تہ "اوهان سڪندر مرزا جي اشاري تي ان فرنٽ جي "اسسٽنٽ" ۾ ڇو شامل ٿيا آهيو؟ مون کي نظر اچي رهيو آهي تہ اهو بہ مرزا صاحب جي سازش جو ڪو حصو آهي ۽ هو اوهان کي صدقي جي ٻڪري بڻائي رهيو آهي."

کهڙي صاحب ناراض ٿي مون کي چيو: "هاڻي تہ تون سرڪاري ملازم آهين. تون اهڙيون ڳالهيون ڪيئن ڪري رهيو آهين؟"

وڏيڪ ڳالهائڻ بيڪار سمجهي، آءٌ ڪانئس موڪلائي گهر ويس.

ٻن هفتن کان پوءِ جنرل سڪندر مرزا جي منصوبي گل ڪديا. 7 ۽ 8 آڪٽوبر جي وچ واريءَ رات ۾ مارشل لا لڳي ويو. پنجن ڇهن ڏينهن اندر وزير دفاع کهڙو صاحب هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ٿي، جيل جي سي ڪلاس ۾ وڃي بند ٿيو. اهو ائنٽي ون يونٽ فرنٽ جو انعام هو! سندس خلاف ڪوڙي

ڪيس لاءِ بنياد هيءَ رکيو هئائون تہ کهڙي صاحب پرمٽ تي ورتل هڪ شيورليٽ موٽر وڪٽي پنج هزار روپيا نفعو ڪمايو آهي. کهڙو صاحب هڪ عرصي تائين جيل جا ڪشٽ ڪاٽيندو رهيو. هيٺينءَ ڪورٽ مان ڪيس ۾ سال قيد جي سزا بہ ملي. آخر رويڙن ۽ اپيلن جون ڦديهان ڪاٽي وڃي آزاد ٿيو.

هيءَ ٻڌائڻ بيڪار آهي تہ کهڙي صاحب وانگر ٻين بہ ڪيترن وزيرن ۽ حڪومت سان لڳ لاڳاپي رکندڙن ماڻهن ساڳيءَ طرح پنهنجون موٽرون وڪيون هيون، پر انهن کان ڪي بہ پڇائون ڪونہ ٿيون، ڇو تہ اهي سياڻا هئا. نہ کهڙي صاحب وانگر "وزير دفاع" ٻڌجڻ جو ڪم ڪنيو هئائون، نہ "ائنٽي ون يونٽ فرنٽ" واري ڏوڪي ۾ آيا هئا.

*   *   *

آءٌ تسليم ڪرايان ٿو تہ کهڙي صاحب جي شخصيت انقلاب آور ڪانہ هئي، هو دولهہ دريا خان يا هوش محمد ڪونہ هو. منجهس گهٽيون ئي انساني ڪمزوريون هونديون. پر منهنجو عرض صرف ايترو آهي تہ سنڌ جي خاطر جيڪي زخم هن صاحب پنهنجي جسم تي جهليا آهن، سي بہ قدردانن جي ڏسڻ وٽان آهن.

وس پڄندي هن سنڌ جو ساٿ ڪونہ ڇڏيو. تجربي مان ثابت هو تہ جيڪڏهن ڪنهن طاقت ڪي سنڌ تي سياسي حملو ڪرڻو هوندو هو تہ اُن ڪي پهرين کهڙي ڪي ڌاهي پنهنجي لاءِ رستو صاف ڪرڻو پوندو هو. منهنجي نگاهہ ۾ اها وڏي ڪسوٽي تي سگهي ٿي، ڪنهن ورڪر جي حب الوطنيءَ ڪي پرکڻ لاءِ.

مون کي معلوم آهي تہ سياست کان عملاً ڪناره ڪش ٿي وڃڻ بعد کهڙي صاحب ڪي بدنام ڪري هميشه لاءِ ملڪي ميدان مان هٽائي ڇڏڻ جي نيت سان وڏي مهم هلندي رهي، پر اها تعجب جي ڳالهہ نہ آهي. سنڌ جي سياست ۾ ماڻهو پنهنجن رقيبن خلاف ڇا نہ ڪندا رهندا آهن؟ صوبائي ليول تي عملي خدمت ۽ تعميري سياست هلائي، کهڙي کان مٿاهين پوزيشن حاصل ڪرڻ جي همت ڪنهن ڪي ڪانہ ٿي سگهي، کهڙي ڪي گارين ڏيندڙ پاڻ مان ڪو کهڙي جو ثاني پيدا ڪري ڪونہ سگهيا. سندن حڪمت عملي صرف هيءَ رهي تہ سنڌ جي تاريخ کان ناواقف ماڻهن ۾ کهڙي خلاف نفرت ڦهلائي سندس جاءِ تي پاڻ ڪي اڳيرو ڪن.

آمريڪي ڪانگريس جو هڪ مشهور ميمبر ميٿيو لائن تي گذريو آهي. هو ٻاهران لڏي پنهنجي تڪ ۾ اچان مس اچي وينو هو ته ڪانگريس جو ميمبر چونڊجي ويو. آمريڪا جي تاريخ ۾ اها نئين ڳالهه تي گذري ته ٻاهران آيل هڪ نو وارد، ناواقف ماڻهوءَ کي پهرئين سال ئي ڪانگريس ۾ چونڊي موڪليو هُجين.

ڊي ڪوئنسي نالي، اُن وقت جي هڪ دانشور، لائن کان پڇيو ته "توسان اهو پسڻ ڪيئن ٿيو، جو تڪ ۾ پهچندي ميمبر چونڊجي وئين؟"

وراڻي ڏنائين:"مون نه تڪ جي ڪا خدمت ڪئي هئي، نه مون ۾ اهڙي ڪا صلاحيت ئي هئي. مون صرف هيءَ طريقو اختيار ڪيو ته پنهنجي تڪ جي ٿ - واٽي تي ويهي صبح کان شام تائين اڳ ۾ چونڊيل ميمبر کي گاريون ڏيندو هوس ۽ ان جي غيبت ڪندو هوس، آيو ويو پيو ٻڌندو هو. اهو ڪم يڪ طرفو هلندو رهيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ عام اثر پيدا ٿي ويو ته اڳيون ميمبر واقعي نالائق هوندو ۽ جڏهن چونڊ ٿي ته ان کي ڪڍي مون کي چونڊي موڪليائون."

هانگ ڪانگ جا سنڌي واپاري به ان ڪلاسيڪي طريقي تي پنهنجا دڪان چمڪائيندي ڏٺا اٿم.

جڏهن سندن پنهنجي دڪان تي گهربل شئي ڪانه هوندي اٿن ته گراهڪ اڳيان اُن سنڌي دڪاندار جي گلا شروع ڪري ڏيندا آهن، جنهن جي باري ۾ معلوم هوندو اٿن ته ان وٽ اها شيءِ موجود هوندي ۽ گراهڪ هتان اٿي ضرور ان وٽ ويندو. گراهڪ کي چوندا ته "فلاڻو سنڌي دڪاندار ڏاڍو وڏو ٺڳ آهي، اصلي جي بدران نقلي شيءِ هلائيندو آهي ۽ اگهه ۾ ڳاٽي پڳو وٺندو آهي. ان جي ويجهو نه وڃجانءِ. گراهڪن جو خانو خراب پيو ڪري."

مٽيءَ جي چڪ ٿئي ٿي، هتِ هجؤن يا هانگ ڪانگ ۾!

* * *

گذريل ويهن سالن کان کهڙو صاحب عملي سياست کان رٽائر، ڏرتيءَ مان ڏَن اُپائڻ ۽ بنگلن بنائڻ جي ٻلي رهيو.

سمجهان ٿو ته بزبان حال، سنڌ سان سخن سنج هوندو ته:

جب سي دلِ زنده تونئي همڪو چهوڙا،
هم نسي ٻي تيري رام ڪهاني چهوڙي.



چين ۾ پاڪستان جو سفير پير علي محمد راشدي ۽ چين جو صدر ليوشاؤچي

پاڪ- چين دوستيءَ جو آغاز

# موڪلاڻي

کهڙي صاحب (هينئر مرحوم و مغفور) تي مٿيون مقالو مون گهڻو وقت اڳ لکيو هو. البت ٻئي جلد ۾ شايع ڪرڻ لاءِ گنجائش ڪان نڪري سگهي هئي. ٻڌو پاڻ ضرور هئائين. خود پنهنجي نياڻيءَ ڊاڪٽره حميده کي استدعا ڪئي هئائين ت ان کي انگريزيءَ جو اوڇڻ ڍڪائي.

جن واقعن جي باري ۾ مون ان سرگذشت ۾ اشارن تي اڪتفا ڪئي هئي، تن جي تفصيل کي پنهنجي هٿ سان قلمبند ڪري ڏيڻ تي ب آمادگي ڏيکاري هئائين، پر ترسي ان لاءِ پيو ت پهريان اصل مضمون شايع ٿي وڃي ت ان ڪان پوءِ شرح ۽ وضاحت لاءِ قلم کڻي. افسوس آهي ت اُها منزل ڪان آئي، اڳ ۾ ئي ڏانهس ڏاڍي جو سڏ اچي ويو.

پوين ٻن - ٽن سالن ۾ آءٌ وقت بوقت ساڻس ملندو رهيس. بعض تاريخي واقعن ۽ حادثن جي مُحرڪات متعلق سندس تصديق حاصل ڪرڻي هوندي هئي. ان کان سواءِ عام ڳالهين تي ب پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا ٿي رهياسين.

انهن ملاقاتين جي دوران مون محسوس ڪيو ت سندس حافظو بحال ۽ دماغ بلڪل صحيح هو. همت ۽ حوصلو ب اهڙو ئي هوس، جهڙو جوانيءَ ۾. صرف زماني جو حال ڏسي ۽ مستقبل جو اندازو لڳائي، عملي زندگيءَ ڪان ڪناره ڪشيءَ ۾ آبرو ٿي سمجهيائين.

اِن نتيجي تي پهچڻ ۾ سندس ڪو قصور ڪون هو. اجل آيل بيمار کي صحيح طبيب جو در هٿ اچڻو ڪون آهي، سندس عقل، شعور، نظر ۽ نصيب سڀ ويري ٿيو پونس، جيسين ماري منجو ن ڪڍائنس، صحيح سمت ۾ قدم رکڻ ڪون ڏيندس.

پيو قدرت جو قانون هيءُ آهي ت غير معمولي انسانن جي شناخت سندن حياتي اندر ڪان ٿي ٿئي. مدتن گذرڻ بعد ئي عوام الناس وٽن ٿا پنهنجي غلطي محسوس ڪن ۽ ان ڪان پوءِ سندن قبرن تي قبا اڏائي ماتمي مجلسون آراست ڪن. دنيا جي تاريخ ۾ جيڪي وڏيون شخصيتون گذريون آهن، سي تقريباً سڀ پنهنجي وقت اندر معتوب ۽ مظلوم هيون. في الحقيقت انسانيت جو جنسار اهڙين مظلوم شخصيتن جو وجود پيي رهيو آهي، اهي ن

هجن ها تہ نہ انساني ارتقا ۽ ارتفاع جون تقاضائون پوريون ٿي سگهن ها ۽ نہ دنيا جي تاريخ ۾ ايتري قدر رنگ پرجي سگهي ها.

جيڏو وڏو ماڻهو، اوڏو وڏو مظلوم.

جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

ع اين كرامت همر هي شهباز شاهين كرده اند.

*　　*　　*

عظيم انسان جي سڃاڻپ جي هڪ نشاني اها بہ ٿئي ٿي تہ هو موت کي مشاهدو سمجهي ان کان هرگز ڪونہ ٿو ڪَنبي.

کهڙي مرحوم ۾ مون اها خصوصيت بہ ڏٺي.

ڪجهہ عرصي کان سندس گفتگو خواهہ ماڻهن سان ميل ميلاپ جي انداز مان ٿڪاوٽ ۽ طبيعت جي اُڇاٽ ٿي وڃڻ جا اهڃاڻ ملڻ لڳا هئا، ائين لڳندو هو ڄڻ مڙس ٿڪجي پيو آهي ۽ زندگي کي هينئر هڪ بي مقصد بار سمجهي ان قصي کي ڪوتاهہ ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري.

ظاهراً ڪنهن بيماريءَ جا آثار ڪونہ هئا. ڦڙتائي بہ منجهس اوتري ئي هئي، جيتري اڳ هوندي هوس. صرف گفتگو ۾ هاڻي گهٽ دلچسپي ٿي ورتائين. گويا سندس خيال ڪنهن ٻئي طرف لڳل رهيو ٿي. مسافر هلڻ هارو هو. ماڳ مڻائڻو هوس، شايد دل ئي دل ۾ چيائين ٿي:

ماروئڙن جا ماڳ...

سانگيڙن جا سانگ...

... هاڻي الله ڪندو شل اوري، اوري.

*　　*　　*

آخر سيپٽمبر ڌاري ملاقات ۾ مون کي قدري ڪمزور ڏسڻ ۾ آيو. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ "بلڊ پريشر" وڌيل رهي ٿو. ڊاڪٽر جو پڇيم. معلوم ٿيو تہ ڪنهن کي پاڻ ڪونہ ڏيکاريو اٿائين. منهنجي زور پرڻ تي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ قبول ڪيائين. اهو بندوبست بہ مون ڪيو. ڊاڪٽر علاج تجويز ڪري ڏنس، پر ان تي دل ڪانہ لاتائين. ٻئي دفعي ملڻ تي مون چنبڙ ڪيس، پر ان جو بہ ڪو اثر ڪونہ ٿيس.

ذوالحج(1400 هجري) جو مهينو (جيڪو آڪٽوبر 1980ع جي مطابق هو) آيو. ڪجهه عرصو اڳ پاڻ لاڙڪاڻي طرف ويل هو. جت اباڻي ڳوٺ عاقل ۾ پنهنجي قبر لاءِ جاءِ مقرر ڪري آيو هو. هينئر ذوالحج شروع ٿيندي گهر ڀاتين کي هدايت ڪيائين ته سندس اولاد کي اوريان پريان گهرائي ڪنو ڪيو وڃي. ڊاڪٽر حميده ولايت ويل هئي. ان سان ات ٽيليفون تي ڳالهائي ڪيس هڪدم موٽي اچڻ لاءِ چيائين. سڀ اچي وٽس جمع ٿيا. هينئر سندس طبيعت تڪڙائي سان ڪرڻ لڳي، پاڻ اسپتال وڃڻ، ڊاڪٽر کان چڪاس ڪرائڻ ۽ باقاعده علاج وٺڻ کان ڪيٻائيندو رهيو. ڪنهن ڪنه سمجهيو ته مرحوم موڪلائڻ جا سانباها ڪري رهيو آهي، حتاڪ مون کي به ڪنهن سڌ ڪانه ڏني.

هڪ ڏينهن سندس نياڻو ڊاڪٽر عبدالحليم اوچتو مون وٽ آيو. ٻڌايائين ته "خانبهادر جي طبيعت ڪجهه ڏينهن کان بگڙي ويل آهي، پهريان رات ويلي غسلخاني ۾ ڪري پيو هو ۽ مٿي تي خفيف زخم آيو هوس، هينئر علاج وٺڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو اٿائين. اسپتال ڏانهن منتقل ٿيڻ جي ڳالهه به ڪانه ٿو مڃي. ڪڏهن هوش ۾ ته ڪڏهن غنودگي ۾ رهڻ لڳو آهي. سڄو گهر پريشان آهي، پر هو پاڻ ڪنهن جي ڳالهه ڪانه ٿو مڃي." ڊاڪٽر حليم مون کي چيو ته آءٌ هلي کيس سمجهايان ۽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تيار ڪيان.

آءٌ سندس بنگلي تي پهتس، پاڻ مٿي بيڊ - روم ۾ هو. مون کي وٽس وٺي ويا. آرام ڪرسيءَ تي ويٺل هو. ڪڏهن اکيون کوليائين، ڪڏهن ٻوٽي ڇڏيائين. منهنجي ڪمري اندر قدم رکندي، اکيون کولي، مون ڏانهن ڏسي مُشڪيائين. سندس اهل خانه جو چوڻ آهي ته اها سندس آخري مرڪ هئي. بهرحال مون پاڪر پائي چيس:"هاڻي اسپتال هلڻو آهي." غريب ڪجهه ڪونه ڪڇيو. هلڻ لاءِ رضامندي ڏيکاريائين. مون کي انڪاري ڪري ڪونه سگهيو. ان وچ ۾ اسپتال ۾ ڪمري جو انتظام ٿي ويل هو. ڪرسيءَ تي کيس ويهاري، ڏاڪڻ تان هيٺ آڻي موٽر ۾ ويهاريوسين. ساڻس گڏ پوئين نشست تي سندس فرزند شاهه محمد ويٺو، اڳين سيٽ مون والاري. روانگي وقت اکيون پٽي ڏٺائين ته آءٌ ساڻس گڏ پيو هلان.

اسپتال پهتي ڊاڪٽر آيا. ٽيسٽون ٿيون. نرس، زور مس ڪري دوائون پيارڻ شروع ڪيس. پر محسوس ائين ٿيڻ لڳو ته علاج سان مريض خود جي ڪا دلچسپي ڪانه رهي آهي.

علاج مان فرق ڪونہ پيو. جيئن پوءِ تيئن غنودگي جا دؤر طوالت وٺڻ لڳا. وس وڏا تي تيا، پر بي اثر.

آخر، حج جي شام، عيد جي رات 9 - ذوالحج (20 آڪٽوبر 1980ع) جو پکي پرواز ڪري عيد وچي پنهنجي ابدي وطن ۾ ڪئي.

انالله وانا اليہ راجعون.

جنهن خوءِ ۽ خُنڪيءَ سان زندگي بسر ڪئي هئائين موت سان بہ اهڙي ئي خود اعتمادي سان ملاقات ڪيائين. جيئري بہ ڪونہ ڏکيو هو، مرندي بہ ڪونہ ڏنو. ائين لڳو چڻ روانگي جو پروگرام پاڻ ٺاهيو هئائين.

انسان جي صحيح مقام جي خبر موت جي دروازي تي پوي ٿي. هيءُ مرحوم اِن گهٽ مان بہ اوچي ڳاٽ لنگهي ويو.

ضمير جي ڪاڏلن ۽ حقوق العابد جي خائفن جي اِنتها جون علامتون اِهي نہ ٿينديون آهن.

هينئر پوريان دعوت عام آهي.

سندس وانگر ڪو جي ڏيکاري، ڪو مَري ڏيکاري! مون کي يقين آهي تہ ماڻرون محمد ايوب جهڙا پُٽ روز روز ڪونہ ڇڻينديون.

## مِٺا خان

گهڙو وڄائيندو آهي، نوڪري حيدرآباد جي پوليس آفيس ۾ هوس(جتان هاڻي رٽائر ڪيو اٿائين)، گهڙو شوق وچان وڄائيندو آهي. پر گهڙو ڇا وڄي ٿو؟ انسان جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. اِن نڪر کي نوڪي منجهانئس اهڙي موسيقي ڪڍي ٿو جو پيٽ ۾ ساز سرندا، ستار ۽ وائلن ٻڌڻ تي دل ڪانہ ٿي ٿئي. آواز ڪڏهن اهڙو سنهو جو تار مان نڪتل آواز ۾ ٻڌيو وڃي، ڪڏهن ايتري قدر بلند جو ڄڻ نغارا پيا وڄن. اعجاز هيءُ تہ هڪ ئي ٿاپ، هٿ جي هڪ ئي حرڪت سان اهي ٻئي انتهائي ڪيفيتون پيدا پيون ٿين.

ان فرض ۾ اهڙو ٻيو فنڪار سنڌ ڪونہ ڏٺو. گهٽ ۾ گهٽ مون تہ ڪونہ ٻڌو.

# ميرپورخاص

ميرپورخاص ضلعو ٻن حصن تي مشتمل آهي، پڪي وارو حصو ۽ ٿاريلو يا ريگستاني حصو[1] . پڪي واري پاسي ۾ هن وقت ميرپورخاص، جيمس آباد، ڏگهڙي ۽ ساماري جا تعلقا آهن. ڀهريان ڪپرو ۽ سانگهڙ بہ سانس گڏيل هئا. پر سيپٽمبر 1953ع ۾ مون بحيثيت روينيو وزير سنڌ جي آخري طرح سانگهڙ ۽ ڪپري کي ڇني نئون ضلعو سانگهڙ ٺاهيو، جنهن سان نوابشاهہ ضلع جا بہ ڪي ٽڪرا ملايا ويا.

* * *

انگريزن آئي، ڀهريان پڪي وارا تعلقا سال 87- 1886ع تائين حيدرآباد ضلع ۾ شامل هئا، البتہ ٿر واري علائقي لاءِ هڪ جدا آفيسر، جنهن کي پوليٽيڪل سپرنٽيندنٽ سڏيندا هئا، مقرر ڪيل هو. شروعات جا ٽي سال ٿر جي چارج ڀُڄ ۾ رهندڙ هڪ انگريز عملدار وٽ رهي، جنهن جو نالو ڪپتان اسٽنلي ريڪس هو. ريڪس جو دؤر 1846ع تائين هليو. جنهن کان پوءِ تروٽ صاحب (Capt:Trywhitt) آيو ۽ پورا پنجويهہ سال يعني 1871ع تائين ٿر جو حاڪم ٿي رهيو. ٿر کي ان صاحب سڌاري سنواري نئين زماني ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو[2]، عوام ۾ سندس ايتري مقبوليت ٿي ويئي جو رٽائر ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ ماڻهن، مدتن تائين ڪيس محبت سان ياد ڪندا رهيا، بلڪ ان محبت جي اظهار لاءِ ڪي لوڪ گيت بہ ٺاهيائون. مثلاً:

ٽريوٽ واڳون وار ڙي،
... ٽريوٽ واڳو وار.

سال 1886ع ڌاري هڪ نئون ضلعو ٺهيو، جنهن ۾ حيدرآباد ضلع جا ڪجهہ تعلقا ۽ ٿرپارڪر واراو پاسو شامل ڪيائون. هيڊ ڪوارٽر ڀهريان عمر ڪوٽ ۾ ۽ بعد ۾[3] هاڻوڪيءَ ميرپورخاص ۾ ٿيو.

---

[1] ريگستاني پاسو وري اندروني طرح ڪيترن ٽُڪرن ۾ ورهايل آهي، مثلاً: ڪاڇڙ، اچو ٿر، نارو، ڍاٽ، مهراڻو، ڪنڊو، ونگو، سامروٽي وٽ ۽ پارڪر. اهي ٽڪر پنجن تعلقن ۾ سمايل آهن: 1- ننگر پارڪر 2- ڏيپلو 3- ڇاڇرو 4- مٺي ۽ عمر ڪوٽ. سڄي پکيڙ تقريباً ڏهہ هزار چورس ميل آهي.
[2] ساڳي طرح اتر سنڌ ۾ بہ ٻن اوائلي انگريز عملدارن ماڻهن کي آرام، امن ۽ انصاف ڏيڻ سان وڏو نالو پيدا ڪيو. هڪ ڪرنل ميهو جيڪو سکر، شڪارپور ۽ هاڻوڪي لاڙڪاڻي ضلعي جو حاڪم ٿي رهيو ۽ ٻيو جان جيڪب، جنهن جيڪب آباد کي ٺاهيو.
[3] 1906ع ۾.

ميرپور، ٽالپرن جي دؤر ۾ مير شير محمد خان مرحوم جي دارالسلطنت هئي، انگريزن جي زماني ۾ ضلع جا هيڊ ڪوارٽر بڻجڻ بعد شهر پنهنجي هاٺوڪي صورت اختيار ڪئي.

* * *

ٿر وارو طرف[1] هڪ نياري دنيا پيو لڳي، اتاهون جون ٻوليون، روايتون، ريتون رسمون، رهڻي ڪرڻي، خواه ماڻهن جي نفسيات ۽ مزاج مخصوص آهن. جغرافيائي، آب و هوا ۽ طبعي حالتن جي اثر هيٺ اتاهون جي رهاڪن ڪي پنهنجي طرز زندگي هڪ خاص سانچي ۾ ڍالڻي پئي آهي، ورنه اهڙين ڏکين حالتن هيٺ انهن علائقن ۾ سندن آباد ٿيڻ ۽ جيئرو رهڻ ڏکيو ٿي پوي ها - اڻاهه ٿر واري - پِٽون - نانگ - بلائون - پاڻي جي اڻاٺ - ڊگها فاصلا - مِينهن تي گذران جو مدار - وري وري ڏڪار پوڻ جا امڪان - دوا درمل ۽ تعليم جي انتظام جي عدم موجودگي - اهڙيون ڏکيائون نه آهن، جن جو مقابلو ڪو انسان سخت جان، محنتي ۽ توڪلي هجڻ ڪان سواءِ ڪري، زنده رهي سگهي.

خوش قسمتيءَ سان ٿاريلن ۾ اهي مڙئي خاصيتون ۽ خوبيون موجود آهن، جنهن ڪري هو عناصر جي ايتري عداوت هوندي به نه فقط زنده آهن، پر مطمئن زندگي پيا گذارين ۽ ٿر کي ترڪ ڪرڻ لاءِ ڪنهن به طرح تيار نه آهن.

هڪ لحاظ سان ليکو ڪجي ته ته ٿري ماڻهو هرورو ڪوٽ ۾ به ڪونه رهيا آهن.

[1] قديم زماني ۾، يعني عيسوي سن شروع ٿيڻ وقت ٿر ۽ پارڪر واري پاسي جي راڄڌاني "پاري ننگر" نالي شهر هو جيڪو وڏو بندرگاهه به هو. هڪ طرف سمنڊ هوس ۽ ٻئي طرف کان سنڌ جو پراڻو درياءُ هاڪڙو وٽس اچي ڇوڙ ڪندو هو. ان زماني ۾ ڪڇ جو رڻ عربي سمنڊ هيٺ هو. هاڪڙو درياءُ سنڌونديءَ جي هڪ وڏي شاخ هو جيڪا هاڻوڪيءَ "پنج ند" (بهاولپور) وٽان ڦٽي، عمرڪوٽ جي ايرندي پاسي کان لنگهي ننگر پارڪر مان وهي پاري ننگر وٽ اچي سمنڊ ۾ پوندي هئي. سنڌ جي قديم تاريخ جي محقق ڪزن صاحب جو خيال آهي ته: "سن 906 عيسوي ڌاري سنڌ ۾ هڪ عظيم زلزلو آيو جنهن سنڌ جي جغرافيائي ۽ طبعي حالتن کي تبديل ڪري ڇڏيو." ممڪن آهي ته ان زلزلي جي دوران ۾ هاڪڙي واري شاخ بنهه ميسارجي وئي، جيئن اروڙ وٽان به سنڌو نديءَ جو رخ ڦري سکر طرف ٿي ويو ۽ اروڙ جو قديمي شهر ڦٽي ويو. هاڪڙي شاخ جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ "پاري ننگر" جو به ساڳيو حال ٿيل ٿو ڏسجي. "پاري ننگر" جا ڦٽل نشان، هاڻوڪي ننگر پارڪر شهر کان 14 ميلن جي فاصلي تي ۽ ويرا واهه کان اوير طرف ٻن ميلن تي اڄ به موجود آهن.

هڪ روايت موجب مهاتما گانڌيءَ جو خاندان به اتاهون لڏي، پرئين پاسي، ويل ٿو ٻڌجي.

شهري ڪلچر ڪان دور، ڊارين سان لهہ وچڙ ڪان محفوظ، ڪليل هوا ۽ صاف فضائن ۾ رهڻ - ۽ هر ڳالهہ ۽ هر حاجت لاءِ پنهنجي همت ۽ هٿن تي ڀاڙڻ سببان - ڪين قدرت طرفان ڪي اهڙيون رعايتون ميسر آهن، جن جو شهري انسانڙا تصور بہ ڪري ڪو نہ ٿا سگهن.

مثلاً: سڀ ڪان اول تہ ٽري جملي اخباري امراض ڪان بچيل آهن. نہ اخبارون پڙهن ۽ نہ بڇڙيون خبرون ڏسي ڪين اها ڏکٽي وٺي جيڪا اسان شهري ماڻهو هر صبح جو، چانهہ جي پيالي تي اخبار پڙهي محسوس ڪيون ٿا. ان لحاظ سان هو اُنهن مڙني اعصابي ۽ ذهني بيمارين ڪان محفوظ آهن جن اسين شهرن ۾ رهندڙ اخبارن جي مهربانيءَ سان مستقلاً شڪار آهيون.

ڪهڙي ٿرين ڪي پرواهہ تہ آمريڪا يا انگلينڊ جي اليڪشن ۾ ڪهڙيءَ پارٽي ڪٽيو، دنيا جو ڪو مرد - آهن مئو يا بچيو - ڪا بين الاقوامي ڪانفرنس نتجہ خيز ثابت ٿي يا بي نتيجہ - "سُپرپاور" پاڻ ۾ نهيا يا وڙهيا - ٽين عالمي جنگ ويجهي آهي يا اجا پري پئي ڏسائي - ٻاهرئين سڪي جو ملهہ وڌيو يا گهٽيو- ايمپورٽ ايڪسپورٽ جي ڪاروبار جا امڪان روشن ٿيا يا تارڪ - ڪن هوائي جهازن، ريلن ۽ موٽرن جي ايڪسيڊنٽن ۾ ماڻهو اڪٽ مٺا يا صرف هڏا پڃائي وڃي اسپتالن جي حوالي ٿيا - انسان جي نسل ڪي ختم ڪرڻ لاءِ سائنس ڪهڙا نوان طريقا ايجاد فرمايا - حتاڪ نيوڪليئر ڏهڪاوَ بہ انهن صحرا نشينن لاءِ ڪا خاص معنيٰ ڪانہ ٿا رکن!

ڪارا ڪڻ ڏيهہ ۾ واريءَ ۾ وٺاڻ.

ٻي نعمت ڪين هيءَ حاصل آهي تہ شهري لائف ڪان فاصلي تي رهڻ ڪري سندن معاشرو پنهنجي اصلي، صاف ۽ پاڪيزه حالت ۾ محفوظ آهي ۽ منجهس ڪو گند گڏجي ڪونہ سگهيو آهي. جنهن پراڻي سنڌي ڪلچر جا اهڃاڻ هينئر صرف لوڪ ڪهاڻي ۾ پيا ملن يا جن اصولن ۽ قدرن ان طرز زندگيءَ جو بنياد رکيل آهي، سي شهري زندگيءَ جي هماهمي ۽ ملاوٽ ۾ اسان وٽان تہ ميساريا پيا وڃن پر ٿرين ڪان اِن خلاصائي ۾ اجا بہ ميسر آهن.

وڏي برڪت تہ محتاجي ڪنهن جي ڪانہ اٿن. سندن جهيڙا ۽ مقابلا، براه راست عناصرElements سان آهن. ڪڏهن سُڪ ڪڏهن ساوڪ، ڪڏهن ڏڪر ڪڏهن سُڪر، ڪڏهن سائي سٽائي ڪڏهن ٻُس ٻارهن، پر هر حال ۾

همت نہ هارڻي، هار نہ ٻولڻي، ديس نہ ڇڏڻو، ويس نہ مٽڻو. خوداعتمادي ۽ توڪل جي اها انتها آهي.

* * *

مون ڪڏهن ڪڏهن هن باريڪ نُڪتي تي غور ٻي ڪيو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجين مهربانين جي ورهاست ۾ شهرن ۽ آباد علائقن ڪي تہ گهڻو وَرسايو آهي، پر پنهنجن ناهيلن ريگستانن، بيابانن، ويران پٽن ۽ اگهاڙن پهاڙن ڪي مرڳو وساريو اٿس يا انهن سان بہ ڪا "حصہ رسد" ٿي آهي؟

آءُ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ جن علائقن ڪي اسان ويرانا پيا سمجهون، تن سان نسبتاً شهرن ۽ آباد علائقن ڪان بہ وڌيڪ نوازشنون ٿيون آهن ۽ مٿن خاص نظر ڪرم رهي آهي. مثلاً: الله تعاليٰ پنهنجي گهر بيت الله جوڙائڻ لاءِ ڪهڙو علائقو منتخب فرمايو؟ - هڪ وادي "غير ذي زرع!"

* حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪي ڪٿ جلوو ڏيکاريائين؟

طور جي ويراني ۾!

* آسماني صحيفا ڪهڙن رستن سان انسان تائين پهچايائين؟

ويرانن جي واٽ سان!

* حضرت حسين عليہ السلام جي پاڪ خون ڪي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي سعادت ڪنهن جي حصي ۾ آئي؟

ڪربلا جي واريءَ ڪي!

* عشق جو انتظام نہ هجي ها تہ ڪائنات ڪانہ ٿئي ها. پوءِ عشق جو امام ڪٿ لڌو؟ عشق جو يادگار ڪٿ ٿيو؟ عشق جي ڪاروبار ڪي دواميت ڪٿ حاصل ٿي؟ نجد جي صحرا ۾ - هينئر نہ ليليٰ مري، نہ ميان مجنون ماٺ ٿئي، نہ نجد جو نالو انساني ذهن مان محو ٿئي! قيامت تائين قائم ۽ دائم. ٿيو اهو اعزاز ڪنهن "ترقي يافتہ" ميونسپل علائقي ڪي بہ حاصل؟

* تيل ۽ سون ڪهڙن تهخانن ۾ رکيائين؟

* فرض ڪريو تہ سنڌ جو ٿر وارو پاسو ڪونہ هجي ها. ڇا شاهہ لطيف جو شعر ٿي سگهي ها؟ اَنَ ۾ اهو اثر ۽ ايترو زور پيدا ٿي سگهي ها؟ اهو بارود اڄ تائين بچي سگهي ها؟ يا ان ڪرتب جي برڪت سان سنڌ ڪر پيچي اُٿي سگهي ها؟ ايڏا احسان ريگستان جا!

* آخر ۾ مارئيون ڪهڙي ماحول پيدا ٿين ٿيون؟[1]

* * *

قصو مختصر - رنگيءَ جا رنگ آهن. قدرت جي مصور هوندءَ ته قسماقسم تصويرون جوڙيون، پر غور ۽ فڪر ڪجي ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته ريگستانن جي تصوير ڪشيءَ ۾ زياده دلچسپي ورتي اٿس.

ڪنهن جي حصي ۾ آيون اهي غير آلوده فضائون، وارين جون وسعتون، هيانو ٺار فجر جون هيرون، جهڙن جون جهمريون، مينهن جا مانداڻ، وڄن جا ڪڙڪا، واهوندن جا وسڪارا، ترائين ۽ ڍهرن جون ساوڪون، گاهن جون گلڪاريون، پٽن جون بهاريون، ٽاڏن ۾ توڏن ڪي تنوارون؟ يا بقول اياز:

اجـان روهـ ـمـان رڻ اڃـي ٿـي، اڃـي ٿـي:
متـان پـائين آهـن مـُـئا مـور سـارا!

يعني مور به انهن روهن ۽ رُڃن ڪي مليا!

* * *

نه وري انساني حُسن جي تقسيم ۾ ٿي انهن صحرا نشينن لاءِ ڪنهن شڪايت جي گنجائش ڇڏي اٿائين. في الحقيقت حُسن پنهنجي نجيءَ ۽ غير جعلي حالت ۾ ايڏانهن ٿي نظر اچي ٿو. حسينن ۽ هرڻين جا مقابلا اُت آهن. بين هنڌن تي ته حُسن ڪي محض قابل ديد بڻجڻ لاءِ به آرٽ (ميڪ اپ) جي امداد حاصل ڪرڻي پوي ٿي، ورنه ......؟

خاص احسان اهو ڪيائين ته حُسن سان گڏ حياءُ به ڏنائين. اهو ٿهر ڪونه ڪيائين ته حُسن ڏئي حياءَ ڪسي ورتائين. اهڙو امتزاج يعني صورت ۽ سيرت جو هڪ جاءِ تي جمع ٿيڻ معمولي ڳالهه نه سمجهڻ گهرجي.

* * *

بهرحال وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانه آهي. اڳ ۾ ئي هڪ ٿريءَ عالم، سرڳواسي رائچند پاڻ ان مضمون تي ٻن جلدن ۾ پنهنجو ڪلاسيڪي ڪتاب لکي محقق جي هر ضرورت جو پورائو ڪري ڇڏيو آهي. شال ٿر وسي آباد هجي، اسان جو اُتس سلام آهي. آخر آديءَ مارئي جو ملڪ آهي.

---

[1] ٿر ۾ "مَتي اڱهاڙيون" ڪونه ٿين. ڪيترين ئي غوبت ڇونه هجي!

## وڏيرو سگهه پلي مرحوم

ميرپورخاص ضلعي جي شاديءَ پلي پاسي جو سگهيرڙو وڏيرو هو. پر عام وڏيرن کان مزاج ۾ مختلف. نه خطاب يا ڪرسيءَ جي خواهش، نه ڪامورن جي خوشامد، نه سرڪار جو سلام پريو، نه رسائي ڪري. راست گو، لاُابالي طبيعت. دلچسپي صرف سياسي ورڪرن ۽ آزاد خيال صحافين سان. انهن سان اٿندو ويهندو، مهمانيون جهليندو، چندا ڏيندو، همت افزائي ڪندو. فصل لهندو، پيسو هٿ ايندو، ته سٺو ڪراچيءَ پهچي مهمان خانو کوليندو. آئي وي پبلڪ ورڪر جي پٺي خدمت ٿيندي، خبر وٺبي. پاڻ سياست ۾ حصو ڪونه وٺندو، وڏن ليڊرن کان پاسو ڪندو، ميٽنگن ۽ ميمبرين کان پري ڀڄندو، اخبارن ۾ نالو اچڻ ڪونه ڏيندو. شوق صرف اهو هوس ته غريب ورڪر جيڪي قوم جو ڪم ڪندا رهن ٿا، تن جي خبر گيري سرپرستي ڪندو رهي. ڏتڙيل صحافين کي به قومي ورڪرن ۾ شمار ڪندو هو ۽ انهن جو تعداد سندس ڏينهن ۾ گهٽ ڪونه هوندو هو. صحافت جي پيشي ۾ حرام خوري ۽ ڪارخانه داري جو جذبو عام ڪونه هوندو هو. جن صحافين ۾ اهڙي ڪمزوري نظر ايندس تن کي ڏڏڪاري پاڻ کان دور رکندو.

غرض اهڙي نياري طبيعت رکندڙ وڏيرا به هن ديس ۾ ٿي گذريا. پاڻ سادي زندگي بسر ڪندو هو. جوڙيءَ جا ڪپڙا پائيندو هو. ڪا خاص وڏيرڪي ٺاڪ ٺوڪ ڪونه رکندو هو. قداور، ٺمارو، رنگ پڪو، ڏاڙهي خسخس، منهن تي مائي جا سينڙا، لاولد فوت ٿيو.

پيرن جي پڇاڙيل علائقي ۾ رهندي به پيرپرستي کان ڪيائين. ڪڏهن سر تي چڙهيل آيل ڪنهن آفت کان ڳجهه ڳوهه ۾ چار ڏوڪڙ ڏئي ٽاريو هجائين، ته اُها سندس ذاتي دفاعي حڪمت عملي هوندي.

## حاجي پرچو پولي

ميرپورخاص ضلع جو هڪ بيو نيارو ۽ لڪل ڪيريڪٽر هو. وچولي درجي جو وڏيرو، ڏسڻ ۾ سادڙو واهڻائي، لاطمع، سچو، محنتي، همت وارو، ماڻهو نه ماڻهو سڃاڻندڙ. وَعدو ڪيائين يا ڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيائين ته مري مٽو ڏيندو. ڪوسيءَ ٿڌيءَ جي ڪانه ڪندو. پڇاڙي ڪري پوءِ موٽندو. ورٺن جي زماني ۾ ڏاڍي ڇڪتاڻ ٿئي ٿي، جهڙي تهڙي وڏيري جي وعدن جي قلعي کليو وڃي، طرح طرح جون آفتون اچيو ٿيون ڪنڌ تي ڪڙڪن. مرشدن سڀڙن جي وچ ۾ اچي ڪرڻ ڪري بهشت ۽ دوزخ جا فيصلا هن ئي جهان ۾ ٿيو وڃن.

ڪامورن جا ڪڙڪاٽ تنهن ڪانسواءِ رهن تا. اهڙيءَ وٽ پڪڙ ۾ ڪنهن غريب ووٽر کي ووٽ جي آزادي ميسر تئي يا هو پنهنجي وعدي ۽ ضمير تي قائم رهي سگهي، . سا ڏکي ڳالهه ٿيو پوي.

پر حاجي پرچوءَ کي ڪيل واعدي تان ڪير موڙي سگهي؟ سامهون سوري، پيرن ۾ دولت پڪڙيل، بنهين جو رعب، پرچوءَ تي ڪونه پوندو. هن جو ڪيريڪٽر هيري جي ڪٽي هو، سڀ شيءِ کي وڍيندو پاڻ تي ليڪو لڳڻ ڪونه ڏيندو.

حقيقت ۾ عمر ڪوٽ جي اِن پلي قبيلي جا ماڻهو عجيب مزاج جا مالڪ هئا. مرحوم قاضي نور محمد، مرحوم وڏيرو عاقب، مرحوم خانصاحب عطا محمد، خودداري، ڪيريڪٽر، مردانگي ۽ دوست داري جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

هينئر سڀ گذاري ويا آهن. سندن جاءِ ڪنهن پيري يا نہ، تنهن جي خبر ڪانہ اٿم. مدت کان ميرپور سان منهنجو تعلق ڪونہ رهيو آهي. جوانيءَ جي زماني ۾ مون جيڪي ڏٺو، سو دل جي اُڪير سان هٿ عرض ڪيو اٿم. اڄ بارگاه الهي ۾ مون گنهگار جو عرض اهو آهي تہ ذات باري پنهنجي ستاري ۽ غفاريءَ کي بروءِ ڪار آڻي، انهن بااخلاق پانهن جي روحن کي پنهنجي رحمت جي جهوليءَ ۾ ڪا جائڙي عنايت فرمائي - آمين.

## بلاول هاليپوٽو مرحوم

ساڳي عمرڪوٽ جي مثالي دوستين ۽ وفادارين جي هڪ دلفريب تصوير هو. منهنجي ڏاڏي مرحوم سان دوستي هوس، جيڪا مرندي گهڙيءَ تائين اسان پوين سان بہ نباهيندو رهيو - 1934ع تائين پاڻ زنده هو، پڇاڙيءَ ۾ بينائي ويندي رهي هوس. پر ان حال ۾ بہ دوستن جي حقن سڃاڻڻ ۾ اڳ کان اڳرو رهيو. 1933ع ڌاري ڪنهن اليڪشن جي سلسلي ۾ منهنجو عمرڪوٽ وڃڻ ٿيو. مون چاهيو واٽي ڪيس ان حالت ۾ تڪليف نہ ڏيڻ جي خيال سان گشت جي دوران وٽس وڃڻ کان ڪيپايو. ڪنهن طرح خبر پئجي ويس تہ آءُ سندس پٽ ۾ ووٽن وٺڻ لاءِ آيل آهيان. حد بيقراري جي حالت ۾ پاڻ ڪٺائي اچي مون تائين پهتو. زور پيري ڳوٺ وٺي ويو. ساري علائقي لاءِ ووٽن جي ڪم جي ذمہ داري پاڻ تي کنيائين. چوندو رهيو: "اکيون ويون آهن تہ خير، دل ۽ دماغ تي بچيل اٿم، يار جو پار هاڻي بہ سڃاڻي سگهان ٿو." ان ڏينهن کان پوءِ جيستائين ووٽ ٿي نہ ويا آرام ڪونہ ڪيائين. اهڙي نابينائيءَ ۽ سخت پوڙهائي جي حالت ۾ بہ مختلف سوارين هٿ ڪري ٻن تعلقن اندر، گهر گهر گهمندو ورڪ ڪندو وتيو. ڏيٺ ويٺ وڏي هوس، ان معذوريءَ جي حالت ۾ بہ ڪيس پاڻ

وٺ آيل ڏٻسي ماڻهن کي شرم ۽ حياءُ وٺي ٿي ويو. انهن جنسن جي اچان اهڙي اٽاٽ ڪانہ ٿي هئي. ٻنهين تعلقن اسان جي اميداوار جي حق ۾ ووٽ ڏئي بلاول سان پاڻ موڪيو.

مرحوم بلاول کان پوءِ سندس فرزند محمد هاشم مرحوم بہ منهن ڪونہ مٽيو. پر ڦوهہ جوانيءَ ۾ موڪلائي ويو. وٺاڻ ئي ويران ٿي ويا. الله تعاليٰ پوين ۾ برڪت ڏيئي.

## مهاشيہ گروڏنو مل

لکٽي داس هو. "ميرپورخاص گزيٽ" نالي هفتہ وار پرچو ڪڍندو هو. محمد هاشم مخلص مرحوم سان چڪريون هوس، پر پڇي ڪونہ سگهندو هوس. مخلص مهيني ۾ فقط هڪ گار ڏئي چپ ڪري ويهندو هو. گروڏنومل سارو مهينو گند ڌوئڻ ۾ صرف ڪري ڇڏيندو هو. ڦسي سنڌي لکندو هو. جوش گهڻو هوس، پر قلم ۾ اوتري قوت ڪانہ جو ان کي ادا ڪري سگهي. ان هوندي بہ مسلمانن خلاف پروپيگنڊا جو ٻارڻ ٻاريو وينو رهيو. ميرپورخاص ضلع ۾ هندن جي اڪثريت هوندي هئي، واپار ۽ زمينداريءَ ۾ بہ زور هون. پهريان منجهان گهڻا صوفي خيالن جا هوندا هئا. پر رفتہ رفتہ سندن نئون نسل وقتي وايو منڊل کان متاثر ٿي، ڪٽر پٽي طرف مائل ٿي ويل هو. گروڏنومل ان نئين نسل جي خيالن جو ترجمان هو.

في الحقيقت مقامي مسلمانن گرو ڏني مل جي آواز کي ئي منهن ڏيڻ لاءِ مرحوم محمد هاشم کي ميرپور گهرائي ڪانئس مسلمان اخبار ڪڍرائي هئي.

## سيٺ پرتاب راءِ کي سکداس

ميرپور جو لکاپتي واپاري ۽ زميندار هو. سياست جي کپر ڪائي وڏو هوس. اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي هندن جي ان گروپ جي پس پرده اڳواڻي ڪندو رهيو ٿي جنهن جو مقصد هو تہ مسلمانن جي اڪثريت کي بي اثر بڻائي هندن کي زور وٺائجي. وزارتي بحران ايندو هو تہ پرتاب راءِ هڪدم ميدان عمل ۾ اچي پر گهٽ ٿيندو هو. ڪوشش هوندي هوس تہ ڪانگريسي خواه غير ڪانگريسي هندو ميمبرن کي ڪٺو ڪري ڪانئن مسلمانن جو مقابلو ڪرائي. نگريزي ڪانہ چاڻندر هو. تنهن ڪري خود وزير بڻجڻ جي خواهش ڪانہ هوس، پاڻ اهڙيءَ ذاتي بي غرضيءَ ڪري هندو گروپن تي سندس رعب ۽ اثر وزيرن کان

وڏيڪ هوندو هو، جيسين پرتاب راءِ راضي نہ ٿئي هندو ميمبر ڪنهن کي ڪنگهندا بہ ڪونہ هوا.

قسمت جي ڳالهہ هئي، پاڪستان اچي ويو ۽ پرتاب راءِ جا پير نڪري ويا. ميرپور ۾ سندس نهرايل "محلات" اسڪول جي حوالي ٿي. پاڻ وڃي جوڌپور ۾ شاهہ پنيائين[1]. ماڻهو سمجهدار هجڻ سان گڏ وزندار بہ هو، آءِ ڪيس ڪٽر هندن جي "نانڙي" سڏيندو هوس. مشڪندو هو، ڪاوڙبو ڪونہ هو.

## خان بهادر غلام نبي شاهہ مرحوم

سائين غلام نبي شاهہ مرحوم سالن جا سال ميرپور ضلع جي مهنداري ڪئي. اسيمبلي ميمبر ۽ ضلع لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. انگريزي ڪانہ ڄاڻندو هو پر صحيح انگريزي ۾ ڪندو هو.مون سندس تقرير ڪڏهن ڪانہ ٻڌي، نہ بمبئي ڪائونسل ۾ نہ سنڌ اسيمبليءَ ۾. پر ان جي معنيٰ اها نہ هئي تہ سندس شخصيت محسوس ڪانہ ٿيندي هئي. هر محفل ۾ سندس قدر ۽ وقار برقرار رهندو هو. ماڻهو احترام ڪندا هئس، راءِ ڪي وزن ڏيندا هئس. پاڻ ڪي بہ عوام جو اونو هوس، اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪندو هو جنهن مان سندس عمل ۽ راءِ عامہ ۾ بـُـعد نظر اچي. دور انديش دانشور هو. ناموس ۽ عزت جو خيال هوندو هوس، لالچ خاطر لچ ڪانہ ٿي وڪيائين، صحيح معنيٰ ۾ وقت جي مدبرن مان هڪ هو. سندس تڪيہ ڪلام ٿي "پبلڪ" هوندو هو، توڙي جو اچارڻ فقط پ ۽ ب ٻنهي کي زير ڏيندو هو.

## سائين وڏل شاهہ مرحوم

ضلع جي رضوي ساداتن جو سربراهہ هو. سنڌ جي پراڻن خاندانن جي خوبين جي تصوير هو. وڏي جائداد ۽ وڏي پهچندي، پر اوتري ئي نوڙت ۽ نماڻائي، نئين دور جي حرفت بازي ڪانہ ڄاتائين، سياست ۾ پير ڪونہ پاتائين، هميشہ ٻين جون ونگاريون وهندو وتيو. گهڻن ئي ماڻهن سندس سادگيءَ جو ناجائز فائدو ورتو پر پاڻ صبر سان سڀ ڪجهہ سهندو رهيو، جنهن سان ٻينو آخر دم تائين ان سان ٻينو رهيو. وڏي ڪيريڪٽر جو صاحب هو، صبر ۽ شڪر جي اُتس حد تي ويل هئي، ضلعي جي شريفن جو آبرو هو.

---

[1] پوين ڏينهن ۾ موٽي ميرپور آيو، سندس مرڻ بہ اتي ٿيو.

## وڏيرو عبدالحليم پلي مرحوم

سچي حياتي شڪار، سير ۽ تفريح ۾ وقف هوس. ٻيءَ ڪنهن هَوس جي ويجهو ڪونہ ويو. ٻارهن ئي مهينا شڪار جي اُٺ تڻ رهيس، گهڻو وقت ملڪ کان ٻاهر، شڪار جي تلاش ۾ گذاريندو هو. راجائن ۽ رجواڙن سان دوستيون هونديون هوس انهن سان گڏجي شيل شڪار پئي ڪيائين. سنڌ جي وڏيرن مان گهڻا شوقين شڪاري پيدا ٿيا، پر سڀ "چڙي ماري" ڪندا رهيا. شينهن ۽ وڏيون بلائون وڏيرن منجهان فقط عبدالحليم ماريون. پنهنجي دؤر اندر ڪيس شڪارين جو شهنشاهہ ڪوٺيندا هئا. سندس انتقال کانپوءِ سندس مشهور رائفل جنهن تي "شينهڻ" جو نالو هو، مون پوليس جي اسلحہ خانہ مان خريد ڪئي ۽ پڇاڙيءَ ۾ پير سائين پاڳاري کي نذر ڪري ڇڏيم.

مون خود مرحوم کي ڪونہ ڏٺو، پر شڪاري حلقن ۾ مدتن تائين سندس نالو وڄندي ٻڌم، يورپ ۾ هجي ها تہ مٿس ڪتاب لکيا وڃن ها. پر هت......!

## وڏيرو فقير محمد مگريو

عجيب و غريب ڪيريڪٽر هو، وقت جي هڪ نہ هڪ طاقتور انسان سان واسطو پيدا ڪري پنهنجو اثر قائم رکيو ايندو هو. وقتي طور جنهن سان واسطو هوندو هوس، تنهن تي گويا ذهني طور سواري ڪيو ويٺو هوندو هو ماڻهوءَ جي طبعي ڪمزوري پروڙي ان کي استعمال ڪرڻ جو فن ڄاڻندو هو. تنهنڪري اڳلي لاءِ مشڪل هوندو هو تہ فقير محمد جي وڏل نوڙي نَڪ مان ڇنائي سگهي.

البتہ ايوب خان جي دؤر ۾ ڪامورن سوڙهو جهليو هوس، ايتري قدر تنگ ڪيو هئائونس جو چون ٿا تہ خودڪشيءَ جي ارادي سان حيدرآباد پل تان هٿڪڙين سوڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي پيس. پر قدرت خدا جي جو ان هوندي بہ ٻڏڻ کان بچي ويو. ڪجهہ عرصي تائين تڪليفن ڪاٽڻ بعد آزاد ٿيو پر ڪيس ايڏو لوڏو اچي ويل هو جو ان کان پوءِ وري ساهہ پٽي سنرو ٿي ڪونہ سگهيو. بيشڪ هلندو چلندو تہ وتيو پر اُهو فقير محمد ڪونہ رهيو هو جنهن جا جلوه جواني ۾ ڏٺا ويا هئا.

نيٺ هڪ ڏينهن دل ٽٽڻ ڪري فوت ٿي ويو. لاولد.

# خانبهادر غلام محمد خان وساڻ مرحوم

جيترو وقت جيئرو رهيو نيڪ نام رهيو. سنڌ جي وڏيرن ۾ ورلي مون کو اهڙي ڪيريڪٽر وارو ماڻهو ڏٺو. بااصول، باوقار، قول جو پختو، هٺ جو ڪُليو. دوستن سان ڏک خواه سک ۾ دل کولي ۽ سينو تاڻي ثابت قدم رهڻ وارو، ظاهري طرح نرم مزاج، نرم گفتگو، بامروت، هر ڪنهن سان حسن سلوڪ، پر وقت پئي اصول جي ڳالهين ۾ بي خوف ۽ پير پوئتي ڏيڻ وارو ڪونه. حتي المقدور ڏکوئيندو ڪنهن کي ڪونه، پر ڏچندو به ڪنهن کان ڪونه. ايوب خان جي آمريت دوران به هيٺي ڪانه ہوليائين. اليڪشن آئي ته سندس مخالفت ڪيائين. حقيقت ۾ پاڻ کي ايتري قدر صاف رکيو هئائين جو ڪيس آزارڻ ۽ بدلي چڪائڻ جو ڪنهن کي حوصلو ڪونه ٿيو. چهري ۾ ايتري معصوميت ۽ شرافت هئس جو ماڻهن جي دل ڪانه گهرندي هئي ته هرويرو ڪيس آزارين.

ان جي اها معنيٰ نه هئي ته مرحوم سياست جا ڦيرا گهيرا ڪونه ڄاڻندو هو، ساري عمر سياست ۾ رهيو. صوبائي خواه مرڪزي اسيمبلين جون ميمبريون ماڻيائين، مقابلا ڪيائين ۽ مقابلا سنائين، پر اهڙيءَ تدبير سان جو سندس مخالف ڪان مخالف ماڻهوءَ کي به بنهه سندس سر وجائڻ يا ڪيس ضرر پهچائڻ جي ضرورت محسوس ڪانه ٿي، ڪري ڇئجي ته مڙس جي منهن ۾ ڪا مٺيان هئي، جڏهن جيلن ۾ وڃڻ ۽ بي آبرو ٿيڻ سنڌ جي گهڻن ئي سياستدانن جو مقدر بڻجي چڪو هو تڏهن به وساڻ هڪ، هر جهڪ ۽ جهولي ڪان محفوظ رهيو. هر دم مکيو، چکيو وتيو. سندس شيرواني ۾ ڪڏهن ڪو خم ڪونه آيو. معلوم ٿيو ته ماڻهو به شرط، تدبير ۽ تحمل سنڌ جي سياست ۾ به پنهنجن اصولن تي هلندي باآبرو زندگي گذاري سگهي ٿو. البته وساڻ جو چهرو ڪيريڪٽر ۽ زبان هجڻ ضروري!

آءٌ غور ڪندو رهيس ته هو ڪهڙيءَ حڪمت عملي سان هو اهڙي هڪ ڏکئي دوڙ مان به باآبرو لنگهي پار پيو؟ سندس طريقه ڪار جا مکيه پائنٽ هي نظر آيا:

(1) زبان ۽ جذبات تي پورو پورو قبضو، هرويرو گهٽو ڳالهائي ماڻهن کي پنهنجو منجهه ڪونه ڏيندو. ماڻهن کي چار اکر ڳالهائڻا هوندس ته

پن اکرن تي اڪتيفا ڪندو. جذبات ڪي زبان تي اثر انداز ٿيڻ ڪونه ڏيندو، دل جي ڳالهه دل ۾ رکندو، جنهن سان ملندو تنهن تي پنهنجي شرافت ۽ سچائي جو اثر وجهي اٿندو. پنهنجي وڏ ماڻهپ يا مالداري يا بي خوفي جتائي اڳلي جي انا گي اُپاري ڪونه ايندو.

(2) پنهنجو روز مره جو ڪم ڪار هيٺئين ليول جي ڪامورن مان ڪيندو، اهو سودو سستو پيس ٿي. "ڏنو پٽ چٽي جو." جنهن ڪري مٿين مانگر مڇن اڳيان محتاج ٿي قيمت سياسي اصولن جي صورت ۾ ادا ڪرڻي ڪانه ٿي پيس.

(3) لباس خواه اٿڻ ويهڻ، سندس معتبري، معززي ۽ مهذبي جا آئينه دار هوندا هئا.

(4) ذاتي ڪيريڪٽر قطعاً بي داغ، عام مالدار وڏيرن واري ڪا لونجهه لڳل ڪانه هوس. تنهنڪري سندس پوتي ڪو ڪـَچي ڪونه ٿي سگهيو. پنهنجي حياتي عزت آبرو سان گذاريائين. اچا جواني ڪانه ڍلهي هوس جو موڪلائي ويو. خدا جون مٿس رحمتون هجن.

## ديوان رگهومل

منشگيريءَ مان مختيارڪار ٿيو ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ. سنڌ جي جنهن به تعلقي ۾ ويو ڇڻ آفت نازل ٿي. وڏيرن، ٽپيدارن، وڪيلن خواه پوليس جي عملدارن لاءِ ڪال ڪڙو ڪري ڇڏيندو. رڇ جهڙو رنگ، رڇ جهڙو بوت، بدن جي بناوت به رنگ جي مناسبت سان. شابس هئي جنهن ناهيو هوس ۽ شاباس هئي جن مختيارڪار بڻائي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽي جا پاور ڏنا هوس.

ديوان مروت واري ڏينهن ڪونه چاٺو هو. ڪنهن سان رعايت ڪانه ڪندو هو. سڀ سان گارگند، بيو ڪونه ملندس ته پاڻ تہ گارين جا وسڪارا شروع ڪندو - "رَن پـُـٽ رُگهو ڇا ڪري؟ ڏوڙ پائي؟... ڪهڙو منهن ڪارو ڪري؟" وڏيڪ گاريون لکڻ جهڙيون نہ آهن.

ڪيسن هلائيندي، ڪاغذن اٿلائيندي، وچ ۾ ڪم ڇڏي خواه مخواه گارين جا ڏوڙيا ڪڍڻ لڳندو. هڪ دفعي ڪن وڪيلن، ٽپيدارن سا ملي

منصوبو ناهيو تہ ديوان جڏهن گارين جي موڊ ۾ هجي تہ ڪيس جهلي موچڙن جي مار ڏئي ڪڍجي. پر اڳيان ديوان بہ ڪيافہ شناس هو. منصوبہ بازن جي منهن ۾ شور ڏسي، گهر پهچي وڃي لڪو ۽ ان ڏينهن جي گارين واري ڪوٽا گهر پاتين تي صرف ڪيائين. گبسن جهڙي مسخري ڪمشنر جو راڄ هو، رگهومل جون اهي ادائون ڪيس پسند هيون. انتظام جي لحاظ سان برجستو ۽ اثرائتوEffective عملدار سمجهندو هوس.

سنڌ جا ڪاتيدار گهڻو ڪري سرڪار جا مقروض هوندا هئا، نہ تقاوين موٽائي سگهن، نہ وقت اندر ڍلون ڀيارين. رگهومل جي مختيارڪاريءَ ۾ پوءِ ڪان لڪندا ڇپندا وتندا. اتفاقاً ڪو ڀڳل "باقيدار" منهن چڙهي ويس تہ پٽڪو لاهي، ڏاڙهيءَ يا مُڇن مان جهلي، گُهٽا ڏيڻ شروع ڪندس. اليڪشن ڏينهن ڪنهن پولنگ تي رگهومل جي ڊيوٽي لڳندي تہ وڏيرو ووٽ ڏيڻ ڪونہ ويندو، پلي جا پولنگ خالي رهي.

ميروخان ۾ ديوان مختيارڪار ٿي آيو. هڪ وڏي معزز خطاب يافتہ وڏيري ڏانهن ڪا سرڪاري بقايا رهيل هئي. وڏيرو مون سان گڏ هڪ جاءِ تي مهمان ٿي آيل هو. منجهند جي ماني آئي، قسما قسم ڪاڌا هئا، هٿ ڌوئي دستر خوان تي ويٺاسين. وڏيري اجان ٻهريون گراهہ ٻوڙيو ٿي تہ نوڪر پهچندو آيو. چي:"مختيارڪار صاحب اچي ويو آهي." مختيارڪار جو ٻڌندي وڏيري ويچاري مانيءَ مان هٿ ڪڍي پٺڻ جي ڪئي. جُتي بہ هٿ ڪانہ آيس. اوطاقت جي پوئين دروازي مان نڪري جهنگ منهن ڪيائين. سچ لٿي تائين پر واري ناپٽ جي پيٽ ۾ لڪل رهيو. هئو مئو ٿري تہ اتان نڪري ڪنهن ٻئي پاسي ڏانهن روانو ٿي ويو. وري اسان ڪونہ ڏٺس. فقط سندس جُتي اسان وٽ رهجي وئي.

حقيقت ۾ جيڪو مختيارڪار آيو هو سو تيديري جو مختيارڪار هو، نہ رگهومل ميروخان وارو. اجائي غلط فهمي ڪري وڏيري کي اها تڪليف رسي.

رگهومل گاريون پوليس وارن کي بہ ڏيندو هو، جنهن ڪري پوليس جو عملو بہ سندس پيرو ڪنيو وتندو هو. ديوان ميروخان مان بدلي ٿي ميرپور ضلع

جي ڪنهن تعلقي ۾ ويو. ٻي عالمي جنگ جاري هئي. ڊفينس آف انڊيا رول لڳي چڪا هئا. ڪپڙي ۽ کاڌي جي شين تي سخت ڪنٽرول هو. کنڊ جي خاص طرح سان اڻاٺ هئي. ديوان ٻه - ٽي سير کنڊ جا هٽ ڪري هڪ ڏينهن ڳوٺ وڃڻ جي سنبت ڪئي. پوليس وارا تاڙ ۾ هوس. اجان کنڊ جي بدڙڪ کٽي مس وڃي بس ۾ ويٺو هو ته مٿان پوليس وارن اچي جهليس. کنڊ جي اسمگلنگ جو ڏوهه هو. ڊفينس آف انڊيا جي پڃڪڙي، ضامن لاءِ قانون ۾ ڪا گنجائش ڪانه. هونءَ به ديوان جو ضامن ڪير پوي ها؟ بهرحال اها رات ٺاٺي جي لاڪپ ۾ وڃي بند ڪيائونس. اتان جا قيدي اڳ ۾ ئي ڪانئس تتل هئا. حاضرين تي ديوان واتان گاريون ٻڌندا رهيا هئا. چون ٿا ته کيس سنهي مارڪٽ ڪندا رهيا. رات جو سمهي آرام ڪرڻ جو ته ان ماحول ۾ سوال ئي ڪونه هو. ٻئي ڏينهن ديوان کي گهلي وڃي ميرپور سب ڊويزنل مئجسٽريٽ (ڊپٽي ڪليڪٽر) جي ڪورٽ ۾ چالان ڪيائون. جوابدار پاڻ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو. تنهن ڪري مٿس ڪيس ايس. ڊي. ايم جي ڪورٽ ۾ ئي هلي سگهيو ٿي. چون ٿا ته سال کن ديوان کيس جي پيڙا ۾ مبتلا رهي بصد مشڪل آخر آزاد ٿيو. پر ان کان پوءِ سندس پڙلاءُ ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو. شايد رٽائر ڪري هليو ويو.

* * *

هيءُ هڪ تاريخي ۽ ثقافتي نُڪتو آهي ته ديوان رگهومل جون گاريون سنڌ جي روايتي معاشرتي پس منظر کان علحده ڪو نيارو واقعو ڪونه هيون. گار جو رواج ڳوناٺي مجلسي زندگي جو لوازمو هوندو. في الحقيقت ان رواج ترقي ڪري هڪ آرٽ جي صورت اختيار ڪئي هئي، جنهن کي سنڌ جي وڏيرن خواه پڙهيل لکيل هندو عامل ڪامورن ۾ گهڻي مقبوليت حاصل هئي. خاص محفلن ۾ باهمي پيار ۽ بي تڪلفي جو اظهار ئي گارين جي زبان ۾ ٿيندو هو، جنهن تي ڪنهن کي به منيان ڪانه لڳندي هئي. لاڙڪاڻي ضلع جو هڪ وڏيرو گارين جي آرٽ جي سرپرستي ڪرڻ ڪري پنهنجي وقت اندر گهڻو مشهور ٿيو. هو ماڻهن کي دعوتون ڏئي باقاعده گارين جي چٽاپيٽي ڪرائيندو هو. جيڪو شخص ڪا زود اثر نئين گار ناهي اچي کيس ٻڌائيند هو ته ان کي مينهن يا ڳئون انعام ۾ ڏيندو هو.

انهن ڏينهن ۾ وڏيرن جون ڪچهريون، ميرپورخاص جون ميساٽيون ۽ پوليس جا ٿاڻان، گارين جي آرٽ جون خاص درسگاهون هونديون هيون. گارين جي فن پرائڻ لاءِ شوقين انهن مرڪزن جا پاسا وٺندا ٿي رهيا.

ائين نہ آهي تہ دشنام طرازي هرويرو ثقافتي پسماندگي جي علامت ٿئي ٿي. اڄڪلهہ جي آمريڪي ثقافت مغربي تهذيب ۽ ڪلچر ۾ سڀ کان زياده ترقي يافتہ آهي. پر اُن ۾ بہ گارين لاءِ گهٽي ۾ گهٽي گنجائش موجود آهي. مثلاً تازو آمريڪا جي صدر نڪسن جي گفتگو جون ٽيپون واٽر گيٽ ڪيس جي سلسلي ۾ پيش ٿيون هيون. انهن جا ڪيترا حصا محض انڪري حذف ڪرڻا پيا جو انهن ۾ نجيون گاريون هيون! ۽ اُهي آمريڪا جي صدر جي پنهنجي منهن مبارڪ مان نڪتل هيون. هڪ ٻئي پريزيڊنٽ جانسن جو تڪيو ڪلام تہ موريُو هڪ ٻچڙي گار هوندي هئي.

پوءِ سنڌ جي معاشري تي ڪهڙي ميار؟

سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي اوطاقي معاشره ۾ عام تاثر هوندو هو تہ گاريال وڏيرو دل جو صاف ٿئي ٿو، جيڪا ڪاوڙ اٿس سا ڪڍي ٻاهر ڪري ٿو. دل اندر بغض يا ڪينو رکي، ٻاهران منافقانہ مٺي زبان ڪم آڻي، ماڻهوءَ کي نقصان رسائڻ جي در پئي نٿو رهي. اهڙي وڏيري کي وهندڙ پاڻيءَ سان تشبيہ ڏئي چوندا هئا تہ "وهندڙ پاڻي تاري، بيٺل پاڻي ٻوڙي."

رگهومل کي بہ اهڙو شڪ جو فائدو ڏيندا رهيا، چوندا هئا تہ ديوان جنهن کي گاريون ڏنيون، آخر ۾ ان کي فائدو پهچايائين.

آندو فقير هڪ مجذوب هو. اسان جي ڏينهن ۾ پير جي ڳوٺ جي گهٽين ۾ پيو هوندو هو. بيشمار سوالي وٽس پنهنجي حاجت روائي لاءِ دعا جا طالب ٿي ايندا هئا. فقير صاحب نہ فقط گاريون ڏيندو هو، پر مار بہ ڪڍندو هو. پر جنهن کي بہ گاريون ڏيندو هو يا ماريندو هو، سو پاڻ کي ڏاڍو خوش قسمت سمجهندو هو، چو تہ ان جو ڪم لازماً ٿي ويندو هو.

## سيٺ پريم چند

ميرواهہ گورچاڻي، ضلع ميرپورخاص جو زميندار ها، بظاهر امير ڪبير هو. وڏي نٺ سان رهيو. اهڙو نٺ ۽ شان شايد ڪنهن مسلمان فرسٽ

ڪلاس جاگيردار، مير يا پير ڪي بہ نصيب ڪونہ ٿيو. صوفي خيالن جو هو، جهوڪ وارن بزرگن جي سلسلي سان وابستہ. راڳ سان راز هوس. ڳَوين جا ٽولا وٽس مستقل طور ملازمت ۾ رهندا هئا. موسيقي سندس روحاني غذا هوندي هئي. هر رات بلاناغہ 3 بجي اُٿي اچي راڳ جي محفل ۾ ويهندو هو. صبح تائين راڳ جي لَئي ۾ منهن مونن ۾ وجهيو ڌيان گيان ۾ گم رهندو هو. سندس ٻنيون مختلف جاين تي هيون. ديهن جي دوري تي نڪرندو هو تہ ٽرڪ ۾ راڳين سرندن ۽ سازن وارن جا ٽولا بہ ساڻ ڪٽي هلندو هو، جيئن سندس آڌيءَ رات واري شغل ۾ رخنو نہ پوي. هٿ جو ڪشادو هو. خير خيرات ۽ مسافر نوازيءَ جو ملھہ.

سندس هم قوم هندن ۾ چوڏاري مسلمانن خلاف تعصب ڦهلجڻ لڳو، پر پاڻ ان مرض کان آجو، پنهنجي پراڻي صوفيانہ طريقي تي قائم رهيو.

## صوفي ميان قلندر بخش مرحوم

حضرت صوفي صادق عليہ الرحمة جي خانقاه جو سجاده نشين هو. وڏي ڏاڪي سان رهيو. جهڙو هو وجيہ جوان، اهڙو ئي دل جو بهادر انسان. بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي ويو تہ انتهائي آزاد خياليءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪندو رهيو. نہ مقامي عملدار شاهيءَ کي ليکيائين ۽ نہ انگريزن جي ڪاڻ ڪڍيائين. انهن ڏينهن ۾ اها وڏي ڳالھہ هوندي هئي.

هونءَ بہ سنڌ جي مُکين سجادن مان هڪ جو وارث هو. ضلعي اندر خواه ٻاهر ڏاڍي مڃوتي هوس. ان زماني ۾ سنڌ مان ڪيترا وڏيرا ۽ قبائلي سردار بمبئي ڪائونسل جا ميمبر چونڊجي ويا هئا، پر هن صاحب جي شخصيت نمايان ۽ ٻين جي مقابلي ۾ ممتاز سمجهي ويندي هئي.

آخر ۾ پنهنجن ئي شهيد ڪري ڇڏيس. اهڙي غير معمولي انسان جو سنڌ اندر گهٽو وقت زنده رهڻ سنڌ جي تاريخ جي روح جي خلاف ٿئي ها. آخر تہ جهوڪ جي شهيدن جي روايت کي جيئرو رکڻو هوس.

## هينڊرسن ڪليڪٽر

راڻي وڪٽوريا جي پوين ڏينهن ۾ انگريز سرڪار هندستان ۾ ملازمتن جو دروازو عام خاص ماڻهن لاءِ کولي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو هو. پهرين دستور هيءُ هوندو

هو تہ هندستان ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ فقط چونڊ خاندانن جي نوجوانن کي موڪليندا هئا جن جي پرورش اعليٰ اخلاقي ۽ تهذيبي ماحول ۾ ٿيل هوندي هئي، اهڙا ماڻهو جڏهن هندستان ۾ پهچي نوڪري ڪندا هئا تہ ڪين پوءِ بہ پنهنجي خانداني نيڪ نامي کي قائم رکڻ جو فڪر دامنگير هوندو هو، جنهن ڪري هو وقتي آفيسري جي خمار ۾ اهڙو ڪو ڪتو ڪم ڪونہ ڪندا هوندا هئا جنهن مان انگريز جي حڪومت يا سندن پنهنجي خاندان کي ڪو ليڪو لڳي. تقررين جي ان طريقي کي نامينيشن Namination سڏيو ويندو هو جيڪو عام ڪمپيٽيشن Competition واري نظام جي واڌ هو. ڪمپيٽيشن ۾ ڪو بہ ماڻهو ڏگريءَ جي زور تي ڪچي سگهيو ٿي پر نامينيشن ۾ ڏگريءَ کان وڌيڪ خانداني پس منظر جو خيال رکيو ويندو هو. تنهنڪري نامينيشن جي نظام هيٺ ڪو بہ ذليل ۽ گهٽيا ماحول ۾ پليل ماڻهو هندستان ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ منتخب ٿي ڪونہ ٿي سگهيو. اهي نامينيشن ذريعي هندستان آيل انگريز عملدار ئي هئا جن اوائل ۾ انگريز حڪومت جو بنياد وڌو ۽ ان جي حسن انتظامي ۽ نيڪ نامي جو باعث بڻيا رهيا.

هينئر جڏهن ولديت جي سرڪار خانداني جو اصول ڇڏي تقررين جو بنياد امتحانن ۾ ڏگرين تي رکيو تہ گهٽا اهڙا ماڻهو ڪچي آيا جي نہ خانداني پار هئا نہ ڪين اهو خيال هو تہ پاڻ بہ همدرد ۽ نيڪ نام شمار ٿين ۽ انگريز حڪومت لاءِ بہ هڪ ڏاري ملڪ اندر مقبوليت ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ جو باعث بڻجن. چنانچہ اهڙي پوءِ - ڊايل انگريز نوڪر شاهي جي افعالن ڪري ئي انگريزي حڪومت بدنام ٿي آخر جلد ئي ختم ٿي ويئي.

راڻي وڪٽوريا پهرين ڏينهن ئي دانهون ڪرڻ شروع ڪيون هيون تہ هندستان ۾ نوڪرين لاءِ، ڪمپيٽيشن ذريعي ذليل ۽ غير خانداني ماڻهن جي داخلا واسطي دروازو نہ کوليو وڃي ورنہ اهڙن ماڻهن جي اعمالن ڪري انگريزي راڄ بدنام ۽ غير مقبول ٿي ختم ٿي ويندو - پر وقت جي وزيرن راڻيءَ جي ڳالهہ ڪانہ ٻڌي ۽ نتيجو اهو ئي نڪتو جنهن جي اڳڪٿي وڪٽوريا ڪري چڪي هئي(1).

* * *

---

(1) ضمناً انگريزن جي تاريخ جي ان باب مان هي سبق حاصل ٿيو تہ حڪومتن کي مقبول يا غير مقبول، نيڪ يا بدنام ڪرڻ وارا في الحقيقت ان جا عملدار ٿين ٿا.

بهرحال جيڪي آءِ. سي، ايس عملدار نئين نظام هيٺ نامينيشن ذريعي مقرر ٿي هٿ پهتا تن مان هڪ هينڊرسن بہ هو، جنهن کي ميرپور ضلع جو ڪليڪٽر ڪري رکيائين.

ميرپور پهچڻ کان پوءِ صاحب بهادر ڏٺو تہ اتان جا وڏيرا مالدار، پر ساڳئي وقت ساديءَ ۽ ويساهي طبيعت جا ماڻهو آهن، جن کي آسانيءَ سان لُٽي ڦري سگهجي ٿو. ڪليڪٽر صاحب جي فطرت ۾ اهڙي لچڪ ڏسي ڪي مقامي ڪامورا بہ سندس صلاحڪار بڻجي پيا. انهن جو خيال هو تہ ان طريقي سان هو پنهنجي لاءِ بہ ان ڦرلُٽ مان حصو ڪڍي سگهندا. اسڪيم هيءَ نهي تہ نالي ماتر ميرپور ۾ انڊن لاءِ اسپتال کولجي ۽ ان بهاني سان وڏيرن مان پئسا ڪڍي ڪليڪٽر جي بہ بڪ لاهجي ۽ پنهنجا کيسا بہ پرجن. اسڪيم تي عمل شروع ٿيو ۽ بہ - ٽي سال بنا روڪ ٽوڪ اها ڪيفيت جاري رهي. ميرپور جي گگدام وڏيرن جي خوب کل لهندي رهي. چندي عيوض ڪنهن هڪ - اڌ کي خانصاحبي جو خطاب وٺي ڏنائين، باقين جي حاج بلامعاوضہ لاهيندا رهيا.

سنڌ انهن ڏينهن ۾ اجا بمبئي سان لاڳو هئي، هتان جي دانهن بمبئي پهچي تنهن ۾ وقت لڳي ويندو هو، پر ان هوندي بہ آخر وڃي اوگهڙ ٿي. ميرپور جي تہ ڪنهن ميمبر کي اها جرئت ڪانہ ٿي تہ هو پنهنجي ضلع جي ڪاموره شاهي جي اهڙن ڪرتوتن تان پردو کڻي، پر اهو حال ڪنهن طرح سان ڪراچيءَ جي هڪ آزاد خيال ڪائونسل ميمبر بابا حاجي مير محمد بلوچ مرحوم کي معلوم ٿي ويو، جنهن هڪدم بمبئي ڪائونسل اندر سوال پڇي ٻارڻ ٻاري ڇڏيو.

هينڊرسن جي هڪ ڪمزوري هوندي هئي تہ هن لالچ ۾ ڦاسي پنهنجن زيردستن کي ايتري قدر ڇيڪ ڇڏي ڏنو هو جو هو جيڪو ڪاغذ لکي ڏيندا هوس تنهن هو بنا ڏسڻ ۽ پڙهڻ جي صحيح وجهي ڏيندو هون.

پئسن جي وند ورهاست تي هڪ دفعي انهن زيردستن جي گروپن جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو، جنهن ۾ هينڊرسن هڪ ڌر جي طرفداري پي ڪئي. ڪيس سنڌ جي ڪلارڪن جي ڪيريڪٽر جي خبر ڪانہ هئي. جنهن ڌر کي ناراض ڪيو هئائين تنهن جي هڪ ماڻهوءَ، جيڪو صاحب جي حاضريءَ جو

منشي هو. ڪنهن درخواست جي حاشيءَ تي هيءُ نوٽ لکي مٽس صاحب کان صحيح وٺي ڇڏي هئي:

نوٽ

"آءُ اهڙو بيوقوف ۽ ايتري قدر لاپرواهه آهيان،
جو بنا ڪاغذ پڙهڻ جي سرڪاري ڪاغذن
تي صحيح وجهي ڇڏيندو آهيان."

ان نوٽ وارو ڪاغذ ڪلارڪن بابا مير محمد کي پهچائي ڏنو. بمبئي ڪائونسل ۾ جڏهن بابا صاحب هينڊرسن جي افعالن تي بحث ڪندي سندس الغرضائن ۽ ڪلارڪن جي لکيل حڪم نامن تي بنا پڙهڻ صحيح وجهڻ جو ذڪر ڪيو ته بمبئي سرڪار جي هوم منسٽر ان الزام جي ترديد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي بابا مير محمد کي ڪيسي مان اصلي ڪاغذ ڪڍي ڏيکاريو. هينڊرسن جي صحيح وڌل نوٽ ڏسي سرڪاري ميمبر ڏاڍو شرمندو ٿيو. هُن هڪدم هينڊرسن ۽ چند ٻين بازيءَ جي ڪم ۾ ساٿي شامل آفيسرن کي ميرپور مان ڪڍي ڪنهن اهڙي بالاسار ۾ اڇلائي ڇڏيو جو مرندا مري ويا وري سندن نانءُ نشان ڏسڻ ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو.

* * *

اِهو زمانو اُهو هو جڏهن انگريزن جي راڄ جي پيڙهه شروع ٿي چڪي هئي، سندس پاران اهڙا ڇڙواڳ عملدار، انگريز خواه ديسي انتظام هلائڻ لڳا هئا، جو انهن جا افعال ڏسي ماڻهو سندن نظام حڪومت مان ئي بيزار ٿي پيا ۽ کين ختم ڪرڻ لاءِ آزاديءَ جي تحريڪن کي تيز ڪرڻ لڳا.

مثال لاءِ جيڪڏهن سنڌ ۾ ٿامس يا گبسن جهڙا ڪمشنر نه اچن ها ته سنڌين کي بمبئي کان علحده ٿيڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانه ٿئي ها.

* پنجاب ۾ مائيڪل اوڊائر ۽ جنرل ڊائر وارد نه ٿين ها ته نه جليانوالا وارو واقعو ٿئي ها نه هندستان جي اصلاحي تحريڪن جي نصب العين مڪمل آزادي متعين ٿئي ها.

* افريڪا ۾ انگريز پئسينجر مهاتما گانڌي کي رات ويلي ريل مان لاهي هيٺ نہ ڦٽو ڪن ها تہ هوند نہ گانڌي مهاتما گانڌي بڻجي ها نہ ڀارت مان انگريزن کي ٽپڙ ڪٽڻان پون ها.

* چين جي شانگهائي شهر ۾ سفيد قام صاحبلوڪ پارڪ تي هيءُ بورڊ نہ هڻن ها تہ: "ڪُتن ۽ چينين کي اندر لنگهڻ جي منع آهي" تہ نہ مائوزي تونگ جي پيدا ٿيڻ لاءِ ڪا گنجائش نڪري ها نہ اُت اهو انقلاب اچي ها، جنهن اڍائي هزارن سالن جي تاريخ هڪدم بدلائي ڇڏي.

* زار روس جا ڪارندا، لينن جي ڀاءُ کي ڦاهي تي نہ چاڙهين ها تہ نہ لينن ميدان ۾ نڪري ها، نہ زار جو زوال اچي ها ۽ نہ ڪميونزم دنيا ۾ ڪَـرُ ڪڍي سگهي ها.

غرض سرڪاري ڪارندن جا عمل ڏسي ئي ملڪي عوام خود سرڪار جي چڱائي يا بڇڙائي جي باري ۾ راءِ قائم ڪن ٿا ۽ ان ڪان پوءِ ئي وڏن انقلابن جي ابتدا ٿئي ٿي.